شاهہ جو رسالو

گهٽي ڪان گهٽو نج ڪلام
مفصل لفظي معنيٰ سان

(جلد ٻئو)

مرتب:
پانهون خان شيخ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جو رسالو

(جلد ٻيو)

گهٽي کان گهٽو نج ڪلام

مفصل لفظي معنيٰ سان

مرتب:

بانهون خان شيخ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو	: شاھ جو رسالو (جلد ٻيو)
مُرتب	: پانهون خان شيخ
ڪمپوزنگ ۽ گرافڪس	: حبيب الله جاکرو
ڇاپو	: پهريون
سال	: اپريل، ٢٠٠١
تعداد	: ١٠٠٠
ڇپائيندڙ	: شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
ڇپيندڙ	: شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو، ڪراچي يونيورسٽي.

مُلهه : -/300

ISBN 969-8447-09-12

All the rights are reserved
"Shah Jo Risalo (Vol. II)"
First Edition : April 2001
Published by:
Shah Abdul Latif Bhitai Chair,
University of Karachi,
Karachi.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

مُهاڳ 5

وِچور — شاهہ جو رسالو

سُر آبڙي 7
سُر معذور 65
سُر ديسي 125
سُر ڪوهياري 227
سُر حسيني 259
سُر سورٺ 357
سُر برئو سنڌي 391
سُر راڻو 419

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ
جو هيءَ رسالو سنڌ جي انهن سيني
عالمن ۽ محققن جي نالي ڪجي ٿو جن
شاهہ صاحب جي ڪلام ۽ پيغام بابت
علمي تحقيق ڪري ان کي عام پڙهندڙن
تائين پهچائڻ لاءِ وسان ڪونہ گهٽايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُهاڳ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران ڀٽ شاهہ جي بزرگ اديب محترم ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي جو ٻيو جلد اوهان جي هٿن ۾ آهي. ابتدائي طور اسان جو خيال هو تہ هن رسالي کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇاپينداسين (۽ اهڙو اظهار پهرئين جلد ۾ بہ ڪيو ويو هو) پر ڪمپوزنگ جي مرحلي ۾ اچي اندازو ٿيو تہ هن جا ٻہ نہ پر ٽي جلد ڪرڻا پوندا ڇو تہ مواد تمام گهڻو ۽ مفصل معنائن سان هئڻ ڪري ٻن جلدن ۾ پورو ڪونہ پوندو. اهو ئي سبب آهي جو سن ۲۰۰۰ع ۾ ڇپيل پهرئين جلد کان پوءِ رهيل مواد کي ٻن حصن ۾ ورهايو اٿئون جنهن جو پهريون حصو سن ۲۰۰۱ع ۾ پيش ڪري رهيا آهيون ۽ ٻيون حصو انشاءالله ۲۰۰۲ع ۾ ڇپرو ڪنداسين. ڪم انتهائي نازڪ ۽ توجهہ طلب هئڻ ڪري عام پروف ريڊرن حوالي نٿي ڪري سگهياسين ان ڪري پهريان پروف خود ٻانهي خان شيخ صاحب ڏٺا ۽ آخري پروف مون پاڻ ڏٺا آهن. تنهن هوندي بہ ڪٿي ڪا ڀل چُڪ رهجي وئي هجي تہ منهنجي ڪوتاهي سمجهي معاف ڪيو وڃي.

هن رسالي جي پهرئين جلد سان شيخ صاحب جو سئو کان وڌيڪ صفحن تي لکيل تفصيلي مقدمو بہ ڇپيو هو جنهن ۾ هن صاحب ڄاڻايو هو تہ شاهہ جي رسالي جا گهڻو ڪري سڀ ڇاپي ۽ قلمي نسخا ڀيٽڻ کانپوءِ پاڻ گنج شريف کي بنياد بڻائي هي رسالو مرتب ڪيو اٿس ۽ هن جون پڙهتيون يا اچار گهڻو ڪري گنج واريون رکيون اٿس. گنج جي پڙهتين/اچارن کي علامہ دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر بلوچ بہ گهڻي اهميت ڏني آهي. شيخ صاحب انهن کي ٻين سڀني کان وڌيڪ معتبر ۽ مستقل ٿو سمجهي پر ڪن جاين تي انهن کي ناموزون ڄاڻي اجا بہ ڪن قديم نسخن واريون پڙهتيون اختيار ڪيون اٿس. گنج کانسواءِ ڪجهہ بيت ۽ وايون ڪن ٻين قلمي رسالن مان بہ ڪنيون اٿس. جن بيتن يا واين جا نمبر گول دائري ۾ آهن اهي وري شاهہ جي راڳ جي ڄاڻو ۽ ڪلام جي حافظ فقير محمد ابراهيم خاصخيليءَ جي يادداشت مان ورتيون اٿس ۽ جن بيتن ۽ واين ۾ دائري مٿان (صحيح) جو نشان آهي اهي ٻين رسالن ۽ گنج ۾ ڪونہ آهن ۽ ميين محمد ۽ ان جي پاءُ ميين حسين جي (۱۳۰۴هہ) لکيل رسالي وارا بيت آهن جن کي هو مستند ٿو سمجهي. اهڙيءَ ريت ڪل ۳۱ سُرن ۾ ۴۴۶۹ بيت ۽ ۳۰۰ وايون گڏ ڪيون اٿس جن کي اسان وري ٽن حصن ۾ ورهايو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ محترم ٻانهي خان شيخ جي هن رسالي جي حوالي سان ڪيل محنت کي ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سائين محمد ابراهيم جويي ۽ امداد حسينيءَ جهڙن عالمن اديبن ۽ عام پڙهندڙن پاران ساراهيو ويو آهي ۽ شيخ صاحب جي فهم ۽ فراست، شاهہ صاحب جي ڪلام جي سمجهہ ۽ ساڃهہ کي مڃتا ڏني وئي آهي تڏهن بہ چئي سگهجي ٿو تہ تحقيق جي ڏس ۾ ڪا بہ ڳالهہ حتمي ڪانہ هوندي آهي ان ڪري هن رسالي ۾ ڏنل اچارن ۽ معنائن سان اتفاق يا اختلاف جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي، پر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ جيئن تہ شيخ صاحب جي ابن ڏاڏن جو تعلق ڀٽ شاهہ سان آهي، ۽ ٻاڻ اهو ئي لهجو ڳالهائي ٿو جيڪو شاهہ صاحب ڳالهايو هوندو، ان ڪري پڙهڻين/اچارن سان اختلاف جي گنجائش شايد گهٽ نڪري البت معنائن سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ جو وقت گذرڻ سان لفظن جا پس منظر بدلجي ويندا آهن ان ڪري انهن جا مفهوم بہ ڦري ويندا آهن، سو جيڪڏهن ڪو محقق معنائن سان اختلاف ڪري ٿو تہ اهو جائز آهي، تنهن هوندي بہ ان ڳالهہ کي ساراهڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي تہ هن ڪوشش ڪري رسالي ۾ ڪتب آيل هر هڪ لفظ ۽ اصطلاح جي سمجهاڻي ڏني آهي، ايتريقدر جو ماڳن مڪانن، وڻن ٽڻن، پکي پکڻن ۽ ذڪر هيٺ آيل ماڻهن جا ڪردار ۽ انهن جا پس منظر پڻ سمجهائي بيان ڪيا آهن.

هن جلد ۾ سُر سسئي آبڙيءَ کان سُر راڻو تائين ڪل اٺ سُر شامل آهن. اسان کي اميد آهي تہ عالم اديب ۽ عام پڙهندڙ هن جلد کي بہ اهڙي ساڳي موٽ ڏيندا جهڙي هنن پهرئين جلد کي ڏني هئي... اسان جو مقصد شاهہ سائين جي ڪلام ۽ پيغام کي عام فهم بڻائي وڌ ۾ وڌ پڙهندڙن تائين پهچائڻ آهي، شال ان ۾ ڪامياب ٿيون.

ڊاڪٽر فهميده حسين
ڊائريڪٽر
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر،
ڪراچي يونيورسٽي
٢٠ اپريل - ٢٠٠١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ آبِڙي

داستان پهريون

١

اَوَلِ[1] آخِرَ[2] آهِه، هَلڻُ مُنهِنجو هوتَ[3] ذي،
پورهِئو[4] سَندو[5] پورهَيتين[6]، والي[7] كيمَ وڃاءِ[8]،
سو[9] مُون[10] تورو[11] لاءِ[12]، جيئري مِلان جتَ كي.

٢

سَتَ[13] سُورنَ جي سَسُئي، ذري[14] ۾ ذاري[15]،
پيئائي[16] پُنوهَ ذي، نِرمَلُ[17] نِهاري[18]،
لالَڻ[19] جي لَطيفُ چئي، سُونهَن سُتيائي[20] ساري[21]،
پِريتَڙو[22] پاري[23]، مارڳَ[24] ۾ مُنڌَ[25] مُئي.

٣

جي[26] سِجهائي[27] سِڪَ[28]، تَه پُڻ سِڪي[29] سِڪَ كي،
پيتائين[30] پُنوهَ كي، هَڌَ[31] نَه پَڳيس[32] هِڪَ[33]،

١. اڳي، ٢. پوءِ، نيٺ (اول آخر=ڪنهن به وقت ضرور)، ٣. بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جونالو، سسئيءَ جو معشوق پنهون ان قبيلي مان هو. اصطلاحي معنيٰ محبوب، معشوق، دوست، ۴. ڪمائي، محنت، ۵. جو، ٦. پورهيتن، محنت ڪندڙن، ٧. اي والي، اي ڏئي، اي مالڪ، ٨. ضايع يا برباد ڪر، ٩. اِهو، ١٠. مون تي، ١١. مهرباني، احسان، ١٢. ڪر، ١٣. ست جي ڪري، طاقت يا زور جي سبب، غلبي جي ڪري، ڏاڍائيءَ سبب، ١۴. رِوئي، دانهون ڪري، ١۵. (ٻين کي) روئاڙي، ١٦. مسلسل، لڳاتار، ١٧. ڪهڻو، خلوص سان، ١٨. واجهائي اوسيڙو ڪيدي، ١٩. محبوب (پنهونءَ)، ٢٠. ننڊ ۾، سمهڻ جي حالت ۾، ٢١. ياد ڪري، ٢٢. محبت، پيار، ٢٣. نباهي، وفا ڪري، مڪمل ڪري، ٢۴. رستي يا واٽ (پنهون ڏانهن ويندڙ)، ٢۵. عورت يا زال (سسئيءَ ڏانهن اشارو)، ٢٦. جيڪڏهين، ٢٧. (عشق جي هلڪيءَ باهه) ڳاري، ڪمزور ڪئي، فنا ڪئي، ٢٨. پيار، محبت، ٢٩. واجهائي، تڪي، ڪهرجائو ٿئي، ٣٠. جذبه ڪيائين، (پاڻ ۾) سمَايائين، ٣١. بنهه، اصل، ٣٢. ختم ٿيس، ٣٣. اُڃ، پياس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنَ تَتَزَ[1] مَنجَهان تِڪَ[2]، ڏِني پَاڻَ[3] اُڃَ[4] تِئي.

٤

سَسُئي سَڃِيائي[5] سِڪَ، تَہ پُڻ[6] سِڪي سِڪَ ڪي،
سَڃُئي پِيتائين پُنوهَہ ڪي، هَيُ[7] نَہ پِڳِيس[8] هِڪَ[9]،
اِنَ تَتَزَ مَنجَهان تِڪَ، ڏِني اُڃَ نَہ لَهَي.

٥

پِسي[10] جَهاجَهہ[11] جَمَالَ[12] جي، جَنِي پِيتي پِڪَ[13]،
اَپَرِ[14] اَگَانجَهو[15] تِئو، سُورُ[16] اُنهين ڪي سِڪَ،
هَڏِ نَہ پِڳِين هِڪَ، سَدَا[17] سَائِرَ[18] سِيرَ[19] مِ.

٦

مَحَبَتَ جَن جي مَن مِ، تَنِ[20] تُشنگي[21] تَارِ[22]،
پِي پِيالو[23] اُڃَ جو[24]، اُڃَ سين اُڃَ اُتِيَارِ[25]،
پُنهون[26] پَاڻُ[27] پِيَارِ[28]، تَہ اُڃَ سين اُڃَهائِيَانِ[29].

٧

مَحَبَتَ سَندو مَن مِ، پُرُ[30] پِيالو جَنِ[31]،

١. ڪوهہ، پاڻيءَ جي ڪُڏ، چشمي، ٢. ڪِيت، يڪ ساهيءَ پيئڻ جي حالت. وڏو ڍُڪُ (تڪ ڏني=ڍُڪُ پريندي، پيئندي)، ٣. ويتر، اڃا، ٤. پياسَ، تاسَ، ٥. سموري، سڀي، ٦. تڏهين بہ، ٧. افسوس، ٨. ختم ٿيس، ٩. اُڃَ، پياسَ، ١٠. ڏسي، ١١. گهڻائي، جهجهائي، ١٢. حُسن، سونهن، ١٣. ڍُڪُ، سُرڪَ، ڍورو، ڍُڪو، ١٤. تمام گهڻو يا زيادهہ يا وڌيڪ، بي حد، ١٥. جهجهو، ١٦. (سِڪ جو) دردُ يا تڪليف، ١٧. هميشہ، ١٨. سائر جي، درياهہ جي، ١٩. وچ واري (پاڻيءَ جي) وهڪري، ٢٠. تن کي، ٢١. اُڃَ، پياسَ، ٢٢. تمام گهڻي، اٿاهہ، ٢٣. جامُ، ٢٤. سِڪ، ٢٥. جاڳاءِ، پيدا ڪر، وڌاءِ، ٢٦. اي پنهون، ٢٧. پنهنجو يا خود جو جيءَ يا نفس، ٢٨. (مون ۾) جذب ڪر، سماءِ، ٢٩. ختم ڪريان، وِسايان، ٣٠. ڀريل، ٣١. جن کي.

پِيَنِ[1] پَرَچَا[2] نَاهِ ڪو، ڪِنهِن جِنهَن[3] ڏَاهہ[4] ڏِيَنِ[5]،
جَنهَن[6] نِهَايَتَ[7] نَاهِ ڪَا، تَنهن سُجَا[8] سُجَ وَجَن،
تيلاهَن[9] اُجَ مَرَنِ، سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾.

٨

سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾، اُنِ ڪي اَندَرِ لَهي نَہ اُجَ،
پَسڻ[10] جو پِرِينءَ[11] جو، سو سَيَائي[12] سُجَ[13]،
تيلاهَن مَرَنِ اُجَ، سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾.

٩

سَاجَنَ[14] ڪَارَڻ[15] سُجَ، مَرُ[16] قَبُولي[17] سَسُئي،
اَندَرِ[18] جَنِي[19] اُجَ[20]، پَاٹي[21] اُجِئو[22] اُنِ ڪي.

١٠

پَاٹيءَ[23] مَتي[24] جُهوپَڙا[25]، مُورکَ[26] اُجَ مَرَنِ،
سَاهَان[27] اوڏو[28] سُپِرِين[29]، لوچِئو[30] تَان نَہ لَهَن[31]،
دَمُ[32] نَہ سُجَاڻَنِ[33]، دَانهُون[34] ڪَنِ مُنَنِ[35] جِيئَن[36].*

---

١. (محبت جا) ڏُکَ پرين، ٢. فرحت، آرام، راضپو، ڏوءُ، ٣. اهڙي، ۴. ڏاهہ ۾، (باهہ جي) مچ يا آڙاهَہ ۾، سازي ۾، تپش ۾. ۵. جلن، سڙن، ٦. جنهنکي، ٧. حد، ڇيڙو، ڇيهہ، ٨. سُجَ کان سُجَ ڏانهن، بربادي کان بربادي ڏانهن، بلڪل ياصفا بربادي ياتباهي ڏانهن، ٩. تنهنڪري، تنهن صورت ۾، ١٠. ڏسڻ، ديدار، ١١. محبوب، ١٢. سڄي، سڀ، سموري، ١٣. ويراني، بربادي، ١۴. سڄڻ، محبوب، ١۵. واسطي، لاءِ، ١٦. ڀلي، خوشيءَ سان، بي شڪ، ١٧. منظور ڪري، پسند ڪري، ١٨. اندر ۾، دل ۾، ١٩. جن ڪي، ٢٠. (محبوب جي) سِڪَ يا گهرج، تاسَ، ٢١. محبوب ڏانهن اشارو، ٣٢. سِڪي، ٢٣. پاڻيءَ جي يعني مطلوب جي، ٢۴. ويجهو، پر ۾، پاسي ۾. ٢۵. گهرَ، جايون، رهائشون، ٢٦. بيوقوف، نادان، ٢٧. ساهہ کان، روح کان، ٢٨. ويجهو، نزديڪ، ٢٩. محبوب، ٣٠. ڳوليو، نِهاريو، ٣١. هٿ ڪن، حاصل ڪن، ٣٢. ساهُہ، روح، ٣٣. پروڙين، شناخت ڪن، ٣۴. رڙيون، واڪا، هاءِ گهوڙا، ٣۵. مصيبت ۾ ڦاٿلن، نقصان ۾ پيلن، بيزار ٿيلن، ٣٦. وانگر، *هن بيت جي پهرين ۽ ٽين مصرع شاهہ عبدالڪريم رح جو ڪلام آهي جي شاهہ صاحب تضمين طور ڪم آنديون آهن.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

١١

سَسُئِيءَ کِينَ سَمُجهِئو[1]، اوري[2] آريءَ[3] سانَ،
ڪَري پيڪُ[4] پُنوهَ سين، پاڌارِئائين[5] پانَ[6]،
جَتَ[7] وِجايو جانُ[8]، بانيڻِ[9] بَروچَنِ[10] سين.

١٢

لَڳِي ڪوسو[11] واءُ[12]، لوڪُ[13] مِڙوئِي[14] لَهسِئو[15]،
اَيَنِ[16] مَنجَهان آيو، هَي[17] هَي جو هُڳاءُ[18]،
طُيُورَنِ[19] تَنوارِئو[20]، پُنهونءَ پُڄاڻا[21]،
رَسِئو[22] سُورُ[23] شَبانَ[24] کي، وُحُوشَنِ[25] وَتانَ[26]،
مَروئَنِ[27] موتُ قَبُولِئو[28]، اَپَرِ[29] اَفسوسا[30]،
بَرَ پَٽِ[31] کَنِ بُکاءُ[32]، اُکَندِئا[33] آريءَ لَءِ گهڻو.

١٣

مَهَندِ[34] مُحتاجِيِ[35] کَري، حُجَ[36] وِڃائي هَلُ،
عُذرَ[37] خواهِيُون عاجِزِيُون[38]، سَسُئِي کَنهَن[39] مَ سَلُ[40]،
ڏُونگَرُ[41] ڏورَڻُ[42] ڏاکَڙو[43]، لَنءُ[44] ري[45] کونهي لَلُ[46]،

---

١. پروڙيو، محسوس ڪيو، ڄاتو. ٢. دل جو حال بيان ڪري، محبت رکي. ٣. بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو نالو. سسئيءَ جو معشوق پنهون هوت قبيلي مان هو ۽ سندس پيءُ جو نالو آري هو. هتي پنهونءَ ڏانهن اشارو آهي. ٤. محبت، سنگت، واقفيت، لاڳاپو. ٥. پڌرو ڪيائين، ظاهر ڪيائين. ٦. پنهنجي پاڻ کي، خود کي. ٧. اڻ ڄاڻ، پوريءَ، نادان. ٨. عقل، هوش. ٩. برهمڻ، ذات جي زال يعني سسئي جيڪا نائونءَ نالي ٻانڀڻ جي ڌيءُ هئي. ١٠. بلوچن يعني پنهون ۽ ان جي مائٽن (جيڪي بلوچستان جا رهاڪو هئا). ١١ گرم. ١٢. هوا. (لڳو ڪوسو واءُ= مصيبت تي وئي). ١٣. جهانءُ يا ان ۾ رهندڙ ساهوارا يا ماڻهو. ١٤. سڀ. ١٥. سڙي يا جلي وئو، گرميءَ کان متاثر ٿيو. ڏک ۾ مبتلا ٿي وئو. ١٦. آسمانن. ١٧. هاءِ هاءِ. افسوس. ١٨. آواز. پڙلاءُ. ١٩. پکين (طير جو جمع). ٢٠. ورلاپ ڪيا. دانهون ڪيون. ماتم ڪئو. ٢١. کان پوءِ، بعد. ٢٢. پهتو. ٢٣. ڏکُ. تڪليف. ٢٤. ڌنارَ. چوپايو مال چاريندڙ. ٢٥. جهنگلي جانورن. چوپايو مال يا ڍورن (وَحش جو جمع وُحوشُ). ٢٦. کان (ڌنار پنهنجي مال کي ڏک ۾ مبتلا ڏسي پاڻ خود ڏکارو ٿئو). ٢٧. جانورن. ٢٨. منظورڪئو. پسند ڪئو. ٢٩. بي حد. اٿاهه. ٣٠. افسوس کان يا افسوس جي وچان. ٣١. رڻ پٽ. بيابان (برپٽ رهندڙ ساهوارا). ٣٢. روڄ راڙو. روڏن. ٣٣. سڪايل. ٣٤. اڳيان. ٣٥. بي وسي. لاچارگي. ٣٦. حجت. دعوي. حقداري. ٣٧. بهانا. آزيون نيازيون. ٣٨. مجبوريون. ٣٩. ڪنهن کي. ٤٠. پڌاءِ. ٤١. جبل. ٤٢. ڊونڊڻ. ٤٣. ڏکيو. تڪليف وارو. ٤٤. محبت. عشق. ٤٥. کان سواءِ. ٤٦. ڇاڙهو. چارو. واهه.

اِيءُ پَـلاَئِـيءَ[١] جـو پَـلُ[٢]، جِـيـئَـن پَـاسِـي[٣] تِـيـَـڻُ پَـاڻَ[٤] کَـان.

١۴

مَـهِـنـدِ مُـحـتَـاجِي کَـرِي، پُـنـيءَ[٥] پـيـرُ[٦] کَـٽـيـجِ،
کُـبـلِـيَـاٽِـي[٧] کـيـچَ[٨] ذي، حُـجَ[٩] مَ هَـلاَئِـيـجِ[١٠]،
پَـاڻَ ڏَارَانَ پِـرِيَـتَـڻُـو[١١]، سَـسُـئِـي[١٢] سَـاڻَ[١٣] کَـٽـيـجِ،
اوڏي[١۴] عَـزَازِيـلَ[١٥] کـي، ويـجـهـي تَـان مَ وَجِـيـجِ،
نَـاأُمِـيـدِي[١٦] نـيـجِ، تـہ اوڏي تِـيـين[١٧] أُمِـيـدَ[١٨] کـي.

١٥

نَـاأُمِـيـديءَ جـي نِـجُـهـرِي[١٩]، پـيـهـي پَـچُ[٢٠] اَللّٰہُ[٢١]،
چِـتـو رَبـي[٢٢] رَاهُ[٢٣]، پَـرَ[٢۴] مُـرَادُن[٢٥] مَـخـفِـي[٢٦] کِـئـو.

١٦

نَـاأُمِـيـدِي نُـورُ، أُمِـيـدَ اونـدَهُ[٢٧] أُنِ[٢٨] کـي،
سَـنـدو[٢٩] سَـاجَـن[٣٠] سُـورُ[٣١]، جَـنِ[٣٢] سَـرِئـو[٣٣] تَـنِ[٣۴] سُـکُ[٣٥] تِـئـو.

١٧

وِيـهُ مَ مُـنـڍَ[٣٦] پَـنـيـورِ[٣٧] ۾، هَـاڙِهـي[٣٨] هَـڏَ[٣٩] مَ هَـلُ[۴٠]،

١. چڱائيءَ، نيڪيءَ، ٢. ڇيهہ، حد، ٣. پري، ۴. خوديءَ، آپي، وڏائيءَ، ٥. (محتاجيءَ جي) پنيان، ٦. قدم، وک يعني هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ وارو مفاصلو (پير ڪٽيج= هلج)، ٧. ساٿين يا رفيقن کانسواءِ، اڪيلي، ٨. رياست مڪران جو هڪ مشهور شهر جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو، ٩. حجت، دعوىٰ حقداري، ١٠. پيش ڪج، ١١. ٻنان، کانسواءِ، بغير، ١٢. محبت، پيار، ١٣. اي سسئي، ١۴. ويجهي، نزديڪ، ١٥. شيطان جو نالو (جنهن کي خدا تعاليٰ حضرت آدم ع کي سجدي نہ ڪرڻ ڪري بهشت مان لوڏي ڪڍيو). ابليس، نفس (ويجهي تان نہ وڃيج= شيطان جي پيروي هرگز نہ ڪج)، ١٦. نااميدي = مايوسي، نراسائي، آسري جي غيرموجودگي، محرومي، ١٧. پاڻ سان گڏ ڪٽج، ١٨. آسري، پروسي، ١٩. نجهري ۾، جهوپڙي ۾، گهر ۾، ٢٠. گهڙي، ٢١. ڳول، نهار، ڏس، ٢٢. صاف، ظاهر، ٢٣. رب جو، پالڻهار جو، خدا جو، ٢۴. رستو، گس، ٢٥. اميدن، آسرن، ٢٦. ڳجهو، گم، ناپيد، ٢٧. سوجهرو، روشني، ٢٨. تاريڪي، ٢٩. جو، ٣٠. سڄڻ، دوست، محبوب، ٣١. ڏک، درد، ٣٢. جن کي، ٣٣. پيدا ٿئو، حاصل ٿئو، پهتو، ٣۴. تن کي، ٣٥. آرام، راحت، ٣٦. اي منڌ، اي زال (سسئيءَ ڏانهن اشارو)، ٣٧. سنڌ صوبي جي ٺٽي ضلعي ۾ هڪ قديم شهر، جتي سسئي رهندي هئي، ٣٨. هاڙهي ڏانهن (هاڙهو هڪ جبل آهي جو لس ٻيلي جي اولهہ طرف آهي)، ٣٩. ٻنهہ، اصل، ۴٠. وڃ، پنڌ ڪر.

ڪُوڙي[1] ڪِجِ مَ ڪَڏهِين، سَچِي[2] ڳالهِہ مَ سَلُ[3]،
جَانِبَ[4] لاءِ مَ جَلُ[5]، سُورُ وِسَارِ مَ سَسُئِي.

١٨

ويهُہ مَ مُنڌَ پَنيُورَ ۾، ڪَرِ ڪو وَاڪو[6] وَسُ[7]،
ليڙَن[8] جو لَطيفُ چئي، ڏُونگرِ[9] اَتَئِي[10] ڏَسُ[11]،
پُنهُون جَامَ[12] پَسُ[13]، سِرِ[14] پَيرِ[15] هَلِي[16] سَسُئِي.

١٩

ويهُہ مَ مُنڌَ پَنيُورَ ۾، ڪَرِ ڪو وَاڪو وَسُ،
چَڙهِي ڏَاڍِين[17] ڏُونگرَين[18]، پيرُ پِريَان[19] جو پَسُ،
ڏُوتِي[20] ڏِينِدا ڏَسُ، تُوڪي بَاروچَنِ جو.

٢٠

ڪَرِ ڪو وَاڪو وَسُ، ويهُہ مَ مُنڌَ پَنيُورَ ۾،
چَڙهِي ڏَاڍِين ڏُونگرَين، پيرُ پِريَان جو پَسُ،
ڏُورَڻُ[21] مَنجهَان ڏَسُ، پُونِدءِ[22] هوتَ[23] پُنهُونءَ جو.

---

١. ڪوڙي، جعلي، بي بنياد. ٢. صحيح، کري، صاف. ٣.ٻڌاءِ، بيان ڪر. ۴. جانيءَ، محبوب، دوست. ۵. پچ، سڙ، تباهہ يا برباد ٿيءُ. ٦. سڏ. دانهن، پڪار، آواز. ٧. حيلو، ڪوشش. ٨. انن. ٩. ڏونگر ۾، ڏونگر ڏانهن، جبل ۾ يا ڏانهن. ١٠. توکي مليل آهي. ١١. پتو، اطلاع. ١٢. سردار، سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب. ١٣. ڏِسُ. ١۴. مٿي، سِرِيءَ، ڪنڌ. ١۵. سان. جي وسيلي. ١٦. وڃي، رڙهي. ١٧. مٿي وڃي. ١٨. ڏاڍن، اوکن، ڪرڙن، تڪليف ڏيندڙن. ١٩. ڏونگرن تي، جبلن تي. ٢٠. جهنگ ۾ ايرندڙ ڳاهن يا وٿن مان پيدا ٿيندڙ ان ۽ ميون تي گذران ڪندڙ، ڏت کائيندڙ، جهنگ يا جبل جا رهاڪو. ٢١. ڳولڻ تلاش ڪرڻ، ڍونڊڻ، نهارڻ. ٢٢. توکي پوندو. ٢٣. هوتَ. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢١

وِيهُه مَ مُنذَ پَنيورَ ۾، ڪَرِ ڪو وَاڪو وَسُ،
جِمَ[1] وِرچِي[2] ڇَڏِيِن، سَندو[3] گُنگِن[4] گَسُ[5]،
ڏورِڻَ[6] مَنجهان ڏَسِ[7]، پُوندُءِ[8] هوتَ[9] پُنهونءَ جو.

٢٢

وِيهُه مَ مُنذَ پَنيورَ ۾، اُتي رَائو[10] رِيلِ[11]،
هيڪَرَ[12] اُتي هوتَ لَاءِ، بَذُ چِتائي[13] چيلِهه[14]،
تَڪِيائِي[15] تُون تِيلِهه[16]، تَه پَهچِين جَامَ پُنهونءَ ڪي.

٢٣

وِيهُه مَ مُنذَ مَاتِ[17] ڪَري، اُتي وِجُهه وَڙولَ[18]،
سُتِيِن تَان سَيدُ[19] چَئِي، هَمَ[20] غَمَ اَچِن هولَ،
بَهُون[21] پَارِي[22] پولَ[23]، ڪَامِلُ[24] ڏَٿِي ڪيچَ جو.

٢٤

وِيهُه مَ مُنذَ مَاتِ ڪَري، ڪَڻُ[25] پِرِبِنءَ[26] پيرُ[27]،
سُورَ تو سَان سَسُئِي، وَارِي[28] وِيِنا وِيرُ[29].

---

١. متان، ٢. بيزار ٿي، ڪڪ ٿي، عاجز ٿي، ٣. جو، ٤. ڳالهائي نه سگهندڙن، گگدامن، (اٺن ڏانهن اشارو)، ٥. رستو، واٽ، ٦. ڳولڻ، تلاش ڪرڻ، نهارڻ، ڍونڍڻ، ٧. پتو، خبر، اطلاع، ٨. توکي پوندو، توکي ملندو، ٩. محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١٠. تمام سنهي ريتي يا ڪڪري (جابلو ميدان)، ١١. لتاڙ، جهاڳ، ١٢. هڪ دفعو، ١٣. چڱيءَ طرح، ١٤. ڪمر (چيلهه ٻڌڻ= سندرو ٻڌڻ، ڪوشش ڪرڻ)، ١٥. ٿڪل يا ماندي هجڻ جي باوجود، ١٦. اڳتي وڌ، پنڌ ڪر، ١٧. چُپ، قرار، ١٨. ڳولا ڦولا، پڇاڳاڇا، ١٩. تي، ٢٠. ڳڻتيون، فڪر، غم، هول، ٢١. هر طرح، چڱيءَ طرح، گهڻي انداز ۾، ٢٢. پورا ڪري، نباهي، ٢٣. قول، انجام، اقرار، ٢٤. بي عيب، گناهن کان پاڪ نيڪ، بزرگ، ٢٥. ڳول، تلاش ڪر، ٢٦. محبوب (پنهونءَ)، ٢٧. پير جو نشان، ٢٨. وجهي، پائي، ٢٩. دشمني.

ڪَرَ[1] لَهندو ڪيرُ، هيڪَلِيءَ[2] جِي حَبَ[3] ۾.

۲۵

وَجَڻ[4] ڪجي وَسُ[5]، سيڻن[6] ڪارڻ[7] سَسُئي[8]،
جِمَ ورچي[9] ڇڏين[10]، سَندو[11] گُنگن[12] گسُ[13]،
ڏوٿي[14] ڏِيندا ڏَسُ[15]، توکي ٻاروچن جو.

۲٦

سُکين[16] تيءُ مَ سَنري[17]، پَسي ڏُکَ مَ ڏَرِ[18]،
پَٽي[19] کَرِ مَ پانهنجو، گهورئو[20] اَڏِ[21] مَ گَهَرُ،
مَاري[22] هَڏِ[23] مَ مَرُ[24]، مَچُڻ[25] جيءُ[26] جياربين[27].

۲۷

سُکين ٿِئي نَه سَنري، ڏُکين کين ڏَري،
اوري[28] تان[29] نَه اُپِيي[30]، پَهچي[31] تان نَه پَري[32]،
سَرتيون ٿو سَري[33]، ٻِنهي[34] رِءَ[35] ٻانڀڻ[36] کي.

---

۱. خبر، سار سنڀال. ۲. اڪيليءَ. ۳. هڪ ندي، جيڪا ڪراچيءَ جي اولهه طرف اٽڪل ۱۴-۱۰ ميلن جي مفاصلي تي وهندڙ آهي. حب نديءَ تي آباد ٿيندڙ علائقي يا ميدان. ۴. وڃڻ سان، هلڻ سان، پنڌ ڪرڻ سان. ۵. حيلو، ڪوشش. ٦. سڄڻن، دوستن، محبوبن. ۷. واسطي، لاءِ. ۸. اي سسئي. ۹. متان. ۱۰. ڪڪ ٿي، بيزار ٿي، عاجز ٿي. ۱۱. جو. ۱۲. ڳالهائي نه سگهندڙن، گگدامن (اٺن). ۱۳. رستو، وات. ۱۴. ڏٿ يعني جهنگل ۾ پيدا ٿيندڙ گاهن ۽ وڻن جي ان ۽ ميوي تي گذران ڪندڙ. جهنگ يا جبل جا رهاڪو. ۱۵. پتو، سڌ، اطلاع. ۱٦. سکن ۾، آرام يا فرحت يا آسودگيءَ ۾. ۱۷. سرهي، خوش. ۱۸. ڊڄ، ناراض ٿيءُ. ۱۹. ميدان، پوٺو (پٽي ڪر= ڊاهي ناس ڪر). ۲۰. ڪڏ ۾ پئو، ٻن پئو، ناس ٿئو. ۲۱. ٺاهه، جوڙ، بناءِ. ۲۲. (جيءَ يا جان کي) تڪليف ڏيئي يا عذاب ڏيئي. ۲۳. اصل، بنهه، مور. ۲۴. تباهه يا فنا ٿيءُ. ۲۵. متان. ۲٦. جان، جند، سرير. ۲۷. زنده يا حيات رکين، موت کان يا فنا ٿيڻ کان بچائين. ۲۸. ويجهو، نزديڪ (ڪيچ پهچڻ کان اڳ). ۲۹. اصل، بنهه. ۳۰. بيهي، رڪجي، ترسي. ۳۱. رسي، وڃي. ۳۲. دور (ڪيچ کان). ۳۳. گذارو ٿئي. ۳۴. ٻنهي ڳالهين يعني سکن يا ڏکن يا اوري ترسڻ يا پري وڃڻ. ۳۵. کان سواءِ. ۳٦. برهمڻ قوم جي زال يعني سسئيءَ.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

وائي ١

هيجي[1] هَلِئا هوت[2] سُونهارا[3]،
مُون[4] نہ وهِيٽا[5]، پُنهُونءَ[6] سَنگيٽا[7]،
سَسُئي پُڇي ساٿَ[8] جا، اوطاقُون[9] اوتارا[10]،
ٿَليُون[11] ٿونئرُ[12] حَلوبُون[13]، مَيَن[14] سِر[15] موچارا[16]،
آن[17] ڪي[18] ويندا گڏِئا[19]، آرياڻي[20] اهپارا[21]،
مُونکي نِيندا پاڻَ سين، ڪامِل[22] ڪُر[23] اُجارا[24].

وائي ٢

هَمسُون[25] ساٿُ[26] گيا[27] هي[28]، هَمسُون سيل[29] گيا هي،
هَمسُون يارُ[30] گيا هي، جو ڪُجُهہ ڪَرنا ڪَر رَهيا هي،
ڪَهِي[31] ڪَهِيو قافلو[32]، زنڪ[33] زُود[34] بِيا[35] هي،
مَرد زَن[36] مات[37] ڪِئا، لَڪٽا[38] لوڪ[39] ليا[40] هي.

١. هِيءَ جيڪي، ٢. پنهونءَ جا پائر، هوت قبيلي جا ماڻهو (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي)، ٣. سونهن وارا، سهڻا، موچارا، ٤. منهنجي، ٥. وس ۾، ٦. سسئي جي محبوب جو نالو، ٧. سنگ وارا، مائٽ، عزيز، ٨. قافلي، پنهونءَ کي کڻي ويندڙ پائرن ۾ انن، پنهونءَ جي ساٿين، ٩. جايون، گهر، اهي ماڳ جتي قافلي ڏاهو يا منزل ڪئي، ١٠. مڪان، ماڳ، جايون، ١١. چڙيون، گهنڊيون، ١٢. سٽ جا يا ريشم جا گل، ڦندڻ، ١٣. زيور، ڳهہ، ١٤. انن، ١٥. تي، ڪي، ١٦. سهڻا، ١٧. اوهان کي، ١٨. ڪجهہ عدد، ١٩. مليا، ٢٠. آريءَ جو اولاد (آري، بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آهي، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جي پيءُ جو نالو بہ آري هو)، ٢١. اهڙن پارن سان، اهڙن اهڃاڻن يا نشانين سان، ٢٢. بي عيب، بزرگ، نيڪ، ٢٣. ڪر ڪي، خاندان يا پيڙهيءَ کي، ٢٤. اُجاريندڙ، نالو مشهور ڪندڙ، ٢٥. هم سي، اسان ڪان، مون ڪان، ٢٦. قافلو، انن جي قطار، ٢٧. وئو (گنج ۾ "گيا" جي بدران "ڪيا" لکيل آهي)، ٢٨. هاءِ افسوس، ٢٩. ساٿي، يار، دوست، ٣٠. ڪرٿو، ٣١. هلي، پنڌ ڪري، ٣٢. وئو، ٣٣. (بلوچي ٻولي) اي زنڪ، اي زال، اي عورت (سسئيءَ ڏانهن اشارو)، گنج شريف ۾ زن ڪون لکيل آهي، ٣٤. جلد، سگهي، ٣٥. اڄ، ٣٦. عورت، زال، ٣٧. تباهہ، برباد، ٣٨. لڪڻ وارو، لڇڻ وارو (پنهون)، ٣٩. ماڻهو، خلق (پنهونءَ جا پائر)، ٤٠. وني وئا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر آبِڙِي

داستان پهريون

١

پَسِي ڏُونگَرَ ڏاهَه، جِمَرَ هَلَڻَ ۾ هيٺي وَهين،
لانچي لَڪُ لَطِيفُ چئي، پُنِيءَ کيچِيَنِ کاهَه،
پُڇِي پُورِجِ سَسُئِي، بَلوچاڻي بَاهَه،
انَ وَڙائِتي وَرَ جي، آسَرَ هَڏَ مَ لاهَه،
جو اکِيَنُون اوڏو آهه، سو پِرِيَنِ پَراهُون مَ چَئُو.

٢

هِتان ڪَٽي هُتَ، جَنِ رکئو سي رَسِيُون،
سَاجَنُ سُونهَن سُرِتِ، وِکان ئِي ويجهو گهڻو.

٣

جيڪُس يادِ ڪِئاس، وَرَ وَجي وَٽڪارِ ۾،
جَلِدُ جَرِيدي پَندَ ۾، اَديُون اَچُ تِئاس،

---

١. ڏسي، ٢. جبل، پهاڙ، ٽڪر، ٣. اي ڏاهه، اي ڪولي، اي ياتهي، ۴. متان، ۵. پند ڪرڻ، ٦. سست، ڍري، ٧. ٿئين، ٨. ٻڌي، ٩. چيلهه، ڪمر، ١٠. پنيان، ١١. ڪيچين جي، ڪيچ جي رهاڪن جي، پنهون ۽ ان جي ڀائرن جي، (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ١٢. پنڌ ڪر، ١٣. جاچ ڪري، معلوم ڪري، دريافت ڪري، ١۴. هلج، ١۵. بلوچن جي، بلوچستان جي رهاڪن جي، پنهون ۽ ان جي ڀائرن جي، ١٦. (عشق جي) گرمي، عشق، محبت، ١٧. وڙ واري، لائق، مهربان (وڙ= احسان، مهرباني)، ١٨. مڙس، ڀتار، ١٩. آسرو، آس، اميد، ٢٠. اصل، هرگز، ٢١. وسار، دل مان ڪيد، ٢٢. اکين کان، ٢٣. ويجهو، نزديڪ، ٢۴. محبوب، ٢۵. ڏور، پري، ٢٦. هن دنيا تان، ٢٧. هُن دنيا يعني آخرت ڏانهن، ٢٨. (دل) لڳائي، ٢٩. (منزل مقصود کي) پهتيون، ڪامياب ٿيون، ٣٠. سڄڻ، محبوب، ٣١. حسن ڪُل، ٣٢. عقل ڪُل، ٣٣. هڪ وک کان، هڪ قدم کان (وک= هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ وارو مفاصلو)، ٣۴. شايد، ٣۵. مونکي ڪيو آهي. ٣٦. وٽراهه، وٽن جي جهڳٽي، لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪيرٿر جبل جي قطار لڳ هڪ ڳوٺ ۽ پڻ هڪ جبل، ٣٧. تکي، تڪڙي، تيز، ٣٨. ڇڙي، اڪيلي، بنان سامان جي، سمر کان سواءِ.

وَجِي ڪيچِ پُنيَاسِ، بَاروچَاٽيءَ بَاجَهه[1] سين.

٤

وَاقُفَ[2] نَه وَٽ ڪَار[3] جي، اَڱَ[4] نَه ڏيهُ[5] ڏنُوم[6]،
ڏُونگرُ ڏوراپَنِ[7] سين، ڪَاتيءَ[8] رِءَ ڪُنُوم[9]،
جيلَان[10] مُحِبُ[11] مِنُوم، چُلُون[12] ڪَرِيَان[13] تي چَپَرِينَ[14].

٥

وَاقُفَ نَه وَٽ ڪَار جي، پَاٽيءَ ڪَنيمُ نَه پَاءُ،
جَبَلُ جَلدَايُونُ[15] ڪَري، تَڪَ[16] ڏيڪَاري تَاءُ[17]،
لَڳي لُڪَ[18] لَطيف چئي، مَعُذُورِ[19] مَتَانءُ،
اُتي آڏو[20] آءُ، جِتِ هُونديَسِ هوتَ هيڪَلي.

٦

وَاقُفَ نَه وَٽ ڪَار جي، نَه مُون سَاڻُ سَمَرُ[21]،
سَفَرَ جو سَيَدُ چئي، ڏَاڍو سُڄي[22] ڏَرُ[23]،
جَانبَ[24] ذَارَانِ[25] جيذِيُون، پَرَ وَسُو[26] نَه پَرُ[27]،
وِلهيءَ[28] ڪَري وَرُ[29]، رَسجِ رَهبَرَ رَاهَه ۾.

---

١. مهربانيءَ. ٢. سونهين، ڄاڻو. ٣. لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪيرٿر جبل جي قطار سان گڏ هڪ ڳوٺ. ٤. اڳ ۾. پهرين. ٥. ملڪ. ديس ٦. مون ڏٺو. ٧. ميهڻن، طعنن. ٨. ڪان سواءِ. ٩. مون ڪٺو، مون ڪَٽيو يا پرزا پرزا ڪيو. ١٠. جنهن صورت ۾. ١١. مونکي مِٺو يا پيارو آهي. ١٢. ڊوڙون، پنڌ، تڪليفون. ١٣. تنهنڪري. ١٤. ڇپرن ۾. جبلن ۾. ١٥. واحد: جلدائي= سختي. ١٦. تابُ، تپش. ١٧. گرمي، تپش. ١٨. گرم يا ڪوسي هَوا. ١٩. هيڻين، ڪمزورن. ٢٠. اڳيان (بچاءَ لاءِ يا مدد لاءِ). ٢١. سفر يا مسافريءَ جو سامان، زاد راهه، راهه خرچ. ٢٢.، ٻُڌجي (تـو). ٢٣. خوف. خطرو. ٢٤. جانيءَ، محبوبَ. ٢٥. ڪان سواءِ. ٢٦. آڌار. وسيلو. ٢٧. پروسو. پرجهلو. مددگار. ٢٨. ولهيءَ تي. نِڌڻڪيءَ تي، بي وارث تي. ٢٩. مهرباني، ڀلائي، ڀيرو.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

٧

وَاقُفَ نَہ وِٽَڪارَ جِي، اَڳِئان سَفَرُ[١] سَتاٽُو[٢]،
آڏا[٣] لَڪَ[٤] لَطِيفُ چئي، جَبَلُ جُھوراٽُو[٥]،
پِھرو[٦] اُتِ پاٽُو[٧]، سَولو[٨] ڪِجِ ساٿَ[٩] جو.

٨

وَاقُفَ نَہ وِٽَڪارَ جِي، بارِي[١٠] پُڇي[١١] بَرَ[١٢]،
وَرُ[١٣] وَسِيلا سُپِرِين، ٿَڪِيس ڏوري[١٤] ٿَرَ[١٥]،
لَهِجَ[١٦] لالَ[١٧] لَطِيفُ چئي، ڪانڌَ[١٨] مُٺيءَ[١٩] جِي ڪَرَ[٢٠]،
وِلَهِي[٢١] ڪَري وَرَ[٢٢]، مَچُڻَ[٢٣] مارَڳِ[٢٤] ڇَڏِيِن.

٩

وَاقُفَ جي وِٽَڪارَ جا، وانءُ[٢٥] تَني جي سَڏَ[٢٦]،
نيئِي[٢٧] نِمَاٽي[٢٨] نِجُهرو[٢٩]، اونَين پاسي اَڏَ،
ساٿِين[٣٠] سين سَيدُ چئي، لَڏو[٣١] لَڏي[٣٢] گَڏَ،
سُکَ پَنيورَ جا ڇَڏِ، تَہ ڪاهي رَسين ڪيچَ کي.

---

١. مسافري، پنڌُ. ٢. مشڪل، تڪليف ڏيندڙ، خطرناڪ. ٣. اڳيان، رنڊڪ وجهندڙ. ۴. جبل. ۵. سخت، تڪليف ڏيندڙ. ٦. پهريون، ٧. (مسافريءَ جي) منزل، ڏاڀو، جهوڪ، ٿاڪُ. ٨. سٺائو، آسان، سُکيو. ٩. قافلي، پنهونءَ ۽ ان جي ساٿين. ١٠. پيانڪ، وڏا، ننڍي جوکري، ٻانهي. ١١. پڇا ڪري، دريافت ڪري، ڳولا ڪري. ١٢. برن جي، رڻ پٽن جي، بيابانن جي. ١٣. موٽ يا پهچ (مدد لاءِ). ١۴. ڳولي، تلاش ڪري. ١۵. رڻ پٽ، بيابان. ١٦. ولڃ، رکج. ١٧. اي لال، اي ڳاڙهي موتيءَ جهڙا سهڻا محبوبَ. ١٨. اي ڪانڌ، اي مڙسَ يا ڀتارَ. ١٩. بدبخت، نڀاڳيءَ. ٢٠. خبر= سارَ سنڀال. ٢١. نڌڻڪي، بي وارث، سُڃي. ٢٢. اي وَرَ، اي مڙس. ٢٣. متان. ٢۴. مارڳ ۾، رستي ۾. ٢۵. وَڃُ، وڃي حاضر ٿيءُ. ٢٦. سَڏَ تي، آواز تي، پُڪارَ تي. ٢٧. ولي، ڪٺي. ٢٨. اي نماڻي، اي مسڪين، اي عاجز. ٢٩. ڪهڙَ، ڀُنگو. ٣٠. (پنهونءَ جي) ساٿ وارن، قافلي وارن. ٣١. گهر و سامان يا ٽپڙ ٽاڙي. ٣٢. ڪٺي وڃي.

١٠

وِچَارِيءَ[1] وِڻکَارُ[2]، اَکِ نَہ ڏِنو کَڏهين،
مِهرَ[3] نَہ هُئي مَاڻُهين[4]، هو سَپُ هِندُوکَارُ[5]،
جَتُ[6] کِيَائِين يَارُ، سُورَنِ کَارڻِ سَرَتِيُون.

١١

وَڏا وِڻَ وِڻکَارَ جَا، جت جَهَائُو[7] جَهمَرُ[8] جَهَرَ[9]،
ڪُوسَا[10] تَپَنِ[11] ڪَڪَرا[12]، ٻِي ڏَمَڏَمِ[13] تَپي ڌَرَ[14]،
وِچاري ڏي وَرَ[15]، پِيرُ نَہ لَهي پِريَنءَ جو.

١٢

وَڏا وِڻَ وِڻکَارَ جَا، جِت نَانگَ سُڄَنِ[16] نِيلاَ[17]،
اُتي عَبدُاللطيفُ چئي، ڪِئا هيڪَلِيُن[18] حِيلاَ[19]،
جِت ڪُڙمُ[20] نَہ قَبِيلا، تت رَسجِ رَهبَر رَاهَ ۾.

١٣

وَڏا وِڻَ وِڻکَارَ جَا، جِت مِينهَن پَوَنِ مَاڪُون[21]،
سُڄَنِ تِيُون سَيدُ چئي، هَاڙهي[22] جُون هَاڪُون[23]،

١. بي وس يا نڌڻڪيءَ، بي واهيءَ. ٢. لس ٻيلي جي اتر ايرندي طرف کيرٿر جبل جي قطار سان گڏ هڪ ڳوٺ ۽ پڻ هڪ جبل جو نالو، لسٻيلي جو هڪ جهنگ. ٣. ڪهل، قياس، رحم. ۴. ماڻهن ۾. ۵. انڌوڪار، انڌير، ظلم (جي نگري)، ڪفرستانُ. ٦. اتِ چاريندڙ يا هڪليندڙ، پنهون. ٧. لَئي جا وڻَ، جبل جو نالو. ٨. ٻيد جا وڻ، جبل جو نالو. ٩. هڪ قسم جا خوشبودار وڻ. ١٠. گرم تيز. ١١. گرم ٿين. ١٢. پٿر. ١٣. زور سان. ١۴. ڌرتي زمين. ١۵. ڦيرا، ڪهمرا. ١٦. ٻڌجن. ١٧. نيري رنگ وارا، ڪارا. ١٨. اڪيلين يا بي وارث زالن. ١٩. وسَ، ڪوشش‍ون. ٢٠. ڪُٽنبُ، قبيلو، مٽ مائٽ. ٢١. واحد: ماڪ= اوسُ، شبنم، ڊونگري. ٢٢. لس ٻيلي جي الهندي اٽڪل ويهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ جبل. ٢٣. ڏاڪو، دٻدٻو، خوفناڪ خبرون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِتِ اينڌِيُون[1] اوطاقُون[2]، اُتِ پاتارَنِ[3] ٻيلِي[4] ٿِيين.

(١٤)

وَڏا وَڻَ وَڻڪارَ جا، جِتِ چَتُون[5] ۾ چِيهَا[6]،
مَنزِلَ[7] دُور مَنُ[8] تَنَهَا[9][10]، ڪَنِ ٻوليون پاپِيهَا[11][12]،
سَاٿِي[13] سَنيهَا[14]، وِيلُو[15] ڪَنِ نَه وِچَ[16] ۾.

١٥

وَڏا وَڻَ وَڻڪارَ جا، جِتِ چَتُون چانگارِنِ[17]،
شِيشَا[18] لاَلَ[19] گُلاَبَ[20] جا، چَپَرِ[21] چاٿارِنِ[22]،
مَنزِلُون مَيَنِ[23] جُون[24]، مَعذُورِ[25] ڪي مارِنِ،
جيڏِيُون[26] جِيارِنِ[27]، رَهَنِ رات پَنيُورَ[28] ۾.

وائي

ڪَرَها ۾ ڪاهِيو[29] مِيَان[30] ڪيچِي[31]، آئُون آرِياڻيءَ[32] عَرَضُ[33] چَونِدي،
ڪَري هوتَ[34] هَلَڻَ جِي، لُونِيءَ[35] ڪي ۾ لَڄايو[36]،
وَسيلو[37] وِلهِيءَ[38] جو، آڳاندو[39] اَئِين[40] آهيو،
پاسي[41] ۾ پَرِتَ[42] جِي، جهيڪي[43] اُتَ جُهڪايو،

---

١. اڻ ڏٺل، اجنبي. ٢. منزلون، مڪان، جايون. ٣. پاتارن جو، پريشان ٿيلن جو، اڪيلن جو. ۴. همراهه، حامي، مددگار. ۵. پکيءَ جو قسم، طوطا. ٦. واحد: چيهو. هڪ پکيءَ جو هڪ قسم جنهن جو آواز تکو ۽ سريلو هوندو آهي. ٧. پنڌ. ٨. پري. ٩. آئون. ١٠. اڪيلي. ١١. لاتيون، آواز. ١٢. واحد: پاپيهو. چاتڪ پکي (جو مينهن جي ڦڙن تي گذران ڪندو آهي ۽ ٿوري به گرمي نه سهي سگهندو آهي). ١٣. دوست. ١۴. يار، دوست. ١۵. دير. ١٦. رستي، واٽ. ١٧. ٻوليون يا لاتيون ڪن. ١٨. ڪاچ يعني شيشي مان ٺهيل باٽليون، بوتلون. ١٩. ڳاڙهي. ٢٠. گلاب جي گلن مان ٺهيل عطر. ٢١. چپر ۾، جبل ۾. ٢٢. چٽڪارين، هارين. ٢٣. رهڻ يا ڊاهي ڪرڻ واريون جايون. ٢۴. اُن. ٢۵. عذر واريءَ، هيڻيءَ، ڪمزور. ٢٦. اي جيڏيون، سرتيون. ٢٧. زنده ڪن، حياتي بخشين، خوش ڪن. ٢٨. ٺٽي ضلعي ۾ هڪ قديم ڳوٺ جتي سسئي رهندي هئي. ٢٩. اٺ. ٣٠. هڪالي وڃو. ٣١. ميران لفظ جي بگڙيل صورت، ميان جي معنيٰ سردار، مالڪ. ٣٢. اي ڪيچي يا ڪيچ جا رهاڪو. (ڪيچ، رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ٣٣. آرياڻيءَ کي، آريءَ کي، پنهونءَ کي (پنهونءَ جي پيءُ جو نالو آري هو جيڪو بلوچ قوم جي هوت قبيلي جو سردار هو). ٣۴. محبوب، پنهون، هوت قبيلي جا ماڻهو. ٣۵. ڪميڻيءَ، ناقص. ٣٦. شرمايو. ٣٧. پرچهلو، آڌار. ٣٨. نڌڻڪيءَ، بي واهيءَ. ٣٩. آسرو، آڌار. ۴٠. اوهين. ۴١. پر. ۴٢. ڏوٿڻ، ڪپڙا ڏوئيندڙ (اجوري سان). ۴٣. وهاري، جهڪائي، هشائي.

وِلَهيءَ جي وِهانءَ[١] ۾، واڄٽ[٢] سَڀ وَڄايو،
اُگهاڙي[٣] آتڻ[۴] ۾، پَنهنجي پاڻ[۵] پَراهيو[٦]،
سائينءَ[٧] ڪارڻ سُپرين، صُورتَ[٨] ڪي[٩] مَ سڪايو[١٠]،
ساڪِنَ[١١] تِي شهر[١٢] جا، مَعذُور ڪي مَرڪايو[١٣]،
پُنهونءَ[١۴] جام[١۵] پَريَٽ[١٦] سين، وِيهي سُور ورهايو[١٧]،
لاهي بارُ[١٨] پَنيور ۾، وِٻنڌي[١٩] گهوٽَ[٢٠] وَناهيو[٢١]،
پُنهونءَ[٢٢] جا جيڏيڙن[٢٣] ڪي، رَڌي[٢۴] ڪيڻ[٢۵] ڪارايو،
پَرٿائي[٢٦] پُنهونءَ ڪي، نيڪيٽيءَ[٢٧] نڪرايو[٢٨]،
بيلي[٢٩] تي بانيڻ[٣٠] سين، ڏکي[٣١] ڏيڄ[٣٢] ڏيکاريو.

١. شاديءَ، وصال. ٢. ساز. ٣. ننگي، عريان. ۴. عورتن جو پاڻ ۾ گڏ ويهي سَٽ ڪتڻ جي جاءِ، محفل خاني، ڪچهريءَ ۵. خود. ٦. (ڪپڙا) ڍڪايو، پهرايو. ٧. الله، خدا، مالڪ. ٨. شڪل، چهري. ٩. ڪان. ١٠. محروم ڪريو. ١١. رهاڪو. ١٢. پنيور شهر. ١٣. سرخرو ڪريو. ١۴. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ١۵. سردار. ١٦. ڌوٻڻ، (اجوري تي) ڪپڙا ڌوئندڙ. ١٧. ونڊيو، تقسيم ڪريو. اوريو. ١٨. سامان، ٽپڙ. ١٩. ويندڙ، جُدا ٿيندڙ. ٢٠. گهوٽ کي، شاديءَ لاءِ تيار ٿيل جوان کي. ٢١. شاديءَ لاءِ سنبرايو. ٢٢. پنهونءَ جي. ٢٣. جاڃين، گهوٽ جي طرفان شاديءَ ۾ آيل ماڻهن. ٢۴ پچائي. ٢۵. ڪاڄ، ڪاڌا. ٢٦. شادي ڪرائي. ٢٧. نيڪيٽيءَ لاءِ، نڪاح پوڻ ڪانپوءِ ڪنوار کي گهوٽ جي گهر وٺي اچڻ کان پوءِ ٻنهي کي وري لائڻ (يعني مٺا ملائڻ) ڏيڻ جي رسم زفاف. ٢٨. ڪنوار جي گهر کان گهوٽ ۽ ڪنوار کي گهوٽ جي گهر وٺي اچو. ١٩. مددگار، حمايتي، حامي. ٣٠. برهمڻ قوم جي زال يعني سسئيءَ. ٣١. سينگاري، سنواري، ٺاهي جوڙي. ٣٢. ڏاڄ، جهيز.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُر آبِرِي

داستان پهريون

١

پُنهُون چَڏِئو پوءِ[1]، جانِبُ[2] جَبَلِ[3] گهورِين[4]،
تيلاهِين[5] تَنگُون[6] ڪَرِين، جيلاهِين[7] تُون جوءِ[8]،
ساجَنُ[9] سُڄَ[10] نِهارِين[11]، ڏُکِي[12] ڏوهُه ڪِئوءِ،
هَاڙِهي[13] هوتُ[14] نَه هوءِ[15]، وَرِي[16] پُڇُ[17] وينِن[18] ڪي.

٢

وَرِي پُڇُ وينِن ڪي، سَندا[19] پُنهُونءَ پارَ[20]،
ساجَنُ سَبِ جَمارَ[21]، ڏُکِي ڏورِجِ ڏيلَ[22] ۾.

٣

ڏُکِي ڏورِجِ ڏيلَ[23] ۾، پُنهُون پاڻَ[24] گَري[25]،
وَڄِ ڪِيمَ پَري، حُبَ[26] ۾ ڳولِجِ هوتَ کي.

---

١. پوئتي يا پٺتي يعني پنهنجي گهر ۾. ٢. جاني، محبوب. ٣. جبل ۾. ۴. ڳولين. تلاش ڪرين. ۵. تنهن صورت ۾. ٦. ڪشالا، تڪليفون، ڏکون، ڏوڙون. ٧. جاڪاڻ ته، جنهن صورت ۾. ٨. زالَ (پنهونءَ جي). ٩. سڄڻ، محبوب. ١٠. سُڄَ ۾، برپٽ ۾، جبلن ۾. ١١. ڳولين. ١٢. ڏکن جي ماريل يا ستايل، بدبخت ١٣. هاڙهي ۾ (لس ٻيلي جي الهندي طرف اتڪل ويهه ميلن جي مفاصلي تي هڪ جبل جي قطار کي هاڙو جبل چوندا آهن). ١۴. محبوبُ (بلوچ قوم جي هڪڙي قبيلي کي هوت چوندا آهن. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١۵. آهي، اٿئي. ١٦. موٽي، واپس ٿي. ١٧. پڇا ڪر، دريافت ڪر. ١٨. هڪ جاءِ تي ويٺلن يا رهندڙن کان. ١٩. جا. ٢٠. پتا، خبرون، ڏس. ٢١. حياتي، عمر. ٢٢. ڳولج. ٢٣. بدن، ديهي، دل. ٢۴. خود. ٢۵. وٺ. ٢٦. محبت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

ڪونهي اُتِ ڪُوهيار[1]، جِتِ تو پوري[2] پانيو[3]،
پَنڌُ مَ ڪَرِ پاهڙ[4] ڏي، وِجُودُ[5] ئي وِٽڪار[6]،
ڌارِئان[7] پانئجِ[8] ڌار[9]، پُڄ پِريان[10] ڪَرَ[11] پاڻَ[12] تُون.

۵

سَيئي ساري[13] سَسُئي، گهَرَ[14] ڪُنڊُون[15] تُون گهورِ[16]،
وِجي ڌُورِ[17] مَ ڌُورِ[18]، دَرَان[19] مَنجهه[20] دوسَتُ[21] تِئو.

٦

دَرَان مَنجهه دوسُ[22] تِئو، موٽي[23] پُڄ پانهين[24]،
عَبَثُ[25] اِڳاهين[26]، وَڃئو ڪُوڪين[27] ڪانڌَ[28] ڪي.

٧

پَرَ[29] گهَران[30] پاسو ڪري[31]، پُڄ پِريان ڪَرَ[32] پاڻُ،
سو تان توهين[33] ساڻُ، جنهن لئي جَفائُون[34] ڪَرين،

٨

سوئي ڪَٽِئو[35] ساڻُ، سوئي ڏوريين[36] سَسُئي،

---

١. ڪوهه يعني جبل جو رهاڪو، پنهون (سسئيءَ جو محبوب)، ٢. بي سمجهه، موڳي، وسوڙل. ٣. سمجهيو، ۴. جبل، ۵. جانِ، جندَ، دِلِ، ٦. لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪيرٿر جبل جي قطار لڳ هڪ ڳوٺ، لس ٻيلي ۾ هڪ جهنگل ۽ هڪ جبل، ٧. ڌارين ڪان، ٻين ڪان، غير ڪان، ٨. سمجهج، ٩. جدا، ١٠. پريان جي، محبوب جي،١١. خبر، سڌ سماءُ، ١٢. پاڻ ڪان، خود ڪان، ١٣. سنڀالي، ڏيان سان، ١۴. گهَر جون، ١۵. پاسا، گوشا، ١٦. ڳول، ١٧. پري، ١٨. ڳولِ، ٩. در ڪان، دروازي ڪان، ٢٠. اندر (دران منجهه= گهر ۾)، ٢١. محبوب، يارُ، ٢٢. دوست، ٢٣. واپس، ٢۴. پنتي، (گهر ڏانهن) ٢۵. اجايو، بي فائدو، ٢٦. پري، اڳتي، ڏور، ٢٧. سڏ ڪرين، ٢٨. پتارَ، مڙس، محبوبَ، ٢٩. پرائي، غير جي، ٻين جي، ٣٠. گهر ڪان، ٣١. پاسو ڪري= پري ٿي، ٣٢. لاءِ، واسطي، ٣٣. توئي، ٣۴. تڪليفون، ٣۵. وٺئو، پيڙو ڪيو، ٣٦. ڳولين.

کَـڏهِـين کَـنـي[1] نَـ کِـئـو، جُـلـڻَ[2] مَـنـجَـهـان جَـاڻُ[3]،
پُـچ پِـرِيَـان[4] کَـرَ[5] پَـاڻَ[6]، تَـ تُـون تِـئَـائِـين[7] لَـهـين[8].

٩

جـو تُـون ڏورِيـين[9] ڏُورِ[10]، سـو سَـدَا[11] آهـي سَـاڻُ تـو،
لاَلَـڻَ[12] لَءِ لـطـيـف (رح) چَـئـي، مُـنـجِـهـين[13] تـي مَـعـذُور[14]،
مَـنـجَـهـان پَـئَـن[15] پُـروُڙِ[16]، تـو مَـنـجـهـه آهِـس تَـڪـيـو[17].

١٠

وَڃِـين جـو وَٽـڪَـارِ[18]، هُـوتُ[19] نَـ گـهـورِيـين[20] هِـنَـهِين[21]،
لِـڪـو ڪـينَ[22] لـطـيـف (رح) چـئـي، پَـاروچـو پـي پَـارِ[23]،
تـيءُ سَـتـي بَـڌُ[24] سَـنـدرو[25]، پِـرت[26] پُـنـهُـونءَ سـين پَـار[27]،
نَـائـي[28] نـيـڻ[29] نِـهَـار[30]، تـو مَـنـجـهـه ديـرو دوسَ[31] جـو.

١١

پُـلـيُـون[32] ڪـوهـه[33] پُـڇِـن، پَـرَ[34] پُـٺِ[35] پـيـرُ[36] پُـنـهُـونءَ جـو،
لَـهـسِـيُـون[37] تِـيُـون لُـڇَـنِ[38]، ڏِنـو جَـنِ اکـين سـين.

---

١. ڪنهن (ماڻهوءَ). ٢. هلڻ، رلڻ. ٣. پروڙ، واقفيت، سمجهه. ۴. پريان جي، پرينءَ جي، دوست جي. ۵. خبر، سڌ، سماءُ. ٦. پاڻ کان، خود کان. ٧. اُتائين، انهيءَ هنڌان، پنهنجي پاڻ وٽان. ٨. حاصل ڪرين. ٩. ڳولين. ١٠. پري. ١١. هميشه. ١٢. محبوب. ١٣. رستي کان ٿڙين، گمراهه ٿين، حيران ٿين. ١۴. عذر واري، جڏي، هيڻي، ڪمزور. ١۵. نشان اُهڃاڻ، اشاري. ١٦. سمجهه. ١٧. ديرو، مڪان. ١٨. وٽڪار ڏانهن (وٽڪار هڪ ڳوٺ جوءِ هڪ جبل جو نالو آهي جيڪي لس ٻيلي جي علائقي ۾ آهي). ١٩. محبوب پنهون (هوتُ، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٠. ڳولهين. ٢١. هن هنڌ تي يا هن جاءِ تي. ٢٢. غائب ٿيو، گم ٿيو. ٢٣. هنڌ طرف. ٢۴. پاڪدامن، وفادار، سُپتي. ٢۵. چيلهه سان ٻڌڻ جو ڪپڙو. (سندرو ٻَڌُ= همت ٻَڌُ، ڪوشش ڪر). ٢٦. محبتَ، پيارُ. ٢٧. نباهه، توڙ تائين جاري رک. ٢٨. هيٺ ڪري، نمائي. ٢٩. نيڻن کي، اکين کي. ٣٠. ڏس. ٣١. دوست، يار. ٣٢. ڀليل يا گمراهه عورتون. ٣٣. ڇو. ٣۴. معلوم ڪن، دريافت. ٣۵. پَرَ پُٺِ= غائبانا، ڪنهن جي غير حاضريءَ ۾ ڏسڻ ڪانسواءِ. ٣٦. ڳسُ، پنڌُ، نشان، پَتو. ٣٧. (عشق جي باهه ۾) سڙيلون يا جليلون. ٣٨. ڦٿڪن.

١٢

ڪوڙين[1] پڇن[2] ڪيچ[3]، هوت[4] پڇي ڪا هڪڙي،
جن جو پنهونءَ سين پيچ[5]، سي پاٺين[6] تيندين پڌرين[7].

١٣

ڪُوڙيون[8] پڇن ڪيچ، هوت نہ ڏورين[9] هتهين[10]،
جني پنهونءَ سين پيچ، تن پيرين[11] پنڌ[12] وسارئو[13].

١٤

هل[14] هنيين[15] سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار،
قاصدائي[16] ڪار[17]، ڪين رساٽي[18] ڪيچ ڪي.

١٥

هل هنيين سين هوت ڏي، پيرين ڪر م پنڌ،
رائي[19] پڇ م رنڌ[20]، رڙهہ[21] روحاني[22] سسئي.

١٦

هل هنيين سين هوت ڏي، چپر[23] هڏ[24] م چل[25]،
آرياڻي[26] امل[27]، ڪايا[28] م ڪانڌ[29] تئو[30].

---

١. سوين، هزارين، ٢. معلوم ڪن، دريافت ڪن. ٣. رياست مڪران ۾ هڪ شهر جتي پنهون رهندو هو. ٤. پنهون (هوتُ، بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ٥. وراڪو، محبت، پيارُ. ٦. خودبخود. ٧. ظاهرُ. ٨. جُوئيون، ڪوڙيون، مڪر ڪندڙ. ٩. ڳولين. ١٠. هن هنڌ تي، هن جاءِ تي، ١١. پيرن سان. ١٢. هلڻ، ١٣. ترڪ ڪري ڇڏيو، ڇڏي ڏنو، ١٤. پنڌ ڪر، ١٥. دل، هردي، ١٦. قاصد واري، نيايي پهچائيندڙ واري، ١٧. ڪرت، ڌنڌو، شغل، دستور، ١٨. پهچائي، ١٩. رائي جو، جبل (جي ريتيءَ) جو، ٢٠. ڪسُ، واٽ، ٢١. سِرُ، پِرُ، هَلُ، ٢٢. روحاني طرح، دِل سان، هردي سان، ٢٣. ڇپر ۾، جبل ۾، ٢٤. بنهہ، هرگز، ٢٥. ڊُڪُ، ڊوڙُ. ٢٦. آري، آريءَ جي خاندان وارو پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون هوت قبيلي جو هو ۽ سندس پيءُ جو نالو بہ آري هو. ٢٧. جنهن جو ملهہ يا بها نہ ڪَٿي سگهجي، بي مثال، لاثاني، ٢٨. (تنهنجي)، بدن، ٢٩. مڙسُ، پيتارُ. ٣٠. آهي (موجود).

١٧

هَلُ هِنيئِن سين هوتَ ڏي، چَپَر چُلُ مَ تُون،
مَنجهان[١] لَڌو[٢] مُون، ڪوهيارو[٣] ڪيچَ ڌَڻي.

١٨

هَلُ هِنيئِن سين هوتَ ڏي، سِسي[٤] ڪَڻُ مَ سَاڻُ،
جَنِي پِانيئو[٥] پاڻُ[٦] سي آرِياڻِيان[٧] اوري[٨] رَهيون.

١٩

ڪِجي جِيئَن ڪيچِن لَءِ، تِيئَن تان ڪِينَ ڪِيوءِ[٩]،
وِيجهائي[١٠] وِڏوءِ[١١]، وِکَ[١٢] نَہ ڪَنيئي هيڪَڙي.

٢٠

ڪِجي پَنڌُ پُڇان تو[١٣]، ڪيچِن ڪارَڻِ ڪِيئَن،
بي[١٤] خُودِ[١٥] هَلِج بَرَ[١٦] ۾، آئون تو چَوان ايئَن،
سِڪَڻُ[١٧] سَاجَن[١٨] سَينءَ[١٩]، مَتان مُنِي[٢٠] ڇَڏِيِن.

٢١

مَتان مُنِي ڇَڏِيِن[٢١] پِرِيَتُون[٢٢] پاڻان[٢٣]،

---

١. اندر مان، دل مان. ٢. ڏٺو، حاصل ڪئو. ٣. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو، پنهون. ٤. ڪِجي، سِرَ، متو (سسي ڪڻ مَ ساڻ = پنهنجي هستي وڃائي ڇڏ)، ٥. سمجهيو. ٦. پاڻ کي (پانيو پاڻ= هٺ يا غرور يا تڪبر ڪئو)، ٧. آرياڻيءَ کان، آريءَ کان، پنهونءَ کان (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار کي آري ڪري چوندا هُئا، پنهون هوت قبيلي مان هو ۽ سندس پيءُ جو نالو بہ آري هو)، ٨. هن طرف يا هن پاسي، ٩. تو ڪيو. ١٠. وڏائي، انگهائي، ١١. تو وِڌو (ويجهائي وڌو = اِنگهہ ڪيئي، ڪِهَلَ يا دير ڪيئي)، ١٢. قدم، پيرَ، هلڻ يا پنڌ ڪرڻ وقت ٻن پيرن جي وچير مفاصلو. ١٣. تو کان، ١٤. سواءِ، بنان، ١٥. خوديءَ جي، پاڻَ جي، آپي جي، ١٦. رڻ پٽ، بيابان، ١٧. محبت، پيارُ، ١٨. سڄڻ، دوست، ١٩. تائين (ساجن سينءَ= دوست جي ملڻ تائين)، ٢٠. اي مُني، اي ڪمبخت، اي بدنصيب، ٢١. الڳ يا جُدا ڪرين، ٢٢. محبت، ٢٣. پاڻ کان.

جَاپَنِ[١] جِيئَن[٢] جَاڙَا[٣]، تُون پَڻ هوئِجِ[٤] تَنْ[٥] جِيئَن.

٢٢

مَتَان مُنِي[٦] چَڏِيِن[٧]، پَاڙَان[٨] پِرِيَتَڻُون[٩]،
كَٿُورِيءَ[١٠] كَٽُو[١١]، مَڙهِي[١٢] مَرِجِ مُنهَن مِ.

وائي

غَفلَتَ[١٣] يَارُ[١٤] گَنوَايو[١٥]، ٻَڙِي[١٦] جِيڏِيُون[١٧]،
كِيئَن[١٨] كَرِيَان كوهُہ ٿِئو،
سُتِيَس تَان سَاٿُ[١٩] وِئو، اُٿِيَس تَان ڏُكُ[٢٠] آيو،
پُڇَان[٢١] ٿِي پُنهُونءَ[٢٢] كي، عَبَثُ[٢٣] تَان اَنُ كَايو[٢٤]،
هوتَ[٢٥] هَلَندي جَا كَئِي، سَا مُون[٢٦] ڳَالهہ سُڻَايو[٢٧].

---

١. چمن، پيدا ٿين، ٢. جهڙيءَ طرح، ٣. ڳڏ چاول يا پيدا ٿيل ٻچا، ڦَر يا ٻارَ، ٤. هجج، ٿج، ٥. تن جاڙن ٻچن يا ٻارن، ٦. اي مُئي، اي بدنصيب، اي ڪمبخت، ٧. جدا يا الڳ ڪرين، ٨. (تنهنجي) پاڙي کان، پاسي کان، ٩. محبت، ١٠. هڪ خوشبودار ولر، هرڻ جي دن مان نڪتل هڪ خوشبودار شيءِ، مُشڪَ، ١١. داٽو، ذرو، ١٢. جڙي، لڳائي، ملي، ١٣. سستيءِ، لاپرواهيءِ، ١٤. دوست، ١٥. وِڃايو، جُدا ڪئو، ١٦. زالن جو هڪ ٻئي کي سڏڻ يا مخاطب ٿيڻ وقت ڪم ايندڙ لفظ، اڙي، ائي، ١٧. سرتيون، ١٨. ڇا، ڪوهُہ، ١٩. قافلو، ڪاروان، ٢٠. غم، پريشاني، ٢١. ڳوليان، طلب ڪريان، ٢٢. سسئيءَ جي معشوق جو نالو، ٢٣. اجايو، بي فائدو، ٢٤. ان ڪايو= پيٽُ ڀريو، پيٽ پوڄا يعني عيش ڪريو، ٢٥. محبوبَ، پنهونءَ (بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو جنهن مان پنهون هو، ٢٦. مونکي، ٢٧. ٻڌايو.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر آبِرِي

داستان چوٿون

١

هيجُ[1] نَہ هُوندو جَنِ[2]، سي کِيئَن وِندُرِ[3] وِنديُون،
وِهو وِچِ[4] رَهَنِ، سَهسين[5] سَڏُنِ[6] وارِيُون.

٢

سَڏائِتيَ[7] سَپَکَا، بُکَ[8] نَہ باسي[9] کَا[10]،
جيهِيءَ[11] تيهِيءَ ذاتِ[12] جِي، جُنبَشِ[13] کانِهي جاءِ[14]،
مُون سين هَلي سَا، جا جِيءُ[15] مِنُو[16] نَہ کَري.

٣

کيچِ[17] نَہ جُنبَڻَ[18] جاءِ، تَہ کا هَلَندِي هوتَ ڏي،
مُون سين هَلي سَا، جا جِيءُ مِنُو نَہ کَري.

٤

ڏُونگَرُ[19] نَہ ڏوري[20]، سُکَنِ[21] جُون سَڏُون کَري،

---

١. سڪ، اڪير، شوق ٢. جن ڏي، ٣. وندر ڏي (وندر لسٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۽ ننيڙيءَ نديءَ جو نالو آهي)، ۴. وچ ۾، اڌ پنڌ ۾. ۵. سوين، هزارين، ٦. (ڪوڙين) تمنائن يا سِڪن، ٧. سڌ ڪندڙ، تمنا ڪندڙ، خواهش ڪندڙ، ٨. لنگهڻ، فاقو، تسيو، پيٽ کي خالي رکڻ واري حالت، ٩. قبول ڪري، منظور ڪري، ١٠. هڪڙي (عورت)، ١١. جهڙيءَ تهڙيءَ، رواجي، معمولي، خسيس، ١٢. هستيءَ، ماڻهوءَ، انسان ذات، ١٣. جنبش جي، چُرڻ جي، پنڌ ڪرڻ جي، ١۴. مجال، طاقت، سگهہ، ١۵. جان، حياتي، ١٦. پياري، پيارو، قربانيءَ کان نٽائڻ واري حالت ۾، ١٧. ڪيچ ڏي (ڪيچُ، لس ٻيلي ۾ هڪ شهر آهي جتي پنهون سسئيءَ جو معشوق رهندو هو)، ١٨. جُنبڻ جي، چُرڻ جي، هلڻ جي، ١٩. جبل، ٢٠. ڍونڍي، جهاڳي، ٢١. واحد: سُک= راحت، آرام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويِنِي گهَرِ[١] گهوري[٢]، مَتان پِريَن جِندڙو[٣].

٥

سُکَنِ[٤] واري سَڌَ[٥]، مَتان کا مُون سان ڪَري،
اَندرُ[٦] جَنِي[٧] اَڌَ[٨]، ڏونگرُ سي ڏورِينديُون.

٦

ڪوهُه[٩] تيُون ڪوڙ ڪَريو، ڪانَ هَلَندي ڪيچ ڏي،
سَرتيُون ۽ ساهيڙيُون، مُون سين بَه تي پيرَ[١٠] پَريو[١١]،
جَنِي چِتُ[١٢] چَريو[١٣]، ڏونگرُ سي ڏورِينديُون.

٧

اَئين[١٤] جي[١٥] وِرَنِ[١٦] واريُون، سَرتيُون سَڌَڙيُون[١٧]،
آرِياڻيءَ[١٨] پُنهونءَ جي، پُولَ[١٩] نَه بَدَڙيُون[٢٠]،
جي لِکِئي[٢١] لَڌَڙيُون[٢٢]، ڏونگرُ سي ڏورِينديُون.

٨

وَجو سَپِ ورِي[٢٣]، اَئين جي وِرَنِ واريُون،
ڦوڙائي[٢٤] فِراقَ جي، سُجي[٢٥] ڳالهِه ڳَري[٢٦]،

١. گهر ۾. ٢. قربان يا صدقو ڪري. ٣. جان، ساهه، دل. ٤. واحد سکُ= راحت، آرام، خوشي (سکن واري= سکن ۾ رهندڙ، سکن جي ڳولائو). ٥. ريس، مقابلو، چٽاڀيٽي، برابري. ٦. دِل، هردو. ٧. جن جو. ٨. ٻه ٽڪر، پرزا پرزا، (محبت ۾) زخمي ٿيل. ٩. ڇو، ڇا جي واسطي. ١٠. قدم، وکون. ١١. هلو. ١٢. دل، روح. ١٣. مست، ديوانو. ١٤. اوهين. ١٥. جيڪي. ١٦. مڙسن، ڀتارن. ١٧. سڌ ڪندڙ، تمنا ڪندڙ، خواهش ڪندڙ. ١٨. آريءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقبُ. پنهونءَ کي به ان ڪري آري چوندا آهن). ١٩. ٻول سان، قول سان، ڳالهه سان. ٢٠. ٻڌل، ڪاربند. ٢١. لکئي جي، قسمت يا نصيب جي. ٢٢. حاصلات واريون، ڀاڳي واريون. ٢٣. موٽي. ٢٤. فراق، جدائي، وڇوڙي. ٢٥. ٻڌجي. ٢٦. مصيبت يا آفت آڻيندڙ، ڏکي، اڙانگهي.

بُنيَان[1] جَنِ[2] بَرِي[3]، ڏُونگرُ سي ڏوريِنديون.

٩

اَئِين[4] وَريتِيُون[5] وَرو[6]، آئُون نَه وَرَندِي[7] وَرَ[8] ري[9]،
جَاڏي[10] هِنَ جَبَلَ جو، تَانگهِيندِيس[11] تَرو[12]،
جَتَنِ سَاڻُ ڏَرو[13]، نِينهُن[14] نِبيرڻُ[15] نَه ٿِئي.

١٠

وَجو سَبِ موٽي، اَئِين جي وَرَنِ وَارِيُون،
كَانَ هَلَندي كيچَ ڏي، مُونكي كَرِيو مَرَ كوٽي[16]،
كَدِيَمُ[17] كَاچُوٽي[18]، وِڌَمِ جُوڳُ[19] جَتَنِ لَءِ.

١١

اَجُ مَلِينديَس[20] مَاءُ[21]، ڏَاجَا[22] كَندِيَس كَپڙا،
جِيجَان[23] جوڳِياڻي ٿِيَان، مُونكي جَهَلَ[24] مَ پَاءِ[25]،
هُوتَ[26] پَروچي لاءِ، كَنين[27] كُنِرَ[28] پَايَان.

١٢

كُنِرَ، كَكَا[29] كَپڙا، مُنڌَ[30] لُچِي[31] پَرِ[32] لَكَنِ[33]،

---

١. بَنيي مان، گهر مان، اندر مان. ٢. جن کي. ٣. لڳي (عشق جي باهه)، مصيبت آئي، تڪليف پهتي. ۴. اوهين. ۵. وَرن واريون، مڙسن واريون. ٦. موٽو، واپس ٿئو. ٧. موٽندي. ٨. مڙس، پتار. ٩. بنا، سواءِ. ١٠. اڙانگي، تڪليف ڏيندڙ، ڏکئي. ١١. ڳوليندي‌س، جهاڳينديس. ١٢. هيٺيون حصو، بنيادُ، پر وارو ميدان، ترائي. ١٣. نالي ماتر، قليل، ٿوري عرصي لاءِ. ١۴. محبت، پيار. ١۵. ٽوڙڻ، ڇنڻ، ختم ڪرڻ. ١٦. ڪوڙو (انجام پر)، دير يا سيڙپ ڪندڙ. ١٧. مون ڪدي پاتي. ١٨. (فقيرائي) ڪفني يا چولي، گودڙي، گبري، فقيرن جي پهرڻ لاءِ ڪپڙي جي ڇتين لڳل پوش، لانگوٽي. ١٩. جوڳي فقيرن جو زهد، تپسيا وغيره (جوڳ وجهڻ= جوڳي ٿيڻ فقيري اختيار ڪرڻ). ٢٠. ڏوئينديس، صاف ڪنديس. ٢١. اي امڙ، اي امان. ٢٢. ڏاءِ يعني گيڙوءِ رتا. گيڙوءِ جي رنگ ۾ رڱيل (گيڙو پيلاڻ ۾ ڳاڙهاڻ تي مائل هڪ وکر جو قسم آهي. جوڳي فقير پنهنجا ڪپڙا ان سان رڱيندا آهن). ٢٣. اي جيجان، اي جيجل امان. ٢۴. روڪ، رنڊڪ. ٢۵. وِجهه. ٢٦. محبوبَ، پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جي قبيلي جو نالو آهي. پنهون سسئيءَ جو معشوق ان قبيلي مان هو)، بلوچ، پنهونءَ. ٢٧. ڪنن ۾. ٢٨. جوڳين وارا والا يا ڪنڊل يا ڇلا. ٢٩. ڪڪي رنگ وارا، گيڙو رنگ وارا. ٣٠. عورت يعني سسئي. ٣١. ڦٽڪي، ڊوڙي ڏکي. ٣٢. پر ۾، پاسي ۾. ٣٣. لڪن جي، جبلن جي.

يَادِ نَہ پيئي جَتَنِ[1]، چَڏي وِس چَپَرِينَ[2].

١٣

مُون کي پَانئين[3] پَاڄَ[4]، ڏيرُ[5] ڏوراڻا هَلئا،
اڳِيَانِ[6] اُٿي اُنِ جي، خُوبُ[7] نَہ پَکَمِ[8] کَاجَ[9]،
ميڙي[10] آپَ[11] سَرتيُون[12]، نَکي ڳَايَمِ[13] ڳَاجَ[14]،
سَا مُون هَٿَان[15] نَہ ٿي، جيڪا رَسمِ[16] رَاجَ[17]،
آيَلِ[18] اَٿُون اَڪَاجَ[19]، ٻولُ[20] ٻَروچي[21] وِتَرو[22].

١٤

تو جو ٻولُ ٻَروچَ[23]، ويهي ڪِئو وِٽِڪَارِ[24] ۾،
سوئي پَارِجِ[25] هوتَ[26]، وِلهِيءَ[27] مُون مَعذُورِسين[28].

١٥

پِهرِين تُون پَاريجِ، پَارَڻَ پوءِ پُنهُونءَ تي،
ٻولُ مَ وِسَارِيجِ، هُو جو کِيئِي هوتَ سين.

١٦

تو سين ٻولَ ٻَهُونِ[29]، سَهسين[30] سَاجَنُ جي[31] ڪَري.

---

١. جتن کي، انن جي مالڪن يا انن تي بار ڪشندڙن کي، پنهونءَ جي انجي مائٽن کي. ٢. چپرن ۾، جبلن ۾. ٣. سمجهي. ۴. پاڄوڪڙ عورت، بدچال، چنال، چڙواڪ. ۵. مڙس جا ڀائر. ٦. سامهون. ٧. سٺا. ٨. مون پچايا يا تيارَ ڪيا، مون رڌا. ٩. طعام، کاڌا. ١٠. گڏ ڪري. ١١. پنهنجيون. ١٢. هڪ جيڏيون، ساهيڙيون. ١٣. مون ڳايا. ١۴. گيت. ڳيچ، راڳ. ١۵. کان. ١٦. ريت، پر، رواج. ١٧. راڄ جي، قوم جي، خاندان جي. ١٨. اي آيل، اي جيجل امان. ١٩. نالائق. نڪار. نڪمي. ٢٠. قول، اقرار، ڳالهہ. ٢١. ٻروچ جو، بلوچ جو. بلوچستان جي رهاڪوءَ پنهونءَ جو. ٢٢. سرس، بهتر، وڌيڪ وزندار. ٢٣. اي بلوچ، اي پنهون. ٢۴. (لس ٻيلي ۾) هڪ جبل، هڪ ڳوٺ. ٢۵. پورو ڪج، نباهج، وفا ڪج. ٢٦. اي هوتَ، اي محبوب پنهون (هوت) بلوچ قوم جو هڪ خاندان آهي، پنهون ان خاندان مان هو). ٢٧. نڌڻڪيءَ، بي وارث، بي واهيءَ، سُڃيءَ، نادار. ٢٨. عذر واريءَ، جڏيءَ، هيڻيءَ، ڪمزور. ٢٩. گهڻيئي، جهجها. ٣٠. سوين، انيڪ. ٣١. جيڪڏهين.

كَنڌِينءَ تنءِ[1] ڪَهُون[2]، جَي[3] نالو ڳِيڙءِ[4] نينهن جو.

١٧

سُٽي ٻول سَنڌانِ[5]، جِمَر[6] سُمَهين[7] سَسُئي،
كَنڌِينءَ ڪُوهُه[8] ڪيٽانِ[9]، جُهه[10] سِي[11] اُنِ اورانگهِئا[12].

١٨

چُلاَن[13] مَنجهِمِ[14] نَه چَاڪَ[15]، پُران[16] پُونمِ[17] پُرڪَٿا[18]،
مَچُڻَ ڪَا مُنڌَ ڪَري، مُوٽَڻَ[19] جي مَذاقَ[20]،
چِتُ[21] سَندو[22] مُون چاڪَ[23]، هَاڙهي[24] هَنڌِ[25] هَٽي ڪِئو.

١٩

پيرين[26] پئا پُرڪَٿا، رَهَمِ[27] گهَٽُو رُنومِ[28]،
پَاراتو[29] پِرِينءَ ڪي، تَپي[30] تَان[31] نَه ڏُنومِ[32]،
چُڪي[33] تي چَيومِ، سُواهيرو[34] سَين[35] سَجَٽين[36].

٢٠

چُڪيءَ ڪي چَئي، ڪَا جَاڳائي[37] جيڏِيون،
وِئڙو سَاٿ[38] وَهي[39]، تو[40] ننڊَ[41] ائين نه لهي[42]،

١. تنهن ڪري، ٢. پنڌ. مسافري، ڪشالا. ٣. جيڪڏهين. ٤. تو ڳڌو آهي، تو ورتو آهي، (نالو ڳيڙءِ نيهن جو= محبت ڪئي اٿئي)، ٥. انهن (محبوبن) جا. ٦. متان، ٧. ننڊ ڪرين، ويسري يا غافل ٿي ويهين، ٨. ڇا، ٩. ڪين، انهن ڪي، ١٠. جيڪڏهين، ١١. اهي ٻول، ١٢. ٽوڙيا، ڀڃا، نہ پاريا، ١٣. ڊوڙان، ڏڪان، چالون يعني ٽپ ڏيان، ١٤. مون ۾، ١٥. طاقت، ١٦. هلان، پنڌ ڪريان، ١٧. مونکي پون، ١٨. (پيرن ۾) ڇالا يا ڦوڪٽا يا ڦلٽا، ١٩. ورڻ (پوڻتي)، واپس ٿيڻ، ٢٠. چرچو، خوش طبعي، بيڪار گفتگو، ٢١. دل، ٢٢. جو (سندو مون= منهنجو)، ٢٣. چاڪَ چاڪِ. زخمي، ڦٽيل، ٢٤. لس ٻيلي جي اولهه ۾ واقع هڪ جبل، ٢٥. صفا، بنهہ، ٢٦. پيرن ۾، ٢٧. راهَ، گس، رستي، ٢٨. مون رُنو، ٢٩. بد دُعا، ٣٠. گرم ٿي، ڪاوڙجي، ڪڪ ٿي، ٣١. هرگز، ٣٢. مون ڏنو، ٣٣. ٿڪجي، ماندي ٿي، بيزار ٿي، ٣٤. سٺا واهرو، سٺا مددگار، ٣٥. ڪي، ٣٦. سڄڻ، محبوبن، ٣٧. سجاڳ ڪري، ٣٨. قافلو، ڪاروان، ٣٩. هلي، نڪري، ٤٠. توکي، ٤١. ننڊ جي گهر يا اونگهہ، ٤٢. ڇڏي.

٢١

چُڪَسِ[١] سَبِ چَئِي، مَاڻهُو شَهَرَ پَنِيورَ جَا،
سَا موتي ڪِيئَن مُئِي[٢]، جِنهِن جو جَانِبُ[٣] جَتَ[٤] وَنِي وِئَا.

٢٢

مُوتَڻَ جَا مَذڪُور[٥]، جَانِ[٦] ڪي چَيَس جيڏِيِن،
پَرِتِ[٧] پِهَريِن[٨] پُور[٩]، نَيئِي[١٠] پَهچَائِي[١١] پِرِينءَ ڪي.

٢٣

سَگُرُ[١٢] جو سَنئُون[١٣]، سو مُون[١٤] آچيو[١٥] جيڏِيُون[١٦]،
پَئِي پُراڻو نَہ ٿَئِي، اَجَا نيِنهُن[١٧] نَئُونَ،
تہ مُون[١٨] ڏِينهُن[١٩] سَنئُون[٢٠]، جي پِيهَرَ[٢١] بَاروچِي[٢٢] مِڙَان[٢٣].

٢٤

مُوتَڻَ جِي مَصلحَتَ[٢٤]، مُون ڪي ڏِيو مَ جيڏِيُون،
نِهَارِيندِيَس نِڪَٽِي[٢٥]، آرِيَاٽِي[٢٦] اَلبَتَ[٢٧]،
ڪَنديِس اوتِ[٢٨] اُنِ جِي، لَڪَن[٢٩] ڏِيئِي لَتَ[٣٠]،
سَرَتِيون شَرِيڪَتَ[٣١]، آئُون ڪِيئنءَ آگَنِ[٣٢] سين ڪَريَان.

---

١. ٽڪجي پٺا، ٢. مصيبت جي ماريل، نياڳي، ڪميٽي، ٣. جاني، محبوب، ۴. انن جا مالڪ، انن تي بار ڪندڙ، سسئي جي معشوق پنهونءَ جا ڀائر، ۵. ڳالهيون، صلاحون، متيون، ٦. ڪهڻيئي، ٧. ڏوبڻ، ڪنياٽي، ڪپڙن ڌوئڻ جو ڏنڊو ڪندڙ زال، ٨. هڪ ئي ٩. سَٽَ يا حملي، خيال، ١٠. ڪٽي، ١١. رسائي، ١٢. رستو، واٽ، ١٣. سڌو، صحيح، ١۴. مونکي، ١۵. ٻڌايو، ١٦. اي جيڏيون، اي سرتيون، ١٧. محبت، ١٨. منهنجو، ١٩. ڀاڳَ، ٢٠. سولو، ٢١. ٻي دفعي، ٢٢. ٻاروچي ڪي، ٻروچ ڪي، بلوچ ڪي، بلوچستان جي رهاڪوءَ پنهونءَ ڪي، ٢٣. ملان، گڏجان، ٢۴. صلاح، مت، ٢۵. تمام ڪهٽو، ٢٦. آري يعني پنهون، ٢٧. ڪنهن نہ ڪنهن طرح، ٢٨. اولو، ڍَڪَ، پردو اجهو، ٢٩. لڪن تي، جبلن تي، ٣٠. پير (لت ڏيئي= چڙهي)، ٣١. برابري، ٣٢. مالڪن، ڌڻين، سردارن.

٢٥

مُون کي ڏيو ڪينَڪي، مُوتَڻَ جي ڪا مَتِ[1]،
ڪَنديَس ڪانَ ڪُپَتِ[2]، سَاهُ[3] اُن تان صَدقُو[4].

٢٦

مُوتَڻَ ڪان اڳي مَران، موتي مَران مَر مَاءِ[5]،
لُچِي[6] لالَڻَ[7] لاءِ، شَالَ پُونديس پيرَ[8] تي.

وائي

مَعلُومُ[9] حالُ[10] حَبِيبَ[11]، مُونکي دَردُ[12] قَديمِي[13] وو
دَردُ جَديدِي[14] وو حُبُ[15] حَبيبِي[16] وو،
آلُودي[17] آزارَ[18] کان، تو رءُ[19] تيَس طَبِيبَ[20]،
شَادي[21] ڏيِن صِحَت[22] جي، غَمِي[23] لاهِه غَرِيبَ[24]،
ڪاهِل[25] آهيان ڪُوڙي[26]، رَسِي[27] لاهِه رَقِيبَ[28]،
حاذِقُ[29] آهِين هِن جو، اَچين شَالَ عَجِيبَ[30]،
اڳهِي[31] تِي آهُون[32] ڪَريان، نَعرو[33] مَنجهه نَصِيبَ[34]،
دَوا[35] آهين دِل جي، پُڇ پُڇ[36] رَهيَس[37] طَبِيبَ،
الاَ عَبدُاللطِيف کي، ڪُوڙي[38] لاءِ[39] قَرِيبَ[40].

---

١. صلاح، ٢. دغا، خيانت، ويساھہ ڪهاتي، ٣. جان، جند، ۴. قربان، ۵.اي امان، اي جيجل، ٦. ڦٽڪي، ڏک سهي، ٧. محبوب، ٨. (پنهونءَ ۽ ان جي قافلي جي) پيرن جي نشانن، ٩. علم ۾ آيل، ڄاڻ ۾ آيل، ڄاتل، ١٠. حالت، حقيقت، حيثيت، ١١. حبيب کي، دوست کي، ١٢. (عشق جي) بيماري، ١٣. پراڻو، جهونو، ١۴. نئون، تازو، ١۵. سڪَ، ١٦. حبيب جي، دوست جي، ١٧. خراب، ڪني، پليت، ١٨. بيماريءَ، مرض، ١٩. کان سواءِ، ٢٠. اي طبيب، اي ويڄ، اي دوست، ٢١. خوشخبري، سرهائي، ٢٢. چڱيلائيءَ، ٢٣. ڏکُ، ٢۴. غريب تان مسڪين تان، نماڻيءَ تان، ٢۵. ڪمزور، سُست، ٢٦. بي وڙي، نالائق، نڪمي، ٢٧. (بند يا قيد جي)، نوڙي يا ٻنڌڻُ، ٢٨. اي رقيب، اي نگهبان، خدا، ٢٩. هوشيار طبيب، ٣٠. اي عجيب، اي دوستَ، ٣١. بيمار، ٣٢. دانهون، ٣٣. روج راڙو، ٣۴. ڀاڳ، قسمت، ٣۵. علاج، ٣٦. پڇي پڇي، ٣٧. ٽڪجي پئي آهيان، ٣٨. ڪوڙي سان، ڇاتيءَ سان، سيني سان، ٣٩. لڳاءِ، ۴٠. اي قريب، اي پرين.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ آبِرِي

داستان پنجون

١

پَٻِجِيٖ[1] جَان[2] پَنڀورڪَان، ڏُونگرُ ڏورِئو مُون،
ڪَاهِيٖ[3] رَسِيَسِ[4] ڪيچَ ڪي، جِتي پَاڻَ[5] پُنهون،
سَيَّتِ[6] آهِين تُون[7]، قَضَا[8] ڪَندين ڪَنِ سين.

٢

پِيهِي[9] جَان پَاڻَ ۾[10]، ڪِيَمِ رُوحَ[11] رِهاڻِ[12]،
نَڪو ڏُونگرُ ڏيهَ ۾، نَڪا ڪيچَنِ ڪَاڻِ[13]،
پُنهُون ٿِيَسِ پَاڻِ[14]، جَانَ[15] سَسُئي تَان[16] سُورَ[17] هُئَا.

٣

ڏَنَا جِيئَنَ[18] لَاءِ[19] جِيَڏيُون، ڏيرَنِ مُونکي ڏُکَ،
پَٻِيَسِ[20] جَان پَنڀورَ کَان، سُورَ مَڙيئي[21] سُکَ[22]،
لَٽِيٖ[23] مُون تَهان لُکَ[24]، پُنهُون ٿِيَسِ پَاٽهين[25].

---

١. پري ٿي، جدا يا الڳ ٿي، ٢. جيئن ئي، ٣. هلي وڃي، پنڌ ڪري، ۴. آئون رسي يا پهتي، ۵. خود، ٦. هر هنڌ، هر جاء، سڀ شيء ۾. ٧. تون ڏٺي، تون خدا، ٨. موت جي سزا جو حڪم يا فتوا، ٩. گهڙي، داخل ٿي، ١٠. پنهنجي دل يا اندر ۾، ١١. روح سان، دل سان. ١٢. ڪچهري، ١٣. غرض، پرواهه، ١۴. خود آئون، ١۵. جيستائين، ١٦. تيستائين، ١٧. ڏکَ، تڪليفون، ١٨. جيئري، يا زنده رهڻ. ١٩. واسطي، ٢٠. پري يا جدا ٿيس، ٢١. سڀيئي، ٢٢. واحد؛ سُکَ= آسائش، راحت، ٢٣. دور ٿي، ٢۴. سختي، ڏکُ، فڪرُ، ڳڻتي، تڪليف، ٢۵. آئون پاڻ ئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤

پُنهُون تِيَس پاڻهين، وِئو سَسُئِيءَ جو شَرمُ[1]،
هيڪَليُون[2] هَلَنِ جي، پَجِي[3] تَنِ[4] پَرمُ[5]،
جو وِندُرَ[6] مَنجِهه وَرمُ[7]، سو سودو سَرِئُش[8] هِتَهين[9].

٥

پُنهُون تِيَس پاڻهين، وِئو سَسُئِيءَ جو سِينگارُ[10]،
مَن عَرَفَ نَفسَهُ فَقَد عَرَفَ رَبَّهُ، # اِهوئِي آچارُ[11]،
وِندُرَ مَنجِهه واپارُ، سو سودو سَرِئُس هِتَهين.

٦

پُنهُون تِيَس پاڻهين، وِيئِي سَسُئِيءَ جي سُونهَن[12]،
خَلَقَ آدَمَ عَليٰ صُورَتِه*، وَٽَنِ مَنجِهه وِرُونهَن[13]،
چَرِيءَ[14] مَنجِهان چُونهَن[15]، ڪَٽِي هوتُ[16] هَنجَ[17] ڪِئو.

٧

وِيئِي سُونهَن سَسُئِيءَ جي، پُنهُون تِيَس پاڻَ،
سَيَنِي جي سَيَدُ رح چَئِي، آهي اِت اُمانَڻَ[18]،

---

١. ادبُ. ڦڪائي، لڄ، حجاب جو پردو. ٢. اڪيليون. ٣. نٿي، وڃي. ۴. تن جي. ۵. آبرو، عزت. ٦. لس ٻيلي جي علائقي ۾ هڪ ڪوٽ، جبل ۾ هڪ نئين ندي جو نالو. ٧. سودو، واپارُ، وڻج. ٨. ان کي سرئو يعني مليو. ٩. هن جاءِ يا هنڌ تي. ١٠. روپُ، ويس وڳا، ذاتي هستي # جنهن پنهنجي پاڻ کي سڃاتو تنهن ڄڻ پنهنجي رب يعني پالڻهار خدا کي سڃاتو (حديث). ١١. فيصلو، اصول، دستور. ١٢. حسن، انفرادي يا ذاتي هستي * (خدا) آدمَ يعني انسان کي پنهنجي صورت. (صفت) موافق خلقيو آهي (حديث). ١٣. وائي، پچار. ١۴. مستانيءَ، ديوانيءَ. ١۵. چاهه. محبت. ١٦. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلوآهي، پنهون ان قبيلي مان هو). ١٧. هنج کيو=هنج ۾ وهاريو. گود يا جهوليءَ ۾ ورهايو. محبت ونديائين. ١٨. اماڻ يا رواني ڪرڻ جي جاءِ. عارضي ٽڪاڻو. امانت (۾ رکيل لاش ٻئي هنڌ کڻي وڃڻ لاءِ).

پَنيپورَ جا پاڻَ[١]، آذا[٢] عَجيبَنِ[٣] کي.

٨

وَهمَ[٤] ورسايَاسِ[٥]، نَه تَه پُنهُون آئُون پاڻَ[٦] هُئِي،
پاڻُ وِڃايُمِ پانهنجو، پَئي پِريَان جي پاسِ[٧]،
رَتِي عِلمَ[٨] نَه[٩] راسِ[١٠]، پَسَڻَ[١١] ڏارَانَ[١٢] پِريَنءَ جي.

٩

ڪَافُون[١٣] ڪَاهِينديَاسِ[١٤]، موتَان تَه ڪُرَ[١٥] ميهَڻُون[١٦]،
پَانهِي[١٧] پَاروچَنِ سين، سَنگَ[١٨] نَه سَاهِينديَاسِ[١٩]،
اَلفِرَاقُ اَشَدُ مِنَ المَوتِ#، هِتِي نَه هُونديَاسِ،
آهَه[٢٠] نَه لاَهِينديَاسِ، جِيئَرِي جَتُ ڏِسي مَرَان.

١٠

ڏُکَنِ پُنِيَان سُکَ، سِگهَا[٢١] تِيندءِ سَسُئِي،
پيرُ مَ[٢٢] چَڏِجِ[٢٣] پِريَنءَ جو، توڙي لَکين[٢٤] لَکَ،
ڏورِجِ[٢٥] پَاسي[٢٦] ڏُکَ، تَه پَئي بَاجَهه[٢٧] بَروچَ[٢٨] کي.

١. ماڳ، جايون، مڪان. ٢. رنڊڪون، روڪون. ٣. محبوبن کي (ملڻ ۾). ٤. بدگمانيءَ، وِسوِسي، ڀرم. ٥. مونکي ورسايو، مونکي ڀُلايو، مونکي گمراهه ڪئو. ٦. خوديِ، آپو. ٧. پاسي ۾، ڀر ۾. ٨. ذرو. ٩. علم جو، ڄاڻ جو، معرفت جو. ١٠. بحال، مقبول. ١١. ڏسڻ. ١٢. بغير، کان سواءِ. ١٣. ڪافَ مان، جبل مان. ١٤. آئون ڪاهيندي، آئون پنڌ ڪندي. ١٥. ڪُرَ کي، خاندان کي، آکهه کي. ١٦. طعنو، داغ، تکو. ١٧. نوڪرياڻي، گولي.١٨. ماڻٽي، رشتيداري. ١٩. ڇڪينديس # وڇوڙو موتَ کان وڌيڪ سخت آهي (عربي چوڻي). ٢٠. اُميد، آس، آسرو. ٢١. جلد ئي. ٢٢. پيرن جو نشان. ٢٣. لکين جا، جيلن جا. ٢٤. گهڻو انداز. ٢٥. ڳولا ڪج، هلج. ٢٦. طرف، ڏانهن. (پاسي ڏک= ڏک سان). ٢٧. رحم، ڪهل، قياسَ. ٢٨. بلوچ، پنهون.

۱۱

هيڪَر[۱] هُئَڻُ[۲] وِجَاءِ[۳]، تَہ ويجهي[۴] تيين وِصَالَ[۵] ڪي،
وَاذڪُر رَبَّڪَ فِي نَفسِڪَ #، پَهِي[۶] اِيءَ پَجَاءِ[۷]،
لالَڻَ[۸] ڪي لِيلاءِ[۹]، تَہ پَئي بَاجَهہ[۱۰] بَروچ[۱۱] ڪي.

۱۲

هيڪَر هُئَڻُ چَڏِ، تَہ اوڏي تِيين عَجيبَ[۱۲] ڪي،
مَارَاَيتُ شَيئاً اِلاّ وَرَاَيتُ اللهَ فِيهِ*، نِيئي اَجَهَا[۱۳] اوڏاهِين اَڏِ[۱۴]،
تَہ هُوتُ[۱۵] تُوهِين ڪَان هَڏِ، پِرين پَاسِي[۱۶] نَہ تِئي.

۱۳

هوتُ تُنهِنجي هَنجَ[۱۷] ۾، پُڇِين ڪُوهُہ[۱۸] پَهِي[۱۹]،
وَفِي اَنفُسِڪُم اَفَلاَ تُبصِرُونَ●، سُوجهي[۲۰] ڪَر سَهِي[۲۱]،
ڪَڏِهِين ڪَانَہ وَهِي[۲۲]، ڪَا هُوتُ ڳُولَڻَ هَٽَ[۲۳] تي.

۱۴

هوتُ تُنهِنجي هَنجَ ۾، پُڇِين ڪُوهُہ پَرِيَاڻُ[۲۴]،
وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيہِ مِن حَبلِ الوَرِيدِ×، تُنهنجو توئي سَاڻُ.

۱. هڪ دفعي، هڪ واري، ۲. خودي، ۳. ڇڏ. ۴. اوڏي، نزديڪ، قريب، ۵. ميلاپ (محبوب جي) # تنهنجي رب يعني پالڻهار کي پتنهنجي دل ۾ ياد ڪر (قرآن سورت اعراف آيت ۲۰۵)، ٦. ڪيهہ جو، ڏرو، پوڻي، ۷. ستاءِ، تُنباءِ صفا ڪراءِ (پهي ايءَ پڇاءِ= هيءَ آيت دل ۾ رک) ۸. محبوب، دوست، ۹. آزي نيزاري ڪر، وينتي ڪر، ۱۰. رحم، قياس، ڪهل، ۱۱. بلوچ، پنهونءَ، ۱۲. دوست، يارَ* آئون ڪا اهڙي شيءِ نٿو ڏسان مگر ان ۾ خدا کي ڏسان ٿو (حديث قدسي) يعني هر شيءِ ۾ خدا کي ڏسان ٿو، ۱۳. (واحد: اجهو)، گهرَ، جهوپڙو، ۱۴. ٺاهہ، جوڙ، تعمير ڪر، ۱۵. محبوب، ۱٦. پري، دور، ۱۷. گود، ڪڇ، ۱۸. ڇو، ۱۹. واٺهڙو، قاصد (خداجي قدرت جون نشانيون) اوهانجي اندر ۾ آهن پوءِ اوهين ڇو نٿا ڏسو (قرآن سورت ذاريات آيت ۲۱)، ۲۰. ڳولي، ڦولهي، ۲۱. سهي ڪر= سڃاڻَ، ۲۲. وٺي، ۲۳. دڪان، ۲۴. پري وارا، ڏاريان، غير × ۽ اسين تہ هن (انسان) کي ڪنڌ جي ڀنڊين (شهہ رڳ) کان وڌيڪ ويجها آهيون (قرآن سورت ق آيت ۱٦).

پَنهِنجو آهي پاڻُ، آڏو عَجيبَنِ ڪي.

١٥

ووڙبَمِ سَبِ وَٿاڻَ، يارَ ڪارَڻِ جَتَ جي،
وَاللهُ بِكُلِ شَيءٍ مُحِيطُ#، اِي آرِباڻيءَ اُهجاڻَ،
سَبَ ۾ پُنهُون پاڻَ، ڪِينهي بِئو بَروچ ري.

١٦

سَرتِيُون سَپوئي تِئو، اَندرِ آرِباڻي،
وِبِني پَسانَ پاڻَ ۾، ڏُونگَرُ ڏهاڻي،
هُيَسِ جَنِ هاڻي، سي ڪيچي گَڏيَمِ ڪَهه ۾.

١٧

ڪَڏِ پُنهُونءَ جي ڪاهيِ، چاتيءَ رُوحِ چَريو ڪئو،
اُتي وِني اوڏهِين، سُتي پَڻِ سَاهي،
اَلعِشقُ حِجابٌ بَينَ العَاشِقِ وَالمَعشُوقِ*، لاَ شَڪُ تِيءُ لاهي،
آرِباڻي آهي، بِئو سَرتِيُون سُجيِ ڪِينَڪِي.

---

١. انسان جي خود جو. ٢. نفس، خودي. ٣. روڪ، رنڊڪ. ۴. محبوبن. ۵. مون ووڙئا، مون ڪولئا، مون نهارئا يا جاچئا. ٦. ماڳ، مڪان، جايون. ٧. دوست. ٨. واسطي. ٩. اٺ چاريندڙ، اٺن تي بار ڪندڙ، پنهونءَ # ۽ اللهَ سڀني شين تي حاوي آهي يعني هر شيءِ خدا جي گهيري ۾ آهي. ١٠. آرياڻيءَ جا، آريءَ جا (بلوچ قوم جي قبيلي هوت جي سردار جو لقب آري هو. پنهونءَ جي پيءُ جو نالو بہ آري هو) پنهونءَ جا. ١١. پارَ، پتا، نشان. ١٢. خود. ١٣. بلوچ، بلوچستان جي رهاڪوءَ، پنهونءَ. ١۴. اي سرتيون، اي جيڏيون. ١۵. اندر ۾، دل ۾. ١٦. ڏسان. ١٧. جبلَ. ١٨. روزانو، هر روز. ١٩. جتي. ٢٠. ڪيچ جا رهاڪو، پنهون ۽ ان جا ڀائر (ڪيچ، رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ٢١. پنڌ، سفر، مسافريءَ. ٢٢. سِڪَ. ٢٣. ڪاهہ يا حملو ڪري، گهيرو ڪري. ٢۴. چشڪي، پيار، ميناج، چُوس. ٢۵. دِل. ٢٦. مست، ديوانو. ٢٧. چِڪي، ڪشش ڪري. * عشق يعني محبت عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ هڪ پردو آهي (صوفين جو قول). ٢٨. بنان شڪ، يقين يا پڪ وارو. ٢٩. (پردو) پاسي ڪري. ٣٠. ٻَڌجي.

۱۸

جَاڻِي[1] سُجَاڻِي[2]، وِهَان ڪِينَ مَانَ[3] ڪَري،
اَندرِ[4] آگِ[5] عِشقَ[6] جي، اَپَر[7] اُڌَاڻِي[8]،
اَلعشقُ نَارُ يحرِقُ مَاسِوَي المَعشُوق#، ڪُوري[9] ۾ ڪَاڻِي[10]،
آهي آرِيَاڻِي[11]، پِئو سَرتِيُون[12] سُجِي[13] ڪِينَڪِي.

۱۹

جَاڻِي سُجَاڻِي، مُون کي ڇَڏي هَلِئا،
اَديُون آرِيچَنِ لاءِ، آئُون ڪُوري ۾ ڪَاڻِي،
پَرِيمِ جو پَاڻِي*، سو ڪيچِنِ[14] ڪَمِ نَہ آيو●.

۲۰

جَاتُمِ[15] نَہ جَاڻِي، تَہ ڪِ[16] سَانگ[17] هَلَندا سُپِرِين[18]،
آئُون ڪِينَ ڇَڏِيَان پَانهِنجو اَديُون آرِيَاڻِي،
پَاهَڻَ[19] ۾ پَاڻِي[20]، هَارِيُون[21] هَارڻ[22] آيو.

۲۱

جَاڻِي جي[23] جَاتُومِ[24]، تَہ ڪِ پُوندو فَلَقُ[25] فِرَاقَ[26] سين،

---

۱. سمجهي، پروڙي، ۲. واقف ٿي، ۳. صبر، خاموشي، ۴. اندر ۾، دل ۾، ۵. باهہ، آتش، ٦. محبت، پيار، ۷. اٿاهہ، تمام گهڻي، بي حد، ۸. ٻرڪي، ٻري # عشق اها باهہ آهي جيڪا معشوق کان سواءِ هر شيءِ کي ساڙي ٿي (صوفين جو قول).۹. (باهہ جي) ٻني يا آڙاهہ، ۱۰. جلي، سڙي، ۱۱. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ۱۲. جيڏيون، ساهيڙيون، ۱۳. ٻُڌجي * جيڪا خدمت ڪير، ۱۴. ڪيچين کي، ڪيچ جي رهاڪن کي، پنهون ۽ ان جي ڀائرن کي (ڪيچ، رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو) ● فائديمند نہ ٿيو، قبول نہ پئو، ۱۵. مون ڄاتو، مون سمجهيو، ۱٦. ڇا، ڪنهن نموني، ۱۷. پرڏيهہ، پرديس، سفر تي، ۱۸. پرين، محبوب، ۱۹. پهڻ، جبل، ۲۰. اکين جو پاڻي، ڳوڙها، آنسون، ۲۱. اي ماريون، اي اديون، ۲۲. وهائڻ، ۲۳. جيڪڏهين، ۲۴. آئون ڄاڻان ها، ڄاڻي جي ڄاتوم=جيڪڏهن مونکي خبر هجي ها، ۲۵. ويڇو، وٿي، فرق، ڏک، مصيبت، ۲٦. جدائي، وڇوڙي.

اَڪُر[1] اِرادَتَ[2] جو، ڏُرِيائين[3] ڏوتومِ[4]،
پوءِ تان ڪونہ ڪيومِ، ڪَشالُو[5] ڪيچ ڏي.

۲۲

پانُ نہ تِئي پانَ ڪان، پاڻان تِيين پاڻُ،
جاڻِي ڏِسِجِ جانَ ڪي، جاڻِي مَنجهان جانَ،
جِمَ سُمَهين سَسُئِي، تِيجِ پَنڌ[6] پَرِيانَ[7]،
تِي هيڪاندِي هانِ، لالَنَ سان لطيف چئي.

وائي

اَوڪِيءَ[8] آگُهہ[9] آهي، وو آهي،
مُونکي تان نہ ڇَڏيندو[10] ڇِپَرِينَ[11]،
آري[12] اُگهاڙن[13] کي، پُنهون جامُ[14] پَراهي[15]،
پُڇي[16] پوءِ پِئَنِ کي، لَڪَنِ[17][18] مِ[19] لَڏ[20] لاهي.

۱. انگَ، لکيو، ۲. ارادو، تقدير، گهُر، ۳. ڏرَ کان ئي، شروع کان ئي، ۴. مون ڏوتو، مون ڌاتو، مون ميڙيو، ۵. تڪليف، ڏاکڙا، ۶. پنڌ ۾، گس ۾، ۷. پرياڻي جي، محبت جي، ۸. اوکيءَ ۾، تڪليف ۾، مشڪلات ۾، ۹. آسرو، پرجهلو، رهبر، اڳواڻ، ۱۰. اصل، بنهہ، مور، ۱۱. ڇپرن ۾، جبلن ۾، پهاڙن ۾، ۱۲. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار کي آريءَ جي لقب سان سڏيندا هئا، پنهون بلوچ قوم جو سردار هو ان ڪري کيس آري ڪوٺيو ويندو هو)، ۱۳. ننگن يا عريان عورتن، ۱۴. سردار (سنڌ جي سمان خاندان جي حاڪم کي جام سڏيندا هئا)، ۱۵. (ڪپڙا) ڍڪائي، ۱۶. حال احوال وٺي، خبر گيري ڪري، ۱۷. پوءِ پئن= (قافلي کان) پوئتي رهجي ويلن، هيڻن، ڪمزورن، ۱۸. ڪان، ۱۹. جبلن ۾، ۲۰. ٽپڙ ٽاڙي، مال اسباب، مڏي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر آبِڙي

داستان پهريون

١

آءُ اوراهُون[1] سُپِرِين[2]، وَجُ مَ اڳاهُون[3]،
تَڪِي[4] ڪَٽي تَرَنِ[5] ۾، ٻَاڪَارِئُو[6] ٻَاهُون[7]،
دَرْدَ[8] جُون دانهُون[9]، مُون مَارِينديُون موٽُ تُون.

٢

آءُ اوراهُون سُپِرِين، وَجُ مَ پِيءَ[10] پَري؛
مُون ڏِني مُون[11] وِسَهُو[12]، ورچِي[13] تَان[14] نَ وري[15]؛
ڏَارَانِ[16] مُنهَنِ[17] مَري، ڏِکِيءَ[18] جي ڏِيکارِين.

٣

آءُ اوراهون سُپِرِين، پَري وَجُ مَ پِيَ؛
موٽُ مَرَنديَس چَپَرِين[19]، تُون جِيَارو[20] جِيءَ[21]،
هوتَ[22] مَ چَڏِجِ هِيءَ[23]، پُنهُون پِيَادي پَنڌَ ۾.

---

١. ويجهو، اوري، قريب. ٢. اي سپرين، اي پرين، اي دوست. ٣. پري، ڏور. ٤. ڳهي، ماندي، هيٺي، ڪمزور. ٥. برن ۾، رڻ پٽن ۾. ٦. ڏاڍي يا وڏي آواز سان رويو، واڪا ڪئو. ٧. واحد ٻانهن= بدن جي هڪ عضوي جو نالو، بازو (ٻانهون ڪٽي= سڏ ڪري). ٨. سور، ڏک. ٩. رڙيون، سڏ، واڪا. ١٠. اي پِي، اي محبوب. ١١. مون تي. ١٢. اعتبار ڪريو، ويساهه ڪريو. ١٣. ٽڪجي، ڪڪ يا بيزار ٿي، اصل. ١٥. موٽي، واپس ٿئي. ١٦. ڪان سواءِ. ١٧. صورت يا شڪل (محبوب جي). ١٨. ڏکيءَ کي، گهايل کي، ستايل کي، ڏکَ، واريءَ. ١٩. ڇپرن ۾، جبلن ۾. ٢٠. جيارينڌڙ، زندهه ڪندڙ. ٢١. جيءَ کي، جان کي دل کي. ٢٢. اي هوت، اي محبوب پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو معشوق پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٣. سسئيءَ ڏانهن اشارو.

۴

آءُ اوراهُون سُپِرِين، ڏُکِيءَ ڏيجِ مَ ڏاگهُه[۱]،
وَتِ ڇَڏي مُون واگهُه[۲]، آرِيَ[۳] وِئين عِشقَ جو.

۵

آءُ اوراهُون سُپِرِين، ڏُکِيءَ ڏاگهه مَ ڏيجِ،
پيهِي[۴] گهَرِ[۵] پُڇيجِ[۶]، هوتَ[۷] هَلاوَتَ[۸] نَہ ٿِئي.

٦

آءُ اوراهُون سُپِرِين، آري لَڳِ[۹] اَللهَ،
توکي سارِئو[۱۰] ساهُ[۱۱] اُکَندِئو[۱۲] آهُون[۱۳] کَري.

۷

آءُ اوراهُون سُپِرِين، اَللهَ لَڳ آري،
پُنّان[۱۴] بيکاري[۱۵]، تُون پارسَ[۱۶] رَسِج[۱۷] پَبِ[۱۸] ۾.

۸

مَچُڻِ[۱۹] وَرُ[۲۰] وِسارِئين[۲۱]، صَبُرُ[۲۲] نَہ سارِيان[۲۳]،
توکي نِهارِيان[۲۴]، آءُ مَنهِنجا سُپِرِين.

۱. داغ، ڪارنهن جو ٽڪو، خواري، ۲. ڇيتو شينهن، مصيبت، ايذا، ۳. اي اري (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار کي اري چوندا هئا، سسئيءَ جو معشوق پنهون هوت قبيلي مان هو ان ڪري ان کي بہ آري ڪري سڏيو ويو آهي)، ۴. گهڙي، اندر اچي، ۵. گهر ۾، رهڻ جيءَ جاءِ ۾، ٦. احوال وٺج، خبر چار لهج، سڌسماء ڪج، ۷. اي هوت، اي پنهون، (پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ۸. هلاڪت، تڪليف، دقت (ڪنج ۾ "حلاوت" لکيل آهي)، ۹. واسطي، ۱۰. ياد ڪريو، ۱۱. دل، مَنُ، ۱۲. سڪيو، واجهايو، ۱۳. دانهون، ۱۴. هلان، رُلان، ڦران، ڪهمان، ۱۵. بي فائدي، اجائي، آواري، ۱٦. اي پارس، اي ڪامل (مرشد)، اي پنهون (پارس هڪ قسم جو پٿر آهي جيڪو لوهہ يا ٽامي سان گسائبو آهي تہ اهو لوهہ يا ٽامون سونُ ٿي پوندو آهي، ماهرن جي تحقيق موجب هيءُ پٿر اڻ لڀ آهي)، ۱۷. پهچج، ۱۸. پٻ جبل ۾ (هالار جبل جيڪو سنڌ صوبي جي الهندي طرف آهي ان جي ڏاکڻي قطار کي پٻ چوندا آهن)، ۱۹. متان، ۲۰. اي ور، اي مڙس (پنهون)، ۲۱. فراموش ڪرين، دل تان لاهين، ۲۲. تحمل، خاموشي، سانت، ۲۳. ڪري سگهان، ۲۴. ڳوليان، واجهايان، سِڪان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۹

هَٿان[1] هَڏ[2] نہ ڇَڏيان، صَبر شُڪرانو[3]،
ذَوقَ[4] زَمانو[5]، مُون[6] وَرَ[7] وِئڙو وِسَري[8].

۱۰

صَبرَ ۽ شُڪرَ ڪي، ڪاڏي آئُون ڪَندي،
آهِيان جَنهِن[9] سَندي، سوئي گهُرجي[10] سانُ مُون.

۱۱

صَبرَ ۽ شُڪرَ ڪي، وَٺي آئُون ويٺي،
ڏُکيءَ[11] سين ڏيٺيِّ[12]، ڪا ڪِجِ اَچي ڪَڏهين.

۱۲

صَبرَ ۽ شُڪرَ ڪي، هَٿَ ڪِئو[13] مُون هاڻِ،
پِريَمِ[14] اَچي پاڻ[15]، پَٽيءَ[16] ڪي پُڇيجِ[17] تُون.

۱۳

ناهِ[18] جَميعَتَ[19] جان[20] ڪي، هوتَ پُڄاڻا[21] هاڻ،
اَللهَ سيئي آڻ، جَن ساءُ[22] چکايُم[23] سَڪَ[24] جو.

۱. هٿ مان، وس يا اختيار مان، ۲. اصل، بنهہ، هرگز، ۳. شڪر ڪرڻ يا احسان مڃڻ جو عمل، خدا جي مرضيءَ تي راضي رهڻ جو عمل، ۴. ذوق جو، شوق جو، خوشيءَ جو، عيش يا راحت جو، ۵. وقت، ايام، ٦. مونکي، ۷. اي ورَ، اي مڙس يا پيٽار (پنهون)، ۸. فراموش ٿي ويو، دل تان لهي ويو، ان جي غرض يا پرواهہ نہ رهي، ۹. جي، ۱۰. کپي، ۱۱. ڏکيل، تڪليفن ۽ سورن ۾ مبتلا ٿيل، ۱۲. ملاقات، ۱۳. هٿ ڪئو= اپنايو، حاصل ڪئو، ۱۴. اي منهنجا پرين يا دوست، ۱۵. خود، پنهنجي سر، ۱٦. قتيل، گهايل، زخمي ٿيل، ۱۷. مزاج پُرسي ڪج، ۱۸. ڪانهي، ڪونهي، ۱۹. آرام، سُکُ، راحت، ۲۰. دل، قلب، ۲۱. بعد، ڪانپوءِ، ۲۲. سواد، ذائقو، مزو، لذت، ۲۳. مونکي چکايو، سواد وٺايو، ۲۴. پيار، محبت.

۱۴

نَاهِہ[۱] جَمِيعَتَ[۲] جَانِ[۳] کي، هوتَ[۴] پُڄَاڻَا[۵] هِتِ،
پُنهُونءَ جِيءَ پِرتِ[۶]، سَاءُ چَکَايُمِ سِکَ جو.

۱۵

نَاهِہ جَمِيعَتَ جَانِ کي، پُنهُونءَ پُڄَاڻَا،
سي مُون[۷] سِيبَاڻَا[۸]، جَنِ سَاءُ چَکَايُمِ سِکَ جو.

وائي ۱

دَرِدَ[۹] مُنهنجي جَا دَارُون[۱۰]، يَارَ موتُ سَبَاجَها سُپِرِين،
مُون لَڳِيُون مُون[۱۱] وِسَهُو[۱۲]، مَحبَتَ جِيُون مَارُون[۱۳]،
سُکَنِ مُون سين کِينَ کِئو، سُورَنِ لَذَّتِيمِ[۱۴] سَارُون[۱۵]،
مَائِٽَنِئُون[۱۶] گهَٽا کِئَا، کُسَنَ[۱۷] مُون سين کَارُون[۱۸].

وائي ۲

کِهَڙي ويلَا[۱۹] جو لَنگهِي آئُون[۲۰]،
جو جَاڻَان وي لوکَ[۲۱] مُنِي[۲۲] آهِيَان،
گهَاءُ[۲۳] مِنَاندا[۲۴] چُتَندَا[۲۵] نَهِين[۲۶]، ظَاهِرُ[۲۷] کِيتَا[۲۸] تَنِ اکِيَان[۲۹].

---

۱. کانهي، کونهي، ۲. سُکَ، آرام، قرار، فرحت، ۳. دل، قلب، ۴. محبوب پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. پنهون ان قبيلي مان هو)، ۵. بعد، کانپوءِ، ۶. محبت، پيار، پريت، ۷. مونکي، ۸. وڻيا، پسند آيا، مناسب لڳا، ۹. بيماريءَ، مرض، ۱۰. دوا، علاج، ۱۱. مون تي، ۱۲. اعتبار ڪريو، ويساهہ ڪريو، ۱۳. چوٽون، ضربون، ڏکَ، سزائون، سيکتيون، ڏک، ۱۴. منهنجون لڏيون يا ورتيون يا معلومکيون، ۱۵. خبرون، سُڌ، سماءُ، حال احوال، جاچنائون، ۱۶. مائٽن کان، عزيزن کان، پنهنجن کان، ۱۷. ڏارين، غيرن، ۱۸. مهربانيون، ڀلايون، احسان، ۱۹. وقت، مهل، ۲۰. مٿي، آئي، پار تي، گذري، ۲۱. ماڻهن، ۲۲. مصيبت يا تڪليف ۾ وڌي، ۲۳. زخم، ۲۴. مِٺن جو، محبوبن جو، ۲۵. چُٽي، ايرجي، ميٽجي، ۲۶. ٿٿو، ۲۷. پڌرو عيان، ۲۸. ڪيو، ۲۹. اکين (روئڻ جي وسيلي).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر آبڙي

داستان سَتُون

١

ڏورِ[1] مَ ڏيهِ[2] وِئو، پيرُ[3] تُنهِنجي پِرِينءَ[4] جو،
وِهَڻُ واٽَڙِيُنِ تي، ڪيچِيَنِ[5] رِيْ[6] ڪِهو[7]،
وِندُرِ[8] جو وِئو، اَلاَ[9] وارِي[10] آٽِين.

٢

وِندُرِ جي وَجَنِ، سي مَرُ[11] بَڌَنِ سَندِرا[12]،
بِيُون ڪوهُه بڌَنِ، چوڙي جي چَڏِينديُون.

٣

پيڙي[13] پِيڙي بَڌُ، سُورائِتي[14] سَندِرو،
ڪيچُ پَراهُون[15] پَنڌُ[16]، مَتان لَڪَنِ[17] سين لَڳِي مَرين.

٤

موتِي بَڌُ بِهارَ[18]، سُورائِتي سَندِرو،

---

١. پري، ٢. (ڪنهن) ڏيهه ڏانهن يا پرديس ڏانهن، ٣. پيرن يا قدمن جو نشان، ۴. محبوب، ۵. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ، رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٦. سواءِ، بغير، بنان، ٧. ڪهڙي ڪم جو، ٨. وندر ڏي (وندر، لس ٻيلي ۾هڪ جبل، نئن [يعني ننڍڙي ندي] ۽ ڳوٺ آهي)، ٩. اي آلاَ، اي الله، ١٠. موٽائي، ١١. ڀلي، بيشڪ، ١٢. (واحد سندرو، چيلهه ڪي ٻڌڻ جو ڪپڙو يا پٽو (سندرو ٻڌڻ= همٿ ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ، مقابلي جي تياري ڪرڻ)، ١٣. چڪي، ڪشي، مضبوط ڪري، ١۴. اي سورائتي، اي سورن واري، اي سورن ۾ گرفتار ٿيل يعني سسئي، ١۵. ڏوراهون، پري جو، ڏور، ١٦. مفاصلو، ١٧. جبلن، ١٨. ٻئي دفعي، وري وري، يعني مضبوط.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَپر[1] تُهان[2] ذارَ[3]، ڪانَ ڏوربِندي[4] ڏُکَ[5] سَين.

۵

وِندُر وَرَ ڏِنامِ[6]، ڪيچِيَن ڪارَڻ ڪيترا،
بَاروچا بَاجَهه[7] يَريا، گوشَي[8] هُوندَ[9] گَڏِيامِ[10]،
چيتارِي[11] چَيامِ[12]، عَرضَ[13] پَنهنجا اُنِ کي.

٦

هيڪَانديءَ[14] هوئِي[15] اُتي رَات رَوانِ[16] ٿِئا،
سَاهُ[17] سَڳِي[18] ۾ سُورَ[19] جي، پُنهُون وئو پوئِي[20]،
جيڏِيُون[21] جِي[22] مَان[23] وَسِ[24] جَتَ[25] هُئا، تَه رَهَايمُ[26] روئِي،
رَهَه[27] قَضا[28] دَمُ[29] ڪوئِي، هيڪَرَ[30] هيڪَانِدي[31] ٿِئان.

۷

هيڪَانديءَ هوئِي، پِريِن[32] پَاٿُورِيءَ[33] هَلِئا[34]،
ڪَندِينءَ ڪوهُ روئِي، پُوندو سَانگُ[35] سَيَ ڪَنهِن.

۸

ڏيهُه[36] ڏِيهائِين ڏورِ[37]، پَرَڏيهان[38] پَري ٿِئو،

---

۱. جبل، پهاڙ، ٽڪر، ۲. توکان، ۳. سواءِ، بنان، ۴. جهاڪيندي، ڏونديندي، ووڙيندي، ۵. تڪليف، ڪشالي، ٦. چڪر، ڦيرا، گهمرا، ۷. ٻاجهه ٻريا= ٻاجهه وارا، ٻاجهارا، رحمدل، مهربان، ۸. گوشي ۾، ڪنڊ پاسي ۾، اڪيلائيءَ ۾، ۹. جيڪڏهن، ۱۰. مونکي گڏيا، مونکي مليا، ۱۱. چڱيءَ طرح، تفصيل وار، ۱۲. مون چيا، ۱۳. سوالَ، گهرجون، التماسَ، ۱۴. هيڪانديءَ ۾، هيڪاند ۾ (پنهونءَ سان) وصل ۾ يا ميلاپ ۾، ۱۵. (منهنجي) هجڻ وقت، رهڻ وقت، ۱٦. روانا، ۱۷. دم، آتما، روح، دل، ۱۸. ڏاڍي، ڏور، ۱۹. ڏک، درد، تڪليف، ۲۰. وجهي، ۲۱. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۲۲. جيڪڏهين، ۲۳. منهنجي، ۲۴. وس ۾، اختيار ۾، چٽي ۾، ۲۵. ائن جا مالڪ، ائن تي بار ڪٽندڙ، پنهون ۽ ان جا ڀائر، ۲٦. مون رهايا، مون ترسايان، مون روڪيا، ۲۷. ترس، رَڪج، دير ڪج، ۲۸. اي قضا، اي موت، ۲۹. ٿورو وقت، گهڙي، ساعت، ۳۰. ڪا، ڪجهه، ڪو، ۳۱. هڪ دفعو وري، ۳۲. هيڪاندي ٿيان = ملان (دوست سان)، ۳۳. محبوب، ۳۴. پرهور، پرهه جي وقت فجر مهل، ۳۵. وڇوڙو، جدائي، ۳٦. ڏيهه ڏيهائين = هن ڏيهه يعني وطن کان، ۳۷. پري، ۳۸. پرڏيهه کان، پرديس کان.

سيڻن[1] ڪارڻ[2] سسئي، پيئي پراهين[3] پور[4]،
تون تو وڃين هوت[5] حضور[6]، منهنجو جيئڻ[7] جبلاهين[8] تئي.

۹

جيئڻ جت[9] ڏاران[10]، معذور[11] جو مس تئي،
چانگن[12] سر[13] چڙهي وئا، ساٿي[14] سوارا[15]،
اکيون اوتارا[16]، پسئو[17] رون پنهونءَ جا.

۱۰

پسئو رون پنهونءَ جا، اکيون اوتارا،
مون ڀانيو[18] مون وت، هوندا جمارا[19]،
ساٿين سوارا، ڪئو ڪيچ اکين ۾.

۱۱

هڏ[20] نه ساهه[21] سڌير[22]، دل درماندي[23] دوس[24] ري[25]،
پائي[26] وئا پرت[27] جو، زوراور[28] زنجير[29]،
جيءُ[30] جسو[31] جاگير[32]، هاٿي ملڪ[33] هوت جي.

---

۱. دوستن، محبوبن، ۲. واسطي، ۳. ڏوراهين، يا پري (پنڌ) جي، ۴. پور ۾، خيال ۾، ۵. اي هوت، اي پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۶. حضور ۾، دربار يا ڪچهريءَ ۾ (آري ڄام جي)، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جي پيءُ جو نالو آري هو، ۷. جيئرو رهڻ، زنده رهڻ، ۸. مَس، مشڪل، ۹. اٺن جي مالڪ يعني پنهون، ۱۰. سواءِ، بنان، بغير، ۱۱. عذر واريءَ، جڏيءَ، اپاهج، ۱۲. اُٺن، ۱۳. تي، ۱۴. دوست، گڏ رهندڙ، ۱۵. سويرو، ساجهر، جلدي، ۱۶. رهڻ جون جايون، ماڳ، مڪان، ۱۷. ڏسئو، ۱۸. سمجهيو، ۱۹. سڄي ڄمارَ، سڄي زندگي ياعمر، حياتيءَ تائين، ۲۰. اصل، بنهه، هرگز، ۲۱. دل، جان، روح، ۲۲. سامت ۾، سرت ۾، ڌيرج ۾، ۲۳. پريشان، ۲۴. دوست،محبوب پنهون، ۲۵. سواءِ، بغير، ۲۶. وجهي، ٻڌي، ۲۷. محبت، پيار، ۲۸. ڏاڍو، مضبوط، سخت، ۲۹. نيرُ، سنگهر، ۳۰. جان، روح، ساهُ، ۳۱. جسم، بدن، ۳۲. جاگير، مال اسبابُ، ڌن دولت، ۳۳. ملڪيت، جائداد، حق.

۱۲

عُمرِ[۱] سَبِ[۲] عِشقَ[۳] سين، پُنهُون[۴] جي پُچَنِ،[۵]
رِيسَ[۶] رِيزَالِيُون[۷] تَنِ سين، کُجَاڙي[۸] کَي[۹] کَنِ،
مَارَگِ[۱۰] جي مَرَنِ، وَڏَا طَالِعَ[۱۱] تَنِ جَا.

۱۳

وَڏو طَالِعُ تو، جِيئَن[۱۲] لَڳِيئِ[۱۳] پيرِ[۱۴] پُنهُونءَ جي،
سَسُئي اِنَ سُنُون[۱۵] کي، رويو رويو رو،[۱۶]
وِنِي هِتِ مَ هو، هَلين[۱۷] تَہ هُوتُ[۱۸] لَهين.[۱۹]

۱۴

وِنِ کونہ وَرَاکو،[۲۰] سُتَين[۲۱] کونهي سَنگَ،[۲۲]
هُوتُ هَلَندِنِ کَتِئو، اَنگهُن[۲۳] چَاڙهي اَنگَ،[۲۴]
بَاسي[۲۵] پِئي[۲۶] پَنگَ،[۲۷] رِڙهِي[۲۸] جَامَ[۲۹] رَسِيُون.[۳۰]

۱۵

وِنِي وَرِ نَہ پُونِ،[۳۱] سُتي مِلَنِ نَہ سُپِرِين،
سي مُر[۳۲] رويو رُونِ، جَنِ[۳۳] مُسَافِرَ[۳۴] سُپِرِين.

---

۱. حياتي، ڄمار، ۲. سموري، سڄي، ۳. سک، محبت، ۴. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ۵. ڪُولين، نهارين، ۶. برابري، رشک، حسد، ساڙ، ۷. ڪميٿيون، سڌڙيون، ۸. ڄا، ۹. لاءِ، ۱۰. مارڳِ ۾، رستي يا واٽ ۾ (پنهونءَ ڏي هلندي)، ۱۱. ڀاڳ، نصيب، ۱۲. جنهن صورت ۾، ڇاڪاڻ تہ، ۱۳. ڀيڄو ڪيئي، پٺيان هلينءَ، ۱۴. قدمَ، يا پير جي نشان پٺيان، ۱۵. ٿنڀي، آڌارَ، ٽيڪ (پنهونءَ جي پير)، ۱٦. رويو رويو رو= لڳاتار رئندي رَهُہ يا فڪر ڪندي رَهُ، ۱۷. پنڌ ڪرين، ۱۸. محبوب پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ۱۹. ڏسين، حاصل ڪرين، ۲۰. پيچ (محبت جو)، واسطو، ناتو، لاڳاپو، مائٽي، ۲۱. سٽل عورتن، غافل زالن، ۲۲. مائٽي، عزازت، ناتو، ۲۳. انگهن تي، ڪنهن وڻ يا سڪل ڪاٺ جي ٻاهر نڪتل ڪُتِ يا وَرِيَلَ نوڪ جنهن ۾ ڪٺل جانور کي ٽنگي ان جي کل لاهبي آهي ۽ ان جا عضوا ڪپيا آهن، ان کي انگهہ چئبو آهي، (سخت عذاب جي علامت)، ۲۴. جسم، بدن، ۲۵. منت يا نذر (جي طور) مڃي، پنهنجي ذمي لڳائي، ۲٦. ڊپ، ۲۷. خطرو، مشڪلات، رنڊڪ، ۲۸. پنڌ ڪري، ۲۹. جامَ ڪي، سردارَ يعني پنهونءَ کي، ۳۰. پهتوين، ۳۱. ورَ نہ پون= نہ هٿ اچن، نہ ملن، ۳۲. پلي، ۳۳. جن جا، ۳۴. سفر تي ويل، وڃڙيل.

وائي ١

لوچ[1] ڏا[2] وي بَلوچَ ڏا، ميرا[3] مَن[4]،
پِيرَان[5] نُون[6] سَڏِينديَان[7]، سَگر[8] پَتيِديَان[9]،
اَلاَ هو[10] آڻ مِلائيين[11] پُنهُون[12] کيچ[13] ڏا.

وائي ٢

هوتَ[14] سي هلڻَ[15] هارا، جيڏيون[16] کيئن کَريان آئون اُن سين،
کوءِ[17] پلنگ[18] بَنِ[19] مازِيون[20]، کين[21] تيزمِ[22] کارا[23]،
سُونهن[24] سُپيرين[25] جا، آتڻ[26] وٺ اوتارا[27]،
آهِيان پَٽ[28] پُنهونءَ جي، کَنديس کُنر[29] کارا،
پير[30] مَ چَڏج پرينءَ[31] جو، هَي هي[32] هَٺَ[33] اسارا[34]،
کيچين[35] کَرهہ[36] پَلاڻيا[37]، مَيا[38] سي تنئزمِ مارا[39]،
ساري[40] سُپيرين کي، رُوندا سي نيڻ[41] ويچارا،
اَنڌين[42] آسر[43] آهيين، موتج مُحب[44] موچارا[45]،
وبنو ڏي ڏکيءَ[46] کي، پُنهلُ جامُ پُوچارا[47].

---

١. بلوچ، ٢. جو، ٣. منهنجو، منهنجي، ۴. دل، ۵. پيرن، مرشدن، ٦. کي، ٧. سڏيان ٿي، ٨. سگر تي، رستي يا واٽ تي، ٩. هلان ٿي، ١٠. الا هو، اي الله، ١١. واصل ڪرائين، ڏيکارين، ١٢. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ١٣. رياست مڪران ۾ هڪ مشهور شهر جتي پنهون رهندو هو، ١۴. پنهون ءَ ان جا مائٽ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. پنهون ان قبيلي مان هو)، ١۵. هلڻ هارا= وڃڻ وارا، ١٦. اڙي جيڏيون، اي سرتيون، ١٧. ڪڏ ۾ پون، نہ گهرجن، ١٨. واحد پلنگَ، کٽ يا چارپائيءَ جو هڪ قسم، وڏي کٽ، چپر کٽ، ١٩. بَنَ ۾ (پون)، نہ گهرجن، ٢٠. محلاتون، مڪان، اڏاوتون، ٢١. ڪاڏا، ڪاڄ، طعام، ٢٢. مون کي ٿئا، ٢٣. ڪسارا، ڪڙا، اڻ وڻندڙ، ناپسند، ٢۴. سهڻا لڳن، وڻن (دل کي)، ٢۵. محبوبن، ٢٦. اها جاءِ جتي زالون سٽ ڪتين، ٢٧. ماڳ، هنڌ، ٢٨. پٽ تي، واٽ تي، گس تي (ڳولا ۾) ٻي معنيٰ پرٽ، ڌوبڻ، ٢٩. ڪپڙن کي رڱڻ لاءِ ڪنين يعني ڌوٻين جي دڪانن تي ٺهيل کُن يا کڏ جنهن ۾ رنگ هڻڻ لاءِ ڪپڙا وجهبا آهن (کنديس ڪنر ڪارا= کُنرنِ ۾ ڪارو رنگ وجهنديس)، ٣٠. پير جو نشان، پيرو، ٣١. محبوب، ٣٢. هاءِ هاءِ، افسوس، ٣٣. اي بدن يا جسم، ۴۴. نستا، ضعيفَ، بي وس، غافل، ٣۵. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهونءَ جي ڀائرن، ٣٦. اٺَ، ٣٧. پلاڻ رکي هلڻ لاءِ تيار ڪيائون، ٣٨. اٺ، ٣٩. مارينڌڙ، ۴٠. ياد ڪري، ۴١. اکيون، ۴٢. انڌين جي، نابينائن جي، ۴٣. آسرو، آڌار، ۴۴. محبوب، ۴۵. سهڻا، ۴٦. ڏک جي ماريل يا ستايل، ۴٧. دلاسا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر آبِڙِي

داستان اَئون

١

ڏوريَ[1] ڏوري ڏيهه[2]، ٿَڪِيَسِ[3] ٿورو[4] لاءِ[5] مُون[6]،
اُوچا[7] پاهڻ[8] پَٻَ[9] جا، چَپَرَ[10] ڪونهي چيهه[11]،
هِڪُ پاهڻُ پِيو پَرڏيهه[12]، موٽُ سَباجَها[13] سُپِرِين[14].

٢

يَاپاٽِي[15] ٿي پور[16]، پُنيءَ[17] ڪيچِين[18] ڪَڪَرا[19]،
لاَنچِي[20] لَڪُ[21] لطيف چئي، اُٿي ڏُونگرُ[22] ڏور[23]،
رائو[24] مزوئي[25] رَتَ سين، ڪارڻ[26] ڪانڌَ[27] ڪُور[28]،
جَتَ[29] وَڄي ٿو جور[30]، اُپڙُ[31] تہ اوڏي[32] ٿيين.

٣

جُتَ[33] پِتي[34] پُهه[35] جهنگ[36]، هاڙهي[37] پُڄ[38] ۾ هوتَ[39] کي،
سُور[40] سُبيلي سَسُئي، لَڪُ[42] تَهين[41] سين لنگهه[43]،

١. جهاڳي، ڊونڊي، ڳولي، نهاري، ٢. ملڪ، ديس، ٣. بيزار ٿيس، ڪِڪ ٿيس، ورچي پيس، ۴. احسان، مهرباني، ۵. ڪر، ٦. مون تي، ٧. بلند. مٿاهان، اُتان اُتاهان، ٨. ٽَڪَرَ، جبلَ، ٩. سنڌ پرڳڻي جي اولهه طرف هالار جبلن جي ڏکڻ واري قطار جو نالو، ١٠. ڇپر جو، جبل جو، ١١. انت، ڇيڙو، ١٢. ڌاريون ملڪ، پرديس، ١٣. ٻاجهارا، رحمدل، ١۴. محبوب، ١۵. وڏيءَ سرت ۾ همت واري، ١٦. يڄ، ذرا ذرا ڪر، ١٧. پٺيان، پويان، ١٨. ڪيچين جي، ڪيچ جي رهاڪن جي (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ١٩. ننڍا پٿرَ (ڪڪرا پورڻ= جبل ۾ هلڻ)، ٢٠. ٻڌي، ٢١. چيلهہ، ڪمر، ٢٢. جبلَ، ٢٣. جهاڳ، نهار، ڊونڊ، ٢۴. جبل جي واري، جبلَ، ٢۵. واسطي، ڪاڻ، لاءِ، ٢٦. سمورو، ٢٧. مڙس، يتار (پنهونءَ)، ٢٨. ڳاڙهو ڪر، ٢٩. اوٺي، اٺن وارو، پنهون، ٣٠. جورَ سان، ڏاڍَ سان، زبردستيءَ سان، ٣١. (تکو) پنڌ ڪر، وک وڌاءِ، ٣٢. ويجهي، ٣٣. جَتَ ڪي، ساٿيءَ ڪي، مددگار ڪي، جوڙيوال ڪي، ٣۴. هٿ ڪري، ٣۵. گهڙ، داخل ٿيءُ، ٣٦. جهنگَ ۾، بن ۾، ويراني ۾، سُڃ ۾، ٣٧. هاڙهي ۾ (هاڙهو= لس ٻيلي جي اولهه ۾ جبلن جي هڪ قطار)، ٣٨. ڳول يا نهار (اڪيلو)، ٣٩. محبوب (پنهون)، هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون سسئيءَ جو محبوب ان قبيلي مان هو، ۴٠. تڪليف، ڏک، ۴١. سچو حامي، سٺو مددگار يا همراهہ، ۴٢. جبل، ۴٣. پار ٿي، اُڪري وڃ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُپيرِيَان[1] جي سَنگ[2]، مُنڌَ[3] ميڙائو[4] تو[5] ٿِئي.

(۴)

جُتَ پِٽي پِهُه جَاتَ[6]، هَاڙهي پُڄُ مَ هوت کي،
لَکَنِ[7] ۾ لطيفؒ چئي، ٿِيندءِ پير[8] پَيمَاتَ[9]،
چَڏِ مَ گَسُ[10] گُنگَنِ[11] جو، وَٽُ اُهَائِي وَاٽَ،
گُوڏَنِ[12] وَرَايا[13] گَاتَ[14]، تُون پَڻِ هَلِجِ تَکِڙي.

۵

اَجَا تُون اَوَاٽَ، وَاٽَان[15] پَاسي[16] ويسري[17]،
سُونهِين[18] ٿِيءُ سُوَاٽَ[19][20]، تَہ مَنجَهان دِلِ[21] دُکُ لهي[22].

٦

سُونهَان[23] چَائِين سُڌِ[24] نَہ[25] ڏِينِ، سَسُئِي پُڄُ مَ سي،
مَتَان توهِين[26] کي، وَاٽَان وِرسَائِين[27] کِي.

(۷)

سُونهَان چَائِين سُڌِ نَہ ڏِينِ، کونَہ سُجِي[28] سونهون،
دُکَائي[29] دُونهُون[30]، وَٿَان[31] مُون وَاٽَ[32] ٿِئا.

---

۱. سپرينءَ پرينءَ، محبوب. ۲. سنگ سان، ساٿ سان، سٿ سان، جماعت سان. ۳. اي مُنڌ، اي زال. ۴. ميلاپ، گڏجاڻي. ۵. تنهنجي. ٦. جاٽ ۾، پنڌ ۾، واٽ ۾. ۷. جبلن ۾. ۸. قدم، پکّ. ۹. چيهون، ذرا ذرا، زخمي. ۱۰. واٽ. ۱۱. جيکي ڳالهائي نہ سگهن، بي زبانن يعني اٺن. ۱۲. جوڌن، پهلوانن (اٺن ڏانهن اشارو). ۱۳. ڦيرايا. ۱۴. ڪنڌ (ڳاٽ ورايا= هلڻ شروع ڪيو). ۱۵. غلط واٽَ يا راهہ تي هلندڙ، گمراهہ. ۱٦. واٽ يا رستي کان. ۱۷. پري، دور. ۱۸. اي ويسري، اي غافل. ۱۹. واقف. ۲۰. سُواٽَ جي، سڌيءَ واٽ يا راهہ جي. ۲۱. درد، سور، فڪر، ڳڻتي. ۲۲. دور ٿئي. ۲۳. ڄاڻو، واقف ڪارَ. ۲۴. چوائين، سڏائين. ۲۵. خبر، ڄاڻ. ۲٦. تو. ۲۷. گمراهہ ڪن، مُنجهائين. ۲۸. پڌري، موجود آهي. ۲۹. ٻاري، جلائي. ۳۰. ٻرندڙ ٻاهہ مان نڪرندڙ هوا، دُود، هلڪي باهہ (دکائي دونهون= [محبت جي] باهہ ٻاري). ۳۱. ڪان. ۳۲. واٽ ٿئا= هلئا وئا.

٨

اوجهڙ[1] اَسُونهن[2]، ڏيهُہ[3] گهٽوئي ڏورئو[4]،
سَگرِ[5] رِءَ[6] سُونهَن[7]، پَهتي ڪانہ پَنڌُ ڪَري.

٩

ويهُہ مَ وِسَاري پُڇَا[8] ڪَرِ مَ پَنڌَ[9] جي،
نِرمَلُ[10] نِهَاري، هَلَندِن[11] تَان[12] نَہ هَٿ ڪِئو.

١٠

پُڇِين[13] جَان[14] بَروچ[15]، تَان[16] پَاسي[17] ڪَرِ پَرهيزَ[18] ڪَي،
جَنِ ڏِنو هوتُ[19]، تَنِ ڏِينَ[20] سَيِئي دُور ڪِئا.

١١

پُڇيوءِ[21] تَہ پُور[22]، نَان تَہ پُڇَڻُ هوءِ[23] نَہ پِرِينءَ کي،
ڏورَڻَ[24] وارِيُون ڏُور[25] هَنڌِ[26] نَہ آهين هوتَ ڪي.

١٢

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جَنڌهين تَنڌهين پِرِينءُ ڪي،
ڏورِينديُون ڏِسَنِ، اڱَڻَ[27] عَجيبَن[28] جَا.

---

١. اوجهڙ ۾ قاتل، خراب ۽ منجهائيندڙ رستي تي هلندڙ. ٢. ناواقف (عورتن) ، رهبر يا سونهين کان سواءِ. ٣. ملڪ. ۴. جهاڳيو، ڳوليو. ۵. سڳرَ تي، گس تي، واٽ تي، سڳر تائين، سات تائين، منزل تائين. ٦. سواءِ. ٧. واقف ڪارن، رهبرن، مرشدن. ٨. پڇا ڪر= خبر وٺ، جاچ لهہ. ٩. منزل، مفاصلي. ١٠. پاڪ، صاف، نيڪدل، محبوب. ١١. ڳولي، ڍونڍي. ١٢. رلندڙن، ڪهمندڙن ڦرندڙن. ١٣. ڳولين، تلاش ڪرين. ١۴. جيڪڏهين. ١۵. بلوچ پهون سسئيءَ جو محبوب. ١٦. تہ پوءِ. ١٧. پري، دور (پاسي ڪر= ڇڏي ڏي، ترڪ ڪر). ١٨. رڪَ، ڪري، تقوي. ١٩. محبوب پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٠. ڌرمَ، مذهبَ، پنٿَ. ٢١. (جيڪڏهين) پڇا ڪرين ٿي يا ڳولين ٿي. ٢٢. پنڌَ ڪرَ (محبوب ڏي) رڙهہ يا اڳتي وڌ. ٢٣. ٿيندو يا هوندو. ٢۴. ڳولڻ. ٢۵. پري. ٢٦. اصل، هرگز. ٢٧. گهرن جا اَحاطا، صحن، آستان، رهڻ جا هنڌ. ٢٨. محبوبن.

۱۳

ڏُورِ[۱] مَ تُون ڏوريجِ[۲]، صَبُرُ[۳] ڪَرِ مَ سَسُئِي،
پُرَڻُ[۴] چَڏِ پيرَنِ[۵] سين، وهَڻُ وِسارِيجِ[۶]،
سَڏُنِ[۷] جَا سَيَدُ رح چئي، لاڳاپا[۸] لاهِيجِ[۹]،
هِنين[۱۰] سَاڻُ هَلِيجِ، پَنڌُ[۱۱] پَاسي پَرِ[۱۲] نِبري[۱۳].

۱۴

سَؤُ ڪُوهَنِ[۱۴] سَيَڪَا[۱۵] ڪَرِي، تُون ڪُهِي[۱۶] ڪَٽِجِ وِڪَ[۱۷]،
تَاڻِجِ[۱۸] مَ مَنجهَان تِڪَ[۱۹]، پَنڌُ پَاسِي پَرِ نِبرِي.

۱۵

ڪُهِي[۲۰] جَا ڪَنيَائِين، تَنهِين وِڪَ وِيجهِي[۲۱] ڪِي،
چِڪِي[۲۲] چِنَائِين[۲۳]، پَنڌُ مِڙُوئِي پَبَ[۲۴] جو.

۱۶

ڪُهِجُ[۲۵] مَ اُجَان[۲۶] ڪيهَہ[۲۷]، گَرِدَ[۲۸] پَسُ[۲۹] گُنگَنِ[۳۰] جِي،
ڏُکِي[۳۱] مَنجهَان ڏيهَہ[۳۲]، نِڪِرُ نَانهِہ[۳۳] ڪُلهِي[۳۴] ڪَري.

---

۱. پري. ۲. ڳولج، نهارج. ۳. ماٺ، سانت، خاموشي. ۴. هلڻ، پنڌ ڪرڻ. ۵. قدمن. ۶. ڀلائي ڇڏج، دل تان لاهي ڇڏج. ۷. خواهشن، تمنائن. ۸. تعلق، ناتا. ۹. ترڪ ڪج، ٽوڙي ڇڏج. ۱۰. دل. ۱۱. مفاصلو، سفر يا مسافري (عشق جي). ۱۲. پاسي پر= پاسي ورائڻ يا چورڻ سان يعني تمام ٿوري وقت ۾، گهڙيءَ ساعت ۾. ۱۳. پورو ٿئي، ختم ٿئي. ۱۴. واحد ڪوهہ، پنڌ جي ماپ جو هڪ ماپو، ٻن ميلن جو مفاصلو. ۱۵. سيئي (ڙالون)، هر هڪ ڙال. ۱۶. اي ڪهي، اي ٽڪلَ، اي ماندي. ۱۷. هڪ وک يا هڪ قدم (صرف). ۱۸. (پنڌ کي) ڇڪج. ۱۹. تيزيءَ، چوهہ. ۲۰. ٿڪجي، ڪڪ ٿي، بيزار ٿي. ۲۱. (محبوب کي) اوڏي، نزديڪ. ۲۲. سَٽ ڏيئي. ۲۳. ختم ڪيائين. ۲۴. سنڌ صوبي اولهہ طرف هالار جبلن جي ڏکڻ ۾ واقع جبل. ۲۵. ٿڪج. ۲۶. جاڻ تہ. اِجها هيءَ. ۲۷. مٽي، خاڪ، پٽي. ۲۸. غبار، دزَ، پٽي. ۲۹. ڏس. ۳۰. نہ ڳالهائيندڙن، بي زبان جانورن يعني اٺن. ۳۱. ڏک جي ستايل، تڪليف ۾ مبتلا. ۳۲. ملڪ، ديس. ۳۳. نيستي، نابودي. ۳۴. پاڻ سان کڻي (ڪلهي تي يا ڪنڌ تي رکي).

١٧

اِيءُ ڪَمُ[1] ڪوهِيارَنِ[2]، جيئَن ڪُهيُون[3] ڪَٽَنِ پَاڻ سين،
اَڏَرَ[4] نڏَرَ پانهنجي، سَڀِ نَبَاهيو[5] نينَ[6]،
چَڏِيو وَجو چِپرَنِ[7]، هيئَن تان هوتَ[8] نَہ ڪَنِ،
ڏُونگَرَ[9] مَنجهہ ڏيَنِ، دِلاسا[10] دَرمَانديِنِ[11].

١٨

ڪِ[12] ڪَي[13] ڪَڙيَان[14] پيِرَ[15]، ڪِ ڪَڙهَان[16] ڪيچَ ڌَڻيِنِ[17] ڪي[18]،
اِيءُ ڏَنءُ[19] ڏيئي ڏيرَ[20]، پَاڻان[21] پَراهَان[22] وِئا.

١٩

ڪَڙهہ پَڻِ ڪيچَ ڌَڻيَنِ ڪي، ڪَڙِ پُڻِ پيرَ سَندَانِ[23]،
اِنهيءَ پَرِ[24] اُتانِ[25]، پُونديِنءَ مُنڌَ[26] پَهاڙَ[27] ۾.

٢٠

ڪَڙهي ۽ ڪَڙي، پَرِ[28] ۾ پيرُ پُنهُونءَ جو،
سِڪَ[29] بَڌائين سَندرو[30]، جَانبَ[31] لاءِ جَڙي[32]،
لَڪَنِ[33] سِرِ[34] لطيف (رح) چَئي، مُنڌَ جهيڙي[35] ۽ جَهڙي[36].

---

١. فرض، ذميداري، ٢. ڪوهہ يعني جبل ۾ رهندڙن (سسئيءَ جي محبوب پنهون ڏانهن اشارو)، ٣. ٽڪلون، ضعيف يا ڪمزور (زالون)، ۴. بنان آڌارَ يا ٽيڪ، بي واهيون، بي وس، نڌر، بي سهاريون، ۵. پڄاڙيءَ تائين سات ڏيو يا دوستيءَ جو حق ادا ڪيو، ٦. ونيو وڃن (پاڻ سان)، ٧. ڇپرن ۾، جبلن ۾، ٨. محبوب، سڄڻ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو اهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيل جو هو)، ٩. جبل، ڇپر، ١٠ آسرا، ڏڍ، آٿت، ١١. درماندين کي، پريشان يا بي واهين يا بي وس يا مجبور (عورتن)، کي، ١٢. يا، ١٣. ڪجهہ، البت، ١۴. ليکيان، نهاريان، ١۵. (پنهونءَ جي قافلي جي) پيرن جا نشان، ١٦. فکر يا ڳڻتي ڪريان، ١٧. ڪيچ جي مالڪن يعني سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن، ١٨. لاءِ، ١٩. ڏکَ، عذابَ، ڏنجهہ، جَلَ، ڪام، ٢٠. مڙس جا ڀائر، ٢١. پاڻ خود، ٢٢. ڏور، پري، ٢٣. انهن جا، ٢۴. ريت، ٢۵. انهن تي، انهن جي مٿان، ٢٦. اي منڌ، اي زال (سسئي)، ٢٧. جبل، ٢٨. ڳجهہ ڳوهہ ۾، ٢٩. سڪ جو، محبت يا پيار جو، ٣٠. چيلهہ کي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙو يا پٽو (چمڙي جو)، ٣١. محبوب، ٣٢. چڳيءَ طرح، ٣٣. جبلن، ٣۴. سان، ٣۵. جهيڙو ڪري، ٣٦. ڏک يا ارمان ڪري.

پَٽِيءَ[1] تَان[2] نَہ پَڙِي[3]، جِي[4] عُمرِ[5] سَبَ[6] ايئَن ڪَري.

٢١

لُچِي[7] ڪِينَ ڪُچِي[8]، آتِي[9] مُنڊَ[10] اَندوهَہ[11] ۾،
پَرِ[12] ۾ پِيرُ[13] پُڇِي[14]، لاَلَڻَ[15] جو لطيف چئي.

٢٢

اُجهي[16] مُنڊَ اَوبَرَ[17]، اَنَ ئي پَهرَ* آتَ[18] ۾،
وِيَسَ وِيرِيَپُو[19] ڪَري، ڏُونگَرُ[20] چَڙي ڏيرَ[21]،
لَڙِئي[22] سِجِ[23] لطيف چئي، پَبَ[24] نِهارِي پيرَ،
ڪَهِي[25] جا ڪُويرَ، سَا[26] هَادِي[27] مِيڙِيِين[28] هوتَ[29] ڪي.

٢٣

بَلَرِ[30] لَڳو بَاڻُ[31]، پَسو[32] جو ءِ[33] ذرا[34] تي،
سَا مُنڊَ مَري نَہ جِيئي، پِيئي پَچَارِي[35] پَاڻُ،
سَسُئي سُورَنِ[36] سَاڻُ، سَنِيوڙِي[37] سَيَدُ چئي.

٢٤

تَڪُ[38] تَہ تِيين ٿَانءِ[39]، پَهتِي ڪَانَہ پَنڌُ ڪَري،

---

١. پٽيءَ سان، (پنهونءَ، سسئيءَ جي محبوب جي پيرن جي) خاڪ يعني مٽيءَ سان. ٢. مرڪز. ٣. برابر ٿئي. ۴. جيڪڏهين. ٥. حياتي، جمار، زندگي. ٦.سموري، سڄي. ٧. ڦتڪي، تڙپي. ٨. شڪايت ڪري. ٩. ڳري، نجهري. ١٠. زال، عورت (سسئي). ١١. غم، ڏک، فڪر. ١٢. ڳجهہ ڳوهہ ۾. ١٣. پير جو نشان. ١۴. ڳولي، نهاري. ١۴. محبوب پنهونءَ. ١٦. رلي، ڀٽڪي. ١٧. اوير ٿائين، دير ٿائين، *انئي پهر= سڄو ڏينهن ۽ رات. ١٨. خرابَ واٽَ، منجهائيندڙ يا ڏکئي رستي. ١٩. دشمني. ٢٠. ڏونگر ۾، جبل ۾. ٢١. مڙس جا پائر. ٢٢. لهڻ يا غروب ٿيڻ وقت. ٢٣. سج جي. ٢۴. پب (جبل) ۾ (سنڌ جي اولهہ ۽ هالار جبلن جي ڏکڻ ۾ جبلن جي قطار کي پب چوندا آهن). ٢٥. هلي، پنڌ پئي. ٢٦. دير سان. ٢٧. اي هادي، اي رهبر. ٢٨. ملائيين. ٢٩. محبوب پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي جو هو). ٣٠. ٻلر کي (ٻلر= ٻارڙي، ننڍڙي ڇوڪري، ننڍي جوان زال يعني سسئي). ٣١. (عشق جو) تير. ٣٢. ڏسو. ٣٣. زال. ٣۴. ٽڪر يا ڳيا (گوشت جا). ٣٥. پتوڙي، ڪشالا ۽ تڪليفون ڪري. ٣٦. ڏکن، تڪليفن. ٣٧. سنبريل، تيار ٿيل. ٣٨. ڪهج، (پنڌ ڪري ڪري) ماندي يا عاجز ٿيءُ. ٣٩. ٿانءَ يعني ٿان پيڙي، ماڳائٽي، منزل پيڙي يا منزل حوالي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي لاَلَڻ[1] هَنيُون لاَءِ[2]، مَنجَهان حُجَ[3] هَلَڻِ[4] جي.

٢٥

تَڪِيائي[5] تَرُ[6] تيلهه[7]، چَڙهه[8] چُڪِيائي چوٽِين[9]،
هَلَندي هوتَ[10] پُنهون ڏي، پَئوَ[11] مَڙئِي[12] پِيلِ[13]،
اُتِي رائو[14] ربلِ[15]، وِيَنِ تان واري[16] وري.

٢٦

پَسو[17] پَراوَن[18]، سُورَن[19] آڏي سَسُئِي[20]،
پُرايا[21] پَنهنجَنِ، وِجهن وِچاري تي.

٢٧

سُورَ ڪنهن[22] مَ سَلُ[23]، مَچُڻ جِيبَ[24] جَراتَئِين[25]،
هَڏَ[26] ڪَرنگهَرُ[27] مُڪُ، مَنجهِئي[28] مَحوُ[29] ٿِيي.

٢٨

ڪُجَاڙو[30] ڏيئي، آئون مُزَندي[31] پِرينءَ ڪي،
سَرُ[32] تي سُنتَ[33] پانيان، سَچِيندَيس[34] سوئي،
اوڙَڪِ[35] اُهوئي، وِجهنديس پيش[36] پُنهونءَ جي.

---

١. محبوب، سڄڻ، ٢. "لا" ۾، نيستيءَ ۾، عدم ۾، نابوديءَ ۾ (هنيون لاءِ= نيست يا نابود ڪيون)، ٣. گستاخيءَ، گهرائپ، ٤. رَوش اختيار ڪن، ٥. ٽڪ واري حالت ۾، ٦. رڻ پٽ، ريگستان، جابلو علائقو، ٧. (ٿر ۾) پنڌ ڪر يا اڪتي وڌ، ٨. ٽڪل، ماندي، ٩. (جبل جي)، چوٽين تي، ١٠. محبوب پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١١. خوف، خطرا، ١٢. سڀيئي، ١٣. نابود ڪر جيئڻ جانور يوڪ ڪي ڪائي ناس ڪندا آهن، ١٤. جبل جي ريتي يا سنهي واري، جبل، ١٥. الٽ پلٽ ڪر، اٿلاءِ، (رائي ۾) پنڌ ڪر، ١٦. ريتي (واري وري = ريتي چڙهي وجي)، ١٧. ڏسو، ١٨. پرائن جي، ڌارين جي، ٻين جي، ١٩. سورن کي، تڪليفن کي، دردن کي، ٢٠. رنڊڪ وجهندڙ، روڪيندڙ، پنهنجي پاڻ تي وسائيندڙ، ٢١. پارايا، ڌوراپا، ٢٢. ڪنهنکي، ٢٣. ٻڌاءِ، ٢٤. جيڀ کي، زبان کي، ٢٥. توءِ ڏئين (عشق جي درد جي ڳالهه ظاهر ڪرين)، ٢٦. پنيءَ جو ڪندو يا هڏو، هڏن جو پڃرو، بدن جو ڍانچو، ٢٧. هڏن جي چرٻي يا وَهُه، هڏن ۾ اندر طاقتور ڳودو يا مادو، ٢٨. اندر ۾، ٢٩. گم، ناس، فنا، ٣٠. ڇا، ٣١. ملندي، ٣٢. مٿو، سِسي، جان ۽ جسم، ٣٣. نذرانو، ڀيٽا، ٣٤. آڇينديس، نذرانو ڏينديس، ٣٥. بالآخر، نيٺ، ٣٦. اڳيان.

٢٩

جَان سَامَاٽِينءَ سَسُئِي، تہ وِيسُ وِڙَنِ جو ڪَرِ،
لائِي لُنگُ لطيف چئي، تِيءُ بيڪارِياٽِي بَرِ،
تہ ويندي پَوي وَرِ، اگِيَان هوتُ حُضُورَ ۾.

٣٠

سَسُئِيءَ کي سَڏ تئو، اَسَان اولاٽُو،
پَنڌُ نَہ پِجَاٽُو، اڻَ ڪونِي ڪَان ڪَري.

٣١

سُڻ تون سَنگَ نہ وَاتَ، پَانِيڻ پَروچَن سين،
ليڙَنِ ڏَٽِي لَجَايا، ڪَاهِيَائُون ڪَنوَاتَ،
جُهوتي ڏيئي جَهَاتَ، سَبَبَ اِنَ سُتي وِئَا.

وائي ١

وَجي وجي تِينديَاس وِجهِي وِجهِي، پَسڻَ ڪَارَڻ پِرينءَ جي وو،
آڏا ڏُونگرَ لَڪيُون، موتِ مُحبَ مَجيجي وو مَجيجي،
پُڇَان وَاتَ پَنهوارَ تو، پَيَڙَ آهِيَان بِيجي وو بِيجي.

١. جنهن صورت ۾. ٢. پيدا ٿي آهين. وجود ۾ آئي آهين. پڇي راس ٿي آهين. ڪمال کي پهتي آهين. ٣. لباس. پوشاڪ. ۴. واحد وڙ= بدچال. ڪميڻو. بي شرم. ۵. بڌي. ٦. لانگوٽو. ڪڇو. چوتو. گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو (لنگ لائي= سنبري. تيار ٿي). ٧. فقيرياڻي. پنڻي، پرديس ۾ پنندڙ. فقيراڻو لباس پائي گهمندڙ. ٨. بر ۾. رڻ پٽ ۾. جبل ۾. ٩. ور پوي= ملي. هٿ چڙهي. حاصل ٿئي. ١٠. محبوب پنهون (هوت. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١١. دربار. ڪچهري. ١٢. ڪوٺ. طلب. پُڪار. آواز. ١٣. اسانکي. ١۴. روڄ رنڄ. ڪٺتي. پور. پار کي نند ڪرائڻ لاءِ لولي. ١۵. مفاصلو. ١٦. هلڻ جي لائق. آسان. ٿورو. محدود. ١٧. اڻ ڪوني= بنان سڏ يا طلب يا ڪوٺ. ١٨. ٻُڌ. ١٩. تنهنجي. ٢٠. سنگ جي. عزازت جي. مائٽيءَ جي. ٢١. رشتو. ناتو. ٢٢. اي پانيڻ. اي سسئي (جيڪا اصل پانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي). ٢٣. بلوچن. پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن. ٢۴. ليڙن جا. انن جا. ٢۵. مالڪ يعني پنهون ۽ ان جا مائٽ. ٢٦. شرمسار ٿيا. ٢٧. هڪلي وٺا. ٢٨. (نوجوان) اُٺَ. ٢٩. جهوتي ۾. ننڊ ۾. ٣٠. جلدائي. تڪڙ (جهات= جلدائي ڪري). ٣١. جي ڪري. ٣٢. لڄ يا شرمساري ڏانهن اشارو آهي. ٣٣. آئون ٿينديس. ٣۴. راز محرم. حال کان واقف. ٣۵. اي پنهوار. اي ڏُنار. (جيڪو سسئيءَ کي رستي ۾ مليو هو ۽ مٿس عاشق ٿيو). ٣٦. توکان. ٣٧. زال. جوءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَا نَہ هَلَندِي هوتَ[1] ذِي، پِيءُ[2] تَنهِين جو پَاجِي[3] وو پَاجِي،
نَمرُ[4] گهُرجي نينهَن[5] جو، آهِيان آئُون[6] اَروجي،
ڪَرَهَا[7] ڪيچ[8] ڏَٽيَن[9] جَا، جوڙي[10] مَنجهه جَمَازِي[11]،
وِيندِيَس تَهِين وَرَ[12] ذِي، آهِيان زَالَ[13] جَهِين جي،
جَا نَہ پُرَندِي[14] پِرينءَ ذِي، سَا تَان مِلڪَ[15] مَيِّ[16] جِي.

وائي ٢

مُون ڪي جَهَلَ[17] مَ پَايو[18]، جيڏِيُون[19] آئُون هَلَندي هوتَ ذِي،
هِيءُ جو بَارُ[20] پِنيُورَ[21] جو، لونِيءَ[22] تَان سَڀِ لاَهيو،
آهي عَاجِزِن[23] تي، سُپِيرِيَان[24] جو سَايو[25]،
ڪِين وِهنديَس ڪُندَ[26] ۾، نَہ مُون[27] پَيءَ[28] نَہ پَايو[29]،
ڪُنَلِ[30] ڪَجَائَن[31] ۾، چَاڙهي هِيءَ هَلاَيو،
وِهَاري وَطَن ۾، شُهدِيءَ[32] ڪي مَ سِڪَايو،
مُنهِنجو پَنڌُ[33] پِرينءَ[34] ذِي، رِبِّي[35] تَان مَ رَهَايو[36].

وائي ٣

هوتَ بَاروچِي[37] سَاڻُ، جيڏِيُون جيڏِيُون مُنهِنجي جِيءَ[38] جُون ڳالهيُون،

---

١. محبوب، پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو اهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. والد، ابو، بابو، ٣. نيچ، گهٽ درجي وارو، ڪميڻو، ۴. پاٽي، آلاڻ، ريج، ۵. عشق، ٦. ريج ڪان سواءِ، خشڪ، سڪل، ٧. اٺَ، ٨. ڪيچ جي (ڪيچ، مڪران رياس جو هڪ شهر آهي پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٩. مالڪن، ١٠. جوڙي منجهہ= جوڙو جوڙو يعني ٻہ ٻہ ٿي (هلندڙ)، ١١. اوٺي، پانڌيڙا، ١٢. مڙس يا ڀتار، ١٣. جوءِ، ١۴. هلندي، ويندي، ١۵. ملڪيت (زال)، ١٦. مهاٽي، ١٧. روڪ، ٻل، رنڊڪ، ١٨. وجهو، ١٩. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢٠. جوابداري، ميارَ، ٢١. ٺٽي ضلعي ۾ هڪ قديم شهر، سسئي ان شهر جي رهاڪو هئي، ٢٢. مٿن مائٽن ڪان سواءِ، بي عزت قص، سڙيل، جليلَ، ٢٣. بي وس، بي واهن، ٿڪلن، ٢۴. پرينءَ، محبوب، ٢۵. ڀاڇو، مهرباني، ٢٦. گوشي، پاسي، (ڪنڊ ۾ وهڻ= ماٺ ڪري وهڻ، همت هارڻ)، ٢٧. مون کي، منهنجو، ٢٨. پيرَ، بنياد، ٢٩. ٽيڪ، آڌار، ٿنڀ، ٣٠. ڪٺل ڪي، وڇوڙي جي ستايل کي، مصيبت جي ماريل کي، ٣١. واحد ڪجائو، ماٺهن وهڻ لاءِ اٺ تي رکيل ڪاٺ جي ڏولي، محمل، ٣٢. سڪندڙ، غريب، نماڻي، ڪميڻي، ٣٣. هلڻ، وڃڻ، ٣۴. محبوب، ٣۵. دلبو يا فريب ڏيئي، ٺڳي، ٣٦. ترسايو، ٣٧. بلوچَ (پنهون)، ٣٨. دل.

چَڙهي ڏُونگَرَ[1] چوٽِيُن[2]، پُرزا ڪَنديس پاڻُ[3]،
چُلّي[4] پيِنيَسِ[5] چِپَرين[6]، سَنگُ[7] تُنهنجي ساڻُ،
رُلّي[8] چُلّي چِپَرين، يارَ[9] وِچايُمِ جاڻُ[10]،
هَتّان[11] هَڏَ[12] نَہ چَڏيان، سَندو[13] نِينهَن[14] نِڌاڻُ[15]،
نَصِيبُ[16] ڪَرِ نَہ سُئيءَ[17] کي، پُنهُونءَ[18] اُنَ[19] وَٽاڻُ[20].

وائي ۴

پَلڪُ[21] نَہ رَهَي[22] دِلِ تو[23] ري[24]، وَرُ[25] مِيانَ[26] صاحِبَ[27] خانَ[28] بَلوچا[29]،
اُنَ چارِينديَس اُن جا، مَٿان سي ٽَڪَرَ[30] تُوري[31]،
ڏُکَ[32] لاهينديَس ڏيلَ[33] جا، ساڻُ عَجيبَنِ[34] اوري[35]،
ڪانگَ ڪيندَمِ[36] کيچَ جا، ماسُ[37] چنجَنِ[38] سان چوري[39]،
ڏيِنديَس ماهُ[40] مَرُنِ کي، مَٿان[41] ڪُلهَنِ ڪوري[42]،
آرِياڻي عَبدُاللطيفُ رح چَئي، سارَ لَهندَمِ سوري.

وائي ۵

مُون اَنڌيءَ ڏي اَجُ اِيندا، هوتَ سَلامَتَ سُپِرين،
سَنگَ نَہ ڪَندا سُڪَ سين، سُورَ سَگِيٽا تِيندا،

---

١. ڏونگر جي، جبل جي. ٢. چوٽين تي، بلندين تي. ٣. پنهنجو بدن يا جسم. ۴. ٽڪي، ٽلڪي، ٽولاڪا کائي. ۵. کهڙيس، داخل ٿيس. ٦. چيرن ۾، جبلن ۾. ٧. ناتي، تعلق، لاڳاپي. ٨. هلي، ٽڪي. ٩. اي يار، اي دوست. ١٠. هوش، سمجهہ، عقل. ١١. ھت مان، وس مان. ١٢. بنهہ، اصل. ١٣. جو. ١۴. عشق، محبت. ١۵. گهر، آستان. ١٦. ميسر، (نصيب ڪر= ڏيکار). ١٧. نہ سُئي= نہ ٻڌل، گم نام. ١٨. پنهونءَ جي (پنهون سسئيءَ جي محبوب جو نالو آهي). ١٩. اُن جو. ٢٠. آستان، وهڻ جي جاءِ. ٢١. گهڙي، ساعت، تمام ٿورو وقت. ٢٢. ٽڪي، ترسي، ماٺ ڪري، آرام ڪري. ٢٣. مَنُ. ٢۴. کان سواءِ. ٢۵. موٽ، واپس اچ. ٢٦. سردار، مالڪ، ڏٿي. ٢٧. دوست، ساٿي. ٢٨. سردار. ٢٩. اي بلوچ، اي پنهون. ٣٠. جبل. ٣١. ٿهلائي، هلائي، گهمائي. ٣٢. تڪليفون. ٣٣. بدن، جسم. ٣۴. دوستن. ٣۵. بيان ڪري، ٻڌائي. ٣٦. منهنجو کائيندا. ٣٧. گوشت، ماهہ. ٣٨. چنهنبن. ٣٩. پٽي، چني. ۴٠. جانورن. ۴١. تان، مان. ۴٢. ڪپي، وڍي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَرتِ[1] نِيندا[2] پاڻَ سين، چوري[3] تان نہ چَڏيندا،
پَلئي[4] لائي[5] پانهنجي، نَي[6] کي اُت نِيندا،
رِکي ڳُلُ[7] ڳِلَنِ[8] تي، نِينهَن نِياپو ڏِيندا.

وائي ٦

کِهَڙو سَنگَ[9] سِياکو[10]، هارِي[11] تَنِ هوتَنِ سين،
آئون هيڪلي حَبِ[12] ۾، نہ مُون مَٽُ[13] نہ کاکوُ[14]،
مُنڌَ پِيادِي پَنڌُ گهَٽو، نہ مُون اُٺُ نہ ناقوُ[15]،
هُوءَ جا پِکَ پُنهُونءَ جِي، چَتِيان[16] تنهن چُئاکوُ[17]،
پَسَڻَ ڏاران پِرِينءَ جي، فَقِيرُ[18] پوءِ[19] ۾ فاقوُ[20]،
چَڙهي نہ سَگهان چوٽِيين[21]، ڏونگر کونهي ڏاکوُ[22]،
پِرِينَ پُچَنديَس پَبَ ۾، وَڻَ وَڻَ وِجهنديَس واکو،
وِچُ[23] ۾ پوءِ وِصالَ ۾، لِکَ[24] ۾ پوءِ لِياکو[25]،
آرِيءَ جو آتَڻَ[26] ۾، پُچَنديَس پاڻَ پِهاکو[27].

وائي ٧

کا جا ڳالِه هُئي، بَاروچي جي مَنَ ۾،

---

١. ڏوہڻ، ڪنياٽي. ٢. وٺي ويندا. ٣. اها ڇوڪري جنهن جو ماءُ پيءُ مري ويا هجن. لاوارث. ۴. پلئہ سان. ڪپڙي جي پلاند يا چيڙي يا قميص يا چولي جي دامن سان. ۵. لڳائي (پلئي لائي= پاڻ سان گڏ). ٦. ڏوہڻ. ڪنياٽيءَ. ٧. ڳچي، گلو، ڪنڌ. ٨. ڳِٽن، رخسارن. ٩. مائٽي، دوستي. ١٠. عزازت. ١١. بي عقل، موڳي. ١٢. هڪ ندي جيڪا بلوچستان جي صوبي مان وهي اچي ڪراچي جي اولهہ ۾ عربي سمنڊ ۾ پوي ٿي. حب نديءَ واري ميدان. ١٣. مائٽ. عزيز. ١۴. پيءُ جو ڀاءُ. مائٽ. ١۵. اُٺ. ڏاچي. ١٦. زبان سان. چوسيان. پيان. ١٧. ڦڙو. ٿورو ذرو. ١٨. گداگر. مسڪين. غريب. ١٩. پوي. ٢٠. مفلسي. ڪنگالپڻو. لنگهڻ. ٻُکَ (محبوب جي ديدار جي). ٢١. (جبل جي) چوٽين تي يا بلندين تي. ٢٢. پير رکڻ جي جاءِ. پائدان. زينو. پوءِڙي. ٢٣. وٺي، ويچو، دير. ٢۴. ذرو. ٿورو. ٢۵. راز يا ڳجهہ جي پڌرائي. ٢٦. سُٽَ ڪتڻ واري جاءِ. محفل خاني. ٢٧. رستو. واٽ. صلاح. نصيحت.

سِر[1] سَنگھَر[2] پُر[3] پَتيين[4]، تُون جَا[5] لوڪَ[6] سُئيِ[7]،
سَسُئي سَنگھَر پَتيين، ڪير چَوَندو مُئي،
پَنڌُ ڪَريندي پِريَنءَ ڏي، ڪَڏهين ڪَا نَہ ڪُهي[8]،
آنَ[9] ڪَا ڏِني اوِنيا[10] ڪيرِنِ[11] پَاسُ ڪُهي.

وائي ٨

جيڏيُون آئُون تَان نَہ چَوَندي لو، ڏُکُ[12] ڏوراپو سَيڻِن[13] کي صَريحُ[14]،
سَنگَا[15] وَجَنِ سَرَتيون، مَنَتَ[16] موتَنِ مَان نَہ[17]،
پينَر پيٽي[18] حُجَ[19] جي، ڪوهيَاري سين ڪَانَہ،
سو تُون صَاحِبُ[20] آهيين، جو نَہ پيرَائيين[21] پَانَ[22]،
سُوالي[23] سَمَگَئا[24]، دَاتَا ڏيئي دَانَ.

وائي ٩

اَدَا زي ڏوتي[25] پُڇَان[26] تو[27] تي، ڪيچ رَسَنديَس ڪيئَن،
ڪو ڏَسُ[28] مُون ڏي،
نَہ آئُون سَمِي نَہ سُومِري، نَہ آئُون جَتِ[29] نَہ اوِني،

---

١. رڙهہ. پنڌ ڪر، هل. ٢. سنگھر ڏانهن (سنگھر جو مڪان پنيور کان اٽڪل ٦۴ ميلن جي مفاصلي تي جبلن جي گول قطار ءدائري اندر هڪ وڏو ميدان آهي جنهن ۾ جبلن جو قطارون زنجير وانگر ڪڙو ڪڙي سان آهن ۽ ڪندين جي وٽن جون قطارون بہ زنجير وانگر آهن. سسئيءَ ۽ پنهونءَ جون قبرون هن ميدان ۾ آهن). ٣. هَلُ، پنڌ ڪر، ۴. پٽين ۾، ميدانن ۾، ۵. جنهن صورت ۾، ٦. لوڪ ۾، ماڻهن ۾، ٧. بڌي، مشهور ٿي. ٨. ٿڪي، ماندي ٿي. ٩. اوهان. ١٠. واحد ڪيري، جابلو وڻ جو قسم. ١١. وٽ، پرسان. ١٢. شڪايت، ڏوراپو، اويالو. ١٣. سڄڻن، پيارن. ١۴. کُليو کلايو، ظاهر. ١۵. سڱ جي لحاظ کان، ناتي جي لحاظ کان (سنگا وجن= سنگ جي لحاظ کان ڪاوڙجيو وڃن). ١٦. منت تي، آزي نيازيءَ تي. ١٧.مان نہ= شال. ١٨. جاءِ، واٽ، حد، مجال. ١٩. دوستاني ناتي، گهرائپ، حجت، دعوي. ٢٠. مالڪ. ڌڻي. ٢١. موٽائيين، واپس ڪرئيين. ٢٢. پينو فقير، مڱڻهار، منگتا. ٢٣. سوالين کي، سائلن يا عرضدارن کي، گداگرن کي. ٢۴. نوازيو، راضي ڪيو. ٢۵. ڏٿ وڪڻندڙ يا ڏٿ کائيندڙ، جهنگل جي ٻين تي گذران ڪندڙ. ٢٦. معلوم ڪريان، خبر وٺان. ٢٧. تو کان. ٢٨. پتو، پارَ، سونهپ، سُڌِ # نہ سمن جي خاندان مان آهيان ۽ نہ سومرن جي يعني وڏ گهراڻي نہ آهيان. ٢٩. اٺ واري، جَتڙِ.

اُنهين منجهان آهيان، جي ٻانيڻ[1] پڙهن پوٿي[2]،
سنجهي وِتڙو سُپرين، ساجن پُڇان سو تي،
روبو چُئان رُجُن[3] ۾، هَيءِ[4] هَي هَٽ[5] ڪوهُ[6] تي،
هَلج هوتَ پنهونءَ ڏي، منجهان نينهن نڪو[7] تي،
آتڻُ[8] وِجهي آڳِ[9] ۾، منجهان جُوئِن[10] جوءِ تي،
پَريَت[11] تينديس پُنهون پُڇنديس، پَچاڙينديس[12] پوتي[13]،
هتان تي هوتُ وِئو، جَتُ پُڇين جو تي،
سنجهي سات پَلاڻئو، تو پَلاڻئو پوءِ تي.

واءِ ١٠

اوڏي[14] آيس جان[15] پرِيان جي پيچَري[16]، وِيجهي وندُر[17] جَن[18] وَرِن[19]،
مَدي[20] نه هُيَن مَن ۾، ڪيچان[21] ڪوهُ[22] اچن،
جي تو اوڏا ٻانيا، ڏونگر ڏور ڏسن[23]،
آٽي ٻَڏا اونيين[24]، موتي ڪي مَڻين[25]،
آٽي لاٽيون اونيين، لَڏون[26] پر[27] لَڪن[28]،
وِندُر وائِي جا وَهي[29]، مون کي سا نه سَلن[30]،

---

١. برهمڻ، مسر، هندن جا مرشد يا ٻاوا، ٢. هندن جو ڌرمي ڪتاب، ٣. بيابانن ۾، رڻ پٽن، ٤. هاءِ افسوس، ٥. هٽ کي، بدن کي، ٦. ڪوهه تي= ڇا تي ويو، ٧. صاف، پاڪ، اَڃي اُجري، موچاري، ٨. سٽ ڪتڻ جي جاءِ، زنان خانو، ٩. باهه، آتش، ١٠. زالن، ١١. ڏوٻڻ، ڪتياڻي، ١٢. (پٽ تي)، هٿنديس، سٽينديس، اڇلائينديس، ڏٺنديس، ١٣. زال جي مٿي تي اوڍڻ جي گندي يا چادر، چُني، ١٤. ويجهي، ١٥. شايد، ١٦. رستي، واٽ، ١٧. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، ڳوٺ ۽ هڪ نئين جو نالو، ١٨. جي، واري، ١٩. واٽن، رستن، ٢٠. برائي، بدخواهي، دغا، ٢١. ڪيچ ڪان (ڪيچ رياست مڪران جيهڪ شهر جو نالو آهي)، ٢٢. ڇو، ڇا لاءِ، ٢٣. ڏسڻ ۾ اچن، آهن، ٢٤. اٺن وارن، جتن، پنهونءَ جي ڀائرن، ٢٥. اُٺن، ٢٦. سامان، اٺن، تي لڏيل بار، ٢٧. وٽ، ٢٨. جبلن، ٢٩. جاري آهي، ٻڌجي پئي، ٣٠. ٻڌائين.

سُونهَنِ[1] سَنگهَر[2] پَٽيِن[3]، مَنَهَ[4] مَعْذُوريَنِ[5]،

مَرَڻ مُنهِنجي ڪَيْ[6] ڪِئو، هِيءُ پَهَ[7] پَاروچَنِ[8].

١. وٽن. ٢. سنگهر جي (سنگهر جو مڪان ڀنڀور شهر کان اٽڪل ٦٤ ميلن جي مفاصلي تي جبلن جي ڪول قطار ۾ دائري ۾ هڪ وڏو ميدان آهي جتي سسئيءَ ۽ پنهونءَ جون قبرون آهن). ٣. پٽين ۾. ميدانن ۾. ۴. جهوپڙا. پوتگا. ڪڪائان گهر. ۵. معذورين جا. بي وس ۽ ٿڪل عورتن جا. ٦. لاءِ. ٧. منصوبو. ارادو. خيال. ٨. ٻروچن. بلوچن. پنهونءَ جي پائرن.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُرِ مَعذُورِ

داستان پهريون

١

هَلَندي هوتَ[١] پُنهونءَ[٢] ذي، کُهجَنِ[٣] کي کوتِيُون[٤]،
پَهڻُ[٥] تَني پَٽُ[٦] تِئو، جي لَئي[٧] لاَلَڻَ[٨] لونِيُون[٩]،
سَڀ سُهَيلِيُون[١٠] سِڪ[١١] کي، چُنجهِيُون[١٢] ۽ چوتِيُون[١٣]،
ٻانيڻِ[١٤] تي ٻوتِيُون[١٥]، تَہ کُتَا[١٦] کينَئي[١٧] کيچَ[١٨] جا.

٢

کُتَا کينَئي کيچَ جا، سَندَا[١٩] جي پُنهُونءَ،
اگهِين[٢٠] هُوندَ[٢١] اَسُونهَن[٢٢]، جي[٢٣] جانَارِن[٢٤] ياد پِئِين[٢٥]،

٣

تَن پيئِي جانَارِن يادِ، جي پَارِئَلَ[٢٦] پُنُوهَه جامَ[٢٧] جا،
سَندِي[٢٨] لاَلَڻَ لاَذِ[٢٩]، مُبَيان[٣٠] پوءِ[٣١] مُنذَ[٣٢] تِي.

---

١. ويندي، بنذ ڪندي. ٢. محبوب (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو معشوق، پنهون ان قبيلي جو هو). ٣. ڪڪ ٿين، بيزار ٿين، تڪجن. ٤. نام نهاد عاشقياڻيون، ڪوڙيون، محبت کان خالي. ٥. جبل. ٦. (سڌو سنئون يا هموار) ميدانُ. ٧. لاءِ، واسطي. ٨. محبوب. ٩. بي حال (سڪڻ ۾)، سڪايل. ١٠. سوَليون، آسانُ. ١١. سڪ جي يا پيار جي معاملي ۾. ١٢. (جانورن جي رهڻ لاءِ) جبلن جون چرون، جبلن جون غارون. ١٣. جبلن جون بلنديون، جبلن جون آتاهيون يعني مٿيان حصا. ١٤. اي ٻانيڻ يعني سسئي (سسئي ٻانيڻ يعني برهمڻ قوم مان هئي). ١٥. گوشت جا ننڍا ننڍا ٽڪر يا ٽڏيون. ١٦. محبوب جي طرفان آيل تڪليفن ۽ سختين ڏي اشارو. ١٧. توکي کائين. ١٨. مڪران رياست ۾ هڪ شهر جنهن جو پنهون رهاڪو هو. ١٩. جا. ٢٠. قبول پئجي وڃين. ٢١. شايد. ٢٢. اسونهين، اڻ واقف، بنان رهبر يا اڳواڻ جي. ٢٣. جيڪڏنهين. ٢٤. جانارن کي، جانورن کي يعني ڪتن کي. ٢٥. ياد پئين = (تنهنجي ٻوٽين ٽيڻ جي)، خبر، پئي وڃي. ٢٦. ڏاريل، پاليل. ٢٧. سردار. ٢٨. جي. ٢٩. ديدار، ملاقات، ميلاپُ. ٣٠. مرڻ کان. ٣١. بعد. ٣٢. منذ کي يعني سسئيءَ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

سَسُئِي[1] پُچَنِ[2] سي، پَارِئَلَ پُنُوهَ جَامَ جَا،
وَڍِئو[3] وِبِنِي ڌي، كَايَا[4] كِيچَ كُتَنِ كي.

۵

جَاڳَ[5] ايَاسِ زَنبُورَ[6]، كُتي قَرِيبَنَ[7] جي،
بَهِي[8] بَهُكِي[9] اُٿِئو، گهڌي[10] مَنجَهان گهُورَ[11]،
سَبِ لاَهِيندو سُورَ[12] گَرِي[13] هِنَ غَرِيبَ[14] تَان.

٦

كُتو چَئي قَرِيبَ جَا، آهِيُون سَاڏَ[15] صحِي[16]،
پِهرِينَ بَاتِ بَهِي[17]، پُچَان[18] پوءِ پَانڌِن[19] كي[20].

٧

نَكِي آهِيُون چُوهَڙَا[21]، نَكِي آهِيُون چُورَ،
هَاگَامَا[22] ءِ هُورَ[23]، كُتَا كَرِيِنَ كَن تي.

٨

كُهبِن[24] تَہ آپَ كُهُ[25]، ڏِسِ[26] مَر چُوهَڙبَان[27]،

---

١. سسئيءَ کي. ٢. ياد ڪن. ٣. ڪپيو. ذرا ذرا ڪيو. ۴. جسم يا بدن (جو گوشت). ۵. (غفلت جي ننڊ مان) مونکي جاڳايو. سجاڳ يا بيدار ڪئو. ٦. ڏينيوءَ. سونهري رنگ جي ننڍن پرن سان هڪ ننڍڙو اڏامندڙ جيت، پيارَ وچان ڪتي تي رکيل نالو. ٧. دوستن. ٨. پَونڪي. ٩. پونڪي، باهوڙ ڪري. ١٠. بت کي لوڏي. ١١. چڙ. ڪاوڙ. ١٢. تڪليفون. ١٣. گيرت ڪري، پؤنڪ ڪري، پٿون پٿون ڪري. ١۴. مسڪين، نمائيءَ. ١۵. (وفادار) نوڪر. ١٦. نيڪ. پڪا پختا. ١٧. ڀهڪڻ (پهرين بات بهي = منهنجو پهريون ڪم ڀهڪڻ يعني پونڪڻ آهي). ١٨. آجيان ڪريان، حال احوال وٺان. ١٩. قريب يا دوست ڏانهن ايندڙ ماڻهن. ٢٠. کان. ٢١. چهڙا قوم جا ماڻهو. گهٽ ذات وارا. مئل جانورن جو گوشت کائيندڙ. باليشاهي يا پنگي قوم جا ماڻهو. شڪاري قوم جا ماڻهو. ٢٢. هل بڪيرو. گوڙ. ٢٣. ڏڙڪا، تابشون. ٢۴. مارين. سزا ڏين. ٢۵. تون پاڻ يا خود. ٢٦. حوالي ڪر. ٢٧. چهڙن جي.

سَندا[1] آهيڙيان[2]، اُئون نہ سَهندِي[3] هَتڙا.

٩

ڪُتو[4] طالبُ[5] ڊُونڊَ[6] جو، اَسين ڪُتيءَ[7] ڪيڙَ،
ڇَهُتي آهي ڇيڙَ[8]، ڪارائِي[9] جي ڪَن ۾.

١٠

ڪُتو ڪُرتي[10] هَڏيون[11]، جَوانمردُ[12] جِگر[13] ڪاءِ[14]،
اَلدُنيا جِيفةُ وَطالِبُها ڪِلاَبٌ*، اِيءَ هنيين[15] سين لاءِ[16].

١١

مَان[17] ڪئو مَارينس[18]، ڪُڇَ[19] ڪُتيءَ[20] سين ڪينَڪي،
پائي[21] ڳَٽُ[22] ڳِچيءَ ۾، دَرِ[23] دوستن[24] گهارينس[25]،
سا پَرِ[26] سيکارينس، جيئن بَهڻَ[27] ڪان بَسِ[28] ڪَري.

(١٢)

جَني سَندو[29] آهين، سي جي جُونئي هَڙ[30]،
ڪُتا قُربن[31] سين، دعوي[32] وجهي ۾ دَڙ[33]،
وڏءِ جَني وڙ،# تُون ڪيئن ڏَندَ[34] ڏيڪارين تَن ڪي.

---

١. جا، ٢. آهيڙين، شڪارين، ڇهڙن، ٣. برداشت ڪندي، ۴. هن مصرع ۾ ڪتي مان مراد انسان جو نفس آهي، ٥. گهورو، ڳولائو، ٦. ڪنهن مري ويل جانور جو ڪجھ عرصي لاءِ پيل مڙھ يا لاش جيڪو بدبوءِ ڪري وجي. غليظ ڪاڏو، ٧. ڪتي ڪيڙ=(نفس) ڪتي جا ڪيڙا يا ڪيئان. ڪتي کي تڪليف ڏيندڙ ڪيئان، ٨. ڇيڙ، هڪ قسم جو جيت جيڪو جانورن جي بدن کي چنبڙي رت پيو پيئندو آهي، ٩. ڪتي کي پيار مان ڪارايو سڏيندا آهن، ١٠. چباڙي، ڪائي، ١١. جسم جي اندر پٽر جهڙو سخت مادو جنهن تي گوشت چڙهيل هوندو آهي. ١٢. پهلوان (نيڪ بخت يا سچي سالڪ ڏانهن اشرو)، ١٣. جگر کي، دل کي، نفس کي، ١۴. ڪائي تو *دنيا يعني جهان ڊوند آهي ۽ ان جا طالب ڪتا آهن (حديث)، ١٥. دل، ١٦. هنداءِ، ياد ڪر، ١٧. صبر ۽ سانت، ١٨. سزا ڏينس، سيکت ڏينس، ١٩. ڪالهاءِ. بحث ڪر، ٢٠. نفس ڏانهن اشارو، ٢١. وجهي، ٢٢. ڪتي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل رسو، پٽو يا وڏي، ٢٣. در تي، ٢۴. دوستن جي، ٢٥. هن (ڪتي) کي گهار يعني وهار، ٢٦. ريت، نمونو، ٢٧. ڀونڪڻ، ٢٨. ماٺ، صبر، ٢٩. جو، ٣٠. ڪنهن جانور کي ڪنهن جاءِ ڏي هڪلي پري ڪرڻ لاءِ ڪم آندل آواز، ٣١. دوستن، ٣٢. تقاضا، حق طلبي، ٣٣. بحث يا جهڳڙو ڪر # جني احسان يا مهرباني ڪيئي، ٣۴. ڏند ڏيکارين= (وات کولي) ڏاڙهين يا چڪ هڻين، جهيڙو ڪرين.

١٣

جَنِي سَندو[١] كُتو، سي جيِ[٢] چُونِس آءُ[٣]،
لُٽُ[٤] لَهرِيُون[٥] واءُ[٦]*، كُتي سَبِ قَبُولِئَا[٧].

١٤

كُتو كونائين[٨]، كَرين نَه كَارِ[٩] كُتَنِ جي،
ٽُكُرُ[١٠] كائين سائِينءَ[١١] جو، ٻَهُ[١٢]كين كُسائين[١٣]،
سائِينءَ كيئَن سِيبائين[١٤]، اُليٽَ[١٥] انِ عادَتين[١٦].

١٥

وِينو آهي واتَ تي، كُتو كُتيءَ وَٽ،
پَلَئَه[١٧] پانديئَڙَن[١٨] جا، چِيرِيو[١٩] كري چَٽُ[٢٠]،
جا گُلرَ[٢١] مِ گهَٽ[٢٢]، سا پونچِيَّ[٢٣] تي پوري كَري.

١٦

جُه[٢٤] يارُ[٢٥] ڏنائون يارَ جو، تَه پُنيءَ پير كَڙِينِ[٢٦]،
ڦِرِئَا نَه[٢٧] فَرمانَ[٢٨] كان، اُنهي مِ آهين،
ڏِسِئو نَه ڏاڙهين[٢٩]، شَبانَ[٣٠] جي سَگَ[٣١] كي.

---

١. جو. ٢. جيكڏهين. ٣. اچ. ۴. ٻاٽي (درياهہ جو). ۵. چوليون، موجون. ٦. طوفان. *هر قسم جي تكليف. ٧. مڃئا. سر تي سٺا. ٨. سڏائين، چوائين. ٩. ڌنڌو، كرت. ١٠. ماني. ١١. مالكَ. ڌڻيءَ. ١٢. ٻونكين. ١٣. ٻي سائينءَ (مالك) وٽ. ١۴. وٺين. ١۵. رولاك. رولو. ڄرواڳ. ١٦. عادتن سان. افعالن سان. لڇڻ يا اركانن سان. ١٧. كپڙي جا پاسا پلاندَ. كپڙا. ١٨. قاصدن. نيابي آٿيندڙن. ملاقاتين. ١٩. ڦاڙيو. ٢٠. ناسَ. ختم. ٢١. كُتي (جي ٻچي يا پلونگڙي). ٢٢. گهٽتائي، خامي. نقص. ٢٣. كُتيءَ جو نالو. ٢۴. جيكڏهين. ٢۵. دوستَ. ٢٦. كڙڻ (پُنيءَ پير كڙين = ركوالي يا نگهباني كن). ٢٧. انكار كيائون. منهن موڙيائون. ٢٨. حكم. امر. ٢٩. ٻونكن. ڇكَ پائين. ٣٠. ڌنارَ. ڌراڙَ. ٣١. ساڳي. ساٿَ. (چوپائي مال جي) ڌڻَ يا ولَرَ. عزيزَ. مائٽَ.

١٧

سَگِبانَ[١] سِيندارَئا[٢]، بَچِئا[٣] تي[٤] بَهَنِ[٥]،
ڦِرِئا[٦] نَہ فَرمانَ[٧] کانِ، تَنِ مُلُهہ[٨] نہ موتِيَڙَنِ[٩]،
ڪُونِهي ڏوهُہ[١٠] ڪُتَنِ، ڏاڪارِئا[١١] ڏاڙهِين[١٢] تا.

١٨

ڏَکا[١٣] ڏونگَرَ[١٤] جا مِرُونِ[١٥]، مَرُ[١٦] تا مُون تي ڪَنِ،
پُونِدا[١٧] ڪِينَ پَرِيَتَ[١٨] تي، سَنِدَرَ[١٩] تا سُجَنِ[٢٠]،
سَگائِيءَ[٢١] جي سَيَدُ چَئي، آهي سُڌ[٢٢] سَيَنِ،
هُونِدَ[٢٣] نَہ هِتَ تَرِنِ[٢٤]، پَرَ قَرابَتَ کَمُ[٢٥] ڪِئو.

١٩

ڪَمِ قَرابَتَ جَنِ جي، هِتي آيَمِ هِيئَنِ،
رِفاقَتَ[٢٦] راڱَنِ[٢٧] جي، پَهِتِيَسِ پَهَرَ[٢٨] سِيئَنِ[٢٩]،
ماڻُهو مَلاحِظو[٣٠] تَنِهن جو، ڪيچ[٣١] نَہ ڪَندا ڪِيئَنِ،
ذاتَ[٣٢] نِسوري[٣٣] نيِ[٣٤]، پَرَ[٣٥] سَنِدَرَ[٣٦] سين سَگُ[٣٧] ٿِئو.

---

١. ڪتا ڌاريندڙ، ڪتا پاليندڙ، ڪتن جي مالڪ. ٢. سيندِ يعني سِيتَ هٽي حملي ڪرڻ لاءِ سَڌَ ڪئو. ٣. (حملي ڪرڻ لاءِ) ڀڙڪايا، چيڙيا. ٤. تنهن ڪري. ٥. ٻونڪن تا. ٦. مُڙيا، انڪار ڪئائون. ٧. (سگهيان جي) حڪم، امر. ٨. قيمت. ٩. واحد موتي، ڪتي تي پيار مان رکيل نالو. ١٠. قصور. ١١. ٻچئا. ١٢. چڪ پائين، ٻونڪن تا. ١٣. (واحد ڏکو)، ڪاوڙ، تابَ. ١٤. جبل. ١٥. جانور. ١٦. ڀلي، بيشڪ. ١٧. حملو ڪندا. ١٨. ڪتيائيءَ، ڏوٻياٽيءَ (سَسُئيءَ)، ١٩. طاقت وارا يا سگهارا سَجَڻ. ٢٠. ٻڌجن. ٢١. سگَ، مائٽيءَ، عزازت، قرابت. ٢٢. خبر، چاڻ. ٢٣. جيڪر، شايد. ٢٤. مُڙَنِ، پاسو ڪن. ٢٥. ڪم ڪئو= مطلب يا مراد پوري ڪئي، ڪامياب ڪئو. اثر ڪئو، مدد ڪئي. ٢٦. رفاقت ۾، شراڪت يا همراهيءَ ۾. ٢٧. ڳاڙهي رنگ وارن ڪتن. ٢٨. ماڻهن وسڻ، آبادي. ٢٩. تائين. ٣٠. لحاظ، طرفداري، پاسداري. ٣١. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ٣٢. ذات جي، حسب نسب ۾، قوم يا نَکَ جي. ٣٣. بلڪل، صفا. ٣٤. ڏوهڻ، ڪتيائي، ڪيڙا ڏوئيندڙ. ٣٥. مگر. ٣٦. سگهاري يا طاقتور (پنهونءَ). ٣٧. ناتو، تعلق، لاڳاپو، واسطو، مٽي مائٽي، پرٽو.

۲۰

سَنڌَ رَسين سَگُ کَري، پَرڪَنڊِينَ[1] پييَاسِ[2]،
ڪيرَ[3] بِرهَمَڻَ[4] ڪَنِ[5] جي، ڪيرَ جَاٽي[6] ڪيٽاسِ[7]؟
هُوندَ[8] نَہ سِنڌُ[9] سُيَاسِ[10]، پُريي[11] ڪيَسِ[12] پَڌِري[13].

۲۱

چَپَرِ[14] وِجهَنديَسِ[15] پَانُ[16]، اَجا پيرو[17] هِڪڙو،
مَرُ[18] جَانِ[19] جُدا[20] ٿِئي، لَڳِي[21] لَڪَنِ سَاڻُ،
ڪيچِينَ تَان قُربَانُ، مَاءِ مُنهِنجو جِندڙو.

۲۲

چَپَرُ ڏيئي[22] بَنِ، وِهَان ڪيئَن مَاتَ[23] کَري،
جِتِ ڪوهِيَرا[24] ڪَافَ[25] جَا، بَهَہ بَهَہ[26] بَاقُونَ[27] ڪَنِ،
مُوتُ[28] مَرَنديئَن سُئِي، تون نَہ پُچَنديِنءَ[29] تَنِ،
هِيءُ سَگُ بَارُوچَنِ، مَرَڻُ مُنهِنجي لاءِ ڪِئو.

۲۳

چَپَرِ[30] اونَارا[31] کَري، مَاٽِيَائِين[32] مَزا[33]،

---

۱. پرڪندن ۾، پرانهن يا ڏورانهن ملڪن ۾، ديسان ديس. ۲. مشهور ٿي وييس. ۳. کهڙي. ۴. هندن جي هڪ اتم ذات يا گهراڻو (سسئي ان گهراڻي ۾ پيدا ٿي هئي). ۵. کنهن. ٦. سجاٽي. ۷. کيس يعني سسئيءَ کي. ۸. جيڪر. ۹. سنڌ (ملڪ) ۾. ۱۰. سڃڻ ۾ اچان ها. ٻڌڻ ۾ اچان ها. ۱۱. (پنهونءَ) سردار، شريف نسل واري. ۱۲. مونکي کيو. ۱۳. مشهور. ۱۴. چير کي، جبل کي. ۱۵. اريڻ کنديس، حوالي کنديس. ۱٦. پنهنجو جسم يا بدن. ۱۷. دفعو. ۱۸. ڀلي. ۱۹. ساهہ. ۲۰. (بدن کان) الڳ. ۲۱. جبلن. ۲۲. ڏيئي ٻَنِ = ترڪَ کري، کڏ ۾ وجهي، ڇڏي. ۲۳. صبر، چُپ. ۲۴. غبارُ، ڌنڌ. ۲۵. جبل. ۲٦. گهٽيون، جهجهيون، بي انداز. ۲۷. اُٻون، (ٻاڻيءَ جا) بخارَ، دونهان. ۲۸. واپس ٿيءُ، وري اچ. ۲۹. پڇنديءَ، رسنديءَ. ۳۰. چير ۾، جبل ۾. ۳۱. منزلون، وِهڪون، ٻيٺڪون. ۳۲. ورتائين، حاصل ڪيائين. ۳۳. لذتون، سُکَ، فرحتون.

پَرِيَتِ[١] ڪي پَبَ[٢] ۾، ڪارئو[٣] پَنڌُ[٤] قَضا[٥]،
وَسِ[٦] نہ وِچاريءَ[٧] جي، سَنڌي[٨] رَبَ[٩] رَضا[١٠]،
مَتان جان[١١] جَزا[١٢]، لاَتائين لطيف چئي.

٢٤

چَپَرِ اوتارا ڪَري، سِيندي[١٣] تِي مِرُنِ[١٤]،
ڪامُون[١٥] هٽئو ڪَرها[١٦]، ڪاهيو ڪيچ وَجَنِ،
مُون سين ڪيرَ[١٧] هَلَنِ، مَدي[١٨] رکنِ مَنَ ۾.

٢٥

چَپَرِ اوتارا ڪَري، سيندي تِي مِرُنِ،
جيڪي چَپُس جيڏيين[١٩]، سو نہ ڪئائين[٢٠] ڪَنِ،
مَعذُورِ مَرَڻُ مَنِ[٢١]، ڪيچِن لاءِ قَبُولئو.

٢٦

ڪِئائين ڪيچين لاءِ، جُسو[٢٢] جَلاَوَتَ[٢٣]،
چَڏي پيتي[٢٤] چِپَرين[٢٥]، هاري[٢٦] سَبِ حُجَتَ[٢٧]،
هُئي نِماڻي[٢٨] نِسَتَ[٢٩]، پَنڌُ وِڌائين پاڻَ[٣٠] تي.

---

١. ذوہڻ، ڪتياڻي (يعني سسئيءَ)، ٢. سنڌ صوبي جي الهندي طرف هالار جبلن جي ڏاڪڻي جبلن جي قطار، ٣. ڪرايو، ٤. سفر، ٥. قسمت، (خدا جي) حڪم، ٦. وَسَ ۾، اختيارَ ۾، هٿ ۾، ٧. نماڻيءَ، مسڪين، ٨. جي، ٩. پالڻهارَ، خدا جو صفاتي نالو، ١٠. مرضي، ١١. سِرَ، مٿي، ١٢. پنهنجي ڪيي جو عيوض، هچا، تڪليف، آفت، ١٣. واقف، ١٤. مرن سان، جانورن سان، ١٥. لڪڻَ، لنيون، بانٺا، ١٦. اُٺَ، ١٧. ڪهڙيون، ١٨. بُرائي، ١٩. جيڏين، سرتين، ٢٠. ڪيائين ڪن= ٻڌائين، ٢١. مَنَ سان، دل سان، خوشيءَ سان، ٢٢. جسم، بدن، سرير، ٢٣. ظاهرو، پڌرو، قربان، ٢٤. داخل ٿي، ٢٥. ڇپرن ۾، جبلن ۾، ٢٦. ضعيف عورت، ٢٧. دعوي، حقداري، دليل بازي، تقاضا، ٢٨. عاجز، مسڪين، ٢٩. بنان ستَ يا طاقت جي ڪمزور، هيڻي، ٣٠. پاڻ تي وڌائين= اختيار ڪئائين.

٢٧

پَنڌُ[1] مُزوئي[2] پَاڻَ تي، ويچارِيءَ[3] وڏو،[4]
ڏيلُ[5] تَنهن جو ڏُکَ[6] سين، سَپوئي سِڌو،[7]
هُئَڙِس[8] اَڳِ[9] لِڌو،[10] پوءِ تي ڪَري پَنڌَڙا.

٢٨

پَنڌُ نَه پَنڌَن جيترو،# ڪيئَن سُجَندي[11] ڪيهه،[12]
جيڪَر[13] ڪَريَان ريهه،[14] پَر[15] چُوندا[16] مُنڌَ چَرِي[17] تي.

٢٩

چُونِم مَرُ[18] چَرِي تي، پَر جي سُڌ[19] سُڻين،[20]
مَرُ مُونهين[21] کي ڏِين، مَاڻهو اَچِئو ميهَڻَا[22].

٣٠

مَاڻهو ڏيئي ميهَڻَا، مُون کي ڪَندا ڪوهُه،[23]
جي چوريءَ[24] ۾ چوهه،[25] پِٽُون[26] تيندي پير[27] تي.

وائي

خُوبي[28] مَنجهه خِفَتَ،[29] اِي دوسِتَ[30] دِقتَ،[31] آهي عبداللطيف کي،

---

١. سفر. ٢. پنهنجي سِرِ. ٣. نماڻي، مسڪين. ۴. رڪئو، اختيار ڪئو. ۵. بدن، سرير. ٦. تڪليف، عذاب. ٧. سِجهيو، سڙي ۽ پچي ويو، ناس ٿي ويو. ٨. هُن کي هو. ٩. اڳِ ۾، اصلَ ۾، ازل ۾. ١٠. لکيو، نصيب ۾ لکيل، قسمت ۾ لکيل # سفر يا مفاصلو تمام وڏو آهي. ١١. پُڌِبي، پڌڻ ۾ ايندي. ١٢. ڪوڪ، دانهن. ١٣. دل چوي ٿي، تمنا اٿم. ١۴. رڙ، واڪو. ١۵. مگر. ١٦. عورت، زال (سسئي). ١٧. ديواني، پاگل. ١٨. ڀلي. ١٩. واڪو، رڙ، آواز. ٢٠. ٻڌنِ. ٢١. مُون. ٢٢. طعنا، سُوٽا. ٢٣. چا. ٢۴. يتيم يا لاوارث. ٢۵. (عشق جو) جولان، جذبو، جوش. ٢٦. پرزا پرزا. ٢٧. (پنهونءَ جي) پيرن جي نشانن تي. ٢٨. چڱائي. ٢٩. عاجزيءَ، نماڻائيءَ، خفگي، تڪليف. ٣٠. يارَ، سڄڻ. ٣١. دقت ۾، تڪليف ۾، جفا يا ڪشالي ۾.

مَدحَ[1] مُنهَان[2] نَہ ٿِئي، سَندَڙِي[3] سُور[4] صِفتَ[5]،
حُزنُ[6] هوتَ[7] پُنُوهَہ جو، رِڳِيَائِي[8] راحَتَ[9]،
هِجيٰ[10] ڪَرِيَان هيَجَ[11] سين، مُطَالِعَ[12] مَحَبَتَ[13]،
پِريَانَ[14] جي پِسَتَانَ[15] جو، فَاقُو[16] ئِي فَرحَتَ[17].

١. ساراهہ، واکاڻ، تعريف، ٢. مون کان، ٣. جي، ۴. درد، ڏک، ۵. خاصيت، چڱائي، ٦. غم، درد، ڏک، رنج، ٧. محبوب پنهونءَ (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٨. نسوري، خالص، ٩. آرام، سُکُ، ١٠. اکرن کي زير، زبر، شدَ مدَ ڏيئي (يعني غور ڪري) پڙهڻ واري حالت، تفصيلوار بيان ڪرڻ جي حالت، ١١. شوق، سڪَ، پيار، ١٢. اپياس، پڙهائيءَ واري حالت، ١٣. سڪ، پيار، ١۴. پرينءَ، محبوبَ، ١۵. سيني، ڇاتيءَ، اُرَهَہ (پستان مان مراد آهي وصال)، ١٦. محرومي، ١٧. راحتَ، آرامَ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ مَعذُورِ

داستان پهريون

١

ذُکِيءَ[1] ذَمَرُ[2] ناهِہ، بُکِيءَ[3] کِلَ[4] نَہ اُجَهِيءِ[5]،
اُگَهاڙِيءَ[6] وِهانءُ[7]، وِئو وِروهَڻُ[8] وِسِرِي.

٢

اَدِيُون[9] وَرُ[10] اُگَهاڙَ[11]، وِهانءُ جَنِهن وِسارِئو،
جيڏِيُون[12] ڇَڏِي جاڙَ[13]، سَڀِ نَنگِيُون[14] ٿِي نِڪِرو.

٣

سَڀِ نَنگِيُون ٿِي نِڪِرو، لالَچِ[15] ڇَڏِي لوبَ،
سُپِيرِيان[16] سين صُوبَ[17]، نِندُون[18] ڪَندي نَہ ٿِئي.

٤

سَڀِ نَنگِيُون ٿِي نِڪِرو، پَرِهَڻَ[19] ڇَڏِي پوءِ[20]،
سا مَهِندِ[21] مِڙَنِئان[22] هوءِ[23]، کَهِي[24] جا کِين[25] کَٽِي.

---

١. ذکيءَ کي، ذکَ جي ستايلَ يا ذکايل کي. ٢. کاوڙ، غصو، چڙ. ٣. بکيءَ کي، مفلس يا ڪنگال کي، تنگ حال کي. ۴. مُرڪ، کِلُ، ٺٺولي. ٥. اَڪلي، (وات مان) نڪري، وٽي، پسند اچي. ٦. اگهاڙيءَ کي، بنان ڪپڙن واريءَ کي، اڻ ڍڪيل کي، لباس يا ڪپڙن کان سواءِ عورت کي. ٧. شادي، خوشي. ٨. دل لڳي، وندرَ، خوشي. ٩. اي اديون، اي سرتيون. ١٠. بهتر يا مبارڪَ (آهي). ١١. ننگائي، عرياني، لباس نہ هجڻ واري حالت. ١٢. اي جيڏيون، اي سرتيون. ١٣. غفلت، سُستي. ١۴. اگهاڙيون، عريان، (هٿين) خالي. ١٥. طمع، موهُ، حرص، لوبُ. ١٦. پرين، محبوبن. ١٧. زغبت، لاڙو، ميلان، محبت پيار. ١٨. ننڊن مان مراد آهي غفلت ۽ سستي. ١٩. پوشاڪون، ويسَ وڳا (دنيائي مال اسباب). ٢٠. پوئتي، پنتي، پنيان. ٢١. اڳيان. ٢٢. مڙنِ کان، سڀني کان. ٢٣. هوندي، ٿيندي. ٢۴. هَلي، پنڌِ پئي. ٢٥. ڪجھ بہ نہ، عَدَمُ، نيستي.

٥

ڪَهِي[1] جا ڪِين[2] ڪَٽي، پِرينءَ[3] پَهتي[4] سا،
وِهي ويڙهيچي[5] جا، وَصُلُ[6] تنهن وڃايو[7].

٦

وَصُلُ تنهن وڃايو، سِينڌ[8] سُرمي[9] سيئن[10]،
لُوني[11] لِيلان[12] جيئن، مَٽيو[13] جنهن مَٽُ[14] ڪئو.

٧

هُوندَ[15] يان هوتَ[16] پَري[17]، اوڏو[18] آهي اَڻَ[19] هوند ڪي،
ساڄن[20] تن[21] سَري[22]، "لا"[23] سين لَڏين[24] جي.

٨

لائي[25] خنجر[26] "لا" جو، "هي"[27] خَچر[28] ڪي هَڻُ،
سَڌن[29] جون سيد چئي، وَٿون[30] سَڀ وِڪڻُ،
پير[31] پَروڙي[32] ڪَڻُ، تَه هَلڻ[33] ۾ هوري[34] وهين[35].

٩

هَورن[36] هاڙهو[37] لنگهيو، مُني[38] موسَٽُ[39] ڇَڏِ،

---

١. هلي، پنڌ پئي. ٢. ڪجهه به نه، عدم، نيستي. ٣. پرينءَ کي، محبوب کي. ۴. ملي، گڏي. ۵. ويس وڳا ڪري، ڪپڙن سان پاڻ ڍَڪي. ٦. ميلاپُ (محبوب جو). ٧. گنوايو. ٨. پيشانيءَ کان سڌو مٿي جي چوٽيءَ تائين وارن وچان خطُ، مانگ. ٩. اکين ۾ پائڻ جو ڪاري رنگ جو پٿر، سوئيري (سينڌ سرمي= هارَ سينگار، ناهَ نوهَ). ١٠. سان. ١١. سڙيل، ڪاٺي، رُليل، ڏاڍڪڻ. ١٢. چنيسر بادشاهه جي زال جو نالو جنهن پنهنجي هڪ نوڪرياڻيءَ نالي ڪونروءَ کان موتين جو هار ورتي، ڪونروءَ کي چنيسر جي بستري تي سمهڻ ڏنو ۽ اهڙي طرح چنيسر جي پيار کان محروم ٿي. ١٣.موتي، موتين جي هارُ. ١۴. مائٽ، عزيز (مٽ ڪئو= پيارو ڪئو). ١۵. هوند کان، هستيءَ کان، مال ملڪيت کان. ١٦. محبوبُ (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو). ١٧. دور، ڏور. ١٨. ويجهو، قريب. ١٩. نيستي، عَدَم، سُڃائي، ناداري. ٢٠. سڄڻ، محبوب. ٢١. تن کي. ٢٢. ملي، حاصل ٿئي. ٢٣. نيستيءَ عَدَم، نفيءَ، نَہ. ٢۴. مِن دنيا مان، هُنَ جهان ڏي وڃن، لاڏاڻو ڪن. ٢۵. تکو ڪري. ٢٦. ڪتارو، ڇُرو، وڏو چاقو. ٢٧. "هي" جي، هستيءَ جي. ٢٨. هڪ قسم جي جانور جيڪو نر گڏهه ۽ ماديءَ گهوڙيءَ يا ماديءَ گڏهه ۽ نر گهوڙي جي ميلاپ سان پيدا ٿيندو آهي، اَستر. ٢٩. تمنائن، خواهشن. ٣٠. شيون، تول، پدارٿَ. ٣١. قدم، وک. ٣٢. سمجهي، سوچي. ٣٣. پنڌ ڪرڻ. ٣۴. هلڪي، بنان بارَ جي، دنيا جي لاڳاپن کان آجي. ٣۵. وڃين. ٣٦. بنان باروارن عورتن. ٣٧. هاڙهو جبل. ٣٨. اي مُني، اي بدبخت يا نڀاڳي. ٣٩. سُستي، بهانو.

"لا" سين اُتي لَذِ، "ڪِين"[١] رَساٽي[٢] ڪيچَ ڪي.

١٠

هَورِن[٣] هَاڙهِو[٤] لَنگهِئو، تِيءُ جَرِيدِي[٥] جوءِ[٦]،
هُوندِ[٧] جَنِ ڪِي[٨] هوءِ[٩]، هوتُ نَہ هُوندو تَنِ سين.

١١

هَورِن هَاڙهو لَنگهِئو، ڳُوريُون[١٠] پاسي[١١] ڳُوٽَ[١٢]،
ڪيچِ تَنِي ڪي ڪوٽَ[١٣]، ڪِينَ جَنِ جِيءَ ڪَچَ[١٤] ۾.

١٢

هَورِن هَاڙهو لَنگهِئو، ڳُوريُون تِيون ڳمَنَ[١٥]،
هَاجِي[١٦] تَان نَہ[١٧] هَجَنِ، ذَارَان سَڪَ[١٨] سَيَدُ[١٩] چَئي.

١٣

نَہ ڪَا هِنَي نَہ هُتِ ڪَا، ڳُوريءَ سَندِي ڳالهہ[٢٠]،
ڪِينَ پَهتِي مَالِ[٢١]، حَالِ[٢٢] پَهتِي هوتَ ڪي.

١٤

رِجُنِ[٢٣] ۾ رَڙ[٢٤] تِي، ڪَر[٢٥] ڪُوولَ[٢٦] جِي ڪُوڪَ[٢٧]،

---

١. نيستي عدم، ڪجهہ بہ نہ، ٢. پهچائي، ٣. بنان بار يا سمر وارين يعني دنيا کان پري رهندڙ عورتن، ۴. جبلن جي قطار جو نالو جيڪا سنڌ صوبي جي الهندي سرحد تي واقع آهي، ۵. اڪيلي، ڇڙي، بنان سمر، هيڪلي، ٦. اي جوءِ، اي زال (سسئي)، ٧. هستي، مال ملڪيت، ٨. سان، ٩. هوندي، آهي، ١٠. بار يا سامان يعني دنيا جي تعلق واريون عورتون، ١١. وٽ، آس پاس، ١٢. پنهنجي رهائش واري، هنڌ، ڳامَ، ننگرَ، ١٣. دعوت، سڏُ، ١۴. ٻغلَ، هنجَ، جهوليءَ، ١۵. آهستي هلن (گهڻي بار سبب)، ١٦. هاجي ۾، تڪليف ۾، ١٧. تان نہ= ضرور، بلڪل، بيشڪ، ١٨. ڳهن، پيڙجن، مُسَنِ، ڦاسن، ١٩. پيارَ، محبتَ، ٢٠. ذڪر، پچارَ، ٢١. مالَ ملڪيت سان، دنياوي اسبابن سان، ٢٢. حال جي سبب، محبت جي جذبي سبب، ٢٣. بيابانن ۾، رڻ پٽن ۾، ٢۴. دانهن، ٢۵. چڙ تہ، ٢٦. هڪ پکيءَ جو قسم جيڪو لڳاتار ڪوڪون پيو ڪندو آهي، ٢٧. آوازَ، ٻولي.

وَلــولَــو[1] ۽ وُوڪَ[2]، اِيءَ تَــان[3] آهَــ[4] عَــشــقَ[5] جــي.

١٥

رِجُــنِ[6] ۾ رَڙِ[7] تِــي، ڪَــرَ[8] ڪَــرَڪــي[9] ڪُــونــجَ[10]،
نَعــرو[11] مَــنجــهــ نِــڪُــونــجَ[12]، اِيءَ تَــان آهَــ عَــشــقَ جِــي.

١٦

رِجُــنِ ۾ رَڙِ تِــي، ڪَــرَ چَــتُــونءَ[13] جِــي چَــانــگَــارَ[14]،
اِي عَــشــقَ جَــا اُبــڪَــارَ[15]، نَــعــرو آهِــي نِــيــنــهَــن جــو.

١٧

رِجُــنِ ۾ رَڙِ تِــي، ڪَــرَ سَــارَنــگــيءَ[16] سَــازُ،
اِي عَــشــقَ جــو آوازُ، مَــاٺُــهــو رڪَــنِ[17] مُــنــڌَ[18] تــي.

١٨

رِجُــنِ ۾ رَڙِ تِــي، جِــهَــڙي ڪَــري جــوءِ[19]،
اِيءَ نَــ عَــورَتَ هُــوءِ[20]، آهُــون عَــشــقَ سَــنــديُــون[21].

وائي

اِي[22] هَلُ[23] هوتَنِ[24] ڪَارڻِ[25] حَالَ[26]، شَالَ[27] سَگر[28] تِيندِينءَ سَاٿَ[29] جي،

---

١. هل هنگامو، گوڙ شور، پڪار، آوازُ. ٢. ڪوڪ. رڙ، واڪو. ٣. تہ. ٤. دانهن. ٥. نينهن، محبت. ٦. رڻ پٽن، بيابانن. ٧. دانهن. ٨. جڻ تہ، پاڻئجي ٿو تہ. ٩. ٻولي، لنوي. ١٠. جبل ۾ رهندڙ ڏکيءَ ڳچيءَ سان سهڻي پکيءَ جو هڪ قسم جيڪو سارين جي فصل لهڻ وقت ولرن جي صورت ۾ سنڌ ۾ ايندو آهي ۽ سياري ختم ٿيڻ تي واپس هليو ويندو آهي. ١١. آواز، پُڪار. ١٢. گهاٽي وڻراهہ، چوڏاري وڻن ٽڻن وارو چشمو. ١. طوطي، سائي رنگ جي هڪ قسم جي سهڻي پکيءَ. ١٤. (چتونءَ جي) ٻولي. ١٥. پُڪارون، دانهون. ١٦. سارنگيءَ جو، (سارنگي هڪ قسم جو سازَ آهي). ١٧. مڙهين، نسبت ڏين. ١٨. عورت، يعني سَسُئي. ١٩. عورت، زال. ٢٠. آهي. ٢١. جون. ٢٢. آئي، اڙي (سسئيءَ کي خطاب). ٢٣. پنڌ ڪر. ٢٤. محبوبن (هوتُ) بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٥. لاءِ، واسطي. ٢٦. هينئر ئي، هاڻي جو هاڻي. ٢٧. خدا ڪري، مَنَ. ٢٨. سگرَ تي، واتَ تي. ٢٩. قافلي.

پيرَ پانهنجي پرينءَ لئي، ڪوڏ[1] رتائين[2] ڪالهه،
ڇڙهندي سِر[3] چوٽيين[4]، لَڪَن[5] ڪئِي ٽُس[6] لالَ[7]،
ڪيچان[8] آيو قافلو[9]، مَيَن[10] مٿي مالَ[11]،
ايندئي بُوءِ[12] ٻوٽن[13] جي، جهلج[14] پَٻَ[15] پيالَ[16]،
جتي جمازن[17] کي، جبلَ ٿيَن جنجالَ[18]،
پُڇي[19] پيادن[20] کي[21]، آرياٽي[22] احوالَ[23]،
جي[24] پانئين[25] جتن جي، وِجهي[26] ٿيان وصالَ[27]،
پُري[28] پَٻَ[29] ورن[30] ۾، وِجهه[31] ڪا وڙالَ[32].

---

١. ڪوڏ مان، شوق مان، سڪ سان، ٢. (پنڌ ڪرڻ سبب) ڳاڙها ڪيائين (رت ۾)، ٣. مٿان، تي، ۴. جبلن، جبلن جي بلندين، ۵. جبلن، ٦. ڪيس (سسئيءَ کي) ڪئو، ٧. ڳاڙهو (رت ۾)، ٨. ڪيچ کان، ٩. اٺن جي قطار، ١٠. اٺن، ١١. سامان، ١٢. بانس، واسَ، هڳاءُ، ١٣. اٺن، ١۴. وڻج، اختيار ڪج، ١۵. پَٻَ جي (پٻُ، سنڌ صوبي جي الهندي طرف واري هالار جبلن جي قطار جي ڏاکڻين حصي کي چوندا آهن)، ١٦. پاڙ، ترو، وادي، ١٧. اٺن، ١٨. وبالُ، مصيبت، ڏهيرا، ڏکڻا، ١٩. معلوم ڪري، ٢٠. پيرين پنڌ هلندڙن، ٢١. کان، ٢٢. آري (سسئيءَ جي محبوب پنهون ڏانهن اشارو، (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار کي آري چوندا هئا. پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٢٣. خبرون، خبر چار، ٢۴. جيڪڏهين، ٢۵. تون پائين ٿي، تنهنجي تمنا آهي، ٢٦. اوڏي، قريب، ٢٧. وصال کي، ميلاپ کي، ٢٨. پنڌ ڪري، ٢٩. پٻ جبل جي، ٣٠. واٽن، راهن، رستن، ٣١. ڪج، ٣٢. وڙول، ڳولا ڦولا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ مَعذُورِ

داستان پهريون

١

هَلندي[1] هَاڙهو[2] مَٽِي[3]، ڪَرڻُ ڪوهه[4] پِئَامِ،
ارڏا[5] آرِيءَ[6] جَامَ[7] رِي[8] گُونڌرَ[9] گُذرِئامِ[10]،
لَڪِيُون[11] لَڪَ[12] لَطِيفُ چَئِي، اورانگهڻُ[13] آيامِ،
پُرڻُ[14] پُنهونءَ پُٺ ۾، ايءَ سَعَادَتَ سَنديامِ،
مَتِس[17] ڪَمَ[18] وِڏَامِ، وِهَان تَان[20] نَہ وَسِ پِئو[21].

٢

هَلندي هَاڙهو مَٽِي، ڏَڪَنِ[22] مُنهنجا ڏوهَ[23]،
هُوءِ[24] اوچَرَ[25] سِرَ اُنَنِ[26] تي، هيءَ پَندَ[27] پَچَاڙي[28] پوهَ[29]،
لِيڙَنِ[30] رِءَ[31] لَطِيف چئي، ڪيئَن ڪَرينديَس ڪوهَ،
اڳئان رائو[32] سُجي[33] روهَ[34]، وِهَان تَان نَہ وَسِ پئو.

---

١. ٿِنڊ ڪندي. ٢. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي قطار جو نالو. ٣. آڪري، لنگهي، مٽي. ۴. واحد ڪوهہ. پنڌ جي ماپ جو هڪ ماڻ يا پئمانو، ٻن ميلن جو مفاصلو (ڪرڻ ڪوهہ پيام= مونکي تمام گهڻو پنڌ ڪرڻو پئجي ويو). ۵. ڏکيا، اڙانگا، سخت. ٦. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو لقب (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون هوت قبيلي مان هو). ٧. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ٨. ڪان سواءِ. ٩. غر. ١٠. مون تي گذريا، مون تي اثرانداز ٿيا. ١١. جبلن جي وچان سوڙها پيچرا يا رستا، مشڪل واٽون، ننڍڙا جبل يا ٽڪريون. ١٢.جبلَ. ١٣. لنگهڻ. پار ڪرڻ (اورانگهڻ آيام= مونکي لنگهڻا پيا). ١۴. هلڻ. پنڌ ڪرڻ. ١۵. سياڳ، خوش نصيبي، خوش قسمتي. ١٦. منهنجي. ١٧. هُن (محبوب) جي مٿان يا ذمي. ١٨. حاجتون. ڪارج. مطلب. مُرادون. ١٩. مون وڌا، مون رکيا، مون ذمي ڪيا يا حوالي ڪيا. ٢٠. تہ. ٢١. نَہ وَسِ پئو= (وهڻ) منهنجي وَسَ يا اختيارَ ۾ نہ آهي. ٢٢. ڪنبن. ٿڙڪجن. لرزش ۾ اچن. ٢٣. گناهہ. پاپ. خطائون. غلطيون. (ڏکن منهنجا ڏوهہ = مونکي سخت ڊپ ٿو لڳي). ٢۴. پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن ڏانهن اشارو. ٢۵. بالاپوشن. غاشين. (انن جي پٺين ڏڪڻ جي ڪيڙن). جهلن. ٢٦. سان. ٢٧. پنڌ ڪي. سفر ڪي. ٢٨. ڇڪي. سٿون ڏي. ٢٩. پٺ تي. پوئٽان. پٺيان. ٣٠. انن. ٣١. ڪان سواءِ. ٣٢. جبل جي ريتي. واري. ٣٣. ٻڌجي. ٣۴. روهہ جو. جبل جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣

هَـلَـنِـدي هَـاڙهـو مَـــٽـي، سِــسـي[١] ڏِيـنـديَـس سَـ[٢]ـاهُـ،
لِــڱـنِ[٣] تَــان لــطـيــف چــئـي، پَـارِيُ[٤] نِـئُـمِ[٥] پَـاهُـ[٦]،
ڪَـنـدو يَـاجَـهـ[٧] اَللهُ، وِهَـان تَـان نَـہ وَسِ پـئـو.

٤

هَـلَـنِـدي هَـاڙهـو مَـــٽـي، ڳَـسَـنِ[٨] تَـان مَ ڳُـسَـ[٩]ـانِ،
لَـڪَـنِ[١٠] تَـان لـطـيـف چـئـي، رِڙهِـلي[١١] مَـانَ[١٢] نَـہ رَسَـ[١٣]ـانِ،
پُـنـهُـون شَـالَ پَـسَـان، وِهَـان تَـان نَـہ وَسِ پـئـو.

٥

هَـلَـنِـدي هَـاڙهـو مَـــٽـي، چَـپَـرَ[١٤] مِ چُـلاَنِ[١٥]،
پَـابِـوهَـہ[١٦] پُـنُـوهَـہ جَـامَ جي، سَـرَتِـيُـون ڪِـيئَـن سَـلاَنِ[١٧]،
سَـارِئـو[١٨] تَـنـهـن سَـرداَرَ[١٩] ڪـي، اَنـدَرِ روهَـہ[٢٠] رُلاَنِ[٢١]،
جَـامَـنِ ڏَانـهَـن جُـلاَنِ[٢٢]، وِهَـان تَـان نَـہ وَسِ پـئـو.

٦

پَـائِـيُ[٢٣] حَـالَ[٢٤] هَـلـي وِئَـا، ڪَـنـهِـن ڪـي سُـوَرَ[٢٥] سَـلاَنُ،

١. سِرَ، مٿو، ٢. دم، روح، جان، ٣. عضون، ٤. ڳاري، ساڙي، ٥. مون نيو، مون ختم ڪئو، ٦. گوشت (ڳريل ۽ سڙيل)، رونق، اوجرَ ٧. رحم، مهرباني، ٨. رستن، واٽن، ٩. ڀري ٿٿان، ڀلجي وڃان، ١٠. جبلن، ١١. آهستي آهستي سِري، هلي يا پنڌ ڪري، ١٢. مان تہ = شال، ١٣. پهچان، ١٤. جبل، ١٥. ڦتڪان، لڇان، ڊوڙون پايان، ١٦. پيارُ مُرڪ، مشڪڻ، ١٧. بيان ڪريان، ٻڌايان، ١٨. ياد ڪريو، ١٩. اڳواڻ، رهبر، ٢٠. جبلَ، ٢١. ڀَٽڪان، ٢٢. هَلان، ٢٣. ڀائيوارَ، رازدان، ٢٤. حالَ جا (حال ڀائي= حال محرم)، ٢٥. ڏک، تڪليفون.

ڪَٽِئُو لَڄَ[١] لَطِيفَ چِئِي، لَڪَڻِ[٢] ۾ لُڇَان[٣]،
پَانڌِي[٤] ڪِيئَرِ[٥] پَڇَان، وِهَان ٿَان نَہ وَسِ پِئُو.

٧

وَڏو[٦] ڪِينَ وَٽَا[٧]، اُوچَا[٨] ڏُونگَرَ[٩] نَہ ٿِئُو،
تِمُو[١٠] مَ نِيٽَان[١١]، تَہ پِيرُ[١٢] نِهَارِئَان[١٣] پِرِينءَ جو.

٨

وَارو[١٤] مُون[١٥] وَٽَاهُہ[١٦]، ڪَا سُڌِ[١٧] سُونهَپَ[١٨] جِي نَہ ڏِئُو،
ايءِ اهَائِي ڳَالهَڙِي، شَجَرَ[١٩] سُٽِيڄَاهُہ[٢٠]،
چوٽِيُن[٢١] چَاڙهِيڄَاهُہ[٢٢]، تَہ مُوڙهِيءَ[٢٣] ڪو مُنهُن[٢٤] ٿِئي.

٩

وَارو مُون وَٽَراهُہ[٢٥]، ڪَا سُڌِ سُونهَپَ جِي نَہ ڏِيو،
وِجهِي وَرَاڪَنِ[٢٦] ۾، مَعذُورِ[٢٧] ڪي مَ مُنجهَاءِ[٢٨]،
مَنجهَان پَهڻَ[٢٩] پِيَادِيُون[٣٠]، هَادِي[٣١] ئي هَلاءِ[٣٢]،
پِرِيَان ڪي پَهچَاءِ[٣٣]، تَہ لَڳِي[٣٤] لُونو[٣٥] تَہ ٿِيِين.

---

١. عزت، ناموس، ٢. جبلن، ٣. ڦٿڪان، هلان، ڏوران، ۴. واٽهڙو، مسافر، ۵. ڪير ۾، رستي ۾، واٽ ۾، ٦. (قد ۾) وڏا يا ڊگها ٿيو، ٧. اي وٽئو، اي درختو، ٨. بلند، اتاهان، ٩. اي ڏونگرو، اي جبلو، ١٠. ڳوڙها وَهايو، آنسو وهايو، ١١. اي نيڻ، اي اکيون، ١٢. پيرَ جو نشانُ، ١٣. ڏسان، ڳوليان، ١۴. افسوس، ١۵. مونکي، ١٦. اي وٽئو، اي درختو، ١٧. خبر، پتو، ١٨. رهنمائي، رهبري، واقفيت (هتي معنيٰ ٿيندي رهنما، رهبر، واقف)، ١٩. اي شجرو، اي وٽو، ٢٠. سڄو، ٻڌجو، ٢١. (جبل جي) چوٽين تي، ٢٢. چاڙهجو، پهچائجو، ٢٣. موڙهيءَ جو، منجهيل جو، ٢۴. گس، بلو، بندوبست، (منهن ٿئي = سنئون رستو هٿ اچي) ٢۵. اي وٽراهہ، اي وٽڪار، اي وڻن جا جهڳٽا، اي جهنگل، ٢٦. رستي جي ورن وڪڙن ۾، جبل جي ورن يعني سوڙهن ۽ ڏنگن پيچرن، وڻن جي جهڳٽن، ٢٧. عذر واري، جڏي، ضعيف، ٢٨. ڦاساءِ، غلط رستو يا واٽ ڏيکار، ٢٩. جبل، ٣٠. پيرين پنڌ هلندڙ، ٣١. اڳواڻ، رهبر، سونهون، ٣٢. پنڌ ۾ روانيون ڪر، ٣٢. رَساءِ، ٣۴. جلي، سڙي، ٣۵. بي حال، پانگهو، اُجڙيل، ويران.

١٠

وَارو مُون وَٽڪَارِ، ڪَا سُڌِ سُونهَپَ جِي نَہ ڏِيِن،
آهي اَسُونهِنِ[1] جِي، مَٿي[2] تو مَيارَ[3]،
وِڙهِئا[4] وِراڳَڻِ[5] سين، لَڪَن[6] جا لِيَارَ[7]،
ڪَرِيَان ٿِي ڪُوارَ[8]، ڪَنڌَن[9] ڪانڊيرَن[10] جا.

١١

ڪَندا مُون[11] پيرَن[12] ۾، ٿوڙي[13] لَڪَ لَڳَن،
آڱَرِ[14] آڱُوٺي[15] نَہ مِڙي[16]، چِپُون[17] پير چِڻن[18]،
وِيندي ڏونهَن پِريَن[19]، جُتيءَ ذاتَ[20] نَہ پَايَان.

١٢

جُتي سي پَائيندِيُون، جَني پير پِرِيَن[21]،
لاَتِيُون[22] سَپِ پَرِيَن[23]، سَسُئيءَ سُپِرِين[24] ڪِي[25].

١٣

ڪيريِن[26] بيرِين[27] پَائرِين[28]، لَنگهِئائين لِيَارَ،
سَسُئيءَ ڪي سَيدُ چَئي، سَندي[29] پِرتِ[30] پَچَارَ[31]،

---

١. اڻ واقف يا بنا رهبر عورتن، ٢. مٿي تو= توتي، ٣. ڏوراپو، ڏک، ڏوهہ، ٤. آڏا آيا، آڏ يا رنڊڪ بڻيا، ٥. بيراڳڻ، جوڳياڻي، فقيرياڻي (سسئيءَ ڏانهن اشارو)، ٦. جبلن، ٧. ليارَ جا وڻ، ٨. گلاڻون، شڪايتون، ٩. واحد ڪنڊو، سيلهہ، خارَ، ڪانٽو، ١٠. واحد ڪانڊيرو، هڪ ننڍو خاردار ٻوٽو. ١١. منهنجي، ١٢. قدمن، ١٣. جيتوڻيڪ، ڀلي، ١٤. انسان جي هٿ يا پير جي چيڙي جي پنجن ٻاڱن مان آڱوٺي کان سواءِ ڪوبہ هڪ ٻاڱو، انگشت، ١٥. آڱوٺي سان (انساني هٿ يا پير جي چيڙي جي پنجن ٻاڱن مان ڇوٽي ۽ ٿلهي ٻاڱي کي آڱوٺو چوندا آهن)، ١٦. ملي، ١٧. جبل جا وڏا وڏا پٿر، ١٨. ڦٽين، ذرا ذرا ڪَنِ، ١٩. محبوبن، ٢٠. اصل، مور، هرگز، ٢١. پيارا، ٢٢. ختم ڪيون، ترڪ ڪيون، ٢٣. (پيرن ۾ جتيءَ پائڻ جون) ريتون، رسمون، ٢٤. محبوبن، ٢٥. لاءِ، جي ڪري، ٢٦. ڪيريون، جابلو وڻن جي هڪ ذات يا قسم، ٢٧. ٻير جا وڻ، ٢٨. ٻائريءَ جا وڻن (ٻائري ٻير جي وڻ جهڙو هڪ ننڍي قد جو وڻ آهي)، ٢٩. جِي، ٣٠. محبت، پيار، ٣١. تاتِ، ياد، لوري، فڪر.

آرِيءَ[1] جي اِختيارِ[2]، ڪيچ[3] پَهتو قافِلو[4].

١٤

ڏَڪا[5] ڏونگرَ[6] جامَ[7]، مَ ڪَرِ مَعذُورن[8] تي،
توتي لَڄ[9] لطيف چئي، آهي سَنڌي[10] عامَ[11]،
مارِ مَ چئي مَعذُورِ کي، وَنهيان[12] کانڌَ[13] ڪَلامَ[14]،
پَرچي[15] پُڄ[16] پيادِيُون، اللهَ لَڳُ[17] عَلامَ[18]،
جا نَوازي[19] آن جي[20] نامَ[21]، سا هوتَ[22] نه ڇَڏِ هيڪلي[23].

١٥

ڏَمرُ ڏونگرَ جامَ، سَڳر[24] پاڻَ[25] شَريڪ[26] سين،
ڪيهي[27] ڪُلفَتَ تَنهن سين[28]، جا گولي[29] آن جي گامَ[30]،
وِرڄ[31] تُون وَريامَ[32]، مُنهنجو اَچڻُ آن ڳَري[33].

١٦

ڏَڪا ڏونگرَ[34] لاهِه[35]، اَڪُ[36] مُئي[37] سُسئي،
آرِياڻيءَ[38] سين آهِه، ذاتي[39] سَڳُ[40] ضَعيف[41] جو.

---

١. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار کي آري چوندا هئا. پنهون هوت قبيلي مان هو ان ڪري انکي بہ آري سڏيو ويو آهي)، ٢. اختيار سان، حڪم سان، ٣. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ۴. اٺن جي قطار جن تي پنهونءَ کي سندس ڀائر کڻي ويا، ۵. رعب، ڪاوڙ، ڏمر، تابُ، ٦. ڏونگر جا، جبل جا، ٧. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٨. عذرَ وارين، جھِيڻن، ضعيفن، ٩. ننگُ، عزتَ يا ناموس جي ذميداري، ١٠. جي، ١١. سيني ماڻهن، ١٢. دولتمندَ، تمام شاهوڪار، ١٣. مڙسَ، ڀتارَ، ١۴. سخنَ، ڪفتا، ڏوراپا، ١۵. راضي ٿي، ١٦. سَڏ، ڪوٺ، ١٧. واسطي، ١٨. اي علامَ، اي تمام ڪھٽو ڄاڻندڙ، ١٩. وَرسائي، نهال ڪئي، سرفراز ڪئي، ٢٠. اوهان، ٢١. نالي، ٢٢. اي هوت، پنهون، ٢٣. اڪيلي، ٢۴. لائقُ، مناسبُ (گنج ۾ "مَ ڪَرِ" لکيل آهي)، ٢۵. پنهنجي، خود، ٢٦. هڪ جھڙيءَ، مَٽَ، ثاني، ٢٧. ڪهڙي، ٢٨. اٻُٽت، نفاق، دشمني، ٢٩. ٻانهي، نوڪرياڻي، ٣٠. گام جي، ڳوٺ جي (آن جي گام= اوهان جي ڳوٺ جي)، ٣١. موٽج، ٣٢. اي وريام، اي پهلوان، اي سردار، ٣٣. وَٽ، ٣۴. اي ڏونگرَ، اي جبل، ٣۵. ڍرا ڪَر، ختم ڪر، ٣٦. اڳيئي، ڀهريائين، ٣٧. فنا ٿيل، ٣٨. آريءَ، پنهونءَ، ٣٩. نجو، خاص، ۴٠. لاڳاپو، رشتو، ناتو، ۴١. ڪمزور (سسئيءَ).

وائي

جيڏيون جاجڙ[1] لائي[2]، جيءَ[3] جتن سين،
سا سرتيون سيباٽئام[4]، تنهن جيئڻ[5] جال[6] ڪئوم،
مَهَر[7] جا مَيَن[8] جي، سَنجهي[9] هَٿِ[10] هُيام[11]،
صُبحِ سُتي سُڪَ ۾، وبسلي[12] وئام[13]،
ڪيهون[14] ڪوهن[15] پٽيين[16]، ڪوڪون[17] جمازان[18]،
هوتاڻي[19] هٿ ڪٽي[20]، مَن پُنهون پيادين[21]،
هَڪَل هوت پنهونءَ جي، سَگر[22] ۾ سُيام[23]،
ڏوربندي ۾ ڏونگرين، تاهَر[24] ٽوپ[25] ٽئام،
ڪوڙين پال[26] پُنهونءَ جا، گنجي[27] منجهه گهريام،
سُتي سنگهر پٽيين، جنهن سگهڙي سار[28] لَڌيام،
ولهون[29] ويلا[30] چپرين، ڪارڻ جن ڪئام،
موتي ماءُ پنيور ۾، اڱڻ سي آيام.

---

۱. ميخ، ڪِلي، ۲. هنئي، لڳائي، ۳. دل، ۴. مونکي سيبائي ٽي، مونکي مزو پٺي ڏي، ۵. حياتي، ٦. گهڻو يا زيادهه (ڏکن ۽ تڪليفن کي سهڻ لاءِ)، ۷. مهار. لاتي، اٺ کي هلائڻ لاءِ نڪ يعني ناڪيليءَ ۾ پڌل نوڙي يا رسو. ۸. اٺن. ۹. سج لهڻ وقت. ۱۰. هَٿَ ۾. قبضي ۾. ۱۱. مونکي هئي، ۱۲. بي خبريءَ يا غفلت جي حالت ۾. ۱۳. مون وٽان هلئا ويا، ۱۴. دانهون، رڙيون. ۱۵. ڪوهن جي، جبلن جي، ۱٦. پٽن ۾. ميدانن ۾. ۱۷. رڙيون. رنيون. ۱۸. انهن (پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن) جي جمازن يعني اٺن جون. ۱۹. هوت جو اولاد يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون جو بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو. ۲۰. هٿ ڪٽي= سڏ ڪري، هڪل ڪري، ۲۱. پيادن کي، واٽهڙوئن يا مسافرياڻين کي، ۲۲. رستي، واٽ، ۲۳. مون سسئي، مون ٻڌي، ۲۴. واهر، مدد. ۲۵. آٽت. سهارو، آڌار، مدد. ۲٦. پلايون، احسان. ۲۷. گنجي جي ٽڪر يا جبل جو حيدرآباد شهر جي لڳ ڏکڻ طرف آهي جنهن ۾ تمام گهڻن درويشن جون قبرون آهن، ۲۸. سنيال. ۲۹. سرديون، ۳۰. ٻڪون، فاقا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيمِ

سُرُ مَعذُورِ

داستان چوٿون

١

مَرِي[1] جِيءُ[2] تَہ ماڻِيين[3]، جانِبَ[4] جو جَمالُ[5]،
تِيين هُوندَ[6] حَلالُ[7]، جي پَندِ[8] اِهائِي پارِيين[9].

٢

مَرُ[10] تَہ موچارِي[11] ٿِيين، وِيهي[12] جيءُ مَ جوءِ[13]،
مُنذَ مَرَّان[14] پوءِ، پَهچَندِينءَ پُنُوهَہ کي.

٣

مَرُ تَہ موچارِي ٿِيين، وِيهي وِجُهہ مَ وِيرُ[15]،
دِلِ ۾ آڻِ مَ دُورُ[16] تُون، سَندو[17] قَرَڻ[18] قِيرُ[19]،
ٿوڙِي[20] لَهِين[21] نَہ پِيرُ[22]، راحَتَ[23] آهي رَڻِ[24] ۾.

٤

مَرُ تَہ موچارِي ٿِيين، جِيئَڻُ[25] آڏو[26] جَتَ[27]،

---

١. نفساني خواهشون ماري يا ناس ڪري، ٢. زندگي يا حياتي گذار، ٣. حاصل ڪرئين، پسين، ۴. محبوبَ، ۵. سونهن، حُسن، ٦. جيڪر، ٧. قبول، مقبول، پاڪ صاف، ٨. نصيحت، صلاح، ٩. عمل ۾ آڻيين ١٠. نفساني خواهشون ناس ڪر، ١١. پلاري، سرخرو، عزت ۽ مان واري، ١٢. غافل يا سست ٿي، ١٣. اي جوءِ، اي زال، اي منڌ (سسئي)، ١۴. مرڻ کان، نفساني خواهشن مارڻ کان، ١۵. نفاق، رِڳڙو، ڪروڌ، ضد، ١٦. وهم، گمانُ، ١٧. جو، ١٨. موٽڻ، واپس ٿيڻ، پوئتي هٽڻ، ١٩. چڪر، ٢٠. جيتوڻيڪ، ٢١. ڏسين، ٢٢. (پنهونءَ جي قافلي جي) پير جو نشان، ٢٣. سکُ، آرام، فرحت، ٢۴. سچ، برپٽ، بيابان، ٢۵. نفساني خواهشن سان حياتي گذارڻ، ٢٦. آڏ آهي، رنڊڪ آهي، ٢٧. جت کي يعني پنهونءَ کي (ملڻ ۾).

هَاري[1] ڪَرِ هِمَتَ[2]، تہ ڏيئي[3] دمُ دوسُ[4] لَهين[5].

٥

مَرُ تہ موچَاري ٿِيين، اَجَلاَن[6] اَڳي اَچُ[7]،
هُئين جَان ڪِٿي[8] تَان جيئري، مُنڌَ پنيوران[9] پڄُ[10]،
پُنوهَ سِين پهچُ[11]، تہ مَلَڪُ[12] المَوتُ مَارِيين[13].

٦

اَجَلاَن اَڳي سَسُئي، مُنڌَ جيئريائي مَرُ،
تولئَان[14] تنهن مرَ تَرُ[15]، جِنهِن رُوحُ[16] وِڃَايو[17] رَاهَ[18] ۾.

٧

تو سَامَائي[19] سَسُئي، مَرَڻُ[20] ڪِئو مُردارُ[21]،
ڪُپِرِ[22] سِين ڪوهيَارُ[23]، لُوني[24] تو لَڄَايو[25].

٨

تو[26] سَڳُ[27] سَاهَ[28] ڪَٽڻ سِين، جيئَڻَ[29] گوشي[30] جَاءِ[31]،
مَرَڻ[32] مُون سِين آءُ[33]، تہ پُنِيءَ[34] تو[35] پَنڌُ[36] ڪَرِيَان.

---

١. اي هاري، اي نادان، اي بي عقل. ٢. محبوب کي ڏسڻ جو) عزم، ارادو. ٣. ساھہ، (ڏيئي دم= جان قربان ڪري، مري). ۴. دوست. ٥. ڏسين. ٦. اجل کان، مقرر وقت کان، (حقيقي) موت کان. ٧. هن وقت، في الفور. ٨. جان کي تان= جيستائين. ٩. پنيور کان يعني هن دنيا جي لذتن کان. ١٠. پري ٿيءُ، پاسي ٿيءُ. ١١. پرچ، راضي ٿيءُ، وفادار ٿيءُ. ١٢. موت جو مَلَڪ يا فرشتو، موتَ. ١٣. ناس ڪرين، چٽ ڪرين (ملڪ الموت مارِيين= تون ڪڏهين بہ نہ مرندينءَ ۽ هميشہ زنده رهندينءَ). ١۴. (عارفن ۽ درويشن جي) ٽوليءَ کان، جماعت يا ساٿ کان. ١٥. پاسي ٿيءُ. ١٦. ساھہ، دم، جان. ١٧. گم ڪيو، ناس ڪئو، ختم ڪئو. ١٨. رستي، واٽ (محبوب کي ڳوليندي). ١٩. پيدا ٿيندي، ڄمندي، سمجھہ واريءَ عمر ۾ داخل ٿيندي. ٢٠. موتَ. ٢١. مردار ڪئو= وساري ڇڏئو، نڪمو يا بيڪار سمجهيو. ٢٢. اڏنگيءَ ۽ بي جاءِ هلت. ٢٣. ڪوھہ يعني جبل جو رهندڙ يا مالڪَ. (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ڏانهن اشارو). ڪوهياري جو ملڪ. ٢۴. اي لوني، اي بي نڪي، اي بي شرم. ٢٥. شرمسار ڪئو. ٢٦. تنهنجو (جيئڻ يعني زندگيءَ کي خطاب آهي). ٢٧. رشتو، سبند. ٢٨. ساھہ ڪٽڻ= جيئري رهڻ. ٢٩. اي جيئڻ، اي زندگي. ٣٠. پاسي، پري. ٣١. هلئو وڃ. ٣٢. اي مرڻ، اي موت. ٣٣. (سونهون ٿي)هل. ٣۴. پٺيان. ٣٥. تنهنجي. ٣٦. سفر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩

اُوَچو[١] اُتاهُون گهڻُو[٢]، جِيئَڻ[٣] کي جَبَلُ[٤]،
مَرَڻ مُون سين هَلُ، تَه پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

١٠

مَرَڻان[٥] اڳي جي مُئا[٦]، سي مَري ٿين نَه مَاتُ[٧]،
هُوندا سي حَيَاتُ[٨]، جِيئَڻان اڳي جي جِيا#.

١١

جِيئَڻان اڳي جي جِيا*، جُڳُ[٩] جُڳُ سي جِيَن[١٠]،
مُوتِي ڪِين مَرَن، مَرَڻان اڳي جي مُئا.

١٢

پَر[١١] ۾ پَچِي[١٢] پِرينءَ کي، مَري نَه جَاتوءِ[١٣]،
"مُوتُوا[١٤]" مُنڌَ نَه سُئو[١٥]، ڪَنڌُ[١٦] ڪُجَاڙَان[١٧] ڪاتِيين[١٨].

١٣

ٿُور[١٩] ويرمي[٢٠] ٿِيءُ، وَجَڻُ[٢١] ويرمَ نَه سَهِي[٢٢]،
ڏيئِي مَرِجِ ڏُونگرين، جَتَنِ ڪَارَڻِ جِيءُ[٢٣].

---

١. بلند، مٿاهون (اڙانگو، ڏکيو)، ٢. زيادهه، جهجهو، ٣. حياتيءَ، زندگيءَ، جيئري رهڻ. ۴. پهاڙ. تڪرُ (جيئري يا زندهه رهڻ جي تمنا جن کي آهي انهن لاءِ جبل اڙانگو ۽ اوچو آهي)، ٥. مرڻ يعني حقيقي موت کان. ٦. جي مُئا= جن پنهنجون نفساني خواهشون ماريون يا ناس ڪيون. ٧. زبون، نابود، فنا. ٨. هميشه زندهه # جن آخرت جي جاويد ۽ ابدي حياتيءَ کان اڳيئي هن دنيا ۾ اها حياتي حاصل ڪئي آهي *گنج ۾ "مَرَڻان اڳي جي مُئا" لکيل آهي. ٩. زمانو، عرصو، وقت، ايام (جُڳ جُڳ= هميشه، زمانن جا زمانا)، ١٠. زندهه رهن. ١١. (من جي) اندر ٿي اندر، ١٢. جلي، سڙي، ١٣. (مرڻ جو طريقو) تو ڄاتو، تو پروڙيو، تو معلوم ڪيو، توکي حاصل ٿيو. ١۴. "مُوتُوا قَبلَ اَن تَمُوتُوا" حديث جو ٽڪرو اکر جنهن جي معنيٰ آهي مرو، سڄيءَ حديث جي معنيٰ آهي مرڻ کان اڳي مرو. ١٥. تو سُئو، تو ٻُڌو. ١٦. سِسِي، مٿو. ١٧. ڇا لاءِ. ١٨. ڪاٽين ٿي، وڍين ٿي، ١٩. ٿوريءَ، ٢٠. ويرمَ يعني دير واري (ٿور ويرمي= تڪڙي)، ٢١. (دوست ڏانهن) هلڻ، ٢٢. برداشت ڪري، ٢٣. ساهه.

هَذِ[١] نَہ هُوندو هِيءُ[٢]، سَاهُہ[٣] پِرِيَان[٤] تَان صَدقو[٥].

١٤

هَتِين[٦] پيرين[٧] مُونَڙِين[٨]، هَلِج[٩] سَانڌ هَنيِين[١٠]،
عشق[١١] آريءَ[١٢] جَام[١٣] جو، نَبَاهي[١٤] نِيين،
جَان سَيِنءَ[١٥] تِي جِيين[١٦]، تَہ پَاڙِج[١٧] كوم[١٨] پُنُوهَہ سين.

١٥

هَتِين پيرين مُونَڙِين، سِرِج[١٩] سَاهُ پَسَاهَ[٢٠]،
هوُت[٢١] گُذِبِئِي[٢٢] حَبِ[٢٣] ۾، رَهبَر[٢٤] مَتِي[٢٥] راهَ[٢٦]،
جَان جَان[٢٧] سَاتِئِي[٢٨] سَاهُ[٢٩]، تَہ پَاڙِج كومَ پُنُوهَہ سين.

١٦

هَتِين پيرين مُونَڙِين، كَهِج[٣٠] پَرِ[٣١] قُدَامَ[٣٢]،
وِجِ[٣٣] وَسيلو[٣٤] نَاهہ كو، اوري[٣٥] آريءَ[٣٦] جَامَ،
هِنيين[٣٧] لَاهي[٣٨] هَامَ[٣٩]، پَاڙِج كومَ پُنهونءَ سين.

١٧

هَتِين پيرين مُونَڙِين، كَهِج پَرِ كَپَارَ[٤٠]،

١. هذِين، هميشهہ. ٢. مصرع نمبر ٢ ۾ جاٽايل "جيءُ" ڏانهن اشارو آهي. ٣. جان، جيءُ. ٤. پرينءَ محبوب. ٥. قربان. ٦. هٿن سان. ٧. پيرن سان. ٨. مونڙين يعني مونن سان. گوڏن سان. ٩. پنڌ ڪج. ١٠. هيين سان. دل سان. ١١. محبت، پيار. ١٢. پنهونءَ، بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون سسئيءَ جو محبوب ان قبيلي مان هو. ١٣. سردار. سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب. ١٤. پڄاءِ تائين پڄائي يا برقرار رکي. ١٥. جان سينءَ= جيستائين. ١٦. جيئري يا حياتَ آهين. ١٧. برابر سمجهج. مَٽ يا هڪ جهڙو ڄاڻج. ١٨. ڪنهن ڪي بہ نَہ، ڪوبہ نہ. ١٩. رڙهج. (آهستي) هلج. گنج ۾ "سورج" لکيل آهي. ٢٠. سَاهَہ سان. پَسَاهَہ سان. جان سان. ٢١. محبوب. پنهون. ٢٢. ملندءِ. ٢٣. حَبَ نديءَ واري بيابان يا ميدان (حب ندي ڪراچيءَ کان ست ڪوهہ پري پب جبل جي اتر واريءَ قطار وٽان بلوچستان جي علائقي مان هلي ڪراچيءَ جي پريان عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي). ٢٤. اڳواڻ. سردار. هادي. ٢٥. تي، ۾. ٢٦. واٽ. رستي. ٢٧. جان جان= جيستائين. ٢٨. تو سان. ٢٩. دَمُ. حياتي. ٣٠. هلج. ٣١. سان. ٣٢. نراڙ. پيشانيءَ. ٣٣. وچ ۾، واٽ ۾. ٣٤. آڌارُ. شفاعتَ. ذريعو. ٣٥. اڪيلي. پهريائين. ٣٦. آريءَ ڪان. ٣٧. هينين جي، دل جي. ٣٨. ڇڏي. ٣٩. همٿ. دعوي، حجت. ٤٠. نراڙ. پيشانيءَ، مٿي، سر.

مَتان چوري[1] ڇَڏيين، پريتَڻي[2] پَچار[3]،
توکي سَنَدَ[4] سسئي[5]، سنڌي[6] لَنءُ[7] لَغار[8]،
جي[9] هُونئي[10] هوتَ[11] هزار[12]، تہ پارِ ڪومَ پُنهونءَ سين.

١٨

هَتين پيرين مُونَزين، پُري[13] پَنڌُ[14] پَرَڪُ[15]،
قَدمُ[16] ڪيچ ڏَٽيَنِ ڏي، وِجُهي[17] وَڏَنڊي[18] وِڪَ[19]،
جي هُونئي هوتَنِ لَکَ، تہ پارِ ڪومَ پُنهونءَ سين.

وائي ١

توڏنِ[20] تان[21] نہ تنوارئو[22]، مُنهنجو لالَڻ[23] وارئو[24]،
اللهَ ميانڻ[25] ڪارڻ آئين اونيا،
ميندي[26]ءَ موڙ[27] مَليرَ[28] جا، چانگنِ[29] کي سَڀ چارئو،
شَرَفُ[30] لهي[31] سسئي، ڪُنل[32] کي ڪَمُ[33] ڪارئو.

وائي ٢

وِهُ مَ واتَ[34] ورچي[35]، هو الاَ ميان جي[36] ڪَهَنديءَ[37] تي[38] لَهَنديءَ[39] وو،
پير پَٽائين[40] ڪُونئرا[41]، رائي[42] ڪيس رچي[43].

---

١. اي چوري، اي يتيم، لاوارث يا نڌڻڪي، ٢. پريتڻي جي، پريت جي، محبت جي، گنج ۾ "پريتڻو" لکيل آهي، ٣. تات، ذڪر، ڳالهہ، ۴. پروانو، اختيار نامون، ثبوت، دليل، ۵. اي سسئي، ٦. جي، ٧. محبتَ، پيارَ، ٨. اثر، چَٽَ، چوٽَ، صدمو، ٩. جيڪڏهين، ١٠. توکي آهن، ١١. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٢. هزارين، گهڻي تعداد يا انداز ۾، ١٣. هلي، اڳتي وڌي، ١۴. مفاصلو، سفر، ١۵. سمجهہ (غور سان)، ١٦. سجاڻ، ١٧. پيرُ، ١٨. پاءِ، ١٩. تکڙي، ٢٠. هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ وارو، وِڇو يا مفاصلو، ٢٠. اٿن، ٢١. هرگز، ٢٢. آواز ڪئو، ٢٣. محبوب، سڄڻ، ٢۴. ورايو، موٽايو، ٢۵. الله جي بزرگيءَ جي صفت معنيٰ ڌڻي، مالڪ، سردار (گنج ۾ هيءُ اکر ڪونهي)، ٢٦. مينديءَ جا (ميندي هڪ ٻوٽي جو قسم آهي جنهن جو پن سڪائي، پيهي ۽ پسائي هٿن پيرن کي لائيا آهن تہ هٿ پير ڳاڙها ٿي ويندا آهن، ٢٧. گُونچ، مينديءَ جي ڦر جا ڇڳا، ٢٨. هڪ ڳوٺ جو نالو آهي جيڪو ڪراچيءَ جي پرسان آهي، ٢٩. اٺن، ٣٠. عزت، مانُ، ٣١. حاصل ڪري، پائي، ٣٢. ڏکن جي ستايل، مصيبت جي مُنَلَ، ٣٣. ڪم ڪارئو= مراد حاصل ڪرايو، ٣۴. واٽ ۾، ٣۵. ڪک تي، ٣٦. جيڪڏهين، ٣٧. هلنديءَ، ٣٨. تَہ، ٣٩. ملندينءَ، ۴٠. پٽ ڪان، ريشم ڪان، ۴١. نرم، ۴٢. جبل جي ريتيءَ، جبل، ۴٣. لال، رچيل ڳاڙها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهُن[1] ڪَرِ مَعذُورنِ[2] ڏي، پُنهُن جَامَ پَرچِي[3]،
مُونکي تَهِين مَارِئو، جَتَنِ مُون کي جَا چِئِي[4]،
وِنڌُرَ[5] وَاٽَڙيُنِ[6] تي، ڪَانڌي[7] تِيندَمِ ڪيچِي،
ڪَنِي[8] اَچِي ڪَا[9] ڪَهِي[10]، ڪَنِي[11] اَچِي ڪَا[12] چَئِي،
اَمُلَ[13] پَايَان اُنَ کي، سَاجَنَ مُون کي جَا چِئِي.

وائي ۳

چَڏي ڙي هُوتَ مَ وَڃُ، اي مِيَان[14] يَارَ جَتَ،
آئُون اَوَهَان جِي آهِيَان،
پَاٽَان[15] پَراهَان[16] وِئا، سُٽِي[17] مُئِيءَ[18] جَا سَڌَ،
سگهو موٽِج سُپرين، اوڏي[19] لاهي لَڌَ[20]،
آڌا[21] ڏُونگَرَ[22] لَڪِيُون[23]، هَارِهي[24] هَنيَان[25] هَڌَ[26]،
لَڪَنِ[27] ۾ لطيف چئي، چُورِي[28] هَڌَ[29] مَ چَڌَ.

---

۱. منهن ڪر= سامهون ٿيءُ (ديدار ڪراءِ)، ۲. عذر وارين، جڏين، ضعيفن، ۳. سرچي، راضي ٿي، ۴. ٻڌائي (ڳالهہ)، ۵. وندر جي (وندر، لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۾ نئن (ننڍي نديءَ) جو نالو آهي)، ٦. واٽن، رستن، ۷. مثل ماٿهوءَ جي جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ يا ڪنڌڙ، حامي، مددگار، ۸. ڪڙن ماڻهن، ۹. هڪڙي (ڳالهہ)، ۱۰. چئي، ۱۱. ٻين ماڻهن، ۱۲. ٻي (ڳالهہ)، ۱۳. بي بها، قيمتي، اهميت واري، ۱۴. سردار، مالڪ، ڌڻي، ۱۵. ويتر، ۱٦. پري، ڏور، ۱۷. ٻڌي، ۱۸. مئل، مصيبت جيماريل (سسئي)، ۱۹. ويجهي، ۲۰. لڌو، سامان، تيز تاڙي، ۲۱. اڳيان، ۲۲. جبل، پهاڙ، ۲۳. سوڙها پيچرا، جبلن جي مٿان گهڙيل رستا، ۲۴. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي هڪ قطار، ۲۵. ڏکَ هنيان، ضربون يا چوٽون ڏنيون، ۲٦. بدن جي هڏن کي، ۲۷. جبلن ۾، ۲۸. لاوارث، نڌڻڪي، يتيم، ۲۹. اصل، هرگز.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُرِ مَعذُورِ

داستان پنجون

١

جَڏائيءَ[١] جو جَامُ[٢]، ڏَنائُون ڏُکيءَ[٣] کي،
مَنگلُ[٤] مُنهنجي مَنَ[٥] ۾، بَارِئُو[٦] هوتَ[٧] حُمَامُ[٨]،
اَرَڳِ[٩] تِئو آرامُ[١٠]، ڪَاڪُلُ[١١] پَسِي[١٢] ڪَانڌَ[١٣] جو.

٢

ڪَاڪُلَ ڪُٺِي[١٤] جا، ڪَفَنُ[١٥] تَنهِن ڪون تِئو،#
سَا دُرسُتُ[١٦] تِي دَفَنَ[١٧] رِي[١٨]، تِنهِن تي پِي[١٩] نَه ڪَا،
مَنجِهه شَهَادَتَ[٢٠] سَا، لُڏي[٢١] ۾ لاڏَ[٢٢] ڪَري.

٣

پَرِيندي[٢٣] پَاڻُ[٢٤] وِئو، زُلفَ[٢٥] زورُ ڏنومِ[٢٦]،
ڪَاڪُلُ ڪَالَهه ڏِنومِ، رُخسَارِيتي[٢٧] رُوپَ[٢٨] سِين.

---

١. (عشق جي) بيماريءَ، ٢. پاڻي پيئڻ جو ٿانءُ، ونو، ڪٽورو، پيالو. ٣. ڏکن جي ستايل، دردمند. ۴. مگر، باھہ، ڪَلَ، ڳورو. ۵. دل، ٦.جلايو، پڙڪايو. ٧. محبوب پنهونءَ (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٨. سخت گرم (گنج ۾ "هَمَامُ" لکيل آهي). ٩. جدا، الڳ، حرام. ١٠. سُکَ، راحت. ١١. گهُنڊيدارُ وارُ، وارن جي چڳ، ڳلُ يا ڦندڻُ، وارن جو وانگوڙو. ١٢. ڏسي. ١٣. مڙس، پتارَ، محبوبَ. ١۴. قتل ڪئي، ماري، ذبح ڪئي، ناس يا برباد ڪئي. ١۵. لاش ڍڪڻ جو ڪپڙو، مئل ماڻهوءَ کي پهرايل ڪپڙو # تنهنکي ڪفن پهرائڻ جي ضرورت يا درڪار نہ آهي. ١٦. صحيح، ٺيڪ. ١٧. ڪفن کان سواءِ زمين ۾ پورڻ. ١٨. کان سواءِ. ١٩. وڏيڪ پڇاڳاڇا، ٻيو حساب ڪتاب. ٢٠. خدا جي راھہ ۾ قتل ٿيڻ يا مرڻ واري حالت. ٢١. (خوشيءَ وچان) ڦيريون پائي يا اچ وڃ ڪري. ٢٢. نازَ نخرا، انگلَ، ماڻا. ٢٣. اوائل کان، پهريائين. ٢۴. آپو، انفرادي هستي، خودي، اهنڪار. ٢۵. وارن جي چڳَ يا وانگوڙي (محبوب جي). ٢٦. زور ڏنوم= مون تي زورَ يعني سختيءَ سان محبت جو دٻاءُ وڌو يا مونکي لاچار ڪئو. ٢٧. رخساري تي= ڳِلَ تي، ڳٽي تي. ٢٨. سونهنَ، حُسن، سهڻي يا زيبائتي نموني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

دَرْدُ[1] نَه لَهِي[2] دَارُوئِين[3]، زُلْفَ[4] كِيَسِ زَافُ[5]،
سَندو[6] كَاكُلَ[7] كَافُ[8]، مَاري مَعْذُورِن[9] كي.

۵

هَاڻِ نَه جِيَان[10] جِيَڏِيُون[11]، زُلْفَ زَافُ كِيَاسِ،
كَاكُلَ آئُون كُٺِيَاسِ[12]، پَنيُو[13] جو پَنيُورَ[14] جو.

٦

پَنيو جو پَنيورَ ۾، كَاكُل ڏِنُمِ كَالَهَه،
هَاءِ[15] تَنِي جي حَالَ[16]، زُلْفَ جي زَافُ كِيُون.

۷

ڏِيهَان[17] ڏَارِيءَ[18] وِبسِ[19]، رَاتِيِن[20] روءِ رَتَ ڦُڙا[21]،
لَندِنِ جي لِبِيسِ[22]، هَلِجِ[23] هوتَ[24] پُنُهونءَ ڏي.

۸

ڏِينهَان ڏَارِيءَ رُوءِ[25]، رَاتِيَان روءِ رَتَ ڦُڙا،
مَنجِهه[26] وِچَارِيءَ[27] ووءِ[28]، ٻَهران ٻِئي[29] ٻِيَنِ[30] سين.

---

١. بيماري (عشق جي)، ٢. ڇڏي وڃي، دور ٿئي، ٣. دارونءَ سان، دوا سان، ۴. (محبوب جي) وارن جي ڇڳ يا وانگوڙي، ۵. فنا، نابود، ضعيف، هيڻي، اڌ ماريل، ٦. جو، ۷. (محبوب جي) ڳُنڍيدار وارَ، ۸. "ڪ" وانگر پيچ، وَرَ، ڳنڍي، ۹. عذر وارين، جڏين، ضعيفن، ١٠. زنده يا حياتَ رهنديس، ١١. جيڏيون، اي سرتيون، ١٢. قتل ڪِيَسِ، ١٣. ڪارو سهڻو ڳنڍيدار (وارُ)، ١۴. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اتڪل ۾ ميل اولهه طرف هڪ قديم شهر (جتي سسئي رهندي هئي)، ١۵. افسوس، ١٦. حال تي، حالت تي، ١۷. ڏينهن جو، ١۸. ڏاريءَ جي، لنڊيءَ جي، اوباش يا بدڪار (عورت) جي، ١۹. ويس ۾، لباس ۾، لبيس ۾، پوشاڪ ۾، (بدڪاريءَ جي پيشي ۾ مشغول) ٢٠. راتين جو، ٢١. روءِ رت ڦڙا= زاروزار روئي، تمام گهڻو روئي، شرمسار ٿئي، پشيمان ٿئي، ٢٢. لبيس يا پوشاڪ ۾، ٢٣. پنڌ ڪج، ٢۴. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢۵. مهانڊي، شڪل، نموني، طريقي، ٢٦. اندر ۾، دل ۾، ٢۷. ويچاريءَ جي، مسڪين جي، ٢۸. ڏڪَ يا درد جي دانهن يا آواز، پشيماني، ٢۹. ٻي ڳالهه، ٣٠. غيرن، ڌارين.

٩

بَهرَان بِي بِيَن سين، مَنجهه[١] ڪَالهوٽي[٢] گَالهه[٣]،
سَا تَان[۴] تُون سَنيّال[۵]، هُوءَ جَا ڪِيئي هوتَ سين.

١٠

راتِيين روءِ رَتَ ڦُڙا، مُنڌَ مُرڪي[٦] ڏِينهَن،
اَندرِ نَعرو[٧] نِينهَن[٨]، بَهَران واهَه[٩] وِڙَن[١٠] سين.

١١

بَهرَان واهَه وِڙَن سين، اَندرِ مُنڌَ[١١] مَاتَام[١٢]،
سَسُئيءَ سُوٽي[١٣] ڪَڍِيَا، تَعلُق[١۴] سَپ تَمَام[١۵]،
نِئُس[١٦] نِينهَن[١٧] نِيَام[١٨]، ڏِسَن[١٩] ذَارِيءَ ويس ۾.

١٢

ڏِسَڻ[٢٠] ڪَر[٢١] ذَاري، اَندرِ سَتي[٢٢] سَسُئي،
لوڪَ[٢٣] نَه لَڪي ڪَڍهين[٢۴]، پُنهُونءَ[٢۵] پِيَاري[٢٦]،
مَاٽهُو ڏِينس مِيهَٽا[٢٧]، هِيءَ وِهسي[٢٨] ويچَاري[٢٩]،
اِنهين پَرِ[٣٠] آرِي[٣١]، ڪَانڌُ[٣٢] ڪَميٽيءَ[٣٣] ڪَٽِئو[٣۴].

---

١. اندر ۾، دل ۾. ٢. ڪالهوڪي، پراڻي، گذريل ڏينهن واري. ٣. ٻولي، واعدو، "الست بربڪم قالوا بلىٰ يعني ڇا آئون اوهان جو رب نہ آهيان چيائون هائو"، وارو وچن. ۴. تہ. ۵. ياد ڪر. ٦. کلي، ٽهڪ ڏي. ٧. آواز. ٨. نينهن جو، محبت جو، عشق جو. ٩. کِلَ ٻوگ، هَسِي مذاقَ. ١٠. ڪميڻن (ماڻهن). ١١. منڍ ڳي. ١٢. غم، ڏکَ، روڄ راڙو. ١٣. ڇڪي، ست ڏيئي. ١۴. لاڳاپا، ناتا، واسطا. ١۵. پورا، سڀ. ١٦. ختم ڪيس. ١٧. عشق، محبت. ١٨. ناموس، ڍڪ، پردو. ١٩. پَسَنِ. ٢٠. ڏسڻ ۾، ظاهري طرح. ٢١. جڻ تہ، جهڙي. ٢٢. پاڪدامن، نيڪ، سَتر واري، سِيلوان. ٢٣. عام ماڻهن. ٢۴. سهي ڪئي، پَرکي، محسوس ڪئي، ڄاتي. ٢۵. پنهونءَ کي (پنهون، سسئيءَ جي محبوب جو نالو آهي). ٢٦. وڻندڙ، پسند ايندڙ. ٢٧. طعنا. ٢٨. خوش ٿئي. ٢٩. مسڪين، عاجز. ٣٠. ريت. ٣١. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ان قبيلي مان هو). ٣٢. مڙس، پتي، محبوب. ٣٣. بدڪار، گهٽ ذات، ٻجڙيءَ. ٣۴. هٿ ڪئو، حاصل ڪئو.

١٣

جيڪي[1] لَنڊي ٿيءُ، نہ تہ ٿيءُ واٺيڊَلَ[2] وچَمِ[3]،[4]
جَتنِ[5] ڪَارڻِ[6] جِيءُ، ڏيئي[7] مَرجِ ڏُونگرين[8].

١۴

لَنڊيُون لَکَ[9] جِيَنِ[10]، جي ڏيِنِ[11] ڏهَاڙي[12] ڏيهَہ[13] کي،
ڪِبو ڪُوهہ[14] سَتِنِ[15]، جي ڍَڪِئُو[16] ڍَڪِين پَاڻَ کي.

(١٥)

لَنڊيُون لَکَ جِيَنِ، جي ڏيِنِ سِرُ[17] سَيِڪَنهن،
سَتِيُون سَپِ مَرَنِ، جي وَرَنُ[18] سَاڻُ ونگيُون[19].

(١٦)

لَنڊيُون هِنَ لَوڪَ[20] ۾، مَرُ[21] هَزارين[22] هُون[23]،
اَنئِي پَهرَ[24] اگُڙا[25]، ڌوبِئو ڌوبو[26] ڌُون،#
پيرَ[27] پَٽَ[28] نہ پُون، اُنِ جَا عَبدُاللطيف چئَي.

(١٧)

سَتِي سِيڌائي[29]، لَنڊِي ٿي لاَڏَ[30] ڪَري.

١. يا. ٢.اوباش يا بد ڪار (عورت). ٣.واٺيندڙ. ڪَڌيندڙ. ڏوتي. دلال. ڪُٽڻ. ۴. وچ جي، ٻن ماڻهن جي درميان واري. ٥. انن جي مالڪن. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن. ٦. لاءِ. واسطي. ٧. جانِ. سَاهُ. ٨. ڏونگرن ۾. جبلن ۾. ٩. لک دفعا. هميشہ. ١٠. زندهہ يا حيات هجن. ١١. (پنهنجو بدن يا جسم) ارپن ڪن ياحوالي ڪن. ١٢. روزانو. ١٣. ڏيهہ جي يا ملڪ جي (ماڻهن). سيڪنهن ماڻهوءَ. ١۴. چا. ١٥. ستين ڪي. پاڪدامن يا نيڪ (عورتن) کي. سَتَرَ وارين عورتن کي. ١٦. لڪايو. (ڪپڙن ۾) ويڙهيو. ١٧. بدن. جسم. ١٨. مڙسن. پتارن. ١٩. ڏنگيون. بي وفائي ڪندڙ. ٢٠. جهانَ. دنيا. ٢١. ڀلي. ٢٢. گهڻي تعداد ۾. ٢٣. هجن. ٢۴. انئي پهر= سڄو ڏينهنءِ سڄي رات (هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات ۾ انن پهرن جو وقت ٿئي ٿو). ٢٥. عضوا. ٢٦. (پاڻيءَ سان) غلاظت صاف ڪيو. پاڪ ڪيو # (ڌويو ڌويو ڌون= وري وري صاف ۽ پاڪ ڪن). ٢٧. قدم. ٽنگون. ٢٨. پَٽَ تي. هيٺ. ٢٩. آرزو ڪري. واجهائي. (پاڻ کي) سِڪائي. ٣٠. نازَ نخرا. انگل آرا. ماٺا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسَرو[1] آهي، لَنڊيءَ[2] کي لِبيسَ[3] جو.

١٨

لَکَڻَ[4] جي لَنڍن جا، لوڪُ[5] نَه چَگا[6] چوءِ[7]،
پَرو[8] تَنِ کان پوءِ[9]، جي اِيندَن[10] وِيندَن سَنديُون[11].

١٩

تَنِ جيسَرمِيرِياڻن[12] جَسُ[13]، جي لِلهِ[14] کارَڻ[15] لَنڊيُون،
تَنِئي[16] لَڳي[17] مَ کَسُ[18]، جي اِيندَن وِيندَن سَنديُون.

٢٠

تَنِ جيسَرمِيرِياڻن جَسُ، جي لِلهِ کارَڻ لَنڊيُون،
لاَلاَئِيءَ[19] جي لطيف چئي، کانَ رَهيَنِ کَسُ[20]،
هِتِ[21] بِ رَهيَنِ[22] رَسُ[23]، هُتِ[24] بِ گڏيُون هوتَ[25] کي.

٢١

اَجا کي آهِين، جيسَرمِيرِياڻيُون جَڳَ[26] ۾،
نِئو[27] لِڳَ[28] لائِين[29]، لِلهِ لَڳِ[30] لطيف چئي.

---

١. پروسو، ڏِڍَ، سهارو، ٢. اوباش يا بدڪار (عورت)، ڌاريءَ، ٣. لباس، پوشاڪَ، ٤. لڄڻ، خصلتون، ٥. (دنيا جا) ماڻهو، ٦. سُٺا، موچارا، ٧.چَئي، ٨. پَتو، خبر، ٩. پوي، ١٠. ايندن ويندن= واٽهڙن، عام توڙي خاص ماڻهن، ١١. جُون (آهن)، ١٢. جيسر ميرياڻن کي، جيسر مير شهر جي رهاڪو عورتن کي (جيسر مير (جيسلمير) هندستان جي ريگستاني علائقي ۾ هڪ شهر آهي)، ١٣.شاباس، آفرين، ١٤. الله جي، خدا جي، ١٥. واسطي، راهَه ۾، ١٦. تن کي، ١٧. ٿئي، ١٨. نقصان، گهاٽو، ڇيهو، ٽوٽو، ١٩. پَرم، حيا، لڄ، ٢٠. کوٽِ، گهٽتائي، ٢١. هن جهان ۾، ٢٢. نبهي وين، توڙ يعني پڇاڙيءَ تائين پهتن، ٢٣. محبت، قرب، ٢٤. هُن جهان ۾، آخرت ۾، ٢٥. محبوب (هوت)، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٦. جهانَ، سنسارَ، ٢٧. ونئو وَڃيو، ڪٽيو وڃيو، ٢٨. عضوا، ٢٩. لڳائين، ٣٠. واسطي، راهَه ۾.

(٢٢)

جيسَرَ[١] ميرِباٽِيون جَڳَ[٢] مَان، لَڏي[٣] وِيُون لوءِ[٤]،
هَاٽي هِنهَان[٥] پوءِ، لَنڍِيُون[٦] رَهَنِ لَبَ[٧] ۾.

وائي ○

اِيندو هوُتُ[٨] چَپِرَ[٩] جو جَامُ[١٠]، جيڏِيُون[١١] کِينَ چَڏِيندو کَڏهِينِ،
وِهَان کِيئَن پَنيورَ[١٢] ۾، کَري مَنُ[١٣] مُدَامُ[١٤]،
کَاهِيِ[١٥] رَسندِيَسِ[١٦] کيچَ[١٧] کي، جِت سَنڌو[١٨] گوهَرَ[١٩] گَامُ[٢٠]،
مَرَان تَان[٢١] مَانُ[٢٢] لَهَان[٢٣]، تِيَان کيچِنِ[٢٤] تَان قُربَانُ[٢٥]،
پيرَانڍِيءَ[٢٦] پُنهونءَ جي، مُنهِنجو تِئي مُقَامُ[٢٧]،
٥ ڄهو[٢٨] وَرَاکَنِ[٢٩] ۾، اِيندو سو اِمَامُ[٣٠].

١. جيسر مير جون رهاڪو عورتون (جيسر مير (جيسلمير) هندستان جي ٿر جي علائقي ۾ هڪ شهر آهي). ٢. (مَن) جهان يا سنسار. ٣. سامان يا تيز تاڙي ڪئي، انتقال ڪري، مَري. ٤.لوءِ ڏي، (پنهنجي اصل) وطن ڏي يعني هُنَ جهان ڏي. ٥. هُن ڪان. ٦. ڏاريون، اوباش يا بدڪار (عورتون). ٧. پاسي ڪندَ. لِڪَ ڇپ، گوشي. ٨. محبوب (هوت، بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٩. جبل. ١٠. سردارُ (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ١١. اي جيڏيون،اي سرتيون. ١٢. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي هڪ قديم شهر (جتي سسئي رهندي هئي). ١٣. دل. ١٤. هميشہ (قرار). ١٥. پنڌ ڪري، ڊوڙي. ١٦. پهچنديس. ١٧. رياست مڪران ۾ هڪ شهر (جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ١٨. جو. ١٩. سپ مان نڪتل موتي يا ماڻڪ (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ڏانهن اشارو آهي). ٢٠. ڳوٺ. ٢١. تہ. ٢٢. عزت. شرف. ٢٣. حاصل ڪريان. ٢٤. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهونءَ. ٢٥. صدقو. ٢٦. پيرن واري پاسي کان. ٢٧. مدفن. قبر. ٢٨. اوڏو. ٢٩. جبلن. جبلن جي سوڙهن پيچرن. ٣٠. اڳواڻ. رهبر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ مَعذُورِ

داستان ڇهون

١

پسڻ[١] ڏاران[٢] پرينءَ[٣] جي، جهلي[٤] تان نہ رهان[٥]،
اَپرِ[٦] عاجز[٧] آهيان، لالڻ[٨] جان[٩] نہ لهان[١٠]،
فردا[١١] مون قِٿِي[١٢] کِي، واعدي[١٣] نہ وهان[١٤]،
صباح[١٥] سِينءَ[١٦] نہ سهان[١٧]، خواهہ[١٨] مڙين[١٩] خواهہ مارين.

٢

فردا مُنڌ[٢٠] قِٿِي کِي، نقد[٢١] ڪنيو نار[٢٢]،
هيءَ جا واڳ[٢٣] ولهيءَ[٢٤] جي، ويرم[٢٥] ڏي مَ وار[٢٦]،
جيڪي[٢٧] مُنِيءَ[٢٨] مار، جيڪي ميڙ[٢٩] مُنِيءَ کي.

٣

مُنِي تي مُدعا[٣٠] گهري[٣١]، موت تئو موجود[٣٢]،
اَچين تہ اڄُ ڪريان، صباح[٣٣] جو[٣٤] سجود[٣٥]،

---

١. ڏسڻ، ٢. ڪانسواءِ، ٣. محبوب، ۴. پلي، روڪي، ۵. ترسان، ٽڪان، رُڪجان، ٦. تمام گهڻو، بي حد، ٧. لاچار، ماندي، مايوس، مجبور، غمگين، ٨. محبوب، پيارو، ٩. جيستائين، ١٠. ڏسان، ١١. ايندڙ ڏينهن، سڀاڻي، قيامت جو ڏينهن، آخرت، ١٢. ترڪ، ١٣. واعدي تي، انجام تي، دلاسي تي، ١۴. وِجان، پنيان لڳان، ڀروسو ڪريان، ١۵. صبوح، سڀاڻي، ١٦. تائين، ١٧. ترسان، رُڪجان، ١٨. يا، ١٩. مِلين، گڏجين، ٢٠. عورت، زال، ٢١. روڪڙو سودو، حاضري يعني بروقت جو سودو، اڄ جو اڄ، ٢٢. زالَ، ٢٣. (اٺ جي) مهارَ، (گهوڙي جو) لغام، ڏورِ، رَسي، نوڙي، ٢۴. غريب، مسڪين، ڪنگال، سُڃيءَ، نڌڻڪيءَ، ٢۵. دير، ٢٦. وراءِ، ڦيراءِ، ٢٧. يا، ٢٨. مُنيءَ کي، بدبخت کي، نڀاڳيءَ کي، مصيبت يا ڏکن جي ماريل کي، ٢٩. ملاءِ (پاڻ سان)، ٣٠. مرادَ، مقصد، مطلب ٣١. چاهي، طلبي، ٣٢. حاضر، ٣٣. سڀاڻي، قيامت جي ڏينهن، ٣۴. وارو، ٣۵. سجدو، سلام، جُهار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي[١] نِي[٢] وِجُودُ[٣]، جيڪي ميڙِ[٤] مُنِيءَ[٥] ڪي.

۴

جيڪي ميڙِ مُنِيءَ ڪي، نَانْ[٦] تَہ مُنِي مَارِ[٧]،
ڏُکِيءَ[٨] کي ڏيکارِ، هيڪَرَ[٩] هوُت[١٠] اکِيُن سين.

٥

ڏُکِي تِي ڏُوُرَ[١١]، لَهَسِي[١٢] لَنءُ[١٣] پُنُهوَهَ جي،
ڏيئي آڳِ[١۴] اَنُورَ[١٥]، سَپَ نَہ ڪاٽِي[١٦] سَسُئِي.

٦

ڏُکِي ڏِکَ[١٧] وِسَارِ[١٨]، سيجَ[١٩] قِتِي[٢٠] ڪَرِ سَسُئِي،
پَٽنِيين[٢١] پِيرُ[٢٢] نِهَارِ[٢٣]، تَہ آرِياڻِي[٢۴] اُتَان[٢٥] لَهَين[٢٦].

٧

ڏُکِي ڏُکُ[٢٧] مَٿي[٢٨] ڪَرِي[٢٩]، وَانءُ[٣٠] چِپَرِ[٣١] پِيهِي[٣٢]،
گَڏَبِئِي[٣٣] ڏيهِي[٣۴]، سُوڏِيُون[٣٥] ڏِينْدءِ خَبَرُون[٣٦].

٨

ڏُکِيءَ[٣٧] ڏِهَاڙِيءَ[٣٨]، مَٿي[٣٩] مُنِيءَ[۴٠] هَٿڙَا،#

---

١. يا تہ. ٢. ڪڏي وٺ. ٣. جان، ساهہ. ۴. ملاءِ (پاڻ سان). ٥. مصيبت جي ماريل، نڌڻڪيءَ، بدبخت، نياڳيءَ. ٦. نہ. ٧. بي جان يا بي ساهي (ساهہ کان سواءِ) ڪر. ٨. غمگين، دردمند، ڏکن ۾ سورن جي ستايل. ٩. هڪ دفعو. ١٠. محبوبُ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١١. اڌ سڙيل، اڌوگابري جليل، ڏڌلَ. ١٢. سيڪ يا تَوَ ڏيئي ڪارو ڪيس، لوساتيس. ١٣. محبت. ١۴. باهہ. ١٥. جهجهي، گهڻي، جنهنجي تور يا اندازو نہ ڪري سگهجي. ١٦. جلي، سڙي. ١٧. (شاديءَ وارو) هار سينگار. ١٨. خيال ۾ نہ آڻ. دل تان لاهي ڇڏ. ١٩. ڇپر ڪَٽَ. ڪهوٽ ڪنوار لاءِ تيار ڪيل هنڌ ۾ ڪٽ. ٢٠. تَرڪ. ٢١. پٽن ۾، ميدانن يا بيابانن ۾. ٢٢. (پنهونءَ جي) پير جو نشان. ٢٣. ڏِسُ. ڳول. ٢۴. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون سسئيءَ جو محبوب ان قبيلي مان هو). ٢٥. ان هنڌان، ان پٽن تان. ٢٦. ڏسين، هٿ ڪرين. ٢٧. (عشق جو) درد، سورُ. ٢٨. مٿي تي، سِرَ تي. ٢٩. سَهِي، برداشت ڪري، قبول ڪري. ٣٠. وڃ. ٣١. ڇپر ۾، جبل ۾. ٣٢. گهڙي، داخل ٿي. ٣٣. توکي گڏبا. توکي ملندا. ٣۴. ڏيهہ جا رهاڪو. تر جا رهاڪو. ٣٥. سچيون. ٣٦. حال احوال، سماچار. ٣٧. ڏکيءَ کي. ٣٨. هر روز، روزانو. ٣٩. مٿي تي، سِر تي. ۴٠. مُنِيءَ کي #مٿي مُنِيءَ هٿڙا= افسوس ۽ ارمان واريءَ حالت ۾. روڄ راڙو ڪري، مٿو هٿن سان پٽي پٽي.

تنهن پر[1] نه ڪاٽي[2]، جنهن پر جيئي[3] جيڏيون[4].

٩

ڏسڻ[5] ڏکان[6] اگرو[7]، سسئي[8] آڻ مر شڪ[9]،
تي بانهي[10] پر اويون[11]، لُڏ[12] مر پسي[13] لڪ[14]،
ور[15] پنهونءَ[16] سين پلڪ[17]، ٻن[18] بارهن ورهه[19] ٻئن سين.

١٠

هر[20] دم هوت[21] پنهونءَ جو، ڏسڻ پانئج[22] ڏک،
ور باروچاٽي[23] لڪ[24]، ڪوءِ[25] بارهن ماهه[26] ٻئن سين.

١١

ڪنهن جنهن[27] ڏکان[28] ڏي، پارانيا[29] کي پانڌين[30]،
سور پريائين[31] سي، ڳالهه ڪئائين جن سين.

١٢

ڏکيءَ[32] سنديون[33] ڏونگرين[34]، پسو[35] پٿون[36] پون،
ڏاري[37] جو ڏونگر[38] کي، سو کي[39] چيو چون[40]،
آريءَ[41] جي افسوس[42] ۾، ماڻهو[43] مرون رون،

١. ريت، نموني، ٢. سڙي، جلي، ڪامي، ٣. هميشه زنده يا حيات رهي، ابدي حياتي حاصل ڪري، ٤. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٥. ديدار ۽ پسڻ (محبوب جو)، ٦. ڏک کان، (شاديءَ واري) هار سينگار کان، سيج يا ڇپر ڪٽ کان، ٧. وڌيڪ سٺو يا عمدو، بهتر، ٨. اي سسئي، ٩. وهم، گمان، وسواس، ١٠. نوڪرياڻي، گولي، ١١. (ٻانڀيءَ جون) سانداريون، ١٢. دهلج، ڊڄج، ڏڪج، ١٣. ڏسي، ١٤. جبل، ١٥. بهتر، ١٦. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ١٧. گهڙي، ساعت، تمام ٿورو وقت، لحظو، ١٨. ٻنَ ۾ پون، ڪڏ ۾ پون، نه گهرجن، ١٩. سال، ٢٠. هر وقت، هميشه، ٢١. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٢. سمجهج، ڄاڻج، ٢٣. ٻروچن سين، بلوچن سين، پنهونءَ ۽ ان جيمائٽن سين، ٢٤. ساعت، گهڙي، ڪِنَ، پَلَ، تمامُ ٿورو وقت، ٢٥. ڪڏ ۾ پون، کوهه ۾ پون، ٢٦. مهينا، ٢٧. اهڙي، ٢٨. ڏک کان، ٢٩. نياپا، پيغام، ٣٠. پانڌين کي، واٽهڙن کي، قاصدن کي، ٣١. سور سان، ڏک سان، ٣٢. سورن واريءَ، سورائتيءَ، ڏکن جي ستايل، غمگين، دردمند، ٣٣. جون، ٣٤. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ٣٥. ڏسو، ٣٦. واحد پٽ، روح راڙي جو آواز، بددعا يا پاراتي جو آواز، ٣٧. ٽوڙي يا ڀڃي ٽڪرا ڪري، شگاف وجهي، ٣٨. جيڪو (قصو يا بيان)، ٣٩. ڪجهه، ٤٠. چيو چون= (سسئي خود ۽ ان کي ڏسندڙ ماڻهو ۽ جانور) وري وري چون يعني ٻڌائين، ٤١. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون ان قبيلي مان هو)، ٤٢. ارمان، غم، ڏک، ٤٣. جانور.

اِنَ پَرِ[1] سيئِي هوَنِ[2]، هِينئَڙا[3] جَنِ[4] هَجِي[5] وِئا.

١٣

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگَرِينِ، آڏيءَ[6] آهُون[7] پُونِ،
مُٺِي[8] پُجاڻا[9] مُنڌَ کِي، روجهَ[10] رِجُنِ[11] ۾ رُونِ،
پُٽان[12] اِيئَن چُونِ[13]، تَہ مُٺِيءَ[14] اَسان کِي مارِئو.

١۴

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگَرِينِ، اوچِنگارُون[15] اَچَنِ،
هَٽِي سانگ[16] سَسُئِيءَ کِي، کِلو[17] کِئو کِيچَنِ،
جي هَٿان[18] هوتَ مَرَنِ، هوتُ تَني جي هَنجَ[19] ۾.

١۵

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگَرِينِ، وَڻَ ٽَڻَ[20] وَايُون[21] کَنِ،
وَڻان وِيئِي جَنِ[22]، وَڍِيءَ[23] سي وَادُوڙَئا[24].

١٦

وَڍِيءَ سي وَادُوڙئا، رَتُ[25] نَہ ڏِنو جَنِ،
موتُ قَبُولِئو[26] تَنِ، ڏِنو جَنِ ڏُکِيءَ کِي.

---

١. ريت، نموني، حالت ۾. ٢. ٿين ٿا. ٣. هنيان، دليون. ۴. جن جا. ۵. (عشق ۾) ساڙا ٿيا، چور ٿئا، بي حال ٿئا. ٦. آڏيءَ جي مهل، اڌ رات جي مهل. ٧. دانون، پڪارون. ٨. مُٺي کان، مرڻ کان. ٩. پوءِ، بعد. ١٠. جهنگلي يا جابلو ڳئن، ڳئن جي شڪل وارا ڦاڙها. ١١. رڻ پٽن، بيابانن. ١٢. پيا. ١٣. چوَنِ. ١۴. نياڳيءَ يا بدبخت (سسئيءَ). ١۵. روئڻ جو آواز. ١٦. نيزو، ڀالو تلوار. ١٧. جهيڙو، لڙائي. ١٨. هٿ کان، هٿ تي، (هٿان هوت = هوت جي هٿان) ١٩. ڪڇَ، جهوليءَ، آغوش، گودِ. ٢٠. درخت (ون ٽڻ= وڻ، ٻوٽا، ٻوٽا ٻوٽيون). ٢١. ڳالهيون، پچارون. ٢٢. لنگهي، گذري. ٢٣. وڍيل، زخمي ٿيل، سورن يا ڏکن جي ستايل. ٢۴. (درد يا سوزَ سان) زَخمي ڪيا، گهائي وڌا، ماري وڌا، ناس ڪئا. ٢۵. خون، لَهو (رت نہ ڏنو جن= جيڪي بي جان يا بنا ساهہ جي آهن جهڙوڪ وڻ ٽڻ) ٢٦. مڃئو، منظور ڪئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧

ڪو[1] جو وِڍيءَ[2] وَڍُ[3]، جيئن وِڙَ[4] وِڍيائين[5] وَڍَ سين،
ڏُکُ ڏُکيءَ کي ڏيڍُ[6]، جَن ڏِني سي ڏُکِئا تِئا.

١٨

وَڍِي[7] تي وايُون[8] ڪَري، ڪُنِل[9] ڪُوڪاري[10]،
هُن[11] پَن[12] پانهنجا سارِئا[13]، هُوءَ هَنجُهون[14] هَڏَن[15] لَئي[16] هاري.

١٩

ڏُکيءَ[17] توءِ[18] ڏُڪارُ[19]، توڙي وَسَن مِينهڙا،
صاحِبَ[20] هَٿ[21] سُڪارُ[22]، هَن وَس آهين هَٿڙا[23][24].

٢٠

ڏُکيءَ توءِ ڏُڪارُ، سِٽَن[25] ڏيهُ[26] سُڪارئو[27]،
پاروچا[28]ئو پارُ[29]، سَيوئي[30] سُواءَ[31] سين.

وائي

هِيءَ گهايَلِ[32] هَڏِ[33] گهوري[34]، وو ميان،
ڪيچي مُون[35] نه سَگِيٺا[36]،

١. اهڙو. ٢. وڍيءَ کي، وڍيل يا زخمي ٿيل کي، (عشق جي) گهايل کي، سورن يا ڏکن جي ستايل کي، ٣. زخم، گهاءُ، درد، سُور. ٤. بدخواه ماڻهو، رقيب، ڌاريان، غير. ٥. زخمي ڪيائين، ڦٽيائين. ٦. سهارو، آڌار. ٧. وڍيلَ (وڻ جي ٽاري جيڪا وڻ کان وڍي جدا ڪئي وئي آهي). ٨. ورلاپ، دانهون، روڄ راڙو. ٩. ڪپيل يا ڏڙ کان جدا ڪيل سسي يامٿو. ١٠. سڏ ڪري، پڪاري. ١١. ٽاريءَ ڏانهن اشارو. ١٢. وڻ جا پَنا جيڪي وڍجڻ ڪري، سُڪي ٽاريءَ کان جدا ٿي ويا. ١٣. ياد ڪئا. ١٤. (عشق جي) وڍيل سسئيءَ ڏانهن اشارو. ١٥. ڳوڙها، آنسُون، لڙڪ. ١٦. ڪپيل يا جدا ٿيل جسم يا ڌڙ. ١٧. ڏکيءَ لاءِ. ١٨. تنهن هوندي بہ. ١٩. ڪالَ، قحط. ڏرتَ. اناج ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين جي کوٽ يا اٿاٽ. ٢٠. صاحب جي، ڏڻيءَ يا خدا جي. ٢١. هَٿ ۾، وَسَ ۾. ٢٢. شَيَن جي سستائي يا سهانگائي، خوشحالي. ٢٣. (ڏکيءَ) جي. ٢٤. هٿ ڪڻڻ (دعا لاءِ). هٿ هڻڻ. ڪوشش ڪرڻ. ٢٥. سڄڻن. محبوبن. ٢٦. ملڪ. ديس، وطن. ٢٧. آسودو يا سکيو ستابو ڪئو. ٢٨. پروچن جو. بلوچن جو (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم مان هو). ٢٩. پاسو، ملڪ. ٣٠. سمورو. ٣١. سُڪارَ، سُکَ. ٣٢. ڦٽيل، زخمي ٿيل (عشق جي). ٣٣. اصل. ٣٤. قربان ٿي. ٣٥. منهنجا. ٣٦. عزيز، مائٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عَشقَ[1] آريءَ[2] جَامَ[3] جي، هِيءَ[4] جهوريءَ[5] هَڏِ[6] جهوري[7]،

رَهي[8] جَا رِجُنِ[9] ۾، سَا چَپَرَ[10] چَڏِ مَ چوري[11]،

اَدِيُون[12] آرِيچَنِ[13] لَئي، ڏُونگرِ[14] تِيندِيَس ڏوري[15].

وائي ٢

سَاٿِي[16] پَانڌي[17] اي ڪِبَڙي[18] ڪيچ[19] پَچَارَ[20]،

ڪَا مُنهِنجَڙي[21]،

اِي هوتَنِ سَان اي دوسَتِنِ[22] سَان هيڪَارَ[23]،

ڪِبَڙي ڪيچ پَچَارَ،

اُپي[24] پُڇي[25] پَهِيَرا[26]، مُنڌَ[27] سَنڌَا[28] جي ڪوهِيَارَ[29].

١. نينهن، محبت، ٢. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جولقب)، ٤. سسئيءَ يعني گهايل ڏانهن اشارو، ٥. ڳڻتيءَ، فِڪر، ٦. اصل، بنهه، صفا، ٧. پيچي پرزا پرزا ڪئي، ڏکوئي، ايذائي، ٨. ترسي يا روڪجي پئي، ٩. رڻ پٽن، بيابانن، ١٠. چپر ۾، جبل ۾، ١١. يتيم، لاوارث، نڌڻڪي، ١٢. اي اديون، اي سرتيون، ١٣. آريءَ جي اولاد يا گهراڻي، ١٤. ڏونگر ۾، جبل ۾، ١٥. ڳولائو، ١٦. اي ساٿي، اي رفيق، اي همراهه، ١٧. واٽهڙو، قاصد، ١٨. ڪِبي، ١٩. ڪيچ ۾ (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي)، ٢٠. ڳالهه، ذڪر، ٢١. منهنجي، ٢٢. محبوبن، هوتن، دوستن، ٢٣. هڪ ڀيرو، هڪ دفعو، ٢٤. بيٺي، ٢٥. ڳولي، نهاري، ٢٦. واٽهڙو، قاصد، ٢٧. زال، عورت (سسئي)، ٢٨. جا، ٢٩. ڪوهه يعني جبل جي رهاڪوءَ، پنهونءَ (ڪوهه يعني جبل وارو علائقو). ڪوهيار علائقي جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرِ مَعذُورِ

داستان سَتُون

١

آئُون نَہ گَڏِي[١] پِرِينءَ[٢] کي، تورا ڏِينهَن تِئا[٣]،
راتِين[۴] روز وِئا[۵]، عَبَث[٦] آرِيءَ[٧] جام[٨] رِي[٩].

٢

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، سَهَسين[١٠] سَج[١١] وِئا[١٢]،
هَلَڻ[١٣] وِير[١۴] هِئان[١۵]، ڏيکي[١٦] شال دَمُ[١٧] ڏِيان.

٣

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، تُون تو لَهين[١٨] سَج،
آئُون جي ڏِيئين سَنيهَڙا[١٩]، نيئي پِريان[٢٠] ڏِجِ،
وَجي ڪيچ[٢١] چَئِجِ[٢٢]، تَہ وِچاري[٢٣] واتَ[٢۴] مُئي[٢۵].

۴

آئُون نہ گَڏِي پِرِينءَ کي، هِيءُ پَڻِ ڏِينهُن وِئو،

---

١. ملي، ٢. محبوب، ٣. بچئا آهن يا باقي رهيا آهن (حياتيءَ مان)، ۴. راتيون، ۵. ڏينهن، ٦. اجايو، بي سود، ٧. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٨. سردارَ (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٩. کان سواءِ، ١٠. تمام گهڻا، جهجها، ١١. سورج يعني ڏينهن، ١٢. لنگهي يا گذري ويا، ١٣. وَڃڻ (مرڻ)، ١۴. وقت، ١۵. هتان يعني هن دنيا مان، ١٦. ڏِسِي يا پَسي (محبوب)، ١٧. ساهُ، ١٨. غروب ٿين، ١٩. نياپا، پيغام، ٢٠. پريان کي، پرينءَ کي، ٢١. ڪيچ ۾ (ڪيچ جي ماڻهن کي) (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون اتان جو رهندڙ هو)، ٢٢. ٻڌائج، ٢٣. بي واهي (سسئيءَ)، مسڪين، عاجز، ٢۴. واٽَ ۾، رَستي ۾، ٢۵. مَري وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نِهوڙي[1] نايُنِ[2] سِين، مُون کي نيِنهِن[3] نِئو[4]،
مُنِيءَ[5] مَوتُ تِئو، پِيءُ پِيءُ[6] کَندي پَنڌَ ۾.

۵

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، جُوڀَنُ[7] وِئَڙُمِ[8] جاڙَ[9]،
آڏا[10] آريچَن[11] کي، چَاڙهِيِنِ ڪَا[12] ۽ چَاڙهَہ[13]،
مُون مُنِيءَ کَان نَہ ٿِيي، وَڏِيڻَ[14] مَنجِهہ وِلاڙَ[15]،
عُمِرِ[16] سَبِ اوارَ[17]، وِيمِ[18] تَنِّي[19] وَاکَا[20] ڪَرِيان.

٦

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، عُمِرِ تان وِئِي،
وِلِهِيءَ[21] ڏِينهَن وِجَائِيا، سَرتِيُون[22] سَيِيئِي،
پِيرِيءَ ۾ پِيئِي، اکِيُون[23] آريءَ[24] ڏي ڪَٽي.

٧

آئُون نَہ گَڏِي[25] پِرِينءَ[26] کي، پُويُون[27] ٿِئُمِ پَساهَہ[28]،
سَڪَان[29] ٿي سَکَراتَ[30] ۾، رويو پُچَان راهَہ[31]،
شَالَ[32] مَ وَجِيمِ[33] ساهَہ[34]، پَسَڻَ[35] ڌَارَان[36] پِرِينءَ جي.

١. زور سان جهلي، قابو ڪري، نابود ڪري. ٢. چِٽَ ڪري. ٣. چنبن. ۴. ڪنيو، ناس ڪئو. ۵. مُنِيءَ جو، غمگين جو. ڏکويل جو. نياڳيءَ جو. ٦. محبوب محبوب، پرين پرين. ٧. جواني. ٨. منهنجي وئي. ٩. اجائي، بي سود. ١٠. اڳيان يا سامهون، رنڊڪ وجهندڙ. ١١. آريءَ جي اولاد يا خاندان. پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جي محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٢. جبلن جون ڏکيون چاڙهيون، اُبا لَڪَ. ١٣. مٿانهيون ۽ اُتاهيون زمينون. ١۴. پيريءَ، وڏيءَ اوستا يا عمر. ١۵. ڊوڙ، تڪليف. ١٦. حياتي، زندگي. ١٧. اجائي. ١٨. منهنجي ويئي. ١٩. تنهنکري. ٢٠. دانهون. ٢١. سُجيءَ، ڀينگيءَ، مسڪين، ڪنگال، محتاج. ٢٢. جيڏيون. ٢٣. اکيون ڪٽي= واجهائي، اوسيڙو يا انتظار ڪري. ٢۴. پنهونءَ. ٢۵. ملي. ٢٦. محبوب. ٢٧. آخري، پڇاڙيءَ وارو. ٢٨. دَمَ، ساهَ (پويون ٿيم پساهہ= منهنجو موت قريب آهي). ٢٩. واجهايان. ٣٠. موت جي وقت. ٣١. (محبوب جو) گس، واٽَ. ٣٢. خدا ايئن ڪري. ٣٣. منهنجو وڃي يا نڪري. ٣۴. دَم. ٣۵. ڏسڻ. ٣٦. کان سواءِ، بغير.

٨

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، آيو عِزرائِيلُ[1]،
جورا[2]ٽي سين جيڏِيُون، نَہ کو قالُ نَہ قيلُ،#
آيو مَوتَ[3] دَلِيلُ[4]، مَارِبندو[5] مُرادَ[6] کان.

٩

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، مَٿان آيو مَوتُ،
مُون[7] وَاجَهائيندي[8] ورهَہ[9] پِئا[10]، هَي[11] نَہ گَڏيُمِ[12] هوتُ،
جيڪُس[13] تِينديس فَوتُ[14]، فَنا هِنَ فِراقَ[15] ۾.

١٠

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، ڪَارِي[16] ٿي قِيامَ[17]،
هَٿَن حَاجُون[18] ڇَڏيُون، نِيٽين[19] نندَ حَرامُ[20]،
مَارِيَسِ[21] تَنهين مَامَ[22]، هوتَ هَلندي[23] جَا چَئي.

١١

اَچِي عِزرائِيلَ، سُتي جَاڳائي[24] سَسُئِي،
ٿِي ڊوڙائي[25] دَلِيل[26]، تَہ پُنهُونءَ مَاڻُهو[27] موڪَلِئو.

---

١. ملڪ الموت، ساهہ ڪيندڙ فرشتي جو نالو، ٢. زورآور، ڏاڍائي ڪندڙ، #قال قيل= ڳالهہ ٻولهہ، بحث مباحثو، چون چرا، ٣. موت جو، ۴. رهبر، سونهون، ۵. جدا ڪندو، سڪائيندو، ٦. مطلب، مقصد، ٧. مونکي، ٨. نهاريندي، انتظار ڪندي، تڪيندي، ٩. سال، ١٠. ٿئا ١١. افسوس، ١٢. مونکي گڏيو، مونکي مليو، ١٣. شايد، ١۴. فنا، نابود، برباد، ناسُ، ١۵. جدائيءَ، وڇوڙي، ١٦. خطرناڪ، اونداهي، اندڪار واري، ١٧. قيامت، حساب ڪتاب جو ڏينهن جڏهين مُردا جيئرا ٿي قبرن کان ٻاهر آندا ويندا، ١٨. ڪَمَ ڪاريون، ١٩. نيڻن کي، نيڻن جي، اکين کي، اکين جي، ٢٠. خراب (ننڊ حرام ٿيڻ= ننڊ خراب ٿيڻ يا نہَ اچڻ)، ٢١. فنا ڪيَس، تباهہ ڪيَس، تڪليف ۾ وڌيس، ٢٢. اندر جي ڳالهہ، ڳجهي ڳالهہ، ٢٣. وَڃڻ وقت، ٢۴. ننڊ مان اٿاري، بيدار ڪئي، سجاڳ ڪئي، ٢۵. هلائي، ٢٦. گمانَ، خيالَ، وَهَمَ، ٢٧. قاصدُ.

١٢

مُنڪَرَ ۽ نَڪِيرَ[1] کي، جَڏهِين ڏِٺائين،
اَڳِئَان اُٿي اُن کي، پُنهُون[2] پُڇِيَائين[3]،
اَدَا[4] اِتَائين[5]، ڪو ڏِٺان[6] سَاٿَ[7] سَڄَڻين[8].

١٣

وِلاڙِئو[9] وَڻين[10] چَڙهِي، ڪِجهَ[11] جو ڏِٺائين،
مَوتُ مَارِيَائين[12]، پَاڻُ[13] تَنهِنجيءَ پُٺِ[14] ۾.

١٤

وِلاڙِئو وَڻين چَڙهِي، رَئِي[15] پَسِئو[16] تي روءِ،
وِچَان[17] جو وِچُ[18] پوءِ[19]، سو ڪَنهِن پَرِ[20] ڪَهِي[21] لاهِيَان[22].

١٥

وِلاڙِئو وَڻين چَڙهِي، اُوچَنِ[23] مَٿي[24] اَڄُ،
لاَلَڻَ[25] ڪَارڻِ[26] لَڄُ[27]، بَاسِئَائين بَردارِ[28] جِي.

١٦

وِلاڙِئو وَڻين چَڙهِي، ڏِٺو[29] پَٽولي[30] لانگَ[31]،

---

١. منڪر ۽ نڪير مسلمانن جي عقيدي موجب مئي ماڻهوءَ کان قبر ۾ پڇا ڪندڙ ٻن فرشتن جا نالا. ٢. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٣. (پنهونءَ بابت) خبرچار يا حال احوال ورتائين. ۴. اي ادا، اي ڀائو. ۵. اتائين، اِنهيءَ جاءِ تان (لنگهندي). ٦. اوهان ڏٺو. ٧. قافلو، اٺن جي قطار. ٨. سڄڻن جو، محبوبن جو. ٩. ڊوڙيو، سٽ ڏيو. ١٠. وڻن تي. ١١. ڪجهه (عجيب شيءِ). ١٢. نيست و نابود ڪيائين. ١٣. پنهنجي جند، پنهنجو سرير. ١۴. پُٺِ ۾= پويان، پٺيان، بعد ۾. ١۵. دزَ، غبارَ، جانورن يا ماڻهن جي هلڻ ڪري رستي تان اڏامندڙ مٽي. ١٦. ڏِسئو. ١٧. وچ ۾، سسئي ۽ سندس محبوبَ پنهونءَ جي درميان. ١٨. ويڇو، جدائي. ١٩. پوي. ٢٠. ريت، نموني. ٢١. پنڌ ڪري، هلي وڃي. ٢٢. ختم ڪريان. ٢٣. ڊگهن يا وڏن (وڻن). ٢۴. تي. ٢۵. محبوب. ٢٦. واسطي. ٢٧. لَڄُ باسيائين= ڪاڻ يا محتاجي ڪڍيائين. ٢٨. ميوي جهلنيدڙ (وڻ). ٢٩. ورايو، ٻڌيو. ٣٠. پٽولي جي، پوتڙي (ڪپڙي جي ٽڪر) جي، پوتيءَ جي، چادر جي. ٣١. لاڪَ، گوڏِ، سندرو، ڏاب.

سَسُئِي مور[1] بَچَنِ[2] جيئَن، تَاريءَ[3] ڇَانگَ[4]،
ڪَانڏي[5] تِيندَسِ[6] ڪَانگَ[7]، هُو جي روڏ[8] رِجُنِ[9] جَا.

١٧

ولاَڙِئو وَٽين چَڙهِي، ڳِجُهن[10] تيندي ڳَاهُه[11]،
سَسُئِيءَ سُوريءَ[12] چَاڙهِئو، پِريَان[13] لَئي[14] پَسَاهُه[15]،
هُوءِ مِرُون[16] هيءُ مَاهُه[17]، ڪين ڪَميٽيءَ رِڪئو[18].

١٨

ولاَڙِئو وَٽين چَڙهِي، ڳِجُهون ڳَارَا[19] ڏِينِ،
مَاري اُڃَ[20] مَاندي[21] ڪي، جهولاَ[22] جَهڙَپينِ[23]،
قِرِئو[24] قيرا[25] ڏِينِ، بُکِئَا[26] پَکِي بَرَ[27] جَا.

١٩

ولاَڙِئو وَٽين چَڙهِي، ڳِجُهن ڪئو ڳَارو[28]،
مَتَان اُلَهِي[29] مُنڌَ جي، ڏِينِ لَمي[30] لاَمَارو[31]،
مُنيَسِ[32] مُون[33] مَارو[34]، ڪَندَا بُکِئَا پَکِي بَرَ جَا.

١. مورَ جي، طائوس جي، ڪارايل جي (مور، سهڻن پرن ۽ پچ سان، هڪ پکيءَ جو قسم آهي)، ٢. وانگر، ٣. (وڻ جي) هڪ ٽاريءَ يا شاخ تان ٻيءَ ٽاريءَ يا شاخ تي، ۴. ٽپا، ڇلانگ (ڏي)، ۵. مئل ماڻهوءَ جي جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ، حمايتي، مددگار، ٦. اُن جا ٽيندا، ٧. ڪاري رنگ جا پکي، ڪانءُ، زاغ، ٨. ٽر يا جبل جا وڏا ڪارا ڪانگ (گنج ۾ "روجهه" لکيل آهي)، ٩. رڻ پٽن، بيابانن، ١٠. ڳجهن جو (ڳجهه هڪ قسم جو وڏو پکي آهي جيڪو مئل ساهوارن جو گوشت کائيندو آهي)، ١١. ڪاڄ، ڪاڏو، ڦوٽ، ١٢. سُوريءَ تي (سوري ان ڪٺ کي چوندا آهن جنهن تي وڏا ڀالا ۽ نيزا ڪتل هوندا آهن ۽ جنهن تي ڏوهاري ماڻهن کي پراڻي زماني ۾ اڇلي ماريندا هئا)، ١٣. پرينءَ، محبوب، ١۴. لاءِ، واسطي، ١۵. ساهُه، سرير، جسم، جان، ١٦. (جهنگ جا)، جانور، ١٧. (بدن جو) گوشت، ١٨. سانڍيو، لڪايو، ١٩. ڳارا ڏين= اڄ وَڄ ڪن، ٢٠. پياس، ٢١. عاجز، لاچار، بي وس، ٢٢. گرم هوائون، لڪون، ٢٣. جهڙپون ڏين، سٽون ڏين، جهپٽون يا ڇپيٽون ڏين، ٢۴. وَرِئو، موٽيو، واپس ٿئو، ٢۵. گهمرا، ڦيرا، چڪر، ٢٦. بُک جا ماريل، ٢٧. رڻ پٽ، بيابان، ٢٨. لهي، ٢٩. لهي، اڏامي، ٣٠. نمي، هيٺ ٿي (متان ڪان)، ٣١. ڦيري يا بولاٽي، اڏامندي جهپن هڻڻ واري حالت، ٣٢. آئون مُئي يعني مصيبت ۾ پيئي، ٣٣. مون تي، ٣۴. حملو، ڪاهَ، جُلهه.

(٢٠)

وِلاڙِئو[1] وَٽين[2] چَڙهي، ڏُسڪئو[3] جَهلي ڏارَ،[4]
ٻَهه[5] ٻَهه بيلاين جي،[6] ڪَانيُوءَ[7] ۾ قطارَ،[8]
لَڪن[9] مَان لطيف چئي، نُوڙئو[10] ڪَري نِهارَ،[11]
سي شينهن پَسئو[12] شُڪرَانا[13] ڪَري، پَانئي[14] ڪَرهن[15] جا ڪپارَ،[16]
هُو گُهمن[17] ۾ گنوارَ، هيءَ پَانئي اُنَ[18] بَلوچَ[19] جا.

(٢١)

وِلاڙِئو وَٽين چَرهي، ڏُسڪي مَنجهه ڏارَن،
ڏِئو لَتون[20] لامَن[21] تي، چَڙهي سَر[22] چوٽن،[23]
ويچاريءَ[24] وِسساهين[25] نه ڏي، پَاٽي[26] ڪَان پنبڻن،[27]
لَس[28] ڪَان لُڙڪن،[29] آڏو[30] ڏُنڍ[31] اچي وئو.

(٢٢)

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهي، وئو سينگارُ[32] سَندوس،[33]
مُنهن[34] ڪُوماڻو[35] مُنڌَ[36] جو، روئي رُوپُ[37] وئوس،
ڪُنهنبو[38] بُتُ[39] ڪَامي[40] وئو، حُسنُ[41] ڪُلُ[42] هَپيوس.

---

١. ڊوڙيو، ستون ڏيو، ٢. وٽن تي، ٣. سڌ ڪا پرئو، رويو، ۴. وٽن جا ٿلها ٿار جيڪي ٿڙ مان نڪرندا آهن، ٥. ٻهه ٻهه= تمام وڏي، ٦. پيلائي شينهن جو هڪ قسم آهي، ٧. نَئن بارڻ جيڪا بلوچستان مان نڪري ڪوٽڙيءَ لڳ سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، ان جي پرسان هڪ جبل. ٨. لانڍَ. قافلو. پيلائي شينهن جي هڪ پٺي پٺيان هلڻ واري حالت. ٩. جبلن. ١٠.نمئو. جُهڪئو. ١١. نِظر. نگاهه. ١٢. ڏسئو. ١٣. شڪرانا ڪري= (خدا جون) مهربانيون، ٿورا ۽ احسان مڃي، ١۴. سمجهي، گمانَ ڪري، ١٥. اٺن. ١٦. متا. ڪنڌَ. ١٧. هلن، ڦرن. ١٨. مستيءَ، بي پرواهيءَ، البيلائيءَ. ١٩. پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب بلوچ قوم جو هو). ٢٠. ٽنگون، پيرَ. ٢١. ٽارين، شاخن. ٢٢. تي، ٢٣. (وٽن جي) مٿيئن حصي، ٢۴. ويچاريءَ کي، بي واهيءَ کي، مسڪين کي. ٢٥. ويساند، ساهي، فرصت، جَهلَ. ٢٦. لڙڪَنِ يا ڳوڙهنجو پاٽي، ٢٧. اکين جي پلڪن يا ڇپرن. ٢٨. گهٽائيءَ، جهجهائيءَ. ٢٩. لڙڪن جي. ٣٠. اڳيان، سامهون. ٣١. لراٽَ، اونداهِ. ٣٢. ناهَ نوهَ، آرائش، زيب و زينت، ٺٽ ٺاٽَ، صفائي، اجرائي. ٣٣. سندس، هُن (سسئيءَ) جو. ٣۴. شڪل، مُکَ، صورت. ٣٥. مرجهايو، بي رونق ٿئو. ٣٦. زال، عورت (سسئيءَ). ٣٧. حُسن، سُونهن. ٣٨. ڳاڙهو، لال. ٣٩. بدن، جسم. ۴٠. سڙي، جلي. ۴١. سمورو، سڄو. ۴٢. جهڪو يا گهٽ ٿيس.

وِيَسِ[1] لاَلاَئي[2] لِڳَنِ[3] جي، جهولي[4] جيءُ[5] جَهڙپيوسِ[6]،
قُربَانِي[7] قَبُوليوس[8]، بَاسي[9] مُنذَ موتُ هَلي.

٢٣

وِلاَڙِئو وٽين چَڙهي، پَسو سَگَهه[10] سَنديَاس[11]،
آذِيءَ[12] وَجِئو آکُڙي[13]، نَکو پِيءُ نه مَاس،#
سوئِي[14] سو سيٽاسِ[15]، پَري[16] پَڙَاڏا[17] کَري.

٢٤

وِلاَڙِئو وٽين چَڙهي، ڏَاڍو[18] ڏوري[19] ڏُورِ[20]،
سُپيرِيَان[21] جي سُور[22]، پَري پَڙَاڏا کَري.

٢٥

پَري پَڙَاڏا کَري، اوري[23] نَه آهي،
کَمتَرِ[24] کَا کَاهي[25]، پَهچي[26] اِن پَتِيءَ[27] کي.

٢٦

اُو کَمتَر ڏِسجَن کَٿَهين، جي پُنهُونءَ[28] پِيَارِيُون[29]،
اڳَئان اُيو[30] اُنِ[31] کي، جَت[32] کَري زَارِيُون.

١. ختم ٿيس، ٢. ڳاڙهاڻ، سُرخي، ٣. عضون، ٤. گرم هوا، لڪَ. ٥. جسم، بدن، ٦. جلايوس، لهسيوس، ڪانيوس، ٧. صدقو، ٻلدان، نذرانو، ٨. اوهين هُنَ جو قبولِئو. اوهين هنجو منظور ڪرئو، ٩. قبول ڪري، منظور ڪري، نذر يا منت مڃي، ١٠. طاقت، زور، ١١. سندس، هن (سسئيءَ) جي، ١٢. آڏيءَ جو اڌ رات جو، ١٣. آٽڙ جي، ٿاڪا ڪائي، ٿڪي، نڪري، سفر ڪري # نڪو ٻيءُ ساٿس نڪي سندس ماءُ ساڻ اٿس يعني اڪيلي ٿي سفر ڪري، ١۴. اهو ئي درد يا سور، ١٥. ساٿس، ١٦. پرانهين پنڌ تي، ١٧. پڙلاءُ، صدا، آواز، ١٨. تمام گهڻو، بي حد، ١٩. ڳولي، ٢٠. پري، ٢١. پرينءَ، ٢٢. سورَ سان، ٢٣. ويجهو، قريب، اوڏو، ٢۴. ورلي، مَسَ، ٢٥. پنڌ ڪري، ٢٦. رسي، ٢٧. پَٽَ، ميدان (مرتبي)، ٢٨. پنهونءَ ڪي (پنهون سسئيءَ جي محبوبَ جو نالو آهي)، ٢٩. پسند، وڻندڙ، ٣٠. بيٺو، ٣١. واسطي لاءِ، ٣٢. انن جو مالڪ، پنهون، ٣٣. آزيون، منٿون، التجائون (خدا جي اڳيان شفاعت جي واسطي).

ڏِنگِيُن[1] جي[2] ڏارِيُن[3]، آرِي[4] عاجِزُ[5] اُن جو[6].

وائي

تَنَ[7] مَنَ[8] مَنجهہ تَنوارَ[9]، هو يارَ[10]، سَدا[11] آهي سِڪَ[12] جي وو،
تيئَن چُڪَن[13] چِتَ[14] ۾، جيئَن سا گهنڊيءَ[15] لارَ[16]،
لَڳي اُجَ اکِيُن کي، سگهو موٽُ سَتارَ،
پَسان[17] ڪِينَ پِريتڙو[18]، ڪاڏي[19] پِرت[20] پَچارَ[21]،
بَنديائي[22] پَنيورَ ۾، آهيان آنهان[23] ڏارَ[24]،
مُونکي چَڏمَ چَپرين، آرياڻي[25] آڌارَ[26]،
ڏيان[27] خَيز خزانَ[28] ۾، بِي[29] تو[30] منجهہ بَهارَ[31]،
مُضَرتان[32] مُونکي ڪئا، حَڪيمَن[33] هَزارَ،
دوا[34] آهيئن[35] دل جي، وارو[36] واقفڪارَ[37]،
آڻي ڏي عَليل[38] کي، مَعجُون[39] موچارَ[40]،
آهي عَبدُاللطيف کي، تُنهنجي پِيءَ[41] پَچارَ[42].

---

۱. بُريون، ارڏيون، لچيون، ۲. يا، ۳. ڏنگيون، لُنڊيون، اوباش، بدڪار، ۴. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۵. فڪرمند، غمگين، ٦. لاءِ، ۷. بدن، جسم، جان، بت، ۸. دل، ۹. ٻولي، ذڪر، پچار، ۱۰. دوست، ۱۱. هميشہ، دائمي، ۱۲. محبت، پيار، ۱۳. هُرنِ، چُرن، ياد پون، ۱۴. دل، ۱۵. گهنڊيءَ ۾، چڙيءَ يا ٽليءَ ۾ (گهنڊي چوپائي مال يا ڍورن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌبي آهي)، ١٦. چڙيءَ يا ٽليءَ وغيره ۾ آواز ڪرڻ لاءِ ٻيل ڪاٺيءَ يا هڏي جو گهڙيل ٽڪر يا لوهہ جي ڪلي، ۱۷. ڏسان، ۱۸. (اوهان جي) محبت، ۱۹. ڪيڏانهن وئي يا ڪٿي آهي، ۲۰. پرت جي، محبت جي، ۲۱. ذڪر، تات، (اوهان جا) قولقرار يا واعدا، ۲۲. قيدڻ، ۲۳. اوهان، ۲۴. سواءِ، ۲۵. آءِ آرياڻي، اي آري، ۲٦. پرجهلا، ڀروسا، سهارا، ۲۷. ٽپا، ڇالَ، ۲۸. هڪ موسم جو نالو جنهن ۾ وڻن جا پن ڇڻندا آهن. سَرءَ جي موسم، ۲۹. سواءِ، ۳۰. تو ڪان، ۳۱. هڪ موسم جو نالو جنهن ۾ وڻ ڦوٽاڙو ڪندا آهن، ۳۲. نقصان، ۳۳. طبيبن، ويڄن، ۳۴. دارون، علاج، ۳۵. تون آهين، ۳٦. واهرَ، مدد، ۳۷. اي واقفڪار، اي رهبر، اي سُونهان، ۳۸. بيمار، ۳۹. دوائون، ۴۰. اي موچارا، اي سهڻا، ۴۱. محبوب، ۴۲. تات، يادگيري.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر مَعذُورِ

داستان اول

١

اَڌَرَ[١] نِڌَرَ اَيَري،[٢] اَسُونهِين[٣] آهِيَان،
لُڙڪَ[٤] لاَلَ[٥] لطيف چَئي، وَرَ[٦] لَئي[٧] وَهَايَانِ،[٨]
هيِجَان[٩] هَنجُون حَبَ[١٠] ۾، هوتَنِ[١١] لَئي هَارِيَان،
جَانبُ[١٢] ضَعيفيءَ[١٣] سين، پُنهُون پَهَايَانِ،[١٤]
پِيهَان پَچَايَان،# جِي[١٥] مُون[١٦] نِئو[١٧] پَاڻ سين.

٢

اَڌَرَ نِڌَرَ اَيَري، آهِيَان اَسُونهِين،
پَرڏيهِي[١٨] پِرين ڪِئا، مَرَڻَ لَئي مُونهِين،[١٩]
سَسُئيءَ سَاڻُ سَيدُ چَئي، تَنگَنِ[٢٠] ۾ تونهِين،[٢١]
هَارِي[٢٢] ڪِيئَن[٢٣] هُونهِين،[٢٤] رِءَ[٢٥] سَمَرَ[٢٦] سَڌُون[٢٧] ڪَري.

---

١. بنان آڌار، بنا سهاري، نِڌر، نڌڻڪي. ٢. هيڻي، ضعيف ڪمزور. ٣. اڻ واقف، بنان سونهين يا واقف، بنان رهبر. ٤. ڳوڙها، هنجهون، آنسو. ٥. ڳاڙها، رت جا. ٦. مڙس، ڀتار، محبوب. ٧. لاءِ، واسطي. ٨. هاريان، ڳاڙيان. ٩. هيج وچان، محبت وچان. ١٠. حَبَ نديءَ جي آس پاس (حب هڪ نديءَ جو نالو آهي جيڪا ڪراچيءَ کان ست ڪوھ پري پب جبل جي اتر واري قطار وٽان بلوچستان جي حد مان نڪري اچي ڪراچيءَ جي ڀرسان سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي). ١١. محبوبن (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبَ پنهون ان قبيلي مان هو). ١٢. جاني، دوست، دلبر. ١٣. عاجزيءَ، نهٺائيءَ، نماڻائيءَ. ١٤. ريجهايان، پرچايان. # جنڊ ۾ اٽو پيهي (اوهان لاءِ) ماني پچايان يعني اوهان جي خدمت ڪريان. ١٥. جيڪڏهين. ١٦. مونکي. ١٧. وٺي وڃو. ١٨. پرديسي، مسافر. ١٩. مون. ٢٠. مشڪلاتن، تڪليفن، جبلن جي سوڙهنلڪن ۾. ٢١. (صرف) تون. ٢٢. نادان، موڳي ۽ بي عقل. ٢٣. ڇا جي ڪري. ٢٤. اجايو. ٢٥. سواءِ. ٢٦. سمر کان، مال اسباب يا ڪاڌي پيتي کان. ٢٧. خواهشون، تمنائون، حرص.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣

اَڌَرَ نِڌَرَ اَيَري، اَسُونهين آئُون،
چِيتا چُورَ[1] چُنجهَنِ[2] مِ، بَرَ[3] مِ بَلاَئُون[4]،
موتِج[5] پُنهُون پاهُون[6]، مَچُڻ[7] مَحِبَ[8] مَري رَهَان[9].

٤

اَڌَرَ نِڌَرَ اَيَري، اوڳِي[10] اَوَائِي[11]،
لاڳاپَنِ[12] لطيف چئي، مُنڌَ رائِي[13] رَهَائِي[14]،
ڪَانَ تُهاري[15] تَڪَرِين[16] سَاتُس[17] سَڳَائِي[18]،
جَلَڻُ[19] جَڏائِي[20]، آري[21] لاَهِي اَصِيل[22] ڪي[23].

٥

اَڌَرَ نِڌَرَ اَيَري، وِچَارِي[24] وَرِي[25]،
لاَلَڻَ لَئي لطيف چَئي، پُري[26] پِيرَ پَرِي[27]،
ڪَمِيڻِي ڪَري، ڪَارُون[28] ڪيچ ڏَٽِيَنِ ڪي.

٦

اَڌَرَ نِڌَرَ اَيَري، ڪَمِ[29] نَه ڪُنمَاتِي[30]،
سَا ڪيئَن وِهي ويسَري[31]، جَا گهائي[32] گُهنمَاتِي[33]،
پيئي پيش پُنهُونءَ جي، اُسِنِ مِ آتِي[34]،

---

١. چيتا چور= چيتا شينهن جيڪي لڪي حملو ڪندا آهن. ٢. وٽن جي جهڪتن، ٻيلن، جبل جي غارن يا چرن. ٣. رڻ، بيابان. ٤. هيبتناڪ شيون جهڙوڪ جن، ڀوت، نانگ وغيره. ٥. واپس يا وري اچج. ٦. پنڌي، پوئتي. ٧. متان. ٨. اي محب، اي محبوب. ٩. وڃان. ١٠. موڳي، وسوڙل. ١١. توائي، موڙ هل. ١٢. تعلقن، ناتن. ١٣. رائي ۾، جبل (جي واريءَ يا ريتيءَ) ۾. ١٤. روڪي، ترسائي. ١٥. نباهي، ڇيهه يا توڙ تائين هلائي. ١٦. ٽڪرن، جبلن. ١٧. هُن سان (سسئيءَ سان). ١٨. سات، ناتو. ١٩. سڙڻ، پچڻ، ڪامڻ. ٢٠. بيماري، هيڻائي. ٢١. اي آري، اي پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٢. خانداني ۽ شريف (عورت). ٢٣. تان. ٢٤. مسڪين، بي واهي، نڌڻڪي. ٢٥. خبرون پڇي، سَڌ سماءُ وٺي. ٢٦. هلي، اڪيلي وڃي. ٢٧. پير پري= پنڌ ڪري. ٢٨. منٿون، آزيون، نيزاريون. ٢٩. ڪجهه به. ٣٠. اداس ٿي، دلگير ٿي. ٣١. غافل. ٣٢. (عشق جي) گهاءَ يا ڦٽ. ٣٣. اُداس ڪئي، مُنجهائي. ٣٤. سڙي، پچي.

جَا لُڪُنِ[1] لُوسَاتِي[2]، سَا سيجَ[3] چَڙهَندي سَسُئِي.

⑦

اَڏَرَ نِڌَرَ اَيَرِي، سَڌَرَ[4] هُئِي سَچِي[5]،
سُپَڪُ[6] ٿِي سَيَدُ چَئِي، پَهڻَنِ[7] مَنجهہ پَچِي[8]،
مَعذُورِ[9] تي مَارو[10] ڪِئو، اولاَڪَنِ[11] اَچِي،
مَتِّي[12] رَاهَہ[13] رَچِي[14]، ٿِي لاَلَ[15] لَطِيف چَئِي.

٨

اولاَڪَنِ اَچِي، مَعذُورِ ڪي مَارو ڪِئو،
وِسَارِيَج[16] مَ وَرَ[17] ڪي، مَنجَهان ڪُڙهہ[18] ڪَچِي[19]،
لاَهي لاَڳَاپَا لَنگهہ تُون، سَيڻَنِ[20] ڏُونهُنَ[21] سَچِي،
سُپَڪَ ٿِي سُورَنِ سين، پَهچَندِيَنءَ[22] پَچِي،
مَنجهَان رَاهَہ رَچِي، ٿِيندِيِنءَ لاَلَ لطيف چَئِي.

٩

پيئِي ٿِيي پَيمَالُ[23]، سَا مُنڌَ مَري نَہ جِيئِي،
پُوَرِي[24] هِنَ پَنيُورَ سين، هَڏِ[25] نَہ ڳَرَهي[26] حَالُ[27]،

١. جهولن، گرم هوائن. ٢. لهسي، ساڙي. ٣. سيج تي، ڇپر کٽ تي (شاديءَ جي رات گهوٽ ڪنوار لاءِ جيڪا کٽ ۽ بسترو سينگاري تيارڪندا انکي سيج چوندا آهن. سيج چڙهندي= پنهونءَ سان ملندي). ٤. گهڻو، زيادهہ. ٥. ثابت قدم، پختي ارادي واري، صاف دل، نيڪ. ٦. چڱي طرح پڪل، مضبوط، سوٽ. ٧. پٿرن، جبل. ٨. سيڪجي، تپي، جلي. ٩. عذر واريءَ، جڏي، هيڻيءَ، لاچار. ١٠. حملو، ڪاهہ. ١١. فڪرن، ڳڻتين. ١٢. تي، ۾. ١٣. وات، ڪس، رستي. ١٤. رڳجي. ١٥. ڳاڙهي، سرخ. ١٦. دِل تان لاهج. ١٧. مڙس، پيتار. ١٨. دل، جسم. ١٩. اي ڪچي، اي الڙ، اي ناتجربيڪار. ٢٠. سڄڻن، دوستن. ٢١. ڏانهن. ٢٢. رسنديِنءَ. ٢٣. پائمال، زبون، نابود، زمين دوز، ناسُ. ٢٤. موڪي، وسوڙل. ٢٥. اصل، بنهہ، مور. ٢٦. اوري، سلي، ٻڌائي ٢٧. ماجرا، خبر چار.

لاَلَڻَ جو لطيف چئي، وِسَارِي[۱] نَہ وِصَالُ[۲]،
پِرِي[۳] ڪِجَاھُ[۴] پَالُ[۵]، هِيءَ ڏَاھِہ[۶] ڏورِيندِي[۷] ڪيترو.

۱۰

دوستُ ڏَنَائين ڏِلِ[۸] سين، ورچي[۹] تَان[۱۰] نَہ وهي،
لاَنچِئو[۱۱] لَڪُ[۱۲] لطيف چئي، پَهَڻِن[۱۳] مَنجهہ پِهَي[۱۴]،
سَندي[۱۵] نِينهَن[۱۶] نِهَي[۱۷]، ڪي سَرفَرَازَ[۱۸] سَسُئِي.

۱۱

جَفَا[۱۹] وَارِيَن[۲۰] جَسُ[۲۱]، جَسُ جَفَا رِيَ[۲۲] نَہ ٿِئي،
سُتين سَاٿُ[۲۳] وِڄَائِيو، گُولي[۲۴] چِڏ مَرگَسُ[۲۵]،
ليڙَن[۲۶] جو لطيف چئي، ڏُونگَرُ[۲۷] آهي ڏَسُ[۲۸]،
پُنهُون وَڃي پَسُ، سِرَ پَرِ[۲۹] هَلي سَسُئِي.

۱۲

ڏُهلاَ[۳۰] مُون ڏِينهَن[۳۱] ٿِئَا، پِيِيَمِ جَامَ جُيُون[۳۲]،
ڪَندي پَنڌُ پَهَاڙَ مِ، ٿِئَڙمِ[۳۳] رُوحُ رِبُونَ[۳۴]،
لُڇِئو ٿِئَان لطيف چئي، ڪَارَڻَ دوستَ[۳۵] ڏِيُون[۳۶]،

۱. پلجي، دل مان لاهي، ۲. گڏجاڻي، ميلاپُ، ۳. راضي يا خوش ٿي، ۴. تون ڪج، اوهان ڪجو، ۵. نوازش، مهرباني، ٦. گولي، ٻانهي، ۷. ڳوليندي، ڍونڍيندي، ۸. دل سين= ڏيان سين، چڱي طرح، ۹. ڪک يا بيزارَ ٿي، ۱۰. هرگز، ۱۱. ٻڌئو، ۱۲. چيلهہ، ڪمر (لانچئو لَڪُ= چيلهہ تي سندرو ٻڌي)، ۱۳. پٿرن، جبل، ۱۴. گهڙي، ۱۵. جي، ۱٦. عشق، ۱۷. لاڳاپي، ناتي، تعلق، ۱۸. راضي، خوش، سرخرو، ۱۹. جاکوڙ، ڪشالو، تڪليف، ۲۰. وارين کي، ڪندڙن کي، ۲۱. آفرين، شاباس، مبارڪ، ۲۲. کان سواءِ، ۲۳. قافلو، اٺن جي قطار (جنهن تي پنهونءَ کي ان جا ڀائر کڻي ويا)، ۲۴. اي گولي، اي ٻانهي (سسئي)، ۲۵. رستو، واٽ (گسُ مَ ڇڏ= پنڌ ڪندي وڃ)، ۲٦. اٺن، ۲۷. ڏونگرجي طرف، جبل جي طرف، ۲۸. اطلاع، پتو، ۲۹. سان (جي ذريعي)، ۳۰. ڏکيا، ڏهيرا، تڪليف وارا، اهنجا، ۳۱. حياتي، ۳۲. ليڳون، سنهيون يا نڊڙيون جُون، ۳۳. منهنجو ٿيو، ۳۴. ڇانورن جا پکل ٽڪر، ذرا ذرا، ۳۵. ڦتڪئو، ۳٦. ذرا ذرا، پرزا پرزا، چنل ڏاڳا، تندون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يَـايَـانِ لَـڳَ لَـيُـونِ، جـيِ سُـورَ پِـريَـانِ جَـا سَـاڻُ مُـونِ.

١٣

هِـيـڪَـلِـيَـائـِي هَـاڻِ، پُـورِبـنـديَـسِ پُـنـهُـونءَ ڏي،
لـيـڙَنِ سـين لـطـيـف چـئـي، پُـونـديَـسِ پَـنـڌِ پَـريَـاڻِ،
رُلـيِ چُـلِـي چَـپـڙيـن، ڪِـنـهِـن پَـرِ لاَهِـيَـان ڪَـاڻِ،
ڪَـنـديَـس ڪـوهـيَـارَلِ سـين، رُچِـي رُوحَ رِهَـاڻِ،
آهِـيَـان گَـهـٽُـو اَجَـاڻِ، پَـرَ سُـورَ پِـريَـان جـا سَـاڻُ مُـون.#

١٤

هِـيـڪَـلِـيَـائـِي هَـيـلَ، پُـورِبـنـديَـس پُـنـهُـون ڏي،
آڏا لَـڳَ لـطـيـف چـئـي، سُـوريُـون سُـجَـنِ سِـيـلـهـہ،
تَـہ ڪَـرَ بِـيـلِـيَـنِ بِـيـلـهـہ، جـي سُـورَ پِـريَـان جَـا سَـاڻُ مُـون.

١٥

جي سُـورَنِ سِـجَـهـائـِي، تـوءِ چـيـلِـهـہ بَـڌُو چـوٽِـيـن چَـڙهـي،
لَـڌَائـين لـطـيـف چـئـي، لاَلَـڻُ لِـيـلاَئـي،
سَـگُ پُـنـوهَـہ جـي سَـسُـئـي، مـيـڙي مِـلاَئـي.

١. سمجهان، محسوس ڪريان، ٢. جبل، ٣. لوڻِ جا ننڍا ننڍا وڻ (لَئو هڪ قسم جو وڻ آهي)، ۴. جيڪڏهين، ۵. ڏک، تڪليفون، درد، غم، ٦. پرينءَ، محبوب، ٧. مون سان گڏ يا شامل (آهن)، ٨. هلنديس، پنڌ پونديس، ٩. انن، ١٠. پنڌ ۾، سفر ۾، ١١. (پنهون جي ساٿ سان) گڏجڻ لاءِ، شامل ٿيڻ لاءِ، ١٢. پٽڪي، ١٣. ڊوڙي ڊُڪي، ١۴. چپرن ۾، جبلن ۾، ١۵. ريت، ١٦. ميارَ، گلا، ڏوراپو، ١٧. ڪوهہ يعني جبل جي رهندڙ (پنهونءَ)، ١٨. خوش ٿي، ١٩. زوح رهاڻ= ڳالهہ ٻولهہ، ڪچهري، ٢٠. بي عقل، بي سمجهہ، ٢١. مگر (گنج ۾ هيءُ اکر لکيل ڪونهي)، # سور پريان جا ساڻ مون = پرينءَ جا سور منهنجا مددگار آهن ان ڪري مونکي پنهنجي بي سمجهيءَ جي پرواهہ ڪانهي. ٢٢. هاڻ، هينئر، ٢٣. اڳيان، ٢۴. سوريءَ يعني (ڪٽ جي مثل) ڪاٺ جي چونڪ ۾ لڳل ڀالن ۽ نيزن جي مثال، اُڀيون ۽ اوچيون ٽڪريون يا جبل، ٢۵. ٻڌجن، ٢٦. اُتاهان جبل، ڪرڙا يا اڙانگا پهاڙ، ڪنڊا، نيزا، ڀالا، ٢٧. جڻ تہ، جيڪر، ٢٨. ٻيلين سان، ساٿين سان، دوستن سان، ٢٩. گڏ، همراهہ، ٣٠. جيڪڏهين، ٣١. ڪمزور ڪئي، فنا ڪئي، ڳاري ختم ڪئي، ٣٢. تنهن هوندي بہ، ٣٣. چيلهہ کي، ڪمر کي، ٣۴. ڪپڙو يا سندرو ٻڌئو، ٣۵. (جبلن جي) چوٽين تي، جبلن تي، ٣٦. آڙيون ڪري، منٿون ڪري، ٣٧. ناتي، واسطي.

بَانيَڻِ[١] بَاڏائِي[٢]، حَبِّ[٣]ئَان وارِئُو[٤] هوتَ کي.

١٦

جتِي[٥] رَائِي[٦] کِي[٧] رَنجُور[٨]، تَکَر[٩] تَوءِ[١٠] ثَاکِئُو[١١] چَڙهي،
لاَنچِئُو[١٢] لَڪُ[١٣] لطيف چئي، هَلي ڏانهَن حُضُورَ[١٤]،
رَهَئَا سَبِ رجَنِ[١٥] ۾، سَسُئيءَ جَا سَالُورَ[١٦]،
سَاجَنُ[١٧] ميڙِئُس[١٨] سُورَ[١٩]، سُکُ[٢٠] نه ميڙِئُس سُپرين.

١٧

رَائي رَهَائي[٢١]، هَلي مُنڌَ هَٿَن سين،
تَريُون[٢٢] تَنگَ[٢٣] وَرَنِ[٢٤] ۾، چُلِي[٢٥] چِنَائين[٢٦]،
أتي عَبدُاللطيف چئي، رَهَه[٢٧] ۾ رُنَائين،
سَبَاجَهَا[٢٨] سَائين، وِجهين بَاجَهه[٢٩] بَروچ کي.

١٨

رَنجَل[٣٠] پِئَڙَس[٣١] رَافَ[٣٢]، کَندي پَنڌُ پَهَاڙَ ۾،
رَکَبَ[٣٣] کوڙِئو رُوهَه[٣٤] تي، کَري کَاهُون مَتي کَافَ[٣٥]،
آهيسِ عَبدُاللطيف چئي، سِکَ[٣٦] پِريَان ڏي صَافَ[٣٧]،

١. ٻانڀڻاڻي يعني سسئي جيڪا ٻانڀڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي، برهمڻ زال. (ٻانڀڻ يا برهمڻ، هندن جي هڪ اوچي ۽ اتم ذات آهي). ٢. منٿون ڪري، ورلاپ ڪري. ٣. حب وٽان (حب، مشهور نديءَ جونالو آهي جا بلوچستان ۽ سنڌ جي سرحد سان وهي ڪراچيءَ جي پرسان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي). ۴. ورايو، موٽايو. ۵. جيڪڏهين. ٦. جبل جي ريتيءَ يا واريءَ. جبل. ٧. ڪئي. ٨. ڏکايل، بيمار. ٩. جبل، پهاڙ. ١٠. تنهن هوندي. ١١. تکي، تورو تورو ڪري وڏي يا کپي. ١٢. ٻڌئو. ١٣. چيلهه، ڪمر. ١۴. (پنهونءَ جي) دربار، ڪچهريءَ، مجلس. ١۵. برپٽن، بيابانن. ١٦. ڪپڙا، وڳا، پوشاڪون. ١٧. سڄڻ، محبوب. ١٨. ان (سسئيءَ) کي ميڙيو يعني ملايو. ١٩. ڏکَ، تڪليف. ٢٠. آسائش، راحت. ٢١. روڪي ڇڏي، ٽڪائي، ترسائي. ٢٢. پيرن جو هيٺيون پاسو، پٻ. ٢٣. تنگ جي، جبل جي. ٢۴. واٽن، راهن، رستن، وڪڙن. ٢۵. ڏوڙي. ٢٦. ڦٽيائين، زخمي ڪيائين. ٢٧. راهه، رستي. ٢٨. ٻاجهارا، رحم يا ٻاجهه ڪندڙ. ٢٩. رحم، مهر. ٣٠. رَنجل ۾، پير ۾ (رجل اکر جي بگڙيل صورت). ٣١. هن کي پيبون. ٣٢. لڦون، پُرڪٽا، ڦلوٽا. ٣٣. گوڏا. ٣۴. جبل. ٣۵. جبل. ٣٦. محبت، پيارُ. ٣٧. سچي، خالص، کري.

آرِياڻِيءَ[۱] اِنصافَ، وَنتا[۲] وِچاريءَ[۳] جا.

وائي ①

هَلِبو[۴] وو هَلِبو، پُنهونءَ[۵] ڪارڻ[۶] پَٻَ[۷] ۾،
پُٽي[۸] ڏونگَرَ[۹] ڏورِيان[۱۰] جِيءَ[۱۱] اَندَرِ جَلِبو[۱۲]،
پِرِيان[۱۳] سَندي[۱۴] پارَ[۱۵] جو، سُور[۱۶] تان نہ سَلِبو[۱۷]،
پَڪي[۱۸] پُنهون جامَ[۱۹] جي، رُوحُ[۲۰] وَجي رَلِبو[۲۱].

وائي ②

تِئَ[۲۲] تَرَم سُور سَمَرَ[۲۳]، اي دِلبَرَ[۲۴]،
موٽُ[۲۵] سَباجها[۲۶] سُپرين،
مَتان مُونکي ڇَڏِين، آرِياڻي اَنوَرَ[۲۷]،
آهي عَبدالطيف کي، پيراڻي[۲۸] پاڪَرَ[۲۹].

---

۱. آريءَ، پنهونءَ (سسئيءَ جي محبوب) (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۲. حسابُ ڪتابُ، امتحان، ۳. بي واهيءَ، مسڪين، نڌڻڪيءَ، ۴. پنڌ ڪبو، ۵. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٦. واسطي، ۷. سنڌ صوبي جي الهندي سرحد سان هلندڙ هالار جبلن جي ڏاکڻي قطارڪي پَٻَ جبل چئبو آهي، ۸. پيئي، ۹. جبل، ۱۰. ڳوليان، ڍونڍيان، ۱۱. دل، ۱۲. جوش، جذبو، جلوو، تجلو، چمڪو، روشني، ۱۳. محبوب، پرينءَ، سپرينءَ، ۱۴. جي، ۱۵. طرف، پاسي، ۱٦. ڏک، دردُ، تڪليف، ۱۷. ٻڌائبو، ظاهر ڪبو، ۱۸. پڪي ۾، جهوپڙيءَ ۾، لانديءَ يا ڪکن ۾ ٺهيل ڇني ۾، ۱۹. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ۲۰. دل، ۲۱. گڏبو، ملائبو، ۲۲. مونکي ڏنا، ۲۳. توشو، مسافريءَ جو، سامان، راهہ جو خرچ، مال اسباب، ۲۴. محبوب، ۲۵. واپس اچ، ۲٦. ٻاجهہ وارا، مهربان، رحم ڪندڙ، ۲۷. تمام چمڪندڙ، روشن، ۲۸. پيرن جي، مرشدن جي، الله وارن جي، ۲۹. پناهہَ، بچاءُ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرِ مَعذُورِ

داستان نائون

١

ڪَنُ تِيءُ[١]، ڪيچِيَنِ[٢] ڪُڇِئو[٣]، ڪُڇُ مَ[٤]، تَا ڪُڇِنِ،
اِشَارَتُون[٥] اُنِ جُون، سُڪُوتَا[٦] سُڄَنِ[٧]،
وَتَان وِهِي تَنِ، سُڻُ[٨] تَہ سوزُ[٩] پِرائِيِن[١٠].

٢

سُڻَ تَہ سوزُ پِرائِيِن، آءُ چَيَائُون[١١] اَڄُ،
ٻولِي[١٢] ٻِي نَہ سِکَئا، "پَاٽَان"[١٣] چُوندءِ پَڄُ[١٤]،
وَاڄِي[١٥] وَٽُ[١٦] مَ وَڄُ[١٧]، ٻُڌُ[١٨] تَہ ٻِئائِي[١٩] لَهِي[٢٠].

٣

ٻُڌُ تَہ ٻِئَائِي لَهِي، آئُون[٢١] اِتِ نَہ آهِ،
ڪُڇَڻُ[٢٢] ڪَدِي لاَهِ[٢٣]، ڪَنُ تِيءُ، ڪيچِيَنِ ڪُڇِئو.

---

١. ڪَنُ تِيءُ= ٻڌ. ٢. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون اتي جو رهاڪو هو). ٣. ڳالهايو. ٤. ڪُڇ مَ= تون نہ ڳالهاءِ. ٥. روحاني اشارا، نڪتا، قول. ٦. سڪوت مان، ماٺ مان. ٧. سمجهہ ۾ اچن. ٨. ٻڌ. ٩. ساڙو يا تپت (عشق جي)، ڏک، درد، غم. ١٠. حاصل ڪريين. ١١. اَڄَ. ١٢. بات. ڳالهہ. ١٣. پاڻ ڪان، خوديءَ، آپي ڪان. ١٤. پاسي ٿيءُ. ١٥. وڄائڻ جي سازَ، باجي، نغاري يا دَهلَ. ١٦. وانگر. ١٧. آوازُ ڪر. ١٨. (ڪيچين جا قول) سُڻُ. ١٩. دوئي، شِرڪ، ٻي ڪي خدا جي برابر سمجهڻ جي حالت. ٢٠. ختم ٿئي. ٢١. آپو، اهنڪار. ٢٢. ڳالهائڻ. ٢٣. ڪدي لاهہ= ترڪ ڪر، بند ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

ڪَنُ ٿيءُ، ڪيچِيَن ڪُچِئو، ڪُڇُ مَ، ڪُڇِئائُون،
رَهِي[١] نَہ رَتِيءَ[٢] جيتِرو[٣]، اُنهِين وَٽِ "آئُون"[۴]،
وَڏِي[۵] وڏائُون، هُو جو وَڻُ "هُوئَڻُ"[٦] جو.

۵

ڪَبِذهِين پَئِجي ڪَنُ ٿِي، ڪَبِذهِين تِيجي وَاتُ[٧]،
ڪَبِذهِين تِيجي ٻَڪرو[٨]، ڪَبِذهِين تِيجي ڪَاتُ[٩].

٦

ڪَتَارو[١٠] ۽ ڪُوسُ[١١]، اڱَڻِ[١٢] آرِيءَ[١٣] جَامَ[١۴] جي،
ڏِيَتَ[١۵] آهِي دوسُ[١٦]، مَارَڳَ[١٧] ۾ مُيُنِ[١٨] جي.

٧

ڪَا مُون[١٩] مُچِيُجَاهُ[٢٠]، گُهِٽِيُون گُهُرِبِيَان[٢١] اونِيَا[٢٢]،
هِي وَڻَ[٢٣] نَہ لَهَندا[٢۴] هُو وَڻَ[٢۵] اوڏاهِين[٢٦] گُهَٽا.

٨

چِيتَا[٢٧] چُورَ چُنجِهَنِ[٢٨] ۾، جِتِ سِيڙهِيُون[٢٩] شِينهَن سُجَنِ[٣٠]،

---

١. بچي يا بچت ۾ ٿي، ٢. ذري، ٣. برابر، ۴. آپو، خودي، انانيت، ۵. ڪبي، ڪاٽي، ٦. هستيءَ، خوديءَ، آپي، ٧. واتُ تيجي= ڳالهائجي، سوال جواب ڪجي، ٨. ٻڪرو تيجي= ٻڪر وانگر پاڻ ڪُهائڻ لاءِ تيار ٿجي، ٩. ڪات تيجي= نفس ڪي يا خدا جي دشمن شيطان کي ڪهڻ لاءِ تيار ٿجي (ڪاتُ= ڪاتي)، ١٠. خنجر، تلوار، ڇُرو، ١١. ڪشت و خون، ڪُسَڻ ۽ ڪهڻ جو عمل، قتل عام، ١٢. اڱڻ ۾، گهر جي صحن يا احاطي ۾، گهر ۾، ١٣. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب آري هو. سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو)، ١۴. سردار، (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١۵. خون بها، قتل جو عيوض يا بدلو، ١٦. دوست، يارَ، ١٧. وات، رستي، ١٨. قتل ٿيلن، ڪُٺلن (عورتن)، ١٩. لَڪَڻ، لئيون، بانٺا، ٢٠. اوهين مچيو يا ڪپيو، ٢١. اوهان کي گهربيون، اوهان کي انهن جي ضرورت ٿيندي، ٢٢. اي ائن وارؤ، ٢٣. هي وڻ= هن دنيا جا موقعا ۽ وجهہ، ٢۴. اوهان لهندا، اوهان کي ملندا، ٢۵. هو وڻ= هُن دنيا يعني آخرت جون نعمتون، ٢٦. آخرت ۾، ٢٧. چيتا شينهن جيڪي چوريءَ يعني لڪي ڇپي حملو ڪن، واگهہ، ٢٨. جبلن، جبلن جي غارن يا چرن، ٢٩. ڏکهڻيءَ سخت ڪنڊيدار وارن وارا جانور، ٣٠. ٻڌجن.

أُتي عَبدُاللطيف چئي، ڪي هيڪليون هلن،
سڪ[١] رسائي[٢] تن[٣]، مرڻ[٤] جن[٥] موجود[٦] ٿئو.

(٩)

ڪو مُنهن[٧] ڪُنل[٨] آيو، ناهہ وِچاري[٩] وس[١٠]،
هوت[١١] تُنهنجي هٿ[١٢] ري[١٣] گولي[١٤] ٿئي نہ گس[١٥]،
ڏکُ[١٦] ڏکيءَ[١٧] ڪي ڏس[١٨]، موڙهيءَ[١٩] ڪو مُنهن[٢٠] ٿئي.

(١٠)

ڪو مُنهن ڪُنل آيو، وس نہ وِچاري،
هوت تُنهنجي هٿ ري، پهچي[٢١] نہ پاري[٢٢]،
اچين جي[٢٣] آري[٢٤]، پاندُ[٢٥]، جهلي[٢٦] لڪُ[٢٧] لنگهيان.

١١

اکيون آريءَ جام جون، انڌيءَ سين آهين،
هو جي وڻ وندر[٢٨] جا، سي مون[٢٩] سونهائين[٣٠]،
ڏسئو[٣١] ڏيکارين[٣٢]، پيشاني[٣٣] پُنهونءَ جي.

---

١. محبت، ٢. رسائي، پهچائي، ٣. تن کي، موتُ، ٥. جن کي، ٦. ميسرُ، حاصل دستياب، ٧. مت، خيالُ، پهہ، ٨. ڪنل کي، قتل ٿيل کي، مصيبت جي ماريل کي، برباد ٿيل کي، ٩. بي واهي، مسڪين، نڌڻڪي، ١٠. وس ۾، اختيار ۾، خود خيال، ١١. اي هوت، اي محبوب پنهون (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٢. مدد، واهرَ، همراهيءَ، مهربانيءَ، ١٣. کان سواءِ، ١٤. ٻانهي، نوڪرياڻي، ١٥. (سنئين) گس تي يا راهہ تي، ١٦. تڪليف، دردَ، سورُ، پيڙا، ١٧. ڏکن واريءَ، دردمند، غمگين، ١٨. ٻڌاءِ، ڏيکار، ١٩. موڙهيءَ جو، موڳيءَ جو بي عقل يا بي سمجهہ جو، ويڳاڻل جو، موڙهل جو، ٢٠. منهن ٿئي= چاڙهو ٿئي، تدارڪ ٿئي، ٻلو ٿئي، حيلو ٿئي، ٢١. (منزل تي) رَسي، ٢٢. گولي، ٻانهي، نڪمي، ٢٣. جيڪڏهين، ٢٤. اي آري، اي پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردارَ جو لقب آري هو، پنهون ان هوت قبيلي مان هو)، ٢٥. دامَنَ، پلئُو، ٢٦. وٺي، ٢٧. جبل، ٢٨. لس ٻيلي ۾ هڪ ڪوٺ، جبل ۽ نئن، ٢٩. مونکي، ٣٠. ڏيکارين، ٣١. پاڻ خود ڏسِئو، ٣٢. پوءِ مونکي ڏيکارين ٿيون، ٣٣. منهن، شڪل، صورت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۲

اِڪيُون آريءَ جَامَ جُون، آهِين اَنڌِيءَ سَاڻُ،
پَسِي ڪَنڌِيُون پَاڻُ[۱]، پيشَانِي پُنهُونءَ جِي.

۱۳

آري ڏي نَہ ايئَن[۲]، اَڪَڙِيُون اَنڌِنِ ڪي،
وَنِيُون[۳] جَي[۴] وِچَايَان[۵]، سَاڻُ[۶] نَہ هُونڌِيُون سَبِنءَ[۷]،
سي ڪُوڙِيُون پَسَنِ ڪِيئَن، پيشَانِي پُنهُونءَ جِي.

۱۴

اِڪيُون لَٽَ[۸] اوراتِيُون[۹]، ڪِنهن پَرِ ڪَڙِيَان[۱۰] پيرُ[۱۱]،
لَٽِ[۱۲] لائِيندو ڪيرُ، مُون جيهِيءَ مَعذُورِ ڪي.

۱۵

تَتِيءَ[۱۳] ڪَري تَاڻَ[۱۴]، تَڌِيءَ[۱۵] تَڪِي[۱۶] نَہ وِهي،
وِڌائِين وِٽَڪَارَ[۱۷] مِ، سَسُئِيءَ پَاڻُ سُڪَاڻَ[۱۸]،
پُڇِي[۱۹] پَهَہ[۲۰] پَڪَيَنِ ڪَيِ[۲۱]، پيئِي مُنڌَ پَرِيَاڻَ[۲۲]،
ڏِنَسِ ڏيهَہ[۲۳] وِٽَنِ جا، تَنِ اللهَ لَڳِ[۲۴] اُهجَاڻَ،

۱. فخر. مَاٺو، ۲. اهڙي نموني يا ريت، ۳. (اکين جون) ماٺڪيون، پٽليون، تارا (هتي معنيٰ ٿيندي اکيون)، ۷. جيڪڏهين، ۵. (زمين تي) پکيڙيان، رکان، ڦهلايان، ٦. ڳڏ، ۷. آخر تائين، توڙ تائين، ۸.مٿيءَ، دڙَ، ۹. ڍَڪيون، بند ڪيون، ۱۰. ليڪيان، ڪٺان، ۱۱. پنهونءَ جي اٺن جو پيرَ يا پيرَ جو نشان، ۱۲. لٺ لائيندو= لٺ ڪان وٺي رستي تي لڳائيندو يا هلائيندو جيئن انڌن کي ڪبو آهي، ۱۳. تتيءَ وقت، گرميءَ وقت، ۱۴. ڪاهَہ، پندُ، ۱۵. ڏينهن ٺريي وقت، ڏينهن ٺڏي تيڻ مهل، ۱٦. ٿڪل، ماندي، ٿڪجي، ڪڪ تي، ۱۷. وٽن، وٽڪار تالي ڳوٺ، ۱۸. سڪائڻ، اُس ۾ گرميءَ جي حوالي ڪيائين، ۱۹. معلوم ڪري، ۲۰. پهي جا، رستي جا، واٽ جا، ۲۱. ڪان، ۲۲. پار پتا، نشان، اهڃاڻ، ۲۳. ڏيهہ جي، ملڪ جي، وطن جي، ۲۴. واسطي.

مَانَ[1] نَہ پَرچي[2] پاڻَ[3]، اَچي آرياڻي[4] وَري[5].

١٦

تُڙُ[6] وَنِي ٿَاهَرَ[7] ڪَرِ، نَاحَقُ[8] ڏَارَ[9] مَ ڏورِ[10]،
لَڳي لَڙَهَ[11] لامُنِ[12] جي، پُوري[13] مَنَ[14] مَ پورِ[15]،
صَاحِبُ[16] سوئِي سُورِ[17]، سَيِنِي جو[18] سَيدُ چئي.

١٧

مَنجَهان پَنءَ[19] پَروڙَ[20]، سَپِ[21] مَ پُڇج سَسُئِي،
ويهي وَڏي ڏِڳَ[22] مان، ڏُٽي[23] وِڄهج ڏوڙ[24]،
تَہ تُون ماڻيِن[25] مُوڙ[26]، جي پَند[27] اِهائي پارِيِن[28].

١٨

پير پَتائِين[29] ڪُونئرا[30]، ڏونگر مَٿي ڏي،
پاڻُ[31] نَہ پَسي[32] قِتُئُو[33]، تِي ڪَڙهِي[34] ڪيچِين ڪِي[35]،
هَاڙهُو[36] هوتَ پِري، ڪوهُ[37] جاڻان ڪِيئَنَ[38] لنگهِئا[39].

١٩

پير پَتايِئَن ڪُونئرا، ڏونگر مَٿي ڏي،

---

١. مان نہ= شل، خدا ڪري، ٢. راضي ٿي، خوش ٿي، ٣. پنهنجي سر، خود، ۴. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آرياڻي يا آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۵. موٽي، واپس اچي، ٦. وڻ جو ٿلهو حصو (پاڙ کان وٺي ڏارن تائين)، مُنڍ، ٧. ٿهر، آرامُ، سُڪون، ٨. اجايو، بي فائدو، ٩. وڻ جي ٿڙ مان ڦٽندڙ شاخون يا ٽارَ، ١٠. پڪڙ، هٿ ۾ جهل، ١١. ڀروسي، آسري، اميد، ١٢. ٽارين، ڏارن مان ڦٽندڙ شاخن، ١٣. اي پوري، اي موڳي، اي وسوڙل، ١۴. من کي، دل کي، ١۵. پرزا پرزا يا ٽڪر ٽڪر ڪر، ١٦. ڌڻي، مالڪ، ١٧. ياد ڪر، ١٨. سندو (آهي)، ١٩. ٿوري، ذري، اشاري، نُڪتي، ٢٠. سمجهہ، معلوم ڪر، ٢١. سموري يا سچي ڳالهہ يا حقيقت، ٢٢. (مٽيءَ ۽ گند جي) ڍير، ٢٣. چندي چاٽي، ڳولي ڦولهي، پسند ڪري، ٢۴. مٽي، خاڪ، (هيءَ دنيا، گند ۽ مٽيءَ جو ڍڳ آهي جنهن ۾ مٽي عمدي شيءِ آهي تنهنکي چندي چاٽي گند کان جدا ڪر)، ٢۵. حاصل ڪريين، ٢٦. ناڻي جي موڙي، سرمايو، ٢٧. صلاح، نصيحت، ٢٨. عمل ۾ آڻين، ٢٩. پٽ کان، ريشم کان، ٣٠. نرم، ٣١. خود (کي)، ٣٢. ڏسي، ٣٣. زخمي ٿيل (گنج ۾ "پٽيين" لکيل آهي)، ٣۴. جلي، پچي، ڳٽي ڪري، ٣۵. لاءِ، ٣٦. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي قطار، ٣٧. خبر نہ اٿم، ٣٨. ڪهڙيءَ طرح، ٣٩. لنگهي وئا، مٽي وئا.

ڦَٽِئا[1] ڦَڻ[2] فَقِيرَ[3] جا، سِيرُونَ[4] ٿِئا سي،
جِهڙِي[5] تِهڙِي حَالَ[6] سين، پُرِي[7] پُنهُونءَ[8] ڏي،
وَڃِي مَان[9] نَہ وَرِيَ،[10] ٻَانِهِيءَ[11] ٻَانڌُ[12] جَنهِن سين.

٢٠

اَصُلِ[13] اَنگُ[14] سَندُونِ،[15] وَهِي[16] جِي ڏاهِين[17] وِئو،
ڪِهڙو ڏوهُ[18] ڏِبُونِ،[19] سو مُنهُنَ[20] آيو سَاٿِيِين[21].

٢١

لِکِئو جو[22] نِرَاڙِ،[23] سو اَنگُ ڪِيَاڙِيَ[24] نَہ ٿِيي،
پَارِبُو[25] وِڀنِي پَارِ، جيڪي لَالَڻَ[26] لِکِئو لوحَ[27] ۾.

٢٢

جِتي جِيتَرِيُون، لِکِيُون لوحَ قَلَمَ ۾،
تِتي تِيتَرِيُون، گَهڙِيُون[28] گَهَارَڻَ[29] مُون[30] آيُون.

٢٣

تَوڙِي[31] وِلاڙُون[32] ڪَرِيِين، تَوڙِي هَلِين وِکَ[33]،
لِکِئي[34] مَنجهَان لِکَ[35]، ذَرو ضَايِعَ[36] نَہ ٿِيي.

---

١. زخمي ٿئا، ٢. پيرن جا پٻ يا ترپون، پيرن جو هيٺيون حصو، ٣. مسڪين، ڪنگال، ڪنُل، محتاج، بي سمر، ۴. سيرون ٿئا= چيرجي پيا، ڦاٽي پيا، ڦٽجي پيا، ۵. جهڙي تهڙي= معمولي، رواجي، مسڪيني، غاريبي، ٦. حيثيت، حالت، ٧. هلي، پنڌ ڪري، ٨. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٩. مان نہ= شال، خدا ڪري، ١٠. موٽي، ١١. ٻانهيءَ جو، گوليءَ جو، ١٢. ٻنڌُ، محبت، پريت، لاڳاپو، تعلق، ١٣. اصل ڪان، شروع ڪان، ١۴. قسمت، نصيب، لوح محفوظ جو لِکيو يا لکيت، فيصلو، قلم، ١۵. انهن جو، ١٦. لکجي، ١٧. جنهن طرف، جنهن نموني، ١٨. ميارَ، الزام، ١٩. انهن کي ڏبو، ٢٠. طرف (منهن ۾، سامهون)، ٢١. ساٿين کي، دوستن يا يارن کي، ٢٢. جيڪي، ٢٣. نراڙ تي، پيشانيءَ تي، ٢۴. ڪياڙيءَ ڏانهن ڪنڌ يا ڳچيءَ جي پُٺيئن پاسي يا حصي ڏانهن، ٢۵. پوڳيو، سهيو، برداشت ڪيو، ٢٦. محبوب، دوست، ٢٧. (لوح محفوظ واري) پٽيءَ يا تختيءَ، ٢٨. واحد گهڙي = ساعت، پَلُ، وقت جونديي ۾ نديو ماپو، ٢٩. گذارڻ، ڪٽڻ، ٣٠. مونکي، ٣١. جيتوڻيڪ، ٣٢. ولاڙون ڪرين= ڊوڙ پائين يا تکو هلين، ٣٣. وک وک ۾، پير پير ۾، آهستي، ٣۴. لکيل انگ يعني قسمت، ٣۵. ذري جيترو، رتيءَ جيترو، ٣٦. ڪَٽَ، گهَٽِ، ڪَرِ.

(۲۴)

جي سُئَا نَہ بُڌَا، سي ڪِيئَن پِرِين[1] پَسَجَن[2]،
قَلَمُ[3] جَنِي جي هَٿَ ۾، سي جي ڪَرَمُ[4] ڪَن،
اَنڱُ[5] مَتَائِي[6] اڳِيُون[7]، مَاڳَهِين[8] پِئو لِکَن.

وائي ○

جيڏِيُون[9] جَهَلَ[10] مَ پَايو[11]، آئُون وِندُڙِي پَار[12] پِرِين جي،
اَدِيُون[13] روزِ[14] اَلَسْتَ[15] جي، ڏُونگَرُ[16] ڏيجُ[17] مُون[18] آيو،
مُون کي ڏِينهَن مِيثَاق[19] جي، دوستَ[20] دَرسَنُ[21] ڪارئو[22]،
لَکِنِ[23] ۾ لطيف چئي، پِرِين پَاڻُ پَسَايو[24].

۱. محبوب. ۲. ڏسجن. ۳. لکڻ لاءِ وڍيل ءِ گهڙيل ڪانو، ڪلڪ، ليکڻ. ۴. مهرباني. ۵. لکئو (قسمت جو). ٦. ڦيرائي. ۷. پهريون.
۸. صفا، بنهہ. ۹. اي جيڏيون، اي سرتيون. ۱۰. روڪ، پل، رنڊڪ. ۱۱. وجهو. ۱۲. پار ڏانهن، طرف ڏانهن. ۱۳. اي اديون، اي ڀينر.
۱۴. ڏينهن. ۱۵. "الستُ بربڪُم قالوا بليٰ يعني ڇا آئون نہ آهيان اوهانجو رب چيائون ها واريءَ قرآني آيت جو پهريون لفظ. ۱٦. جبلُ.
۱۷. ڏاجو، جهيز، استري ڌن، ڪنوار کي شاديءَ وقت مائٽن کان مليل سامان. ۱۸. مونکي. ۱۹. انجامُ (الست بربڪم جي جواب ۾
ڪيل). ۲۰. يار. ۲۱. ديدار. ۲۲. ڪرايو. ۲۳. جبلن ۾. ۲۴. ڏيکاريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر ديسي

داستان پهريون

١

مُنِيَسِ[1] جَهلِ[2] مَهارَ[3]، ڪُنِيَسِ[4] ڪاهِه[5] مَ ڪَرَهوَ[6]،
مُون نِماڻيءَ[7] جي نجُهري[8]، پيرو[9] ڪَرِ پَتارَ[10]،
سَاجَنَ[11] تُهان[12] ڌارَ[13]، ڏُٺمِ[14] ڏِينهُن قِيامَ[15] جو.

٢

اَللهَ ڪارڻِ[16] اوِنيا، ڪَرَها مَ ڪاهيو،
جانِبَ[17] جَڏي[18] جِيَ[19] جو، اَڳاندو[20] آهيو،
لاڳاپو[21] لاهيو[22]، مَتان مُنهِنجا سُپرين.

٣

اَللهَ ڪارڻِ اوِنيا، ليڙا[23] نيو[24] مَ لُرَ[25]،
نيو نِماڻي پاڻَ سين، ٻانهي جهلي ٻُرَ[26]،
مُون ڪي ماري مَنجهه ٿي، سَندي هوتَنِ هُرَ[27].

---

١. آئون مٺي، آئون مصيبت يا تڪليف ۾ اچي وئي. ٢.روڪ. ٣. اٺ کي هلائڻ لاءِ نڪ ۾ پيل نوڙي يا رسي. (جهل مهارَ = اٺ بيهار يا روڪِ)، ٤. آئون ڪُٺي يعني قتل ٿي، آئون مصيبت ۾ پئجي وئي. ٥. هَڪَلِ، هَلاءِ. ٦. اُٺُ. ٧. مسڪين، غريب، بي وس. ٨. نجهري ڏانهن، جهوپڙيءَ يا پُنگيءَ ڏانهن. ٩. ڦيرو يا گهمرو (ملاقات لاءِ). ١٠. اي پتار، اي مڙس، خاوند. ١١. اي سَاجنَ، اي سڄڻ يا محبوب. ١٢. تو کان. ١٣. سواءِ. ١٤. مون ڏٺو. ١٥. قيامت، دنيا جو خاتمو، پَر لَءِ (ڏينهن قيام جو= سخت مصيبت جو ڏينهن)، ١٦. واسطي، لڳ، صدقي. ١٧. اي جانب، اي جاني، اي محبوب يا پيارا. ١٨. معذور، بيمار، ڪمزور. ١٩. جان، جند، بدن، ديهي. ٢٠. پرجهلو، آڌار، آسرو، ٽيڪ. ٢١. دوستي، ناتو، تعلق، واسطو. ٢٢. ختم ڪريو. ٢٣. اٺ. ٢٤. وٺي وڃو، ڪاهي وڃو. ٢٥. تڪڙا، تکا. ٢٦. ٻَر ڪان مٿي جي وارن (چڳن) ڪان. ٢٧. يادگيري، سَارَ.

كَچــو[1] لاَيَــان[2] كُــرَ، كيـــچَـــان[3] اوري[4] جـــي[5] وَرَان[6].

٤

كيـــچَــان اوري كِتَــهين[7]، وَٽُ[8] نَـه وِيسَـاهين[9]،
كَمِيـــٽي[10] كيـــچِـــين[11] لاَءِ، پُورِجِ[12] پَـرَاهِين[13]،
تَـاٽِـجِ[14] تيــڏَاهين[15]، وَارِجِ[16] كَـا مَ وَرَتَّ[17] جـي.

٥

كيـچَـان اوري كيتــريُون، مَـعذُوريُون[18] مُيُون[19]،
وَاتُـونَ[20] وِيهَ[21] تِيُون، كوهُ جَـاٽَان كيـهيءَ وِنَا.#

٦

وَاتُـنِ صَحـيُ وِنَا[22]، وَٽَ مَـنجَـهَـان[23] وَاسِـئَا[24]،
هِهَـڙَا هُـوتَ[25] هُـئَـا، سُـجَ[26] كِـئَـائُـون سُـرَهِي[27].

٧

سُـرَهِـي[28] مَـنجَـهَـان سَـاتَ[29]، آئِـي بُـوءِ[30] پَـنيُـورَ[31] كـي،
بِـيـنَـا بَـازَارِنِ مِ، لاَئـي[32] جَـتَ زَبَـاتَ[33]،
سَـنديءَ[34] هُـوتَ حَـمَـاتَ[35]، كيـچ[36] پَـهـتـو قَـافِـلـو.

١. بدناميءَ جو داغ، ملامت، جو ٽڪو. ٢. ڪُر کي، خاندان کي، ڪٽنب کي. ٣. ڪيچ کان (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ۴. اوريان. (ڪيچ پهچڻ کان اڳ يا سواءِ). ۵. جيڪڏهين. ٦. موٽان. ٧. ڪنهن بہ هنڌ يا جاءِ تي، ڪٿي بہ. ٨. وٽ، ڪَرِ. ٩. آرام، فرحت، قرار، ساهي. ١٠. اي ڪميٽي، اي بدڪار. ١١. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهونءَ ۽ ان جي عزيزن. ١٢. هلج، پنڌ ڪج. ١٣. پري، ڏور (ڪيچ تائين). ١۴. اڪتي وڌج يا هلج، پنڌ کي چڪج. ١۵. تنهن (ڪيچ جي) طرف. ١٦. ڳالهہ ڪج. ١٧. موٽڻ. ١٨. عذر واريون، جذبون، عشق جي بيماريءَ واريون. ١٩. مَري ويون. فنا ٿي ويون. ٢٠. رستا، گس. ٢١. تمام گهڻيون (اصطلاحي محاورو) # مون کي ڪا ڄاڻ نہ آهي يا ڪهڙي خبر تہ ڪهڙيءَ واٽ سان (ڪيچ ڏي) وِئا. ٢٢. درست يعني نيڪ. ٢٣. (واٽن يعني رستن). ٢٣. انهن (پنهونءَ ۽ ان جي عزيزن) مان. ٢۴. خوشبوءِ يا سڳند وارا ٿئا. ٢۵. محبوب (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٦. رڻ پٽ، بيابان. ٢٧. خوشبودار. ٢٨. وٽندڙ، موچاري. ٢٩. قافلي (پنهون ۽ ان جي عزيزن جي اٺن جي). ٣٠. بانس، هڳاءُ. ٣١. پنيور جي (ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان ٢ ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي). ٣٢. لڳائي (بدن کي). ٣٣. هڪ خوشبودار وکر جو نالو، مشڪ. ٣۴. سنديءَ هوت= هوت جيءَ محبوب جيءَ. ٣۵. حمايت سان، واهر سان، مدد سان. ٣٦. ڪيچ کان يا مان.

٨

لَڏيندي[1] لِباسُ[2]، جَتَنِ[3] جيڏوئي[4] ڪِئو،
آيُمِ[5] آرِيءَ[6] جامَ[7] جو، وَڻَ وَڻَ مَنجَهان واسُ[8]،
مِرُون[9] ڪِينِمِ[10] ماسُ[11]، هَڏَ[12] هَلَنداَ هوتَ ڏي.

٩

چَپَرِ[13] هوتَ پُنهُونءَ جي، جَڏهِين پيئي چِا[14]،
راڻِنِ[15] ۾ رُڪُو[16] ٿئو، دَرَ دَرَ[17] پيئي دانهَنِ[18]،
سَاتَ[19] آيو سَرواڻُ[20]، اَديُون اَڄُ پَنيُورَ ۾.

١٠

جَڏهِين پيئي چَٽَ[21]، چَپَرِ هوتَ پنهونءَ جي،
پَرَهي[22] وِينيُون پَٽَ[23]، گُوندَرَ[24] لَٿا گوليِنَ[25].

١١

چَپَرِ هوتَ پُنهُونءَ جي، جَڏهِين پيئي بُوءِ،
راڻِنِ[26] وَرِي[27] رُوءِ[28]، گُوندَرَ لَٿا گوليِنَ.

---

١. (پنيور مان) لڏڻ وقت، وڃڻ وقت. ٢. پوشاڪ، ويس وڳا، فريب، بيڪ. ٣. انن جي مالڪن، اُٺ هڪليندڙن، پنهونءَ جي عزيزن. ٤. عجيب، نرالو. ٥. مونکي آيو. ٦. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي جو هو). ٧. سردارَ (سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب). ٨. خوشبوءِ. ٩. جهنگ جا جانور. ١٠. منهنجو کائيندا. ١١. گوشت، مَاھَ. ١٢. هڏن جو پڃرو، گوشت کانسواءِ جسم. ١٣. چپر ۾، جبل ۾. ١٤. خبر، چوٻول. ١٥. بادشاهن جي زالن، وڏ گهرائي عورتن. ١٦. سُس پُس، چوٻول. ١٧. در در = گهر گهر ۾، هر هنڌ، جتي ڪٿي. ١٨. پڪار، شور، غلُ. ١٩. سات جو، (انن جي) قافلي جو. ٢٠. اڳواڻ، مهندارَ، قافلي ڏٿي. ٢١. بوءِ، بانس، هڳاءُ. ٢٢. ڏَڪي، پهري، پائي. ٢٣. پٽ يعني ريشم جا وڳا يا ڪپڙا. ٢٤. غمَ، فڪرَ، الڪا، ڪُٿيون. ٢٥. گولين جا، ٻانهين جا. ٢٦. راڻين جي. ٢٧. موٽي (رونقدار ٿي). ٢٨. منهن، چهرو، شڪل (راڻن وري روءِ= راڻن ۾ شادمانو يا خوشي ٿي).

١٢

بَرَ[١] مِڙئِي[٢] بُوءِ[٣]، چَپَرَ[٤] چَٽُون[٥] مُڪِيُون[٦]،
اَچِي آرِيءَ[٧] ڄَامَ[٨] جو، لَڙِبُو[٩] سَاٿُ[١٠] صُبُوحِ[١١]،
ٻَهَه ٻَهَه[١٢] تِي پَنيُورَ[١٣] ۾، هَنڌَ[١٤] مِڙيئِي هُوءِ[١٥]،
رَاتِنِ وَرِي روءِ، گُوندَرَ لَٿَا گوليِين.

١٣

بَرَ مِڙئِي بَاسَ، چَپَرَ چَٽُون مُڪِيُون،
اَدِيُون آرِيچَنِ[١٦] جِي، وَڻَنِ[١٧] مُڪَا[١٨] وَاسَ[١٩]،
آيَلِ[٢٠] پُنِّي[٢١] آسَ[٢٢]، پُنهُون آيو ڪيچ مَان.

١٤

اَللهَ اَچِنِ اُوءِ[٢٣]، جَنِ آئِي[٢٤] مَنُ[٢٥] سَرَهو[٢٦] ٿِئي،
پَسَان مَانَ پَرِ ڪَهين، تَنِ جَتَنِ سَندي جُوءِ[٢٧]،
لَنگهي لَڪَ[٢٨] لَطِيف چئي، سُٽِيَان[٢٩] هوتَنِ[٣٠] هوءِ[٣١]،
گوڙِ[٣٢] تِئَان گُلبوءِ[٣٣]، جي[٣٤] مُون[٣٥] نِئو پَاڻَ[٣٦] سين.

---

١. رڻ پٽ، بيابان، ميدان، ٢. سڀيئي، ٣. بوءِ سان ڀرجي ويئا، بانس يا هڳاءَ سان واسجي ويئا، ٤. جبل، ٥. سُرهائيون، خوشبيون، ٦. موڪليون، ڦلهلايون، ٧. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي جو هو)، ٨. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٩. پهتو، ١٠. (پنهون ۽ ان جي عزيزن جي اٺن جو) قافلو، ١١. صبوح جي وقت، ١٢. ٻهه ٻهه= واهه واهه، خوشي، بهاري، ١٣. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻه ميل پري قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي، ١٤. مڪان، جايون، ١٥. هُل يعني غوغا، تعريف جي آواز (سان گونججي ويا)، ١٦. آريءَ جي اولاد يعني پنهون ۽ ان جي عزيزن، ١٧. درختن، (داستان جي محاور) رهڻ وارين جاين، ١٨. موڪلئا، ڦهلايا، پکيڙيا، ١٩. سُرهائيون، خوشبويون، ٢٠. اي آيل، اي امڙ، ٢١. پوري ٿي، سِڌ ٿي، ٢٢. اميد، مراد، ٢٣. أهي، ٢٤. جن آئي= جن جي اچڻ سان، ٢٥. دل، ٢٦. خوش، ٢٧. رهڻ جي جاءِ يا هنڌ، ماڳ، مڪان، ٢٨. جبل، ٢٩. (شل) ٻڌان، ٣٠. هوتن جي، محبوبن جي، ٣١. آواز، هل، ٣٢. ٻانهي، نوڪرياڻي، ٣٣. گلبوءِ جي، گلَ جهڙي سرهي (مالهوءَ) جي، محبوبَ جي، پنهونءَ جي، ٣٤. جيڪڏهين، ٣٥. مونکي، ٣٦. وٺي وڃو.

١٥

کيچان[1] آيو قَافِلوَ[2]، رَاتِ[3] موچاريءَ[4] رُوءِ[5]،
بوتي[6] ۽ بلوچ جي[7]، رڙَهان[8] پَسئو[9] رُوءِ[10]،
لنگهي لَڪَ لطِيف چئي، تَنَ سُٽِيَان هوتَنِ هُوءِ،
گولِي تِيَان گُلبُوءِ، جي مُون نئو پَاڻ سين.

١٦

کيچان ايو قافِلو، رَاتِ موچاري رَنگ[11]،
تِيَان سَاٿِين[12] جي سَنگِ[13]، جي مُون نِيئن[14] پَاڻ سين.

١٧

کيچان آيو قافِلو، پَليرو[15] پَايان[16]،
پَٽي[17] جا پيرَن[18] جي، لِگَن[19] کي، لاَيَان[20]،
چَنبِيلِي[21] چَايَان[22]، جي مُون نئو پَاڻ سين.

١٨

کيچان آيو قَافِلو، جَامَن[23] سَندو[24] جَامُ[25]،
پَسَندي پُنُوهَ کي، اکِين کئو آرامُ[26].

١. کيچ کان (کيچ، رِاياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ڪيچ جو رهاڪو هو). ٢. انَ جي قطار، انَن جو ڪاروان يا ساٿُ. ٣. گذريل رات جو. ۴. چڱيءَ، سُٺيءَ، ۵. طرح، نموني، ٦. اُٺَ (ذات جي)، ٧. ٻروچ (ذات جي)، سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ ذات يا قوم مان هو، ٨. سران، هَلان، پنڌ ڪريان، ٩. ڏسئو، ١٠. مُنهن، شڪل، صورت، ١١. رنگ سان، رونق سان، دٻدٻي ۽ شان سان، ١٢. ساٿ يا قافلي ۾ شامل ماڻهن، ١٣. سنگَ ۾ يا سنگت ۾ (شامل)، ١۴. وٺي وڃن، ١۵. ٻلو، ٻيڻو، موچارو، ١٦. پانيان ٿي، چاٺان ٿي، سمجهان ٿي، ١٧. مٽي، دز، خاڪ، ١٨. (جتن ۽ انن جي)، قدمن، ١٩. بدن جي عضون، بدن، ٢٠. لڳايان، مکيان، ٢١. گولي، ٻانهي، ٢٢. چوايان، سڏايان، (پاڻ کي، ٢٣. سردارن (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب ڄام هوندو هو)، ٢۴. جو، ٢۵. سردار، ٢٦. سک، شانتي، قرارُ، اطمينان، فرحت.

نَاتَرِ[1] چَايَان[2] نَامُ[3]، جي مُون نِئو پَاڻ سين.

۱۹

ڪيچَان آيو قَافِلو، جُنگُ[4] سُونهَارِيءَ[5] جوڙَ[6]،
تَر يَارَا[7] تُوڏِن[8] ڪي، ڳِچِيءَ[9] سُونهَن[10] موڙَ[11]،
دَولَت[12] چَايَان دوڙَ[13]، جي مُون نِئو پَاڻ سين.

۲۰

ڪيچَان آيو قَافِلو، طَرَح[14] موچَارِيءَ تُوڏَ[15]،
سِينگَارِيَائُون[16] سَيَدُ چئي، ڪَرَهَا مَنجهَان ڪوڏَ[17]،
لَڪُ لَهي[18] تِي لوڏَ[19]، جِيجَان[20] تَن جَتَن جي؛

۲۱

ڪيچَان آيو قَافِلو، سَيَنِي جو سَروَاڻُ[21]،
وَارَ وَڏِي وَاڳُون[22] ڪَرِيَان، پُوتَبَا[23] هَان پَلاڻَ[24]،
جِهَڙو پُنهُون پَاڻ، تِهَڙِي سِتَا[25] سَاٿَ[26] جي.

۲۲

جُهوڙَا[27] جَن[28] جُهلُن[29] ۾، هيري[30] لَڪَ هَزَارَ[31]،

---

١. مومل جي هڪ وفادار ٻانهيءَ جو نالو. ٢. چوايان، سڏايان. ٣. نالو. ۴. تمام وڏو يا شاهي. ٥. سُهڻيءَ، سَنيءَ، موچاريءَ رونق، بناوتَ، سنڌاءِ (سان). ٧. ٽليون، چڙيون، گهنڊڙيون، گهنڊڙيون، گهنڊڻن وارا ڳانا يا ڦندڻ. ٨. انن ڳچيءَ ۾. ١٠. ٿهن، سهڻا لڳن، زيبدار لڳن. ١١. ڳانا، جهاپا، ٽونٽر، ڦندڻ. ١٢. زرخريد ٻانهي يا گولي. ١٣. ادني، خسيس، ٻانهي، گولي. ١۴. طرح سان، نموني سان. ١٥. اٺ، ڪرها. ١٦. سنواريائون، سونهن دار بنايائون. ١٧. شوقَ، هيج. ١٨. لڪُ لهي= هزار سَوَن جي برابر آهي، بي بها يا بيحد وٽندڙ آهي. ١٩. هلڻي، هلڻ جو ڍول، رفتار. ٢٠. اي جيجان، اي جيجل، اي امڙ. ٢١. اڳواڻ، مهندار، قافلي سالارَ يا ڏٽي. ٢٢. (انن جون) مهارون، نوڙيون. ٢٣. پوهان يعني انهن جا سِبان، يا جَڙِيا. ٢۴. ڏاس يعني ٻڪرين جي وارن ۽ ڍڳن جي گاهہ ۽ ڪکن مان گهوڙي جي هني مثل ڪاٺ جي ڏنڊن جي مدد سان ٺهيل تڙآ جيڪي انن جي پٺيءَ تي بار ڪڻ جي سهوليت لاءِ ٻڌبا آهن. ٢٥. ترتيب، نمونو. ٢٦. انن جي قافلي. ٢٧. جهاپا، ٽونٽرَ، سَٽَ مان ٺهيل ڦندڻ. ٢٨. جن جي. ٢٩. غاشن، بالا پوشن، انن جي، پٺيءَ مٿان پيل ڪپڙن. ٣٠. هيرن جا، موتين جا. ٣١. لڪَ هزار= لکين هزار، بي انداز.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

وڙهيئا[1] واتَ[2] وَڻن[3] جا، پُنهونءَ[4] کي پالارَ[5]،
آنَ[6] کي وبندا گڏئا، ايهيءَ[7] سٽ[8] سُوارَ[9]،
ويئي ڪالهه قطارَ[10]، تون آئي[11] اڄ نهاريين.

وائي

هوتَ[12] نه پانيمِ[13] هيئن، ماري[14] سجڻ[15] تنهنجي نينهن[16]،
ڇڏي تون کو ڇپر[17] وبندين،
لُڪون[18] لڳن ڪوسيون[19]، ڏاڍا تپن ڏينهن،
جُهونگاريندي[20] جهنگ ۾، ڏوتين[21] ڏتڙي ڏينهن،
عشق آريءَ[22] جام[23] جي، ڪيس نماڻي[24] نينهن،
ولهيءَ[25] هت وسائيا، ميڙائي[26] جا مينهن،
آن[27] جا ڇڏي ڇپرين[28]، ڪيچ[29] رسندي[30] ڪيئن.

---

١. لڳا، ٽڪريا. ٢. وات جي، رستي جي. ٣. درختن. ۴. سسئي جي محبوب جو نالو. ٥. پن، تاريون. ٦. اوهان کي. ٧. انهيءَ. ٨. سٽ جا، ڍول، يا نموني جا. ٩. انن تي چڙهيل (ماڻهو). ١٠. انن جو قافلو يا ڪاروان. ١١. اي آئي، اي آيل، اي امڙ. ١٢. اي هوت، اي محبوب (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٣. مون پانيو، مون سمجهيو يا ڄاتو. ١۴. فنا ڪئي. ١٥. اي سڄڻ، اي محبوب. ١٦. محبت، عشق. ١٧. ڇپر ۾، جبل ۾. ١٨. گرم هوائون. ١٩. گرم. ٢٠. آهستي يا جهيڻي آواز ۾ ڳالهائيندي يا پار ڪيندي. ٢١. ڏت يعني جهنگ جي شين تي گذران ڪندڙ يا پيٽ پاريندڙ ماڻهن. ٢٢. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب). ٢٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ٢۴. بي حال، لاچار، عاجز. ٢٥. نادار، مسڪين، هيڻي حال واريءَ. ٢٦. وصال، ميلاپ. ٢٧. اوهان. ٢٨. ڇپرن ۾، جبلن ۾. ٢٩. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهرجو رهاڪو هو). ٣٠. پهچندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر ديسي

داستان پهريون

١

آڏ تِراچا[1] آهُڙا[2]، ڏُونگر[3] کي ڏاڪا[4]،
ڪِيَمِ[5] آهه[6] عجيب[7] کي، سڪ[8] منجهان سا ڪا،
پيئي هيٺي[9] جي هوت[10] کي، ڪُوڪ[11] وڃي ڪنِ[12] ڪا،
مُنهنجو وس[13] واڪا[14]، ٻُڌڻ[15] ڪم ٻَروچ[16] جو.

٢

آڏ تِراچا آهُڙا، ڏُونگر کي ڏاڪا،
وني ور[17] وات[18] ٿئا، ٻَرِ[19] چڙهي[20] ٻانڪا[21]،
ٿئا[22] ٿڻ[23] فقير[24] جا، چڙهندي چڙهاڪا[25]،
هُين[26] جيءَ[27] اندر[28] جا ڪا[29]، وڃا پُڄائي[30] پانهنجي.

٣

آڏ تِراچا آهُڙا، ڏاڪا ڏُونگر کي،

١. آڏا تيڏا، ڏنگا ڦڏا، ورن وڪڙن وارا. ٢. اهنجا، ڏکيا، کهرا، چُپندڙ. ٣. جبل، پهاڙ. ٤. جبل جا چاڙهيڪا، لڪَ يا هيٺ متاهيون. جبل جون چاڙهيون، جبل تي چڙهڻ جا رستا. ٥. مون ڪٿي. ٦. دانهن، سڏ، پڪار. ٧. دوست، محبوب. ٨. پيار، محبت. ٩. ضعيف، ڪمزور، بي حال. ١٠. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١١. دانهن، سڏ، پڪار. ١٢. ڪن تي، ڪن تائين. ١٣. پهچ، اختيار، حيلو، فرض، ڪَمُ. ١٤. واڪا ڪرڻ، دانهون ڪرڻ. ١٥. سُڻڻ، اونائڻ. ١٦. پنهوءَ (پنهون ٻروچ يعني بلوچ قوم مان هو). ١٧. ڀتار، مڙس. ١٨. وات ٿئا= هلئا وٺا. ١٩. ٻر ڏانهن، رڻ پٽ يا جبل ڏانهن. ٢٠. (ائن تي)، سوارُ ٿي. ٢١. پهلوان (پنهوءَ جي ڀائرن ڏانهن اشارو). ٢٢. زخمي ٿئا. ٢٣. پيرن جو ترِيون، پير. ٢٤. مسڪين يا بيواهيءَ (سسئيءَ). ٢٥. جبلن جون چاڙهيون. ٢٦. هُنن پنهوءَ جي ڀائرن) کي هُئي. ٢٧. دل، من. ٢٨. مُر. ٢٩. جيڪا (سِٽ، تجويز، نيت).
٣٠. پوري ڪري، عمل ۾ آڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو جي وڻ[1] وندر[2] جا، ماربندا مون کي،
هاڙهو[3] هيڻيءَ[4] کي، لنگهائيج[5] لطيف چئي.

۴

آڏ تراچا آهڙا، ڏونگر کي ڏارون[6]،
هينئڙو[7] هيرڻ[8] پن جيئن[9]، ڦٽي[10] تئو ڦارون،
کنهن کي ڏيکاريون، کونهي سوداگر[11] سور[12] جو.

۵

آڏ تراچا آهڙا، وندر[13] وراکا[14] ور،
حب[15] جنهن کي هوت[16] جو، سا ڏوربندي[17] ڏونگر،
پهچائيين[18] پرور[19]، لطف[20] سان لطيف چئي.

۶

آڏ تراچا آهڙا، وندر وراکا واک[21]،
اجهايس[22] انن جن، ڦوڙائي[23] فراق،
پنهون[24] پرمل[25] پاڪ[26]، واحد[27] لڳ[28] وريج[29] تون.

---

١. درخت. ٢. وندر. لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ. جبل ۽ نئن جو نالو آهي. ٣. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي قطار. ۴. ڪمزور، ضعيف. ۵. اڪارج. پار ڪج. ٦. چير، شگاف. ڦوٽون، ڦوڙ. ٧. دل. ٨. هيرڻ جي (هيرڻ هڪ قسم جو وڻ آهي جنهن جي ٻج مان تيل ڪڍي دوا طور ڪم آڻبو آهي. هيرڻ جو پن پاسن کان گهڻن هنڌان چيريل ۽ ڦارن يا ٻاڱن ۾ ورچيل هوندو آهي). ٩. وانگر. ١٠. ڦاٽي، چيرجي. ١١. واپاري، خريدار. ١٢. درد، ڏکَ. ١٣. وندرَ (جي جبل) کي. ١۴. ورَ، پيچ، ڦيرا، وڪڙ. ١۵. سِڪَ. ١٦. محبوب (هوت. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي جو هو). ١٧. جهاڳيندي، نهاريندي. تلاش ڪندي. ١٨. رساءِ. ١٩. پالڻهارَ. ٢٠. مهر، ڪرم. ٻاجهہ. ٢١. ور وڪڙَ. پيچَ، وٽَ، موڙَ. ٢٢. بي حال ڪيس. سَاڻي ڪيس. ٢٣. جدائيءَ، وڇوڙي، فراق. ٢۴. اي پنهون. (سسئيءَ جي محبوب جو نالو). ٢۵. ٻين جي سار سنڀال لهندڙ. ٻين جو جا مددگارَ. ٢٦. پوترَ. بي عيب. ٢٧. هڪڙي (يعني خدا جي). ٢٨. واسطي. ٢٩. موٽج. واپس اچ.

٧

آڏ تِراڇا[١] آهُڙا[٢]، وِنگا[٣] وَرَ[۴] واٽُن[٥]،
جيرا جِگر ٻُڪيون، آريءَ[٦] لَيءِ[٧] آتَن[٨]،
ڪَسي[٩] ڪنواٽَن[١٠]، سَنيُوڙا[١١] سَيدُ چئي.

٨

ڪوڏِر[١٢] نَہ ڪاتي، جَنهِن سين تَڪَرُ[١٣] تاڪِئان[١۴]،
جيڪو جَبلُ لَنگهِيان، سو هَيبَت[١٥] جو هاتي،
پِريَن[١٦] جا پاتي[١٧]، سا جَڙ[١٨] جِيئَري[١٩] نَہ لَهي.

٩

جَڙ جِيئَري جَن سين، مُئي سين تَن،
جي هِتِ[٢٠] نَہ هوتُ[٢١] پَسَن[٢٢]، سي ڪَنهِن[٢٣] پَرِ[٢۴] ڪيچ[٢٥] پَسَنديُون.

١٠

جيءَ[٢٦] جَڙ جَن سين، سي تَئا هوتَ قَرارُ[٢٧]،
رُوئان زارو زارِ[٢٨]، هاٽي تَن پِريَن کي.

---

١. آڏا تيڏا، ڏنگا ڦڏا، ورن وڪڙن وارا، ٢. اهنجا، ڏکيا، ڇيندڙ، کهرا، ٣. ڏکئا، تڪليف ڏهہ، ۴. وَڪڙ، پيچ، موڙ، ٥. واٽن جا، رستن جا، ٦. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٧. واسطي، ڪاڻ، ٨. جلن، سڙن، ٩. ڪشي يا ڇڪي يا سوگهو ٻڌي، (انن جا ٻلاڻ)، ١٠. ڪنواٽن جا، (نوجوان)، انن جا، ١١. تيار ٺئا، ١٢. زمين کوٽڻ جو لوهہ جو هڪ اوزار، ١٣. جبلَ، ١۴. ٺڪئان يعني ذرو ذرو ڪري پيچان يا وڍيان (جبل کي)، ١٥. خوف، ڏهڪاءُ (هيبت جو هاٿي= هاٿيءَ جي مثل، تمام وڏو ۽ خوفائتو)، ١٦. محبوبن، ١٧. وڌي، هنئي، ١٨. ميخ، ڪِلي (لوهہ جي)، محبت، پيارَ، ١٩. زندگيءَ ڀر، ساريءَ عمر تائين، ٢٠. هن دنيا ۾، ٢١. محبوب، پنهون، ٢٢. ڏسن، ٢٣. ڪهڙيءَ، ٢۴. ريت، نموني (ڪنهن پر= ڪيئن)، ٢٥. ڪيچَ ۾ يعني آخرتَ ۾ (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جيڪو سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو ڳوٺ هو)، ٢٦. جيءَ جي، دل جي، ٢٧. آرامي، بي اونا، بي فڪرا، ٢٨. تمام گهڻو، مسلسل، ٻنان ويساهڻ جي.

١١

جَبَلُ مَاري جَڪَ[1]، جو آڏو[2] آريچَنِ[3] ڪي،
توٽي[4] لَڪَنِ[5] لَڪَ[6]، تَہ سَڀِ لنگهنديس[7] سِڪَ سين.

١٢

جَبَلُ جيڏو[8] ئي آڏو آريچَنِ ڪي،
وَنِي وَرُ[9] واتَ ٿِئا[10]، بُرفَتَ[11] بِروهِي[12]،
رِجُنِ[13] ۾ روئي، پَسَان[14] شَالَ پُنهُونءَ ڪي.

١٣

جَبَلَ سُڄَنِ[15] جَالَ[16]، آڏا آريچَنِ ڪي،
هَاڙهِي[17] ڏُونهَنَ[18] هَٿُ ڪَٽِئو[19]، چِپَرِ[20] مَڙَانَ[21] چَالَ[22]،
ڪيچِي[23] وِئَڙَمِ ڪَالَهہ، تي[24] تِي ڏُونگَرَ[25] ڏوريَان[26].

١٤

پَهَڻَ پُرِيَاڏِي[27] پَبَ[28] جَا[29]، جَاڏا[30] جَبَلَ جِتَ،
لُچِي[31] مُنڌَ[32] لطِيف چئي، تَاڪُو[33]، پَسِئُو[34] تِتَ،
هُوتَ[35] پَهچِج[36] هِتِ، آءُ[37] تَہ اوجَهڙِ[38] نَہ پَوَان.

---

١. اجائي يا بيهودي بڪواس، يخي، خار (جک ماري= اجايو مٿو هڻي يا ڏيڄاري)، ٢. اڳيان يا سامهون رنڊڪ بڻيل آهي، ٣. آريءَ جي اولاد يعني پنهون ۽ ان جي عزيزن (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيل مان هو)، ٤. جيتوڻيڪ، ٥. لڪن جا، جبلن جا، ٦. سوين هزار، تمام گهڻو عدد، ٧. محبت، پيار، ٨. تمامُ وڏو، ٩. مڙسُ، ڀتارُ (پنهون)، ١٠. وات ٿئا= هلئا وئا، ١١. لس ٻيلي جي ڪوهستاني علائقن ۾ رهندڙ هڪ قوم جو نالو. (اصطلاحي محاوري ۾ ان کي جابلو جوان يا رهزن ڌاڙيل چوندا آهن)، ١٢. بلوچستان جي مخصوص قبائل جو مشترڪ نالو، ١٣. رڻ پٽن، بيابانن، ١٤. ڏسان، ١٥. ٻڌجن، ١٦. گهڻا، بي انداز، ١٧. لس ٻيلي جي اولهہ ۾ جبلن جي قطارَ جو نالو، ١٨. ڏانهن، ١٩. هٿ ڪٽئو= ڏانهون ڪريو چوان، ٢٠. ڇپر ۾، جبل ۾، ٢١. ملان، گڏجان، ٢٢. شال، ٢٣. ڪيچ جا رهاڪو يعني پنهون ۽ ان جا ڀائر (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٢٤. تنهن ڪري، ٢٥. جبل، ٢٦. جهاڳيان، ڍونڍيان، ووڙيان، ٢٧. جبل، ٢٨. بنيادي، آڳاٽي، نسل واري، جهوني، پراڻي، قديم، ٢٩. هالار جبل جي ڏاکڻي قطار جو نالو، ٣٠. وڏا، سخت، ٣١. بي آرام رهي، فڪرمند يا پريشان ٿئي، ٣٢. عورت (سسئي)، ٣٣. شڪاري، تاڪائو، جهنگ جا جانور، ٣٤. ڏسئو، ٣٥. محبوبَ، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٦. رسج (مدد يا واهر لاءِ)، ٣٧. اچِ، ٣٨. اوجهڙ ۾، منجهيل واٽ يا رستي ۾، خراب رستي ۾.

١٥

پَهَڻَ پُرِيَاڏي پَبَ جَا، جَبَلَ جِتَ جَاڏَا،
تَوڏِنِ[1] جَا تَڙَ[2] پِيڙَ[3] ۾، ڪُپَنِ[4] مَر ڪَاڏَا[5]،
اَچَنِ جي آڏَا،[6] لَڪَ[7] سَوُلَا[8] لَنگهِيَان[9].

١٦

هِڪُ پَاهَڻُ، پِيُون[10] پَتِيُون،[11] تَنَا جَبَلَ اُتَ جَاڏَا،
اِگِئَانَ[12] اَنَ سُونهَن ڪي، تَنگَ[13] پُڄَن[14] تَاڏَا[15]،
جي مُنِيءَ[16] مُنهَن[17] آڏَا[18]، سي تَارَجِ[19] لَڪَ لَطِيفُ چئي.

١٧

پَهَڻَن[20] ڪَنِ پَرُوزُئو،[21] پَٿُون[22] پيرَ تَئَامَ،
ثُمَّ لَايَمُوتُ فِيهَا وَلَايَحيٰ#، هَهڙَا حَالَ سَندَامَ[23]،
ڪُوجَهَا[24] ڪُرَتَ[25] ڪَئَامَ، جِيئَن هُوتَن ڇَڏِيَس حَبَ[26] ۾.

وائي

وِندِيَس ڪِيچَ[27] ڪَهِي[28]، سيڻَن[29] سَاڻُ صَحِي[30]،
پيرُ آئُون جِيئَندِيَس تَان نَه جَتَنِ ري،

---

١. اُئن، ٢. تڙ تڪڙ، پِچ پچان، ابهرائي، ٣. لِڪن، ۴. شال نہ، ٥. ڇاڙيون، ڪاڏيون، ٻوٽ. مَنهن (ڪاڏا ڪِپن= منهن ڀر ڪري پون)، ٦. اڳيان يا سامهون (رنڊڪ طور، ٧. جبل، ٨. سولائيءَ سان، آسانيءَ سان، ٩. شالَ اُڪران يا پار ٿيان، ١٠. پهاڙ، جبل، ١١. ميدان، ١٢. اڻ واقفن، ١٣. جبل، گهٽ، گهيڙ، لنگهہ، ماڻريون، ١۴. ڏيان ۾ آهن، سُجهن، معلوم آهن، (ٻي معنيٰ ٿيندي) محسوس ٿيندا، تڪليف ڏيندا، ١٥. اهنجا، ڏکئا، ١٦. مُنِيءَ جي منلَ جي، مصبيت جي ماريل جي، ١٧. مُنهَن جي، ١٨. اڳئان، سامهون، ١٩. دفع ڪج، پري يا پاسي ڪج، هتائج، ٢٠. پٿرن، ٢١. سمجهيو، ڄاتو، ٢٢. ذرا ذرا، ڀيهون ڀيهون، پرزا پرزا# پوءِ ان (دوزخ) ۾ نڪي مرندو نڪي جيئندو (قرآن جي سورت الاعليٰ جي ١٣ آيت)، ٢٣. منهنجا، ٢۴. بڇڙا، خراب، ٢٥. ڪمَ، ٢٦. حَب نديءَ واري بيابان (حب ندي، ڪراچيءَ کان سٺ ميل پري ٻہ جبل مان نڪري عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي)، ٢٧. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪنو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٢٨. پنڌ ڪري، ٢٩. محبوبن، سڄڻن، ٣٠. سلامت.

وِهَان ڪِيئَن مَاتِ ڪَري، هيڏو سُورُ سَهِي[3]،
ڀينَرُ هِن ڀَنڀورَ ۾[4]، سَارِبَان ڪونَہ صَحِي[6]،
اَڳَئَان آرِيءَ[7] ڄَامَ[8] جو، سُڃي[9] سَاٿُ[10] صَحِي[11]،
صُبحِ ڏُونگَرَ ڏورِئَان[12]، ڪَنهِن پَرِ[13] رَاتِ رَهِي[14].

١. تمام وڏو. ٢. عذاب، ايذاءُ، اهنج، تڪليف، مصيبت. ٣. برداشت ڪري، جهلي، ڀوڳي. ۴. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ آتڪل ٻہ ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي. ۵. سمجهان، ڄاڻان. ٦. (پنهونءَ جي) برابر، مَٽُ، جهڙو. ٧. پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون ان هوت قبيلي مان هو). ٨. سردارَ (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ٩. ٻڌجي. ١٠. (اٺن جو) قافلو يا قطار. ١١. سچ پچ، نيڪ. ١٢. جبلَ. ١٣. ڳوليان، جهاڳيان، ڍونڍيان. ١۴. نموني، ريت. ١۵. گذاري، پوري ڪري.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ديسي

داستان ٽيو

١

ڪَرِڙَا[1] ڏُونگَرَ[2] ڪَهَه[3] گَهٽِي، جت جَبَلَ گَهُوناگَهُون[4]،
لِيئَڙَنِ[5] جُون لطِيفُ چئي، تَنگ[6] تَنوارُون[7] پُون،
جَنِ ڏِٺو پير پِرِينءَ جو، سي نڪي رُون نه چُون،
هُوندَنِ[8] مَتي هُونِ[9]، لاڳاپا[10] هن لوڪ[11] جا،

٢

ڪَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَه گَهٽِي، جَبَلَ جت جَهجَها[12]،
موتُ مُحَمَّدَ ڪارڻي[13]، عَالَمَ جا اَجَها[14]،
پُنهُونءَ ري سَنجَهَا[15]، مُون ووڙِيندِيءَ[16] وَرُ[17] مِلي.

٣

ڪَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَه گَهٽِي، جَبَل جامو[18] جامَ،
سَمَرَ[19] بِنَانَ[20] سَرَتِيُون[21]، ڪَهَه ۾ گَهڙي ڪامَ،

١. ڏکيا، اهنجا، وڏا، سختَ، ڪٺن. ٢. جبلَ. ٣. پنڌَ، اهنجي يا ڏکي واٽَ، سفر، مسافري. ۴. گهوناگهون= طرحين طرحين، قسمين قسمين، رنگ برنگ، تمام وڏا ء اوچا. ۵. ائن. ٦. تنگ ۾، لڪَ ۾، جبلَ ۾. ٧. دانهون، گجڻ جا آواز. ٨. جيئرن يا زندهہ ماڻهن. ٩. آهن، ٿين. ١٠. واسطا، تعلق، معاملا. ١١. جهان، دنيا. ١٢. گهڻا. ١٣. پرجهلا، وسيلا، والي وارث، شفاعت ڪندڙ. ١۴. پشت پناهہ، ڍڪَ. ١۵. سيکت، سزا، تڪليف. ١٦. ووڙيندي ء کي، ڳوليندڙ کي. ١٧. مڙس، خاوند، ڀتارُ. ١٨. جام و جام= تمام گهڻا. ١٩. مسافري ء جو سامان، راهہ خرچ. ٢٠. کان سواء. ٢١. اي سرتيون، اي جيڏيون.

بِنان[1] مُحَمَّدُ جامَ[2]، ڪونهي وَسيلو[3] وِجَ تي[4].

۴

ڪَرِڙا ڏُنگَرَ ڪَهَہ گَهَٽِي، جِت جَبَلَ جالارا[5]،
ڏِنَمِ ڏاڍين[6] ڏُونگَرين[7]، لَئيءَ[8] آري[9]، اُلارا[10]،
ڪَهَہ ۾ ڪوهِيارا[11]، اَچِجِ تَہ اوڏي[12] ٿِئان.

۵

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گَهَٽِي، روهہ[13] جَبَلَ روڙا[14]،
وَجِئو چَڙهي اُنِ تي، جي اَيِنِ[15] ڪي اوڏا[16]،
آهِينِ اَڻَ[17] سُونهن ڪي، پَرَ[18] لَڪَنِ[19] لوڏا[20]،
ڪوهِيارِي[21] ڪوڏا[22]، مَعذُورِ[23] مَرَڻُ[24] مَچِئو[25].

٦

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گَهَٽِي، وِتا روڙا[26] رِنگائي[27]،
رَهِيَسِ[28] رَسُ[29] لَطيف چئي، تَنهن ڪَمِيٽيءَ[30] ڪاهي[31]،
ساڳاپي[32] سِيٽَنِ[33] جي، تي وِندُرِ[34] واجهائي[35]،
آرِياڻي آهي، مَنَهن[36] مَعذُورِنِ جو.

---

١. ڪان سواءِ، ٢. سردار، ٣. آڌارَ، آسرو، پشت پناهہ، ۴. وچ تي= رستي ۾، واٽ ۾، ۵. تمام گهڻا، ٦. ڏاڍن، ڪرڙن، وڏن، ڏکين، ٧. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ٨. واسطي، ٩. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو)، ١٠. اليرَ، لوهُون، چالون، سٽون، ١١. اي ڪوهيارا، اي ڪوهہ يعني جبل جا رهاڪو (پنهون)، ١٢. ويجهي، ١٣. جبلَ، پهاڙ، ٽڪرَ، ١۴. ٽوڙها، بنان وڻن ۽ ٻوٽن جي، سبزي کان سواءِ، ١۵. آسمانن، ١٦. ويجها (اين کي اوڏا= تمام بلند ۽ اوچا)، ١٧. اڻ واقفن، بنان رهبر يا سُونهين جي، ١٨. وٽ، تي، پاسي ۾، ١٩. جبلن، ٢٠. تڪليفون، نقصان، ٢١. ڪوهياري جي، ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ جي، ٢٢. ڪاڻ، واسطي، ٢٣. جڏيءَ، عذرَ واريءَ، بي حال (سسئيءَ)، ٢۴. موت، ٢۵. قبولئو، سهسايو، ذمي ڪنيو، ٢٦. گنجا يا ٽوڙها (اُٺ)، ٢٧. رڙائي، دانهون ڪرائي، ٢٨. پنڌ ۾ ٿڪَ سبب وچ رستي يا واٽ ۾ پئي آهيان، ٢٩. پهچ، ٣٠. ڪميٽيءَ کي، بدڪار کي، ٣١. جلد پنڌُ ڪري ، ٣٢. ساڳاپي جي ڪري، سڱَ يا ناتي جي ڪري، ٣٣. محبوبن، سڄڻن، ٣۴. وندرَ ۾، وندر وٽ (وندر، لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۽ ندي آهي)، ٣۵. نهاري، انتظار ڪري، اوسيڙو ڪري. ٣٦. پناهہ، آجهو، ڍڪَ.

۷

ڪَرِڙَا[۱] ڏُونگَرَ[۲] ڪَهَہ[۳] گَهٽِي، جِتِ مَاٿَرِ[۴] مَٿَاهِين[۵]،
سُجَنُ[۶] تَا سَيَدُ (رح) چئي، مِرُون[۷] مَهَائِين[۸]،
آرِيَاڻِي[۹] آهِين، مَنَهُنَ[۱۰] مَعذُورِنِ[۱۱] جو.

۸

ڪَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گَهٽِي، جِتِ بَرَ پَٽَ[۱۲] بِيَابَانَ،
ڏَاهَنِ[۱۳] ڏَاهَپَ[۱۴] وِسَرِي، تَئَا حَرِيفَ[۱۵] حَيرَانُ[۱۶]،
سَسُئِيءَ لَنگهِئُو[۱۷] سَيَدُ (رح) چئي، مَحَبَتَ[۱۸] سِين مَيدَانُ[۱۹]،
جَنهِن جو آرِيَاڻِي اڳوَاڻُ[۲۰]، تَنهِن کي ڪَانهِي[۲۱] بَاڪَ[۲۲] بَهِيرَ ۾.

۹

ڪَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گَهٽِي، جِتِ رِڻُ[۲۳] تَتو[۲۴] رَائُو[۲۵]،
تِتَرُ[۲۶] لَئِي[۲۷] مَ تَنِ کِي، ڏُونگَرَ ۾ ڏَائُو[۲۸]،
جِڏهِين جَامُ[۲۹] پُنهُونَ[۳۰] جَائُو، تِئُو سُولُو[۳۱] طَالِعُ[۳۲] سَاٿِيِن[۳۳].

۱۰

ڪَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گَهٽِي، جِتِ هَيبَتَ[۳۴] هُوءِ هَڳَاءُ[۳۵]،

---

۱. ڏکئا، اهنجا، وڏا، سخت، ڪٺن. ۲. جبلَ، پهاڙ. ۳. اهنجي يا ڏکي واٽ، پنڌ، سفر، مسافري. ۴. ماٿري، ٽڪر يا جبل جي وچ وارو ميدان. ۵. بلند، اوچي. ٦. پڏجن. ۷. جهنگ جا جانور. ۸. زوراورَ، وحشي، شوخ، درندا. ۹. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ۱۰. اجِهو، پناهہ، ڍڪَ. ۱۱. عذر وارين، جڏين، لاچار، بي حال (عورتن). ۱۲. رَجون، رڻ پٽ، صحرا، ويران يا سڃا يعني پاٽيءَ کان سواءِ ميدان، بيابان. ۱۳. ڏاهن کي، سياڻن کي، عقلمندن کي، دانائن کي. ۱۴. سياڻپ، هوشياري. ۱۵. چالاڪ، اٽڪل، باز، چاٽو، خبردار. ۱٦. پريشان، وائڙا، موڳا، منجهيل. ۱۷. پار ڪئو. ۱۸. پيار، سڪ. ۱۹. رڻ پٽ، صحرا. ۲۰. مهندار، رهبر. ۲۱. خوف، خطرو. ۲۲. ائن جي قافلي، قطارَ يا ساٿ. ۲۳. برپٽَ، رِڃَ. ۲۴. گرم يا ڪوسو ٽئو. ۲۵. جبل جي ريتي يا واري، جبل. ۲٦. ڳيري جيڏو يا ان کان ٿورو وڏو هڪ پکي جنهن جي پرن تي ڳاڙها ۽ ڪارا چٽ هوندا آهن. ۲۷. ٻولي، آواز ڪري. ۲۸. ڪٻي طرف، کاٻي پاسي کان ٻوليندڙ تتر بد سوڻ يا نحوست جي نشاني آهي. ۲۹. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ۳۰. سسئيءَ جي محبوبَ جو نالو. ۳۱. سٺائو، چڱو، فائديمند. ۳۲. نصيب، قسمت. ۳۳. ساٿين جو، پنهون جي قافلي ۾ شامل ماڻهن جو. ۳۴. خوف، هراس، ڌڪاءُ، دهشت. ۳۵. هل، هڳاءُ، آواز.

رَهِئَا[١] رَاتِ لطيف (رح) چئي، لَکَنِ[٢] ۾ تو[٣] لاءِ[٤]،
پَرْوَرَ[٥] جَامَ[٦] پُڇَا کِيْ[٧]، سَگَرَ[٨] مَنجهہ سَنڌِيَاءِ[٩]،
هَادِيْ[١٠] هوتُ[١١] مِلاءِ، آسَرَوَنْدِي[١٢] آهِيَان.

(١١)

کَرِڙَا[١٣] ڏُونگَرَ[١٤] کَهَہ[١٥] گهَٽِي، لَگِي اُجَ[١٦] اُسَاٽُ،
مَولاَ اُتِ مِينهَنِ جِي، چَپَرَ وِجهِج چَاٽَ[١٧]،
هَلَنِ سَنگَ[١٨] سَيَدُ (رح) چئي، کيچِيَنِ جَا کَنواٽَ،
وِنگِيْ[١٩] جِتي وَاٽَ، تِتي بَاتَاڙَنِ[٢٠] بِيلي[٢١] تِيِين.

(١٢)

کَرِڙَا ڏُونگَرَ کَهَہ گهَٽِي، جِتي کُوهَنِ[٢٢] ۾ کَارِيْ[٢٣]،
سُڄِي[٢٤] تِي سَيَدُ (رح) چئي، اگِئَان اَنڌَارِيْ[٢٥]،
زورِ[٢٦] تَپي[٢٧] وَارِيْ[٢٨]، کَارُونيَارَ[٢٩] کَافَنِ[٣٠] جِي.

(١٣)

کَرِڙَا ڏُونگَرَ کَهَہ گهَٽِي، جِتِ وَاٽُن تِي وَارِيْ،
پُنهُون[٣١] نِيندَئي پَاڻَ سين، کَندَءِ وِيچَارِيْ[٣٢]،

---

١. (پنھونءَ جا پائر) ترسيا، ٽڪيا. ٢. ڪجبلن ۾. ٣. تنھنجي. ٤. ڪاڻ، واسطي. ٥. پالڻھارَ. پرگھور لھندڙ. (هتي پنھونءَ ڏانھن اشارو آهي). ٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاھن جو لقب). ٧. ڪئي. ٨. رستي. گس. ٩. تنھنجي. ١٠. اي هادي، اي رهبر، اي خدا. ١١. محبوبُ (هوت بلوچ قوم جو قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنھون قبيلي مان هو). ١٢. اميدوار، آسائتي، سڪندڙ. ١٣. ڏکئا، وڏا، اهنجا. سخت ڪٺن. ١٤. جبلَ. پهاڙ. ١٥. پنڌ. ڏکي واٽ. سفر. مسافري. ١٦. گرمي. تؤنس. ١٧. ڇنڪار. ڦڙيون. بوندون. ١٨. گڏ. ساڻ. ١٩. ڏنگي، ورن وڪڙن واري. ٢٠. بتال ٿيلن پريشان ٿيلن. اباڻڪن. ٢١. همراھہ. مددگار. ساٿي. ٢٢. جبلن. ٢٣. اونداھہ. ٢٤. ٻڌجي. ٢٥. اونداھہ. ٢٦. زور سنا. گھڻي. نهايت ڏاڍي. ٢٧. گرم يا ڪوسي ٿئي. ٢٨. ريتي. مٽي. ٢٩. اونداهي. هيبت ناڪ. ٣٠. جَبلَن. ٣١. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٣٢. لاچار. بي حال.

هوتن[1] لاءِ[2] هارِي[3]، چا[4] کي ڏونگر[5]، ڏوريِن[6].

١۴

ڪَرڙا[7] ڏونگر ڪَهَه[8] ڪَهَٽي، جت واٽُن[9] تي واري[10]،
آڏا[11] لَڪَ[12] لطيف چئي، بَر[13] سُڄَن[14] باري[15]؛
جا مَنزلُن[16] ماري[17] سا قادر[18] ڪيچ[19] رساٽين[20].

١٥

مَنزلَ دورِ[21] مَن[22] تَنها[23]، جت بيلي[24] ناهِ بِئو،
هي هيڪلو[25] جندڙو[26]، پهٽن[27] منجهه پئو،
اِيءُ قَضا[28] ڪَمُ[29] ڪئو، رسج[30] رَهبر[31] راهه[32] ۾.

١٦

مَنزلَ دُورِ مَن تَنها، جت ساٿي نَه پانڌي[33]،
لَتي[34] لوڙهه[35] فقير[36] جو، ڪالهه وهنا[37] ڪانڌي[38]؛
جا دلِئُون[39] درماندي[40]، تنهن کي رسجِ رهبر راهه ۾.

١. محبوبن (هوت. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. واسطي، ڪاڻ، ٣. اي هاري، اي بي عقل يا موڳي، ۴. چا کي = ڪهڙي سبب، ڇو. ٥. جبلُ، پهاڙُ. ٦. جهاڳين، ڊونڊيين. ٧. وڏا. ڏکيا. اهنجا. ڪٺن، ٨. پنڌ. ڏکي وات، سفر. مسافري، ٩. گسن، رستن. ١٠. جبلن جي ريتي، ١١. سامهون يا اڳيان (رنڊڪ طور)، ١٢. جبلَ. ١٣. رڻَ پٽ، ١۴. ڀڏجن. ١٥. وڏا. ١٦. پنڌن، مفاصلن. ١٧. فنا ڪئي، برباد ڪئي، ناسُ ڪئي، ١٨. قدرت وارا، سگهه وارا. خدا، ١٩. ڪيچَ ۾ (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٢٠. پهچائيين. ٢١. پري، ٢٢. آئون، ٢٣. اڪيلي، ٢۴. همراهه، ساٿي، ٢٥. اڪيلو. ٢٦. جسم، بدن. ٢٧. پٿرن، جبلن. ٢٨. خدا جي حڪمَ. الاهي امرَ. ٢٩. معاملو. ٣٠. پهچج. ٣١. اي رهبر. اي اڳواڻ. اي پيشوا. ٣٢. واٽَ. گسَ. رستي. ٣٣. واٽهڙو، مسافر. قاصد. ٣۴. ڍَڪي، پوري، دفن ڪري، ٣٥. جنازو، لاش. ٣٦. مسڪين. ويچاريءَ. نادار، ٣٧. وٺا. ٣٨. جنازي يا لاش کي قبرستان ڏانهن کڻي ويندڙ ماڻهو. ٣٩. دل ۾. اندرَ ۾. ۴٠. ساٿي، ٽڪل. عاجز.

١٧

مَنزلَ[1] دُورِ[2] مَ مَتِ[3]، چَڏ مَ سَيرُ[4] سِڪَڻُ[5] جو،
لَنءُ[6] جِي وَاتَ[7] مَ لَتِ[8]، لَنءُ رِءَ[9] حَيفُ[10] هُوئَڻَ[11] ڪي.

وائي

هِينئَڙو[12] تو هُنِ[13] سَارِي[14] مُنهنجو سَاهُ[15] سَيَدَ[16] ڪي تو سَارِي،
جيڏيُون[17] آئُون هَلَندِي وِيندِي هُوتَ[18] ڏي،
جيرو[19] اَندَر[20] جِندڙي[21]، وِئو بَاروچو[22] بَاري[23]،
سَچو سُخَنُ[24] سُپرينِ[25]، قَولُ[26] پُنهَلُ پَنهنجو پَاري[27]،
پَندَ[28] اَڙانگا[29] پَٽيين[30]، مُونکي ڪوهيَارو[31] تو ڪَاري[32]،
هوتنِ[33] هَلڻُ[34] مَن مِ، ڪير گهڙِي[35] هت گهَاري[36]،
آسَر[37] پِري آهِيان، وَاحدُ[38] آٿين وَاري[39]،
وِڏا ڪَرمَ[40] ڪَرِيمَ[41] تي، هِن وِچَارِيءَ[42] وَارِي[43].

---

١. مسافرن لاءِ رستي تي ترسڻ يا ٽڪڻ جي جاءِ، پنڌ، مفاصلو. ٢. پري. ٣. بدلاءِ يا ترڪ ڪر (منزل ڏانهن وڃڻ جو خيال). ۴. واٽ، گسُ، پنڌ. ۵. محبت. ٦. محبت، عشق، پيار. ٧. رستو. ٨. ڇڏ، ترڪ ڪر. ٩. ڪان سواءِ. ١٠. افسوس. ١١. جيئري يا زنده رهڻ. ١٢. دلُ من. ١٣. هُنِ کي. ١۴. ياد ڪري. ١۵. جيءُ، جان، دل. ١٦. حضرت پيغمبر محمد صلي الله عليہ وسلم کي. ١٧. اي جيڏيون، اي سرتيون. ١٨. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبَ پنهون ان قبيلي مان هو). ١٩. جگر، ڪليجو. ٢٠. ۾، منجهہ. ٢١. جسم، بدن. ٢٢. ٻروچ (پنهون ذات جو ٻروچ هو). ٢٣. جلائي، ساڙي. ٢۴. کرو، خاص، راست. ٢۵. قول، وچن، انجام، ٻولَ. ٢٦. پرين، محبوبَ. ٢٧. پورو ڪري، نباهي، وفا ڪري. ٢٨. سفر، مسافريون. ٢٩. ڏکئا، اهنجا، تڪليف ڏيندڙ. ٣٠. پَٽن جا، ميدانن جا. ٣١. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو، پنهون. ٣٢. ڪرائي. ٣٣. محبوبن. ٣۴. پنڌ ڪرڻ. ٣۵. ساعت، ٿورو وقت. ٣٦. گذاري، رهي. ٣٧. آسر پري= اميدوار، آسروندي. ٣٨. هڪڙو، خدا. ٣٩. موٽائي. ۴٠. معاملا. ۴١. ڪرم ڪندڙ، ٻاجهاري، خدا. ۴٢. نماڻيءَ، بيوس، بي واهيءَ. ۴٣. ورائي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ ديسي

داستان چوٿون

١

مُون پَانيو[1] مِهمَانَ[2]، هَميشَه[3] هُوندا پِرين[4]،
كُهيِ[5] كَميٽي[6] هَلِئا، كَهلَ[7] كِيَائُون كَانَ،
ڏيئي وِئَا ڏاهه[8] كي، سُورن[9] جا سَامَانَ[10]،
جورو[11] رَاتِ جُوانَ[12]، جيڏو[13] جَتَ[14] كَري وِئا.

٢

مُون پَانيو مُون وَت، هَميشَه هُوندا پِرين،
ويڙهو[15] ڏيئي ويكرو[16]، پَهري[17] وِئا پَٽ[18]،
سَاهه[19] جَني جِيءَ سَٽ[20]، وِكِيمِ تي وٽكارَ[21] ۾.

٣

مُون پَانيو مُون گهر[22]، هَميشَه هُوندا پِرين،
سَاجَنَ[23] سيجَ[24] وِڇايَان، جُوڙي[25] جِيءَ[26] اَندرَ[27]،

---

١. سمجهيو. ٢. مزمان. گهر ۾ ترسايل يا تکايل ماڻهو (عزيز يا ڏاريان ماڻهو). ٣. سدائين. ٤. پيارا، محبوب. ٥. قتل ڪري، ماري. ٦. بڇڙي، ڪني، بدڪار. ٧. قياس، ترس، رحم، ٻاجهه. ٨. زرخريد عورت، گولي، ٻانهي. ٩. ڏکن، دردن. ١٠. شيون، توشو، اسبابَ. ١١. ظلم، ڏاڍائي. ١٢. جوان مڙس (پنهونءَ جا ڀائرَ). ١٣. وڏو. ١٤. انن جا مالڪ، اولي، پنهونءَ جا ڀائر. ١٥. گهرَ. ١٦. وسيع، وڏو، خلاصو (ويڙهو ڏيئي ويکرو= گهر ڇڏي ٻاڻ هلئا وئا ۽ گهر خلاصو ٿي پيو). ١٧. اَسَهيا. گهر کان ٻاهر ڀٽي پاسي هلئا وئا. ١٨. ڀَٽَ ڏانهن، ميدان ڏانهن. ١٩. جيءُ، جان. ٢٠. سٽ ۾، عيوض ۾، بدلي ۾. ٢١. لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪير ٿر جبل جي قطار سان گڏ هڪ ڳوٺ. وٺن جا جهڳٽا، جهنگل. ٢٢. منهنجي. ٢٣. اي ساجن، اي سڄڻ. ٢٤. ڇپرکٽ. (شاديءَ وقت گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ) سينگاريل کٽ ۽ بسترو. ٢٥. ٺاهي. ٢٦. دل. ٢٧. ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوھہ[۱] ڄاڻان ڪِنھِن پَرِ[۲]، ڏيرَ[۳] ڏمَرِجِي[۴] هَلِئا.

۴

ڏيرَ ڏمَرِ جِي هَلِئا، بَرِ[۵] ڪاهِي[۶] بُوتا[۷]،
نئو[۸] نِماڻي[۹] پاڻَ سين، هيڪَرَ[۱۰] اَئِين[۱۱] هوتا[۱۲]،
مارِينِ[۱۳] تا مَعذُور ڪي[۱۴]، ڳُنگُنِ[۱۵] جا ڳوتا[۱۶]،
ايھِيءَ[۱۷] پَرِ پَهتا[۱۸]، راتِ نہ رهِئا هيڪَڙي.

۵

ڏيرَ ڏمَرِجِي هَلِئا، بَاڪا[۱۹] چَڙهِي[۲۰] بَرِ،
جَتَنِ ڏاران جيڏيُون، هِنيُون جَرِ[۲۱] نہ تَرِ[۲۲]،
ڪا نہ بُڌيسُون ڪَڏهين، اهڙي پَرِ ڪُپَرِ[۲۳]،
باروچا بَرِ بَرِ[۲۴]، راتِ نہ رهِئا هيڪَڙي.

۶

ڏيرَ ڏمَرِجِي هَلِئا، پائِي[۲۵] پاڪوڙا[۲۶]،
اُتي هَلِئا اُسَ ۾[۲۷]، پيپهَرِيءَ[۲۸] بوڙا[۲۹]،
ڏينهُن تَتو[۳۰] ڏهُ[۳۱] مَتو[۳۲]، ڪامِي[۳۳] تيسَ ڪورا[۳۴].

---

۱. ڪوھہ ڄاڻان = مونکي ڪھڙي ڄاڻ يا خبر. مونکي خبر يا ڄاڻ نہ آهي. ۲. ريت، نموني. ۳. مڙس جا پائر. ۴. ڪاوڙجي. ۵. بر ڏانهن، رڻ پٽ ڏانهن. ٦. وٺي وٺا. ۷. اٺَ. ۸. وٺي وڃو. ۹. مسڪين. ويچاري. اَڏين (سسئي). ۱۰. هڪ دفعو. ۱۱. اوهين. ۱۲. اي هوتا يا هوت (پنهونءَ جا پائر). (هوت. بلوچ قوم جو قبيلو آهي. پنهون ۽ ان جا پائر ان قبيلي مان آهن). ۱۳. ڏکوئِين، ستائين. ۱۴. عذر واريءَ. جڏيءَ. بيمار. عاجز. لاچار. ۱۵. ڳالهائي نہ سگهندڙن. بي زبانن. اٺن. ۱٦. پھہ. خيالَ. فڪرَ. ڳڻتيون. ۱۷. اهڙيءَ. ۱۸. رَسئا. ۱۹. بهادر.پهلوان. سورِھہ. ۲۰. اٺن تي سوارُ ٿي هلئا. ۲۱. جَرَ ۾. پاڻيءَ ۾. ۲۲. ترِ ۾. بر ۾. صحرا ۾. زمين ۾ (جر نہ تر= نہ پاڻيءَ تي آهي نہ ڌرتيءَ تي آهي يعني سخت وياڪل ۽ غمگين). ۲۳. اڏنگي ريت. بي جا هلت. ۲۴. ٻر ٻر= هاءِ هاءِ. افسوس. ۲۵. (اٺن تي) پائي يا وجهي. ۲٦. پاکڙا. اٺن جي پٺين تي سواريءَ جي سهوليت لاءِ رکڻ لاءِ ڪاٺ جا هنا. ۲۷. ڏپَ. سج جي تپش. ۲۸. ٻن پهرن ۽ منجهند جي وقت. ۲۹. اٺَ (اصطلاحي محاورو). ۳۰. گرم ٿئو. ۳۱. گرمي. ۳۲. زور تي. ۳۳. سڙي. ٿهڪي. ۳۴. پاڻيءَ کي گهٽي باھہ ڏيئي ٿهڪائڻ سان پيدا ٿيل پاڻيءَ جا بوڙيا يا ڦوڪڻا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳـــاڙِيـمِ[1] تـي ڳِـــوڙهـا[2]، رَاتِ نَـہ رَهِـئَـــا هيـــڪَـــڙِي.

٧

ڏيـــرَ ڏمَـــرجـــي هَـلِـئَـــا، پَـــائـي[3] ايــنـدَ[4] پَـلاَڻَ[5]،
وِجِـــهـي گــوربَـنـدَ[6] گُـنـگـن[7] کـي، ڏيِـئـي تَـنـگـن[8] تَـاڻَ[9]،
ڪَـارون[10] ڪـيَـمِ ڪـيــتِـرا، سَـنـجـهـي وِئَـا سَـــرواڻَ[11]،
پُـنـهُـــون نَـاهِ پَـلـنـگَ تـي، سَـيـجَ[12] سُـجِـيَّ[13] تـي هَـاڻِ،
مُـــون وَٽِ تِـي مِـهـمَـانَ، رَاتِ نَـہ رَهِـئـا هيـــڪَـــڙِي.

٨

ڏيــرَ ڏمَـــرِ جـي هَـلِـئَـــا، چَـــانـگـنِ[14] تـي چَـــڙهـي،
ڪِـــئَـــان[15] تِـي ڪـــوهِـــيَـــارَلَ[16] ســـين، اَديُــون دِلِ اَڙي[17]،
وَجِـــي وَرُ وَٽـــڪَـــارَ[18] ۾، گـــهَـــاري[19] مَـــان نَـہ گـــهَـــڙِيَ[20]،
ٻَـــاروچَـــا ٻَـــڙِي[21]،رَاتِ نَـــہ رَهِـــئَـــا هـــيـــڪَـــڙِي.

٩

ڏيـــرَ ڏمَـــرجـــي هَـــلِـــئَـــا، اُنَـــنِ[22] چَـــڙهِـــي اُوءِ[23]،
وَجَـــنِ ويِـــچَـــارِيءَ ســـين، هَـــاجُـــو[24] ڪَـــئُـــو هُـــوءِ[25].

١. وهايمر، تمايمر، هاريمر. ٢. لڙڪ، آسو. ٣. (انن تي) وجهي. ۴. ٻندا، پاڪڙي ڪان سواءِ انن تي چڙهيءَ لاءِ ٻنڌاڻ. ٥. انن تي چڙهڻ يا بار لڏڻ لاءِ ڏين ۾ ڪکن مان ٺهيلَ ٻندا جن ۾ ڪان جا ڪتب لڳل هوند آهن. ٦. واحد گوربند= چم جو ٽڪر جيڪو اٺ کي پلاڻڻ وقت سندس ڇاتي وٽ ٻڌبو آهي. اٺ جي ڳچيءَ وارو رسو. ٧. ڳالهائي نہ سگهندڙن. انن. ٨. انن جي پاکڙن کي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سَٽ. ڏاس يا نِواڙ جي پٽن (کي). ٩. ڇڪَ. ١٠. حيلا، وسيلا، ڪوششون، آزيون، نيزاريون، منٿون. ١١. سردار، ساربان، اوٺي، اٺ هڪليندڙ. ١٢. شاديءَ وقت گهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريل کٽ ۽ بسترو. ١٣. خالي، ويران. ١۴. انن. ١٥. ڪٿان. ١٦. ڪوهہ يا جبل جي رهاڪوءَ، پنهون. ١٧. ڦاٿي. ١٨. لس ٻيلي، اتر اڀرندي طرف ڪيٿر جبل جي قطار سان گڏ هڪ ڳوٺ. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل. ١٩. ترسي، ٽڪي، رهي. ٢٠. ساعت، ٿورو وقت. ٢١. اي ٻڙي، اي ادي. ٢٢. انن تي. ٢٣. هُو، اهي. ٢۴. ظلم، ستم، قهر. ٢٥. اهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُنهُونءَ ڪارڻ پَبَ ۾، چُلِئو[1] چِپَر[2] پوءِ[3]،
رَنڊَ[4] نِهارِئو[5] روءِ[6]، رات نَہ رَهِئا هيڪَڙي.

١٠

ڏيرَ ڏَمَرِجي هَلِئا، گَسِ[7] ڪَري گوراَ[8]،
وَجَنِ ويچَاري جَا، جَتَ هَٽِئو[9] جَوراَ[10]،
بَانيَڻِ[11] بَروچَنِ ري، پَجِي[12] ٿي پوراَ[13]،
هَي[14] هِنيَنِ[15] هوراَ[16] رات نَہ رهِئا هيڪَڙي.

١١

ڏيرَ ڏَمَرِجي هَلِئا، ڪَرهَل[17] قَطاري[18]،
چَڙهِئا[19] لَڪ[20] لَطيف(رح) چئي، توڏا[21] تَنواري[22]،
بَانيَڻِ بَروچَنِ لَئي، رويو جَر[23] هَاري[24]،
اَديُون اوتاري[25] رات نَہ رهِئا هيڪَڙي.

١٢

ڏيرَ ڏَمَرِجي هَلِئا، جَهلي[26] مَينِ[27] مَهارون[28]،
وِجهِئو هَٿَ واڳَنِ ۾، ڪَري بَانيَڻِ باڪارون[29].

---

١. رُليو، دربدر ٿئو. ڌڪا ٿاٻا کايو. ٢. چِپر ۾، جبل ۾. ٣. پٺي. ۴. رستا، گس. ٥. ڏسئو، جاچيو. ٦. روئي ٿي. ٧. گس ۾، واٽ ۾، رستي ۾. ٨. (نوجوان) اٺَ. ٩. ڏَکيو، ضربون (ڏک) هٽيو، زخمي ڪئو. ١٠. جَونرا، جيرا، جگرَ. ١١. برهمڻ زال يعني سسئي جا اصل ٻانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي. ١٢. ٿِئي. ١٣. ٽُکرَ، ذَرا. ١۴. افسوس. ١٥. هنيين کي، دل کي. ١٦. فکر، ڳڻتي. ١٧. اٺَ. ١٨. قطار ۾ هڪ ٻئي پٺيان ٻَڌي (ڪاهي وٺا). ١٩. داخل ٿئا. پهتا. ٢٠. لڪَ ۾، جبل ۾. ٢١. اٺَ. ٢٢. ڪوڪاري، سڏ ڪري، نالون ڪري. ٢٣. پاڻي، اکين جا لڙڪ. ٢۴. وَهائي، تِمائي. ٢٥. اوتاري ۾، گهر ۾ (منهنجي). ٢٦. وٺي، پڪڙي. ٢٧. مين جون، اٺن جون. ٢٨. اٺن کي هلائڻ لاءِ نکن ۾ پيل نوڙيون، واڳون. ٢٩. دانهون، آهون، پڪارون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَجِي کِيُون وَٽِ[۱] ڪَارَ ۾، چَانگَنِ[۲] چَانگَارُون[۳]،
ڪِئَمِ[۴] وَسَ[۵] ڪَارُون[۶]، رَاتِ نَہ رَهِئَا هيڪَڙِي.

۱۳

ڏيرَ ڏَمَرِجِي هَلِئَا، ڪَاهيِ[۷] ڪيچ[۸] ڪَنوَاتَ[۹]،
لَنگهِيَائُون[۱۰] لطيفُ چئي، گهيڙَ[۱۱] گهٽيُون ۽ گهَاتَ،
وَنِي وِئَا[۱۲] وِصَالَ[۱۳] ۾، وَحدَهٗ[۱۴] جي وَاتَ[۱۵]،
جَتُني[۱۶] ڏيئي جَهَاتَ[۱۷]، رَاتِ نَہ رَهِئَا هيڪَڙِي.

۱۴

ڏيرَ ڏَمَرِجِي هَلِئَا، ڏيئي ڏُورَاٽَا[۱۸] ڏَسَ[۱۹]،
وَجِي تِئَا وَٽِ ڪَارَ ۾، ليڙَا[۲۰] ڪَاهيِ[۲۱] لَسَ[۲۲]،
اوڳِي[۲۳] تَنِ اونِيَنِ[۲۴] جَا، پُوءِ تِي پُڇِي[۲۵] گَسَ[۲۶]،
وڏا ڪِئَمِ[۲۷] وَسَ، رَاتِ نَہ رَهِئَا هيڪَڙِي.

۱۵

ڏيرَ ڏَمَرِ جِي هَلِئَا، رَمِي وِئَا[۲۸] رَاتِ،
بي تَرسُ[۲۹] بَلوچَنِ جِي، جِيجَان[۳۰] گَهٽِي[۳۱] ذَاتِ،

۱. لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪيرٿر، جبل جي قطار سان لڳ هڪ ڳوٺ جو نالو. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل. ۲. اٺن. ۳. تنوارون، گجڻ جا آوازَ. ۴. مون ڪئا. ۵. حيلا. ڪوششون. ٦. آزيون، نيزاريون، منٿون، وس. ۷. هلائي، هڪلي، ڊوڙائي. ۸. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهاڪو هو). ۹. (نوجوان) اٺ، گورا. ۱۰. اڪري وئا. پار ڪئائون. ۱۱. جبل جي وچ مان رستا. لنگهہ. لانگها. گهٽَ. گهٽيون. گهاٽ. ۱۲. هٿ ڪري، ڳولي، جاچي. ۱۳. ميلاپَ. گڏجاڻيءَ. ۱۴. هو هڪڙو آهي يعني خدا. ۱۵. گسُ. رستو. ۱٦. رَهي، ترسي. ۱۷. لامارو، سَٽَ. ۱۸. پري جا، ڀَراهان، ڏوراهان. ۱۹. پارَ پَتا. ۲۰. اٺَ. ۲۱. وٺي، هڪلي. ۲۲. تکا، تيز، تکڙا. ۲۳. موڳي، نادان، بي عقل. ۲۴. انن جي مالڪن، جتن. ۲۵. معلوم ڪري. ۲٦. رستا، واٽون. ۲۷. مون ڪئا. ۲۸. هلي. ۲۹. بي قياس، بي رحم. ۳۰. اي جيجان، اي امڙ. ۳۱. ڪٽنب، خاندان، قوم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئُون پيرَ[1] ڪَٽَانَ[2] پِريَاتَ[3]، رَاتِ نَہ رَهِئَا هيڪَڙِي.

(۱٦)

ڏيرَ ڏمَرِجي هَلِئَا، وَاريَان[4] تَان[5] نَہ وَرَنِ[6]،
حَيفُ[7] پُڄَاڻَان[8] هوتَ جي، گهَارَڻُ[9] مَنجِهہ گهَرَنِ[10]،
لُڇَان[11] لَئي[12] ليٽَنِ[13]، رَاتِ نَہ رَهِئَا هيڪَڙِي.

(۱۷)

ڏيرَ ڏمَرِجي هَلِئَا، مُنِي[14] آئُون مَعذُورِ[15]،
رَڙَان[16] رُوئَان جيڏيُون، سَڙَان انهيءَ سُورِ،
ڏيهہُ[17] جَنِي جو ڏُورِ[18]، سي رَاتِ نَہ رَهِئَا هيڪَڙِي.

۱۸

جي نَہ رَهِئَا رَاتِ، تَہ ڪَهڙو سُکُ[19] سَرتِيُون،
بَانيڻِ[20] بَروچَنِ جي، مُنِي[21] مُلاَقَاتِ[22]،
مَتَان مُنِي ڇَڏِيِن، طَلَبَ[23] پِريَان جي تَاتِ[24]،
آئُون تَان[25، 26] جُوني ذَاتِ[27]، تُون پَاڻ سُڄَاڻِ سُپِرِين#.

---

۱. پيرن جا نشان، ۲. نهاريان، ڪڙيان، ليڪيان، ۳. پرڀات جو، اَسُر يا فجر مهل، ۴. موٽايان، ۵. هرگز، ٦. موٽن، ۷. افسوس (ملامت جو اظهار)، ۸. ڦٽڪار، ۸. کانپوءِ، بعد، ۹. گذارڻ، رهڻ، ۱۰. جاين، مڪانن، ۱۱. بي آرام ٿيان، ڦٿڪان، ۱۲. واسطي ڪاڻ، ۱۳. اٿن، ۱۴. مصيبت ۾ ڦاٿيس، ۱۵. جڏي، بيمار، بيمار، عذر واري، لاچار، ۱٦. دانهون ڪريان، ۱۷. ملڪ، ديس، ۱۸. پري، دور، ۱۹. آرام، فرحت، ۲۰. برهمڻ زال يعني سسئي جيڪا ٻانيڻ جي گهر ۾ جائي هئي، ۲۱. مصيبت ۾ ڦاسائي، ۲۲. ديدار، ميلاپ، وصال، ۲۳. تلاش، جستجو، ڳولا، خواهش، ۲۴. فڪر، ڳڻتي، يادگيري، سارونٽي، ۲۵. تہ، ۲٦. نيچ، خسيس، ۲۷. ذات واري، نڪ واري، آکهہ واري، ڪڙم واري، بنياد واري، # تون پنهنجيءَ ذات يعني بنياد ذي ڏسج.

وائي

چَاڪي[1] ٿَا ڪَرَهَہ[2] قَطَارِئو[3]، وَاڳَ[4] وَنَئي[5] وَرُ[6] وَارِئو[7]،

مُون نِمَاڻيءَ[8] تَان[9] ڪِينَ چَئو،

سَائِينءَ[10] ڪَارَڻِ[11] سُپِرِيَن[12]، دوسْتَ[13] دَرسَن[14] ڪَارِئو[15]،

رَهو رَاتِ پَنِپُورَ[16] ۾، تَان ڪَا گَهَڙِي[17] هِتِ گَهَارِئو[18]،

سِڪِي[19] جَنهِن سَنگُ[20] ڪِئو، تَنهِن مَعذُورِ[21] ڪي اَئين[22] ۾ مَارِئو[23]،

مَوڙِي[24] مَجَرُ[25] ذَارِيُون[26]، چَانگَن[27] ڪي اَئين چَارِئو[28]،

جَانِبَ[29] مُنهِنجِي جِيءَ[30] جو، آڳَاندو[31] ڏِڏُ آهيو،

آرِيَاڻِي[32] عَبداللطِيفَ چَئي، لَڪِيُون[33] لَڪَ[34] لَنگهَايو[35].

---

۱. ڪهڙي سبب، ۲. ڪرهل، اُٺ، ۳. ڪاهيو وڃو، ۴. مهار (اُٺ کي هڪلڻ لاءِ يا هلائڻ لاءِ ان جي نڪ ۾ پيل نوڙي)، ۵. جهلي، پڪڙي، ٦. مڙس، ڀتار، ۷. موٽايو، ۸. مسڪين، بي وس، اڏين، عاجز، ۹. تنهن وقت، تنهن ويل، ۱۰. خدا، ۱۱. واسطي، ۱۲. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ۱۳. يارَ، ۱۴. ديدارُ، ۱۵. ڪرايو، ۱٦. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي، ۱۷. ساعت، پَلَ، ٿورو وقت، ۱۸. گذارئو، ترسو، ۱۹. سَڌ ڪري، انتظار ڪندي ڪندي، ۲۰. ڳانڍاپو، لاڳاپو، ناتو، ۲۱. جڏي، بيمارَ، لاچار، عذر واري، ۲۲. اوهين، ۲۳. ستايو، تڪليف ڏيو، فنا ڪريو، ۲۴. مروڙي، ڀڃي، چني، ۲۵. مَجَرَ واريون، گونچن واريون، ٻور لڳل، ۲٦. وڻن جون ٽاريون، ۲۷. اٺن، ۲۸. ڪارايو، ۲۹. اي جاني، اي محبوب، ۳۰. جان، جندا، ۳۱. آڌارَ، آسرو، پرجهلو، ڏِڏُ، ۳۲. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ۳۳. نديون، ٽڪريون، ۳۴. ٽڪر، جبل، ۳۵. اُڪارئو، پار ڪرئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ديسي

داستان پنجون

١

مُـون پَـانيـُو[1] مِـهـمَـانَ، جـيـڪَس[2] پَـهـرَ[3] پـنـهُـونءَ جـيِ،
بـيِ[4] غَــرضَــا بَـلـوچَ تِـئَـا، سَـــسُـــئِـيءَ سِـين سَـــرّوَانَ[5]،
ڪَـاهِـيِ[6] رَسِـــئَـــا[7] ڪـيـچَ[8] ڪـي، ڏَاڳـــهَـنِ[9] لاهِـيِ[10] ڏَاڻَ[11]،
وِلـهَـــا[12] تِـــئَـــا وَثَـــاڻ[13]، سَـــاتِـــيـَنِ[14] رَيِ[15] سَـــيـدُ چَـــئـي.

٢

سَــــاتِــــيَــن سَـــويـــرَ[16]، آئـــي اُنَ اَويـــتِــــئَـــــا[17]،
اِيـئَـن نَـہ پَـانِـيـمِ جـيـڏيُـون، نَـہ ڪَـا ڏَاڍِيِ[18] ڪَـنـدَا ڏيـرَ[19]،
اُتِـــيَــسِ آئُـــون اوبـــرَ[20]، وِئَـــا سُـڄَ[21] سَـنـجـــهـي ڪَـري،

٣

وِئَــا سُــڄَ سَـنـجـــهـي ڪَـري، پِـــيـنَـرُ رَاتِ پِـنِـيِ[22]،

١. سمجهيو، ڄاتو، ٢. هوند، شايد، ٣. پهر کي، ماڻهن کي، ٤. لاغرض، بي پرواهه، جن کي ڪنهن جي ڪا ڪاڻ نہ هجي، ٥. اوٺي، جت، ٦. جلد، پنڌ ڪري، ٧. پهتا، ٨. رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن جو سسئيءَ جو محبوبُ پنهون رهاڪو هو، ٩. ڏاڳهن جا، اٺن جا، ١٠. ڪولي، ڇوڙي، ١١. جانورن کي پيڄڻ کان جهل لاءِ اڳين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جا رسا، نوڙ، نوڙيون يا نِيَرَ، ١٢. خالي، ويران، سُڃا، ١٣. (چوپائي مال جا) واڙا، ڀاڻ، (ماڻهن جي رهڻ جون) جايون، ١٤. پنهونءَ جي ڀائرن جي ڪيچ کان آندل اٺن جي قافلي يا ساٿ سان گڏ آيل ماڻهن کان سواءِ (وڃڻ لاءِ) تيار ڪيا، ١٦. سويلو، سنجهي ئي، سَاجُهر، ١٧. سانباهيا، وڃڻ لاءِ تيار ڪيا، وهاريا، ٻڌا، ١٨. ظلم، بي واهه، قهر، ١٩. مڙس جا ڀائر، ٢٠. دير سان، ٢١. پيڻگ، ويراني، اُجاڙ، ٢٢. سڄ لهڻ مهل، رات جي شروعات ۾، ٢٣. ٽري وئي، ڪافي يا ڳپل گذري يا وهامي وئي (رات پني = پرڀات يا فجر ٿي وئي، دير ٿي وئي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُڌِ[1] لَڌِينديِ[2] سَاتَ[3] جي، ڏيرَنِ[4] ڪانَ ڏِني،
وِئَڙا سَڳُ[5] چِنِي[6]، ڏُکِي[7] ڏولي[8] ڏونگرَبَن[9].

۴

ڏُکِي ڏولي ڏونگرَبَن، وِئَا چَپَرَ[10] ۾ چوري،
جِهَجَڻَ[11] ۽ جهوري، سَسُئِيءَ[12] سَرواڻَنِ[13] جو.

۵

ڪَري سُڄ[14] سَنجهي[15] وِئَا، اُٿِيَس اَٿُون اوبَرَ[16]،
لَڙِبي[17] سِج لطيف چئي، پِيئِي ڪَٽَان[18] پيَرَ[19]،
يَلِي[20] ڏَمَرِئَا[21] ڏيرَ، جِنِ وارِي[22] نينهَن[23] نئُون[24] ڪِئو.

٦

آٿي جهوڪِئَا[25] جهوڪَ[26] ۾، مزمانَ[27] مَهِري[28]،
چَاتِي[29] چَنبَنِ[30] ۾ وِئَا، جيئَن بَازُ[31] سَتي[32] بَحِري[33]،
ڪوهِيَارو[34] قَهِري[35]، وِئو نِهوڙي[36] نَندَ ۾.

۷

گَجِئَا[37] ڪِينَ گَڙنگَ[38]، بَڌي مُنهن پَلاڙِئَا[39]،

١. ڄاڻ، اطلاع، سڌائي، خبر. ٢. (انن تي) بارَ يا سامان رکندي، اُسهندي، رواني ٿيندي، ڪوچ ڪندي. ٣. (انن جي) قافلي. ۴. مڙس جي ڀائرن. ۵. ٽاٽو، واسطو، تعلق، مائٽي، رشتو. ٦. ٽوڙي، قطع ڪري. ۷. ڏکيءَ ڪي، ڏکَ ۾ مبتلا، دردمند. ۸. ڏولائي ۾ وجهي، تڪليف ۾ وجهي، پريشان ڪري. ۹. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ڇپرن ۾. ١٠. اها ڇوڪري جنهن جو ماءُ پيءُ مري ويا هجن، ڇوڪري، نينگري. ١١. جهوري، ڳُتي، ڳاراٽو، فڪر، ارمان، غم. ١٢. سسئيءَ ڪي. ١٣. جتن، اوٺين. ١۴. ڀِينڪَ، ويراني، اُجاڙ. ١۵. سج لهڻ مهل، رات جي شروع ٿيڻ وقت. ١٦. دير سان. ١۷. لڙبي سج = (ٻي ڏينهن جي) سج لهڻ مهل، شام جو. ١٨. نهاريان، ليکيان. ١۹. پيرن جا نشان. ٢٠. بيشڪ، مَرَ، سدا. ٢١. ڪاوڙ يا. ٢۴. ورائي، وري، موٽي، موٽائي. ٢٣. محبت، عشق. ٢۴. تازو. ٢۵. وهاريا، ٻڌا. ٢٦. انن جي وهڻ جي جاءِ، انن جي رات جو منزل ڪرڻ جي جاءِ، ڪوڙِي. ٢۷. ڪنهن گهر ۾ تڪيل ٻاهريان آيل ماڻهن. ٢٨. چڙهيءَ يا سواريءَ جا تيز هلندڙ اُٺ. ٢۹. جهپي، جهٽي، ڪٽي. ٣٠. هٿن. ٣١. مشهور شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم. ٣٢. ڀڄاڙي، زورَ مان ڪٽي. ٣٣. ڪارين اکين وارو باز. ٣۴. ڪوهه يا جبل جو رهاڪو. ٣۵. ظالم، حسين، سهڻو. ٣٦. ماري، ناس ڪري. ٣۷. رِنگئا، رڙيا، گجڻ جو آواز ڪڍائون. ٣٨. وڏا شاهوڙ (اُٺ). ٣۹. سنجئا ويا.

اوِنِ[١] يَڙا اَڙٻَنگَ[٢]، وِئا لَتَاڙي[٣] لَڪِيُون[٤].

٨

هُونگارِي[٥] هَلِئا، پَاتَائُون[٦] پَلاڻَ[٧]،
ليڙَن[٨] جُهُلُون[٩] لاکَ[١٠] جُون، سِينگَارَئا[١١] سَرواڻَ[١٢]،
جِهَڙو پُنهُون پَاڻَ، تِهَڙي سِتَا[١٣][١٤] سَاٿَ[١٥] جِي[١٦].

٩

اُنَ پُٽ اُٺَن جَا، مَرَن مَ مُوڏا[١٧]،
پُويُو[١٨] پُهُويو پَايَان[١٩]، ڪَرَهَنِ[٢٠] ڪَي ڪُوڏا[٢١]،
اَچَن جَي[٢٢] اوڏا، تَہ لَڪَ[٢٣][٢٤] سَولا[٢٥] لَنگهَيَان[٢٦].

١٠

جَارَان[٢٧] جَتَ ڏِنُومِ[٢٨][٢٩]، عَيِنَنَ سين[٣٠] آمِين[٣١] اَلا[٣٢]،
سَجَين[٣٣] نيٽين[٣٤] سُوجهَرو[٣٥]، پِريَان[٣٦] جو پِيُومِ[٣٧]،
اُونداهو[٣٨] اَندَرَ[٣٩] جو، تَنهين[٤٠] وير[٤١] وِئُومِ،
سَرَهو[٤٢] سَاهُہ[٤٣] ٿِيُومِ، اَچَڻَ[٤٤] ويلَ[٤٥] عَجِيبَ[٤٦] جي.

---

١. اوٺي، اٺن جا سوار، جت، ٢. بي پرواهہ، ارڏا، ٣. اورانگهي، لنگهي، ٤. جبلن جا لنگهہ، ٽڪرين تان گهڙيل واٽون، جبلن جا سوڙها پيچرا، ننڍيون ٽڪريون، ننڍا ننڍا پهاڙ يا ٻجبلَ. ٥. هُون هُون جو آواز ڪري، اٺن کي هڪلڻ لاءِ آواز ڪري، ٦. (اٺن جي پٺين تي) وڌائون يا رکيائون، ٧. اٺن تي چڙهڻ يا بار لڏڻ لاءِ پٺيءَ تي رکيل ڏِين ۽ ڪکن مان ٺهيل ٻنڌا جن جي پاسن ۾ ڪاٺ جا ڏنڊا ۽ اڳيان ڪاٺ جا ڪتبَ لڳل هوندا آهن، ٨. ليڙن تي، اٺن تي، ٩. غاشا، بالا پوش، ١٠. لاک جي رنگ سان رڱيل، ڳاڙهيون، ١١. سجايا، آراستہ ڪيا، زيبدار بڻايا، ١٢. اوٺيءَ، جَتَ، ١٣. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ١٤. خود، ١٥. ترتيب، جوڙجڪ، ١٦. (اٺن جي) قافلي، ١٧. سگن بنان جانور، اٺَ، ١٨. ڏاڳن يا تارَن ۾ وجهيو يا مڙهيو، ١٩. وجهان (ڳچيءَ ۾)، ٢٠. اٺن، ٢١. ڪوڏ، موتي، مٺيا، (پاٺيءَ ۾ هڪ جيت يا ساهہ وارو جيڪو مرڻ کان پوءِ ڪوڏ سڏبو آهي)، ٢٢. جيڪڏهين، ٢٣. ويجها، ٢٤. جبلَ، ٢٥. سولائيءَ سان، آسانيءَ سان، ٢٦. اُڪران، پار ڪريان، ٢٧. جارَ مان، ٢٨. ڏکَ مان، ٢٨. اوٺي، پنهون، ٢٩. مون ڏٺو، ٣٠. اکين، ٣١. خدا يا قبول ڪر (دعا جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ)، ٣٢. اي الله، ٣٣. سَجن، سالم، ٣٤. نيٽن ۾، اکين ۾، ٣٥. نور، روشني، ٣٦. پرينءَ، ٣٧. مونکي پيو، ٣٨. تاريڪي، ڪاراڻ، اونداهہ، ٣٩. دل، مَنَ، ٤٠. ويل، مهل، ٤١. منهنجو وئو، ٤٢. تازو، خوش، ٤٣. جانِ، جندُ، ٤٤. منهنجو ٿئو، ٤٥. مهل، وقت، ٤٦. دوست، محبوب.

۱۱

اَڱڻَ[1] اُهيئِي[2]، جَتَ[3] نَہ پَسَان[4] جُوءِ[5] ۾،
اوطاقُون[6] اُنَ ري[7]، سُڃيُون[8] سَيئِي،
اڪَڙِيُون روئِي، مَاڳَ[9] نِهَاري[10] مُوتِيُون.

۱۲

ڪُوءِ[11] پَلَنگَ[12] بَنِ مَاڙِيُون[13]، پَڪَا[14] سَندَنِ بَنِ،
اُسَتُ[15] جو اُنَ جو، مُون ڪي رَهيو[16] مَنِ[17]،
جِيءَ ۾ جَتَ رَهَنِ[18]، پِي پِرتِ[19] پَاسِي[20] تِي.

۱۳

ڏُريَان[21] ئِي ڏارِيَان[22]، مَتَ[23] مُٺيءَ[24] جَا نَہ تِئا،
ڏمَرُ[25] ڏيرَن[26] مَنَ ۾، ڪِلِئو[27] ڪِيڪارِيَان[28]،
صُبحِ[29] ٿي سَارِيَان[30]، اُنَ نَہ اوطاقن ۾.

۱۴

اَديُون[31] وِتَا اُڪِري[32]، ڏيئِي تَنگُنِ[33] تَاڻَ[34]،
جيڏو[35] جَتَ جُوانَ، ڪِئو زورُ[36] ضَعِيفِ[37] سين.

---

۱. واحد اڱڻُ = گهر جو حاطو. صحن. آڱر. آڱنڊ. ۲. اهي ساڳئا. ۳. اوٺي (پنهون ۽ ان جا پائر). ۴. ڏسان. ۵. مخصوص هنڌ. ايراضي يا علائقو. ٦. آستان يا ٿاڻ. وٿاڻ. ۴. ڪان سواءِ. ۸. خالي. ويران. اجاڙ. ۹. جايون يا هنڌ (انن جي وهڻ جا). ۱۰. ڍونڍي. ڳولي. تلاش ڪري. ۱۱. ٻَنِ. ٻَنِ ۾. ڪڏ ۾. ڪوهہ ۾. ڀنَ ۾ (ڀوَنِ). نہ گهرجن. ۱۲. واحد پلنگ = کٽَ جو هڪ قسم. وڏي کٽ. چپر کٽ. ۱۳. واحد ماڙي= گهرُ. جاءِ. جاءِ جي مٿان نهيل ٻي جاءِ. ۱۴. ڪڪائان. گهرَ. ۱۵. اُنين جي ڪير جو ڏوُرو. ۱٦. ياد آهي. ۱۷. مَنَ ۾. دل ۾. جيءَ ۾. ۱۸. شال هميشہ ياد هجن. ۱۹. ڌرتي. مخلوق. جَهان (جا ساهوارا). ۲۰. پري. (دل تان) لٿل يا وسريل. ۲۱. اصل ڪان ئي. شروع ڪان ئي. ۲۲. غير ماڻهو. بيگانا. اجنبي. ۲۳. مائٽ. عزيز. سڱيٿا. ۲۴. نياڳيءَ. بدبخت. چنڊيءَ. ۲۵. ڪاوڙ. غصو. ۲٦. مڙس جي پائرن. ۲۷. خوش ٿئو. مُرڪئو. ۲۸. مرحبا ڪريان. احوال پرسي ڪريان. ۲۹. صبوح جو. سج ايرڻ مهل. ۳۰. سنياليان. جاچ ڪريان. خبر لهان. ۳۱. اي اديون. اي ڀينرون. ۳۲. هلئا. نڪري. ۳۳. تنگن ڪي. اٺ جي پاکڙن ڪي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سٽ. ڏاس يا نواڙ جي پٽن ڪي. ۳۴. ڇڪ. ۳۵. هيڏو وڏو. ۳٦. ڏاڍائي. زيادتي. ظلم. ۳۷. ڪمزور. هيٺيءَ (سسئيءَ).

١٥

مُون توکي پَرِنئا[1]، اَللهَ[2] اونِي[3] ءِ اُنَ،
ڏِيرَنِ[4] کِينَ ڏُکوئِي[5]، مُنڌَ[6] مَيَنِ[7] جي مُنَ[8]،
توڙي[9] وَجَنِ رُنَ[10]، توءِ[11] تَرَتَ[12] مَ اَچي تَنِ کي.

١٦

اَديُون[13] اُنَ وِئَا، مُنهنجا نِيَرَنِ[14] سُوڌَا[15] نَکري،
ڪُنجُون[16] ڪُلَفَ[17] اُنِ جَا، سَانَڍِڻُ[18] سُورُ[19] ٿِئَا،
سَنجهي[20] هُوتَ[21] وِئَا، صُبحِ[22] پَڌمِ[23] سَندرو[24].

١٧

پَڌي سُورَنِ[25] سَندرو، صُبُوحِ ڏُونگَرِ[26] ڏورِئَامِ[27]،
ڪَندي ڪَشَالا[28] ڪيچَ[29] ڏي، وِيلا[30] وِچِ پِئَامِ[31]،
سَوِيَن[32] سَاٿَ[33] گَڏِئَامِ[34]، پُنهُونءَ[35] پَارُ[36] نَه هِڪِڙو.

١٨

سَاهي[37] پَڌي سَندرو، مَتي[38] بَرَ بَندِي[39]،
آهُون[40] لاءِ آرِيَاڻِي[41]ءَ[42]، وَجي ڪيچِ[43] ڪَندِي.

---

١. حوالي ڪئا، سپرد ڪئا. ٢. اي الله. ٣. انن جا مالڪ، آٿ هڪليندڙ، جت، پنهون ءِ ان جا ڀائر. ۴. مڙس جي ڀائرن. ۵. رنجائي، ستائي، ايذائي. ٦. زال، عورت (سسئي). ٧. اُنن. ٨. مُنَل، مصيبت يا تڪليف ۾ وڌل، ستايل. ٩. جيتوڻيڪ. ١٠. رُسئو، ڪاوڙجئو. ١١. تنهن هوندي بہ. ١٢. گهڻي پنڌ ڪرڻ سبب پيرنِ ۾ ورمُ، تڪليف. ١٣. اي اديون، اي ڀينرون. ٢۴. زنجيرن، لوهہ جي ڪڙين وارن رسن. ١۵. سميت، سان. ١٦. چاٻيون. ١٧. ڪرفَ، قفلَ. ١٨. لڪائي رکڻُ، محفوظ رکڻُ، قابو ڪري رکڻءَ. ١٩. سورَ ڏيندڙ، تڪليف ڏيندڙ. ٢٠. سج لهڻ وقت، رات شروع ٿيڻ مهل. ٢١. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبَ، پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٢. صبوح جو، (ڀي ڏينهن) سج اڀرڻ مهل. ٢٣. مون ڀڏو. ٢۴. چيلهہ يا ڪمر کي ٻڌڻ جو ڪپڙو يا پٽو (ٻڌم سندرو = آئون پنهونءَ جي پٺيان وڃڻ لاءِ تيار ٿيس). ٢۵. سورن جو، ڏکن جو. ٢٦. جبلَ، پهاڙ. ٢٧. مون ڏوريا يا جهاڳيا يا لتاڙيا. ٢٨. تڪليفون، جاکوڙون، مٺا ماري، هلاڪيون. ٢٩. رياست مڪران ۾ هڪ شهر (جتي پنهون رهندو هو). ٣٠. واحد ويلو = وقت، دير. ٣١. ويلا وچ پئام = مونکي رستي يا واٽ ۾ دير ٿي وئي. ٣٢. سهسين، گهڻا. ٣٣. قافلا. ٣۴. مونکي مليا يا گڏيا. ٣۵. پنهونءَ جو. ٣٦. اهڃاڻ، نشان. ٣٧. چڪي. ٣٨. مٿي برَ = برَ يا رڻ پٽ ڏانهن ويندي. ٣٩. ٻانهي، نوڪرياڻي. ۴٠. ڏانهون. ۴١. واسطي. ۴٢. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي جو هو). ۴٣. ڪيچ ڏانهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَولاَ[1] ڪَا[2] مَ مَدِي[3]، سُٽِيَان[4] هوتَ بَلوچَ جِي.

(١٩)

ڏُونگَرَ مِ ڏَهڪَارُ[5]، مُوتَڻُ مَيَنَ جو مَس تِئي،
وِندُرَ مِ واڪو[6] سُٽِي، پِري[7] مَان نَہ پَتَارُ،
هوتَ نَہ وِنگو[8] وَارُ، آئُون ڏُعَاگِڻِ دوستَ جِي.

(٢٠)

لَڪَ[9] مَتِي[10] لَتِڪِي[11]، ڪِريو سَبَاجَها[12] سَڏَڙَا[13]،
وِبنديَسِ هوتَ پُنهونءَ سين، پَاندُ[14] جَهلِئو پَتِڪِي[15]،
مَرَان تَہ مَانُ لَهَان، سَاهُ پِرِيَان تَان صَدَقِي،
سَا اوري[16] ڪِيئَن اَٽِڪِي[17]، جَنهِنَ جو جَانِبُ[18] جَت وَنِي وِئَا.

(٢١)

لَڪ چَڙهِيو رڻ[19] روءِ، ڪَري سَبَاجَها سَڏَڙَا،
هِينئَڙو[20] ڪَچِيءَ[21] تَندُ[22] جِيئَن، چِجِئو[23] چِپَرَ[24] پوءِ[25]،
ڪو گُڏِيندَڙُ[26] هوءِ[27]، تَہ پِرتِ[28] پُرَاڻِي[29] نَہ ٽِئِي.

---

١. اي مولا، اي مالڪ، اي خدا، ٢. ڪا بہ نہ، ٣. بدي، بُرائي، گهٽتائي، گلا، ندا، ۴. ٻڌان، ۵. خوف، ڊپ، خطرو، هيبت، ٦. رڙ، دانهن، آواز، ٧. موٽي، واپس ٿئي، ٨. ڏنگو، ڦڏو، خراب، (وارُ ونگو نہ ٿيڻ = ذرو بہ نقصان يا تڪليف پهچڻ)، ٩. جبلَ، پهاڙ، ١٠. تي، ١١. رُلي، ڀٽڪي، اوري ڀري ٿئي، ١٢. ٻاجهارا، رحم اچڻ جي لائق، درديلا، قياس جي لائق، ١٣. واڪا، دانهون، پڪارون، ١۴. ڪنارو، ڇيڙو، ١۵. ڀٽڪي جو، پڳَ جو، دستار جو، (پاند جهلئو ڀٽڪي= بدن سان چنبڙي)، ١٦. (ڪيچ جي) اُڪٺان، ويجهو، ١٧. بيهي رهي، ١٨. جاني، محبوب، ١٩. رڻَ ۾، سُڃَ ۾، برپٽ ۾، ٢٠. دلِ، ٢١. اڻ وٽيلَ، ٢٢. سنهڙي ڌاڳي (وٽَ جي)، ٢٣. ٽنيو، ٢۴. ڇپرَ ۾، جبل ۾، ٢۵. پئي، ٢٦. ملائيندڙ، جوڙيندڙ، ڳوپ ڏيندڙ، ٢٧. هُجي، ٢٨. محبت، پيار، ٢٩. ڇُهوني، ڪُهني.

(۲۲)

لَڪِ چڙهئـو رِڻ روءِ، ڪَري سَبَاجَها سَڏَڙا،

ايندَنِ[۱] پُڇي خَبَرُون[۲]، وِيندَنِ[۳] پيرين[۴] پوءِ[۵]،

اُتَنِ ۽ اونيَڙَنِ جو، مُون ڪي ڏَسُ[۶] ڏيو،

مُونهَان[۷] هوتُ وِئو، پُٺِي[۸] ڏُونگَرَ ڏورِئَان.

(۲۳)

پُٺِي ڏُونگَرَ ڏورِئَان، ڪيچِيَن لَئي ڪَڙهيو[۹]،

پَهَاڙَنِ[۱۰] تي پَبَ[۱۱] جي، وَجَان چوٽِيَن[۱۲] سِيَنءَ[۱۳] چَڙهيو،

ڪَري سَاجَنَ سوگهو، سَندُمِ[۱۴] جيءُ[۱۶] جَڙيو[۱۷][۱۸]،

لَڪَنِ تَان لَڙيو[۱۹]، پيرُ[۲۰] نِهَارِئَان[۲۱] پِرينءَ جو.

وائي

دَردَ[۲۲] فِرَاقَ[۲۳] مِيَان[۲۴] پُنهُون سَائِين، عَشقَ فِرَاقَ،

پُنهُون سَائِين جيڏِيُون اَلو اَلو مَارِي[۲۵] آهِيَان،

اَديُون آريچَنِ[۲۶] جي، نِهوڙِيَس[۲۷] نِفَاقَ[۲۸]،

ڏُونگَرُ ڏورِئو نَہ تِئي، مُون وِلهِيءَ[۲۹] ڪَان واڪَ[۳۰].

---

۱. ايندن ڪان، سامهون ايندڙ ماڻهن ڪان. ۲. حال احوال. ۳. ويندن کي، ڪيچ ڏي ويندڙ ماڻهن کي. ۴. پيرنِ تي. ۵. پٺي. ٦. پتو. ۷. مونکان. ۸. پٺي. ۹. جلئو، سڙيو، ڪاميو. ۱۰. جبلن. ۱۱. هالار جبلن جي ڏکڻ واري جبل جو نالو. ۱۲. جبلن جا مٿيان حصا يا مٿيون جايون. ۱۳. تي، تائين. ۴. سڄڻ، محبوبَ. ۱۵. قابو. ١٦. منهنجو. ۱۷. ساهُ، جانِ. ۱۸. ٻڌو. ۱۹. لهيو، هيٺ اچئو. ۲۰. پير جو نشان. ۲۱. ووڙيان. ليکيان. ڪوليان. ڪڙيَان. ۲۲. درد جي. ۲۳. عشق جي. ۲۲. جدائيءَ، وڇوڙي. ۲۴. اي ميان، اي مالڪ، اي پيارَ، اي مڙس. ۲۵. فنا يا نابود. ٢٦. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو). ۲۷. ناس ڪيس. ۲۸. اٿيٽت، روسامي، ڪاوڙ. ۲۹. سڃي، پينگي، بي وارثِ. ۳۰. بلڪل، بنهہ، نپٽ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ديسي

داستان ڇهون

۱

جَڏَهانڪَرَ[1] جَانِي[2]، سَڄَڻُ سَانگ[3] سِڌَارِئو[4]،
رَاتِيَان[5] رَاحَتَ[6] نَاهِه ڪَا، ڏِينهَان[7] حَيرَانِي[8]،
آئُون پَنهِجي پِرِينءَ[9] تَان، تِئَان ڪوڙِين[10] قُربَاني[11]،
هِيءَ رَضَا[12] رَبَاني[13]، نَه تَه ڪَرِيَان وَسُ[14] وِصَال[15] سين[16].

۲

جَڏَهانڪَرَ تِئَامِ[17]، سَاجَهِه[18] سُپِرِيَن[19] سين،
تَڏَهانڪُون[20] تِرَ[21] جِيتِرو[22]، وِبَلَ[23] نَه وِسَرِئَامِ[24]،
اَندَرِ[25] روحَ[26] رَهِئَامِ[27]، سَڄَڻَ اوطَاقُون[28] ڪَري.

۳

آيَلِ[29] اوطَاقُون، ڪَري ڪيچِي[30] هَلِئَا،
سُڪِيُون[31] نَه سِيڻَنِ[32] جي، مَاڳَنِ[33] تَان مَاڪُونُ[34]،

---

۱. جڏهين ڪان، جنهن وقت کان، ۲. جانبَ، محبوبَ، سڄڻ، پيارو، ۳. سانگ تي، سفر تي، پرديس ڏانهن، ۴. اُسهيو آهي، هلئو وئو آهي، ۵. رات جو، ٦. آرام، فرحت، ۷. ڏينهن جو، ۸. پريشاني، بي آرامي، ۹. محبوبَ، ۱۰. ڪروڙين (ڀيرا يا دفعا)، ۱۱. صدقو، ٻلهار، ۱۲. مرضي، ۱۳. رب جي، خدا جي، ۱۴. حيلو، وسيلو، ڪوشش، سعيو، ۱۵. وصل، ميلاپ، گڏجاڻيءَ، ۱٦. لاءِ، واسطي، ۱۷. منهنجي تي، ۱۸. واقفيت، سڃاڻپ، ۱۹. محبوبن، پرين، ۲۰. تڏهين کان، تنهن وقت کان، ۲۱. ذري، ۲۲. برابر، ۲۳. گهڙي ساعت، پَلَ، ۲۴. مونکان وسريا، فراموش ٿيا، دل تان لهي ويا، ۲۵. ۾، منجهه، ۲٦. ساهَ، جانِ، ۲۷. مونکي رهيا، مونکي ٽڪيا ترسيا، ۲۸. گهَرَ، جايون، ۲۹. اي آيل، اي امڙ، ۳۰. ڪيچ جا رهاڪو (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو وينل هو)، ۳۱. خشڪ ٿيون، غائب ٿيون، ۳۲. محبوبن، سڄڻن، ۳۲. رهائشي جاين، هنڌن، مڪانن، ۳۴. واحد ماڪ = ماڪَ، اوسَ، شبنم. (اصطلاحي معنيٰ آثار، نشان).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نِسورِيون[1] نائُکُون[2]، سَجِي[3] هَلِئا سُورَ[4] جُون.

۴

اَجُ پَرِ وَسَائِي[5] اونِيِن[6]، مَتي[7] مَارَگَ[8] مَاکَ[9]،
پُنهُون نِيَائُون پَاڙَ سِين، تَاڙِيُون[10] يَجِي تَاکَ[11]،
هَيهَاتَ هَيهَاتَ لِمَاتُوعَدُونَ# سُجِي[12] تِي اوطَاقَ[13]،
چُکِيءَ[14] چوري[15] چَاکَ، هَاڙهِي[16] هوتَ هَلِي وِئَا.

۵

ڏاجَنِ[17] تي ڏاجَا، ڏُکِيءَ[18] کي ڏُکَنِ[19] جَا،
لَگِيَسِ نائُکَ نِينهَن جِي، کُڙهُ[20] اَندَرِ کَا جَا،
تَرِنِ[21] مَنجِهه تَاجَا[22]، کَري مُنڌَ مِرُوئَنِ[23] سِين.

٦

مُسَافِرَ[24] نِئُون مُاءُ[25]، وِرهُ[26] وِهَايُمِ[27] وَتَرو[28]،
اَچِي تِئَمِ اوچِتي، تَنِ سَانگِيَنِ[29] سِين سَاجَاءِ[30]،
جِيجَان[31] جَهلَ[32] مَ پَاءِ[33]، هِنيُون[34] هوتَ هَٽِي[35] وِئَا.

---

١. بلکل، بنهه جنسي، نس پس، ٢. تير، گز، ڀالا، نيزا، ٣. هٽي، ۴. درد، ڏک، ۵. لنگهائي، گذاري، ٦. ائن وارن، جتن، ٧. ۾، ٨. رستي، واٽ، ٩. ماٽ، اوس، شبنم، (ماک وسائي، فجر جي وقت پنڌ ۾ وهايا)، ١٠. واحد تاڙي= دروازي کي بند ڪرڻ لاءِ اندران لڳل ڪاٺ جي تختي جيکا ڪڙي جو ڪم ڏيندي آهي، ١١. تاکَ جون، دروازي جون # افسوس ڙي افسوس جيڪو توهان سان (وري جيئري ٿيڻ جو) واعدو ڪيو ويو آهي اهو شال پري هجي (قرآن شريف جي سورت المؤمنون جي آيت ٢٦، ١٢. خالي، ويران. ١٣. گهر. ١۴. ڇُڪيءَ جا. ٽکل يا مانديءَ جا. ١۵. تازا ڪري، چِڪائي، ١٦. زخم، ڦٽ، ١٧. ڪنوار کي شاديءَ جي وقت گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن کان ڏيج يا ڏاج ۾ مليل تحفن، ١٨. ستايل، دردمند، ١٩. سورن، عذابن، ٢٠. بدن، سيني، دل، ٢١. رڻ پٽن، برن، ٢٢. ڪچهريون، رهاڻيون، ٢٣. جهنگ جي جانورن، ٢۴. مسافرن کان، پرديسين کان، واٽ ويندن کان، گس هلندن کان، ٢۵. اي ماءِ، اي امڙ، ٢٦. عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ جدائيءَ جو غم يا درد، برهه، عشق، محبت، ٢٧. مون وهايو، مون خريد ڪيو، مون ورتو، ٢٨. گهٽو، جهجهو، ٢٩. سيلانين، مسافرن، ٣٠. واقفيت، سڃاڻپ، ٣١. اي جيجان، اي جيجل، اي امان، ٣٢. روڪَ، اٽڪاءَ، ٣٣. وِجهه، ٣۴. دل، ٣۵. ڪٽي، چورائي، ڦري.

٧

ديسي[١] سيڻَ[٢] ڪِجَنِ، پَرَديسي[٣] ڪَهڙا[٤] پِرِينِ،
لَڏِئُو[٥] لاڏوٽا[٦] ڪَرِئو، موٽِئو ڏيهہ وَڃَنِ،
پُڄاڻان پِرِيَنِ، ڪِجي بَسِ[٧] پَنيورَ ڪانِ.

٨

ڪِيئَن[٨] اَزَايُئي[٩] پانڌُ[١٠]، پَلَئُہ پَرَڏيهِيَنِ سين،
مَتيُون[١١] مُوڙهِيُئي[١٢] سَسُئي، ڪِيُئي ڪوهِيارو ڪانڌُ،
رُلِي[١٣] يانِيُئي[١٤] راندِ[١٥]، بَانيڻ[١٦] عَشقُ بَروچ جو.

٩

ديسِ[١٧] وِجهي جَتُ دامُ[١٨]، سَاهُہ بَجَهائي[١٩] ساڻُ وِئو،
تَنهن[٢٠] ڪَڍ[٢١] وِنديَس ڪيچ ڏي، آهي اِيءُ اَنجامُ[٢٢]،
چَالَ[٢٣] چَپَرَ جو چَامُ، هوتُ ڏَرِيندو هَتڙا[٢٤].

١٠

مَاڻڪُ[٢٥] مَتُ[٢٦] سَندومِ، اُونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حَشَرَ وِيلَ حِسَابَ ۾، ڇَڏي نہ ويندومِ[٢٧]،

---

١. ڏيهي، پنهنجي ڳوٺ يا مُلڪَ جا رهاڪو. ٢. دوست، محبَ، محبوبَ. ٣. پرڏيهي، ڌارئين يا پرانهين ڳوٺ يا مُلڪ جا رهاڪو. ۴. ڇو، ڇا جي ڪري يا ڪهڙي سبب ڪري (ڪجن) يعني نہ ڪجن. ٥. سامان سڙو ٻڌئو (اٺن تي). ٦. لاڏوٽا ڪريو = موجوده رهڻ وارو هنڌ يا جاءِ ڇڏيو. ٧. جُدائي، موڪلائي، قطع تعلقات. ٨. ڪهڙيءَ طرح، ڪهڙي نموني. ٩. ڦاسايئي، تو اڙايو، تو اٽڪايو. ١٠. پلاند يا پلئہ (ڪپڙي جو)، دامن (پانداڙائڻ= ناتو يا واسطو رکڻ). ١١. واحد مَتِ = عقل، هوش، سمجهہ. ١٢. مُنجهي وييئي، خطا يا ڳم ٿي وييئي. ١٣. ڀٽڪيلَ، منجهيلَ، بيڪار، نڪمي. ١۴. تو يا نيو، تو سمجهيو. ١٥. تماشو، رؤنشو، معمولي ڳالهہ. ١٦. برهمڻ زال يعني سسئي جا پانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي. ١٧. (منهنجي پنهنجي) ديس ۾ يا وطن ۾. ١٨. ڦارُ، ڦندو. ١٩. قابو يا سوگهو ڪري. ٢٠. تنهنجي. ٢١. پٺيان. ٢٢. واعدو، اقرار. ٢٣. شال. ٢۴. هٿڙا ڏريندو= مدد ڪندو. ٢٥. موتي، دُر (پيغمبرﷺ ڏانهن اشارو). ٢٦. سڄڻ، ڪهڪهرو. ٢٧. پڇاڙي جي.

سَارِي[١] سَڏُ[٢] ڪَنِدومِ[٣]، ڪوهِيارو ڪيچَ ڏِٺي.

١١

ڪَڏهِين ڪو ٻاجَهه[٤] پَئي، سَاجَنَ مُڃِ[٥] سَلامُ[٦]،
سِڪَ تُنهنجيءَ سُپِرِين، ڪِئَڙو تَنُ[٧] تَمامُ[٨]،
هَتَنِ[٩] حَاجَ[١٠] وِهُ[١١] تي، نيٺين نِندَ حَرامُ،
دوسَ[١٢] نَہ سَهان[١٣] دامُ[١٤]، تُون وِندُرِ تو وِيلا[١٥] ڪَرِين.

١٢

اُڀِرَئو[١٦] آفِتابُ[١٧]، بِرَهمَڻ ڪي ٻَرَ مِ،
پَلَڪَ[١٨] ڪِرِئا پَلڪَنِ تي، پَسي تَنهن جو تابُ[١٩]،
اِيءَ پَڻِ غَيرَ[٢٠] حِسابُ[٢١]، جِيئَن چوريءَ چَامُ چَڙهِي وِئو[٢٢].

١٣

جهولي[٢٣] جُهَٽڪَ[٢٤] جُهَني[٢٥] ڪِي، وِئي ٻُڪِي[٢٦] ٻاقَ[٢٧]،
آيَمِ[٢٨] تَنِ اُنَنِ سين، جَنِ جا پيرَ ڏُڏا[٢٩] ڏَڙَ[٣٠] داڦَ[٣١]،
لَنگهِئا لَڪَ لَطِيفُ چئي، تُوڏا تَڙٻَنگَ[٣٢] تافَ[٣٣]،

---

١. ياد ڪري، ٢. پُڪار، ٣. مونکي ڪندو، ۴. ٻاجهه پئي= مهرباني ڪري، ۵. موڪل، ٦. جهارُ، پرنام، نمسڪار، "سلام عليڪم" جو اشارو، ٧. مَنَ، دِلِ، ٨. ختم، فنا، ناسُ، ماتِ، ٩. هٿن کي، ١٠. ڪم ڪار، ١١. زهر، وک، ناپسند، اڻ وڻندڙ، ١٢. اي دوس، اي دوست، اي يارَ، ١٣. ماٺ يا صبر ڪريان، ١۴. دم، ساعت گهڙي، پلڪ، ١۵. ويلا ڪرين= رهين، وقت گذارين، ١٦. طلوع ٿيو، ايرندي جي طرف کان ظاهر يا پيدا ٿئو، ١٧. سورج، سج، ١٨. اکين جا ڇپر يا پنبڻيون، ١٩. تاءُ، روشني، شعاع، ۴. نامناسب، ٢١. طور، طريقو، نمونو، روش، ٢٢. اُٺ تي سوار ٿي، ٢٣. جهولي جي، گرم هوا يعني لڪَ جي، ٢۴. سَٽَ، ٢۵. ڪمزور، ضعيف، ماندي، ٢٦. وات ۾ وجهي، ڦڪي، (منهن تي) سهي، برداشت ڪري، ٢٧. اُپ، جبل ۾ پيدا ٿيندڙ ڪوهيري جو بخار، ٢٨. منهنجو واسطو پيو، ٢٩. ٿلها، ٣٠. جسم، بدن، ٣١. وڏا، ڳرا، ٣٢. اڙٻنگ، بي پرواهه، ٣٣. ميدان ۽ جبل کي جدا ڪندڙ حد يا ڏنگَ يا ڪَرَ يا ڪَسَ.

بِي ڪيرَ[1] لَنگهِيندِي[2] ڪافَ[3]، هِيءُ بَرُ[4] بِرَهمَڻِ[5] باسِئو[6].

١٤

بِرهَ[7] مَٿايُس[8] بَرُ، نَہ تَہ سُڪي ڪيرَ سَڌُون ڪَري،
ڳَهَٽُو ڏوريَائِين ڏُکَ سِين، ڏيرَنِ لَئي ڏُونگَرُ،
وَرِي آيُس وَرُ[9]، سَفَرُ[10] مُئِيءَ جَا سَاب[11] پِئا.

١٥

وَرَ[12] ۾ ڪُونهي وَرُ، ڏيرَنِ[13] وَرُ[14] وَڏُو[15] ڪِئو،
نِهارِينديَس نِڪَتي، بُوتَنِ[16] ڪَارَڻِ بَرُ،
آڏو[17] تَڪَرَ[18] ٽَرُ[19]، مَتان روهَہ[20] رَتيُون[21] ٿِيِين.

١٦

وَرَ وَرَاڪا[22] وِچ[23] ۾، لَڪين آڏا لَڪَ،
هي جي آڏا حَقَ[24]، ڪَندا ڪُوهُہ[25] ڪَنديِن[26] ڪي.

١٧

پيِنَرَ آئُون پوري جِنهِن مُون[27] سَڳُ[28] سُڃاتي[29] نَہ ڪِئو،
ڏِيندا مُون ڏيرَ وِئا، جِهَجَڻَ[30] ۾ جهوري.

---

١. ڪابہ نہ. ٢. اُڪرندي، پار ڪندي، ٣. جبلَ. پهاڙَ. ۴. رڻ پٽ. ۵. برهمڻ زال يعني سسئيءَ. ٦. قبول ڪئو. ذمي يا سِرَ تي ڪنيو. ٧. عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ وڇوڙي، جدائيءَ يا فراقَ. ٨. هن کي مٿايو. هن کي ڏيکاريو. ٩. مڙس، پتار. ١٠. پنڌَ. مسافريون. ١١. برصواب. اثرائتا. ڪارگر. قبول. ١٢. مڙس. پتار. ڏنگ. ڪوٽ. ١۴. ڏنگائي. ١۵. گهڻو. جهجهو. ١٦. اٺن. ١٧. اڳيان. سامهون. ١٨. اي ٽڪرَ. اي جبلَ. ١٩. پري ٿيءُ، هٽي وڃ. ٢٠. اي روهہ، اي جبلَ. ٢١. پرزا پرزا. ذرا ذرا. ٢٢. وَڪڙَ. ڦيرا. راڪا. ٢٣. رستي. ٢۴. حق کي، مڙس کي. ٢۵. خدا کي. ٢٦. ڇا. ٢٦. ڪم (جفا) ڪندڙن. ڪوشش ڪندڙن. مجاهدياڻن. ٢٧. موڳي. بي عقل. ساده لوح. ٢٨. دوستي. ناتو. ٢٩. جاچي. پرکي. ٣٠. جهوري. ڳڻتي. فڪر. ڳاراڻو. غم.

لَڳي جَنِ لوڙي[1]، ڏُونگَرُ[2] سي ڏوربنديُون[3].

١٨

اَديُون[4] آئُون اَجاڻ[5]، جِنهن سَڱُ[6] سُڃاڻي[7] نَہ ڪيو،
هُوندَ[8] نَہ ڪَدِيَمِ[9] هيتِري[10]، ڪوهِيَاري[11] جي ڪَاڻ[12]،
رَتيءَ[13] جي رِهَاڻ، جيءُ اَزَايُمِ جَتَ سين.

(١٩)

اَديُون ڪَا ايندي، چَپَرُ[14] مُون[15] سَڱُ تَئو[16]،
لائيندِيَس[17] لِڱَنِ[18] کي، مَليِرَان[19] ميندي[20]،
وِنڌُرِ[21] آئُون وِبندِي، آري[22] جَامُ[23] اَجهو[24] ڪَري.

٢٠

ونڌَرَ جَنِ[25] وَٽَنِ[26] سين، ڪِيَمِ[27] سَهسين[28] سُڪَائُون[29]،
پُنهُون وَٽي پَاڻَ سين، اَڃَان جي آئُونُ،
وَرَندي[30] وَاڃَائُون[31]، ڏِيَان شَاخ[32] سَپَ ڪَنهن.

وائي

جِيَسِ[33] جِيَسِ وو جِيڏِيُون[34]، مُنهِنجو لاَلَڻُ[35] آيو پيهِي[36]،

١. سڪ، چڪ، تانگهہ، عشق، محبت، ٢. جبل، ٣. جهاڳنديون، ووڙينديون، ٤. اي اديون، اي ڀينرون، ٥. بي عقل، نادان، بي سمجهہ، ٦. محبت، رشتو، ناتو، ٧. جاچي، پرکي، ٨. شايد، ٩. مونۡ کدي، ١٠. هيڏي وڏي، ١١. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ، ١٢. محتاجي، غرض، ١٣. ذري يا ٽوري (وقت)، ١٤. ڇپر سان، جبل سان، ١٥. منهنجو، ١٦. واسطو، تعلق، ١٧. آئون لائيندي يا لڳائيندي يا مکيندي، ١٨. عضون، بدن، ١٩. مليرَ (جي ڳوٺ) کان آڻي (ملير ڪراچيءَ جي پرسان هڪ مڪان جو نالو آهي جنهن جي ميندي مشهور هئي)، ٢٠. هڪ ٻوٽو جنهن جا پن سڪائي پيهي پاڻيءَ ۾ پساهي هٿن پيرن کي لڳائيندا آهن)، ٢١. لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۽ نئن جو نالو. ٢٢. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢٤. پردو، ڍڪَ، پناهہ، ٢٥. جي، ٢٦. درختن، ٢٧. مون ڪيون، ٢٨. سوين، گهڻيون (گنج ۾ "ڪيون سسئيءَ" لکيل آهي)، ٢٩. نَذرَ، باسون، مڃتائون، ٣٠. موٽندي (گنج ۾ "وڻ وڻ" لکيل آهي)، ٣١. واڌايون، مبارڪون، ٣٢. (وڻ جي) ٽاريءَ، ٣٣. آئون جيئري يعني زندهہ تيس، ٣٤. اي جيڏيون، اي ساهيڙيون، ٣٥. محبوبَ، دوستَ، ٣٦. گهڙي، (اندر، گهرَ ۾).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهِنجَا وِئَڙَا[1] سُورَ[2] سَيِيئِي،
هُئِي شِڪَسَتِي[3] سَسُئِي، رَازَ[4] پُنهُونءَ[5] جي رِبهِي[6]،
ڳَالِهِيُون ڪَنديَس ڳُجِهيُونّ[7]، مُنهِن[8] مُقابِلَ وِبهِي،
ڪَٿُورِي[9] بَارُ ڪَٽِي[10]، آيَا ڏُونگَرَ[11] ڏِيهِي[12]،
سَرڪَشِي[13] سَردَارَ[14] سِين، مُون ڪَمِيٽِيءَ[15] ڪِيهِي[16].

---

١. ختم ٿئا، ٢. ڏک، درد، ٣. ڀڳل يا ٽٽل (زبون حالت ۾)، دل شڪستي، مايوس، ملول، ۴. پيار، محبت، ۵. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٦. ڳنڍي، جوڙي، ريجهائي، خوش ڪئي، ٧. مخفي، رازَ جون، ٨. منهن مقابل = آمهون سامهون، روبرو، ٩. مشڪ، خوشبودار وکَرُ، ١٠. انن تي لڏي يا ڀڏي، ١١. ڏونگر جا، جبل جا، ١٢. رهاڪو (ڏونگرَ ڏيهي= پنهونءَ جا ڀائر)، ١٣. هٺ، وڏائي، ١۴. رهبر، مهندار (پنهونءَ)، ١۵. ڪميٽيءَ جي، نالائق يا بدڪارِي جي، ١٦. ڪهڙي، ڇا جي لاءِ، ڇو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ديسي

داستان سَنُون

①

جَتا[1] شالَ[2] جِيو[3]، جِيو[4] تا جاڙُون[5] ڪَريو،
بانيڻِ[6] کي بَروچَ[7] ري[8]، بِيلي[9] ناهِ بِئو،
چِنڻُ[10] تان[11] نَه پِئو، هِيءُ سَڳُ[12] نَه چِنڻُ جهڙو.

٢

جتنِ وِڏيسِ[13] جارَ[14]، نا[15] تَه هُيسِ[16] نِماڻي[17] نڪتي[18]،
تئا پاڻَ[19] قرار[20]، مُون[21] مَنَ[22] گڏيائُون[23] گُوندرين[24].

٣

جتنِ يارانُو[25]، ڪيچِينِ[26] مُون سين ڪونَه ڪئو[27]،
نالي[28] سُيسِ[29] هوتَ[30] جي، مَتنِ[31] بارانُو[32]،
تيلاهِين[33] طعنُو[34] ڏِيندا مُون[35] ڏيرَ[36] وِيا.

---

١. اي جتو، اي اوٺيو، اي پنهونءَ جا پائرو. ٢. الله ڪري، ٣.جيئرا هجو. جيئندا يا زندهہ رهو. سدائين سلامت هجو. ۴. (يلي) جيئرا رهي، ۵. ڏاڍايون، ظلم. ٦. برهمڻ زال يعني سسئي جا پانيڻ جي گهر ۾ ڄائي هئي، ٧. بلوچ، پنهونءَ. ٨. کان سواءِ. ٩. همراهہ، مددگار، حمايتي، ١٠. ٽوڙڻ، قطع ڪرڻ، ١١. هرگز، ١٢. رشتو، تعلق، مائٽي، ١٣. مونکي وڌو، ١۴. جارَ ۾، جنجال ۾، تڪليف يا ڏک ۾، ١۵. ٻيءَ حالت ۾، ١٦. آئون هئي، ١٧. مسڪين، لاچار، بي واهي، ١٨. صفا، بنهہ، بي حد کهٽي، ١٩. خود، ٢٠. آرامي، سڪيا، بي فڪرا، ٢١. منهنجو، ٢٢. دل، ٢٣. ملايائون، شامل ڪيائون، ٢۴. گوندرن سان، ڏکن سان، ٢۵. ياراڻو، دوستي، پيار، ٢٦. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ، رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي، سسئيءَ و محبوب پنهون ان شهر جو ويٺل هو)، ٢٧. نباهيو، ٢٨ نالي جي پڌيان، ٢٩. مشهور ٿيس، ٢٠. محبوبَ پنهونءَ (هوت بلوچ جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي جو هو)، ٣١. انهن (ڪيچين) جي مٿان، ٣٢. وڏي جوابداري، وڏو بارُ، ٣٣. تنهن ڪري، ٣۴. مهڻو، تنڪو، اوپالو، ٣۵. مونکي، ٣٦. مڙس جا ڀائر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

جَتَنِ[1] جا جيڏيُون،[2] هُئَڙَمِ[3] سُکَ[4] سَرَتِيُون،
پيرُ[5] نہ ڇَڏيان پِرِينءَ[6] جو، جي هوتُ[7] کَري هيڏيُون،[8]
مُون کَميڻيءَ[9] کيڏيُون،[10] آهِين اُميدُون[11] اصيلَ[12] سين.

⑤

جَتَ هَڏهين[13] هُتَ،[14] مُون[15] هينئَڙي[16] ۾ حَلُ[17] ٿئا،
چَنگلَ[18] جَنِ جا چوڦرا،[19] راحَتَ[20] اُنِ جي رُتَ،[21]
گُنگَنِ[22] جي گُفت،[23] چيڙي[24] وِڌِيَسِ[25] چِپرين.[26]

٦

جيَ[27] جَاڻان[28] جَتَنِ،[29] تہ پوءِ[30] پَتَاندَرُ[31] هيترو،
آئون کيئَن[32] مُلاَ[33] تَنِ، سَرَتِيُون سُور[34] پرايان.[35]

⑦

جَتَنِ سين جَوابُ،[36] کِهڙو کَنديَس جيڏيُون،
کُهي کَميڻي هَلِئا، کَري ڏيرَ[37] کَبابُ،[38]
آرِيَاڻي[39] آبُ،[40] رکُ کَميڻيءَ جو کيچَ ۾.

---

١. اونين جا، پنهونءَ جي عزيزن، ٢. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣. مون کي هئا، ۴. سهنج، سولايون، سهوليتون، ۵. پيچو، پُٺِ، پچر، ٦. محبوبَ، ٧. محبوبُ پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٨. وڏيون جٺيون، وڏا ظلم، ڏاڍايون، ٩. ڪميڻيءَ کي، نڪميءَ يا بدڪار کي، ١٠. تمام وڏيون، ١١. آسرا، ٽڪيون، ڀروسا، ١٢. چڱي بنياد يا نَسَبَ واري، شريف، ١٣. ماڳهين، بلڪل، ١۴. هُن ماڳ ۾ يعني ڪيچ ۾ (ڪيچ، رياست مڪران جو شهر آهي، پنهون ان شهر جو ويٺل هو)، ١۵. منهنجي يا مونکي، ١٦. دل، من، ١٧. جذب، سمائجي، ١٨. چانگا، اٺ، ١٩. چئن ڦرن وارا، ٺلها، متارا، ٢٠. فرحت بخش يا سک ڏيندڙ يا خوش ڪندڙ، ٢١. رفتار، چال، هلٺي، ٢٢. ڳالهائي نہ سگهندڙ، انن، ٢٣. رڙين، گجڻ جي آوازن، ٢۴. چوري، جذبي کي تحرڪ ۾ آڻي، جوش ڏياري، ٢۵. آئون وڌي، ٢٦. چپرن ۾، جبلن ۾، ٢٧. جيڪڏهين، ٢٨. مونکي ڄاڻ يا خبر يا سُڌ هجي ها، ٢٩. جتن کان، ٣٠. پوندو، ملندو، ٣١. نتيجو، پاڇاندو، ٣٢. کهڙيءَ طرح يا نموني، ٣٣. کان، وٽان، ٣۴. ڏک، درد، ٣۵. حاصل ڪريان، ٣٦. مقابلو، بحث مباحثو، ٣٧. مڙس جا ڀائر، ٣٨. باهہ تي پچائڻ لاءِ لوهہ جي سيخن تي ذرا ذرا ڪري ويڙهيل سنهون گوشت، ٣٩. آري، اي پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب)، ۴٠. مانُ، آبرو، عزت.

٨

جَتَنُ[١] ڪِجِ جَتَنِ[٢] جو، آيا ڪِ ايندا#،
پُنهُون[٣] تُنهِنجو پاڻَ سين، وَنِي سي وِيندا،
دَمُ[٤] نَ دَمِيندا[٥]، سِڌاريندا[٦] سَاٽيهَ[٧] ڏي.

٩

جَتَنِ سَانُ جَانڪُون[٨]، تَانڪُون[٩] مُون[١٠] سَڱُ[١١] ٿِئو،
ڪَري ڪوهيارو[١٢] وِئو، تَنُ[١٣] چِڏي[١٤] تَاڪُون[١٥]،
آئُون پِڻِ تَنڍهانڪُون[١٦]، اَڏَ ڏُڪوئي[١٧] آهِيان.

١٠

جَتَنِ جَا جيلان[١٨]، تِي سَاتَ[١٩] پُچَائِي[٢٠] سَسُئِي،
آيَس[٢١] آرِيءَ[٢٢] جَامَ[٢٣] جَا، تَڙِ[٢٤] تُوڏا[٢٥] تيلان[٢٦]،
اُنِ ڪِي ناڪيليون[٢٧] نَڪَن ۾، ڏُهِرِيون[٢٨] ڏَليلا[٢٩]،
سِرِ[٣٠] هَٽِئو سيلا[٣١]، لاَئِيو[٣٢] نِينهُن[٣٣] نَندُون ڪَري.

١١

جَتَ نَ پَائي[٣٤] رَتَ[٣٥]، ڌَارِئَان[٣٦] ڌارِئين[٣٧] ڏيهَ[٣٨] جَا،

---

١. خبرداري، خيال، اونو، ڌيان، ڊپ، ٢. اوٺين، پنهونءَ جي ڀائرن # ڄاڻ يعني اجهي تہ آيا، اچڻ وارا آهن، ٣. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ۴. ٿوري ساعت يا پَلَ، ۵. ترسندا، ساهي ڪٽندا، آرام ڪندا، ٦. هلئا ويندا، اُسهندا، ٧. وطن، ديس، ٨. جنهن وقت کان، ٩. هيءَ لفظ "جانڪونءَ" جو ڌوڙي ٿي، اضافي طور ڪم آيو آهي، ١٠. منهنجو، ١١. ناتو، رشتو، تعلق، مائٽي، ١٢. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو (پنهون)، ١٣. بدن، دل، مَن، ١۴. ڇني، ٽوڙي، ودي، ڪپي، ١۵. ذرا ذرا، پرزا پرزا، ١٦. تنهن وقت کان، ١٧. اڌ ڏڪوئي= تمام گهڻيءَ تڪليف ۾، نڪي مُئل نڪي جيئري، نيم بسمل، ١٨. جنهن صورت ۾، ١٩. انن جا قافلا، ٢٠. نهاري، ڳولي، ٢١. هن وٽ آيا، ٢٢. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٢٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢۴. تڙَ تي، گهاٽَ تي، گهر جي گهٽيءَ يعني در تي، ٢۵. اٺ، ٢٦. تنهن صورت ۾، ٢٧. واحد ناڪيلي= اٺ جي نڪ جي چونٽيءَ ۾ مهار ٻڌڻ لاءِ وڌل ڪاٺيءَ جو ٽڪر، ٢٨. ٻٽيون، ٻيٽيون، مضبوط، ٢٩. (واحد دليل) واڳون، مهارون، ٣٠. سر ۾، مٿي ۾، ٣١. تير يا ڀالا (نينهن جا)، ٣٢. لڳايو، ٣٣. عشق، ٣۴. ڀائيوار، شريڪ، حصيدار، ٣۵. رَتَ ۾، خونَ ۾ (رت ڀائي= رت ۾ حصيدار يعني عزيز يا مائٽ)، ٣٦. بيگانا، اجنبي، غيرَ، اڻ واقف، اڻ ڏٺل، ٣٧. ٻي، ٣٨. وطن، ملڪ.

مُنڌ[١] نه هُئي مائِٽي[٢]، جني ساڻُ جِهَتَ[٣]،
ڪيچِين[٤] مون سين ڪينَ ڪِئا، پَرِيُوْن[٥] ۽ پَهتَ،
هُنِ جا مَٿي[٦] واڳُنِ[٧] هَٿَ، آئُون پاڳُوڙانِ[٨] پُڄِئو[٩] رُوئان.

١٢

جَتَ نه پائي رَتَ، ڏارِيان ڏارئين ڏيهه جا،
وَنِي وَرُ[١٠] واتَ ٿِئا[١١]، بروهي[١٢] بُرفَتَ[١٣]،
اُنِ جا مَٿي واڳُنِ هَٿَ، آئُون پاڳُوڙانِ پُڄِئو رُوئان.

١٣

ناڪيلِيُون[١٤] نَڪَنِ ۾، هَلِئا ساڻُ هِمَٿَ[١٥]،
جِيءُ[١٦] مُنهنجو جيڏِيُون، وَڃَنِ جهُوريءَ[١٧] وِڄهئو جَتَ،
هُنِ جا واڳُنِ مَٿي هَٿَ، آئُون پاڳُوڙانِ پُڄِئو رُئان.

١۴

اُنِ ڪي ناڪيلِيُون نَڪَنِ ۾، هَلِئا هُوءِ[١٨] ڪَري،
آرِيُ[١٩] جامُ اُنَنِ تي، واڪِئان[٢٠] تان نه وَري،
هُنِ[٢١] تان[٢٢] پُنڌُ[٢٣] پَري[٢۴]، آئُون پاڳُوڙانِ پُڄِئو رُئان.

---

١. منڌ جي، عورت يا زال جي (سسئيءَ جي)، ٢. عزازت، ٣. واسطو، قرابت، ۴. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهون جي ڀائرن (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو ويٺل هو)، ۵. لائق، ڀلايون، مهربانيون، ٻهتَ، ٦. تي، ۾، ٧. مهارن، اٺن کي هلائڻ لاءِ ۽ نڪن ۾ وڌل نوڙيون، ٨. انهن جي پاڳوڙن کي يعني رڪيبن کي (اٺ جي پاکڙي ۾ چمڙي جي پٽي ۾ ٻڌل لوهہ جا ڪڙا جن ۾ سوارُ پيرَ وجهي اٺ تي چڙهندو آهي ان کي پاڳوڙا يا رڪيب چئبو آهي، ٩. جهلئو، ١٠. مڙس ڀتار، ١١. واتَ ٿئا= وات ۾ ٿئا، هلئا وٺا، ١٢. بلوچستان جي مخصوص قبيلي جو نالو، ١٣. لس ٻيلي جي ڪوهستاني علائقي ۾ رهندڙ هڪ قوم (بروهي ۽ برفت پنهون جي مائٽن ڏانهن اشارو آهي)، ١۴. (واحد ناڪيلي) اٺ جي نڪ جي چونٽيءَ ۾ مهار ٻڌڻ لاءِ وڌل ڪاٺيءَ جو ٽڪر، ١۵. مردانگيءَ، دليريءَ، ارادي جي پختگيءَ، ١٦. دل، من، ١٧. جهوريءَ ۾، فڪر ۾ ڳڻتيءَ ۾، ١٨. هل گوڙ، ١٩. پنهون (آري بلوچ قوم جي سردار جو لقب آهي)، ٢٠. واڪا ڪريان، رڙيون ڪريان، زور سان سڏ ڪريان، ٢١. هُنِ جو، انهن جو، ٢٢. تہ، ٢٣. منزل يا ٽڪڻ جي جاءِ، ٢۴. ڏور، ڏورانهون.

۱۵

نَاکيلِيُون نَکَنِ ۾ پَاتَائُون پَلاَڻَ،
لاَتَائُون لطيف چئي، سَنڌاَ ڏاگهَنِ ڏاڻَ،
سَنجهي وِتا سَرواڻَ، آئُون پاگوڙانِ پُڄِئو رُئَان.

١٦

نَاکيلِيُون نَکَنِ ۾، جَڙِيَائُون جُهوڙا،
مِنَتَ مُون مَعذُور جي، مَجِئَائُون نَہ مُوراَن،
سَاتِي سَنپِيوڙاَ، آئُون پاگوڙانِ پُڄِئو رُئَان.

١٧

نَکَ نَاکيلِيُون سُونَ جُون، موتِيَنِ مَهَارُون،
لَنگهِيُون رَاتِ لطيف چئي، کَرهَنِ قَطارُون،
بَانيَنِ بَاکارُون، کَرِ نَہ رَسَّين کيچَ کي.

وائي

آئُون تَي چِلاَن مَتي چيرِين، جي بَاروچي بَاجَهہ گهٽي،
آئُون پَنهِنجي پرِينءَ سين، وِندِيَسِ واڳ وَٽي.

١. واحد ناکيلي= ان جي نڪ جي چونڻيءَ ۾ مهار ٻڌڻ لاءِ وڌل ڪاٺ جو ٽڪر. ٢. وڌائون. ٣. اٺن تي چڙهڻ يا بار لڏڻ لاءِ، انهن جي پٺين تي رکيل، ڪکن ۽ ڏڀن مان ٺهيل ٻنڌا جن جي پاسن ۾ ڪاٺ جا ڏڪ ۽ اڳيان ڪاٺ جا ڪتب لڳل هوند اآهن. ٤. چوڙيائون. ٥. جا. ٦. اٺن. ٧. اٺن کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ اڳين ٽنگ ۾ ٻڌل رسا. ٨. سج لهڻ وقت، رات شروع ٿيڻ مهل. ٩. اوٺي، جت، سردار. ١٠. انهن جي پاگوڙن کي يعني رڪيبن کي (اٺ جي پاکڙي جي ٻنهي پاسي چمڙي جي پٽي ۾ ٻڌل ڪڙو جنهن ۾ پير رکي اٺ تي چڙهبو آهي ان کي پاگوڙو يا رڪيب چئبو آهي)، ١١. جهلئو، پڪڙيو. ١٢. مڙهيائون. ١٣. ٽونئر، جهاپا، ڦندڻ. ١٣. وينتي، التجا، عرض. ١٥. عذر واريءَ، جذيءَ، بيمارَ، لاچار. ١٦. قبول ڪئائون= منظور ڪئائون. ١٧. اصل، بنهہ. ١٨. سات يعني قافلي وارا. ١٩. تيار (وڃڻ لاءِ). ٢٠. نَڪَنِ ۾. ٢١. موتين جون. ٢٢. اٺن کي هلائڻ لاءِ نڪن ۾ ٻڌل نوڙيون، واڳون. ٢٣. اڪري ويون، گذري ويون. ٢٤. ڪرهن جون، اٺن جون. ٢٥. صفون، لانڊون. ٢٦. برهمڻ زال يعني سسئي جا ٻانيڻ جي گهر ۾ ڄائي هئي. ٢٧. دانهون، رڙيون. ٢٨. پهچين. ٢٩. تنهن صورت ۾، تنهن ڪري. ٣٠. رلان، ڊوڙان. ٣١. تي. ٣٢. ڇيرن يا جبلن. ٣٣. جيئن تہ. ٣٤. ٻروچ يا بلوچ جي. ٣٥. مهرباني، رحم. ٣٦. وٺي، جهلي.

مَرُجَان[1] پوئيمِ[2] مُنهَنَ[3] ۾، سَنڌيِ[4] پريَنءَ[5] پَٽيِ[6].
ڪَانهي مُون[7] پَنيُورَ[8] ۾، ڏَارَان[9] تو تَڻيِ[10]،
ڪَنديَس وَسَ[11] وِندُرَ[12] ۾، ميَڙيندوم[13] ڌَڻيِ[14]،
هَٿَان هَڏَ[15] نَه ڇَڏِيَان، آريءَ[16] ڄي اَٽيِ[17]،
آهي هوتَنِ[18] هَٿَ ۾، سَنڌيِ جيءَ[19] جَڙي[20]،
ڪِينَ وِرمِئا[21] وِڄَ[22] ۾، هَلِئَا هيءَ هَٽيِ[23]،
مُونکي ڪونيو پَاڻَ ڏي، هَاديءَ هَٿُ ڪَٽيِ،
پُنهُونءَ ڏَارَان پَبَ[24] ۾، ٻيلِي[25] نَاهه ٻَڙي[26]،
تُوري[27] تيلُ نَه لَاَيَان، نَڪَا سِيندِ[28] ڦَٽيِ.#

---

١. ٻلي، بيشڪ، ٢. مونکي پئي، ٣. چهري، مک، ۴. جي، ۵. محبوب پنهونءَ، ٦. مٽي، دز، خاڪ، ذوڙ، ٧. منهنجي، ٨. نئي ضلعي جي گهاري ڳوٺ کان اٽڪل ٢ ميل پري هڪ شهر (جتي سسئي رهندي هئي)، ٩. کان سواءِ، ١٠. سک، اڪنڊ، آڌار، ٽيڪ، ١١. حيلا، ڪوششون، ١٢. لس ٻيلي ۾ ڳوٺ، جبل ۽ نئن جو نالو، ١٣. مون کي ميڙيندو، مون کي ملائيندو، مون کي گڏيندو، ١۴. مالڪ، خدا، ١۵. اصل، بنهه، ١٦. ينهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٧. اڙي، رڪيب، پير، ١٨. محوبن يعني پنهونءَ، ١٩. دل، من، ٢٠. جڙ، ميخ، ڪلي، ٢١. ترسئا، ٢٢. رستي ۾، ٢٣. اڄلي، ڦٽي ڪري، (هيءَ هٽي= هن کي ڇڏي يعني سسئيءَ کي ڇڏي)، ٢۴. هالار جبلن جي ڏاڪٽي قطار جو نالو، ٢۵. ساٿي، همراهه، ٢٦. اي ٻڙي، اي ادي، ٢٧. توکانسواءِ، ٢٨. پيشانيءَ کان سٿو چوٽيءَ يعني مٿيجي وچ تائين وارن وچان خط. مانگ # نه وارن ۾ سينڌ ڪيان ۽ نه ڦٽي ڏيان يعني هار سينگار نه ڪريان.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ ڏيسِي

داستان ائون

١

وَارُو[١] وَرُ[٢] وَنِي وِئَا، آرِيچَا[٣] اَظَلاَمَ[٤]،
آندائُون آرِيْءَ[٥] جَا، پُنُهُونءَ ڏي پَيغَامَ[٦]،
پَهَہ[٧] كئائُون پَاڻ ۾، مُونهَان[٨] مَخِفِي[٩] مَامَ[١٠]،
سَنيُوڙَا[١١] سَاٿُ كَٽِي، ويسَاهِي[١٢] وَرِيَامَ[١٣]،
كَاكِيُون[١٤] رَاتِ[١٥] قِيَامَ[١٦]، جيڏِيُون[١٧] جَتَ[١٨] كَري وِئَا.

٢

وارو وَرُ وَنِي وِئَا، جَابِرَ[١٩] كَري زورُ[٢٠]،
بِيْڏِي[٢١] ٿِئو پَنيُورُ[٢٢]، حَشَرُ[٢٣] كَري هَلِئَا.

٣

وارو وَرُ وَنِي وِئَا، جُوري[٢٤] سين جَابِرَ،
صَبُرُ[٢٥] كِيئَن صَابِرَ[٢٦]، اَچي عَجِيبَن ري.

---

١. هاءِ افسوس، ٢. مڙس، ڀتار، ڀتي، ٣. آريءَ جو اولاد يعني پنهونءَ جا ڀائر (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو نالو آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٤. ظالم، ڪُنور، ستمگر، ٥. پنهونءَ جي پيءُ، ٦. نياپا، سنيها، پارانيا، ٧. واحد پَهَہ = صلاح، رٿ، مشورو، ٨. مونکان، ٩. ڳجهي، لڪل، ١٠. ڳجهي ڳالهہ، ١١. تيار ٿي يا سنبري (هلئا)، ١٢. دلبو ڏئي، ٿڳي ڪري، ١٣. ويرَ، سياڻا، عاقل، پهلوانَ، سورما، ١٤. اي ڪاڪيون، اي اديون، ١٥. (گذريل) رات جو، ١٦. قيامت، ظلم، انڌير، مصيبت، ١٧. اي جيڏيون، اي سرتيون، ١٨. اوٺي، پنهونءَ جا ڀائر، ١٩. زوراورَ، ظالم، ٢٠. ظلم، زبردستي، ڏاڍائي، ٢١. خالي، ويران، سڃو، ٢٢. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڀرسان اٽڪل ٻہ ميل پري هڪ پراڻو شهر (جتي سسئي رهندي هئي، ٢٣. محرم مهيني جي ڏهين تاريخ وارو ڏينهن (جنهن تي امام حسين ۽ ان جو خاندان شهيد ٿيو، مصيبت جو ڏينهن، قيامت، ٢٤. ڏاڍَ، ظلم، زبردستيءَ، ٢٥. ماٺ، آرامُ، فرحت، ٢٦. صابر ڪي، صبر واري ڪي.

۴

وَارو وَرُ وَنِي وِئَا ، كَري ڏيرَ ڏَمَرُ،
هَاڻي تِئو حَشَرُ[١]، پُنَا[٢] ، قَولَ قِيَامَ[٣] جَا.

۵

وَارو وَرُ وَنِي وِئَا ، كَري ڏيرَ ڏورو[۴]،
سَاجَنَ[۵] رِءَ سَرتِيُون[٦]، تِئو آتَڻُ[٧] اُڏورو[٨]،
نِيَ[٩] سِين نِسورو[١٠]، سَرتِيُون جو سِتَمُ[١١] تِئو.

٦

وارو وَرُ وَنِي وِئَا ، ڏَاڙهِيءَ[١٢] يَنِيَا ڏيرَ،
ڏِيندِيَس ڏَادِين[١٣] ڏُونگَرِيَن[١۴]، اُنِين لِيءِ اُلِيَرَ[١۵]،
كِيچِ پُجَندي[١٦] كِيرَ[١٧]، وَجَڻَ[١٨] سين وَسُ[١٩] كَرِيَان.

٧

پُجَان جِي[٢٠] نَ پُجَان، وَجَڻَ سين وَسُ كَرِيَان،
سَگَرَ[٢١] ۾ سُجَان[٢٢]، تَ رَائِي[٢٣] ۾ رَڙِي مُئِي[٢۴]،

١. پورا ٿئا. ٢. پول. اهڃاڻ. روايتون. حديثون. ٣. قيامت. گناهن ۽ ثوابن جي حساب ڪتاب جي ڏينهن. ۴. زور. زبردستي. ڏاڍ. ۵. سڄڻ. محبوب. ٦. کان سواءِ. ٧. سٽ ڪتڻ جي جاءِ. عورتن جي ڪچهريءَ جي جاءِ. ٨. اڻ پورو. بي جسو. بي مزي. ٩. ڏوهڻ يا ڪتياڻيءَ يعني سسئي. ١٠. صفا. بلڪل. ١١. ظلم. ١٢. ڏاڙهيءَ ڀنيا = سهٽيءَ ڪاريءَ ۽ گهنديدار وارن واريءَ ڏاڙهيءَ يعني سونهاريءَ وارا. ١٣. ڏاڍن. ڏکين. ١۴. ڏونگرن يعني جبلن ۾. ١۵. جهوتون. گهٽون. سٽون. ١٦. رسندي. پهچندي. ١٧. ڪابہ نہ. ١٨. ڀنڌ ڪرڻ. ١٩. وس ڪريان= ڪين گهٽائيندس. ڪابہ ڪثر ڪانہ ڇڏينديس. ٢٠. يا. ٢١. رستي. وات. ٢٢. ٻڌجان. مشهور ٿيان. ٢٣. جبل جي واريءَ. جبل. ٢۴. دانهون ڪري.

٨

جَـذِيءَ[1] وَتِ جَالِي[2]، مَان[3] نَہ الله ڪَارڻِ[4] لِڳَ[5] سِيـنءَ،
آهِيَان آريءَ[6] جَامَ[7] جي، هت هُت حَوَالي[8]،
عَيبَ[9] مُون ۾ اَڳرا[10]، مَان نَہ نِرمَلُ[11] نِڪَالي[12]،
پَرِتِيَاٽِي[13] پَالي[14]، ڪَامِلُ[15] نِيندو[16] ڪِيَجَ[17] ڏي.

٩

پَرِتَنِ[18] پَالِيَاس[19]، بَانِيَڻ[20] بِيتي[21] آهِيَان،
حُسنَ[22] هوتَ[23] پُنهُونءَ جي، مَارِي[24] مُوت[25] وِڌِيَاس[26]،
جَانِڪِي[27] تَان جِيئَندِيَاس[28]، پِيَس[29] وَرِ[30] وِصَالَ[31] جي.

١٠

پَرِتَنِ جي پَاڙي[32]، جَاڙَ[33] گُذَارِيمِ[34] جِيڏيُون[35]،
جَنِي مُون کي مَارِئو[36]، سُورَنِ[37] سين سَاڙي[38]،
ايرادي[39] آٽي، سَانگِيَنِ[40] سين سَڳُ[41] ڪِئو.

١١

اَسين ذَاتِ[42] پَرِتَ، پورهِيَتَ[43] پُنهُونءَ جَامَ جَا،

---

١. معذور، بيمار (عشق جي)، ٢. رهي، ٽِڪي، ترسي، گذاري، ٣. مان نہ= شل، ۴. لڳ، واسطي، (الله ڪارڻ= الله لڳ)، ۵. ٿوري ساعت، گهڙي پلڪ، ٦. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردارجو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٧. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٨. ٻلي، سپرد، ٩. اوڻايون، ڏوهَ، گناهہ، ١٠. گهڻا، ١١. پاڪُ (پنهون)، ١٢. ڪڍي، ١٣. ڏوٻياٽي، ڪنياٽي، ١۴. حفاظت ۾ رکي، سنڀالي، ١۵. بي عيب، پاڪُ، گناهن ۽ پاپن کان آزاد، ١٦. ونئي ويندو، ١٧. رياست مڪران ۾ هڪ شهر (جتي پنهون رهندو هو)، ١٨. ڏوٻن، ڪتين، ١٩. مونکي پاليو، نپايو، يا تاتي وڏو ڪيو، ٢٠. ٻانيڻ جي، برهمڻ جي، ٢١. ڌيءُ، ٢٢. سونهن، ٢٣. محبوبَ، ٢۴. قاسائي، ٢۴. موت ۾، مصيبت ۾، ٢٦. مونکي وڌو، ٢٧. جانڪيتان= هميشہ، سدائين، ٢٨. زندهہ يا حيات رهنديس، اَمَرُ رهنديس، ٢٩. (جيڪڏهين) آئون ٿي وييس، ٣٠. حوالي، ٻلي، سپرد، ٣١. ميلاپَ، ٣٢. پاڙي ۾، ويڙهي يا محلي ۾، پرپاسي ۾، ٣٣. اجايو، بي فائدو، ٣۴. مون گذاريو، آئون رهي،، ٣۵. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣٦. ستايو، ڏکويو، ٣٧. دردن، ڏکن، ٣٨. پچائي، جلائي، ٣٩. قسمت، تقدير، ۴٠. سانگي يا اتفاق سان ايندڙن، مسافرن، پرديسن، ۴١. واسطو، ناتو، لاڳاپو، ۴٢. ذات يا قومَ جي نسبت سان، ۴٣. مزور، ڪمي.

هوت[1] ڪَتُورِيءَ[2] هيرِئُون[3]، مُون ۾ صابُڻ[4] ڇَتَ[5]،
آتَڻ[6] ۾ اُڪَتَ[7]، ڪَميٽيءَ[8] جي ڪامَ[9] ٿِئي.

١٢

گڏئو[10] ڏوبين[11] ذوءِ[12]، پُنهُونءَ[13] پارچو[14] هٿ ۾،
اُتي آريءَ[15] ڄامَ[16] جو، قاصِدُ[17] آيس ڪو،
ايءُ ڪامِلَ[18] ڪَمُ نہ[19] سَندوءِ[20]، پَهس[21] پَڃاڙين[22] پوتيا[23].

١٣

پَرواڻُو[24] پُنهُونءَ ذي، لِکئو آريءَ هوتَ،
ايءَ پَرَ[25] نہ پانهنجي، جيئن پَهس پَڃاڙين پوتَ،
هاڙهي[26] جا بَلوچ، ڪِ[27] لَڳُئي[28] نينهن[29] نيڻ[30] سين.

١۴

لَڳم نينهن نيڻ سين، آئُون ڪہ نہ ڄاڻان ايئن،#
مُون[31] هنيين[32] سين هيئن[33]، اَئين[34] آريچا[35] اُسهو[36].

١٥

آريچا اُنَ جي، ڪَنمِ[37] جي[38] ڪاهي[39]،

---

١. محبوبُ پنهون (هوت بلوچ قوم جو قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. ڪٿوريءَ جو، مشڪ جو، سُرهاڻ جو. ٣. هيراڪُ، عادي، ۴. صابڻ جي. ٥. ڌپ، بدبوءِ. ٦. سُٽَ ڪتڻ جي جاءِ، عورتن جي ڪچهريءَ جي جاءِ. ٧. اوگهڙ، بڌرائي، بدنامي، شهرت. ٨. نڪميءَ، بدڪار، خسيس. ٩. شل نہ. ١٠. گڏجئو، مِليو، همراهہ ٿيو. ١١. ڌوٻين سان، ڪٽين سان. ١٢. ڪپڙا ڌوئي يا (پاڻي ۾) آگهاري. ١٣. پنهونءَ کي (پنهون سسئيءَ جي محبوب جو نالو آهي). ١۴. ڪپڙو. ١٥. پنهونءَ جي پيءُ. ١٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ١٧. نياپو آڻيندڙ، ريبارو. ١٨. اي ڪاملَ، اي پاڪباز، اي برگزيدا. ١٩. ڌنڌو، پيشو، شغل. ٢٠. تنهنجو. ٢١. زور سان. ٢٢. سٽين، ڌوئين. ٢٣. پوتَ، پوتڙا، ڪپڙا. ٢۴. چٺي، خط. ٢٥. ريت، رسم. ٢٦. هاڙهي (جبل). لس بيلي اولهہ طرف واريءَ جبلن جي قطار کي هاڙهو جبل چوندا آهن. ٢٧. ڪيئن. ٢٨. توکي لڳو، توکي ٿئو. ٢٩. عشق، محبت. ٣٠. ڏوٻڻ، ڪنياٺيءَ # آئون ڪجهہ نٿو سمجهان، مونکي ڪا خبر ڪانهي. ٣١. منهنجي. ٣٢. دل. ٣٣. هيءَ حالت. ٣۴. اوهين. ٣٥. آريءَ (پنهونءَ جي قبيلي) جا اولاد. ٣٦. هلئا وڃو. ٣٧. مونکي ڪن. ٣٨. جيڪڏهين. ٣٩. ڪاهيندڙ، مهار وٺي هلائيندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَارِي[١] جَا وَاتُنِ[٢] جِي، جَهاڳِيَان[٣] سَيَائِي[٤]،
ڄُونِمِ[٥] تَہ آئِي[٦]، پورهِيَتَ[٧] جَامَ[٨] پُنهُونءَ[٩] جِي.

١٦

جَانِ[١٠] جَان اِئَن[١١] هُيَاسِ، پُنهُونءَ ڏوتَمِ[١٢] ڪَپِڙَا،
هَاٽِي اِئَن تِيَاسِ، جِيئَن ڇُلِي[١٣] پِيئَنيَسِ[١٤] ڇَپِرِينِ[١٥].

١٧

آئُون تَان[١٦] اِهِڙِيَائِي[١٧]، جَا بَانِهِيءَ ڪِي بَائِي[١٨] ڇَوَان،
مُون ڪَمِيَٽِيءَ[١٩] لاءِ، پُنهُون تِي پَرِٽُ[٢٠] تِئُو.

١٨

آئُون هَڏ[٢١] نِمَاٽِي[٢٢]، جَا بَانِهيُنِ ڪِي بَائِي ڇَوَان،
نِئُو[٢٣] مُونکِي پَاڻ سِين، پُنهُون آريَاٽِي[٢٤]،
پورهِيَتِ تِي پَاٽِي[٢٥]، بِيَنِ ڪُون[٢٦] بِيٽُون[٢٧] پَرِيَان.

١٩

نَالِي[٢٨] نِمَاٽِي، بَاجَهاري[٢٩] بَروچ[٣٠] رِي[٣١]،
ڪِئَائِين سَگُ[٣٢] سَيَدُ رح چَئِي، جَامَنِ سَان جَاٽِي[٣٣]،

---

١. ريتي، ڪڪري، سنهي پٿري، ٢. رستن، گسن. ٣. لتاڙيان. ۴. سموري، ۵. من مون کي ڇون، ٦. اچي ويئي، ٧. ٻانهي، مزور، ڪم ڪندڙ. ٨. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٩. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ١٠. يا، ١١. ان طرح، ١٢. منهنجا ڏوتا، ١٣. ڪاهي، ٿلڪي، رُلي، دربدر ٿي، ١۴. گهڙيس، داخل ٿيس. ١۵. ڇپرن ۾، جبلن ۾، ١٦. تہ. ١٧. گوليءَ، نوڪرياڻيءَ. ١٨. سائڻ، مالڪياڻي، ١٩. بدڪار، نڪمي، ٢٠. ڏوہي، ٢١. صفا، بنڪل، ٢٢. مسڪين، اڌين، ٢٣. وني وڃو، ٢۴. آري (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار کي آري يا آرياڻي چوندا هئا)، ٢۵. پاٽي پريان = غلامي يا خدمت ڪريان، ٢٦. ڪان، ٢٧. ٻہ ٻاگا زيادهہ، ٢٨. نالي ۾، ٻڌڄڻ ۾، ٢٩. قياس جوڳي، رحم جي لائق، ٣٠. پنهونءَ، ٣١. ڪان سواءِ، ٣٢. ناتو، دوستي، ٣٣. پروڙي، سمجهي، سوچي، ڪڏ يعني شوق ڪري.

پَاڻِ[1] نہ پَر تِيَاڻِي[2]، تِيَس حِمَايَت[3] هوتَ[4] جِي.

۲۰

پَرتِيَاڻِيءَ پَار[5]، ڪِديَا هوتَ پُنُهونءَ لَئي،
آهہ اَسَان جِي مَيَنِ[6] تِي، موڪَلَ[7] جِي مَيَارَ[8]،
تِي وِرُونهِي[9] وَٽَنِ سِين، جَهلِئو لاَمَ[10] لِيَارَ[11]،
ڪَندَنِ[12] ۽ ڪَرِيڙَنِ[13] ڪَان، پُڇِي[14] سَيڻَ[15] سُوَارَ[16]،
وِيجهِي تِي وَٽَ ڪَارَ، آرِيَاڻِي اِيندُس وَرِي.

۲۱

مُونکِي نِيئِي[17] وِيچِ[18]، بَاروچَاڻِي[19] سَاتَ[20] ۾،
آئُون پَڻِ وَجِي ڪِيچِ، بُڌَا[21] بَانِهِيَنِ[22] جِيئَن ڪَرِيَان.

۲۲

نَڪو ڪِيچ پَنِيُورُ، نَڪو مَائَٽُ مُنڌَ جو،
هُورُ[23] مُڙوئِي[24] هِنَ ڪِي، هوتَنِ ڪونهِي هُورُ،
زَارِيءَ[25] ڏَارَان[26] زورُ[27]، هَلِي ڪونہ حَبِيبَ[28] سين.

---

۱. خود، ۲. ڏوہياڻي، ڪنياڻي، ۳. همراهي، مدد، ۴. محبوب، پنهونءَ، ۵. ورلاپَ، اوسارا، آهہ و فغان، ٦. اڱڻ، ۷. رخصت يا الوداعي، ۸. (نہ وڻڻ جي)، ۸. ڏوهہ، قصوُر، حرف، ۹. حال يا ڏک وندي، درد ہڌائي، ۱۰. ٽاري، شاخ، ۱۱. ليارَ جي (ليار هڪ وڻ جو قسم آهي جنهن جو ڦر نارنگي رنگ جو قد ۾ مٽر جي داڻي جيترو ٿيندو آهي)، ۱۲. ڪندو وڻ جو هڪ قسم آهي جنهنجي ٽارين ۾ سنها ۽ ننڍا ڪنڊا ٿيندا آهن، هن جي ڦر کي سڱر يا سڱريون چوندا آهن، ۱۳. ڪرڙن (ڪرڙ وڻ جو هڪ قسم آهي جنهن جي گلن کي پسي، ڪچي ڦر کي ڏونئرا ۽ پڪل ڦر کي پڪا چوندا آهن)، ۱۴. معلوم ڪري، ۱۵. محبوبَ، ۱٦. اوٺي، جت، ۱۷. ڪٺي وڃي، وٺي وڃي، ۱۸. وڪڻ، ۱۹. بلوچن يا ہروچن جي، ۲۰. قافلي، اٺن جي قطارَ، ۲۱. (رنگ ۾ ہڌل يعني رڱيل) ڪپڙا، خدمتون، چاڪريون، ۲۲. گولين، نوڪرياڻين، ۲۳. فڪر، ڳڻتي، ۲۳. سمورو، ۲۵. آزيءَ نيزاريءَ، ۲٦. ڪان سواءِ، ۲۷. وس، ۲۸. محبوب.

۲۳

چُوري[1] نِدوري[2]، نَڪو مَائٽُ[3] مُنڌَ[4] جو،
سَوين[5] هَلَن سَاٿَ[6] ۾، ڪَمِي[7] ۽ ڪوري[8]،
آئُون اُنَهَن ۾ آهِيَان، لَنگهِي[9] ۽ لوري[10]،
لَنگهَائِيِن[11] لَطِيف چئي، ٿَرَن[12] جَا ٿوري[13]،
آهِيَان اَزوري[14]، تُنهِنجي زوري[15] جَبَلُ لَنگهَئَان.

۲۴

اَجَا ڪيچُ[16] اَڳي ٿِئو، پيرَ[17] نَہ لَهي[18] پَاري[19]،
روئي ٿي رِڃُن[20] ۾، جَهلئو وِڻَ ٿَاري،
نَڪو جَانبُ[21] جوءِ[22] ۾، نَڪا دِلداري[23]،
هِينئَڙو هيرَڻ[24] پَنَ جِيئَن، ڦُٽي[25] ٿِئو ڦَاري[26]،
هِيءَ وَهُہ[27] وِيچَاري[28]، تولاءِ توکي لِکئو[29].

۲۵

اَجَا پَنڌُ اَڳي ٿِئو، مُڙئو[30] سِجُ مَٿَان[31]،
ڏِيُ[32] مُنهِنجي ڏِيلَ[33] جو، وِئو هوتُ هَٿَان.

---

۱. يتيم، ڇوڪري جنهن جو ماءُ پيءُ مري ويو هجي. ۲. نياڳي، بدبخت. ۳. عزيز، رشتيدار. ۴. عورت (سسئيءَ). ۵. تمام گهڻا. ٦. قافلي، اٺن جي قطار. ۷. پورهيت، مزور. ۸. ڪپڙو اُڻندڙ، غريب، مسڪين ماڻهو. ۹. مڱڻهار يا خسيس زال، پنڻي. ۱۰. ڪميڻي، نيچ، ڪمذات، لنگهي. ۱۱. اڪارين، پار ڪرين. ۱۲. ٿرن ۾، برن ۾، رڻ پٽن ۾. ۱۳. هڪ گهٽ ذات جو نالو. ٿر ۾ هڪ گهٽ ذات. ٻاليشاهي، بدافعال، ٻانهي. ۱۴. ٻنان زور جي، ڪمزور. ۱۵. زور سان، آذَر سان. ۱٦. رياست مڪران ۾ هڪ شهر جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو. ۱۷. پيرن جا نشان. ۱۸. ڳولي سگهي، لڀي سگهي. ۱۹. ٻي ڪمي، ٻانهي، گولي. ۲۰. رڻ پٽن، بيابانن. ۲۱. جاني، محبوب. ۲۲. ملڪَ، ڏيهہ. ۲۳. همدردي (ڪرڻ وارو). ۲۴. هيرڻ جي (هيرڻ وڻ جو هڪ قسم آهي جنهن جا پن پاسن ڪان چيريل ۽ ڦاڪون ٿيل هوندا آهن). ۲۵. ڦاٽي، چيرجي. ۲٦. ڦارون، ڦاڪون. ۲۷. وَهَہ ۾ يا ڳڻتي يعني فڪر ۾ (عشق يا محبت جي). ۲۸. مسڪين، لاچاري بيواهي. ۲۹. نصيب، ڀاڳ، قسمت. ۳۰. لڙيو، لهڻ وارو ٿيو. ۳۱. ويتر. ۳۲. آسرو، آذارُ، ڀرجهلو. ۳۳. بدن، جسم، جان.

بَڏي[1] بَاروچو[2] وئو، جَمعُ[3] جَان[4] جَتَا[5]،
ڪَارڻِ[6] ڪيچ[7] ڌَڻين[8]، ڪَيَمِ[9] ڪَانَ ڪَتَا[10]،
مُونکي نِين[11] نَتَا، پِريَن[12] مُلڪِ[13] پَانهنجي.

٢٦

مُونکي نَتَا نِين، پِريَنِ مُلڪِ پَانهنجي،
ڏوبڻ[14] جي ڏيءُ ڪيئو، تَڏهين تا تَڙبَن[15]،
جي[16] گهَگهيرنِ[17] گڏينِ، تہ بُڌا[18] بَانهِينِ[19] جيئَنِ[20] ڪَريَان.

٢٧

مُونکي نَتَا نِين، جَتَ مُلڪِ پَانهنجي،
جي گهَگهيرنِ گڏينِ، تہ گولِي تي گُذارئَان.

٢٨

گولِي تي گُذارئَان، تہ مُون[21] وَڏو پَاڳُ[22]،
رَتُو[23] رُوئي پِريَنءَ ڪي، وڌمِ[24] تي ويراڳُ[25]،
جَنِ هِنئي[26] هُوتُ[27] وِسَارئو[28]، سي مَهند[29] نہ لهنديون[30] مَاڳُ[31]،
جِيءَ[32] جَڙَ[33] هُيمِ[34] جَنِ سين، سي لاهي[35] چَڙهئا[36] لاڳُ[37]،

١. جڪڙي، ٢. بلوچ، پنهون، ٣. گڏ، ۴. دم، ساهہ، دل، ۵. جتن سان، اوٺين سان، ٦. واسطي،لاءِ، ٧. ڪيچ جي (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٨. مالڪن يعني ڪيچين، ٩. مون ڪئي، ١٠. خيال، فڪر، ١١. وٺي وڃن، ١٢. محبوبَ، ١٣. ملڪ ڏانهن، وطن ڏانهن، ١۴. ڪپڙن ڌوئيندڙ، ڪتيائيءَ، ١۵. لوڏين، پري ڪن، ١٦. جيڪڏهين، ١٧. گهگهيرن سان، گهگهي پائيندڙ زالن يعني پروچياڻين سان (گهگهو= هڪ قسم جو ڊگهو چولو آهي جيڪو پروچ زالون پائينديون آهن)، ١٨. خذمتون، چاڪريون، ١٩. گولين، نوڪرياڻين، ٢٠. وانگر، ٢١. منهنجو، ٢٢. نصيب، قسمت، ٢٣. ڳاڙهو (پاڻي) يعني رت، خون، ٢۴. مون وڌو، مون اختيار ڪيو، ٢۵. دنيا ترڪ ڪرڻ وارِي حالت، ٢٦. هن دنيا ۾، ٢٧. محبوب (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون قبيلي جو هو)، ٢٨. ياد نہ ڪئو، ٢٩. هُن دنيا يعني آخرت ۾، ٣٠. حاصل ڪنديون، ٣١. جاءِ، مَقامُ، عزت آبرو، ٣٢. جيءَ جي، دل جي، ٣٣. ميخ، ڪلي، ڳانداپو، لڳاءُ، ٣۴. مونکي هئي، ٣۵. ختم ڪري، ٣٦. هلئا وئا (اٺن تي چڙهي)، ٣٧. واسطو، لاڳاپو، دوستي.

پَينرُ[1] هِنَ پَنيورَ[2] ۾، ڪَنهِن سين ڪَنديَس چَاگُ[3]،
اَندَرِ[4] ٿِئو اَجَهاگُ[5]، سَذَرُ[6] سُورُ[7] پِريَنءَ[8] جو.

وائي

لَڪَ[9] لَنگهِيائُون، وَجِي ذَيرَ[10] قَرارِئَا[11] ذيهَ[12] ۾،
تَن پِريَنِ ڪَني اُڪَندِي[13] آئُون، وَجِي ذَيرَ قَرارِئَا ذيهَ ۾.
چَڙهِي ڏُونگَرَ[14] چوٽِيِين[15] بَانڀِڻ[16] اُچَلِي[17] بَاهُون،
پَاسي[18] هُيَسِ پَريَتِ[19] جي، ڏوِڙِ[20] ڏِيءَ نَہ آئُون.

---

١. اي پينر، اي اديون. ٢. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري شهر جتي سسئي رهندي هئي. ٣. نخرو، ناز، ماٺو. ۴. اندر ۾، دل ۾. ۵. نہ جهاڳڻ جي لائق يعني تمام گهڻو. ٦. زيادہ، وڌيڪ، گهڻو. ٧. درد. ٨. محبوب. ٩. جبلَ. ١٠. مڙس (پنهونء) جا پائر. ١١. آرامي ٿئا، سُکئا ٿئا. ١٢. وطن (يعني ڪيچ). ١٣. سڪندڙ. ١۴. ڏونگر جي، جبل جي. ١۵. چوٽين تي، مٿاهين حصي تي. ١٦. برهمڻ زال يعني سسئي جيڪا ٻانڀڻ جي ڌيءُ هئي. ١٧. اچلي ٻانهون = هٿ کٽيو سڏ ڪري. ١٨. پاسي ۾، پر ۾، سنڀال هيٺ، پالنا هيٺ. ١٩. ڌوٻيءَ، کٽيءَ. ٢٠. ڌوٻڻ جي.

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ديسي

داستان نائون

١

جيئن[1] سي هَرڻ[2] هُماءُ[3]، سَرگردان[4] سَنسار[5] ۾،
هُو[6] پَگ[7] نہ ڌَري[8] پَٽيين[9]، هيءُ[10] ڌَر[11] سِر[12] ڌَري نہ ساهُہ،#
جيڪُس[13] تَنِ مُلا[14]، سَسُئيءَ[15] سُور[16] پِرايو.

٢

رات ڏِنائين روجهہ[17]، پَانءِ[18] ڪہ[19] اوٺي[20] آيا،
پِريتَڻي[21] پِرين[22] جي، سِڪَڻ[23] ڪئي[24] سَبُوجهہ[25]،
هُئي گهٽو اَبوجهہ[26]، سُورَنِ سُونهائي[27] سَسُئي.

٣

روجهہ ڏِنائين رات، پَانءِ ڪہ اوٺي آيا،
ڪيچين[28] جي ڪَڙِي[29] تي[30]، توءِ[31] تَني جي تات[32]،
بَاروچاڻي[33] ذات[34]، مَنان[35] مُئي نہ وِسَري[36].

---

١. جهڙيءَ طرح. ٢. هڪ حلال جهنگلي جانور، مِرگهہ، غزالُ. ٣. هڪ خيالي پکي (ماڻهن جي عقيدي موجب جنهن بہ شخص تي هُماءَ جو پاڇو پوندو اهو بادشاهہ ٿيندو)، ۴. حيران، پريشان، رولو. ۵. دنيا، جهان. ٦. يعني هرڻ. ٧. پير، قدم. ٨. رکي يا کوڙي. ٩. پٽن تي، ميدانن تي، زمين تي (پگ نہ ڌري پٽيين= هميشہ رلندو وتي. تاتار ملڪ جي هڪ علائقي نالي خُتَن ۾ هڪ هرڻ ٿيندو آهي جنهن جي ڏُن ۾ مُشڪ هوندي آهي. اهو هرڻ هڪ نريو يعني هن جون ٽنگون هڪڙي هڏي جون ٺهيل هونديون تنهن ڪري زمين تي ويهي نہ سگهندو ۽ بيٺي ننڊ ڪندو آهي)، ١٠. يعني هماءُ. ١١. ڌرتيءَ، ١٢. تي # زندگي ننو گذاري، ١٣. شايد، ١۴. وٺان، ١۵. درد (عشق) جو. ١٦. حاصل ڪئو، ١٧. واحد روجهہ، گانءِ يا ڏڳيءَ جي شڪل تي هڪ جهنگلي جبل ۾ رهندڙ جانور، جابلو گانءِ، ١٨. (سمجهيائين) جڻ تہ يا شايد تہ ، ١٩. ڪي، ٢٠. جت، پنهونءَ جا پائر، ٢١. محبت، ٢٢. محبوبن، ٢٣. پيار، محبت، ٢۴. ڪئي، ٢۵. سياڻي، سمجهدار، ٢٦. بي سمجهہ، نادان، ٢٧. واقف ڪئي، داناءَ ڪئي، ٢٨. ڪيچين ڪي، ڪيچ جي رهاڪن ڪي (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون اتي رهندڙ هو)، ٢٩. جيڪڏهن، ٣٠. ناپسند، اڻ وڻندڙ، ٣١. تنهن هوندي بہ، ٣٢. يادگيري، ٣٣. ٻروچن جي، بلوچن جي، ٣۴. خاندان، ڪڙم، قبيلو، ٣۵. من مان، دل مان، ٣٦. مرندي وقت، مرڻ جي حالت ۾، مرڻ گهڙيءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

جبَل ۾ جانار[1]، سرهه[2] گڏبئي[3] سسُئي،
پنيءَ[4] پئي پوارئين[5]، بانيڻ[6] جي باڪار[7]،
هوتاڻي[8] هيڪار[9]، مولي مونکي ميڙيين.

۵

سمُر[10] نه جني ساڻ، هوتُ حمائتي[11] تن جو،
چنا[12] اڏبا[13] چپرين[14]، ايندو پنهون پاڻ،
تيندي روح رهاڻ[15]، لحظي[16] ۾ لطيف چئي.

٦

هي[17] جي آيا هير[18]، سي جت نه پسان جوءِ[19] ۾،
آئُون ترسان هو تڪڙا[20]، پٽ[21] نه ڪوڙين[22] پير،
پنيپوليس[23] برن[24] ۾، پسي پيندين[25] پير[26]،
آءُ اربا ٽي اسري[27]، تي واهر[28] جي وير[29]،
هيءَ ڪميٽي[30] ڪير[31]، تُون پارس[32] رسج پپ[33] ۾.

---

١. پهاڙ. ٢. جاندار، جانور. ٣. ڦاڙهي جهڙا، جهنگلي حلال جانور (ڦاڙهو. هرڻ جهڙو وڏن ۽ شاخدار سڱن وارو جانور آهي جيڪو پيلن ۽ جبلن ۾ رهندو آهي). ۴. ٻنيءَ جو. پوئينءَ رات جو. ۵. ٻوَ واري، خوفناڪ، هيبتناڪ. ٧. برهمڻ زال يعني سسئي جيڪا ٻانيڻ جي گهر ۾ ڄائي هئي. ٧. دانهن، رڙ. ٨. هوت جو اولاد، يعني پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهونءَ ان قبيلي مان هو). ٩. هڪ دفعو. ١٠. مال اسباب (دنياوي). ١١. همراهه، مددگار. ١٢. ڍنگا، جهوپڙيون، ڪکن جا گهر. ١٣. ٺهندا، جڙندا. ١۴. ڇپرن ۾، جبلن ۾. ١۵. روح رهاڻ= ڪچهري، ملاقات، ميلاپ. ١٦. ٿوري وقت اندر، جلدي، سگهي. ١٧. هِي (ماڻهو). ١٨. هاڻ، هن وقت، ٿورو وقت اڳي ١٩. مُلڪ، ماڳ، علائقي. ٢٠. بيهان، وِهان، انتظار ڪريان، واجهايان. ٢١. پٽ تي، زمين تي. ٢٢. رکن. ٢٣. پلجي يا منجهي پيس، بتال ٿي ويس، هوش وحواس وڃائي ويٺيس. ٢۴. رڻ پٽن، بيابانن. ٢۵. پيندين جا، جهنگ جي جانورن يا مرن جا. ٢٦. نمونا، قسم. ٢٧. هلي، وڃي، پنڌ ڪري. ٢٨. مدد، همراهيءَ. ٢٩. ويلَ، وقتُ، مهل ٣٠. نڪمي، بدڪار. ٣١. ڪجهه نه يا ڪا هستي نه (آهي). ٣٢. پٿر جو هڪ قسم جو لوهه سان گسي ان کي سون ڪري ڇڏيندو آهي، استاد ڪامل. ٣٣. پب جبل ۾ (-هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار جو نالو پب آهي).

٧

أُٺَ وِيرِي[1] اوٺَارَ[2] وِيرِي، ٿَئَا وِيرِي ڏِيرَ[3]،
چوٿُون وِيرِي وَاءُ ٿِئو، جَنهِن لَٿَئَا[4] پُنوهَ پيرَ[5]،
پَنجُون وِيرِي سِجُ ٿِئو، جَنهِن اُلَهِي[6] ڪِي اوبِرَ[7]،
ڇَهُون وِيرِي چَندُ ٿِئو، جو ڪِڙِئو[8] نَہ وَڏِيءَ وِيرَ[9]،
سَتُون وِيرِي ڇَپَرُ ٿِئو، جَنهِن سَنوَان[10] ڪِئَا نَہ سِيرَ[11]،
وَاهِيرِي[12] جِي وِيرَ، ٿِي ڇُلُون[13] ڪَرِيَان ڇَپِرِينَ[14].

٨

أُٺَ وِيرِي اوٺَارَ وِيرِي، اُٺَن وِيرِي ڏَاڻَ[15]،
آئُون سُتِي هُوَ هَلِئَا، پَاتَائُون[16] پَلاڻَ[17]،
مُون پَانِيو مِهمَانَ، پَرَ هُو پُنهُون وَڻَ آيَا.

٩

ڪِيچِي ڪَالَهَ[18] ڪَهِلِي[19] وِئَا، اَدِيُون آڏِيءَ رَاتِ،
جَاڳَان تَان[20] جيڪِي[21] ٿِئو، وَهَاڻِيءَ[22] پِرِڀَاتَ[23]،
ڦُوڙَائو[24] فَقِيرَ[25] ڪِي، ڏِنُو جَتَن سَندِيءَ ذَاتِ.

---

١. دشمن، مخالف. ٢. اوٺي، جت. ٣. مڙس (پنهون) جا پاٿر. ۴. ڍڪئا (مٽيءَ سان). ۵. پيرن يا قدمن جا نشان. ٦. لهي، غروب ٿي. ٧. دير. ٨. اڀرئو. ٩. مهل، ويلَ، وقت (وڏيءَ وير= سويل، سوير). ١٠. سِڌا. ١١. ڳس، رستا. ١٢. آڪيري، آهيري (واهيري جي وير= شام يا سانجهيءَ جي مهل، جڏهين پکي پنهنجن آکيرن ڏانهن واپس ٿيندا آهن). ١٣. ڊوڙون، جهوتون، ستون. ١۴. ڇپرن ۾، جبلن ۾. ١۵. جانورن جي پيرن ۾ ٻڌڻ لاءِ رسا يا نوڙيون. ١٦. وڌائون (انن جي پٺين تي). ١٧. واحد پلاڻُ= اٺ تي بار لڏڻ يا سواري ڪرڻ جي واسطي ڪاٺيءَ جي بجاءِ ان جي پٺيءَ تي رکڻ لاءِ ڪکن ۽ ڏڀن مان ٺهيل ٻندو جنهن جي پاسن سان مضبوطيءَ لاءِ ڪاٺ جا ڏنڊا ۽ اڳئان ڪاٺ جو ڪتبُ لڳل هوندو آهي. ١٨. گذريل ڏينهن. ١٩. هلئا، نڪري. ٢٠. تہ. ٢١. جو ڪجهہ. ٢٢. گذرڻ بعد. ٢٣. فجر، پرهہ ڦٽي (وهاڻيءَ پرڀات= صبوح جو). ٢۴. وڇوڙو، جدائي. ٢۵. مسڪين، ويچاريءَ.

رَفِيعُ الدَّرَجَاتِ، پَرمَلُ پُنهُون مِيڙِيِن.

١٠

هَيْ هَي ڪِئو هَاءِ، تَني پَاڻُ هَٽَيِ سِر پَاهَڻِين،
لَڏَائِين لَطِيف چَئي، جُوءِ جَتَن سَندِي جَاءِ،
شُڪُرُ بَارَ سَدَاءِ، جِيئَن سَتيَارِي سَاٿَ مِڙِي.

١١

تَان جي هوتَ نہ ڪَنِ، جو تُون پَسي سَگَ سَرَهِي ٿِي،
ڪوڙِيِن ڪُنيُون ڪَيترِيُون، بَانهيُون بَاروچَنِ،
سَندي ذَاتِ جَتَنِ، آهي اَباجَهي گَهَڻُو.

١٢

پَسي سي سَرَهِي ٿِي، جي مَيَنِ لَنگهَئا مَسَ،
تَٿُ تَنِ ڪي نَاهِ ڪو، لَڪَ مِڙِيئي لَسَ،
حُبَ جَنهِين کي هوتَ جو، وِندُرِ تَنهِين کي وَسَ،
سَنديءَ چَانگَنِ چَسَ، پِير نَرَنديءَ پَبَ مِ.

١. اي رفيع الدرجات، اي درجا بلند ڪرڻ وارا، اي خدا. ٢. پِين جو مددگار، پاڪَ. ٣. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ۴. ملائيِن. ۵. هَي هَي= هاءِ هاءِ، گهوڙا ڙي، افسوس. ٦. پنهنجو بدن. ٧. سٽي يا ڪيرائي (زور سان). ٨. مٿان، تي. ٩. پهڻن، پٿرن، جبلن. ١٠. ڏنائين. ١١. جاءِ، هَنڌ، ملڪ، وطن. ١٢. اوٺين (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن). ١٣. جي. ١۴. مهرباني، ٿورو، احسان. ١۵. بارَ جو، باري تعاليٰ جو، خدا جو. ١٦. هميشہ. ١٧. جيڪڏهين. ١٨. ستيا واري، وفادار، سچي. ١٩. ساٿ سان، (انُن جي) قافلي سان. ٢٠. ملي، گڏجي. ٢١. البت. ٢٢. جيڪڏهين. ٢٣. محبوبَ، پنهون (هوت بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي پنهون ان قبيلي مان هو). ٢۴. ناتو، قرابت، عزازت. ٢۵. خوش. ٢٦. ڪروڙين، تمام گهڻيون. ٢٧. تباهہ يا فنا ڪيون، ماريون. ٢٨. گوليون، نوڪرياڻيون. ٢٩. پروچن يا بلوچن (پنهون ۽ ان جي ڀائرن). ٣٠. قوم، خاندان، قبيلو. ٣١. بي قياس، بي رحم، بنان ڀاڄهہ جي. ٣٢. ڏسي. ٣٣. اُن. ٣۴. پار ڪٿا، اورانگهيا. ٣۵. مشڪل سان، تڪليف سان. ٣٦. ڇيهہ، حَدَ، شمارَ، انتَ. ٣٧. جبل. ٣٨. هڪ جهڙا. ٣٩. حبَ، محبت، عشق، سِڪ ۴٠. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل. هڪ نئَن ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. ۴١. سرسبز علائقو، سبزو، وسندي. ۴٢. اُن. ۴٣. چس سبب، شوق، محبت يا پيار سبب. ۴۴. پير نَرنديءَ= تنهنجا پير نرندا يعني توکي فرحت يا آرام ٿيندو. ۴۵. هالار جبلن جي ڏاکڻيءَ قطار جو نالو.

١٣

ڪارا ڏَنِم[١] ڪانگَ[٢]، لَمَندا[٣] لَڪَنِ[٤] ۾،
چانڪ[٥] پَڪا[٦] پُنهُونءَ[٧] جامَ[٨] جا، تان[٩] وَتَن[١٠] تا ويڙانگَ[١١]،
نَڪا وَسي[١٢] وِچ[١٣] ۾، نه آنگَ[١٤] نه چانگَ[١٥]،
سُپيريان[١٦] جي سانگَ[١٧]، مادرِ[١٨] ماريِ[١٩] آهيان.

١٤

مُنڌَ[٢٠] مَ مَنهِ[٢١] ويهُه، اُپي[٢٢] اوسيڙ[٢٣] اُسَ[٢٤] ۾،
تو سسئي سيڻَ ڪِئا، ڏُور جَني جو ڏيهُه،
پازيِ[٢٥] پازيِ پيهُه[٢٦]، پُڄ[٢٧] وَتندي[٢٨] پِرينءَ ڪي.

١٥

مُنڌَ نه منجهان تَنِ، پَسي لَڪُ لُڏَنِ[٢٩] جي،
جا پَرِ[٣٠] ڪاهوڙين[٣١]، سا پَرِ سِکي[٣٢] سسُئي.

١٦

مَتان[٣٣] ڪا مُنڌَ ڏئين، پاهي[٣٤] پَسي پَبُ،
اڳِئان ڪَؤُ[٣٥] مَ ڪَبُ، اِي قالِي[٣٦] آڏو[٣٧] ڪيچ ڪي.

١. مون ڏنا (ڪنج ۾ "ڏٺائين" لکيل آهي)، ٢. واحد ڪانگ= ڪاري رنگ واري پکيءَ جو هڪ قسم، ڪانءُ، زاغ، غراب. ٣. اڏامندا، ٤. جبلن، ٥. مون ڄاتو تہ يا ڀانيو تہ. ٦. (ڪکن جا نهيل)، گهرَ: جهوپڙا. ٧. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٨. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٩. البت، ١٠. گهمن، ڦرن، هلن. ١١. گدلا، بدشڪل، ١٢. وسند،ي ڳوٺ، آبادي، ١٣. رستي، ١٤. لفظ "چانگ" جو ڏوڙي جهڙيءَ طرح گهر جو ڏوڙي تڙ، ١٥. ٻولي، آوازَ (ساهہ وارن جا)، ١٦. محبوب، پرينءَ، ١٧. وڇوڙي، جدائيءَ، ١٨. اي مادر، اي امڙ، ١٦. تباهہ يا برباد ڪئي، * هن بيت جون پهريون بہ مصراعون شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جون آهن ۽ تضمين طور ڪتب آنديون ويون آهن، ٢٠. اِي منڌ، اي زال (سسئي)، ٢١. منهہ ۾، ڪکن ۽ ڪانن جي نهيل ڇني يا گهر ۾، ٢٢. بيٺي، ٢٣. اسڙڪ، انتظار يا اوسيڙو ڪر، ٢٤. ڌُپ، ٢٥. پاڙي پاڙي ۾، محلي محلي ۾، گهر گهر ۾، ٢٦. گهڙ، داخل ٿيءُ، ٢٧. ڳول، نهار، ٢٨. هلندي، ڦرندي، ٢٩. ڏڄن، همت هارين، ٣٠. ريت عادت، دستور، ٣١. ڪاهوڙين جي، جهنگ جي گاهن يا ٻوٽن مان پيدا ٿيندڙ ان ۽ ڦل تي گذران ڪندڙن جي، محنتي ماڻهن جي، ٣٢. پرائي، حاصل ڪئي، ٣٣. بلڪل نہ، اصل نہ، مبادا، ٣٤. پَٽِ، ڀُني، موٽ، ٣٥. خوف، خطرو، ڪَبَ، ٣٦. زندگي، حياتي، ٣٧. رنڊڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧

مَردَ جَنهِن مَاتُ ڪِئَا، سَسُئِي لَنگهِئو سو،
جَبَلُ وڏو جو، نُوڻِ مِڙوئي نِينهَن کي.

١٨

چِپِرُ چِمَرُ پَانيَان، ڪَانِيُو ۽ ڪَارو،
پَبُ وِجهنديَس پُٺ تي، صُبوحِ سَوارو،
وِجڻُ مُون وَارو، ڪِين وِهَنديَس وِچ ۾.

١٩

چِپِرُ ۽ چِمَرُ، تا لَڳهِي لَڳَنِ پاڻ ۾،
آئُون پِيادي پَتِيين، نِمَاڻي نِڌَرَ،
اَرڙا ڏونگَرَ ڪَرڪَرا، وِيڌَ ونگايُون وَرَ،
سُوڙها جِتِ سَگَرَ، تِتِ بَاتَاڙَنِ بِيلِي تِيين.

٢٠

بِيلِي نَاهِ يَنِيُورَ ۾، تَنهِن سَسُئِيءَ جو صَحِي،
ڏِمَرُ ڏِيرَنِ مَنَ ۾، ڪَندا مُنڌَ ڪُهِي،

---

١. نَرُ (ماڻهو)، پهلوان شخص، ٢. نابود، فنا، زيرِ، شڪست ڪاڏل، ٣. پار ڪئو، ۴. اهو (جبل يا پهاڙ)، ۵. اوچو، بلند، ٦. هيٺاهين زمين، ٧. سمورو، ٨. عشق، محبت، ٩. جبل، ١٠. اڃو ڪَڪرُ جو مينهن نہ وسائي ۽ لنگهڻ ۾ آسان، ١١. سمجهان، ١٢. ۽، ١٣. جبلن جا نالا، (ڪانيو جبل نئن بارڻ جي پرسان واقع آهي ۽ ڪارو جبل حب ندي جي اوريان آهي)، ١۴. جبل جو نالو، (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پب جبل چوندا آهن)، ١۵. ڇڏيندي‌س، لنگهي ويندي‌س، ١٦. پٺيان، پوئتي (وجهنديس پٺ تي= لنگهي ويندي‌س)، ١٧. صبوح جو، سج ايرڻ مهل، ١٨. سويلو، ساجهر، ١٩. هلڻ، پنڌ ڪرڻ، سفر، ٢٠. منهنجي، ٢١. واري ۾، نصيب يا قسمت ۾، ٢٢. ترسنديس، ساهي ڪٽنديس، ٢٣. رستي، ٢۴. گهاٽا ۽ ڪارا ڪڪرَ، ٢۵. گسن، وچڙن، ملن، ٢٦. پيرن سان پنڌ ڪندڙ، ٢٧. پٽن ۾، ميدانن ۾، ٢٨. ويچاري، مسڪين، ٢٩. بي واهي، بي يارو مددگار، ٣٠. ڪرڙا، سخت اوچا، بلند، ٣١. جبلَ، ٣٢. اڙانگا، اوکا، ارڏا، ٣٣. ويڌ جون يعني ظلم جون، مشڪلاتون، تڪليفون، سختيون، ٣۴. ڏنگايون، وَڪڙ، ٣۵. اي ورَ، اي پتار، اي ڪانڌ، ٣٦. تنگ، ويڪر ۾ ننڍا، ٣٧. رستا، ٣٨. منجهيلن، بتالَ، موڙهلن، ٣٩. همراهہ، مددگار، ۴٠. لٺي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ اٽڪل ٢ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي، ۴١. سچو (همدرد)، وفادار، ۴٢. ڪاوڙ، غصو، ۴٣. مڙس جا پائرَ، ۴۴. دل، ۴۵. عورت، زال (سسئي)، ۴٦. برباد يا تباهہ (قتل ڪري).

لَنگهائي[1] لطيف چئي، ڪَٽِجِ[2] جامَ[3] ڪُهيِ[4]،
هِيءَ مَعذُورِ[5] هَڏِ[6] نَہ مُئِي[7]، تُون ڪانڌَ[8] مَرَ وَجِجِ ڪيڏهِين.

٢١

بيلِي[9] تِئو مَروئا[10]، تَہ ڏُونگرُ ڏوريان پِرينءَ لاءِ،
هَڏُ[11] وِجهنديس[12] چيپرين[13]، ماهُه[14] آن[15] جو ڳاهُه[16]،
اکِيُون ڇَڏِيجا، جَنِ سان پَسان پِرينءَ کي.

٢٢

واءَ[17] وَجاءِ[18] مَرَ سو، پُنيءَ جَنهن پَنڌُ ڪَريان،
چَٽا[19] چيپَر[20] پِرينءَ جو، پير[21] پَرنئان[22] تو[23]،
بَرِ[24] بُوراڻو[25] جو، سو لَکي مَتان[26] لَتِيِين[27].

٢٣

واءَ وجايُمِ[28] ڪالَهہ، پُني جَنهن پَنڌُ ڪَريان،
وَجَڻُ[29] مُون[30] واتَي[31] پئو، هوتَنِ ڪارَڻِ حالَ[32]،
جَبَلَ ڏوريان جَالَ[33]، ڪارَڻِ پير پُنوهَ جي.

١. اڪاري، پار ڪري، ٢. وٺي وڃج، ٣. اي جامر، اي سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب هو)، ۴. ٽڪل، ماندي، ۵. عذر واري، جڏي، (عشق جي) بيمار، ٦. بلڪل، صفا، ٧. مري يا فوت ٿي وئي، ٨. اي ڪانڌ، اي پيارَ، اي مڙس، ٩. همراهہ، مددگار، ١٠. اي مِروُئو، اي جانورو، ١١. بدن يا جسم جا هڏا، ١٢. اُڇلي ڦٽو ڪنديس، ١٣. ڇپر ۾، جبل ۾، ١۴. گوشت، ١۵. اوهان، ١٦. ڪاچ، ڪاڏو، ١٧. اي واءَ، اي هَوَا، ١٨. گمرُ ڪر، ڊاهہ، ١٩. اي چٽا، اي طوفان، اي واءَ، ٢٠. ڇپر ۾، ٢١. پير جو نشان، ٢٢. حوالي يا سپرد ڪريان، ٢٣. تنهنجي، ٢۴. بر ۾، رڻ پٽ ۾، بيابان ۾، ٢۵. سونهون، رهبر، ٢٦. بلڪل نہ، اصل نہ، ٢٧. گم ڪرين، ڊاهين، ٢٨. مونکي وڃائي يعني گم ڪري ڏنو (پنهون جي قافلي جي پيرن جو نشان)، ٢٩. هلڻ، پنڌ ڪرڻ، ٣٠. منهنجي، ٣١. واٽي ۾، نصيب ۾، ٣٢. هاڻ، هينئر، في الفور، ٣٣. گهڻو.

(٢٤)

لَڳي[1] لَڳي واءُ[2]، لَتي[3] وئو اڱُڙا[4]،
پيئِي ڪَٽي پَسَاهُه[5]، پَسَڻَ[6] ڪَارَڻِ[7] پرِينءَ[8] جي.

وائي

سَڳَر[9] مَنجهه سُٽِين[10]، اي يَا الله،
سَڌَ[11] مُنهِنجا سُپرِين[12]،
ڪَا جَا اُرڪَ[13] اوتِيِن[14]، ڪَرَهَلَ[15] ڪوڏ[16] ڪَشِين[17]،
ڪَامِلَ[18] ڪَڇِيءَ[19] تَندُ[20] جِيئَن[21]، ڳَالهَائِين[22] ءِ ڳنڍِين[23].

١. ڳهِلي ڳهلي، ٢. هوا، ٣. ڏاهي، متي مٿان ورائي، ڳر ڪري، ٤. عضوا، بدن، جسم، ٥. دم، ساهہ، ٦. ڏسڻ، ٧. واسطي، ٨. محبوب، ٩. رسٽي، وات، ١٠. ٻڌن (شال)، ١١. واڪا، دانهون، ١٢. پرين، محبوب، ١٣. منشا، مراد، نيت، ١٤. اوٺين ڪي، جتن ڪي، پنهونءَ جي پائرن ڪي، ١٥. اٺ، ١٦. ڪوڏ مان، هيج مان، شوق سان، ١٧. ڪاهين، پڇايو وڃن، ١٨. بزرگ، برگزيدهہ، بي عيبَ، ١٩. اٺ وٺيل، ٢٠. سنهڙي ڏاڳي، ٢١. وانگر، ٢٢. پيار جون ڳالهيون ڪن، ٢٣. جوڙين، ملائين.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سُر ديسي

داستان ڏهون

١

ڄا[1] جي[2] ڏنگا[3] ڏير[4]، مُنهنجو ڏينهن[5] ڏنگو[6] مَ[7] ٿئي،
اُنَنِ ۽ اونيـڙَيَن[8] جي، ڄا[9] وَهيٽو[10] وير[11]،
هيءَ ڪَميٽي[12] ڪير[13]، ڄا اَمُر[14] ڪي آڏي[15] ڦري[16].

٢

ڏاگها[17] ڪيمَ[18] ڏرو، اَڄا آرياڻي[19] اڳي ٿئو،
موڙي[20] مَجَرَ[21] تاريون[22]، ڄانگا[23] آئين[24] ڄرو[25]،
آن[26] تان حَرف[27] هَرو[28]، مُورائين[29] مَعاف[30] ٿئو.

٣

اڳي اُنَ رڙن، مون[31] پيري[32] ماٺ[33] تي،
پَلاَٽيندي[34] پاڻ ۾، ڪُڇيئو[35] ڪينَ ڪُنَن[36]،
ڪا ڄا[37] مام[38] مُنَن[39]، هِن[40] پُڻ هئي هن سين[41].

١. ڄا تي پيو، پرواهه نه آهي. ٢. جيڪڏهين. ٣. ارڏا، سرڪش. ۴. مڙس (پنهوءَ) جا پائر. ٥. نصيب، ڀاڳ. ٦. خراب، ڦتل. ٧. شل نه. ٨. اونين، جتن، پنهوءَ جي پائرن. ٩. ڪجهه به نه. ١٠. اختيار ۾، وس ۾. ١١. دشمنيءَ، مخالفت. ١٢. نڪمي، بدڪار. ١٣. ڪهڙي هستي. ١۴. حڪم (خدا جي). ١٥. اڳيان. ١٦. اچي (آڏي ڦري= نه قبول ڪري). ١٧. اي ڏاگهئو، اي أئو، اي أنو. ١٨. رنيو، رڙيون يا دانهون ڪريو. ١٩. آري يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون ٢٠. ٻيجي، توڙي، چني. ٢١. مجر واريون، گوُنچن يا ڪچن ڀڻن واريون. ٢٢. (وڻن جون) شاخون، ڏاريون. ٢٣. اي چانگئو، اي أنو. ٢۴. اوهين. ٢٥. ڪائو. ٢٦. اوهان. ٢٧. ڏوهه، خطا، ڀُلَ، قصور، ڀڇاٽو، ميار. ٢٨. لفظ "حرف" جو ڏوڙي جيئن ڀاٽي ڀرپ يا ڀڇا ڳاڇا. ٢٩. صفا، بلڪل، مورهين. ٣٠. درگذر، عَفوَ، بخش. ٣١. منهنجي. ٣٢. ڀيري ۾، واري ۾. ٣٣. خاموشي، سانت، چُپ. ٣۴. پلاٽن پوڻ جي وقت، وڃڻ وقت. ٣٥. ٻوليو، دانهون ڪيون، رِنگون ڪيون ٣٦. ڪُتلن، مصيبت جي ماريلن، بدبختن، نياڳن. ٣٧. اهڙي. ٣٨. ڳجهي صلاحَ، رازداري. ٣٩. مصيب جي ماريلن، نياڳن. ۴٠. انن ڏانهن اشارو. ۴١. پنهوءَ جي پائرن ڏانهن اشارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤

اُنَ مَر اوڙي[1] آڻِ[2]، ڏاگهَنِ[3] ڏٺِي[4] آهِيان،
مُوٽائي[5] مُنَنِ[6] کي، پَري نِيئِي[7] پَلاڻِ[8]،
هوتُ[9] مُئيءَ[10] جو هاڻِ[11]، پُنهُون نِيائُون[12] پاڻَ سين.

٥

ڏاگهَنِ ڏيرَنِ[13] ڏونگَرَنِ[14]، ڏُکَنِ[15] آئُون ڏٺِي[16]،
پُڄان[17] پيرُ[18] پُنهُونءَ جو، وِجهان وِکَ[19] وَڏي[20]،
لِکئي[21] آئُون لَڌي[22]، نَه تَه پَٽَنِ[23] کيرُ[24] پَنڌَ[25] ڪَري.

٦

ڏاگهَنِ ڏيرَنِ ڏونگَرَنِ، تِنهي ڏِنَمِ ڏُکَ،
سي سَڀِ پانيمِ سُکَ، هيڪاندِ[26] ڪارڻِ هوتَ جي.

٧

ڏاگهَنئُون[27] ڏيرَنِ، جي هُوندَ[28] آندا پَڙدَ[29] پِنيُورَ ۾،
ڪُڙيءَ[30] ڪُڙڪو[31] اُنَ جو، سُتي سُئو سَيَنِ[32]،
هَٽي[33] چِيلَ[34] چَرا ڪِئا، وَهِه[35] پَئي وَهُڙَنِ[36].

---

١. ويجهو (مون ڏانهن)، ٢. کاهي اچ، ٣. ڏاگهن جي، ائن جي، ٤. ستايل، ڏٺل، ڏکويل، ٥. واپس ڪري، ٦. مصيبت جي ماريلن، نياڻن، ٧. وٺي وڃي، ٨. پلڻ ۽ پاڪڙا وجهه، سواريءَ يا بارَ کڻڻ لاءِ تيار ڪر، ٩. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٠. مصيبت جي ستايل، بدبخت، نياڳيءَ، ١١. هينئر، هن وقت، تازو، ١٢. وٺي وئا، ١٣. مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن، ١٤. جبلن، ١٥. سورن، تڪليفن، دردن، ١٩. ساڙي، مُٺي، ستائي، جَلائي، ١٧. ڳوليان، ووڙيان، ١٨. پير جو نشان، ١٩. قدم، چال، گامَ، رفتارَ (هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ وارو ويڇو يا مفاصلو)، ٢٠. اڳتي يعني تيز يا تکي ٿي، ٢١. لکئي جي، نصيب يا قسمت جي، ٢٢. لَڌل، ٻَڌل، قابو ڪيل (لکئي آئون لڌي= منهنجي تقدير يا نصيب ۾ لکيل هو)، ٢٣. پٽن ۾، برپٽن ۾، ٢٤. کهڙي عورت يا زال، ٢٥. سفرُ، ٢٦. ميلاپَ، وصلَ، ٢٧. ڏاگهن جي بدران يا بجاءِ، ٢٨. جيڪڏهين، ٢٩. ڏاند، ڍڳا، ٣٠. ڪُڙيءَ جو، پيرَ يا کُرَ جو، ٣١. آواز، ٣٢. ٻُڌو، ٣٣. چيريل ڪُر، ٣٤. ڪَڏا، ٣٥. وهه ۾ پئي، جوش ۾ اچي، ٣٦. نوجوان ڍڳن يا ڏاندن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانديں[1] ساٿ[2] سَيَدُ چئي، پِيادِيُون[3] پَهچَنِ[4]،
جَنِ جو پيرُ[5] نہ لَڳو پَٽِيِن[6]، تَنِ آيُمُ[7] ساڻُ اُنَنِ،
ڳُنڱَنِ[8] ۽ جُنڱَنِ[9]، مُنڌَ[10] اَسُونهِين[11] مِيڙِيِنَ[12].

٨

ڏاگَهَنِ ۽ ڏيرَنِ، وَڃي تَنڱ[13] تَنوارِئو[14]،
نِئائُونِ[15] نہ نِماڻي[16] پاڻَ سين، جيڏي[17] ڪي[18] جَتَنِ[19]،
اَدِيُون[20] اوِنيڙَنِ[21]، اُئون نِتُ[22] نِهاري[23] آهِيان.

٩

اڱَڻِ[24] مَٿي[25] اوپرا، جَڏهين ڏاگَها ڏينهَن[26] ڏِنا[27]ءِ[28]،
ڪُنجُون[29] جي ڪُلفَن جُون، تان ڪَنهن لَلِ[30] لِڪاءِ[31]،
سُپياڻي[32] سَنڌِياءِ، هُونَدَ[33] تِي[34] ساروُٽي[35] سَسُئِي.

١٠

اڱَڻَ مَٿي اوپرا، جَڏهين ڏاگَها ڏِنئي ڏينهَن،
وَني سَڙڪَ[36] سَسُئِي، وِيهُہ وَهاڻِيءَ[37] سِبِنءَ[38]،
چوٽي[39] سين[40] چانگَنِ ڪِي[41]، جَڙ زنجِيرَنِ[42] جِيئَن[43].

١. ڏاندن جي، ڍڳن جي، ٢. ساٿ کي، قافلي کي، ٣. پيرن سان پنڌ ڪندڙ عورتون، ٤. پهچي يا رسي سگهن ٿيون، ٥. پيرن جو نشان، ٦. پٽن تي، ميدانن تي، ٧. منهنجو واسطو يا ناتو ٿيو، ٨. ڪنڪن سان، ڳالهائي نہ سگهندڙن يعني اٺن سان، ٩. پهلوانن سان (پنهونءَ جي قافلي وارن ڏانهن اشارو)، ١٠. عورت، زال (سسئي)، ١١. اڻ واقف، ١٢. ملائيين، گڏيين، ١٣. تنگَ ۾، تونگَ ۾، جبل ۾، ١٤. آواز ڪئو، هل هنگامون ڪئو، ١٥. وني وئا، ١٦. مسڪين، ويچاري، ١٧. بي انصافي، ظلم، ١٨. ڪئي، ١٩. اوٺين، ٢٠. اي اديون، اي ڀينر، ٢١. اوٺيڙن کي يا جي، اوٺين جي، ٢٢. هر وقت، ٢٣. ڳوليندڙ، تلاش ڪندڙ، طالبو، گهرجائو، ٢٤. گهر جي صحن يا پڌر، ٢٥. تي، ۾، ٢٦. ڌاريان، اوڦٽو، بيگانا، ٢٧. ڏينهن ڏني جو، ٢٨. تو ڏٺا، ٢٩. چاهيون، ٣٠. لل سان، اٽڪل سان، تجويز سان، نموني يا پَر سان، ٣١. گم ڪرين ها، ڇپائين ها، ٣٢. صبوح جو، ٻي ڏينهن تي، ٣٣. تنهنجي، ٣٤. جيڪر، ٣٥. يادگيري، ٣٦. رستو، واٽ، ٣٧. پرهہ ڦٽيءَ، فجر، پرڀات، ٣٨. ٽائين، ٣٩. مٿي جي وارن، ٤٠. اٺن، ٤١. ٻڌ، ٤٢. نيرَن، ٤٣. وانگر.

تَہ هوتُ[1] تُنهِنجو هِيئَن[2]، پُنهُون نِيائُون[3] نَہ پاڻَ سين.

١١

اَگَڻِ[4] مَتي[5] اوپرا[6]، ڌَنئي[7] جي[8] تُوڏا[9]،
وَنگيئي[10] نَہ وارَن[11] سين، تَن گورَن[12] جا گوڏا،
لَکَنِ[13] جا لوڏا[14]، هُوندَ[15] نَہ سَنئي[16] سَسُئي.

١٢

اَگَڻِ مَتي اوپرا، جَڏهين اوڳي[17] ڌَنئي اُنَ،
ڌانيئي[18] نَہ ڏاگهَنِ[19] کي، اوري[20] ساڻُ اَگَنَ[21]،
هُوندَ نَہ تُنهِنجي هَنَ[22]، سُور[23] پِرايا[24] سَسُئي.

١٣

جَڏهين پيچ پِني[25]، تَڏهين[26] اونيَن[27] اُنَ پَلاڻيئا[28]،
مَهارُون[29] مَيَنِ[30] جُون، وِٽا[31] چُوڙائي چِني[32]،
اَدِيُون ڳالهہ اِنهي، مُون کي چُرڦُر[33] لائي[34] چِتَ[35] ۾.

١٤

پِنيءَ[36] ٿا پَرِين[37]، ساٿِين[38] سَندَ[39] هَٿَنِ ۾،

---

١. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. هن نموني، هن طرح، ٣. وٺي وٺا، ڪٿي وٺا (اٺن تي)، ۴. گهر جي صحن يعني پڌر، ۵. تي، ۾، ٦. ڌاريان، بيگانا، اجنبي، ٧. تو ڌٺا، ٨. جيڪڏهين، ٩. اٺَ، ١٠. تو ونگيا، تو پڌا، تو جڪڙيا، ١١. پنهنجي چوٽي (جي وارن)، ١٢. (نوجوان) اٺن، ١٣. جبلن، ١۴. تڪليفون، ڏکَ، ١۵. جيڪر، ١٦. تو سَٺا، توکي سهڻا پيا يا برداشت ڪرڻا پيا، ١٧. موڳي، نادان، ١٨. تو ڌانيو، پڌو، ١٩. اٺن، ٢٠. بدبخت، نياڳي، ٢١. سٺڻ پڌڻ لاءِ سٽ جي رسيءَ، ناڙي، آزاربندَ، ٢٢. سرير، بدن، ٢٣. ڏکَ، درد، ٢۴. حاصل ڪٿا، ٢۵. رات جو اهو حصو جنهن ۾ ٿڌ ڪار محسوسٿئي، ٢٦. ٿڌي ٿي، پرڀات، فجر (پيچ پني= پرھ ڦٽي، پرڀات)، ٢٧. جتن، پنهونءَ جي ڀائرن، ٢٨. پاکڙا ۽ پلاڻ وجهي هلڻ لاءِ تيار ڪٿا، ٢٩. اٺن کي هلائڻ لاءِ نڪن ۾ پيل نوڙيون يا رسيون، ٣٠. اٺن، ٣١. کولائي، ٣٢. توڙي، تڪر تڪر ڪري، ٣٣. بي آرامي، بي قراري، فڪر، ڳڻتي، ٣۴. پيدا ڪئي، ٣۵. دلِ، مَنَ، ٣٦. پنيءَ جو، فجر جو، اَسُرَ جو، ٣٧. سفر لاءِ تيار ڪن، پُر ڪن، ٣٨. سات يا قافلي ۾ موجود ماڻهن کي، ٣٩. ساندارا، پخالون، مَشڪون، خرزينون، بوريون.

لِيڙَنِ[1] جو لطيف چئي، مونکي مَنجُهه[2] نه ڏينِ،
هوت[3] پُنهون ٿا نينِ[4]، باروچڪي[5] بولي[6] ڪئو.

۱۵

پنيءَ[7] ٿيا پيڙا[8]، ساٿين[9] سَندَ[10] هَٿن ۾،
آئون سُتي[11] هُو هَليا، ڪنيائون ڪيڙا[12]،
لَکَنِ[13] تان لطيف چئي، لنگهي[14] ويا ليڙا[15]،
ولهيءَ[16] جا ويڙها[17]، سُڃا[18] سَرواٽن[19] ري[20].

۱۶

يانيم[21] جي سرواڻ[22]، تـه ڪِ[23] ڇُلائيندا[24] ڇپرين[25]،
ڪانيم[26] هوند[27] پلاڻ[28]، اُنَ ڳڏايم[29] اُنِ جا.

۱۷

ڪيمَ[30] نـه سيڻ[31] سهي[32]، تـه ڪِ ڇُلائيندا ڇپرين،
ٽِلي[33] ٽڪر[34] ڇڙهيا، روڙا[35] ڪري[36] رئي[37]،
ويڙو ساٿُ[38] وهي[39]، تو[40] ننڍائي[41] نـه لهي[42].

۱. ائن. ۲. رازُ، ڳجهه. ۳. محبوب (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوبُ پنوهن ان قبيلي مان هو). ۴. وٺيو وڃن، کڻيو وڃن (ائن تي). ۵. ٻروچڪي، ٻروچن واري. ٦. ڳالهاءِ، گفتگو. ۷. پنيءَ جي وقت، فجر جو، اسر مهل. ۸. گڏ. ۹. ساٿين ڪي، ساٿ يا قافلي ۾ موجود ماڻهن ڪي. ۱۰. ساندارا، مشڪون، پکالون، خرزينون، پوريون. ۱۱. ستل هيس، ننڊ ۾ هيس. ۱۲. واحد ڪيڙو= اٺ جي هلڻ يا چال جو هڪ نمونو، وک ڪان مٿي هلڻ، ڏُگَ هلڻ. ۱۳. جبلن. ۱۴. اڪري، پار ٿي. ۱۵. اٺَ. ۱٦. سڃيءَ، پينگيءَ، نادار، مسڪين. ۱۷. گهرَ، مڪان. ۱۸. خالي، ويران. ۱۹. جتن، اوٺين. ۲۰. ڪان سواءِ. ۲۱. مون. يانيو، مون ڄاتو يا سمجهيو. ۲۲. جيڪڏهين. ۲۳. ڪِي، البت. ۲۴. رُلائيندا. ۲۵. ڇپرن ۾. ۲٦. مون ڪانيا، مون جلايا يا ساڙيا. ۲۷. جيڪَر. ۲۸. واحد پلاڻ= سواريءَ يا بار کڻڻ جي سهوليت لاءِ اٺ جي پٺن تي پاکڙي جي بدران وڌل ککن ۽ ڏين مان ٺهيل ٻندو جنهنکي مضبوطيءَ لاءِ پاسن کان ڪاٺ جا ڏنڊا ۽ اڳيان ڪاٺ جا ڪتب ٻڌبا آهن. ۲۹. مون ڳڏايا، مون مارايا. ۳۰. مون ڪٺا. ۳۱. دوست، محبوب. ۳۲. سهي ڪيم= مون سهي ڪٺا، پروڙٺا، سُڃاتا. ۳۳. ناز نخري سان هلي. ۳۴. ٽڪر تي، جبل تي. ۳۵. ڪنجا يعني اٺَ. ۳٦. آٿاري. ۳۷. دڙَ، ڏوڙِ. ۳۸. قافلو، ائن جي قطار. ۳۹. نڪري. ۴۰. توکي. ۴۱. ننڍاڪڙائي، ڳهر، اونگهه. ۴۲. ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۸

ڪُجَاڙِئَان[1] ڪَاهِيِ[2]، شُتَرَ[3] اُنِ سِينگَارِئَا[4]،
تَلِيُون[5] تُونْئَرَ[6] حَلَوِيُون[7]، وِئَا چِيرِيُون[8] چِمْڪَائِي[9]،
چَڙهِئَا لَڪَ[10] لَطِيفُ چَئِي، وِئَا ڪَرَهَلَ[11] ڪُڏَائِي[12]،
بَانِيَڻِ[13] ڪي بَروچَ[14] جو، اَچَا آسَرُو[15] آهي،
وَاڳُون[16] وَرَائِي[17]، ڦيرِين[18] مَان[19] نَه فَقِيرِ[20] تي.

۱۹

مُون نَه ڪِينَ چَيُونِ[21]، ڪُجَاڙِئَان ڪيچ[22] وِئَا،
پُرِي[23] پَبَ[24] نَه جَهلِئَا، هَاڙهِيَّ[25] ڪِينَ اُتُونِ[26]،
سَبَرَ[27] سَاٿُ[28] سَندُونِ[29]، وِئُو لَتَاڙِي[30] لَڪيُونِ[31].

وائي

مُون کي لَڳِڙي آهه لَغَارَ[32]، وو يَارَ[33] لُنءَ لُنءَ[34] ۾ لاَلَڻَ[35] جي،
مَيخُون[36] مَحَبَتَ[37] سَندِيُون[38]، هِينئَڙي[39] مَنجهه هَزَارَ،
جَڙَ جَنِي جِي جَانِ ۾، لَڳِي رَءَ[40] لُهَارَ[41]،

---

۱. ڇا لاءِ، ڇا جي ڪري، ڇو. ۲. هڪلي، هلائي، وني. ۳. اُٺَ. ۴. آراستہ ڪئا، سجايا، زيبدار بنايا. ۵. ڄڙيون، گهنڊڙيون. ٦. ڇهاڳا، ڳانا، ڦندڻ. ۷. انن جي سينگارَ جا ڳهہ يا ساز. ۸. گهنگهرا. ۹. "ڇم ڇم" جو آواز ڪرائي. ۱۰. لڪ تي، جبل تي. ۱۱. اُٺَ. ۱۲. ڊوڙائي، ڪاهي. ۱۳. برهمڻ زال يعني سسئي جا ٻانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي. ۱۴. بلوچ، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ۱۵. سهارو، ڀروسو، آس، اميد. ۱٦. مهارون، انن کي هلائڻ لاءِ نڪن ۾ وڌل نوڙيون. ۱۷. موڙائي. ۱۸. موڙين، رخ بدلائين. ۱۹. شال. ۲۰. مسڪين، غريب (سسئيءَ). ۲۱. انهن کي چيو يا ڳالهايو. ۲۲. ڪيچ ڏي (ڪيچ، رياست مڪران جو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ۲۳. وڏي، اڳتي ٿي، اڳڻان اچي. ۲۴. پٻ جبل جيڪو هالار جبلن جي ڏکڻ ۾ آهي. ۲۵. هاڙهي جبلَ، جيڪو لس ٻيلي جي اولهہ ۾ واقع آهي. ٢٦. چيون، انهن کي چيو. ۲۷. طاقتور، جُنگ، سَٿاٿو. ۲۸. قافلو، انن جي قطار. ۲۹. انهن جو. ۳۰. لنگهي، اُڪري، پار ٿي. ۳۱. جبل، جبل جا سوڙها رستا. ۳۲. (عشق جي) چوٽ، صدمو، ڏک. ۳۳. اي دوست. ۳۴. رڳ رڳ، نَس نَس، وار وار ۾. ۳۵. پياري، محبوب. ۳٦. ڪِليون، ڄڙون. ۳۷. عشق. ۳۸. جُون. ۳۹. دل ۽ جان. ۴۰. ڪان سواءِ. ۴۱. لوهَہ جا اوزار ٺاهيندڙ.

لَگِي آهي نَہ لَهي، سَندِي[1] پِيءَ[2] پَچَارَ[3]،
ڪُوءِ[4] سي جِيئَڻَ[5] ڏِينهَڙا، جي نِي پِرِينئُون[6] ڏَارَ[7]،
ڪَانگَنِ[8] قَطَارُون[9] ڪِيُون[10]، چُڪِيءَ[11] ڪي چَوڏَارَ[12]،
اَئُون سُتِي[13] هُو هَلِئَا، سَنجهي[14] ٿِئَڙا سُوارَ[15]،
گَهَٽُون اُڪَندِي[16] آهِيَان، تَنِ جَتَنِ[17] جي جِنسَارَ[18]،
جيڪي[19] اورَڻُ[20] پِرِينءَ سين، جيڪي پِرِينءَ[21] پَچَارَ[22]،
گَڏِي وِندِيَس گَسَ[23] ۾، ڪَاڪِيُون[24] سَاڻُ قَطَارَ[25]،
اَئُون نِمَاڻِي[26] نِڪَٽِي[27]، دَمِجُ[28] تُون دِلدَارَ[29].

---

١. جي، ٢. محبوب، پياري، لالڻ. ٣. محبت، سڪ، ۴. ٻنِ، ڪٿ ۾.۵. جيئڻ جا، حياتيءَ جا. ٦. پرين ڪان، محبوب ڪان. ٧. جدا. ٨. ڪانئن، ڪاري رنگ جي هڪ قسم جي پکين، زاغن. ٩. لانڊيون، صفون. ١٠. ٻڌيون. ١١. ٿڪل. ١٢. چوطرف، چوڪرد. ١٣. ننڊ ۾ هيس. ١۴. سج لهڻ وقت، رات، شروع ٿيڻ وقت. ١۵. (اٺن تي) چڙهئا. ١٦. سڪايل. ١٧. اوٺين. ١٨. جنسار ڪي، سينگار يعني آرائش ڪي. سينگار، آرائش. ١٩. يا تہ. ٢٠. ڳالهيون ڪرڻ. ٢١. پرينءَ جو. ٢٢. ذڪر، يادگيري. ٢٣. رستي، واٽ. ٢۴. اي ڪاڪيون، اي اديون. ٢۵. (اٺن ي) قطار، قافلي. ٢٦. مسڪين، بي پهچ. ٢٧. صفا، بنهہ. ٢٨. ترسج، رهج (مون وٽ). ٢٩. اي دلدار، اي محبوب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر ديسي

داستان يَارهون

١

جَـڏهِين[١] "ڪُن فَـيَـڪُـونُ" #، نَـئـو[٢] آريَـاڻـيءَ[٣] اَرواحُ[٤]،
اَنـگُ[٥] اڳـهِين[٦] لِـکـئـو، مُـنـهـنـجـو مـيـثـاقـا[٧]،
مَـن طَـلَـبَ شـيـئـا جَـدوجَـد* اُتـو[٨] عَـلـيءَ شَـاهَ،
اَجَـا هِـنَ حَـديـثَ[٩] جـو، مُـونـکـي آسَـرو[١٠] آهـ،
پُـنُـهُـونءَ جـي پَـيـغَـامَ تَـان[١١]، مُـنـهـنـجـو مـوتُ[١٢] مُـبَـاحُ[١٣]،
سَـرتِـيُـون[١٤] دُعَـا[١٥] ڪِـجَـا[١٦]، مَـنَ مـيـڙائـو[١٧][١٨] مُـون[١٩] ٿـئـي.

٢

مِـڙي[٢٠] مُـنـڌَ[٢١] ڏي آيـون، سَـرتِـيُـون سَـيـئـي،
وَتَـواصَـو بـالـحَـقِ وَتَـواصَـو بـالـصَـبـر•، هـوءِ تُـون[٢٢] هـتـيـئـي،
نَـ تـو سَـگَ[٢٣] نَـ سَـگَـيـتَـا[٢٤][٢٥]، نَـ ڏاڏاڻَـا[٢٦] ڏيـهِـي[٢٧]،
تَـنِـي ڪـي روئِـي، جَـڏو[٢٨] ڪِـيُـئـي جَـمَـالَ[٢٩] ڪـي.

---

١. جنهن وقت (خدا چيو) # ٿيءُ پوءِ اهو ٿي پوي ٿو (قرآن شريف جي سورت بقر ايت ١١٧، سورت ال عمران ايت ۴٧ ۽ ٻين ٻن ٽن سورتن ۾ لکيل اهي)، ٢. (ٻاڻ وَتَ) قابو ڪئو، سوگهو ڪئو. ٣. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري/ آرياڻي هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۴. روح جو جمع ۾ واحد طور ڪم آيل. هتي معنيٰ آهي دم، ساهه، جان، ٥. ڀاڱُ، نصيب، ٦. شروع ۾، ٻهريائين، ٧. ميثاق جي ڏينهن کان، ازل کان (ميثاق = اقرار يا واعدو جيڪو روحن دنيا جي خلقڻ کان اڳ الله تعاليٰ جي سوال تہ ڇا آئون اوهان جو رب آهيان جي جواب ۾ ڪيو تہ هائو) * جو ڪنهن شيءِ جي خواهش ڪري ٿو ۽ ان جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اها ضرور حاصل ڪندو يا لهندو (حضرت علي ع جو قول)، ٨. چيو، ٩. قول، ١٠. ڀروسو، آڌار، اميد، ١١. نيابي، سنيهي، ١٢. مَرَڻ، ١٣. مناسب، جائز، ١۴. اي سرتيون، اي جيڏيون، ١٥. آسيسا، مناجات، پراٿنا، ١٦. اوهين ڪجو، ١٧. شال، ١٨. ميلاپ (محبوب سان)، ١٩. منهنجو ٿئي، ٢٠. گڏجي، ٢١. عورت، زال (سسئيءَ) • پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي حق جي وصيت ۽ صبر جي نصيحت ڪن ٿا (قرآن جي سورت والعصر جي آيت ٣)، ٢٢. هجڻاءِ، ٢٣. تنهنجي، ٢۴. سڱ ۾، مائٽيءَ ۾، عزازت ۾، ٢٥. (تنهنجا) مائٽ، ٢٦. ڏاڏي يعني ڀيءُ ڏاڏي جي خاندان جا، ٢٧. ساڳئي ڏيهہ يا ملڪ جا، هم وطن، ٢٨. ڪمزور، ٢٩. سونهن، سوڀيا، حُسن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣

مِڙِي[1] مُنڌَ[2] ڏي آيُون، سَاهيڙِيُون[3] سَهَجَا[4]،
اَلسَّفَرُ قِطعَةٌ مِنَ النَارِ#، هَارِيُ[5] مُوتُ هِئَا[6]،
سَگَّ[7] صِرَاطَ[8] المُستَقِيمِ جو، اَتَئِي کونہ اڳئَان،
سي کيڇِي[9] نِينڌِءَ[10] ڪِئَا[11]، جِيئَن[12] تُنهنجو نِينهَن[13] نِفَاقَ[14] سين.

④

مِڙِي مُنڌَ ڏي آيُون، جِيڏِيُون ڪَري جوڙُ[15]،
سِرِئو[16] سُور[17] سَرِيرَ[18] ۾، گُهمِيو[19] لاهِي[20] گهورُ[21]،
لُنءَ[22] لُنءَ ۾ لَطِيف چئي، لَگو پُنهُون[23] پورُ[24]،
آرِيَاڻِي[25] اَتورُ[26]، وِسَاري ڪِيئَن ويهِي رهَان.

⑤

مَنَّتَ[27] ڪَرَڻَ مُنڌَ ڪي، آيُون سَرتِيُون سَيئِي،
رَهُہ اَچِوڪي رَاتڙِي، هَارِي هِتِيئِي،
صُبَاحَ سَيئِي، تو سين هَلَنديُون سَسُئِي.

١. گڏجي، ٢.عورت يا زال (سسئيءَ)، ٣. هڪ جيڏيون، سهيليون، ۴. سهج يا ڪوڏ مان، خيرخواهيءَ مان # سفر يعني مسافري باهہ (دوزخ) جو ٽڪرو آهي، ۵. اي هاري، اي نادان يا موڳي، ٦. هتان، هن هنڌان، ٧. ناتو، لاڳاپو، عزازت، ٨. سڌيءَ واٽ يا رستي، ٩. ڪيچ جا رهاڪو، پُنهونءَ جا ڀائر (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جيڪو سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو ڳوٺ هو)، ١٠. توکي نيندا، توکي وٺي ويندا، ١١. ڪيئن، ١٢. جنهن صورت ۾، ڇاڪاڻ تہ، ١٣. محبت، عشق، ١۴. دوئيءَ، ٻيائيءَ، ڪپٽ، دغا، عداوت، ١۵. سِٽَ، منصوبو، صلاح، ١٦. اُسرئو، پيدا ٿئو، ١٧. ايذاءُ، ڏک، درد، ١٨. بدن، جسم، ١٩. ڦيرا ڏنو، ٢٠. ختم ڪري، ٢١. وَهم، خوفُ، خطرو، ٢٢. رڳ رڳ، نَس نَس، ٢٣. پنهونءَ جو، ٢۴. ڇاپَو، نيو، مُهر، ٢۵. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري/آرياڻي هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٦. جنهن جي تور يعني ماپو نہ ڪري سگهجي، بي مثال، لاثاني، جنهن جو ڪو مَٽ نہ هجي، ٢٧. وينتي، نمرتا، التجا، گذارش.

٦

صُبُوحَ تَائِين سُورَ[1]، ڪَيرَ[2] سَهَندِي[3] سَرتَيُون[4]،
گهُتيَان[5] رَهَنِ[6] نَہ گهَٽَ[7] ۾، پيغَامَن[8] جا پُورَ[9]،
آئُون مُيَائِي[10] مَنظُورِ[11]، هِينئَر[12] هَلَندِي[13] هوتَ ڏي[14].

٧

سَيَا[15] سِيَاهِي[16] آهي آريءَ[17] جَامَ[18] رِي[19]،
ڪَڏهِين پَسِي[20] ڪَانَہ ڪَا[21]، رَءَ[22] لَالَڻِ[23] لَالائِي[24]،
دُودُ[25] دِلِ تَان دُورِ[26] ڪَري، ڪَرِ سَاجَنَ[27] صَفَائِي[28]،
مَن لاَ شَيخَ لَہُ فَشَيخُہُ الشيطَانُ.# اَن رءَ اُونداهِي،
هُوءَ جَا هَلِي هيڪَلِي[29]، گَيرَ[30] گُنوائِي[31]،
بِلاَ شَيخِ مَن يَمشِي فِي الطَرِيقِ كَمَن يَمشِي فِي البَحرِ،
بِلاَ سَفِينَہ*، اهڙي[32] اَوائِي[33]،
تِنهِن[34] رِيءَ تَوائِي[35]، ڪُوڙين[36] تِيَن ڪيترِيُون.

٨

بَرُو[37] وَڏو[38] بَارِ گَهٽِي، وِيجهو[39] نَہ وَٽِڪَارُ[40]،

١. ڏک، تڪليفون، ٢. ڪا ڪانہ، ٣. برداشت ڪندي، ۴. اي سرتيون، اي جيڏيون، ٥. روڪيان، جهليان، ٦. ٽڪن، ٧. اندر، دل، ٨. نياپن، سنيهن، ٩. اُڌما، موجون، لهرون، ١٠. مري ويس تہ، تباهہ يا فنا ٿي ويس تہ، ١١. قبول (آهي)، اکين تي، ١٢. هاڻ، هن وقت ئي، ١٣. پنڌ ڪندي، ١۴. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٥. سڀ يا سموري (دنيا)، ١٦. اونداهہ، ١٧. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب آري هو)، ١٨. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١٩. ڪان سواءِ، ٢٠. ڏسي، ٢١. ڪابہ هڪڙي، ڪير هڪڙي بہ، ٢٢. سواءِ، ڌاران، ٢٣. محبوبَ (مرشد)، ٢۴. ڳاڙهاڻ يا چمڪ (روشنيءَ جي)، ٢٥. دُونهَن، غبار، ڪاراڻ، ٢٦. پري، ٢٧. سڄڻ، محبوبَ، ٢٨. اڃائي، اُجرائي، سوجهرو، روشني # جنهن کي ڪو شيخ (مرشد) نہ آهي تنهنجو مرشد شيطان آهي (صوفين جو قول)، ٢٩. اڪيلي (مرشد کان سواءِ)، ٣٠. شيطانَ، ٣١. گم ڪئي، گمراهہ ڪئي * جيڪو بنان شيخ (رهبر يا مرشد) جي طريق يعني رستي ۾ هلي ٿو اهو ان وانگر آهي جيڪو پاڻيءَ ۾ ٻيڙيءَ کان سواءِ هلي ٿو، ٣٢. جيڪا، ٣٣. بُري يا خراب وائي يعني ڳالهہ، ٣۴. مرشد ڏانهن اشارو، ٣٥. گمراهہ، بتال، ٣٦. ڪروڙين، ٣٧. بر وڏو = رڻ پٽ يعني بيابان جو پنڌ تمام گهڻو آهي، ٣٨. گهٽي بارَ سان، جهجهي وزن يا سامان سان، ٣٩. اوڏو، نزديڪ، ۴٠. لس پيلي ۾ هڪ جبل، نئن ۾ ڳوٺ جو نالو. وٽن جو جهڳٽو، وٽراهہ، جهنگل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لِيڙَنِ[١] جو لطيف چئي، ڪَنيو مُنڌَ[٢] مَدارُ[٣]،
وَٽَندُنِ[٤] تہ وِرُ[٥] ڪَندا، تہ اِڳِيَنِ[٦] جي اِختيارِ[٧]،
ڪيٿي[٨] تِئو ڪوهِيارُ[٩]، ڪيٿي تِي هَٿَ ڪَٽي[١٠].

٩

ڪاڏي مُنهُن[١١] مَڪُرانَ[١٢] جو، ڪيڏانهَن ڪيچُ[١٣] تِئو،
هِهڙو[١٤] ساٿُ[١٥] پَنيور[١٦] تان[١٧]، ڪَڏهِين ڪونہ پِئو[١٨]،
ڪوهِيارو[١٩] ڪامَرَ[٢٠] هَٿِي، چوري[٢١] چِتُ[٢٢] وِئو،
جَنِي جِتُ[٢٣] نِئو، تَنِ[٢٤] اُنِّنِ[٢٥] ڳُهوري[٢٦] آهِيان.

١٠

ڪاڏي مُنهُن مَڪُرانَ جو، ڪاڏي پَربُون[٢٧] پَنڌُ[٢٨]،
لِيڙَنِ جو لطيف چئي، رِڙهي[٢٩] لَڏمِ[٣٠] رَندُ[٣١]،
آيَلِ[٣٢] آسابَندُ[٣٣]، ڪِنهِن[٣٤] پَرِ[٣٥] ڪيچِينَ[٣٦] سان تِئي.

١١

ڪيڙي[٣٧] ڪيچاينِ[٣٨]، ڳورا[٣٩] ڳَسِ[٤٠] هَلايا،
لَڙئو[٤١] چَڙهِئو[٤٢] چوٽِيِين[٤٣]، ڪَرِئو ڪوهَ[٤٤] ڪِرِنِ[٤٥]،

---

١. اُٺن، ٢. عورت يا زال (سسئي)، ٣. سهارو، ڀروسو، (ڪنيو منڌ مدار= منڌ آسرو لاٿو يعني خت ڪيو)، ۴. انهن کي جيڪڏهين وٽندو يعني اهي راضي ٿيا، ۵. موٽ، مهرباني، ٻلائي، ٦. هُنن يعنيپنهونءَ جي ڀائرن، ٧. اختيار ۾، وس ۾، ٨. ڪٿي، ڪهڙي هنڌ، ڪاڏي، ڪيڏانهن، ڪهڙي پاسي، ٩. جابلو ملڪ، جبل ۾ هڪ مڪان جو نالو، ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ وارو يعني سسئيءَ جو محبوبُ پنهون، ١٠. هٿ ڪٽي= اشارا ڪري، سڏ ڪري، ١١. مُهاڙ، رُخ، ١٢. بلوچستان صوبي ۾ هڪ رياست جو نالو، ١٣. رياست مڪران ۾ هڪ شهر جيڪو پنهونءَ جو ڳوٺ هو، ١۴. هن نموني يا قسم جو، ١۵. قافلو (اُٺن جي قطار يا ماڻهن جي جماعت)، ١٦. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري شهر جتي سسئي رهندي هئي، ١٧. ۾، ١٨. داخل ٿيو، ١٩. ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ وارو، سسئيءَ جو محبوب پنهون، ٢٠. لَٺ، لڪڻ، تيرُ (عشق جو)، ٢١. چيڙي، ڀڙڪائي، تحرڪ ۾ آڻي، ٢٢. دل، من، ٢٣. اوٺي، پنهون، ٢۴. ڪنيو (ٻاڻ سان)، وٺي وئا، ٢۵. اُٺن جي، ٢٦. ڳولائو، تلاش ڪندڙ، ٢٧. ڏوراهون، پراهون، ٢٨. سفرُ، منزلَ، ٢٩. سِري، هَلي، ٣٠. مون لڏو، مون ڏٺو، ٣١. ٣١. ڳس، رستو، ٣٢. اي آيل، اي امڙ، ٣٣. واسطو، سَبنڌ، ميلاپ، ٣۴. ڪهڙيءَ، ٣۵. ريت، نموني، ٣٦. ڪيچ جي رهاڪن، ٣٧. ترتيب ڏيئي (پنڌ جي)، سڪيا ڏيئي، اڙي هٽي، ٣٨. ڪيچين، ٣٩. (نوجوان) اٺ، ۴٠. ڳس ۾، رستي ۾، ۴١. هيٺ لهيو، ۴٢. مٿي وڃئو، ۴٣. چوٽين تي يا بلندين تي (جبلن جي)، ۴۴. تمام گهٽا ڪوهہ (ڪوهہ ۾ ٻہ ميل اهن) وڏو مفاصلو، ۴۵. ڪٽڪن، چنگهن.

لَتاڙي[1] لطيف چئي، لَنگهئو[2] بَرُ[3] بوتَنِ[4]،
تَنِ کِهَڙي چُڪَ[5] چانگَنِ[6]، هوتُ[7] حِمايَتي[8] جَنِ جو.

١٢

جاڳائي[9] جَتَنِ[10]، گورا[11] گَسِ[12] هَلاَيا،
پَهُتي[13] رِءَ[14] پَهاڙَ[15] ۾، اُتَ ۾ اَڪَتَجَنِ[16]،
سُونهان[17] جي سَردارَ[18] سين، تُوڏَ[19] ۾ تَرتجَنِ[20]،
لُطفَ[21] ساڻُ لطيف چئي، لَنگهئو بَرُ بوتَنِ،
تَنِ کِهَڙو[22] غَمُ[23] گُنگَنِ[24]، هوتُ حَمايَتي جَنِ جو.

١٣

گورا وَجَنِ گامَ[25]، ڏيرَنِ سَندي ڏيهَه تي،
توڏَنِ جُون تَڙَ پِيڙَ[26] ۾، تَريُون[27] تَرتجَنِ تانَ ۾[28]،
اونيئڙا آرامَ، لَنگهي پَبُ پَري ٿِئا.

١٤

ڏوڪَ[29] ڏَهلَئا[30] جتِ، گورا هَلَنِ نَه گَسَ ۾،
چَؤُسالَئي[31] نَه چَلِٽا[32]، تَنگَ[33] نِهاري[34] تِتِ،

---

١. جهاڳي، پنڌ ڪري، ٢. پار ڪئو، اورانگهيو، ٣. رڻ پٽ، بيابان، ۴. انن، ۵. ڏوهہ، غلطي، خطا، ٽَڪَ، رنڊڪ، ٦. چانگن يعني انن جي ياڪيءِ ٧. محبوبَ، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٨. مددگار، واهرو، ٩. هوشيار يا بيدار ڪري، ١٠. اوٺين، ١١. (نوجوان) اٺَ، ١٢. گسَ ۾، رستي ۾، ١٣. پهچڻ، ١۴. ڪان اڳي، ڪان سواءِ، ١۵. جبل، ١٦. رُڪجن، رنڊجن، ١٧. واقف ڪار، سڃاڻو، ١٨. اڳواڻ، رهبرَ، پيشوا (پنهونءَ)، ١٩. توڏا، اٺَ، ٢٠. ٿڪجن، (پيرن جي ترين ڪان) زخمي ٿين، ٢١. (خدا جي) ڪرمَ يا مهربانيءَ، ٢٢. ڪوبہ نہ، ٢٣. الڪو، فڪر، ڳڻتي، ٢۴. گنگن ڪي، نہ ڳالهائيندڙن ڪي يعني انن ڪي، ٢۵. وک (سان)، وچڙيءَ رفتار سان، ٢٦. وٺ پڪڙ، تڙ تڪڙ، جلد بازيءَ، ٢٧. پيرن جا هيٺيان حصا، ٢٨. تان ۾= شال نہ، ٢٩. ٻن سالن جي عمر وارا اٺَ، ٣٠. هراسجي وڃا، خوفزدهہ ٿيا، ڊنا، ٣١. چئن سالن جي عمر وارا، ٣٢. هلي نہ سگهن، ٣٣. تنگ ڏانهن، لڪَ ياجبل ڏانهن، ٣۴. ڏسي، تڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُوڏي[1] نَي[2] سَيَدُ چَئي، پانجارَنِ[3] پِرت[4]،
اِنَ اَڙانگي[5] پَنڌَ[6] جي[7]، ڪا نيشَن[8] پوءِ نِرت[9]،
سَسُئي وَڏي[10] سَتِ[11]، جان ايهِيءَ[12] پَرِ[13] پَنڌَ ڪَري.

١٥

اوڳارِين[14] نَہ اَنرا[15]، پَڌا[16] چَرَن[17] نَہ پُورُ[18]،
ليڙَن ڪي لطيف چَئي، هَلَڻَ جو مَذڪُورُ[19]،
مَيَنِ ڪي مَعمُورُ[20]، آهي اُڻِ تُڻِ[21] اڳيين پنڌَ جي.

١٦

ڳوسَرِ[22] تِئي مَر ڳُسَ[23]، شَلَ پَٽي[24] پوءِ نہ پِرِينءِ تي،
جَنهِن[25] سِرِ[26] سَاجَنُ سُپِرِين، تَنهِن اُنَ مَر لَڳي اُسَ،
پُنهُون پاڪ پُرِسَ[27]، هوتَ نہ ڪِجَنِ هِهَڙِيُون[28].

١٧

اُسَ مَر لَڳي اونِيين، ليڙان[29] لَڳُ مَر لُڪَ[30]،
اَللهَ[31] آربچَن جي، ڪوسو واءُ مَر وَڳُ[32]،

١. سيئڻ، سڏي، پُوري، سچي، ٢. نہ، ٣. پانجارڻن کي، پنجن سالن جي عمر وارن اٺن کي، ۴. پروڙ، پوجهہ، ۵. ڏکئي، اهنجي، ٦. سفر، ٧. مَس مَس، ٨. نيشن کي، انهن اٺن کي جن جا سڀ ڏند ظاهر ٿيا هجن، ڦوهہ جوانيءَ وارن اٺن کي، ٩. سمجهہ، پوجهہ، پروڙ، هوش، فهم، نگاهہ، ١٠. گهڻي، جهجهي، ١١. ست واري، صداقت واري، سيل واري، عصمت واري، طاقت واري، سگهاري، ١٢. اهڙيءَ، ١٣. ريت، نموني، ١۴. پيٽ ۾ پيل کاڌو اٿلائي وات ۾ آڻي وري چٻاڙين (هيءَ حالت حلال جانورن جي هوندي آهي)، ١۵. ناخوش، بيمار (بيمار جانور کاڌو اوڳاريندو نہ اهي)، ١٦. ٻڌل، قابو يا قيد ٿيل، بي وس، مجبور ٿيل، ١٧. کائين، ١٨. ڪنهن ٻوٽي، پوک جي سلي يا وڻ جي مکڙين يا گلن جي ڳڀ جهلڻ کان اڳ واري ڦلهار، ٻونگر، گؤنچ، ١٩. ذڪر، تات، ٢٠. ڀرپور، تمام گهڻي، ٢١. ڳڻتي، فڪر، ٢٢. ڳوسَرِ تي، ڳسرَ تي، وارياسي رستي تي، ٢٣. ڏوڙ، دَرَ، ڏڏڙِ، دَسَ، ٢۴. مٿي، دز، ٢۵. جنهن جي، ٢٦. سِرَ تي، مٿان، ٢٧. شخص، مردُ، مڙس، ٢٨. نامناسب يا غير واجبي هلتون، ٢٩. ليڙن کي، اٺن کي، ٣٠. اي لڪ يعني گرم يا ڪوسي هوا، ٣١. اي الله شال، ٣٢. وڳ کي، اٺن جي ڌڻ يا ولر کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَتَ[1] جَهِجَهَا[2] مِ جَڳَ[3]، مُنهِنجِي پِرت[4] پُنُوهَ[5] سين.

١٨

تَان[6] مُون[7] پينرُ[8] ڀَئي[9] ناهِ ڪَا، جَان[10] آرِياڻي[11] اَڳَ[12]،
ڪوسو ڪوهيارَلَ[13] جي[14]، واءُ[15] مَ لَڳي وَڳَ[16]،
بِئا پُڻ جَتَنِ[17] جَڳَ[18]، مُنهِنجِي پِرت پُنُوهَ سين.

١٩

اوني پَڻ ڏورا[19]، ڏورا مَٿَنِ[20] ڪَپِڙا،
ڪوهُ جَاڻَان[21] ڪيڻ[22] وِئَا، ايهڙيءَ[23] پَرِ[24] اورا[25]،
ڳوندَرَ[26] جَا ڳورا[27]، وَڃَن جَانِ[28] جُدا[29] ڪِئو.

٢٠

اوني اَڏورا، ڏورا مَٿَنِ[30] ڪَپِڙا،
ڪوهُ جَاڻَان ڪيڻ وِئَا، اهڙيءَ پَت اورا،
ڪَاٺيءَ[31] ڪي ڪورا[32]، جَبَلَ پَسي[33] جَاڳِئا[34].

٢١

آيا اوني اُبِهَرا[35]، لَيِڙَن[36] تَان لَهي[37]،

---

١. اوني، انُن وارا، ٢. تمام گهڻا، ٣. دنيا، جهان، ۴. محبت، پيار، ۵. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٦. تيستائين، ٧. مونکي، ٨. اي پينر، اي اديون، ٩. خوف، خطرو، ڊپ، ١٠. جيستائين، ١١. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري/آرياڻي هو، پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٢. اڳَ ۾، اڳيان يا منڌَ ۾، اڳواڻ، رهبرَ، ١٣. گرم، ١۴. ڪوهياري، ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ واري، پنهونءَ، ١۵. هوا، ١٦. وڳ ڪي، (انُن جي) قافلي يا ٽولي کي، ١٧. جتن جا، اوٺين جا، ١٨. گهڻو تعدادَ، ڪوڙَ، ١٩. اڇا، سفيد، ٢٠. انهن جي مٿان، انهن تي، ٢١. ڪوهہ ڄاڻان= مونکي ڪا خبر يا ڄاڻ نہ آهي، ٢٢. ڪيڏانهن، ٢٣. اهڙي، ٢۴. ريت، پت، نموني، ٢۵. اورَ جا يا پيٽَ جا چاول، آنڊي چاول، پيارا، ٢٦. ڏکَ، غم، ٢٧. (نوجوان) اٺ، ٢٨. ساهَ، دَم، ٢٩. جدا ڪئو= ڪڍيو (بدن ڪان) ڌارَ ڪئو، ٣٠. ميرا، گدلا، ٣١. جليل يا سڙيل (عشق جي باهہ جي)، ٣٢. پاٺيءَ کي گهٽي باهہ ڏيئي ٺهڪائڻ سان پيدا ٿيل پاٺيءَ جا ڦوڪٽا، جوشَ، اڌما، ٣٣. ڏسي، ٣۴. پيدا ٿيا، ٣۵. تڪڙا، جلد، ٣٦. انُن تان، ٣٧. هيٺ آيا.

أُنِ رَاتِ[1] ئِي ڪَمُ[2] رَوَانِ[3] ڪِئو، روهِيلَن[4] رَهِي[5]،
سَاهُه[6] سِجَهَائي[7] هَلِئا، هُنِ[8] جي هَاجَ[9] هُئي،
ڪَهِي[10] سَا رَهِي، ٻولِي[11] ٻَا[12]روچَنِ[13] جِي.

٢٢

پُنِ ٿا پَلاٽِين[14]، اونِي[15] اَجُ اُبَاهَرا[16]،
هُو جي هَلَڻَ سَنديُون[17]، ڳَاهُون[18] ڳَالهَائِين[19]،
هوت پُنهون ٿا نِين[20]، اَسُونهِينءَ[21] جو آجڪو[22].

٢٣

پُنِ ٿا پَلاٽِين، اونِي اَجُ اُبَڪَڙا[23]،
پَهَه[24] پَاربِسيُون[25] پَاڻَ ۾، ڏيرَ ڏهَاڙِي[26] ڏينِ[27]،
مُون کي ٿا مَارِينِ[28]، سَجَڻ[29] سَانبَاهِي[30] ڪِئو.

وائي

ڏَاگهَن[31] ڏيرَن سَاڻُ، ڪَرِهَن ڪيچِيَن[32] سَاڻُ،
مَتَان[33] ڪَا[34] پُلي[35] لَنءُ[36] لائي[37]،
آئُون سُتي[38] هُو هَلِئا[39]، وِيَڙا ڪَرَهَلَ ڪَاهي[40]،

---

١. راتواهه، رات جي وچم، راتو رات، ٢. حاجَ، ڪارج، ڪارروائي، ٣. شروع، چالو، جاري، ۴. روهه يعني جبل جي رهاڪن، ڪوهستاني ماڻهن، ۵. ترسي، ٽڪي، ٦. دم، پساهه، ٧. (عشق جي باهه جو)، تَوَ ڏيئي، ساڙي، ختم ڪري، فنا ڪري، ٨. روهيلن ڏانهن اشارو، ٩. ضرورت، گهرج، ڪمُ، ١٠. زبان يا وات مان نڪتي، ١١. پوري ٿي، بجاءِ تي، تعميل ٿي، ١٢. ڳالهه، قولُ، گفتو، ١٣. ٻروچن يا بلوچن يعني سسئيءَ جي محبوب پنهون جي ڀائرن، ١۴. انن تي ساز ۽ اَنر رکن، ١۵. جَت، ١٦. تڪڙا، تڙ تڪڙ ۾، ١٧. جون، ١٨. ڳالهيون، راز، ١٩. ٻولين، ٢٠. ونيو ڪٽيو وڃن، ٢١. اڻ واقف، ٢٢. ڀروسو، آڌار، توشو، ٢٣. هلڻ هارا، هلڻ جي تياريءَ ۾، ٢۴. صلاحون، مصلحتون، ٢۵. پارسي گفتگو، ڳجهيون ڳالهيون، ٢٦. مڙس (پنهونءَ) جا ڀائر، ٢٧. روزانو، هر روز، ٢٨. برباد ڪن، تباهه ڪن، ٢٩. محبوب، دوست، ٣٠. (وڃڻ جي) تياري، سانباهو، ٣١. انن، ڪرهن، ٣٢. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جيڪو پنهون جو ڳوٺ هو)، ٣٣. بلڪل نه، مبادا، ٣۴. ڪير به، ڪابه، ٣۵. ڀليل، موڳي، نادان، ٣٦. محبت، پيار، ٣٧. لڳائي، ڪري، ٣٨. سمهي رهيس، ننڊ ۾ هيس، ٣٩. اُٿ، ۴٠. هلائي ،چڪي.

آسَڻَ[1] مَهِندان[2] اُنِ جي، بَرَ[3] بَرِ ڪِئو ٻاڏائي[4]،
چَتُرُ[5] ڏيئي چِتَ[6] کي، وِئَڙا هوتُ[7] چَپائي[8]،
جيڪَا هُيَنِ مَنَ ۾، وِئَڙا پَنهِنجي پُجائي[9].

١. وهڻ جي جاءِ، آستانُ، ماڳ، مڪانُ، گهرَ جي اڳڻ. ٢. اڳئان. ٣. هاءِ افسوس، هاءِ گهوڙا. ۴. دانهون ڪري، رڙيون ڪري، روئي، ٻاڪاري. ۵. دلبو، فريب، چَٽَ. ٦. مَنَ، دِلِ. ٧. محبوب، پنهون (هوت بلوچ قومَ جو قبيلو آهي، سسئيءَ و محبوب پنهون قبيلي مان هو). ٨. لڪائي ڪئي. ٩. پوري ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُرُ ديسي

داستان ٻارهون

١

گُنگا[1] گجي[2] هَلِئا، مَيَا[3] مانِ[4] نہ ڪَنِ،
اِنَ اوسيڙي[5] پَنڌَ[6] جي، چُنو[7] نہ چانگنَ[8]،
هُو ٿا هوتَ[9] هَلَنِ[10]، توکي ڳهرَ[11] ڳرو[12] ڪِئو.

٢

توکي ڳهرَ ڪِئو، هُو ٿا هوتَ هَلَنِ،
ڳوڙهَا[13] سِرِ[14] ڳَلَنِ[15]، جِمَ[16] وِهاٽِيءَ[17] وَهائِيبِن[18].

٣

توڏِنِ[19] موڏِنِ تَڪِڙي[20]، وِيچارِيءَ[21] وائِي[22]،
جَتَنِ[23] پانهنجيءَ جُوءِ[24] جي، سُڌِ[25] نہ سُڻائِي[26]،
جِيئَرِي[27] جُدائِي[28]، ڪيچِيَنِ[29] سين ڪا مَ[30] ٿِئي.

---

١. نہ ڳالهائي سگهندڙ، اَٺَ، ٢. رڙي، گڙي، گجڻ جو آواز ڪري، هَل ڪري، ٣. أٺَ، ۴. صبر، سانت، چُپ، ٥. اوسيڙي سبب، اون سبب، ٦. سفر، ٧. (گاهہ) ڪاڏو، ٨. اٺن، ٩. محبوبَ، پنهونءَ جا ڀائر (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٠. وڃن، اُسهن، ١١. ننڊ جي خمارَ يا گهيرت، ١٢. آلسي، سست، بي خبر، ١٣. لڙڪَ، آنسو، ١۴. تان، ١٥. ڳِتَن، مِنُن، رخسارن، ١٦. مبادا، متان، ١٧. پوئينءَ رات، اَڌ رات ڪانپوءِ، ١٨. هاريِن، ٺمائيِن، ١٩. توڏن جي، اٺن جي، موڏن جي، ڏاگهن جي، ٢٠. ڏاڍي، گهڻي، سخت، ٢١. ويچاريءَ ڪي، بي وس ڪي، مسڪين ڪي، ٢٢. تات، يادگيري، ٢٣. اوٺين، پنهونءَ جي ڀائرن، ٢۴. رهڻ جي جاءِ، ملڪَ، وطن، ٢٥. خبرَ، ڄاڻ، اطلاع، ٢٦. ٻڌائي، ڏني، ٢٧. جيئري ہريائي، زندگيءَ ۾، حياتيءَ ۾، ٢٨. وڇوڙو، علحدگي، ٢٩. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي، پنهون ان شهر جو وينل هو)، ٣٠. شال نہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

لَنگهي[1] پَٻُ[2] پَري[3] تَئا[4]، لَڪَ[5] نَہ لاٿائُون[6]،
پُنهُون[7] مُنهنجو پاڻَ سين، نوعَ[8] سين نِيائُون[9]،
جِيئَن[10] مُون سين ڪِئائُون، تِيئَن[11] ڪيچِيَن[12] سين ڪِيمَ ٿئي.

۵

ڪالهُون پوءِ[13] پِرِيَنءَ[14] ڪي، رُئان[15] مَٿي[16] رَندَ[17]،
وِئو ٻاروچو[18] نِڪَري[19]، چِني[20] ٻازُو[21] ٻَندَ،
هاٿي پُچان[22] هَنڌَ[23]، هازِهي[24] ۾ هوتَنِ[25] جا.

٦

ڪالهُون پوءِ پِرِيَنءَ ڪي، روئي مَٿي راهَ[26]،
وِيس ٻاروچو نِڪَري، سُورَ[27] چَڪائي[28] ساءُ[29]،
ڳَهَتَ[30] ۾ لَڳَس[31] ڳَهاءُ[32]، لالَڻ[33] جو لطيف رح چئي.

٧

وَرِئو[34] واءُ[35] وِصالَ[36] جو، ڏيرَن[37] ڏَهائي[38]،
مُون کي مُڪِي[39] سَڄَڻين[40]، سيڻَنِ سَرَهائي[41]،

١. اکري، پارِ تي. ٢. هالار جبلن جي ڏاڪڻي قطار جونالو. ٣. دور، ڏور. ۴. هلئا وئا. ۵. لڪ ۾، جبل ۾. ٦. (اُنن تان) بار لاٿائون، منزل ڪئائون، ترسئا. ٧. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٨. انڪل، نڳيءَ، ريت، نموني، طرح. ٩. وني يا ڪئي وئا. ١٠. جهڙيءَ طرح. ١١. تهڙيءَ طرح. ١٢. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جيڪو سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو ڳوٺ هو). ١٣. ڪالهون پوءِ= ڪالهہ يعني گذريل ڏينهن کان وٺي. ١۴. محبوبن. ١۵. اکين مان لڙڪ وهايان. ١٦. تي. ١٧. رستي. ١٨. پروچ، بلوچ، پنهون جو بلوچ قوم مان هو. ١٩. اُسهي. ٢٠. توڙي، لاهي، ٽُڪر ٽُڪر ڪري. ٢١. (منهنجي) بازو بندن کي، ٻانهن جي مٿان ٻانهن جي مٿين حصي يعني ڏوري ۾ ٻڌل زيور. ٢٢. ڳوليان، نهاريان. ٢٣. جايون (ترسڻ جون)، منزلون. ٢۴. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي قطار جو نالو. ٢۵. محبوبن، پنهونءَ جي ڀائرن (پنهون ۽ ان جا ڀائر بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هئا). ٢٦. رستي، واٽ. ٢٧. سور جو، درد جو. ٢٨. ڏڪَ جو. ٢٩. وٺائي. ٣٠. سوادُ، ذائقو. ٣٠. اندرَ، دلِ. ٣١. هن کي لڳو. ٣٢. ڏڪُ، زخمُ، ڦٽُ. ٣٣. محبوبَ، پياري دوست. ٣۴. وري آيو، موٽي لڳو. ٣۵. هوا. ٣٦. ميلاپَ، وَصلَ. ٣٧. ڏيرن جي، مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن جي. ٣٨. ڏيهہ کان، وطن کان. ٣٦. موڪلي. ۴٠. سڄڻن، سيڻن. ۴١. خوشخبري، واڌائي، مبارڪ.

اوڏِي[١] آئُون آئِي[٢]، لَنگهي لَڪَ لطيف رح چَئي.

٨

سَرتيُون سَرَهائي، ڪَڏهين مُون ڪا نَہ سُئي،
ڏهاڙِي[٣] ڏيرَنِ ۾، وَجَنَ جِي وائِي[۴]،
آئُون هَڏِ[۵] نَہ جائِي[٦]، تہ عَيبُ[٧] نَہ لَڳو اونيين.

٩

ڏيرَنِ ڪي ڏائُو[٨]، هيرَ[٩] هَلَندي[١٠] مَ تئي،
مَان نَہ[١١] ورمَنِ[١٢] وِچ ۾، پوئَينِ[١٣] پارائُو[١۴]،
رجَنِ[١۵] جو رائُو[١٦]، ڪَپي پير پيادين.

١٠

سَا[١٧] جي تِئَان[١٨] پُون[١٩]، وارِي[٢٠] جَا واٽُنِ جِي،
مَتَان وَجَنِ مُون، ڪيچي ڪَرَهہ[٢١] قطارئو[٢٢].

١١

ڪيچين ڪَرَهہ پَلاڻئا[٢٣]، جَا تيرا[٢۴] جَتَنِ،
ڪَجاوَا[٢۵] ڪَرَهَنِ تي، جَڙِئا[٢٦] جَال[٢٧] جَتَنِ،

---

١. ويجهي، نزديڪ. ٢. اچي وئي، ٣. هر روز، روزانو. ۴. ڳالهہ، ذڪر. ۵. اصل، بلڪل، بنهہ. ٦. پيدا ٿي، ٧. داغ، ٽڪو. ٨. ڏائي يعني ڪاٻي پاسي يا طرف کان تتر (هڪ قسم جي پکيءَ) جي ٻولي (جو هڪ بد سوڻ يعني شگون آهي)، ٩. هيئنر، هن وقت. ١٠. ويندي، ١١. مان نہ= شال. ١٢. ترسن، رهن. ١٣. پوين، انهن کي پوي. ١۴. رحم، ڪهل. ١۵. رڻ پٽن، بيابانن، جبلن. ١٦. جبل جي ريتي، جبل جا سنها سنها پٿر، ڪَڪِرا. ١٧. اها، ١٨. جيڪڏهين. ١٩. زمين، ڌرتي، ٢٠. ريتي، سنهي ڪڪري، ٢١. اُٺَ، ٢٢. ڪاهيو، هڪليو. ٢٣. ساز ۽ آٽر، وجهي هلڻ لاءِ تيار ڪئا، ٢۴. سٺي نسل وارا، بنيادي، ٢۵. ماڻهن جي وهڻ لاءِ اُٺن تي رکڻ جون ڪاٺ جو ڏوليون، محملون، مافا. ٢٦. ٻڌا، رکئا. ٢٧. گهڻا، جَامَ، جهجها.

گوربند گُنگن کي، تَليُون سين تُؤنرن،
بَذا ڏوريءَ وَجن چوريءَ، اُن جا ڪُر نہ ڪُڙڪو ڪن،
تَن جو پير نہ لَڳو پَٽيين، توٽي ڪامُن سان ڪُتجن،
توري تَڪر چاڙهئا، ساجُهر سرواڻن،
الله اُنَ اچن، جن پُنهون نئو پاڻ سين.

١٢

جيڪس آئون نہ تيئن، جيئن پريتڙو پرين سين،
سُتيس بَذي سوگهو ڪري، چَلور چاتيءَ سينءَ،
ڪيچي ڪاهي ڪرها، مُونهان وَجن ڪيئن،
ڏوهہ مُنهنجي ڏينهن، نہ تہ سجڻ سپاجها گهڻو.

١٣

ڏوهہ مُنهنجي ڏينهن کي، جَت پَليري ذات،
اوچي ونيڙن جي، بهتر آهي بات،
تيلاهين پريات، پُنهون نيائون پاڻ سين.

---

١. ڪجائن کي جهلڻ واسطي اٺن جي سينن کان ٻذل پٽيون (جي ڏاس جون نهيل هونديون آهن)، سينابندَ. ٢. نہ ڳالهائي سگهندڙن، اٺن، ٣. چڙيون، گهنڊڙيون. ۴. ڳانن، جهاٻن، ڦندڻن. ۵. ٻذل. ٦. ڏوريءَ ۾، مهارَ ۾، نوڙيءَ ۾. ٧. اُسهن. ٨. لڪ چپ ۾، چُپ چپات ۾. ٩. پيرَ. ١٠. آواز. ١١. پٽن ۾، ميدانن ۾. ١٢. جيتوڻيڪ. ١٣. لنين، لڪٽن، ڇهبڪن. ١۴. مارجن. ١۵. هلائي، ڪاهي، پنڌ ڪرائي. ١٦. ٽڪرَ تي، جبل تي. ١٧. نئا. ١٨. سويل. ١٩. اوٺين، ساربانن. ٢٠. شايد. ٢١. تهڙيءَ طرح. ٢٢. جهڙيءَ طرح. ٢٣. محبت پيار. ٢۴. چِلاوان يعني چِلي وانگر گهنڊيدار وارن وارو، سهڻو، دوست. ٢۵. سيني، اَرَهَ. ٢٦. سان. ٢٧. مونکان. ٢٨. قصور، خطا، ڀَلَ، غلطي. ٢٩. ڏينهن جو، قسمت جو، ڀاڳ يا نصيب جو. ٣٠. نہ تہ = ٻيءَ حالت ۾. ٣١. محبوب، دوست. ٣٢. مهربانَ، ٻاجهارا. ٣٣. چڱي، اشراف. ٣۴. ذات وارا، خاندان وارا، نسل وارا، قوم. ٣۵. عاليشان، اعليٰ، بلند. ٣٦. ڳالهہ ٻولهہ، سخن، قول. ٣٧. تنهنڪري. ٣٨. پريات يعني اَسُر يا فجر جي وقت.

(١٤)

ڏيرَنِ[1] ڏوھُ[2] نَہ جيڏيُون، مَاءُ مِڙوئي[3] مُون[4]،
آئُون اَسُونھِين[5] اُو سُونھَان، پِرِين پَلا[6] پَرِيُون[7]،
اَصُلِ[8] آريءَ جَامَر جو، پَاندُ[9] نَہ پُڄتوسُون[10]،
جَنِ جو تُونھِين[11] تُون، سي پِيَادِيُون[12] پَھچَائيِين[13].

(١٥)

نَڪو ڏوھُ ڏيرَنِ جو نَڪو پُنھُون پَنگُ[14]،
ايسرَادي[15] اَللهَ جي، اَگُ[16] وَھَايو[17] اَنگُ[18]،
تيلاھِين[19] بَدِي تَنگُ[20]، چُلِي[21] پيٺِيس[22] چَپَرِين.

١٦

سَچِي[23] ھَٽَ[24] سَاٿِيَن[25] جي، مَ[26] وَانءُ[27] مَالاَري[28]،
ڏائي[29] جَا ڏيرَنِ جي، مَڃِ[30] سَا ٿَارِي[31]،
مَان[32] نَہ وَرمَن[33] وِچِ[34] مِ، اولاَٿي[35] آري[36]،
اَسُونھَن وِيچَارِي، اِنَ پَرِ مِڙي ھوتَ کي.

---

١. ڏيرن جو، مڙس (پنھونءَ) جي ڀائرن جو. ٢. قصور. ٣. سمورو، سڄو. ۴. منھنجو. ۵. اڻ واقف، اڻ ڄاڻ. ٦. چڱا، سٺا. ٧. پريون= پرائي ڀون، پرديس. ٨. اصلَ ۾ يا حقيقت ۾ (ڳالھہ اھا آھي تہ). ٩. پلئہ يا پلاند (ڪپڙي جو) دامن. ١٠. اسان (يعني مون) نہ پڄتو، نہ جھليو، نہ پڪڙيو. ١١. صرف تون (آھين). ١٢. پيرين پنڌَ ڪندڙ زالون. ١٣. رسائيين. ١۴. سٺا، سازش، منصوبو، تدبير. ١۵. رَضا، منشا، تقدير. ١٦. اڳ ۾، اصل کان، شروع کان. ١٧. لکيو. ١٨. قسمت، نصيب. ١٩. تنھنڪري. ٢٠. سندرو، ڪمر بند. ٢١. ٻوڙي، ٻيو ڏيئي. ٢٢. گھڙيس، داخل ٿيس. ٢٣. ساڃي، جِيئي. ٢۴. ھٽ جي طرف کان. ٢۵. ساٿ يا انن جي قافلي وارن ماڻھن. ٢٦. نہ. ٢٧. وڃ. مَتِ. لنگھہ. ٢٨. اي مالاري (مالاري ھڪ پکي آھي. ان پکيءَ جو ساڄي طرف کان وڃڻ يا مٿڻ کي بد سوڻ يعني شگون ڄڻبو آھي). ٢٩. ڏائي طرف کان. ڪاٻي پاسي کان. ٣٠. ڏسج. نھارج. ٣١. وڻ جو ننڍڙو ڏارُ. لامَ. شاخ (وھڻ لاءِ). ٣٢. مان نہ= شال. ٣٣. ترسن. منزل ڪن. ٣۴. رستي. ڪس. ٣۵. (اٿ تان) لاھي. ٣٦. آريءَ کي. پنھونءَ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧

وِينِي پُوڄي[1] پِيرَ[2]، سَسُئيءَ سَنگهَرَ[3] پَٽيِين[4]،
اُسَ[5] مِ لَڳي اُونِيِين[6]، هَاڙهِي[7] لَڳي نَہ هِيرَ[8]،
ڪَارِيءَ[9] رَاتِ[10] قَنديِلَ[11]، ٻَرِيَمِ[12] ٻَاروچَنِ[13] جَا.

١٨

ڏِرَنِ[14] تَتَ ٻَرَنِ[15]، ڪُوڙِيِين[16] قَنديِلَنِ جُون،
رَهَنِ ڪَتِي[17] ڪَنڌِيِين[18]، ٻُوتَا[19] مَنجهه ٻَرَنِ[20]،
وَڻَ تَڻَ قُلَنِ[21] ڇَانيَا[22]، ڇَانگا[23] جت ڇَرَنِ[24]،
وَڃِي مَان نَہ[25] وَرَنِ[26]، ٻَانِهِيءَ[27] ٻَنڌَڻُ[28] جَنِ سِين.

١٩

ٻَانِهِيءَ ٻَنڌَڻُ جَنِ سَانَ، اَللهَ سِيئِي آڻِ،
پِيِيَمِ جَا پِرِيَنِ سِين، سَا ڪَنهِن پَرِ لاَهِيَان ڪَاڻِ،
آهِيَان گهَٽُو اَڄَاڻِ، مُوٽُ مُنهنجَا سُپِرِين.

٢٠

مَتَان[29] ڪَا ٻَڙِي[30]، ٻُولِ[31] ٻَاروچِي[32] وِسَهِي[33]،

١. ساري، ياد ڪري، عرض يا وينتيون ڪري، ٢. پيرن ڪي، ولين ڪي. خدا ڪي پهتل شخصن ڪي، ٣. سنگهر جي (سنگهر جو مڪان پنيور کان اٽڪل ٦۴ ميلن جي مفاصلي تي لس ٻيلي ۾ پبوٽيءَ جي لڪ کان ٻريان ۽ ماٻاڻ جي اوريان جبلن جي گول قطار ۽ دائري اندر آهي جنهن ۾ جبلن جو قطارون زنجير وانگر ڪڙو ڪڙي سان آهن ۽ ڪنڌين جي وڻن جون قطارون بہ زنجير وانگر آهن. سسئيءَ ۽ پنهونءَ جو قبرون هن مڪان ۾ آهن)، ۴. پٽن تي، ميدانن تي، ۵. ڏٻَ. سج جو تڙڪو، ٦. اونين ڪي جتن ڪي، ٧. هاڙهي (جبل) جي (لس ٻيلي جي اولهہ ۾ جبلن جي قطار ڪي هاڙهو جبل چوندا آهن)، ٨. هوا، ٩. تاريڪ. اونداهيءَ، ١٠. رات ۾، ١١. شمعن يعني ڏيئن ٻارڻ لاءِ شيشي جي رنگين پيالن وارا شمعدان. ١٢. (منهنجي اندر ۾) ٻريا، روشن ٿيا. ١٣. بلوچن يعني پنهونءَ ۽ ان جي عزيزن جا، ١۴. (جتي) منزل ڪن يا ڏاٻو ڪن يا ترسن. ١۵. روشن ٿين. ١٦. ڪروڙيون، لاتعداد انداز، ١٧. ڪتي جي (ڪتو هڪ مڪان جو نالو آهي)، ١٨. ڪنڌين تي، ٻرپاسي ۾، ١٩. اٺَ. ٢٠. رڻ پٽن، بيابانن، ٢١. قلن سان، گلن سان، ٢٢. ڀرپور، ٽمٽار، ويڙهيل، ٢٣. اٺ، ٢۴. (گاهہ يا وڻن جا گل) کائين. ٢۵. مان نہ = شال، ٢٦. موٽن، ٢٧. گوليءَ، نوڪرياڻي، ٢٨. لڳاءُ، محبت، ٢٩. بلڪل نہ، مبادا، ٣٠. اي ٻڙي، اي ٻيڻ، ٣١. ٻول تي، انجام يا واعدي تي، ٣٢. ٻاروچي جي، ٣٣. اعتبار ڪري.

سَنڌِي[1] جِيءَ[2] جَڙِي[3]، ڪَپي[4] ڪوهِيَارو[5] وِئو.

٢١

مَتَان ڪَا ٻَڙِي، ٻولِ ٻَاروچِي وِسَهِي،
هُوندَ نَہ سُتِيَس سَرتِيُون[6]، وِٻهِي رَهِيَس وَٽِي[7]،
جَتَ پَانهِنجِيءَ جُوءِ[8] ۾، گهَارِيَن[9] مَان[10] نَہ گهَڙِي[11]،
ڪيچِيَن آئُون نَہ ڪَڙِي[12]، ڪَنهِن ڏُجَڻَ[13] ڏَاوَڻُ[14] ڏَانئِيو[15].

٢٢

ڪِنِي[16] وَارِي[17] ڪِي وَاٽَ[18]، ڪِي پَاهَڻُ[19] ڪِي پِيچِرو[20]،
هَلِي هَاڙهِي سَامُهِين، لَڳِيَس اُڃَ[21] اُسَاٽَ[22]،
ڳوڙهَن[23] پَرِي[24] ڳَاٽَ[25]، اَپَرِ[26] آلاپُون[27] ڪَرِي.

٢٣

پَسِي اُڃَ اُسَاٽَ، ڏُونگَرَ ڪِي ڏَارُ[28] پِئو،
سَسُئِيءَ جِي سُورَن[29] جِي، لَڪَ مَٿِي[30] لَاٽَ[31]،
چَپَرُ[32] مِڙوئِي[33] چَاٽَ[34]، مُنڌَ پَارَ ڪَدِي[35] پَاٽِي[36] ڪِئو.

١. جِي، ٢. جان، دِل، ٣. جڙ، پاڙ، ۴. وِڍِي، ۵. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو، پنهون، ٦. جيڪر، جيڪڏهين، ٧. چنبڙِي، چهٽي، ٨. رهڻ واريءَ جاءِ يا هنڌ، علائقي، ٩. رهن، ترسن، ١٠. مان، نہ= شال، ١١. ٿوري ساعت، ١٢. ناپسند، ١٣. دشمنِ، ١۴. وِڄٽيءَ ۾ ٻڌل پَٽَ يعني ريشم جو هڪ سڳو جيڪو شاديءَ جي وقت لائُنِ تي ايندڙ گهوٽ کي ڪنوار جي پيڻ وغيره ڳچيءَ ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ گهوٽ ان کي ڇنڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ١۵. (هٺ ۾) جهلئو، ١٦. ڪجهہ، ١٧. ريتي يا رائو (جبلن جو)، ١٨. پنڌ، ١٩. پٿرَ يعني جبلَ، ٢٠. سوڙهو ۽ ڏکيو رستو، ٢١. اُڃ جي، پياسَ جي، ٢٢. تپش، سوزش، ساڙو، تڪليف، ٢٣. ڳوڙهن سان، لڙڪن سان، ٢۴. آلا ڪري، ٢۵. ڳلَ، رُخسارَ، ٢٦. بي انداز، ٢٧. وَرلاپ، پاڙَ، دانهون (درد ڀريون)، ٢٨. شگاف، چيرُ، سيرَ، ڦوٽ، ٢٩. جبل، ٣٠. مٿان، تي، ٣١. ڄرَ، مچَ، (عشق جي باهہ جي) ڄيي، ٣٢. جبلُ، ٣٣. سمورو، ٣۴. چاٽ سان، (اکين جي لڙڪن جي) وسڪاري يا ٻُوندن سان، ٣۵. پار ڪدي= روئي، ٣٦. پاٽي ڪئو= (لڙڪن سان) ڀري ڇڏيو.

٢٤

كُوكِئُو[١] پُڇِي[٢] كُوهُه[٣]، هَي[۴] كِئُو هَٽِي[۵] هَتَزَا،
سَا[٦] ڏُكَان[٧] ئِي نَه ڏِي، مَتِي[٨] ڏِيرَن[٩] ڏوهُه[١٠]،
رَائُو[١١] رُوئِي رُوهُه[١٢]، مُنڌَ[١٣] گُوڙهَن[١۴] سين گَج[١۵] كِئُو.

٢۵

هِيءَ گِسِي[١٦] هِيءُ گُس[١٧]، هِيءُ پَهَڻُ[١٨] هِيءُ پيچرو،
لِيڙَن[١٩] جو لطيف چَئِي، ڏُونگَر[٢٠] آهي ڏُس[٢١]،
وِيچَارِيءَ[٢٢] وَڏو[٢٣] كِئُو، وِينڌَن[٢۴] پُنيان وس[٢۵]،
جَڳَ[٢٦] ۾ رَهِيس[٢٧] جَس، سَگَر[٢٨] تِي[٢٩] سَردَار[٣٠] جي.

٢٦

پُنهونءَ[٣١] سين پِرت[٣٢] جو، كو جو[٣٣] پيچ[٣۴] پِئُوم[٣۵]،
پَنِيِي[٣٦] هَن پَنِيُور[٣٧] ۾، وَهڻ[٣٨] وِهُه[٣٩] ٿِئُوم[۴٠]،
مَتِيُون[۴١] مُوٽَڻ[۴٢] سَندِيُون[۴٣]، كَاكِيُون[۴۴] كِيمَ ڏِئُوم[۴۵]،
سَرتِيُون[۴٦] سَاهُه[۴٧] سَندُوم[۴٨]، ٿِئُو حَوالِي[۴٩] هوت[۵٠] جي.

١. دانهون يا سڏ ڪرڻو. ٢. ڪولي، نهاري. ٣. جبل. ۴. هاءِ هاءِ. ۵. هٽي هتزا= ارمان يا افسوس ڪري، پڇتائي. ٦. سسئيءَ ڏانهن اشارو. ٧. ڏک ڪان، ڏک سبب، ارمان سبب. ٨. تي. ٩. مڙس (پنهونءَ) جي ياٽرن. ١٠. ميار. ١١. (جبل جي) ريتي، واري. ١٢. جبل. ١٣. عورت، زال (سسئيءَ). ١۴. لڙڪن، آنسن. ١۵. ڳج ڪيو= ٻسائي ڇڏيو. ١٦. اٺ جا نرم نرم ليڏوٽا يا پٽڙي تيڪ. ١٧. رستو، واٽ، پيچرو. ١٨. جبل. ١٩. اٺن. ٢٠. ڏونگر ۾، جبل ۾. ٢١. پتو، اطلاع. ٢٢. نماڻيءَ، بي وس، مسڪين. ٢٣. ڏاڍو، گهڻو. ٢۴. ڪيچ ڏانهن ويندڙن پنهونءَ ۽ ان جي ياٽرن. ٢۵. حيلو، ڪوشش. ٢٦. دنيا، جهان. ٢٧. برقرار ٿيس. ٢٨. عزت، مانُ. ٢٩. سگر ۾، سٿ ۾، سنگت ۾، جماعت ۾. ٣٠. رهبر، اڳواڻ، پيشوا. ٣١. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٣٢. محبت، پيار. ٣٣. اهڙو. ٣۴. پيوند، لاڳاپو. ٣۵. مونکي پئو. ٣٦. سهڻي پر هتي توڪ جي نموني معنيٰ ٿيندي، بدزيبي، بي ڍولي. ٣٧. لٽي ضلعي ۾ ڳهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٢ ميل پري اولهه طرف هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي. ٣٨. رهڻ، گهارڻ، گذارڻ. ٣٩. زهر، تڪليف ده، ڏکئو، اڻ وڻندڙ. ۴٠. مونکي ٿئو. ۴١. صلاحون. ۴٢. ورڻ، واپسيءَ. ۴٣. جون. ۴۴. اي ڪاڪيون، اي ڀينر، اي جيڏيون. ۴۵. مون کي ڏيو. ۴٦. اي سرتيون، اي جيڏيون. ۴٧. جان، جيءُ. ۴٨. منهنجو. ۴٩. سپرد، بلي، هٿ ۾. ۵٠. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ).

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

(٢٧)

سَسُئِي[1] سَرواٽِن[2] سِين، ڪِهَڙو لَهُہ[3] لَڳوءِ[4]،
جَتَنِ جَڙَ[5] هَنيَئِي، ڪِي[6] پاٿِهِين[7] نِينهُن[8] لڳوءِ،
ڏاڏي پوٽو[9] ڏيهَہ[10] ۾، ڏُکي[11] ڪونَہ ڏِنوءِ[12]،
ڪِلِّي[13] جو ڪَنيوءِ[14]، سو مَتان[15] وِرُ[16] وِساريين[17].

وائي

ڪيچ[18] ڪَمِيڻيءَ[19] ڪي نِجا[20] وو پاروچَا[21]،
سانگ سَسُئِيءَ جو ڪِجا[22][23] وو پاروچا،
ڏُکيءَ جا ڏيرا[24] وو پانڌيا[25]،
ڪَمِيڻيءَ جا ڪيچ ۾، اگهِئا[26] اوجاڳا[27]،
پَرڏيهِي[28] سا پِريِرِي[29]، ڪَڏهين ڪامَ[30] ڪِجا،
هوتَنِ[31] هَلڻُ[32] مَن[33] ۾، مَعذُورِ[34] ماريندا[35].

---

١. اي سسئي، ٢.اوٺين، جتن، ٣. پيار، قرب، ۴. توکي لڳو يا ٿئو، ۵. (قرب جي) ميخ، ڪِلي، ٦. يا، ٧. ازخود، پاڻمرادو، ٨. عشق، محبت، ٩. پيءُ يا ڏاڏي جي عزيزن مان ڪو رشتيدارُ، برادريءَ وارو، ١٠. ملڪَ، ديس، ١١. اي ڏک جي ستايل، اي تڪليف ۾ قاتل. ١٢. تو ڏنو، ١٣. خوش ٿي، راضي ٿي، ١۴. تو ڪنيو، تو پسند ڪئو، ١۵. بلڪل نہ، ١٦. مڙسُ ڀتار، ڀتي، شوهر، ١٧. ڀُلائين، دل تان لاهين، ١٨. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جيڪو سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو ڳوٺ هو)، ١٩. نڪمي، بدڪار، ٢٠. اوهين نجو يا وني وڃجو، ٢١. اي ٻاروچا، اي بلوچا، اي پنهونءَ جا ٻائرو، ٢٢. لحاظ، خيال، ٢٣. اوهين ڪجو، ٢۴. اي مڙس (پنهونءَ) جا ڀائرو، ٢۵. اي پانڌيو، اي مسافرو، اي واٽهڙو، ٢٦. قبول پيا، سجايا يا ڪامياب ٿيا، بار آور ٿيا، ٢٧. شب بيداريون، ٢٨. پرڏيهي= ٻيَر ديسڻ، ٢٩. محبوبڙي، (عشق جي) بيمار، ٣٠. اصل، ٣١. نہ، ٣٢. هوتن کي، محبوبن کي، پنهون ۽ ان جي ڀائرن کي (سسئيءَ جو محبوب پنهون ۽ ان جا ڀائر بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هئا)، ٣٣. هلڻَ يا ٻنڌ يا سفر جو خيال، ٣۴. دل، ٣۵. معذور کي، جڏيءَ يا بيدار کي، ٣٦. برباد يا تباهہ ڪندا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُر ديسي

داستان تيرهون

١

وائِي[1] وارِي[2] وِنگُڙي[3]، ٻولِي ٻِي نَہ ڪَهَن[4]،
اَللهَ[5] ڪيچ[6] ڌَڻين[7]، مُون سين پَئِي[8] نَہ مامِرو[9].

٢

پيئَمِ[10] پَناڻَن[11] سين، ٻولي جي نَہ ٻُجهَن[12]،
آئُون سِنڌِيائي[13] نَہ سَمُجهان، اُوءِ[14] پارسي[15] پُڇَن[16]،
اَللهَ ڪيچ ڌَڻين، مُون سين پوي نَہ مامِرو.

٣

ڪا جا[17] ڪِيائُون، وائي واري وِنگُڙي،
آيَل[18] تَنهِن آئُون، ٻولِيءَ باتَاڙي[19] ڪِئي.

٤

وَڻڪارَان[20] وائِي، ڪا جا آندي ڪيچِين[21]،

---

١. ٻولي، گفتگو. ٢. پسند ڪري. ٣. ڏکي. مشڪل. سمجهہ ۾ نہ ايندڙ. ۴. ڳالهائين. ۵. اي الله. اي ڌڻي تعاليٰ. ٦. ڪيچ جي (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو وينل هو). ٧. ڌڻين جو. مالڪن جو. ٨. (شال) پوي. ٩. واسطو. اڻ بڻت. ١٠. مونکي پيئي (ڪاڻ يا غرض). ١١. پناڻ قوم جي ماڻهن. افغانستان جي رهاڪن. ڌارين ۽ اجنبي ماڻهن. ١٢. سمجهن. پروڙين. ١٣. سنڌي ٻولي. ١۴. هو يعني پناڻ. ١۵. فارسي ٻولي. ١٦. ڳالهائين. ١٧. اهڙي. ١٨. اي آيل. اي امڙ. ١٩. ٻاتاڙي ڪي= منجهائي. پريشان ڪئي. ٻتال ڪئي. ٢٠. وڻڪارَ ڪان (وڻڪارَ. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل. ڳوٺ نئن جو نالو آهي). ٢١. ڪيچ جي رهاڪن. پنهونءَ جي ڀائرن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُٽِي[1] مُون[2] سَائِي[3]، نِيٽِين[4] نِنڊَ[5] وِهُ[6] ٿِي.

٥

بُرو[7] فَازَا[8] بَات جَنِي، سِيرُوزِي[9] شِيشِي[10]،

ڏِين پَارِسيُون پَاڻَ ۾*، اِزَا[11] اَبلِيسِي[12]،

لِيزَا[13] رَات لطيف چئي، نَڏَائُون[14] نِيشِي[15]،

پُنهُون[16] پَروِبشِي[17]، ڪِجِ پِيَادِن[18] جي پَنڌَ[19] ۾.

٦

بُرو بِگيرَد[20] بِي[21] رَوَان[22]، شَنگ[23] رَوَان شِيزَا[24]،

تي جَاگَائِي جَتَڙو، وِيئِي هِنِيَن دِل دَروغا،

تَو[25] بَتَغِي[26] اُو[27] رِبتَغَان، لاَلَ[28] مَنجَهان[29] لوغَا[30]،

نَاحَقُ[31] سي نوزَان، ڏِين پَارَانِيَا[32] پُنهُونءَ کي.

٧

بُرو بِگيرَد بي، تَا ڏِين پَارِسيُون پَاڻَ ۾،

مُون لُوڏَان[33] ئِي لَکِيَا[34]، تَ هَاجُو[35] ڪَندَا هِي،

مَارِبندا مُون کي، پُنهُون نِيندا پَاڻَ سين.

---

١. ٻڌي، ٢. منهنجي، ٣. اها (وائي يا ٻولي)، ۴. نيٽن جي، اکين جي، ۵. آرام، ٦. حرام، ٧. وڃ، هن، ٨. ٻوئتي موني، ٩. تيون ڏينهن، ١٠. هلئا وئا *اهي پاڻ ۾ پارسيءَ ۾ ڳالهائين ٿا يعني مخفي طرح ڳالهائين. ١١. هتي، ١٢. هن (عورت يعني سسئيءَ) کي ڇڏيو، ١٣. اٿ، ١۴. بار سان لڏيائون، تيار ڪيائون، ١۵. نيش، ڏندن وارا جوان اٺ، ١٦. اي پنهون (سسئي جي محبوب جو نالو پنهون هو)، ١٧. پرگهور، سار سنڀال، ١٨. پنڌ هلندڙن، ١٩. واٽ، رستي، سفر، ٢٠. وني وڃن ٿا، ٢١. جلدي، ٢٢. وڃن ٿا، ٢٣. تکو، ٢۴. هنان (شنگ روان شيزا= هاٿي آئون هتان تکي ويندي س)، ٢۵. تون، ٢٦. رهجي ويئين، ٢٧. هو (پنهونءَ جا ڀائر)، ٢٨. هلئا وئا، ٢٩. محبوب، سهڻا، ٣٠. گهر، ٣١. بي گناهہ، اجايو، ٣٢. ڏوراپا، ٣٣. لوڏن مان، هلڻ مان، تور مان، ٣۴. پروڙئا، سمجهيا، سهي ڪئا، ٣۵. ظلم.

٨

بُرو[1] بِگيرد[2] بام[3] بليخا[4]، مان[5] نہ پروڙي[6] مام[7]،
ٿئو[8] ڏئي[9] ٿئو مان[10]، ڪٿان چُلي[11] چپر[12] جي لام[13]،
اَچي تن جي سام[14]، دُرها[15] دُرها ڪن جي.

٩

دُرها دُرها ڪن، فازا[16] فتح سيڻ[17] وئا،
بي[18] غرضا بلوچا[19]، رس[20] نہ رهايو[21] تن،
سسئي لاءِ سيڻن، چيرون[22] ٽيندي[23] چپرين[24].

١٠

داسا داڪا داري، هنداري هئا مِ*،
هرداسا[25] هن حال جا، هتي هوت[26] ڏنام[27]،
پذيري[28] ايذخام[29]، پائي[30] پيچ[31] پريت[32] جو.

١١

جيڪر[33] روان[34] روش[35]، مروشي[36] محبوب ذي،
مُنا[37] گُشي[38] مولدي[39]، ديوا[40] پُنهون[41] دوس[42]،

---

١. هلو، ٢. وٺي وڃن ٿا ٣. عورت، زال، ۴. پاڻ سان، ۵. مون، ٦. سمجهي، سهني ڪئي، ٧. رمز، ڳجهارت، پرولي، اشارو، ٨. تون، ٩. ڏي، ١٠. مونکي، ١١. ٻوڙي، هلي، ١٢. جبل، ١٣. لام ڪان، پاسي ڪان، ١۴. سام ۾، پناھ ۾، حفاظت ۾، ١۵. چڱو ڀلا، شاباس، واھ واھ، خوش مرحبا، ١٦. پوئتي، موٽي، ١٧. سڄڻ، محبوب، ١٨. بي غرضا= لاپرواھ، بي ڪاٽيا، ١٩. بلوچ، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ (جيڪو بلوچ قوم مان هو) جا پائر، ٢٠. محبت، قرب، ٢١. نباهيو، ٢٢. واسطي، ٢٣. چيرون ٽيندي= هلندي، دربدر ٿيندي، ٢۴. جبرن ۾، * جبلن ۾ هينئر ويا، هتي گهڻو ويٺا هئا، ٢۵. هن وقت، هاڻي، ٢٦. محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٧. مون ڏنا، ٢٨. قبولي، ٢٩. ايندام، مون ڏي ايندا، ٣٠. وجهي، ٣١. وڪڙ، ور، ٣٢. محبت، پيار، ٣٣. دل جوي ٿي، ٣۴. وڃان، ٣۵. ڏينهن، روز، ٣٦. امروز، اڄوڪي ڏينهن، ٣٧. مون کي، ٣٨. جيڪر هيءَ جوي ها، ٣٩. ٻانهي، گولي، ۴٠. ڏيان ها، ۴١. پنهون کي، ۴٢. ميار، ڏوھ.

چَڙهِي ڏَاڍِين[1] ڏُونگرِين[2]، پُر[3] ڪَرِينْدِي[4] پوش[5]،
تَئي[6] گُواڪا[7] مَنِي[8] گوشَ[9]، سُٽِي[10] مَان نَہ[11] سَگهِي[12] تِيَان.

١٢

بِيَا[13] مَن[14] تَہ ڪَرد[15] نِنْدُون[16]، تَئي گُفتَا[17] مَنِي گوشَ،
مَنِ[18] اوزِي[19] بَرَامَ[20] سين، هُو[21] هَاڙهِي[22] جَا بَلوچ،
اُشتَر[23] اُنَهِيءَ پَارَ جَا، آندَائُون ارموشَ[24]،
تَئي گُواڪا مَنِي گوشَ، سُٽِي مَان نَہ سَگهِي تِيَان.

١٣

گُئَاخ نَہ پِيَڙءِ گوشِ، سَسُئِي سَروَاڻَن[25] جو،
آيئي نِندَ اَيَاڪَ[26] جي، مُنذَ موڳِي بي هوشُ،
لاَلَڻُ[27] لَيل[28] روَان[29] تِئو، تي رَند نِهَارِين روشُ[30]،
سَاجَنُ تِئو سِر[31] پوش، پَنذَ مِ پِيَادِنِ جو.

١٤

شَمَا[32] وَاوَ شَموس،* سِگهِي مِڙَندِينءَ[33] سَسُئِي،
ليڙَنِ جو لطيف رح چئي، گُئَاخُ نَہ ڪِيڙءِ گوشِ،

---

١. ڏاڍين، جاڏن، ڏکين، اوکن، تڪليف ڏيندڙن، ٢. ڏونگرن تي، جبلن تي، پهاڙن تي. ٣. همت (جو). ۴. ڪندي. ۵. پردو، ڍڪ، بچاءُ، توڪل. ٦. تنهنجي. ٧. گواڪ تي، گئاخ تي، سڏ تي، آواز يا هڪل تي. ٨. منهنجا. ٩. ڪَنَ. ١٠. ٻڌي. ١١. مان نہ= شل، خدا ائين ڪري. ١٢. چڱي ڀلي، تندرست. ١٣. اچ. ١۴. مون ڏي. ١۵. ڪَڌ. ١٦. وِهون. ١٧. گفتي ڏانهن، ڳالهہ ڏانهن. ١٨. آئون. ١٩. گنهگار. ٢٠. برهمڻ (سسئي اصل برهمڻ جي خاندان مان هئي). ٢١. يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون ءَ ان جا پائر، جيڪي بلوچ قوم جا هئا. ٢٢. لس ٻيلي رياست ۾ هڪ جبل. ٢٣. اٺ. ٢۴. تکا هلندڙ. ٢۵. جتن. ٢٦. ننڊ، ننڊاکڙ (؟) ٢٦. نياڳ. ڪم بختيءَ. ٢٧. محبوب، پنهون. ٢٨. رات. ٢٩. روانو. ٣٠. ڏينهن جو. ٣١. سر جو، مٿي جو. ٣٢. ٿون. ٣٣. واوَ شموس = ننڊ ڦٽي ڪر.

رَوَا[1] مَـروشِـي[2] روشُ[3]، ڪَـاهِـ[4] تَـ ڪيـچِـيَـنِ[5] ڪي رَسِـيَنِ[6].

١٥

ڏاڱـهَـنِ[7] لاهِـيَن[8] ڏانَ[9]، اُنَـنِ[10] ڏيـنِ[11] ڪَـرڪَـرا[12]،
مُـنَـا[13] شِـيـشِـي[14] ڦُـٽَـنـگـا[15]، پُـسـتَ[16] جَـنِ[17] پَـلاڻَ[18]،
سَـنـجَـهـي[19] وِئَـا سَـرواڻَ[20]، مَـيِن[21] پَـڻ[22] پَـاڳـو[23] رَفـتَـگـانَ[24].

١٦

ڦَـارَا[25] ڏيـرَ[26] ڦـگـهِـيَن[27] وِئَـا، اُتـي اُنَ نِـيَـاڻَ[28]،
ٻـڪُ[29] نَـدِي[30] تَـي[31] نِـسـتـيَـا[32]، پَـاتَـائُـون پَـلاڻَ،
سَـنـجَـهـي وِئَـا سَـرواڻَ، مَـيِن پَـڻ پَـاڳـو رَفـتَـگـانَ.

١٧

ڦَـارَا ڏيـرَ ڦـگـهِـيَن وِئَـا، هُـئَـا جُـوراڻَـا[33] جَـتَ،
ايـڏَا[34] نَـڏَوَ[35] ايـگـوان[36]، پَـلاڻـئـا[37] پَـربَـتَ[38]،
مَـاڻُـهـو ڏِيـنِـمِ[39] مَـتِ[40]، آئـون لَـجَ[41] بَـلـوچِـي[42] نِـشـتَـگَـانَ[43].

١. (فارسي)، رو، وڃ. ٢. امروز، اڄ. ٣. روز، ڏينهن. ۴. ڊوڙ، تکي هل. ۵. ڪيچ (جيڪو لس ٻيلي رياست جو هڪ شهر آهي)، جي رهاڪن، پنهون ۽ ان جي ڀائرن. ٦. پهچين. ٧. ڏاڳهن جا، انن جا. ٨. ڄوڙين، اڪولين. ٩. چوپائي مال کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ ٽنگن ۾ ٻڌل رسا. ١٠. انن کي. ١١. هڻن. ١٢. انن يا گهوڙن جي بدن تان مٿي لاهڻ لاءِ لوهہ مان ٺهيل ڦٽيون. سڪل تورين مان ٺهيل ٻرش. ١٢. مون کان. ١۴. هلئا وئا. ١۵. جلد، تڪڙا. ١٦. پٺن تي. ١٧. جن جي. ١٨. انن تي بار کڻڻ لاءِ انهن جي پٺيءَ تي رکيل ڏين ۽ ککن مان ٺهيل ٻنڊا جن جي پاسن ۾ ڪاٺ جا ڏنڊا ۽ اڳيان ڪاٺ جا ڪتب لڳل هوندا آهن. ١٩. سنجها جي وقت، سڄ لهڻ وقت، رات شروع ٿيڻ مهل، سوير. ٢٠. ساربان، شتربان، جت. ٢١. آئون. ٢٢. ٻہ. ٢٣. پجندي، ڊوڙندي. ٢۴. ويندي، وجان ٿي. ٢۵. پوئتي، موٽي. ٢٦. مڙس يعني شوهر (پنهونءَ) جا ڀائر. ٢٧. سوير صبح جي مهل ڪنيي ڪٿي وئا (پنهونءَ کي). ٢٨. ڪاهي وئا. ٢٩. خبر. ٣٠. نٿو ڏين. ٣١. تون. ٣٢. وئو آهين. ٣٣. جوراور، زوراور، بي قياس، جور يعني ڏاڍائي ڪندڙ، ظالم. ٣۴. هت. ٣۵. وئي آهيان. ٣٦. اڪيلي. ٣٧. پلاڻ رکيائون (انن جي پٺين تي). ٣٨. (وڏا) اٺ، هاٿي يعني اٺ. ٣٩. مون کي ڏين. ۴٠. صلاح، مشورو. ۴١. زال. ۴٢. بلوچ قوم جي. ۴٣. وئي آهيان.

١٨

لَجَ بَلوچِي نِشتَنگان، هُنِ بولِي[١] بُڌائِي،
سُٽِي مَان نَہ سَگهِي تِئان، بَاروچِي وائِي[٢]،
جَڏهِين نَزديڪ[٣] نِندَ[٤] آئِي، ڦَارَا ڏيرَ ڦَنگهِين وِئا.

١٩

ڦَارَا ڦيرِيَائُون[٥]، مَهَارُون[٦] مَيَن[٧] جُون،
مَنرُوشِي[٨] جَبَلِ[٩] رَوَان[١٠]، وَاڱُون وَارِيَائُون،
مُون کِي مَارِيَائُون[١١]، پُنُهُون نِيَائُون پَاڻَ سين.

٢٠

لاَلَڻَ[١٢] لُوغَ[١٣] وِئَا، هَلَڪَ[١٤] رَوَان ڙِي[١٥] جِيڏِيُون[١٦]،
پِيرَ پَسَتَا[١٧] پَهَڻِين[١٨]، ڪَڏهِين ڪِينَ پِئَا،
لاَلَڻَ لاَءِ لَطِيفُ چِئي، اوزَان اوز تِئَان،
وَرَنَهَہ[١٩] وَرِ[٢٠] پِئَا، بَاروچَا بَاجَهَہ[٢١] پَرَئَا[٢٢].

٢١

گِندَا[٢٣] گُشِي[٢٤] پَاڻَ ۾، ڪَنِ گِرُهَہ[٢٥] بَاتِ[٢٦]،

١. ڳالهہ، ٢. آواز. ٣. ويجهي، قريب، ۴. ڳهر، سمهڻ واري حالت. ۵. وارياڻون، موڙياڻون. ٦. انن جي نڪن ۾ ٻڌل رسيون يا نوڙيون (جن سان انن کي هلائجي)، واڳون. ناڪيليون (مهارون ڦيريائون= اٺ ڪاهي ويا). ٧. انن. ٨. امروز، اڄ. ٩. جبل ڏانهن، پهاڙ ڏانهن. ١٠. روانا ٿيندا سون. ١١. تباهہ يا برباد ڪيائون. ١٢. محبوب. ١٣. گهر مان (لوغ وٺا= گهر مان هلئا وٺا). ١۴. هلڪ ڏي، ڳوٺ ڏي. ١۵. اڙي، اي. ١٦. ساهيڙيون، سرتيون. ١٧. هيٺ. ١٨. پهڻن تي، پٿرن تي. ١٩. بهادر، سورهيہ، چڱا يا سکر ماڻهو. ٢٠. ور ۾، قسمت يا نصيب ۾، (ور پئا= ملئا، حاصل ٿئا). ٢١. مهر، رحم، ڪهل، قياس. ٢٢. وارا (ٻاجهہ پرئا= مهربان، رحمدل). ٢٣. ڏسو. ٢۴. هو چون ٿا، هو ڳالهائين ٿا. ٢۵. اڻ وڻندڙ، ڏک يا رنج پهچائيندڙ. ٢٦. ڳالهہ.

اِهَا وائِي[1] وَاتِ[2]، عَيْشَ[3] کِلُون[4] بِرهَہ[5] بُرُون[6].

۲۲

گَنْڍا[7] گُڇِي[8] پَاڻَ ۾، سِرِ[9] چَپِنْ[10] چولِي،
پَرِيَتْ[11] پَرُوڄِي[12] ڪِينَ ڪِي، ٻَاروچِي ٻولِي،
گُسُ وَنِي گولِي، پَهتِي جَامَ پُنهُونءَ کي.

۲۳

زَڙِتو بَڙِتو زورِ، پُنهُون نِيَائُون[13] پَاڻَ سين،
ٿَش تَڙَشِ ڪِينَ ڪِي،* ٻُرو[14] ڏُونگرُ ڏُورِ[15]،
مَنَان[16] تَڙَشَا[17] نَہ ڪَرِ، بَرابَر[18] اُتي دُوڙ[19]،
هَارِي[20] لاَهِ مَ هُورِ[21]، ايشِي[22] مَناغِي[23] سُپِرِين.

۲۴

ٿَڙِي تَان ٿَڙَا پَڙِي#، چَڱِيءَ[24] پَتِ[25] چَوَان[26]،
مَمُولَدُ[27] ٿَئو مُون[28] پِرِين، وَنِي شَالَ وَرَان،
زَبِدَن[29] مُحِبَ[30] مِڙَان[31]، ٿَڙِ[32] بِيَا[33] تُوڙڪو[34] ٿَئي[35].

---

۱. ڳالهہ، ٻولي، پچار، ۲. وات ۾، ۳. هڻ يعني سسئيءَ کي، ۴. ڇڏيو، ۵. ياءَ يعني پُنهونءَ کي، ٦. کٿو، ۷. ڏسو، ۸. هو چون ٿا، هو ڳالهوين ڪن ٿا، ۹. تي، ۱۰. لبن، وات (سرچپن چولي= چپن تي جاري آهي)، ۱۱. ڌوٻڻ، ڌوٻياڻيءَ، ڪتياڻيءَ، مزوريءَ تي ڪپڙا ڌئندڙ عورت (سسئيءَ)، ۱۲. سمجهي، ۱۳. زڙتو بڙتو زور= جهڳڙو يا زور زبردستي (ڪري)* ٿش، معنيٰ ڀڄ ۽ تڙش معنيٰ ڊپ ڪر، ۱۴. وڃي، هلي، ۱۵. ڳول، جاچ، ۱٦. من ۾، دل ۾، ۱۷. ڊپ، خوف، ۱۸. چڱيءَ طرح، نيڪ، صحيح نموني، ۱۹. ڀڄ، ڊُڪَ، ۲۰. اي هاري، اي نادان، اي بي عقل، ۲۱. ڪٿڪو، الڪو، فڪر، ڳڻتي، ويچار، ۲۲. هيءُ، ۲۳. اجهو تہ چاڻ اچڻ وارو آهي،# بر وقت قابو ڪر، ۲۴. سٺيءَ، ۲۵. ريت، نموني، ۲٦. (توکي) چوان يا صلاح ڏيان، ۲۷. لاپرواهہ، البيلو، ۲۸. منهنجو، ۲۹. جلدي، ۳۰. محب کي، محبوب کي، ۳۱. ملان، گڏجان، ۳۲. جلد، سگهو، ۳۳. اچ، ۳۴. ڊوڙي، ڀڄي، ۳۵. تون.

٢٥

شَمَا[١] بُروا[٢] زبرِ[٣] ڪَني، سَجڻ[٤] لَڱ[٥] خُدا،
چشمَا[٦] تي ڪُش[٧] مَرانِ[٨]، تيري[٩] نيڻين[١٠] ڪئا ڳهاءَ[١١]،
آئُون ڪِيئَن مَتِيان[١٢] ساءُ[١٣]، سيڻِ[١٤] ڪان سَيَدُ رح چئي.

٢٦

بُرو[١٥] ڪَشي[١٦] بَرَ[١٧] چڙهِئا[١٨]، نِهَ نئُون نيئِي،
ٻاري[١٩] اُن بَلوچَ[٢٠] سين، مَهري[٢١] مِرزيئي،
ڏُکِيءَ[٢٢] ڪي ڏِيئِي[٢٣]، وِئا ڏاڍيڻ[٢٤] ڏُونگرين[٢٥].

٢٧

نِڪرُ ڏُکِي ڏيهَه[٢٦] مان[٢٧]، غافِلُ[٢٨] ڪَيمَ[٢٩] گُذارِ[٣٠]،
مَحبُوبُ تَغانُ[٣١] شَهرابُ تَغان، اُتي جَڏو[٣٢] نِهارِ[٣٣]،
ليڙو[٣٤] دَزو بُختَنگا[٣٥]، تانگهو تِنگها[٣٦] تاڻِ،
بُرغا[٣٧] پُنهُونءَ ڪاڻِ[٣٨]، ڏُونگرُ ڪُلِي ڏورِ سَفان.

٢٨

نِڪرُ ڏُکِي ڏيهَه مان، هاڻي چَڏِ هِيءُ هَنڌُ،

---

١. اوهان، ٢. وجو. ٣. هن کي وٺي اچو. ٤. اي سڄڻ، اي پارين، اي محبوب. ٥. واسطي. ٦. (محبوب جي)، اکين. ٧. ڪسجي، قتل ٿي، ٨. ساهہ يا دم ڏيان. ٩. تنهنجي. ١٠. اکين. ١١. ڦٽ، زخم. ١٢. بدلايان، ترڪ ڪريان. ١٣. سانگو، ذوق، خيال، پيار. ١٤. محبوبن، سڄڻن. ١٥. هلو. ١٦. چئي، ١٧. بر ڏي، رڻ پٽ ڏي. ١٨. هلئا وٺا. ١٩. اعليٰ قسم جا، بهترين. ٢٠. سسئيءَ جي محبوبَ پنهونءَ (جيڪو بلوچ قوم جو هو). ٢١. صرف ماٺهن جي سواريءَ يا چڙهيءَ جا اٺ. ٢٢. ڏکويل، دردمند، تڪليف ۾ ڦاٿل. ٢٣. ڇڏي، ٢٤. ڏاڍن، جاڏن، ڏکين، اوکن. ٢٥. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، پهاڙن ۾. ٢٦. اي ڏکي، اي ڏکويل، اي دردمند (سسئي)، ٢٧. ديس، ملڪ. ٢٨. سست، بي بخر. ٢٩. نہ. ٣٠. گهار، رهہ، حياتي بسر ڪر. ٣١. هلئو وٺو. ٣٢. (پنجن سالن جي عمر وارا) اٺ. ٣٣. ڳول، جاچ، تلاش ڪر. ٣٤. اٺ. ٣٥. دزو بختگا= جلد اٺ کي جوڙي ڪيڏانهن وجي ٿو. ٣٦. تانگهو تنگها تاڻ= ڪيڏانهن جي تياري ڪئي اٿس. ٣٧. وڃان ٿي، ٣٨. واسطي.

ڪَارَڻِ هوتَ پُنهُونءَ جي، رَاهَ پُڇَائِجِ رَنڊُ،
سَفَرُ طَوِيلُ وَزَادُهَا قَلِيلُ،# پَٽيِين اَڙَانگو پَنڌُ،
ڪيچِيَنِ ڪَارَڻِ ڪَنڌُ، ڏِيئِي مَرِجِ ڏُونگرين.

٢٩

نڪِرُ نِمَاڻي، پَرَتيئَن پُنهُونءَ جَامَ ڪي،
سِگَرَ ۾ سَيَدُ چَئي، هوتَنِ ٿِيءُ هَاڻي،
توڪي سُڄَاڻي، پَاٺِهين ڪَندا پَانهنجو.

وائي

ٻَڙي مَادَرِ مَاءُ، مُون ۾ ٻَرِهُ ٻَلُوچَ جو،
مُونکي لَڳِڙو ڪَانُ شتَابَا،
ٻَرِيَمِ ٻَاروچَنِ جَا، ڏُونگَرَ مَنجهه ڏِيَا،
ڏُکُون ٻُکُون ڏَاکِڙَا، ڪَارَڻِ جَنِ مُون ڪِئَا،
سُورَ نَه سَانَدِڻُ سُتِرَا، جِيهَا جِي تِيهَا،
پُنهُون مُنهنجو پَاڻَ سين، وَنيءَ وَرُ وِئَا،
پَاتَمِ هوتَ پُنهُونءَ لاءِ، لَڪَنِ مَنجهه لِيَا،
اُنِ جَا عَبدالطيف چَئي، اَچِي پُورَ پِئَا.

١. واسطي، ٢. محبوب (هوت، بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣. رستو، واٽ، ڪس، رند، ٤. معلوم ڪج. # سفر يعني پنڌ ڊگهو آهي ۽ ان (سفر) جو سامان سڙو يعني ڪاڌو پيتو (خرچ پکو) ٿورو آهي، ٥. پٽن جو، ميدانن جو، رڻ پٽن جو. ٦. ڏکيو. ٧. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان سهر جو رهاڪو هو)، ٨. مٿو، سرُ، سسي، ٩. قربان ڪري، ١٠. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ١١. ٻاهر ٿيءُ (ڀنڀور مان)، (ڀنڀور هڪ قديم شهر ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٻه ميل پري آهي جنهن ۾ سسئي رهندي هئي)، ١٢. اي نماڻي، اي مسڪين، ١٣. (ٿون) پرتي آهين، حوالي يعني سپرد ٿي آهين، ١٤. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١٥. رستي، واٽ، جماعت، سات، قافلي، ٽولي، ١٦. جِي، ١٧. سهي ڪري، پرکي، جاڻي، پڇاڻي، ١٨. ازخود، خودبخود، ١٩. اي ٻڙي، اي ادي، اي مادر، اي امان، اي ماءُ، ٢٠. ورهُ، درد (وڇوڙيءِ جو)، ٢١. ٻروچ، پنهون، ٢٢. تيرُ يا ڀالو (عشق جو)، ٢٣. تڪڙو، ٢٤. مونکي ٻريا يعني مون ٻرندي ڏٺا، ٢٥. جبل، ٢٦. نڪر جا ڪِپڙا جن ۾ تيل وجهي ٻار جي، ٢٧. تڪليفون، ڏاکڙا، ٢٨. لنگهڻ، فاقا، ٢٩. ڏکَ، درد، تڪليفون، ٣٠. لڪائڻ، بيان نه ڪرڻ، ظاهر نه ڪرڻ، ٣١. سولا، آسان، ٣٢. جيها تيها= ڪهڙي به قسم جا، ٣٣. مڙس، ڀتارُ، ٣٤. جبلن، ٣٥. جهاتيون، ٣٦. خيال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر ڏيسي

داستان چوڏهون

١

ڪَهَان[1] تَانْ[2] ڪيچَان[3] پَري[4]، وِهَان تَان وِٽ[5] مُون[6]،
پُلِي[7] ڏُوريَم[8] پُون[9]، عَبَثُ[10] آريءَ[11] جَامَ[12] ڪي[13].

٢

ڪَهَان تَان ڪيچَان پَري، سُمَهَان تَان سِرَ هيٺ[14]،
پَارُوچي[15] سين ڏيٺ[16]، جيڏيُون[17] جيهي[18] پِرِ[19] ٿي.

٣

ڄُلاَن[20] تَه ڄجَنِ[21] پيرَ، وِهَان تَه وَڃَن نڪئو[22]،
مُون جِيئَن[23] ڪَندي ڪيرَ[24]، جَتَنِ[25] پُنيءَ[26] جُلهُون[27].

٤

جَتَنِ ڪَارَڻِ[28] جوتَ[29]، پِٽيندي[30] پِرهَه[31] ٿي،
مَتي[32] مُٿيءَ[33] موتَ[34]، ڪَانڌَ[35] نَه ڪِي[36] ڪَڍهين.

١. هلان يا پنڌ ڪريان (محبوب ڳولڻ لاءِ)، ٢. تہ. ٣. ڪيچ کان (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهندڙ هو)، ٤. محبوب پري يعني ڏور ٿيندو وڃي، ٥. پاسي ۾، پر ۾، ٦. منهنجي، ٧. غلطي ڪري، چُڪَ ڪري، ٨. مون ڏوري، مون جهاڳي، مون ڏُونڍي يا سوجهي، ٩. زمين، ڌرتي، ملڪ، ڏيهہ، ١٠. اجايو، بي سود، ١١. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٢. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١٣. لاءِ، ١٤. سر هيٺ= ڪنڌ يعني مٿي جي هيٺان، تمام ويجهو، ١٥. بلوچ، پنهون، ١٦. ملاقات، وصل، ١٧. اي جيڏليون، اي ساهيڙيون، ١٨. اهڙيءَ (اُتيءَ)، ١٩. ريت، نموني، ٢٠. ڊوڙان، ستون ڏيان، ٢١. ڦٽجن، زخمي ٿين، ٢٢. نڪرئو، اُسهئو، ٢٣. وانگر، ٢٤. ڪابہ نہ، ٢٥. جتن جي، اوٺين جي، ٢٦. پنيان، ٢٧. ڪاهون، ڊوڙون، پنڌَ، ٢٨. واسطي، لاءِ، ٢٩. سٿرَ، رانَ، گوڏو، ٣٠. ڏک هڻندي، ڪُٽيندي (جوت پٽيندي= ماتم ڪندي، روئندي، افسوس ڪندي)، ٣١. فجر، اَسُرَ، ٣٢. تي، ڏانهن، ٣٣. مٺل، برباد يا تباهہ ٿيل، ٣٤. واپسي، لاڙو، ٣٥. مڙس، پتارَ، شوهر، ٣٦. ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

جي هَاڙهي[1] هيٺ[2] چَرن[3]، تَن مَيَن[4] مَاريُ[5] آهيَان،
ڏُکيءَ[6] سَنديُون[7] ڏونگريُن[8]، پَچَارُون[9] پَون[10]،
ڏِني ڏوتيَڙن[11]، پَار[12] ڪَڍَندي پَبِ[13] ۾.

٦

ڏوتي ڏَسُ[14] نَہ ڏِين، آيَل[15] بَاروچَن[16] جو،
اُتي چَڏي هَلِئَا، جتي مَرُون[17] تَا مَارِيَن[18]،
اَچِئو تَيَن اوڏَڙا[19]، ڏَمَرَ[20] ڏيڪَارين،
وَجَان[21] وَاتَ[22] نَہ ڏِين، جو[23] پِيرُ[24] نِهَارِئان[25] پِريَنءَ[26] جو.

٧

جَبَلُ ڏي نَہ جَوَابُ[27]، اِگِئَان آريچَن[28] جو،
سَندو[29] اِڪيُن آبُ[30]، پَهڻَ[31] تو پُرزا[32] ڪَري.

٨

جَڏهين ساٿيَن[33] تي سَڌَ ڪئا، بُڌَئي نَہ بُوڙي[34]،
هَمرَاهي[35] هوتَن سين[36]، تو جُودَان[37] نَہ جوڙي[38]،

١. هاڙهي جبل جي (لس ٻيلي جي والهہ طرف واريءَ جبلن جي قطار کي هاڙهو چوندا آهن). ٢. تري ۾، ٻر ۾، پاسي ۾. ٣. (گاهہ وغيره) کائين. ۴. انن. ۵. فنا ڪئي، سَتائي. ٦. ڏکايل، دردمند. ٧. جون. ٨. ڏونگرن ۾. ٩. ڳالهيون، ذِڪرُ، عيبَ، گهٽتايون. ١٠. ڳائجن. ١١. ڏوٽين، جهنگ جي ماڻهن، ڏٽ يعني جهنگ جي شين تي پيٽ پاريندڙن يا گذران ڪندڙن. ١٢. آلاپَ، ورلاپَ، درديليون دانهون. ١٣. هالار جبل جي ڏاڪٽي جبلن جي قطار جو نالو. ١۴. پتو. ١۵. اي آيل، اي امڙ. ١٦. ٻروچن، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ١٧. جانور (جهنگ جا). ١٨. ساهہ ڪڍن. ١٩. ويجها، قريب، نزديڪ. ٢٠. واحد ڏَمرُ= تاءُ، تڪ، دهشت، ڪاوڙ. ٢١. هلان، اڳتي، وڃان. ٢٢. ڳس. ٢٣. تہ. ٢۴. پير جو نشان. ٢۵. ڏسان، ڳوليان، ووڙيان. ٢٦. محبوب. ٢٧. خبرَ، ڏَسُ، پتو، حال احوال. ٢٨. آريءَ جي اولادَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ۽ ان جا ڀائر ان قبيلي مان هئا). ٢٩. جو. ٣٠. پاڻي، لڙڪَ، ڳوڙها. ٣١. پهڻ کي، جبل کي. ٣٢. ٽڪر، ذرا ذرا، چيهون. ٣٣. ساٿ يعني قافلي وارن. ٣۴. ٻُڌي نہ سگهندڙ. ٣۵. دوستي، سنگت، ساٿ. ٣٦. محبوبن، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ٣٧. جود مان، سيگهہ مان، جلدائيءَ سان، فراخدليءَ سان ٣٨. ڳنڍي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَلئُہ پُنهُونءَ ڄامَ جو، جَهلِيُئِي نہ ڊوڙي،
نَاحَقُ نِدوري، مَتي رَاهہ رِڙُهون ڪَرِين.

۹

توکي پُڇِيمِ تي، مَنَ ڪو اونِيَنِ جو اُهڃُ ڏِين،
لوري لَنءُ پِري، پاڻان وَانِيئِي وِمَ جو.

۱۰

بِلڪُل ڪَري نہ بَسِ، هِنيُون مُنهِنجو هوتَ ري،
پِرِين جَنهِن پارِ وِئو، ڏُونگَرَ مُون کي ڏَسِ،
ٿِئو بَاروچي وَسِ، جِيئَڻُ مُنهِنجو جيڏِيُون.

۱۱*

جَاڳِي جَاڳِي سَسُئِي، جَان هِيجَان هَتَ وِڌَاءِ،
سيج سُڃِي پِرِينءَ رِءَ، پُنهُون پَتَرِ نَاهہ،
اُٿِيندي چِيَاءِ، گهوڙا گهَرِ نہ سُپِرِين.

۱۲

سِڪِي جَان سُتِيَاسِ، تَان سِڪَ سُمَهڻ نہ ڏي.

۱. پلاندَ، دامَن. ۲. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ۳. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ۴. تو جهليو، تو ورتو، تو پڪڙيو. ۵. اجايو، بي جا، بي سبب، هرَيَرو. ٦. نياڳي، بدبخت. ۷. تي. ۸. رستي. گس. ۹. دانهون. ۱۰. توسان. ۱۱. ڳالهايم، مون ڳالهايو. ۱۲. تہ. ۱۳. جيڪر، هوند. ۱۴. جتن. ۱۵. پتو، خبر، اطلاع. ۱٦. ڪانَ، تير. ۱۷. لَنءُ جو، محبت يا پيار جو. ۱۸. زور سان. ۱۹. آئلو. ۲۰. تو وانيو يعني وَهايو يا هنيو. ۲۱. رئيس عضوي جهڙوڪ دل، جيري، ڦڦڙ. ۲۲. صبر، ماٺ، چُپ. ۲۳. طرف. ڏس. ۲۴. اي ڏونگرَ، اي جبل. ۲۵. ڏس. ۲٦. بروچ جي، پنهونءَ جي، پنهونءَ جي. ۲۷. وَسَ ۾، اختيارَ ۾. ۲۸. زندهہ رهڻ، جيئرو رهڻ *هن بيت جون پهريون ٻہ مصراعون سائين شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جون چيل آهن جي لطيف رح سائينءَ تضمين طور ڪم آنديون آهن. ۲۹. بيدار رهي، ننڊ ڦٽائي، اوجاڳو ڪري. ۳۰. جيئن ئي. ۳۱. هيج مان، شوق مان، چاهہ مان، سڪ مان. ۳۲. تو وڌا يا، لڳايا (بستري کي). ۳۳. شاديءَ جي موقعي تي گهوٽ ڪنوار لاءِ تيار ڪيل کٽ ۽ بسترو. ۳۴. خالي، ويران. ۳۵. پٿر تي، پٿراٽيءَ يعني بستري تي، اڱڻ ۾، گهر ۾. ۳٦. چيائين. ۳۷. هاءِ افسوس. ۳۸. آرزو ڪري، تمنا ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَاڳِي[١] سُتيَسَ جَنِ[٢] لاءِ، سي آيا تان نہ اُتياسِ،
پينرُ[٣] آئُون پُليَاسِ[٤]، نہ تہ سِڪَ[٥] سُمَهڻُ[٦] چَا لَڳِي[٧].

١٣

رَائُو سَجَائِي رَاتِ، اوُنيَنِ[٨] گَهٽُو[٩] اُجِلئُو[١٠]،
بَرهَمَڻِ[١١] کي بَرَ[١٢] ۾، سَندي[١٣] بُوتَنِ[١٤] بَاتِ[١٥]،
وِڏائِين[١٦] وَٽِ ڪَارَ[١٧] ۾، تَنُ[١٨] پِريَانَ[١٩] جيءَ تَاتِ[٢٠]،
وِهَاٽيءَ[٢١] پِريَاتِ، سَڳَرِ[٢٢] ٿيندي سَاٿَ[٢٣] جي.

وائي

بَاروچِي[٢٤] سَان بَڙي[٢٥] جيڏيُون[٢٦]، هيڪَرَ[٢٧] تيَان هيڪَاندي[٢٨]،
چَڙهِي نہ سَگهَان چوٽيِنِ[٢٩]، يَارَ[٣٠] بِنَان[٣١] دِلِ[٣٢] مَاندي[٣٣]،
پورهيَتَ[٣٤] پُنهُونءَ[٣٥] جَامَ[٣٦] جِي، بَاندِيَنِ[٣٧] جي آئُون بَاندي،
پَهچَائِجِ[٣٨] پُنهُونءَ کي، هِيءَ پيَادي[٣٩] پَانذي[٤٠]،
پينرُ هِن پَنيُورَ[٤١] ۾، آئُون ايرادي[٤٢] آندي،
ڪَرَمَ[٤٣] سَاڻُ ڪَرِيمَ[٤٤] جي، ڪيچِي[٤٥] ٿيندمِ ڪَانذي[٤٦].

---

١. ننڊ ڦٽائي، اوجاڳو ڪري، ٢. آئون سُتي، ٣. اي پينر، اي اديون، ۴. آئون پُليس، مون غلطي ڪئي، ۵. سِڪَ جو، محبت يا پيار جو، ٦. سمهڻ سان، ننڊ سان، ٧. ڇا لڳي= ڪهڙو واسطو، ٨. (جبل جي) ريتي، مٽي، ڪڪري، ٩. جٽن، ١٠. اٿلايو پٿلايو، لتاڙيو، جهاڳيو (پنڌ ڪري)، ١١. ٻانڀڻ يا ٻانڀياڻيءَ، سسئيءَ، ١٢. برپٽَ، رڻ پٽَ، بيابان، ١٣. جي، ١۴. اٺن، ١۵. ڳالهه، پچارَ، ذڪرَ، ١٦. هَن وڏو، ١٧. لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺَ، جبل ۽ نئن جو نالو، ١٨. بدن، جسم، ١٩. پرينءَ، محبوبَ، ٢٠. تاتِ ۾، طلبَ ۾، يادگيريءَ ۾، ٢١. وهاڻيءَ جو، پرڀات جو، فجر مهل، اَسُرَ ويل، ٢٢. سڳر تي، رستي تي، ٢٣. قافلي، ٢۴. ٻروچ يا بلوچ (پنهونءَ)، ٢۵. اي ٻڙي، اي ادي، ٢٦. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢٧. هڪ ڀيرو يا دفعو، ٢٨. گڏ، ٢٩. جبلن جي چوٽين تي، ٣٠. دوست، سڄڻ، ٣١. کان سواءِ، ٣٢. مَنَ، ٣٣. عاجز، بي وس، لاچار، ٣۴. نوڪرياڻي، ٣۵. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٣٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب ڄامُ هو)، ٣٧. ٻانديءَ جو جمع ٻورهيتن، نوڪرياڻين، ٣٨. رَسائج، ٣٩. پيرينَ پنڌِ، ۴٠. اي پانڌي، اي واٽهڙو، اي مسافر، ۴١. نئي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اتکل ڀہ ميل پري قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي، ۴٢. قسمت، قضا، خدا جي حڪم، ۴٣. مهربانيءَ، ۴۴. خدا جو صفاتي نالو، ڪرم ڪندڙ، ۴۵. ڪيچ جا رهاڪو (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر جتي پنهون رهندو هو)، ۴٦. جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ.

بسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر ڪوهياري

داستان پهريون

١

لَيلَ[١] نہ جاڳِيئَن[٢] لِڪَ[٣] سِيئِنءَ[٤]، نَفسُ[٥] اڪِلُ[٦] نومُ[٧]،
صَباحَ رَجُلَ يَخرُجُ،# وِيئي ذاتُ[٨] جَتاڻي[٩] قومَ[١٠]،
لاَ أبالِي[١١] اليَومَ[١٢]، هٰذَا[١٣] هُوَ[١٤] فِيهَا[١٥] يُنكَرُ[١٦].

٢

لَيلَ نہ جاڳِيئَن لِڪَ سِيئِنءَ، ڪُلي[١٧] نومُ ڪِئاءِ[١٨]،
قُمْ[١٩] تي پَهچُ[٢٠] قَريبَ[٢١] ڪي، اِجلِسْ[٢٢] تو[٢٣] نہ جُڳاءِ[٢٤]،
مُنئي[٢٥] مِهمانَن سين، روئي رات وِهاءِ[٢٦]،
جيلا[٢٧] نِندَ ڪِياءِ، تي[٢٨] روز[٢٩] رَهين[٣٠] تي راهَ ۾.

٣

لَيلَ جاڳِيئَن لِڪَ سِيئَن، شامَ[٣١] سُتيئَن سَڀَ رات،
اوڳي[٣٢] اونِيئَڙَن جا، پَهَ[٣٣] پُڇين[٣٤] پِرِيات[٣٥]،

---

١. رات، ٢. تون جاڳي، تون بيدار رهي، تو اوجاڳو ڪيو. ٣. ٿوري، ذري، ڪِنَ، پَلَ، ساعَتَ، گهڙيءَ، ٤. تائين. ٥. خودي، هَٺُ، نفس پرستي، عيش آرامَ. ٦. ڪاڏو پيتو، روزي، ٧. ننڊ، غفلت # سياڻي صبوح جو مرد هليو ويندو، ٨. قومَ، خاندان، آڪهہ، ڪڙم، قبيلو. (هتي معنيٰ ٿيندي ماٺهو)، ٩. جتن جي، اوٺين جي، ١٠. قومَ جا، ١١. لا أبالي=لاابالي، بي پرواهہ، غافل، سست، ١٢. اَڄَ، ١٣. هيءُ، ١٤. اهو (ماڻهو)، ١٥. اُن ۾، ١٦. بي خبر يا اڻ ڄاڻ رکيو ويو آهي، ١٧. سموري (رات)، ١٨. تو ڪئي، ١٩. اُٿي (رقم ٿي= تيار ٿي)، ٢٠. رَسُ، ٢١. محبوبَ، پرينءَ، ٢٢. وهڪ، غفلت، سستي، ٢٣. توکي، ٢٤. جڳائي ٿي، سُونهين يا زيب ڏي ٿي، ٢٥. اي مُني، اي مُئل، اي نڀاڳي يا بدبخت، ٢٦. گذار، ٢٧. جيئن تہ، جنهن صورت ۾، ٢٨. تنهنڪري، ٢٩. هميشہ، سدائين، ٣٠. پئي آهين، ٣١. شامَ کان وٺي، سنجهي کان وٺي، سج لهڻ کان وٺي، ٣٢. موڳي، بي عقل، نادان، ٣٣. پَها، رستا، گس، ٣٤. نهارين، ڳولين، ٣٥. پرڀات جو، فجر جو، اَسُرَ جو.

ٿيءُ سَگرُ[1] تَنِ جي سَاٿِ[2]، تَہ پُوري[3] ڪَنهِن پَالُ[4] مِڙيِن[5].

٤

لَيلَ نَہ جَاڳِيئَن لِڪَ سِيئَن، سُتِيئَن رَاتِ سَڄِي،
هِتَان هوتَاڻِين[6] جُون، وَهِيُون[7] ڪُرجِينُون[8] ڪَڄِي[9]،
پُوري تُون پَڄِي، سَبَبِ[10] ڪَنهِن سَاٿِ مِڙَين.

٥

اجلِسْ[11] ڪَري اُٿِيئَا، تَنوَارِئو[12] تُوڏَن[13]،
نَومَ نَوَازِي[14] تَنِ ڪِي[15]، مَرحَبَا[16] مُوڏَن[17]،
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ، اَليَومَ سِيرُو# سَسُئِي.

٦

شَبَانُ شَبَ[18] سَاٿَ[19] پَلاڻِئو[20]، لِڪَ نَہ جَاڳِيئَن لَيلَ،
نِمَاڻِيءَ[21] ڪِي نَومَ جَا، نِيڻِين[22] پِيَڙَا[23] نِيلَ[24]،
هَي[25] هَي هَبسَايُون[26] ڪَرِيِين، اَزدَر[27] نَہ اِيندَءِ اِيلَ[28]،
سَاجُهرِ[29] وَقتِ صُبُوحَ جِي، پَلتِئو[30] پُون پَيلَ[31]،
تِي وَاوَيلَا[32] جِي وِيلَ[33]، تِي سَسُئِيءَ سَاڻُ سَيِدِ رح چَئِي.

---

١. سگر ۾. ڪُس يا رستي ۾. ٢. سات سان. قافلي سان. انن جي قطار سان. ٣. اڻوجهه. نادان. بي سمجهه. ٤. پال ڪي. مهربانيءَ يا احسان ڪي. نصيب يا ڀاڳ ڪي. ٥. ملين. گڏجين. حاصل ڪرين. ٦. هوت جي اولاد يا قبيلي وارن (هوت. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٧. ويئيون. ويون. ٨. واحد ڪرجين= خرزين. ڪڙيو. ٻورو. ٻڪرين ۽ رڍن جي ڏاس يعني وارن مان ٺهيل ڳوٿري جنهن ۾ ٻنهي پاسي سامان وجهي اٺ وغيره تي رکبي آهي. ٩. غائب ٿي. ١٠. سبب جي ڪري. ذريعي. وسيلي. ١١. وهڪ. ڪچهري. مجلس. ١٢. آلاپ ڪئي. آواز ڪئا. گڙيا. گوڙ ڪئي. ١٢. انن روڏن. ١٤. ننڍ. ١٥. شال طاري ٿئي. ١٦. آفرين. شاباس. واهه واهه. ١٧. موڏن ڪي. روڏن ڪي. انن ڪي. # اَڄَ ٿي سفر ڪريو (قرآن جي سورت). ١٨. راتو رات. راتو واهه. رات وچ ۾. ١٩. سات وارن يا قافلي وارن. سات ۾ شامل ماڻهن. ٢٠. انن تي پلاڻ وجهي سامان رکئو. وڃڻ جي تياري ڪئي. ٢١. مسڪين. ويچاري. بي وس. عاجز (سسئيءَ). ٢٢. نيڻن ۾. اکين ۾. ٢٣. پٺا. ٢٤. نيرَ. زنجير. ٢٥. افسوس يا ارمان آهي. ٢٦. (واحد هبس) هبس. حبس. سوڙهه. تنگ دلي. بخل. ٢٧. اندر. گهر ۾. ٢٨. دوست. ٢٩. سوير. اول. ٣٠. اٿلئو. ٣١. پاٿيءَ جون اٿلون يعني اکين جي ڳوڙهن جي وهڪ. ٣٢. ماتم. روج راڙي. ٣٣. وقت. مهل. وير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧

غَافِل غَفلَتَ ڇوڙ، تُون ڪيئَن اَٿا سِٽي اوجهرين،
ڇُپَاتَا چَڙهِي وِئَا، وَجِي پَهُتَا توڙ،
نيٺين نَندَ اُڪوڙ، جِمَ وَرَن ۾ وَاڪَا ڪَرِين.

٨

سَنجهي رَهَن سُمَهِي، غَافِل مَنجهہ گَهَرَن،
ليڙَن جو لطيف چَئي، ڪَرِڳِلُ سُوءِ نَہ ڪَن،
سي ڪُوهہ پِرِيَن پَسَن، جي سَنجهي رَهَن سُمَهِي.

٩

آلوڙو اڪيَن، آيَم نَندَ اَيَاڳُ ڪي،
هَاٺي هِن پَنيور ۾، گَهَارِيَان ڪَارَڻِ ڪَن،
اَدِيُون اونيڙَن، مُون هَنيين سين هَاجُو ڪئو.

١٠

پَتَرِ پيرَ ڏِگَها ڪَري، جَڏهِين سُتيُون جي،
تَڏهِين تَنِي ڪي، سَاٽَ سُتيئي ڇَڏِيو.

---

١. اي غافل، اڙي سست، اي ڪاهل، ٢. سُستي، ڪُمرَ آرَسَ، ٣. ڇڏ، ۴. ڇو، ڪوهُ، ۵. بي نڪي، بي پتي، اناسي يعني ناس پتي ڪان سواءِ، نياڳي، ٦. ننڊ جا جهوٽا يا پنڪيون ڪائيين، ٧. ڇپ چاپ ۾، ماٺ ميٺ ۾، لڪ ڇپ ۾، ڳجهہ ڳوهہ ۾، ٨. انن تي سوار ٿي، ٩. رسٽا، ١٠. منزل تي، ١١. نيٺن مان، اکين مان، ١٢. ڪَڍُ، ١٣. متان، ١۴. (جبل جي) واٽن يا رستن، ١۵. رڙيون، دانهون، ١٦. سج لهڻ سان ئي، رات شروع ٿيڻ سان ئي، ١٧. ائن، ڏاڪهن، ١٨. ڪوڙ، هَلَ، ١٩. تو سُئو، تو ٻڌو، ٢٠. ڪَنَ سان، ٢١. ڪيئن، ٢٢. محبوبَ، ٢٣. ڏسن، ٢۴. (ننڊ جو) جُهوٽو، پنڪي، گهيرٽ، ٢۵. اکين کي، ٢٦. مونکي آئي، ٢٧. نياڳَ، ندورائيءَ، بدبختيءَ، ٢٨. واري، جِي، لاءِ، ٢٩. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي، ٣٠. رهَان، وهان، ترسان، ٣١. لاءِ، واسطي، ٣٢. ڪهڙن، ٣٣. اي اديون، اي سرتيون، ٣۴. اوٺين، جتن، پنهونءَ جي ڀائرن، ٣۵. منهنجي، ٣٦. دل، من، ٣٧. ظلم، قهر، نقصان، زيان، ٣٨. پٽر تي، پٽرائيءَ يا طولَ تي، سمهڻ لاءِ کٽ تي وڇايل گاديلي تي، بستري تي، ٣٩. پير ڊگها [illegible] بي فڪر يا بي اونيون ٿي، آرامَ يا فرحت سان، ۴٠. قافلي، انن جي قطار، ۴١. ستل، ننڊ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١

وَڏي جَاڙَ ڪِيَاءِ، جِيئَن سُتيئَن پير ڏِگها ڪَري،
ڏَرِ پَرِ اُپِيئَن دوستَ جي، سُڻ پُڻ تَوءِ سُيَاءِ،
اَصلِ آريءَ جَامَ جِي، سَگِي تُون نَہ سِيَاءِ،
پُنُهونءَ سِين پِيَاءِ، تُون نِپاڳي نِندُون ڪَرِين.

١٢

ايءُ ڪَمُ نَہ ڪَميٽِين، جِيئَن سُتيئَن پير ڏِگها ڪَري،
نِندَان نِمَاڻِين ڪي، اوِيَالاَ اَچَن،
لِيتِين ڪِيئَن لطيف چئي، هَارِي رِءَ هوتَن،
سي ڪوهہ پُنُهون پُڇَن جي سَنجهي رَهَن سُمَهي.

١٣

سُتِيئَن سَوارِي، مُنهَن وِيڙهي مُئين جِيئَن،
ڏَنِئي نَہ ڏيرَن جَا، چَوڏَاري چَارِي،
تَيِلاَهَہ وِيچَارِي، پُنُهون نِيَائُون پَاڻَ سِين.

---

١. چُڪ. غلطي. ڏاڍائي، ٢. تو ڪئي، ٣. جو، ۴. ننڊ ڪيئي، ۵. پير ڏگها ڪري= بي فڪر يا بي اوني ٿي، ٦. (گهر جي) دروازي، ڪواڙَ. ٧. وٽ، ٨. (جيڪڏهين) ٻينئن. تون ٻيئي. ٩. يارَ، محبوب. ١٠. سُر ڀُر. ڳجهي ڳالهہ. ڪَنَ جي ڳالهہ يا گفتگو سُنڦس ١١. تہ هوند. تہ جيڪر، ١٢. تو سُئي يا ٻڌي، ١٣. اصلَ ۾، حقيقت ۾، ١۴. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردارَ جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو)، ١۵. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١٦. حقيقي، جگري، خون جي ذريعي لاڳاپيل. ١٧. مائٽياڻي، رشتيدار، ١٨. تنهنجو پيو (واسطو، تعلق يا پيوند)، ١٩. ندوري، بدبخت، ٢٠. ڪار، ڌنڌو، پيشو، وڙ، لائق، ٢١. ڪميٽين جو، بدڪارن جو، بڇڙائي ڪندڙن جو، ڪم ذات (زالن) جو. ٢٢. ننڊ جي سبب، ننڊ جي ڪري، ٢٣. ويچارين، مسڪينن، عاجزياڻين، ٢۴. مهڻا، طعنا، عتاب، ڏوراپا، (اوِيالا اچن= طعنا سهڻا پون)، ٢۵. سُمهين، ٢٦. ڪهڙيءَ طرح، چو، ٢٧. اي هاري، اي وسوڙَل، اي بي عقل يا موڳي، ٢٨. ڪان سواءِ، ٢٩. محبوبن، ٣٠. چو، ٣١. طلبين، نهارين، ٣٢. سج لهڻ شرط ٿي، رات شروع ٿيڻ وقت، ٣٣. ساجهر، سوير، ٣۴. چهرو، شڪل، صورتَ، ٻوتَ، ٣۵. ڊڪي، ٣٦. مُئَلَن يا مرده (عورتن)، ٣٧. وانگر، مثل، ٣٨. مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن، ٣٩. چوطرف، چئني پاسن کان، ۴٠. چوڪيدارَ، پهريدارَ، جاسوس، ۴١. تنهنڪري، ۴٢. اي ويچاري، اي نماڻي، اي عاجز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۴

سُتيئَن[1] سَنجهيئي[2]، مُنهُن[3] ويڙهي[4] مُيِن[5] جيئَن[6]،
اوجاڳو[7] اکيُن کي، جاتُئي[8] نَہ ڏيئي،
هَتّان تو[9] پيئي، تِي کَچو[10] کيچِيَن[11] کي کَريِن.

۱۵

اوجاڳو اَجاڻ[12]، کيئي نَہ کَميٽِن[13] جيئَن،
آساري[14] ايهيءَ[15] پَر[16]، پوي کيچِيَن سين کاڻ[17]،
بانِهي[18] چائِيِن[19] پاڻ[20]، تِي سَجِيُون راتيُون سُمَهين.

۱٦

جيڏِيُون[21] جَمَ[22] سُمهو، ننڊ ويرِياٽي[23] هوءِ[24]،
مَتان[25] مُنجهي[26] رهو، واکا[27] کَري ويڙهه[28] ۾.

وائي

ڳلا[29] کا[30] مَ کَري، مُنهنجي شَهر پَنيور[31] ۾،
جَنهن وَٽ هيئنان هَلِئا، سَجڻ[32] سانگ[33] کَري،
لامُون[34] تَنهين وَٽ سَنديُون[35]، لوڏيان[36] لايان[37] ڳَري[38]،

۱. تون سُتي، توکي ننڊ آئي، ۲. سج لهڻ شرط، رات شروع ٿيڻ مهل، ۳. شڪل، صورت، چهرو، بوٿ، ۴. ڍڪي، ۵. مُئلن يا مرده عورتن، ٦. وانگر، مثل، ۷. جاڳ، بي خوابي، ننڊ نہ ڪرڻ جي حالت، ۸. تو ڄاتو، تو سمجهيو، ۹. هتان تو پيئي= خطا توکان ٿي، ۱۰. گلا، شڪايت، ڏوراپو، طعنو، مهڻو، عيبُ، ٽِڪو، داغ، ۱۱. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوبپنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ۱۲. بي عقل، نادان، ۱۳. بدڪارن، ڪم ذات يا نيچ عورتن، ۱۴. غافل، بي خبر، ويسلي، ۱۵. اهڙيءَ، ۱٦. ريت، نموني، ۱۷. ڳتي، احتياج، محتاجي، ۱۸. نوڪرياڻي، گولي، ۱۹. ڇوائيِن، سڏائيِن، ۲۰. پاڻ کي، خود کي، ۲۱. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۲۲. متان، ۲۳. دشمنِ، ۲۴. آهي، آٿوَ، ۲۵. مبادا، ٢٦. پلجي، بتال، ۲۷. دانهون، رڙيون، ۲۸. جهنگ، ۲۹. شڪايت، ننڌا، ۳۰. ڪابہ هڪڙي، ۳۱. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ۲ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي، ۳۲. محبوب، دوست، ۳۳. ناهہ نوهہ، هارَ سينگارَ، ۳۴. تاريون، شاخون، ۳۵. جُون، ۳٦. هلايان، ڦيرايان، ڏوڻيان، ۳۷. لڳايان، ۳۸. ڳري سان، ڇاتيءَ يا سيني سان.

جو سِينگارُ[1] سَرَتِين[2]، سو مُون نَاهِہ ڳَري[3]،
جِهَڙي تِهَڙي حَالَ سين، وَجَان پِيرَ پَري[4]،
قَضَا[5] جَا ڪَرِيمَ[6] جِي، ڪَنهِن ڪِي[7] ڪِين ٿَري[8]،
جيڪِي لِکِئو لوحَ[9] قَلَمَ[10] ۾، پَارِيَان[11] سو پَري[12].

١. ناهہ نوھہ. جوڙ جنسار، زيب زينت، آرائش، ٢. سرتين يعني جيڏين ڪي يا جو، ٣. وٽ، ٤. پير پري= پنڌ ڪري، ٥. امر، حڪم، فيصلو، ٦. ڪرم يا مهرباني ڪندڙ، ڏٿي تعاليٰ، ٧. تان، ڪان، ٨. هٽي، پاسي ٿئي، ٩. تختيءَ يا ڦرهيءَ (جيڪا آسمان تي محفوظ آهي ۽ جنهن ۾ انسانن جي تقدير لکيل آهي)، ١٠. ڪلڪ، ليکڻ (لوحَ قلم= نصيب، قسمت، تقدير،) ١١. نباهيان، (انجام يا شرط مطابق) پورو ڪريان، ١٢. (انجام) پورو ٿئي يا سَرِ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ڪوهياري

داستان پهريون

١

ڏونگر[١] تون ڏاڍو[٢]، ڏاڍو[٣] ڏاڍايون[٤] ڪرين،
مون[٥] تن[٦] اندر[٧] تيئن[٨] وهين[٩]، جيئن[١٠] وڻ[١١] وڍي واڍو[١٢]،
ڪرم[١٣] جو ڪاڍو[١٤]، نه ته پٿر[١٥] ڪير پنڌ ڪري.

٢

ڏونگر ڏس[١٦] پرين[١٧] جو، ڪاف[١٨] نه ڏيين ڪو،
قطارئا[١٩] ڪالهه وئا، توڏا[٢٠] وتان تو،
هوت[٢١] مئيءَ[٢٢] جو هو، ڪو ساجن[٢٣] انهين سات[٢٤] ۾.

٣

ڏونگر ڏس پرين جو، ڪاف نه ڏيين ڪل[٢٥]،
قطارئا ڪالهه وئا، توڏا توهين[٢٦] جهل[٢٧]،
سٽي[٢٨] هوت هڪل[٢٩]، من[٣٠] ٻڌي باروچو[٣١] وري[٣٢].

اي ڏونگر، اي جبل. ٢. زوراور يا ارڏو (آهين). ٣. سنگدل يا ڏاڍو ٿي. ٤. سختيون، ظلم، ستم، ڏاڍمڙسيون، انڌير. ٥. منهنجي، ٦. بدن، دل. ٧. ۾. ٨. اهڙيءَ طرح. ٩. وَڍَ وجهين، چيرَ وجهين. ١٠. جهڙيءَ طرح. ١١. ڪپي. ١٢. ڪاٺ کي وڍڻ جو ڪم ڪندڙ، ڊکڻ، سنوتهڙ. ١٣. قسمت، تقدير، نصيبَ. ١٤. ڇڪ، ڪشش، نتيجو. ١٥. پٿرن ۾، پهاڙ يا جبل ۾. ١٦. پتو، خبر. ١٧. محبوبن. ١٨. اي ڪاف، اي جبل. ١٩. قطار يا صف جي صورت ۾ يعني هڪ ٻي پٺيان. ٢٠. اُٺَ. ٢١. محبوب (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٢. مُئل، مُئل، نياڳي، سورن جي ستايل. ٢٣. سڄڻ. ٢٤. قافلي، انن جي قطار. ٢٥. خبر، سَڌِ. ٢٦. تنهنجي ئي. ٢٧. ويجهو، پرسان. ٢٨. ٻڌي. ٢٩. آواز، سَڏَ، رڙ، واڪو. ٣٠. شال. ٣١. بلوچ، پنهون. ٣٢. موٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤

ڏونگر[١] ڏُک[٢] سَنداءِ[٣]، پِرينءَ[٤] گڏجان[٥] تہ چُئان[٦]،
پِنيءَ[٧] تيين پوارئون[٨]، پِئا ونگا[٩] وَرَ[١٠] ڏناءِ[١١]،
چڱي[١٢] کانہ ڪياءِ[١٣]، جيئن[١٤] پير[١٥] وِجايُئي[١٦] پِرينءَ جو.

٥

ڏونگر توتي ڏُکُ[١٧]، اَجا آهيم[١٨] هِڪڙو،
سُورَنِ يَڳَمِ[١٩] سُڪُ[٢٠]، وِئا[٢١] تي[٢٢] تِي ووڙيان[٢٣].

٦

ڏونگر ڏوراپو[٢٤]، پهرين چُنديس[٢٥] پِرينءَ کي،
پَهڻن[٢٦] پير[٢٧] ڏُکويا[٢٨]، تَريُون[٢٩] چِنيُون[٣٠] تو،
رَحمُ[٣١] نہ پِيئي[٣٢] روح ۾[٣٣]، قَدرُ[٣٤] مُنهنجو کو،
جَبَلُ تو جاڙُون[٣٥] ڪَري، واڪُو[٣٦] ڪَنديس وو،
لَٽو[٣٧] لاڳاپو[٣٨]، چِنُو[٣٩] سَڱ[٤٠] پَنيور[٤١] سين.

٧

ڏونگر ڏُکوبِنِ[٤٢] ڪي، تَپِي[٤٣] ڪَندين ڪوهُہ[٤٤]،

---

١. اي ڏونگر، اي جبل. ٢. سور، تڪليفون. ٣. تو سندا، تنهنجا. ٤. پرينءَ کي، محبوب کي. ٥. ملان. ٦. چوان، ٻڌايان. ٧. رات پڇڻ جي وقت، پوئينءَ رات جو. اَسر جو. پرڀات مهل. ٨. يَوائتو. خوفائتو. خوفناڪ. ٩. ڏنگا. پيچدار. ١٠. رستا. گس. ١١. توڏنا. تو ڏيکاريا. ١٢. نيڪيءَ جو ڪم. چڱائي. ڀلائي. مهرباني. احسان. ١٣. تو ڪئي. ١٤. جنهن صورت ۾. ١٥. پيرن جو نشان. ١٦. تو وڃايو. تو گم ڪيو. تو لڪايو. ١٧. ميار. ١٨: مونکي آهي. مُنهنجو آهي. ١٩. منهنجو ڀڳو. منهنجو ڦٽايو يا خراب ڪئو. ٢٠. آرام. آسائش. ٢١. ختم ٿيا. ٢٢. تنهن ڪري. ٢٣. (جبلُ) ڏوريان يا جهاڳيان. ٢٤. اوڀالو. شڪايت. ٢٥. چونديس. ٻڌائيندس. ٢٦. پٿرن. ٢٧. قدم. پڳ. ٢٨. ايذائيا. ڪُرائيا. ٢٩. پيرن جا هيٺيان پاسا. ٣٠. ڦٽيون. زخمي ڪيون. ٣١. قياس. ڪهل. ترس. ٣٢. توکي پيو. ٣٣. دل. ٣٤. لحاظ. خيال. ٣٥. واحد جاڙ= ظلم. تڪليف. تعدي. ڏاڍائي. ٣٦. دانهن. فرياد. ٣٧. ختم ٿئو. ٣٨. واسطو. تعلق. ناتو. ٣٩. ٿئو. ختم ٿيو. ٤٠. دوستي. مائٽي. عزازت. ٤١. پنيور جي ماڻهن سان. (پنيور سسئيءَ جو ڳوٺ هو جيڪو ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري آهي). ٤٢. ڏکن جي ستايلن زالن. درد وندين. ٤٣. گرم يا ڪوسو ٿي. ٤٤. جا.

تُون جي پَهَڻَ پَبَ جَا، لِڱَ مُنهنجَا لُوهُہ،
ڪَنهِن جو ڪونهي ڏوهُہ، اَمُرَ مُون سين ايئَن ڪِئو.

٨

ڏُونگَرَ تو ڏکَان، پَهَڻُ ٿِيَان پَبَ جو#،
وَجَنِ مُون مَٿَان، ڪيچي قَطَارُون ڪِئو.

٩

ڏُونگَرَ مُون مر ڏُکوءِ، اَڳَ ڏُکوئي آهيَان،
سَارِيَان ڪونہ سُکوءِ، سُور ڳَهَٽائي سَنبِرَان.

١٠

ڏُونگَرَ ڏُکوئُون، تو م اورڻ آئُون،
اَچَنِ قوڙَائُون، ڏِجِ دِلاسو تَن کي.

١١

ڏُونگَرَ ڏُکوئُنِ کي، دِلاسَا ڏِجَنِ،
ڳَهٽُو پُڇجي تَنِ کي، جَنِ وَتَان هوتَ وَجَنِ،
تُون ڪِيئَن سَندا تَنِ، پَهَڻَ پيرَ ڏُکوئِين.

---

١. جيڪڏهين، ٢. پٿر، ٣. پب جبل (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پب چوندا آهن)، ۴. عضوا، بدن، جسم، ٥. تمام سخت (لوهہ جهڙا)، ٦. قصور، ٧. (خدا جي) اَمَرَ يا حڪمَ، ٨. اي ڏونگرَ، اي جبل، ٩. تنهنجي، ١٠. ڏک جي ڪري يا سبب، تڪليف جي ڪري# پب جبل جي پهڻ جهڙي سخت يا ڏاڍي ٿيان، ١٦. منهنجي، ١٢. (بدن يا جسم) تان، ١٣. ڪيچ جا رهاڪو (ڪيچ رياست مڪرا جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهرَ جو رهاڪو هو)، ١۴. لانڍون، صفون، بهيرون، ١٥. مونکي، ١٦. ڏک ڏي، تڪليف ڏي، ايذاء، ١٧. اڳيئي، اول کان، ١٨. ڏکويل، ڏکن جي ستايل، ١٩. سنبران، مونکي سُجهي يا ياد اچي، ٢٠. تنهنجو سکَ، ٢١. ڏک، تڪليفون، ٢٢. ڏکن جو ستايل زالون، درد ونديون، ٢٣. (سورَ يا ڏکَ) ٻڌائڻ يا سَلَڻَ، ٢۴. (محبوب کان) وڇڙيل يا جدا ٿيل، ڦوڙآئي يا فراق جون ماريل يا ستايل، ٢٥. آٿت، ڏِڍُ، تسلي، تسڪين، ٢٦. پرچاڻي ڏجي، مزاج پُرسي ڪجي، آٿت يا ڏِڍُ ڏجي، ٢٧. کان، ٢٨. محبوبَ، دوستَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٩. جُدا ٿين، ٣٠. ڪهڙي ريت، ڇو، ڇاجي ڪري، ٣١. جا، ٣٢. اي پهڻ، اي پٿر، اي جبل، ٣٣. قدم، پڳَ، ٣۴. ايذائين، ڪُرائين.

١٢

ڏونگر[1] ڏکوين[2] جو، توکي ناهه ترس[3]،
پهڻ[4] پرڏيهڻ[5] سين، کو اڳي[6] هوءِ عڪس[7]،
پير[8] مُئيءَ[9] جا پس[10]، جي چنجهن[11] چيهاڙيون[12] ڪئا.

١٣

ڏونگر ڏکوين جي، ڳل[13] سُڪا[14] ڳوڙها[15]،
هو جي پهڻ[16] پٻ[17] جا، پيچي[18] ٿئا پورا[19]،
گوندر[20] جا گهوڙا[21]، وجن جان[22] جُدا[23] ڪئو.

١٤

ڏونگر ڏک پئي[24]، مون تو سين ڳالهه ڪئي،
پاڻان[25] آئون مُئي[26]، سُور[27] سلائي[28] پرينءَ[29] جو.

١٥

ڏونگر تو ڪارون[30]، ڪئا نه بلوچن[31] سين،
ڪندا تنوارون[32]، پاسان[33] تو پرين[34] وئا.

---

١. اي ڏونگر، اي جبل. ٢. ڏکن جي ستايل زالن، سورهه يا درد جي ماريلن. ٣. قياس، رحم، ڪهل. ۴. اي پهڻ، اي پهاڙ، اي جبل. ۵. پرديسياڻين، مسافرياڻين. ٦. توکي هو. ٧. دشمني، وير، ضدَ. ٨. قدم، پڳَ، ک٩. مُئَلَ، مُئل، ڏکنَ جي ماريل يا ستايل، نياڳيءَ. ١٠. ڏِسَ. ١١. (جبل جي) غارن، جبلن، پهڻن. ١٢. ذَرا ذَرا، پرزا پرزا. ١٣. ڳلَ تان، ڳِتي تان، رخسار تان. ١۴. خشڪ ٿئا يا وَهڻ کان بس ٿئا (گهٽي رُئڻ ڪري). ١۵. لڙڪ، آنسو. ١٦. پٿرَ. ١٧. پٻ جبل (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پٻُ چوندا آهن). ١٨. ٿُني، ٽِڙڪي. ١٩. پورَ پورَ، ذرا ذرا. ٢٠. غم، درد. ٢١. لشڪرَ، انبوهه، ڪٽڪ. ٢٢. دَمُ، ساهُ. ٢٣. جدا ڪئو= ڪڍيو. ٢۴. ڏکِ پئي= ڏکَ ۾ پرجي. ٢۵. پاڻ کان، پنهنجي هٿ کان، خود بہ خود، ازخود. ٢٦. فوت ٿي، تباهه يا برباد ٿي، فنا ٿي. ٢٧. ڏکُ، دردُ، غمَ. ٢٨. سٽائي، ٻڌائي. ٢٩. محبوبَ. ٣٠. حيلا، ڪوششون، منٿون، ايلازَ. ٣١. بلوچن، سسئيءَ جي محبوب پنهون جي ڀائرن. ٣٢. آلاپون، آواز، گوڙ، شورَ. ٣٣. پاسي کان، پرسان. ٣۴. تنهنجي.

١٦

ڏونگر[١] مُنهنجي ڏُکَ[٢] جو، تان تُون[٣] واقفُ[٤] ٿِيءُ،
وَتان[٥] تو وَني وِئا، پَهسُ[٦] مُنهنجو پِيءُ[٧]،
پَجِي[٨] پَراهُون ٿِيءُ، مَتان[٩] سَڙَين[١٠] پِريَان[١١] جي سُور[١٢] ۾[١٣].

١٧

ڏونگر مَان سين روءُ، ڪَدِي پَار[١٤] پُنهُونءَ[١٥] جا[١٦]،
سَجَڻ[١٧] هُو مِ هيڪَڙو، وِئو قُوڙائي[١٨] سو[١٩]،
ڪَنهِن جو ڪونهي ڏوهُه[٢٠]، مُون سين اِرادي[٢١] ايئن ڪِئو.

١٨

ڏونگر ڏِهاڙي[٢٢]، پَانُ[٢٣] مَٿانئي[٢٤] گهوريان[٢٥]،
تو ۾ رِهاڻي[٢٦]، سَدا[٢٧] بَاروچَن[٢٨] جي.

١٩

ڪِيجي[٢٩] ڪَديئا پَار، ڏُکيءَ[٣٠] ڏونگر پَاڻَ[٣١] ۾،
سُٽِي[٣٢] تَنوار[٣٣]، مِرُون[٣٤] پِئا مامِري[٣٥].

---

١. ڏونگر، اي جبل يا پهاڙ. ٢. درد، سُور. ٣. البت. ۴. ڄاڻو، ڄاڻندڙ. ۵. ڪان. ٦. اوچتو، هڪدم، تڪڙو، جلد، زور سان، زبردستيءَ سان. ٧. محبوبُ. ٨. هَٿِي. ٩. پري، پاسي. ١٠. مبادا. ١١. جلين. ١٢. پرينءَ، محبوب. ١٣. ڏُکَ، غَمَ. ١۴. مون. ١۵. ورلاپَ، اوساراَ، سياپا. ١٦. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ١٧. دوست، يارُ، محبوب. ١٨. مونکي هو. ١٩. جُدا ٿي. ٢٠. قصور. ٢١. تقدير، ربَ جيءَ رضا، قسمت. ٢٢. روزانو. ٢٣. جندُ، سرير، بدن. ٢۴. تنهنجي مٿان، توتان. ٢۵. قربان يا صدقي ڪريان. ٢٦. ڪچهري، رهاڻ، مجلس، گڏجاڻي. ٢٧. سدائين، هميشه. ٢٨. بلوچن، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ٢٩. ڪي اهڙا. ٣٠. ڏکن يا سورن جي ماريل يا ستايل. ٣١. آپس. ٣٢. ٻڌي. ٣٣. آلاپَ، دانهن. ٣۴. (جهنگلي) جانورَ. ٣۵. مامري ۾، آزار ۾، مصيبت ۾، آفت ۾.

٢٠

ڏُکي[1] ڏُونگر[2] پَاڙ[3] ۾، ٻَئي ويٺا رُوِن[4]،
ڪَنهِن کي سو نَه چُوِن[5]، مَنجِهن[6] جو پِريتَڙو[7].

٢١

اَجُ پَٽِ ويٺو روءِ[8]، ڏُکي ڏُونگرُ پَاڙَ ۾،
ڪوهِيَارِي[9] جو ڪوءِ، اَچِي سُورُ[10] اُڌَمِئو[11].

٢٢

سَجَڻُ[12] مِيخُون[13] ڏُونگرين[14]، ڏُونگرَ پُونِيُن[15] ڪِيرَ[16]،
اِهڙا سِيڻَ[17] سُڌِيرَ[18]، ڪِينَ لَهَنديُنءَ[19] ڪي ٻِئا.

٢٣

جِهڙا ڪَڪَرَ[20] اُڀَ[21] ۾، تِهڙي ڏُونگرَ[22] ڏِيٺَ[23]،
آئُون تَنهِن[24] هيٺِ، پيرُ[25] نِهارَئان[26] پِرِينءَ[27] جو.

وائي

آهِيَان جَنِ سَنڌِي[28]، مُون کي سي نَه ڇَڏِيندا هُوتَا[29]،
وِيٺِي آهِيَان واٽَ[30] تي، آئُون آسَرَوَندِي[31]،

١. ڏکن جي ستايل (سسئي)، ٢. جبلُ، ٣. آپس، ۴. روڄ راڙو ڪن، ۵. چوَنِ، ٻڌائين، ٦. انهن جي اندر يا دل ۾، ٧. پيار، محبت، نينهَن، ٨. روئي، روڄن ڪري، ٩. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ يا مالڪ، (سسئيءَ جي محبوب)، پنهونءَ، ١٠. درد، ١١. جاڳيو، پيدا ٿئو، اُسِرئو، ١٢. دوست، يارَ، محبوبَ، ١٣. ڪِلا، ڪيرا، ١۴. ڏونگرن جون، جبلن جون، ١۵. پونين جا، زمين جا، ١٦. ڪلا، ڪيرا، ١٧. دوست، سجڻ، ١٨. ڏيرج وارا، صابرَ، بردبارَ، سياڻا، ڏاها، هوشيارَ، عاقل، ١٩. هٿ ڪري سگهندينءَ، حاصل ڪري سگهندينءَ، ٢٠. بادلَ، آبرَ، ٢١. آسمان، ٢٢. ڏونگر جي، ٢٣. نظارو، ڏيکَ، ٢۴. ڏونگر ڏانهن اشارو، ٢۵. پير جو نشان، ٢٦. ڳوليان، ٢٧. محبوب، ٢٨. جِي، ٢٩. هوتَ، محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٠. رستي، گس، ٣١. آسائتي، اميدوار، آسري جي طلبگار.

پَـهَـائِـيـنـدِيَس[1] پِـرِيـن[2] کـي، ڳِـچِـيءَ[3] پَـائِـي گـنـدِي[4]،
پِـرِيـنءَ پُـڄَـاڻَـانْ[5] جـيـڏيُـون[6]، آئُـون رَتِـي[7] تَـان نَـہ رهـنـدي،
ڪَرَمَ[8] سَاڻُ ڪَرِيمَ[9] جي، لُطِفَ[10] سَاڻُ لطيف[11] جي، آئُونَ پِرِينءَ[12] مِڙَندي[13].

١. پرچائينديس، ريجهائينديس، ٢. محبوبَ، ٣. ڳچيءِ ۾، ڪنڌ يا سسئيءِ ۾، ٤. پوتي، چُني، ٥. ڪان پوءِ، ٦. سرتيون، ٧. ٿوريءَ (دير تائين)، ٨. مهربانيءَ، ٻاجهہ، ٩. ڪرمُ ڪندڙ، ٻاجهاري، ڌڻي تعاليٰ، ١٠. مهربانيءَ، ١١. پاڪُ، پاڪيزو، ڌڻي تعاليٰ، ١٢. پرينءَ کي، ١٣. ملندي، گڏبي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ڪوهياري

داستان ٽيو

١

رَهِيو[1] وينِي راڳِ، اَمَڙ[2][3] اورِئان[4] نِجهرو[5]،*
لاٿو[6] ڏيهه[7] وٺن سين، مون لاڳاپو[8] ءِ لاڳِ[9]،
ڏونگر[10] سي ڏوريندِيُون[11]، جَن[12] اَندر[13] ٻَري[14] آڳِ[15]،
هوتاٽِي[16] هَن ماڳِ[17]، مون کي ڇَڏِ مَ ڇَپرين[18].

٢

مون کي ڇَڏِ مَ ڇَپرين، هت هوتاٽي هاڻِ[19]،
اوڏي[20] مُنڌَ[21] اُن کي، اَللهَ[22] ڪارڻ[23] آڻِ،
پورهيو ڪنديس پاڻِ[24]، اِڱَئان آريچن[25] جي.

٣

مون کي ڇَڏِ مَ ڇَپرين، حاذق[26] هوتاٽي،
توهين[27] لَئيءِ[28] ڪاٽي[29]، ڏکي[30] پُٽي[31] ڏونگرين[32].

---

١. ترسيو، ٽڪيو. ٢. مٽيءَ جو ڪرڀٽ يعني رڍڙي نُاهي (ڳهر ڪي) سنهو ليپو يا پوچي ڏي. ٣. اي امڙ. اي امان. ٤. خالي ڪريان. ٥. ٻنگو. جهوپڙو. گهرَ. * آئون نجهرو خالي ڪري وڃان پئي ۽ تون ويٺي ان ۾ رهه ۽ ان کي ليپو ڏي. ٦. ختم ڪيو. ٧. ڏيهه جي. وطن جي. ٨. تعلق. ناتو. ڳانڍاپو. ٩. آسرو. سانگو. ١٠. جبلَ. ١١. ڍونڍيندِيون. جهاڳينديون. دوڙنديون. ١٢. جن جي. ١٣. اندرَ ۾. بدن ۾. دل ۾. ١٤. ٻرڪي. ڌڪي. ڌڳي. ١٥. باهه يا مچ (عشق جو). ١٦. اي هوتاٽي. اي هوت جا اولادَ. اي پنهون (هوت. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٧. ماڳ تي. هنڌ يا جاءِ تي. ١٨. ڇپرن ۾. جبلن ۾. ١٩. هن وقت. هينئر. في الحالِ. ٢٠. ويجهي. نزديڪ. ٢١. عورت. زال (سسئي). ٢٢. الله جي. خدا جي. ٢٣. واسطي. محابي. صدقي. ٢٤. آئون خود. ٢٥. آريءَ جي اولادَ. پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو نالو آري هو. پنهون هوت قبيلي مان هو). ٢٦. قابل. ڪامل. داناءَ. ماهر. ٢٧. ٿنهنجي. ٢٨. واسطي. ٢٩. ڪامِي. پچي. سڙي. جلي (عشق جي باهه ۾). ٣٠. ڏکَ جي ستايلَ. درد جي ماريل. دردمند. ٣١. رُلي. ڀٽڪي. هلي. پنڌ ڪري. ٣٢. ڏونگرن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤

مُونکي چِڏِ مَ چِيپَرِينِ[1]، هِنَ هَنڌِ[2] هوتاڻِي[3]،
نيِّج[4] نِماڻي[5] پاڻَ سين، پُنهون آرياڻي[6]،
توهِين[7] لَئيءِ[8] ڪاڻِي[9] پُٺِي[10] ڏونگرَ[11] ڏوربان[12].

٥

مُونکي چِڏِ مَ چِيپَرين، هوتاڻِي هِن هَنڌِ،
توسين پُونديس[13] پَنڌِ، ڏِينديس[14] باهِ پَنيُورَ[15] کي.

٦

مُون کي چِڏِ مَ چِيپَرين، پوءِ[16] رَهايس[17] پاڻَ[18]،
جي پُلاڙيُون[19] پاڻَ[20]، رَسُ[21] رَسيلاَ[22] تَن کي.

٧

سُتيءَ[23] پُون چِرڪ، آيَلِ[24] باروچَن[25] جا[26]،
وَمَ[27] وِهاتي[28] ووڙي[29]، ڪوهِياري[30] ڪَڙڪَ[31]،
ڏَڙَ[32] ڏُوٽِئو[33] تَنهِن ڏَڪَ[34]، جَڏي[35] جِيئَڻُ[36] نَہ ٿيي.

---

١. چِيرن ۾، جبلن ۾. ٢. هنڌ تي، جاءِ تي، ماڳ تي. ٣. اي هوتاڻي، اي هوت جا اولاد، اي پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٤. وٺي وڃ. ٥. مسڪين، اڏين، ويچاري، عاجز. ٦. آريءَ جا اولاد، آري، (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو). ٧. تنهنجي. ٨. واسطي. ٩. ڪامي، پچي، سڙي، جلي. ١٠. پيئي. ١١. جبل. ١٢. ووڙيان، جهاڳيان. ١٣. آئون پوندي، آئون هلندي. ١٤. پنڌ ۾، گس ۾، واٽ ۾، سفر ۾. ١٥. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ہہ ميل پري هڪ قديم شهر آهي جتي سسئي رهندي هئي. ١٦. پوءِ تي، پٺتي. ١٧. مونکي رهايو يا روڪيو، مونکي ترسايو يا جهليو. ١٨. خوديءَ، آپي، هٺَ. ١٩. مُنجهايون، گمراهہ ڪيون. ٢٠. وڏائيءَ، هٺَ، تڪبرَ، آپي، خوديءَ. ٢١. پهچ. ٢٢. رسيل يا پهتل (خدا کي)، واصل بالله، رس پريا، چڱا. ٢٣. سُتيءَ کي، ستل کي. ٢٤. اُٺما، ڊپ، ٺاهہ. ٢٥. اي آيل، اي امڙ. ٢٦. بلوچن، پنهونءَ جي ڀائرن. ٢٧. وم ۾، مکيہ يا رئيس عضوي ۾ جهڙوڪ، دل جگر، جيري، ڦڦڙ. ٢٨. زور سان هنئي، ڦهڪائي. ٢٩. افسوس ڙي. ٣٠. ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ واري، پنهونءَ. ٣١. ٻرڇي، ڀالو، تيرُ. ٣٢. ڏڙ کي. ٣٣. لوڏيو، ڏوڙيو. ٣٤. نوڪر، سٽ. ٣٥. جڏيءَ جو (عشق جي) بيمار جو. ٣٦. جيئرو يا زندهہ رهڻ.

٨

سُتي[1] ءَ پُون چِرڪَ[2]، آيَل[3] بَاروچَنِ[4] جَا،
پُنهُونءَ جي پيڪَانَ[5] جُون، راسِيُون[6] مَنجهان رُڪَ[7]،
هَنيَمِ[8] هُوتَ[9] ڪِڙڪَ[10]، لُوچَان[11] لُوهہ[12] نَہ نِڪري.

٩

جيهي جي تيهي، بَانهِي[13] بَاروچَنِ جي،
حُجَتَ[14] هوتَ پُنهُونءَ سين، مُون ڪميٽيءَ[15] ڪيهي[16][17]،
اَصُلِ[18] آريءَ[19] جَامَ[20] جي، پَليءِ[21] آئُون پيئي،
هُوءَ جَا پَائِين پيرَ مِ، تَنهن جُتيءَ نَہ جيهي[22]،
وِساري[23] ويهي، تَنِ ڪيچِينَ[24] کي ڪِينَ رَهَان.

١٠

هُئي جي نَہ هُئي، تَہ بَانهي بَاروچَنِ جي،
اُنَ سَڳَ مُقَابلِ[25] سَسُئي[26]، سَنديَنِ[27] تي سُئِي[28]،
هُنِ[29] تَان لَڄَ[30] لُئِي[31][32]، هِنَ[33] جو هَلَڻُ هوتَ ڏي.

١. سُتي ي، سُتل ڪي، ٢. اُڌما، ڏپ، ناهہ، ٣. اي آيل، اي امان، ۴. بلوچن، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جي پائرن، ۵. تير، ڪان، ٦. چوٽيون، نوڪون، چُنهنبون، ٧. اعليٰ درجي جي لوهہ، فولاد (مان ٺهيل)، ٨. مونکي هنئي، ٩. محبوب، پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٠. ٻرڇي، ڀالو، تيرُ، ١١. لڄان، ڦٿڪان، پاڻ پڇاڙيان، ١٢. (لوهہ جو ٺهيل) ڀالو، تيرُ، ١٣. جهڙي تهڙي، خسيس، ڪميڻي، نيچ، ١۴. گولي، نوڪرياڻي، ١۵. گستاخي، دليل بازي، عذرداري، دعويٰ، اختيار، ١٦. ڪميڻيءَ جي، ١٧. ڪهڙي يا ڪابہ نہ آهي، ١٨. اصل ۾، حقيقت ۾، ١٩. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو)، ٢٠. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢١. پلَيءِ ۾، پناري ۾، آجهي ۾، پلَيءِ پيئي= پناهہ ۾ آئي، ٢٢. جهڙي، ٢٣. دل تان لاهي، ڀُلائي، ٢۴. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ۽ ان جا پائر ان شهر جا رهاڪو هئا)، ٢۵. (ٻانهپ جي) رشتي، ٢٦. موجب، جي واسطي سان، جي لحاظ کان، ٢٧. انهن (ٻاروچن) جي، ٢٨. ٻڌڻ ۾ آئي، ٢٩. ٻاروچن ڏانهن اشارو، ٣٠. تہ، ٣١. نڪاح ٻڌي زال، شرم، ٣٢. ڦِٽي ڪئي، ڇڏي ڏني، نظرانداز ڪئي، ٣٣. سسئيءَ ڏانهن اشارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١

گولي[1] بندي آهہ، زَر[2]خريد[3] جتن[4] جي،
آجپڻُ[5] آريچن[6] جو، سسئيءَ[7] تان[8] نہ سُهاءِ[9]،
انَ طعني[10] کي توڙائين[11]، ويني مُنڊ[12] واجهاءِ[13]،
دائي[14] دَرَ[15] منجهان، شال[16] مَ ڪَڍين ڪڍهين.

١٢

ٻانهي ٻانهوتي[17]، ڪنيزَ ڪ[18] ڪيچين[19] جي،
ٻئي[20] ٻاروچي[21] هٿ ۾، چڱن[22] سر[23] چوٽي[24]،
معذور[25] کي موٽي[26]، شال پُڇندو[27] پٻ[28] ڌڻي[29].

١٣

ٻانهوتي ٻانهي، زر خريد جتن جي،
سي ڪيئن وڃن وسري[30]، جي جيءَ[31] سندا[32] جاني[33]،
اگڻ[34] اماني[35]، شل ڪيچين جي ڪامَ ٿيي.

١٤

ڪنيزڪ ڪيچين جي، ٻاروچي[36] ٻانهي،

١. ٻانهي، نوڪرياڻي، بندي. ٢. زر سان، ناڻي سان، پيسن سان. ٣. خريد ٿيل، ڳنڍل، ورتل (زرخريد=خاص، نجي). ٤. اوٺين، پنهونءَ ان جي ڀائرن. ٥. آجائي، آزادي (نوڪريءَ کان). ٦. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٧. سسئيءَ کي. ٨. هرگز، بنهہ. ٩. جڳاءِ، پسند، روا، مناسب. ١٠. مهڻي، عتاب. ١١. توڙ کان، اصل کان، منڍ کان. ١٢. زال، عورت (سسئي). ١٣. واجهائي، تڪي، اڏڪي. ١٤. نوڪرياڻي، ٻانهي، خدمتگار. ١٥. گهر. ١٦. خدا ڪري. ١٧. خسيس ٻانهي. ١٨. نوڪرياڻي، ٻانهي. ١٩. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو ويٺل هو). ٢٠. ٻئي چوٽيون (مٿي جي وارن جون چوٽيون جيڪي مسلمان زالون مٿي کي ڦٽي ڏيئي ڪنڌ يا ڳچيءَ پنيان وارن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ويڙهينديون يا ڳوپ ڏينديون آهن. ٻنهي حصن مان هر هڪ کي چوٽي چئبو آهي). ٢١. ٻاروچي جي، ٻروچ يا بلوچ جي (پنهونءَ جي). ٢١. وارن جي مچن، وارن. ٢٢. سوڌيون، سميت. ٢٤. چوٽون. ٢٥. عذر واريءَ، جڏيءَ، بيمار (سسئيءَ). ٢٦. واپس ٿي. ٢٧. مزاج پرسي ڪندو، سارَ لهندو. ٢٨. پٻَ جبَل جو (هالار جبل جيڏاڪتي قطار کي پٻ چوندا آهن). ٢٩. مالڪ (پٻ ڌڻي= پنهون). ٣٠. دل کان لهي، پلجي. ٣١. دل. ٣٢. جا. ٣٣. جانب، محبوب. ٣٤. اگڻ ۾، گهر ۾. ٣٥. بي ماني، بي آبرو. ٣٦. ٻاروچي جي، ٻروچ جي، پنهونءَ جي.

سي ڪِـيـئَـن وَجَـن وِسَـرِي[1]، جـي جِـيءَ[2] اَنـدَر[3] جَـانـِي[4]،
اَگَـڻِ[5] اَمَـانـِي[6]، شَـلَ[7] ڪـيـچِـيَـن[8] جـي ڪَـا مَ تِـيـي.

وائي

بَاروچَـا[9] بَـاجـهَـه[10] پَـئِـي، مَـان[11] کـي نِـيَـنـدا[12] سَـاڻُ[13]،
ڏِيـنـدا مُـون ڏُکَـي[14] کـي، اَلَـهـه[15] لَـگ[16] اُهـجَـاڻَ[17]،
لاَتَـقـنَـطُـوا مِـن رَحـمَـةِ اللهِ،# پِـرِيَـنِ[18] چَـيـو پَـاڻَ[19]،
اِنَ اللهَ يَغـفِـرُ الذُنُوبَ جَـمِـيـعاً،* اِي پُـنهُـونءَ جَـا پَـرِيَـاڻَ[20].

١. دل تان لهي، پلجي، ٢. دل، ٣. پر، ۴. جانب، سجڻ، محبوب، ۵. اگڻ پر، ڪهڙ پر، ٦. بي ماني، بي آبرو، ٧. خدا ڪري، ٨. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو ويٺل هو)، ٩. بروچ، بلوچ(پنهونءَ جا پائر)، ١٠. ٻاجهه پئي= ٻاجهه ڪري، ڪرم ڪري، رحم ڪري، ڪهل ڪري، ١١. مون، ١٢. وٺي ويندا، ١٣. پاڻ سان، ١۴. ڏک جي ستايل، درد جي ماريل، ١۵. اللهَ، ١٦. واسطي، ڪارڻ، ١٧. پارَ پتا، ڏَس# خدا جي رحمت يعني ٻاجهه مان نااميد نه ٿيو (قرآن شريف جي سورت زمر جي آيت ۵٣)، ١٨. محبوبن يعني خدا، ١٩. خود * بيشڪ خدا اوهان جا مڙيئي يعني سڀ جا سڀ گناهه معاف ڪندو (قرآن شريف جي سورت زمر آيت ۵٣)، اهڃاڻ، پارَ، نشانَ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ ڪوهِيارِي

داستان چوٿون

١

رِءَ[1] قَرِيبَنِ[2] قُوتُ[3] ڪِئو، آئُون وِينِي وِرهَ[4] چَرَان[5]،
اِنَ عَذابَان[6] اَگَهين[7]، مَادَرِ[8] چو نَه مَرَان،
اَديُون جو نَه اَوهَان، سو مَان[9] سُورُ سَرتِيُون[10].

٢

رِءَ قَرِيبَنِ قُوتُ ڪِئو، وِرهَ چَرَان وِينِي،
بَانِيَڻِ[11] ڪي بَروچ[12] رِي[13]، تِي ڏُکَن سين ڏِينِي[14]،
تو پُجَاڻَانْ[15] سُپِرِينِ[16] آئُون سُورَنِ سَانِيتِي[17]،
جَا مَرضَنِ[18] مَرُوتِي[19]، سَا سَرتِيُون ڪيئَن سَگهِي[20] تِئِي.

٣

سَرتِيُون ڪيئَن سَگهِي تِئِي، وِيڙهِي جَا وِرهَن،
چِتُ[21] جَنهِن جو چُورِ[22] ڪِئو، ڏُکوئِي[23] ڏُکَن،

---

١. سواءِ، ڌار، جُدا، ٢. قريبن کان، محبوبن کان، سڄڻن کان، ٣. کاڄ، خوراک، کاڌو پيتو، ۴. معشوق جي جدائي جا غم. ڏک يا سُور، ۵. کان، (مصدر کائڻ)، ٦. عذاب کان، ڏک کان، ايذاء کان، ٧. اڳ ۾، پهريائين، ٨. اي مادر، اي امان، ٩. مان کي، مون کي، ١٠. جيڏيون، پينرو، اديون، ١١. برهمڻ زال يعني سسئي جيڪا ٻانيڻ جي گهر ۾ ڄائي هئي، ١٢. بلوچ، (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ)، ١٣. کان سواءِ، ١۴. ملاقات، واقفيت، سڃاڻپ، ١۵. کانپوءِ، کان بعد، ١٦. اي سپرين، اي پرين، اي محبوبَ، ١٧. سورن سان پيتي= سورن سان شامل، ڏکن سان گڏ، ڏکن ۾ ويڙهيل، ١٨. بيمارين، دردن، ڏکن، ١٩. ماري، نپوڙي، پائمال ڪئي، ٢٠. چاک، چڱي ڀلي، ٢١. دل، مَنُ، ٢٢. ناسُ، چٽ، برباد، تباهه، ٢٣. عذابَ يا ايذاءَ، ڏيئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُجاڻان[١] پِرينِ[٢]، اَدِيُون[٣] اَگهِهِيُ[۴] آهِيان.

۴

اَدِيُون اَگهِهي آهِيان، پِرينِ پُجاڻانِ،
سي ڪوهيارا[٥] ڪيڏَ[٦] وِيا، ساجَن[٧] سياڻا[٨]،
جي سَسُئِيءَ[٩] سِيباڻا[١٠]، سي وَجِي ڪيچ[١١] قَرارِيا[١٢].

٥

حَقيقَتَ[١٣] هِنَ حالَ[١۴] جِي، جي[١٥] ظاهِرُ[١٦] ڪَريان زَبانَ[١٧]،
لَڳي مانِ[١٨] مِرُنِ[١٩] کي، جيڪَرِ[٢٠] سُورُ[٢١] سَلانِ[٢٢]،
ڀي تاڪَرِ[٢٣] ٽِڪي[٢۴] ڪانَ، جَبَلُ سَڀِ جَلي[٢٥] وَڃي.

٦

حَقيقَتَ هِنَ حالَ جِي، ظاهِرُ ڪَريان ذَري[٢٦]،
لَڳي مانِ مِرُنِ کي، ڏُونگَرَ[٢٧] پُونِ ذَري[٢٨]،
وَڃَنِ وَڻَ[٢٩] ٻَرِي[٣٠]، اوِيرُ[٣١] اُپِري[٣٢] ڪونَه ڪو.

٧

جَڏا[٣٣] مِيڙَ[٣۴] جَلِيلَ[٣٥]، جي حُبَ[٣٦] نَه هَلڻُ سِگهَئا[٣٧]،

١. ڪان پوءِ، ڪان بعد، ٢. محبوبن، ٣. اي اديون، اي ڀينر، اي سرتيون، ۴. بيمارِ، ناچاڪَ، ٥. ڪوهه يعني جبل جا رهاڪو، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ۽ ان جا ڀائر، ٦. ڪيڏانهن، ٧. سڄڻ، پيارا، ٨. ڏاها، عقلمند، داناءَ، ٩. سسئيءَ کي، ١٠. وڻيا، پسند پيا، ١١. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو ويٺل هو)، ١٢. آرامي يا ٿانيڪا ٿيا، ١٣. اصليت، ماهيت، ڪيفيت، راز، ١۴. ماجرا، ذڪرَ، معاملي، ١٥. جيڪڏهين، ١٦. پڌري، عيانَ، ١٧. زبان سان، چپ سان، وات سان، ١٨. عجب، حيرت، ١٩. جانورن، پسُن، ٢٠. جيڪڏهين، جي هوندا، ٢١. ڏکَ يا درد (عشق جو)، ٢٢. ٻڌايان، بيان ڪريان، ٢٣. جابلو ملڪ. جَبلَ. پهاڙ، ٢۴. بچي، سلامت رهي، ٢٥. سڙي، ڀسم ٿي، ٢٦. ٿوري، رَتي، ٢٧. جبلق، ٢٨. ڦاٽي، ٢٩. وڻڪارَ، درختَ، ٣٠. سڙي، جلي، ٣١. نباتات (جيڪا زمين مان ڦٽي) ونسپتي، سبزيات، پوک، هريالي، ٣٢. اُسري، پيدا ٿئي، ٣٣. بيمارَ، عاجز، اَپاهجَ، ٣۴. ملاءِ (محبوب کي)، ٣٥. اي جليل، اي شان وارا، اي جلال وارا، اي خدا، ٣٦. حب ڏانهن يا حب جي طرف (حب، لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، ڳوٺ ۽ نئن جو نالو آهي)، ٣٧. پنڌ ڪرڻ، (هلڻ سڪئا= هلڻ جي جاءِ پرايائون).

لَنگهائي[1] لَطيف چَئي، نِجَن[2] ڪيچ[3] قَليل[4]،
وِساري[5] وَسيل[6]، مَچڻ[7] مارَگ[8] چَڏين.

٨

جَذائيءَ[9] جا جَليل[10]، بَدا موڙ[11] هَتن سين،
مادَر[12] مونکي مارئو، دَرد[13] جي دَليل[14]،
وِرج[15] وِير[16] وَسيل، سُورن سازي[17] آهيان.

٩

ساريان[18] تي سَبيل[19]، پُر تَقصيرون[20] پاڻ ذي،
مَتان[21] مونکي چَڏين، آري[22] جام[23] اَصيل[24]،
وَرُ[25] وِلهن[26] جا وَسيل، رَسج[27] رَهبر[28] راهه[29] ۾.

١٠

ايئين[30] رَهيس[31] راهه ۾، هُونهين هَت هَٽي[32]،
وِنا خِيال[33] ڪَٽي، ماءُ[34] مُنهنجو جِندڙو[35].

١١

مَاءُ مُنهنجو جِندڙو، ڪَنيو خِيالَن،

١. اڪاري، پار ڪري، ٢. وڃي وڃجن، ٣. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهندڙ هو)، ٤. خسيس، ڪميڻا، بدڪار، ٥. دل تان لاهي، ڀلائي، ٦. اي وسيل، اي وسيلا، اي آڌار يا رهبر، ٧. متان، ٨. مارگ ۾، رستي يا گس ۾، ٩. بيماريءَ، اڳهائيءَ، ١٠. وڏي شان واري، وڏي جلال واري، ڏٺي تعاليٰ، ١١. سهرا، ڪلنگيون، ١٢. اي مادر، اي امان، ١٣. ڏک يا سور (عشق جي)، ١٤. فڪر، ڳڻتيءَ، ١٥. موٽج، واپس اچج، ١٦. عاقل، سياڻا، داناءَ، ١٧. جلائي، ١٨. سنڀاليان، ڳڻيان، دل تي آڻيان، ١٦. ڳهٽيون، ٢٠. اوڻايون، عيب، ڏوهه، ٢١. مبادا، ٢٢. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٢٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢٤. اصل نسل وارا، ٻُڌياڻا، نيڪ ذات، شريف، ٢٥. موٽ، واپس اچ، ٢٦. پينگن، سُڄن، نادارن، مسڪينن، ٢٧. پهچج، ٢٨. سونهان، اڳواڻ، ٢٩. گس يا واٽ ۾، ٣٠. خواهه مخواهه، اجايو، هونهين، ٣١. رڪجي پييس، ترسيس، ٣٢. هٽ هٽي= تڪليفون يا ڪشالا ڪري، ٣٣. ويچار، ڀور، فڪر، ٣٤. اي ماءُ، اي امان، ٣٥. جندُ، جانِ، دلِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُوڙَنِ ڪَذابَنِ،[1] پوءِ[2] رَهايَسِ[3] پِرِينءَ[4] ري.[5]

وائي

توڻي[6] نِبِنِ[7] نَہ نِبِنِ، آئُون اُنبِنِ[8] جي آهيَان،
زورو[9] هِنَ ضَعِيفِ[10] سبنِ، ڪَامِلَ[11] ڪُوهُہ[12] ڪَرِينِ،
پيرِين[13] آئُون نَہ پُجَڻي[14]، ڪَرَهَلَ[15] هُوءِ نَہ جَهلِينِ،
جَتَ[16] پَانهِنجيءَ جُوءِ[17] ۾، جَانِبَ[18] مَانَ[19] نَہ جَتِيِنِ[20]،
بَانهِي[21] بَاروچا[22] پَانهِنجي، سَڳَرِ[23] مَانَ نَہ سَڌِينِ[24]،
پِڪَ[25] پَدِمَنِئَا[26] اڳَرِي[27]، سُرڪِي[28] مَان نَہ سَڃِينِ[29].

١. ڪوڙن، ڪساڪِين، جُوڻنِ، دغاباز، ڪوٽن، مَڪريلن. ٢. پوئٽي، پُنتي، ٣. روڪيس، ترسايس، ۴. محبوب. ۵. کان سواءِ. ٦. جيتوڻيڪ، ٧. وڻي وڃن، ٨. انهن، ٩. ڏاڍ، ظلم، زبردستي، ١٠. ڪمزور، هيڻيءَ، ١١. بي عيب، بزرگ، برگزيدهہ. پاڪ، ١٢. ڇو، ١٣. پيرن سان، پيادي. ١۴. رسڻ يا پهچڻ جي لائق، ١۵. اٺَ، ١٦. اوڻي، سسئيءَ جي محبوبَ پنهونءَ جا پائر، ١٧. مُلڪَ، وطنَ، جاءِ، ١٨. جاني، پيارا، ١٩. مان نہ = شال، ٢٠. ترسن، رهن، ٽڪن، ٢١. گولي، بندي، نوڪرياڻي، ٢٢. بروچ، بلوچ (پنهون ۽ ان جا پائر)، ٢٣. سڳرَ ۾، رستي يا راهہ ۾، ٢۴. ڪوئين، گهرائين، ٢۵. (محبت جي شراب جو) ڇُڪو، ڍُڪ، ٢٦. پدمن کان، (پدم = ناڻي يا روپين جون هڪ سَوَ نيلون، نيل برابر آهي هڪ سَوَ ڪربن جيءَ ڪرب برابر آهي هڪ سؤ اربن جي. هڪ ارب برابر آهي هڪ سؤ ڪروڙن جي، هڪ ڪروڙ برابر آهي هڪ سؤ لکن جي)، ٢٧. زيادهہ (ملهہ واري)، بهتر، ٢٨. ٽورو ذرو، ٢٩. ڏين، پيارين.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُر ڪوهِيارِي

داستان پنجون

١

ڪِنهِن[1] پَرِ[2] رُئَان پِرِينءَ[3] ڪي، روئي نہ[4] ڄاڻان،
مَتي[5] ڪِئو پُٽان[6]، هَنجُن[7] هاڻا[8] هَتَڙا.

٢

ڪِنهِن پَرِ رُئَان پِرِينءَ ڪي، اَندَر[9] ناهہ اُسَاتَ[10]،
لوهُوڪا[11] لَڪَنِ[12] ۾، وِيري[13] مَتي[14] وَاتَ[15]،
چِيپَر[16] ۾ چُونچَاتَ[17]، ڏِنَمِ[18] ڏُکوئِن[19] جا.

٣

ڪِنهِن پَرِ رُئَان پِرِينءَ ڪي! پَچَڻ[20] ناهہ پَچَارَ[21]،
اَندَرِ[22] تي آهُون[23] ڪَري، ڪاٽي[24] مَنجهہ خُمَارَ[25]،
گِرِيي[26] جي گُفتَارَ[27]، ٻِيءَ پَتِ[28] بَاروچَنِ[29] ۾.

---

١. ڪهڙي. ٢. نموني، طرح، ريت. ٣. محبوب. ۴. روئي نہ ڄاڻان= مونکي رئڻ جي طريقي جي خبر نہ آهي. ۵. مٿي تي، سِرَ تي، ڪنڌ تي. ٦. رُلان، ڀٽڪان، ڀنڊ ڪريان. ٧. لڙڪن، ڳوڙهن، آنسُن. ٨. (لڙڪن سان) آلا يعني ڀنل. ٩. اندر ۾، دل ۾. ١٠. پياس يا اُڃ، اڪنڊ، پيارَ. ١١. جهنگلي جانورَ، مرون. ١٢. جبلن ۾. ١٣. دشمن. ١۴. تي، ۾. ١۵. ڪس، رستي، راهہ. ١٦. جبل. ١٧. باهہ يا ڪنهن زور تتل شيءِ تي پاڻيءَ وجهڻ سان پيدا ٿيندڙ آواز. هتي معنيٰ ٿيندي دردِيليون دانهون يا رئڻ جا سڏڪا. ١٨. مون ڏٺا، مون ڀِڏا. ١٩. ڏکن جي ستايل عورتن، دردوندين زالن. ٢٠. پچڻ جي، (عشق جي) باهہ يا ڪامَ جي يا ساڙ جي. ٢١. اظهار، بيان، پچڻ ناهہ پچار= پچڻ جو بيان يا ذڪر ڪري نٿو سگهجي. ٢٢. اندرَ يا دل ۾. ٢٣. دانهون، روج راڙو. ٢۴. سڙيل (عشق جي باهہ جي). ٢۵. (عشق جي) نشي يا مستيءَ. ٢٦. رڻ. ٢٧. ذڪر، ٻولي، ڳالهہ. ٢٨. نموني، ريت. ٢٩. ٻروچن، بلوچن، سسئي جي محبوب پنهونءَ جي پائرن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

كِنهِن[1] پَرِ[2] رُئَان پِرِينءَ[3] کي، رُئَڻُ مُون[4] رِيَاءُ[5]،
بَرِنِ[6] مَنجِهه بُكَاءُ[7]، بِيءَ يَتِ[8] بُڌُمِ[9] جيڏِيُون[10].

۵

كِنهِن پَرِ رُئَان پِرِينءَ کي، پَارَ[11] نَہ جَاڻَان[12] پِيرُ[13]،
ڀَنڌُ[14] مُون[15] ڀيڙو[16] ٿِئو، سُورَنِ[17] لاَئيو[18] سِيرُ[19]،
آرِيءَ[20] لَئيءِ[21] اُلِيرُ[22]، رَقصُ[23] ڀَاڳي[24] رَنَ[25] جي.

٦

كَنهِن پَرِ رُئَان پِرِينءَ کي، پَارَ نَہ جَاڻَان پَنڌُ[26]،
كيچِيَنِ[27] كَارِڻِ[28] كَنڌُ[29]، نَايو[30] تِني نَعرو[31] هَڻَان.

٧

سُڄَ[32] وَسَندِي[33] تَنِ کي، جُوشَ[34] جَلاَيَا[35] جي،
طَالِبَ[36] جي تَحقِيقَ[37] جَا، نِينهُن[38] تَنِي وَٽِ نِي[39]،
تِيڏِي[40] پَسي[41] ٿي، هُو[42] تَان آهي هيكڙو.

---

١. ڪهڙي، ٢. نموني، ريت، طرح، ٣. محبوب، ۴. منهنجو، ۵. بي انصافي، ڍونگ، مڪر، فريب، ڀهروپائي، ٻاهريون ڏيکاءُ، ٦. رڃن، رڻ پٽن، ٧. رڙ، روڄ، رودن، ٨. نموني، ريت، ٩. مون ٻڌو، ١٠. اي جيڏيون، اي سرتيون، ١١. پارَ جو، رڻ جو، ١٢. مونکي معلوم آهي، ١٣. رستو، طريقو، ١۴. پٽڪو، روڄ راڙو، ماتم، ١۵. منهنجي، ١٦. حوالي، قسمت ۾، ١٧. ڏکن، عذابن، ١٨. (منهنجي بدن يا جان ۾) ڻاهيو، بنايو، ١٩. رستو، واٽ، ٢٠. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٢١. واسطي، ڪاڻ، ٢٢. ستَّ، ٽپُ، چالُ، ڳولا، ٢٣. ناچ، ٺٺڪڻ، ٢۴. ڀاڳي ۾، نصيب ۾، ٢۵. زال جنهن جو مڙسُ مري ويو هجي، ٢٦. گسُ، واٽَ، ٢٧. ڪيچين جي، ڪيچ جي رهاڪن جي (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٢٨. واسطي، لاءِ، ٢٩. مٿو، سِرُ، سسي، ٣٠. نوائي، نمائي، جُهڪائي، ٣١. آواز، دانهن، ٣٢. رڻ پٽ، بيابان، صحرا، ٣٣. وسنئن، سرسبز يا زرخيز هندَ، آبادي، ڳوٺ، ٣۴. (عشق جي) گرميءَ، ٣۵. ساڙيا، ٣٦. ڳولا ڪندڙ، ڳهورا، ٣٧. حق، سچ، ٣٨. محبت، ٣٩. وٺي وڃ، ۴٠. ذِڪر ڪر، ۴٠. پاسيري يا ڦريل نظر واري، ٻاڏي، ۴١. ڏسي، ۴٢. محبوب يعني خدا.

٨

ٻِيُون ڏيئِي ٻَنِ ڪي، هَلڄِ پاسي هيڪَ،
وَرُ نَه سَهي ويڪ، تيڏي تِيايُون ڪَريِن.

⑨

سَنجهي مُون نَه سَنڀاليو، تَه ڪِي اوني ڪَندا ايئَن،
ڪُهِي ڪَمِيٽِي ڪِيئَن، جَتَنِ رات جَڏي ڪِي.

١٠

سَنجهي مُون نَه سَنڀاليو، صُبحَ سارِئَمِ سُورَ،
اَچِئُو اونِيَڙَنِ جا، پَلپَل پُون پُورَ،
جَتَنِ لَيءِ ضَرُورَ، گهَٽا گهارِئَمِ ڏينهَڙا.

١١

سَنجهي مُون نَه سَنڀاليو، صُبحَ مارِيَس سُورَ،
آڏيءَ رات اُڏَمِئو، ڏينِ پَلتا پُورَ،
جَتَنِ جي ضَرُورَ، مادَرِ ماري آهِيان.

---

١. هڪ ڪان وڏيڪ. ٢. اَجلي، وجهي. ٢. ٻِن. ڪَڏ، ڪوهه. ۴. ٻر. ۴. وِڃج. ٦. ڏانهن، طرف. ٧. هڪ يا واحد يعني خدا. ٨. مڙس يا ٻتار يعني خدا. ٩. برداشت ڪري، پسند ڪري. ١٠. ويڪر يا ويڪرائي (جيئن يا جنهن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ سمائجي سگهن). ڪشادگي. ١١. ٻاڏي، ٻاسيري يا ڦريل نظر واري. ١٢. ٽن جون ڳالهيون. ١٣. سانجهيءَ مهل، سج لهڻ وقت. ١۴. خيال ڪئو، خبرداري ڪئي. ١٥. ڇا. ١٦. جت، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جا ڀائر. ١٧. قتل ڪري، ماري. ١٨. بدڪار، ڪم ذات، نيچ، نڪمي. ١٩. ڪهڙيءَ طرح. ٢٠. ڪذريل رات جو. ٢١. معذور، بي ڪار، پنڪلي، بيمار. ٢٢. ڪئي. ٢٣. ٻي ڏينهن صبوح جو. ٢۴. مون سارئا، مون ياد ڪِئا. مون کي معلوم يا محسوس ٿئا. ٢٥. ڏک، درد. ٢٦. اوٺين. جتن. ٢٧. هَرَ هَرَ، گهڙيءَ گهڙيءَ. ٢٨. فڪر، پهه، ويچار، ڳڻتيون. ٢٩. جتن جي. ٣٠. واسطي. ڪاڻ. ٣١. ضرر ۾، رنج ۾. ٣٢. مون گهارئا، مون گذارئا. ٣٣. ٻڙڪا ڏيو. اوچتا جوش ڪايو. ٣۴. اٿلون. ڦيرا. ٣٥. ڏک. سُورَ. ٣٦. اي مادر. اي امڙ. ٣٧. فنا ڪئي، برباد ڪئي.

١٢

سَنجهيٰ[١] مُون نہ سَنڀاليو[٢]، مَارِيَس[٣] سُور[٤] صُبُوحِ[٥]،
نيڻَ[٦] هيرائي[٧] نِندَ سين، جَتَنِ[٨] لَنگهي[٩] جُوءِ[١٠]،
هَاجو[١١] ڪَري هُوءِ[١٢]، آذيءَ اُوءِ اُتي وِئَا.

١٣

آذيءَ اُو اُتي وِئَا، ڪَرُ[١٣] رڪَائُون[١٤] ڪيچ[١٥]،
ٻَاروچَاڻي[١٦] پيچ[١٧]، مُنهنجو مَنُ[١٨] مُنجهَايو[١٩].

١٤

مُنهنجو مَنُ مُنجهَايو، جَتَن جي جَمَالَ[٢٠]،
ڪو جو سُورُ[٢١] سَرِيرَ[٢٢] ۾، ڪئو ڪيچين[٢٣] جي ڪَمالَ[٢٤]،
هوتَ[٢٥] نہ ڀَائي[٢٦] حَالَ[٢٧]، موتي ٿِيا مَعذُور[٢٨] جا.

١٥

موتي ٿِئا مَعذور جا، حَالَ نہ ڀَائي هوتَ،
لَڳَندي لَڪَنِ[٢٩] سين، ڀَاڻَان[٣٠] ٿيس پُوتَ[٣١]،
مَتي[٣٢] تَائين مَوتَ[٣٣]، سِڪَ[٣٤] ٻَاروچي[٣٥] نہ لَهي[٣٦].

---

١. سَانجهيءَ جي وقت، سج لهڻ جي مهل، ٢. خيال ڪئو، خبرداري ڪئي، ٣. مون کي ماريو، مون کي تڪليف ۾ وڌو، ۴. ڏکَ يا درد (عشق جي)، ۵. صبوح جي مهل. ٦. اکيون. ٧. عادتي بنائي، گهائل مائل ڪري، ٨. اوٺين، پنهونءَ جي پائرن، ٩. پار ڪئي، اورانگهي، ١٠. ماڳُ، ملڪُ، مخصوص ايراضي، ١١. ظلم، ستم، انڌير، ١٢. جتن ڏانهن اشارو، ١٣. رُخ، مُنهن، ١۴. ڪٺائون، ١۵. ڪيچَ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ١٦. ٻروچن جي، بلوچن جي (پنهونءَ ۽ ان جي پائرن جي)، ١٧. ناتي، پيوند، پيارَ، ١٨. دل، ١٩. موڳو يا ملول ڪئو، ٢٠. سُونهن، حُسن، ديدارَ، ٢١. پيڙا، تڪليف، ٢٢. بدن، جان، ٢٣. ڪيچ جي رهاڪن، ٢۴. قابليت، سهڻائيءَ، حيرت ۾ وجهندڙ ڪمَ، ٢۵. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهن ان قبيلي مان هو)، ٢٦. ڀائيوارَ، حصيدارَ، شريڪَ، ٢٧. حالَ ۾، ڪيفيت ۾، ماجرا ۾(حال ڀائي= ساٿي، همدرد، همراز)، ٢٨. جڏيءَ، بيمارَ، عذر واريءَ، ٢٩. جبلن، ٣٠. پاڻهين، ازخود، خودبخود، ٣١. ٿڪر، ڇيهون، ليڙون، ٣٢. ڇِجاڙيءَ، ڇيهہ، ٣٣. موت جي، مرڻ جي، ٣۴. اُڪنڊ، ڇڪ، ڪشش، ٣۵. ٻاروچي جي، ٻروچ جي، بلوچ يعني پنهونءَ جي، ٣٦. ختم ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٦)

ڪيچي[١] وِئَڙا ڪالهہ[٢]، تُون اوڳِي[٣] اَجُ نِهارِين[٤]،
سيڻَنِ[٥] تو نہ سَنڀال[٦]، تُون تِي سارِيَن[٧] تَنِ[٨] ڪي.

(١٧)

توڙي[٩] مُون[١٠] نہ سَنڀالَ، تو[١١] سارِيان تَنِ ڪي،
ڪا جا[١٢] ڪِيائون ڳالِهہ، جَنهِن مُنهِنجو چِتُ[١٣] چَرِئو[١٤] ڪِئو.

(١٨)

مُنهِنجو چِتُ چَرِئو ڪِئو، وِڌائُون وَهلُورَ[١٥]،
سَرتِيُون[١٦] مُونکي سُورَ[١٧]، هِيُ[١٨] هُو تِنئَڙا سامُهان.

١٩

سَرتِيُون سُورُ پِريَن[١٩] جو، سُڄَنِ[٢٠] ۾ شامِلُ[٢١]،
ڪوهِيَارو[٢٢] ڪامِلُ[٢٣]، مُونکي ڏُکَ ڏيکارئو.

وائي

زارِي[٢٤] سا زارِي، اَلوَلَ[٢٥] بَاروچِي[٢٦] سان ڪَنديس زارِي،
ڪَري ڪوهِيَارو وِئو، مُون سان قِيامَتَ[٢٧] ڪارِي[٢٨]،

١. ڪيچ جا رهاڪو (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٢. گذريل ڏينهن، ٣. موڳي، موڙهل، نادان، بي عقل، ۴. ڳولا ڪري، ۵. سيڻن کي، سڄڻن يا محبوبن کي، ٦. تنهنجي، ٧. يادگيري، سارَ، ٨. ياد ڪرين، ٩. جيتوڻيڪ، ١٠. منهنجي، ١١. تنهن هوندي بہ، ١٢. اهڙي، ١٣. من، دل، ١۴. مستانو، ديوانو، ١۵. وهلور ۾، مونجهہ ۾، پريشانيءَ ۾، ١٦. اي سرتيون، اي جيڏيون، ١٧. ڏکَ، تڪليفون، ١٨. اڳئان پويان، ١٩. محبوبن، ٢٠. رڻ پٽن، بيابانن، ٢١. گڏ، ٢٢. ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ وارو، پنهون، ٢٣. بي عيب، برگزيدو، نيڪ، صالح، ٢۴. آزي، عاجزي، منٿ، التجا، عرض، ٢۵. الله ٿي اللهَ، موڪلائي، ٢٦. بلوچ (پنهونءَ)، ٢٧. روز محشر، سيني مري ويلن جي اُٿڻ جو ڏينهن، مصيبت، آپدا، ٢٨. سخت خطرناڪ.

ڪِينَ جِيئَندِيَسِ[1] جِيڏيُون[2]، سُورَ[3] پِريَانْ[4] جي آئُون مَارِيْ[5]،
هِندُوئَنِ[6] جِيئَن[7] هولِيْ[8] ڪَري، ڌُوڙِ[9] مَٽيْ[10] تَان مُون وَارِيْ[11]،
مُون ڪي گَهَرَ[12] گَرو[13] ڪِئو، نَندَ نَندورِيءَ[14] آئُون ڪَارِيْ[15]،
چُڪِيْءَ[16] ڪي چَاڙهِيْ[17] نِئو، بُوتَا[18] هُئَڙَا بَارِيْ[19]،
مَان[20] نَ ورمَنِ[21] وِچَ[22] مِرَ، اولاَٽِي[23] آرِيْ[24].

---

١. زندهه يا حيات رهنديس، جيئري رهنديس، ٢. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣. ڏک، درد، ٣. پرينءَ، محبوب، ٥. فنا ڪئي، تباهه ڪئي، ٦. هندن، هندو ڌرم يا مذهب جي پوئلڳن، ٧. وانگر، ٨. هندن جو هڪ مشهور تهوار يا ڏڻ جنهن ۾ هندو پنهنجي اوتار شري رامچندر جي زال سيتا کي لنڪا يعني سيلون جي راجا راوڻ جي زوريءَ کڻي وڃڻ ڪري سوڳ ملهائيندا آهن، ٩. مٽي، خاڪ، ١٠. سِرَ، ١١. وسائي، هاري، ١٢. ننڍ جي خمارَ، ١٣. سست، آرَسي، ١٤. ننڍڙيءَ، ١٥. بيڪار ڪئي، خرابُ ڪئي، ١٦. ٿڪلَ، مانديءَ عاجزَ، ١٧. (اٺن تي) سوارُ ڪري، ١٨. اٺَ، ١٩. مضبوط، طاقتور، ٿلها متارا، سگها سارا، ٢٠. مان شال، ٢١. ترسن، ٢٢. رستي، ٢٣. اٺ تان لاهي، لولي ڏيئي، ٢٤. آريءَ کي، پنهونءَ کي (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرِ ڪوهيارِي

داستان ڇهون

١

ڳالئو[1] نہ وائو[2]، اَدِيُون[3] آريچَنِ[4] جو،
لَنگهي[5] پَبُ[6] پَري[7] ٿيا، رَڻُ[8] ڇَڏي رائو[9]،
ڏيئي ڦوڙائو[10]، وِيا ويچارِيءَ[11] سُپرِين[12].

٢

ڳالئي[13] نہ وائي[14]، اَدِيُون آريچَنِ جي،
ڪَنهن[15] پَرِ[16] ڪَهِي[17] لَنگهِيان[18]، جَبَلُ جاجهائي[19]،
جيڪُس[20] واجهائي[21]، هاڻ[22] مَرَندي[23] هوتَ[24] لَئِيءَ[25].

٣

هَلَڻُ[26] سَهان[27] نہ هوتَ جو، وَڃَڻُ آئُون گهوريان[28]،
هُونِ[29] هَميشہ[30] هِتِهين، تہ ڏُونگرُ[31] ڪوهُہ[32] ڏوريان[33]،
اکِين[34] سين اوريان[35]، پَسان[36] شالَ پُنهونءَ کي.

---

١. سڌِ، خبر، ڳالهه، ذڪر. ٢. چوٻول، ڳالهہ ٻولهہ، گفتگو، ذڪر، بيان (ڳالئو نہ وائو= نڪا خبر نڪاچار، ڳالهائڻ نہ ٻولائڻ). ٣. اي اديون، اي ڀينرُ. ۴. آريءَ جي اولادَ. پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو). ۵. اُڪري، پار ڪري، لتاڙي، جهاڳي. ٦. پٻ جبل. (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پٻ چوندا آهن). ٧. پرئين پاسي، ڏور. ٨. بيابان، سَڃ. ٩. جبل جي ريتي يا ڪڪرِي، جبل. ١٠. جدائي، وڇوڙو، فراق. ١١. ويچاريءَ کي يا ويچاريءَ جا (ويچاري= مسڪين، نماڻي، عاجز، بي وس). ١٢. پرين، محبوب. ١٣. ڳالهہ، ذڪر. ١۴. ٻولي، آواز، ڳالهائڻ. ١۵. ڪهڙيءَ. ١٦. طرح، ريت، نموني. ١٧. پنڌ ڪري، هلي. ١٨. آئون لنگهان يا پار ڪريان، اُڪران. ١٩. ڊگهو، اوچو. ٢٠. شايد. ٢١. سڪي. ٢٢. هينئر، هن وقت، جلدي. ٢٣. ساهہ ڏيندي. ٢۴. محبوب، پنهونءَ. ٢۵. واسطي. ٢٦. وڃڻ، اُسهڻ. ٢٧. برداشت ڪريان. ٢٨. ڀَنَ ۾ وجهان، ڪڏ يا ڪوهہ ۾ وجهان، ڦٽو ڪريان. ٢٩. هجن. ٣٠. سدائين. ٣١. جبل. ٣٢. چو. ٣٢. ڍونڍيان. ٣۴. اکين سين = خوشيءَ سان. ٣۵. وڃان، پنڌ ڪريان. ٣٦. ڏسان.

۴

هَلَڻُ[1] سَهَان[2] نَہ هوتَ[3] جو، وَڃڻُ[4] مُون نَہ وَسِ[5]،
اَللهَ[6] آرِيچَنِ[7] جي، گولِي[8] مِيڙِين[9] گَسِ[10]،
پِرِينِ[11] پَنوهارَ[12] پُڇَان[13] تو، ڏُونگريا[14][15] مُون[16] ڏِسِ[17]،
اَکِيُنِ جي آرَسِ[18]، مُنڌَ[19] جيهِيَائي[20] جوڙَ[21] کَي[22].

۵

هَلَڻُ سَهَان نَہ هوتَ جو، وَڃڻُ مَ وَارِئو[23]،
رَهَڻُو[24] رَاتِ پَنيِيور[25] مِ، تَان[26] گهڙِي[27] هِتَ گهَارِئو[28]،
مَعذُورَ[29] مَ مَارِئو[30]، سِکِي[31] جَنهِن سَڱُ[32] کِئو.

٦

مُون کي جَنِي مَارِئو، آن[33] کِي گَڏِئَا[34] سي،
تَنِ[35] مِ طَاقَتَ[36] نَاهِ کَا، اَدَا[37] اُنِين[38] رِي[39]،
سُور[40] سَلِتَمِ[41] تي[42]، جِيلاهِ[43] ڳالِهِ[44] ڳِري[45] تِي.

۷

مُون کي جَنِي مَارِئو، سُڄَاتَمِ[46] سِيئي،

---

١. اسهڻ، وڃڻ. ٢. برداشت ڪريان. ٣. محبوب، پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ۴. منهنجي. ۵. وَس ۾، اختيار ۾، هٿ ۾. ٦. اي الله، اي ڌڻي تعاليٰ. ۷. آريءَ جي اولاد يعني پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو). ٨. ٻانهي، نوڪرياڻي، بندي. ٩. ملائين يعني گڏين يا پهچائين. (محبوب کي). ١٠. گَسَ تي، راهہ يا رستي تي. ١١. محبوبُ. ١٢. اي پنوهار، اي رڍون يا ٻڪريون چارينڊڙ، اي ٻڪرار يا ريڍار (اهو ٻڪرار آهي جيڪو جبل ۾ سسئيءَ کي مليو هو). ١٣. معلوم ڪريان. ١۴. توکان. ١۵. ڏونگر يا جبل جا رهاڪو (پرينءَ ڏانهن اشارو). ١٦. مونکي. ١۷. ٻڌاءِ. ١٨. ڳهر، نند. ١٩. منڌ سان، عورت يا زال يعني سسئيءَ سان. ٢٠. اهڙي، هيڏي، وڏي. ٢١. حالت، حالت، جاڙ، جٽ. ٢٢. ڪئي. ٢٣. قبول ڪريو، پسند ڪريو، روا يا مناسب ڄاڻو. ٢۴. ٽڪو، ترسو. ٢۵. لُٽي ضلعي ۾ ڳهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ڇہ ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي. ٢٦. تہ پڻ. ٢۷. ساعت، پَلُ، ٿورو وقت. ٢٨. گذاريو، ٽڪو، رهو. ٢٩. معذور کي، جڏيءَ يا بيمار کي. ٣٠. ستايو، ڏکُ پهچايو، تڪليف ڏيو. ٣١. حرص ڪري، حريص ٿي، هيج يا شوق ڪري. ٣٢. ناتو، دوستي. ٣٣. اوهان کي. ٣۴. ڇا. ٣۵. جسم، بدن. ٣٦. سگهہ، زور. ٣۷. اي ادا، اي ڀائو. ٣٨. انهن. ٣٩. کان سواءِ. ۴٠. ڏکُ. ۴١. مون سليو، مون بيان ڪيو. ۴٢. تنهن صورت ۾. ۴٣. جنهن صورت ۾. ۴۴. معاملو. ۴۵. نہ سهڻ يا برداشت ڪرڻ جهڙي. ۴٦. مون سڃاتا، مون سهي ڪيا.

پُنهونءَ[١] پيڪان[٢] پچنديا[٣]، پلن[۴] تان[٥] پيئي،
ويڄنئون[٦] ويئي[٧]، تي وهيٺي[٨] سڄٽين[٩].

٨

مونکي جني مارئو[١٠]، سڄاتم[١١] پاٽان[١٢]،
لوهو[١٣] لڳن[١۴] ناهه کي، سند[١٥] مڙيئي[١٦] سٽا[١٧]،
داروءَ[١٨] جا داٽا[١٩]، ڏنم[٢٠] هوت[٢١] هٿن سين.

٩

پرتوو[٢٢] پُنهونءَ جو، جهڙ[٢٣] جيئن[٢۴] جهالا[٢٥] ڏي،
آئون تنهن آريءَ[٢٦] کي، ونئو راهه[٢٧] رئان گهٽو.

١٠

پرتوو پُنهونءَ جو ڪي[٢٨] ڇانئين[٢٩] ڪي اُسَ[٣٠]،
قريباٽي[٣١] ڪُسَ[٣٢]، آهي ڪرب[٣٣] ڪرڙي[٣۴].

١١

پرتوو پُنهونءَ جو، سهائي[٣٥] سياهه[٣٦]،
مُنهن[٣٧] ڏيئي مون[٣٨] آيو[٣٩]، رنگا[۴٠] رنگي راهه[۴١]،

١. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٢. تير، ڪان، ٻاڻ. ٣. اڇلايا، هنيا، وسايا (مون تي). ۴. اکين جي تارن. ٥. مان. ٦. ويڄن يا طبيبن (جي وس) کان. ٧. زور تي يا چڙهي وئي. ٨. وس ۾، اختيار ۾. ٩. سڄڻن جي، دوستن جي. ١٠. ستايو، ڏک پهچايو، تڪليف ڏني. ١١. مون سڃاتا، مون سهي ڪئا. ١٢. پاڻ، خود. ١٣. رت، خون. ١۴. لڱن ۾، عضون ۾، بدن ۾. ١٥. بدن ۾ اندر هڏن جا جوڙ يا ڳنڍ يا ميلاپ، عضوا. ١٦. سڀيئي. ١٧. نِستا، ڪمزور. ١٨. دوا، ٻڪيءَ، ڦڪيءَ، سُتيءَ. ١٩. ڪٿا، ٿورو انداز. ٢٠. مونکي ڏنا. ٢١. محبوب، پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٢. روشني، تجلو، پاڻيءَ يا آرسيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جي نظر ايندڙ تصوير، شڪل، مورت، چلڪو، ديدار. ٢٣. آسمان جو ڪڪرن سان ڇانئجڻ واري حالت، ڪڪر، ميگهه. ٢۴. وانگر. ٢٥. چمڪاٽ. ٢٦. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٧. رستو، واٽ. ٢٨. ڪڏهين. ٢٩. پاڇو، سايو، ٿڌو. ٣٠. ڏِپ، سج جي موجودگي، گرم. ٣١. قريبن جي، محبوبن جي. ٣٢. ڪوسُ، ڪُهڻ، جيو هچا، قتل. ٣٣. مصيبت، ايذا، قهر. ٣۴. ڪٺن، سخت، سنائي. ٣٥. (ڪنهن وقت) روشن يا چٽو. ٣٦. (ڪنهن وقت)، ڪارو يعني اونداهو ۽ تاريڪ. ٣٧. منهن ڏيئي= ظاهر يا پڌرو ٿي. ٣٨. مون کي. ٣٩. مليو، حاصل ٿيو. ۴٠. گهڻن رنگن يعني قسمن وارو. ۴١. رستو، گسُ.

پِهَرِين ڏِيندا پاهُه[١]، پوءِ رڱِيندا رَنگَ ۾.

١٢

پَرتَوو[٢] پُنهُونءَ[٣] جو، رڱِيائي[٤] راحَتَ[٥]،
پانيان[٦] ڏِينهُن پَوارئون[٧]، ساجَنَ[٨] لاءِ[٩] صِحَتَ[١٠]،
مِنِي[١١] مُصِيبَتَ[١٢]، آهي آريءَ[١٣] جامَ[١٤] جي.

وائي

آئي لِکِئي[١٥] لَنءِ[١٦] لائِي[١٧]، آئون کا جوڙ[١٨] جَتَنِ[١٩] جو،
ٻَڙِي[٢٠] جيڏيون[٢١]، آئون کا کُڙمُ[٢٢] کيچِينِ[٢٣] جو،
کُهِي[٢٤] کَمِيٽي[٢٥] هَلِيا، کَهِلَ[٢٦] نَه کِئائون کائي[٢٧]،
آئون سُتِي[٢٨] هُو[٢٩] هَلِيا، ڏيرَ کَري وِيا ڏاڍائِي[٣٠]،
پِينَرُ[٣١] هِنَ پَنيُورَ[٣٢] ۾، کُونهي سُورَن[٣٣] پائِي[٣٤]،
پَسِي[٣٥] پنهنجا کَمَ[٣٦] تا، لالَڻ[٣٧] آئُون لَجائِي[٣٨]،
پورهِيَتِ[٣٩] پُنهُونءَ جامَ جي، کيچِينِ[٤٠] کَمِ نَه آئِي،
اُتي عَبدُاللطيف رح چئي، هوتَ[٤١] کَرِيو هَمراهِي[٤٢].

١. گدامڙي ۽ ٻين مصالحن کي ملائي تيار ڪيل تيزاب جنهن ۾ ڪٽي يا رنگريز ڪوري ڪپڙي کي رنگ ڏيڻ کان اڳي ٻوڙيندا آهن، ان لاءِ تہ ڪپڙي جو ميلُ وغيره صاف ٿئي، ٢. روشني، تجلو، پاڻيءَ يا آرسيءَ ۾ نظر ايندڙ ڪنهن شيءِ جي تصوير، شڪل يا مورت، چلڪو، ديدارُ، ٣. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٤. بلڪل، صفا، ٥. آرامُ، فرحت، ٦. سمجهان، ٧. خوفائتو، خطرناڪ، ڏکيو، ٨. سڄڻ، پرينءَ، ٩. خاطر، واسطي، ١٠. چڱيلائي، ١١. پياري، وڻندڙ، ١٢. آزار، تڪليف، ١٣. پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٤. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١٥. قسمت، تقدير، نصيب، ١٦. محبت، نينهن، ١٧. لڳائي، ١٨. مَٽ، شريڪ، هڪ جهڙي، برابر، ١٩. اوٺين، ٢٠. اڙي، آئي، ٢١. سرتيون، ٢٢. آڪهہ، خاندان، عزيزياڻي، مائٽياڻي، ٢٣. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جنهنجو پنهون رهاڪو هو)، ٢٤. قتل ڪري، ماري، فنا ڪري، ٢٥. بدڪار، ڪم ذات، نيچ (سسئي)، ٢٦. قياس، رحم، سڀاجهہ، ٢٧. ڪاٻہ، ٢٨. سُتل هيس، ننڊ ۾ هيس، ٢٩. مڙس (پنهونءَ) جا ڀائر، ٣٠. زبردستي، ظلم، ٣١. اي پينر، اي اديون، ٣٢. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري شهر جتي سسئي رهندي هئي، ٣٣. سورن يا ڏکن جو، ٣٤. ڀائيوار، همراز، ٣٥. ڏسي، ٣٦. عمل، ڪرت، ٣٧. اي لالڻ، اي محبوب، ٣٨. شرمسار ٿي، ٣٩. ٻانهي، گولي، ٤٠. ڪيچين کي، ٤١. اي هوت، اي محبوب، ٤٢. مدد، واهر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم

سُرُ حُسيني

داستان پهريون

١ *

لَٽُ[1] مَ لاڙائُو[2] تِئُو، هَلِي[3] ڪَرِ[4] هِمَتَ[5]،
سِجُ سامُهُون مُنهَن ۾،# ڪَهَ[6] ۾ ڪِجِ مَ ڪَتَ[7]،
سُپيرِيَان[8] جي سَٿَ[9]، ڳاڙهي سِجِ[10] ڳالِهه[11] مِڙِين[12].

٢

لَٽُ مَ لاڙائُو تِئُو، گُهتُون گُوهِيُون[13] ڇَڏِ،
لَڏو[14] لاهِه مَ لَڏِ[15]، تَه ڳاڙهي سِجِ ڳالِهه مِڙِين.

٣

لَٽُ مَ لاڙائُو تِئُو، لاهِه مَ لَڏو لَڏِ،
سَاٿَ[16] پِرِيَان[17] جي سَڏِ[18]، تَه مُنڍَ[19] ميڙائُو[20] تُون[21] تِئي.

٤

لَٽُ مَ لاڙائُو تِئُو، وَرَ[22] چُونڊِيندِي[23] وَڄُ،

---

* هيءُ بيت ۽ ڪانئس پوءِ ايندڙ ۴ بيت شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي بيت "تان ڪي ڳوري ڳل جان لاڙائو سج ٿئو. هاڙهي ڏاري هل وجي ڪيچين جو ٿيو" جي تتبع تي چيل آهن. ١. سست ٿيءُ، پوئتي موٽ. گوٽ ناٽ ڪر. نٽ نتاء ڪر. ٢. (سج) لهڻ کي ويجهو يا لهڻ وارو. ٣. پنڌ ڪري. ۴. ذيڪار. ۵. فلڪ. ڦڙتائي، مردانگي، چستي # سج مُنهن جي برابر يعني لهڻ يا غروب ٿيڻ وارو آهي. ٦. پنڌ، مسافريءَ. ٧. سوچ، ويچار، ڪس ڪسان، سُستي، دير. ٨. پرينءَ، محبوب. ٩. سٿ ۾، ڪچهريءَ يا جماعت ۾. ١٠. ڳاڙهي سج= سج جي موجود هوندي، شفق جي مهل، نما شام جي وقت، سج لهڻ کان اڳ. ١١. ڳالهه کي، مقصد کي، دل جي مراد کي. ١٢. ملين. ١٣. گهتون گوهيون= گوٽ ناٽ، سُستي. ١۴. سامانُ يا ٽپڙ ٽاڙي (مسافريءَ جو). (لڏو لاهڻ= ترسڻ، رهي پوڻ). ١۵. پنڌ جاري رک. ١٦. ساٿ کي، جماعت کي. ١٧. محبوب. ١٨. پڪار، آواز ڏي. ١٩. اي منڌ، اي عورت (سسئي). ٢٠. ميلاپ، گڏجاڻي. ٢١. تنهنجو. ٢٢. رستا، واٽون. ٻي معنيٰ ٿيندي گهنج (ستڻ جا). ٢٣. ڳجيندي (ستڻ جا ور). جاچيندي يا ڳوليندي (رستا يا واٽون.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي اِيَ[1] اُهڃ[2]، هَاڙهي[3] هَلنديُن جو.

۵

لَڙُ[4] مَ لاَڙائُو[5] تِئو، مُوڙي[6] مَرُ مَ پيرُ،
آرِيءَ[7] لَئيءِ[8] اُليرُ[9]، ڏيئي مَرِجِ ڏُونگرين[10].

٦

مُڙئو[11] سِجُ مَتَان، پوڄَاڙي[12] پَيدا تِئي[13]،
سِجُ مَتَائي[14] سَاءُ[15]، اُلَهڻَ[16] کي اوڏو[17] تِئو.

٧

اُلَهي[18] سِجُ اَوير[19] کَئي[20]، ڏِنَائين[21] ڏُونگرُ،
سَسُئيءَ کي سَيد چئي، سُورن[22] جو سَمرُ[23]،
کُنَلِ[24] رکِئو[25] کَرُ[26]، وِيڄَاريءَ[27] وَٽِکَارَ[28] تِئي[29].

٨

اُلَهي سِجُ اَويرَ، مَ کَرِ مَعذُورن[30] تِئي،
پَسِي[31] مَرَان[32] پيرَ[33]، ڏُونگرِ[34] بَاروچَنِ[35] جَا.

١. اهو. ٢. اُهڃاڻ، سڃاڻپ. ٣. هاڙهي جبل ڏانهن (لس ٻيلي جي اولهہ طرف واقع جبلن جي قطار کي هاڙهو چوندا آهن). ۴. سست ٿيءُ، ٻوڏتي موٽَ، گوٽ ناٽ ڪر، نٽَ نٽاءَ ڪر. ۵. (سج) لهڻ وارو يا لهڻ کي ويجهو. ٦. ٻوڏتي هٽائي. گهَٽائي (پيرُ موڙي= ڪجهہ وقت ترسي، دير ڪري، رفتار گهٽائي). ٧. پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوبُ پنهون هوت قبيلي مان هو). ٨. لاءِ، واسطي، ڪاڻ. ٩. سَتَ، لوهَہ، چالَ. ١٠. ڏونگرن ۾، جبلن ۾. ١١. لهڻ يا غروب ٿيڻ وارو ٿئو. ١٢. وچين، سج لهڻ کان ڪجهہ اڳ وارو وقت، ٽيهري، ٻنپهرن ۽ سانجهيءَ، جي وچ وارو وقت. ١٣. ظاهر. ١۴. بدلائي. ١۵. رنگَ. ١٦. لهڻَ، غروبَ ٿيڻ. ١٧. ويجهو. قريب. ١٨. لهي. ١٩. دير. ٢٠. ڪئي. ٢١. (سَسُئي) ڏنو (ڏونگر ڏنائين= جبل ۾ داخل ٿي يا پهچي وئي). ٢٢. ڏکن، دردن. ٢٣. سامان. ٢۴. برباد ٿيل، مصيبت جي ماريل. ٢۵. ڪِئو. ٢٦. رُخ، مُنهَن. ٢٧. نماڻيءَ، بي وَسِ. ٢٨. ڪير ٿر جبل جي قطَار سان لڳو لڳ اتر ايرندي طرف هڪ ننڍو ڳوٺ. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل جو نالو. ٢٩. ڏانهن. ٣٠. عذر وارين، جڏين، بيمارِ عورتن. ٣٠. ڏسي (ٻوءِ). ٣١. دَمر ڏيان، فوت ٿئان. ٣٢. پيرن جا نشان. ٣٣. ڏونگر ۾. ٣۴. ٻروچن يا بلوچن يعني سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩

وِئو ٻاروچو[١] نِڪري، هاٿي ڪَريان ڪِيئَن،
سِڄَ اُلَٿي[٢] سِيئَن[٣]، سَٿُون[۴] ڏِينديس سُڄَ[۵] ۾.

١٠

سِڄَ[٦] اُلَٿي سَسُئِي، رَتَ[٧] وَرَنو[٨] روءِ[٩]،
نَہ پَهِي[١٠] نَہ پانڌي ڪو، جنهن کَرَ[١١] پُڇِي[١٢] لوءِ[١٣]،
مُوڙِهي[١۴] وَڃِي[١۵] تِئوءِ[١٦]، مُوٽَڻَ[١٧] جي ڪانَہ ڪَري.

١١

وِيٺي[١٨] مُون[١٩] وِئو، لَڙِي[٢٠] سِڄ لَڪَنِ[٢١] تان،
آئُون ڏورِيندي[٢٢] ڪِيتَرو، پَهَٽَنِ[٢٣] پِيرُ[٢۴] پِئو،
سُورَنِ[٢۵] سانڍُ[٢٦] سِهو، اَچي ٿِيمِ[٢٧] جيڏِيُون[٢٨].

١٢

سَسُئِي سِڄُ وِئو، ڏِجِ وَراڪو[٢٩] وِيڙهہ[٣٠] ۾،
آرِياڻِيءَ[٣١] پُنهُونءَ جو، ڏُونگَرِ[٣٢] ڏَسُ[٣٣] پِئو[٣۴]،
آرَسُ[٣۵] جَنِ ڪِئو، اُنَ نَہ ٻَيلِي[٣٦] اُنِ جا.

---

١. ٻروچ يا بلوچ يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون، ٢. لهڻ، غروبٻيڻ، ٣. تائين، ۴. لوهون، چالون، اليرَ. ۵. رڻ پٽ، بيابان، ٦. سج الٿي= سج لٿي، سج لهڻ مهل، ٧. رَتَ جي، خون جي، ٨. رنگ جهڙو (رت ورنو= رت جي رنگ جهڙو پاٽي، ڳاڙهو پاٽي)، ٩. روئي، (ڳوڙها) وهائي، ١٠. پانڌي، پانڌيئڙو، واٽهڙو، مسافر، ١١. ڪان، ١٢. معلوم ڪري، ١٣. ڳوٺ (پنهونءَ جو)، ١۴. موڙهل حالت ۾، حيرانيءَ يا پريشانيءَ جي حالت ۾، واٽڙي يا موڪي ٿيو، ١۵. هلي يا پنڌ ڪري پئي، ١٦. تنهن هوندي بہ، ١٧. واپس ٿيڻ، ١٨. وهڻ يا ترسڻ جي حالت ۾، وهڻ يا ترسڻ جي سبب، ١٩. منهنجي، مونکي، ٢٠. لهي، غروب ٿي، ٢١. جبلن، ٢٢. ڳوليندي، ووڙيندي، ٢٣. پهٽن ۾، پٽرن ۾، جبلن ۾، ٢۴. (پنهونءَ جي) پيرَ جو نشان، ٢۵. ڏکن، دردن، ٢٦. سَبند، لاڳاپو، ناتو، ٢٧. منهنجو ٿيو، مونکي ٿيو، ٢٨. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢٩. ڦيرو، گهمرو، وَرَ، چَڪَرَ، ٣٠. جهنگ، وڻن جي جهڳٽي، ٣١. آريءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب اري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٢. ڏونگر ۾، جبل ۾، ٣٣. پتو، خبر، ٣۴. مليو، ٣۵. سُستي، غفلت، ٣٦. ساٿي، همراهہ.

(١٣)

ذِجِ وَرَاڪو[١] ويڙهه[٢] ۾، سَسُئِي وَڏي سُورِ[٣]،
آرَسُ[٤] جَنِ[٥] اَسُورِ[٦]، اُنَ نَه ٻيلي[٧] اُنِ جا.

(١٤)

ذِجِ وَرَاڪو ويڙهه ۾، سَسُئِي وَڏي[٨] سَتِ[٩]،
جَنِي[١٠] مُوڙهي[١١] مَتِ[١٢]، اُنَ نَه ٻيلي اُنِ جا.

١٥

سَرتيون[١٣] سُڄي[١٤] سُڃَ[١٥]، مَتَان[١٦] ڪا مُون سين هَلي،
پاڻي ناهي پَندُ[١٧] گهڻو، اڳيان رائو[١٨] رڳي[١٩] رُڃَ[٢٠]،
مَتان مَري[٢١] اُڃَ[٢٢]، ڪا ڏي پاراتو[٢٣] پِرين[٢٤] کي.

١٦

وِئو سِجُ وَٽَنِ تان، راسِيُنِ[٢٥] ڏيئي[٢٦] رَنگُ،
مُون[٢٧] جَنهِن سان سَنگُ[٢٨]، سو ڪوهيارو[٢٩] ڪيچِ[٣٠] وِئو.

١٧

وِئو سِجُ وَٽَنِ تان، راسِيِن[٣١] رَتائِين[٣٢]،

---

١. ڦيرو، گهمتاري، چڪرُ، ورُ. ٢. جهنگ، وٽن جي جهڳٽي. ٣. وڏي سُور= وڏي سج، ساجُهر، سويل، سج لهڻ کان گهڻو اڳي (سُورُ= سورج، سجُ). ۴. سُستي، غفلت. ۵. جن کي. ٦. اَسُرَ جي مهل، فجر جي وقت. ٧. همراهه، ساٿي. ٨. گهٽي، جهجهي. ٩. سَتَ سان، زور سان، طاقت سان، سچائيءَ يا صدق سان، سچيءَ دل سان. ١٠. جن جي ١١. منجهي وئي، بطال ٿي وئي. ١٢. عقل، ٻُڌي. ١٣. اي سرتيون، اي جيڏيون. ١۴. ٻُڏجي. ١۵. رڻ پٽ، بيابان. ١٦. مبادا. ١٧. مفاصلو، سفر. ١٨. ريتي، جبل جي واري، جبل. ١٩. صرف. ٢٠. سرابُ، مرگهه ترشنا، رڻ ۾ گرميءَ ۽ تپش جي ڪري پاڻيءَ جو ڪوڙو ڏيک. ٢١. مبتلا ٿي. ٢٢. اُڃ ۾، پياسَ ۾. ٢٣. بددعا، پِٽ. ٢۴. محبوبَ. ٢۵. راسين کي، جبل جي چوٽين کي. ٢٦. رنگ ڏيئي= رنگدار بنائي، سهڻو بنائي. ٢٧. منهنجو. ٢٨. واسطو، لاڳاپو، رشتو، نالو. ٢٩. ڪوهه يعني جبل جو رهاڪو، سسئيءَ جو محبوب پنهون. ٣٠. ڪيچ ڏانهن. (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ٣١. راسين کي. ٣٢. ڳاڙهو ڪيائين.

مُون کي مَارِيَائِين[1]، آيَلِ[2] اُونداهِي[3] ڪَرِي.

١٨

تَانْ[4] تَان ڪَرَهَلُ[5] ڪَاهِہ[6]، جَانْ[7] جَان آهي سُوجهرو[8]،
مَتَان[9] تِئي اونداهِہ، پِيرُ[10] نَہ لَهَين[11] پِريَنِءَ[12] جو.

١٩

جَان جِيئين[13] تَان جَلُ[14]، ڪَانهي جَاءِ[15] جَلَڻَ[16] ري[17]،
تَڏيءَ[18] تَتِيءَ[19] هَلُ[20]، ڪَانهي وِيلَ[21] وَهَڻَ جي.

٢٠

جِيئَن جِيئَن پِڄي[22] رَاتِ، تِيئَن تِيئَن تَاڻي[23] پَنڌَ مِ،
پُورِيءَ[24] ٻِي نَہ تَاتِ[25]، جيڪَا سَا جَتَنِ[26] جي.

٢١

جِيئَن جِيئَن تَپي ڏِينهُن[27]، تِيئَن تِيئَن تَاڻي پَنڌَ مِ،
ڪو اڳانجهو[28] نِينهُن[29]، بَانِهِيءَ[30] بَارُوچَنِ[31] سين.

٢٢

نَڪو تَتو[32] ڏِينهُن، نَڪو لِيڪُوئِي[33] تِئو،

١. تباهہ ڪيائين، برباد ڪيائين، ٢. اي آيل اي امڙ، ٣. تاريڪي، ڪاري رات، اونداهہ، ٤. تان تان= تيستائين، ٥. اٺ، ٦. هَڪَلِ، هلاءِ، ٧. جان جان= جيستائين، ٨. روشني (سج جي)، ڏينهن، ٩. مبادا، ١٠. پير جو نشان، ١١. لهين، ڏسين، ١٢. محبوب، ١٣. زندهہ يا جيئري آهين، ١٤. (عشق جي باهہ ۾) پچندي يا ڪامندي رَهُہ يا سڙندي رهہ، ١٥. واهَہ، چارو، گسَ، ١٦. پچڻ، سڙڻ، ١٦. ڪان سواءِ، ١٨. ڏينهن ٺرڻ وقت، ڏينهن ٿڌي ٿيڻ مهل، ١٩. ڏينهن گرم ٿيڻ وقت، تپت جي وقت، منجهند جي مهل، ٢٠. پنڌ ڪر، ٢١. وقت، مهل، ٢٢. ٺري، ٿڌي ٿئي، وهامي، ٢٣. ڪاهي، هلي، ٢٤. وسوڙل، سادهہ لوح، ڪم عقل، ٢٥. پچار، يادگيري، ٢٦. اوٺين، يعني سسئي جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي يائرن، ٢٧. گرم ٿئي، ٢٨. آڳاٽو،اصل کان، ازل کان، ٢٩. محبت، عشق، ٣٠. نوڪرياڻيءَ، گوليءَ يعني سسئيءَ، ٣١. ٻروچن يا بلوچن يعني پنهونءَ، ٣٢. گرم ٿئو، ٣٣. حساب، ڪتاب (سٽ ڪتڻ جي اجوري جو).

تِهان[1] اوري[2] نينهُن[3]، چِنو[4] آتڻَ[5] واريِن.

٢٣

آتڻُ اورانگهي[6] وِئا، پاري[7] چَڏي پوءِ[8]،
آريچا اُنَنِ تي، هِيءَ تان جَڏي جوءِ،
كِي هَلي كِي هَٽ كَٽي[9]، كِي رِڙهي كِي روءِ،
اَوهين چَڏي وَجو چَپربن، ڏُكي كَهَڙي ڏوهُه[10]،
كو پُري[11] پِريَنءَ[12] چوءِ[13]، تَه مُنيءَ[14] مَتاتَم[15] آيو[16].

٢٤

آتڻُ اورانگهي وِئا، اگَڻِ[17] مُون[18] افسوسُ[19]،
ديوانيءَ[20] سين دوسُ[21]، ساٿي[22] آهي سُجَ[23] ۾.

٢٥

آتڻُ اورانگهي وِئا، اَئُون تِي مَران[24] ماءُ[25]،
پُٿُون[26] تيندِيَس پير[27] تي[28]، هَي هَي[29] كَري هاءِ،
جِيئَڻُ[30] مُون[31] نه جُڳاءِ[32]، پِريَن تان پاسو كِئو.

---

١. تنهن كان. ٢. اِڳيئي، پهريائين. ٣. محبت، عشق. ۴. ٽوڙيو، ختم ڪئو. ۵. آتڻُ= زالن جو گڏ ويهي چرخي يا ارٽ تي سُٽ ڪتڻ جي جاءِ. هُنر، گهرُ. گهر جو اڱڻ يا ٻڌر يا احاطو. (آتڻ وارين= آتڻ وارين يعني آتڻ ۾ ڪم ڪندڙ عورتن). ٦. اتڻ اورانگهي وئا = گهر جي اڱڻ يا ٻڌر مان نڪري هليا وئا. گهر جي اڱڻ يا ٻڌر كان پاسو ڏيئي هليا وئا. ٧. ٻانهي، گولي. ٨. پٺتي، پويان. ٩. هٽ ڪٽي= سڌ ڪري. ١٠. ڏوهه جي سبب، قصورجي ڪري. ١١. پنڌ ڪري، اِڳتي وڌي. ١٢. پرينءَ كي، محبوب يعني پنهونءَ كي. ١٣. چوي، ٻڌائي. ١۴. مُنيءَ كي، مصيبت جي ماريل كي. ١۵. مصيبت، آفت، روڄ رارڙو، رنج، ملال. ١٦. نصيب ٿئو. ١٧. اڱڻ ۾، گهرَ ۾. ١٨. منهنجي. ١٩. رنج، ملال. ٢٠. چريءَ مستانيءَ. ٢١. دوست، يار يعني پنهون. ٢٢. همراهه، مددگار، حامي. ٢٣. رڻ پٽ، بيابان. ٢۴. برباد يا تباهه ٿيان. ٢۵. اي ماءُ، اي امان. ٢٦. ذرا ذرا، ڇيهون. ٢٧. پير جي نشان. ٢٨. مٿان. ٢٩. هي هي= هاءِ گهوڙا، افسوس. ٣٠. زنده يا جيئرو رهڻ. ٣١. مون كي. ٣٢. جڳائي، واجب آهي.

٢٦

آتڻُ اوراَنگهي وِئَا، ڪَري ڪَمِيٽِي ڪِيئَن،
هَاٿِي گهُرِجي هِيئَن، جِيئَن ڏِجي بَاهِه پَنيُورَ کي.

٢٧

آتڻُ اوراَنگهي وِئَا، پُنِيءَ تُوڏِن[١] تَاڻِ[٢]،
وِهُه مَ مُنڌَ پَنيُورَ ۾، هُنِ[٣] پُڄَندي[٤] هَاڻِ،
رَائِي[٥] ۾ رهَاڻِ[٦]، هَلُ[٧] تَه تِئِي هُوتَ سين.

وائي

جي[٨] هُوندَ ڏَنَائُون[٩] وو جيڏِيُون، حَالُ[١٠] منهنجو هِهَڙو جهَڙو[١١]،
سو جي سُومِ[١٢] ڪَنَن سين، پَهُه[١٣] جو ڪَئَائُون،
بَانهُون بِيلَ[١٤] نَه لاَهِيَان[١٥]، پُنهَل[١٦] کي آئُون[١٧]،
چَڙهي نَه سَگهَان چوٽِيين[١٨]، مَارِڳُ[١٩] مَتَاهُون[٢٠]،
هُو جي پَهڻَ[٢١] پَبَ[٢٢] جَا، مَٽِيَا[٢٣] مُڪَائُون[٢٤]،
مُون مُنِيءَ[٢٥] تي مَندِئَا[٢٦] گُونَدرَ[٢٧] گَلاَئُون[٢٨]،
هِينئَڙو[٢٩] ڏِنَدڻ[٣٠] پَاڙَ[٣١] جِيئَن، چِڪِيءَ[٣٢] چِنَائُون[٣٣]،

---

١. توڏن جي، اٺن جي. ٢. ڪاهه، پنڌ ڪر. ٣. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي پائرن ڏانهن اشارو. ٤. وڃڻ بعد. ٥. ريتيءَ، جبل جي واريءَ، جبلَ. ٦. ميلاپ، ملاقات، گڏجاڻي، ڪچهري. ٧. پنڌ ڪر. ٨. جيڪڏهين. ٩. شايد. ١٠. حالت، روئداد. ١١. ههڙو جهڙو= ڪمزور، هيٺو، ڏکيو، اٻالو. ١٢. مون سئو، مون ٻڌو. ١٣. صلاح، مصلحت. ١٤. ٻيل ڪان، ياڪر ڪان. ١٥. پري ڪريان (ٻانهون ٻيل نہ لاهيان= پاڪَر ختم ڪريان). ١٦. پنهونءَ. ١٧. ڪان. ١٨. چوٽين يعني بلندين تي (جبلن جي). ١٩. رستو، واٽ. ٢٠. اوچو، بلند. ٢١. پٿرَ، ڪڪرا. ٢٢. هالار جبلن جي ڏاڪٽي قطار ڪي، پب جبل چوندا آهن. ٢٣. موتي. ٢٤. موڪليائون. ٢٥. مصيبت جي ماريل، بدنصيب. ٢٦. ڪڙا ٿئا، اُيا ٿئا. ٢٧. غمَ، ڏکَ. ٢٨. واحد گلا= بدنامي، ملامت. ٢٩. دل. ٣٠. ڏندن صاف ڪرڻ لاءِ وڻ جي ٽاري يا سڪل ڪاٺي يا ڪبڙ جي وڻ جي پاڙ. ٣١. وانگر. ٣٢. سَٽَ ڏيئي. ٣٣. توڙيائون، ڪڍيائون، پڳائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِينئَڙو[١] ڏَاڙُهُونءَ[٢] گُلَ[٣] جِيئَن[٤]، ربهي[٥] رَتَائُون[٦]،
ڏُکِيءَ[٧] سَندي[٨] ڏيجَ[٩] ۾، ڏُونگَرُ[١٠] ڏِنَائُون،
هُونِ سَلاَمَتَ[١١] سُپِرِين[١٢]، تَان گهورِي[١٣] مَرُ[١٤] آئُون،
وِندي کِيُون وَٽِن سين، سَسُئِيءَ سُکَائُون[١٥]،
پُنهُون وَنِي پَاڻَ سين، موتِيَسِ جي آئُون،
ڏِينديَسِ شَاخَ سَيَکَنهِن، وَڻِ وَڻِ وَاچَائُون[١٦].

١. دل، ٢. ڏاڙهونءَ جي، انار جي، ميوي جو هڪ قسم، ٣. ڦل، ٤. وانگر، ٥. ڳنڍي، ملائي، ٦. ڳاڙهو ڪيائون، ٧. ڏکن جي ستايل، دردمند، ٨. جي، ٩. جهيز، ڏاجو، عورت کي شاديءَ جي وقت مائٽن کان مليل سامان، ١٠. جبلُ، ١١. صحيح سالم، چڱا ڀلا، تندرست، هر بلا يا تڪليف کان بچيل، ١٢. محبوبَ، ١٣. صدقي يا قربان ٿي، ١٤. ڀلي، بيشڪ، ١٥. باسون، نَذرَ، منتون، ١٦. واڌايون، مبارڪون، ڪيرون.

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

سُرُ حُسيني

داستان پهريون

١

ڪِي[1] ذَرَ[2] تَتي[3] مَاءُ[4] ڪَا[5] جَرَ[6] سَندِي[7] سَڄَڻين[8]،
هَلي[9] ۽ واجَهاءِ[10]، ٻِنهي جيرَنِ[11] وِچ ۾،

٢

مَتَئان[12] مَتي[13] مَچُ[14]، ٻَرِئَمِ[15] ٻارُوچَنِ[16] جو،
مُون کي طَعنا[17] تي[18] ڏِئو، جي[19] نَه پَروڙِئو[20] سَچُ[21]،
اَمَڙِ[22] اوري[23] اَچُ، تہ سِتَ[24] سُڻائِين[25] سُورَ[26] جِي.

٣

مَتي[27] مَنجَهان مِينهُن[28] پَسُو[29]، جِيئَن[30] پاٽي وَهي،
مُون پانيو[31] نِينهُن[32]، جِڀِيُون[33] جِيري[34] سَندِيُون[35].

٤

جي[36] مُون[37] مَنجَهان[38] رُوحَ[39]، وَجي ساجَنُ[40] وِسَري[41]،

١. ڪجهه، ٢. ذرتي، زمين، ٣. گرم ٿي، ٤. اي ماءُ، اي امڙ، ٥. ڪي ڪجهه، ٦. (عشق جي باهه جو) تؤ، سيڪ، لهس، گرمي، ٧. جي، ٨. سڄڻن، محبوبن، ٩. پنڌ ڪري، ١٠. واجهائي، (بيهي) تَڪي، نهاري، ١١. جيرن جي، باهين جي، ١٢. مٿي ڪان، سِر ڪان، ١٣. مٿاهون، اوچو، ٻالا، اڳرو (مٿئان مٿي= تمام وڌو)، ١٤. باهه، آڳ، ١٥. مون ۾ ٻريو، مون ۾ ڏڳئو يا دُکِئو، ١٦. ٻروچن، بلوچن، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ، ١٧. ميهڻا، تنڪا، ١٨. تنهنڪري، ١٩. ڇاڪاڻ، جنهن صورت ۾، ٢٠. سمجهو، ڄاڻو، پرکئو، ٢١. حقيقت، اصل ڳالهه، ٢٢. اي امڙ، اي جيجل، ٢٣. ويجهو، نزديڪ، ٢٤. احوال، ماجرا، ٢٥. توکي سڻايان يا ٻڌايان، ٢٦. درد، ڏکَ ٢٧. سِرَ، کوپريءَ، ڪيپراٽيءَ، مُنهَن، پيشانيءَ، ٢٨. (ڳوڙهن يا لڙڪن جي) برسات، پڳهر، ٢٩. ڏسو، ٣٠. جهڙيءَ طرح، ٣١. سمجهيو، ٣٢. محبت، عشق، ٣٣. لاٽون، شعلا، ٣٤. باهه (عشق جي)، ٣٥. جُون، ٣٦. جيڪڏهين، ٣٧. مون ڪان، ٣٨. مان، ٣٩. دل، اندر، ٤٠. سڄڻ، محبوب، ٤١. ڀلجي وڃي، لهي وڃي، مِٽجي يا ميسارجي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ مَرُ[١] لَڳي لُوهَہ[٢]، تَرَ[٣] بَابِيهو[٤] تِي مَرَان.

٥

لَڳِي مُون کي لُوهَہ، وِرهَہ[٥] لَاٽُون[٦] لَايُون[٧]،
رَازُ[٨] جَنهِن سِين رُوحَ[٩]، سو ڪوهِيَارو[١٠] ڪيچِ[١١] وِئو.

٦

تِمَن[١٢] نيڻ[١٣] رَتُ وَهي، جُنئَا ڪَا[١٤] ڪِئو،
مُون کي ڏئُ[١٥] ڏِئو، اَئِين[١٦] تَا وِجو اونيَا[١٧].

٧

اَمَڙ[١٨] ڪَڻُ[١٩] وِچَان، چَرَخو[٢٠] چِيهَاڙِيُون[٢١] ڪَري،
مَچِڻُ[٢٢] هُوتُ[٢٣] هِنيَان[٢٤]، مُون پِيرِينديءَ[٢٥] وِسرِي[٢٦].

٨

اَمَڙ وِجِي آڻِ، چَرَخو[٢٧] آتَڻَ[٢٨] وِچَ مَان،
ڪِتُمِ[٢٩] جَنهِن ڪَاڻِ[٣٠]، سو ڪوهِيَارو ڪيچِ وِئو.

٩

پَهِي[٣١] ڪَامَ[٣٢] پِجَاءِ[٣٣]، اَمَڙ مُنهِنجِي آسَرِي[٣٤]،

١. پلي، بي شڪ. ٢. گرم هوا، لڪ. ٣. تُر جو، رڻ پٽ جو. تُرا يا رڻ پٽ ۾ رهندڙ. ۴. چاتڪ پکي جيڪو رڻ پٽن ۾ رهي مينهن جي ڦڙن تي گذران ڪندو آهي ۽ گرمي سهي نہ سگهندو آهي. ٥. برهَہ، وڇوڙي، جدائيءَ، محبتَ، نينهَن. ٦. باهہ جا شعلا يا چڻيون. ٧. لڳايون. ٨. پيارُ، محبتَ. ٩. روح جو، دل جو. ١٠. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو. (سسئيءَ جو) محبوب پنهون. ١١. ڪيچ ڌانهن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ١٢. ڳوڙها يا لڙڪ ڦڙو ڦڙو ڪري ڪيرائين يا ٽپڪائين، زاروزار روئن. ١٣. اکيون. ١۴. ڦڙا، قطرا. ١٥. (هلڪو) ٻارڻ يا سيڪُ جيڪو ڪاڏي کي رجهي يا پچي وڃڻ کان پوءِ سجهڻ لاءِ ڏبو آهي. ١٦. اوهين. ١٧. اي اوڻيا، اي ائن وارا، اي جَتا، اي پنهونءَ جا پائرو. ١٨. اي امڙ، اي جيجل. ١٩. پري ڪر. ٢٠. سُٽ ڪتڻ جو ڪاٺ جو اوزار، ارٽ، اَيٽُ. ٢١. ذرا ذرا، پور پور، ٽڪر ٽڪر. ٢٢. متان، مبادا. ٢٣. محبوبُ، پنهون (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢۴. هِينين مان، دل مان. ٢٥. پيرينديءَ کان، سٽ ڪتندڙ کان. ٢٦. دل تان لهي، ياد نہ پوي. ٢٧. ڪٽي آڄ. ٢٨. سٽ ڪتڻ جي جاءِ. ٢٩. ڪتيم يعني مون ڪتيو. ٣٠. لاءِ، واسطي. ٣١. ڪپهہ جو ٻُڙو يا مُڇو. ٣٢. ڪابہ نہ. ٣٣. صاف ڪراءِ. ٣۴. آسري تي، پروسي تي.

ذِيئِي لَٽَ[1] چَرَخِي[2]، پُوڻيُون[3] پاڻيءَ[4] پاءِ[5]،
ڪِتُمِ[6] جَنهِن لاءِ، سو ڪوهِيارو[7] ڪيچِ[8] وِئو.

١٠

پَهِڻي[9] ڪَامَ[10] پِجَاءِ[11]، اَمَڙِ[12] مُنهِنجي آسَري[13]،
ذِيئِي گَرِٽُ[14] ڪَتَاءِ، مُون کي نِينهَن[15] نِهوڙِئو[16].

١١

ڪَتَڻُ[17] بَنِ[18] ڪَپَاهُه، ڪوءِ آتَڻُ[19] بَنِ جِيذِيُون[20]،
سَاجَنُ[21] مُنهِنجو سَاهُه[22]، هَاجِي[23] ۾ هَٽي[24] وِئو.

١٢

آتَڻِ[25] چُونِمِ[26] ڪَتُ[27]، تَاڪِيَان[28] تَندُ[29] نَه نِڪري،
پَاڻَان[30] رُوئِي[31] رَتُ، چَرَخو[32] مُون چِڪ[33] ڪِئو.

١٣

چَرخو چَندَنَ[34] عَاجَ[35] جو، رُوئِي ڪِئَڙمِ رَتُ[36]،
آيَلِ[37] ڪَڻُ اَرَتُ[38]، ڪُنيون[39] ڪِينَ ڪَتَنديُون.

١.تنگ، چنگهه، پير (لت ذيئي= لت يا پير جي زور سان پڇي تڪر ڪري)، ٢. چرخي ڪي، ارٽ ڪي، سٽ ڪتڻ لاءِ نهيل ڪاٺ جي اوزار ڪي، ٣. ڪپهه جون صاف ٿيل پهيون يعني ٻڙا يا مُچا، ٤. پاڻيءَ ۾، ٥. وجهه، اُڇلي ڇڏ، ڦٽيون ڪر، ٦. مون ڪتيو (سٽ تيار ڪيو)، ٧. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو، (سسئيءَ جو) محبوب پنهون، ٨. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو رهندڙ هو)، ٩. ڪپهه جو ٻڙو يا مُڇو، ١٠. ڪابہ نہ، ١١. صاف ڪراءِ، ١٢. اي امڙ، اي جيجل، ١٣. آسري تي، ڀروسي تي، ١٤. ناڻو، مزوري، ١٥. عشق، ١٦. ختم ڪئو، ناس ڪئو، تباهہ ڪئو، ١٧. سُٽ يعني ڪپهه جي ڌاڳي ٺاهڻ جو ڪم، ١٨. ٻَن ۾، ڪوهَہ يا اوڙاهَہ ۾، ڪوءِ، ١٩. سٽ ڪتڻ جي جاءِ، ٢٠. سرتيون، ساهيڙيون، ٢١. سڄڻ، محبوب، ٢٢. دم، جيءُ، جان، حياتي، ٢٣. مصيبت، تڪليف، ٢٤. وجهي، ڦاسائي، ٢٥. آتڻ ۾ يعني سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾، (ويڙل زالون)، ٢٦. مونکي چوَن، ٢٧. ڪپهہ مان سُٽ تيار ڪر يا ٺاهہ، ٢٨. ڇڪيان، ٢٩. ڌاڳو، ٣٠. ويتر، اٿلندو، ٣١. رت روئي= تمامُ گهڻو روئي، ٣٢. ڪپهہ مان سُٽ تيار ڪرڻ لاءِ ٺاهيل ڪاٺ جو اوزار، ارٽ، ايٽ، ٣٣. آلو (اکين جي لڙڪن سان)، آلودو، تَرِ، ٣٤. چندن هڪ وڻ آهي جنهن جي ڪاٺي خوشبودار ٿيندي آهي، ٣٥. عاج هاٿيءَ جي ڏندن واري هڏي مان ٺهندو آهي (چندن عاج جو = چندن ۽ عاج مان نهيل چرخو.) ٣٦. رت جهڙو ڳاڙهو (اکين مان رت جي لڙڪن وهائڻ سان)، ٣٧. اي ايل، اي امڙ، ٣٨. پري يا پاسي ڪر، ٣٩. (عشق جون) ڪُٺلَ يا ماريل زالون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٤

اَمَڙِ[1] جيٓ[2] ڏِنوءِ[3] مُون جِيئَن هوتُ[4] اکِيُن سين،
چَرَخُو[5] چِيهَاڙُيُون[6] ڪَري، پِيرِي[7] هُوندَ[8] پَڳوءِ[9]،
آتَڻِ[10] رَتُ رُنوءِ[11]، تَندُ[12] نَه ڪَتِيئِي هِڪڙِي.

١٥

نَئُون[13] نِينهُن[14] لَڳوسِ[15]، ڳَري ۽ ڳَالهِيُون[16] ڪَري[17]،
اورِبَندي[18] اَرَٽَ سين، پُنهُون يَادِ پِيوسِ[19]،
پَهو پَٽِ[20] ڪِرِيوسِ[21]، هُو هَٿُ اوڏَاهين رَهِيو#.

١٦

ڪَتَان نَه پُوٽِي[22]، تَاٽِيَان[23] تَندُ[24] نَه نِڪري،
وِٻچِي[25] پِيَنِ[26] وِچ ۾[27]، ڪَاڪِيُون[28] ڪَالُهوٽِي[29]،
مُون سين چِنُوٽِي[30]، جِيڏِي[31] جَتَ[32] ڪَري وِئَا.

١٧

ڪُوءِ[33] هَاڙهو[34] بَنِ[35] هوتُ، ڪُوءِ[36] پُنهُون بَنِ پَرِيَتُو[37]،
مَادَرِ[38] مُون مَوتُ[39]، پَسَڻَان[40] پَرَايو[41].

---

١. اي امڙ. اي آيل. اي جيجل امان. ٢. جيڪڏهين. ٣. تو ڏنو. ۴. محبوب. پنهون (هوت. بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٥. ارٽ. ايٽ. سُٽ ڪتڻ لاءِ ڪاٺ مان ٺهيل اوزار. ٦. ذرا ذرا. پور پور. ٽڪر ٽڪر. ٧. ڦيرائي. اڇلي. ٨. شايد. ٩. تو پڳو. تو ٽوڙيو. ١٠. آتڻ ۾. سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾. ١١. رت رنوءِ= تو رت رُنو يعني تمام گهڻو رُنو. ١٢. (سٽ جو) ڌاڳو يا سڳو. ١٣. تازو. ١۴. عشق. ١٥. هِن کي لڳو. ١٦. وِڄُهلي. جهڃي. ارمان ڪري. لڙڪ وهائي. ١٧. (محبوب جي) ڳڻن جو ذڪر. ١٨. ارٽ ۾ ڪپهہ جو پهو يا ٻڙو وجهندي (ڪتڻ جي اپياس ڪندي.) ١٩. هن (سسئيءَ) کي پيو. ٢٠. پٽ يعني زمين تي. ٢١. هن کان ڪري پيو # جنهن هٿ مان ڪپهہ جو پهو، ارٽ ۾ وجهندي ڪري پيو اهو هٿ پهي ڪِرڻ مهل جتي هو اتي جو اتي رڪجي بيهي رهيو. ٢٢. ڪپهہ جو صاف ٽيل پهو. ٢٣. چڪيان. ٢۴. ڌاڳو. سڳو. ٢٥. روڪ. رنڊڪ. جهَلَ. پَنگَ. نفاق. ٢٦. هنن. (پنهنءَ جي پائرن) کي پئي. ٢٧. رستي. ٢٨. اي ڪاڪيون. اي سرتيون. ٢٩. ڪالهہ يا گذريل ڏينهن کان. ٣٠. جدائي. ٣١. تمام وڏي. ٣٢. اوٺي (پنهونءَ جا پائر). ٣٣. ڪڏ ۾ (پوي). نہ گهرجي. ٣۴. لس ٻيلي جي اولهہ ۾ جبل جو نالو. ٣٥. ٻَن ۾. ٻِنَ ۾. ڪڏ ۾. ڪوءِ. ٣٦. محبوب. پنهون. ٣٧. محبت. عشق. ٣٨. اي مادر. اي امڙ. ٣٩. اجل. مرڻو. مصيبت. تڪليف. ۴٠. پسڻ جي سبب. (محبوب جي ڏسڻ يا ديدار جي سبب. ۴١. حاصل ڪيو.

١٨

کوءِ[1] ٻولي[2] ٻن ٻروچ[3]، ڳوري[4] ذاتِ[5] ڄتن[6] جي،
مون کي ڇني لوچ، پيهي[7] وئڙا[8] ڇپرين[9].

١٩

آتڻ[10] ۾ پرياڻُ[11]، هو سيني جيڏين[12]،
مون سياڳيءَ[13] ساڻُ، کير ڇلندي[14] ڇپرين.

٢٠

ڳهوماتيون[15] ڳهمن[16]، اندر[17] سندن[18] انرا[19]،
آتڻ[20] کين کتن[21]، سڄڻ[22] آهين[23] سارئو[24].

وائي

شاديءَ[25] جو سينگارُ[26]، آيل[27] آيل مرڪُ[28] منهنجو[29] مون پرين[30]،
آهي ڳهه[31] ڳچيءَ ۾، ڏي هالُورا[32] هارُ[33]،
آهي اُگهاڙن[34] کي، جانبَ[35] جو جنسارُ[36]،
آهين[37] ڪاڄ[38] ٻکين[39] جو، تان تون طعامُ تيارُ،
اعليٰ[40] اڇو[41] عيد[42] ۾، دوستان[43] جو ديدارُ[44].

---

١. کڏ ۾ (پوي)، ٻن ۾. پن ۾. کوهہ ۾ (پوي)، ٢. ڳالهاءِ. ڳالهائڻ. گفتگو. ٣. بلوچ. پنهون (سسئيءَ جو محبوب)، ۴. نہ ڳهرجي، نہ کپي، ٥. آکهہ. ڪڙم. قبيلو. قوم، ٦. اوٺين. پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ٧. ڳول. تلاش ڪر. ٨. گهڙي. غائب ٿي. ٩. ڇپرن ۾. جبلن ۾. ١٠. سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ. ١١. ڏسُ. انجام يا عهدَ (ڳڏجڻ جي)، ١٢. جيڏين جو. سرتين جو. ١٣. بختاور. خوش قسمت (هتي مراد ٿيندي نڀاڳي يا بدبخت)، ١۴. ستون ڏيندي. ڊوڙندي. ١٥. اداس ٿيو. نراس ٿيو. ١٦. هلن. ڦرن. ١٧. دليون. ١٨. انهن جا. ١٩. ڏکي. ناخوش. ٢٠. آتڻ ۾. سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾. ٢١. سٽ ناهين يا تيار ڪن. ٢٢. محبوبَ. ٢٣. انهن آهي. ٢۴. ياد ڪئو. سنڀالئو. ٢٥. خوشيءَ. جشنَ. مجلس. ٢٦. زيب زينت. سُونهن. مورُ (شاديءَ جو سينگار= نهايت سهڻو. گهوٽ). ٢٧. اي آيل. اي امڙ. ٢٨. وڏائي. فخر. شان. عزت. ٢٩. منهنجو. ٣٠. محبوب. ٣١. ڳهڻو. زيورُ. ٣٢. چمڪاٽ. جهلڪا. ٣٣. (ڳچيءَ ۾ پائڻ لاءِ)، سون يا موتين جي مالها يا ڳاني. ٣۴. عريان يا ننگن. بنان ڪپڙن وارن. ٣٥. جانيءَ. محبوبَ. ٣٦. سجاوٽ. پوشاڪ. ڍڪُ. ٣٧. تون آهين. ٣٨. کاڌو. طعام. خوراڪ. غذا. ٣٩. کاڌي جي ڳهرجائن. کاڌي جي اشتها رکندڙن. ۴٠. اتم. عمدو. تمام مٿاهون. ۴١. پاڪ. نرمل. چڱو. ۴٢. خوشيءَ. راحتَ. ۴٣. دوستن جو. ۴۴. درشن. ڳڏجاڻي. ملاقاتِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُسنَ[1] هوتَ[2] پُنهونءَ جي ڪَڪورئو[3] ڪوهيارُ[4]،

سُڃَ[5] ڪِئائين سُرهي[6]، واسئائين[7] وَٽڪارُ[8]،

چَپَر[9] چَتُون[10] مُڪيُون[11]، عَطُرُ[12] تئو آوارُ[13]،

گهورئان[14] گهَرُ[15] گهَتيءَ[16] تان، اَچي[17] جئان آذارُ[18]،

ڪوڙِين[19] تئا ڪيترا[20] نالي[21] تان نثارُ[22]،

سَدا[23] صَلابَت[24] جي، گولي[25] گِرفتارُ[26].

---

١. سُونهن، جوت، ٢. محبوبَ، پنهونءَ (هوت بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣. ڳاڙهو ڪئو، لالُ يا سرخ ڪئو، روشن ڪئو، سَهائو ڪئو، ٤. ڪوهه يعني جبل وارو علائقو، ڪيچ، ٥. رڻ پٽ، بيابان، ٦. خوشبودار، ٧. سرهو يا خوشبودار ڪيائين، ٨. ڪير ٽر جبل جي قطار سان لڳو لڳ اتر ايرندي طرف هڪ ننڍو ڳوٺ ۽ پڻ لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، وٽراهه، وٽن جو جهڳٽو، جهنگ، ٩. جبلَ، ١٠. هيڪارَ، سُرهاٽيون، خوشبويون، ١١. موڪليون، ١٢. سڳند، خوشبوءِ، ١٣. ڦهليل، پکڙيل، ١٤. قربان يا صدقو ڪريان، ١٥. رهڻ واري جاءِ، رهائش گاهه، گهرٻار، آل اولاد، مال ملڪيت، ١٦. ڳليءَ، گليءَ، ڪُوچي، واٽَ، رستي، ١٧. جتان، ١٨. پرجهلو يعني پرين يا محبوب، ١٩. ڪروڙين، ٢٠. ڪيئين، تمام گهڻا، ٢١. نانءَ، نام، ٢٢. قربان، ٢٣. سدائين، هميشه، ٣٤. شان شوڪت، حشمت، دٻدٻي، ٢٥. ٻانهي، نوڪرياڻي، ٢٦. قيدياڻي، گرويده، عاشق، مفتون، شيدائي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسينِي

داستان ٽئو

١

لَجَايَا[١] مُنهَان[٢]، سَاجُهِرِ[٣] تي سَيڻَ[٤] وِئا،
پيئين[٥] پَنيُوران[٦]، سُڌِ[٧] مُنهِنجيءَ ذاتِ[٨] جي.

٢

ڪُو[٩] گُهمَندي[١٠] گهُورُ[١١]، آيُمِ[١٢] بَاروچَنِ[١٣] جو،
ڇَڏِينديس[١٤] پَنيُورُ[١٥]، هَنيُون هِتِ نَه وِندُري[١٦].

٣

ڇَڏِئو جَنِ پَنيُورُ، ڇَپَرُ[١٧] تَنِ کي چَاڙِڪي[١٨]،
هَمَ[١٩] غَمَ لَتَنِ[٢٠] هور، وَڃي ڪيڄِ[٢١] قَرارِئا[٢٢].

٤

پَنيُوران پَاهَرِ تي، مُون جي[٢٣] ڪَئا سَڏَ[٢٤]،
بَاروچَاڻيءَ[٢٥] لَڏَ[٢٦]، لَڪَ[٢٧] سَويرا لَنگهِئا[٢٨].

---

١. لڄي ٿي، شرمسار ٿي، ٢. مون کان، منهنجي ڪري، منهنجي سبب، ٣. سوير، جلد، سويلا، جهٽ پٽ، ٤. سڄڻ، محبوب، پرين، ٥. انهن (پرين) کي پئي، ٦. ڀنڀور (شهر) مان (ڀنڀور جو شهر جتي سسئي رهندي هئي، ٺٽيضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻن ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي)، ٧. خبر، پتو، ٨. قوم، آکهه، خاندان، ڪٽنب، ٩. هڪڙو، ١٠. رلندي، هلندي، ڦرندي، ١١. ريچڪ، ڀور، يادگيري، ١٢. مونکي آيو، ١٣. ٻروچن، بلوچن يعني (سسئيءَ جي محبوب) پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن، ١٤. ترڪ ڪنديس، ١٥. دل، مَنَ، ١٦. پريي، راضي ٿئي، ١٧. جبل (ٿائين مفاصلو)، ١٨. چئن (چار) آڱرين جو ماپو يا مفاصلو، ١٩. غمَ، ڏکَ، هورَ، فڪرَ، خوف، خطرا، سُورَ، درد، ٢٠. ختم ٿين، ٢١. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٢٢. آرامي ٿئا، آسائش پذير ٿئا، ٢٣. جيڪي (گهڻا)، ٢٤. واڪا، آوازَ، ٻڪارون، ٢٥. ٻروچن جي، بلوچن جي يعني پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن جي، ٢٦. لڏي، سات، قافلي، مَڏيءَ، ٢٧. جبلَ، ٢٨. پار ڪئا.

⑤

پنيوران پاهر تي، اَمَڙ مُون اُماڻ،
اَسان تو رهاڻ، موتي ڪا مَس ٿِئي.

٦

پنيور جَنِ سُکَنِ، مُون کي ساٿان ڪارئو،
هاڻي سانُ ڏکَنِ، تان کي ڏونگرُ ڏورئان.

٧

پنيوران اُجاڙَ، سَرتِيُون سَکرُ پانيان،
مُون سين تَنهين پاڻَ، ڏکان هَنڌ نَه اورئو.

٨

اُجاڙان پنيورُ، سَرتِيُون سَکرُ پانيان،
آريَاڻي اَتورُ، ڏنُم جت اکِيُن سين.

⑨

پينَرُ پنيوران، پَجو تان اُبهو،
اڳي هِن ماڳان، سَرتيُن سُور پِرايا.

---

١. پنيور کان (پنيور جو شهر جتي سسئي رهندي هئي ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهي)، ٢. اي امڙ، اي امان، ٣. مونکي، ۴. روانو ڪر، ۵. اسان جي يعني منهجي، ٦. تو سان، تنهجي، ٧. ملاقات، ڪچهري، گڏجاڻي، ٨. وري، ٻئي ڀيري، ٩. مشڪل، ١٠. جي، ١١. راحتن، آسودگين، آسائشن، ١٢. (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن جي) ساٿ کان، قافلي کان، ١٣. ڀٽي رهايو، جدا ڪئو، ١۴. تڪليفن، سورن، ١۵. تان ڪي= زندگيءَ ڀر، حياتيءَ تائين، ٦. جبل، ١٧. جهاڳيان، ووڙيان، ١٨. ويراني، سڃ، ١٩. اي سرتيون، اي جيڏيون، ٢٠. بهتر، وڌيڪ چڱو، سٺو، ٢١. سمجهان، چاڻان، ٢٢. پنيور ڏانهن اشارو، ٢٣. خود، ٢۴. ڏکن يا سورن متعلق، ڏکن جي باري ۾، ٢۵. اصل هرگز، صفا، بنهہ، ٢٦. حال احوال ڪئو، خبرچار ڏني ورتي، ٢٧. اُجاڙ کان، سڃ کان، ٢٨. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردارجو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٩. جنهن جي عزت ۽ مان جي تورَ تڪَ يا اندازو نہ ڪري سگهجي، لاثاني، ٣٠. اي پينرو، اي اديون، ٣١. نڪري وڃو، علحديون ٿي وڃو، ٣٢. تہ، ٣٣. اَمَن ۾ رَهو، چوٽڪارو يا عزت حاصل ڪريو، ٣۴. گذريل زماني ۾، ماضيءَ ۾، ٣۵. ماڳ مان، جاءِ مان، هنڌ تان، ٣٦. جيڏين (طالبن)، ٣٧. ڏکَ، درد، تڪليفون، ٣٨. حاصل ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٠

كُلهِين[١] قاتُو[٢] كَنجرو[٣]، مَتو[٤] اُگهاڙو[٥]،
مُنهِنجو کُڄاڙو[٦]، پيئَرُ[٧] هِن پَنيور[٨] ۾.

١١

پيئَرُ هِن پَنيور ۾، دوزخ[٩] جو دُونهُون[١٠]،
سَوارو[١١] سُونهُون[١٢]، پُڇي[١٣] پورِج[١٤] سَسُئِي.

١٢

پيئَرُ هِن پَنيور ۾، گهايلِ[١٥] ٿِي[١٦] گهارِيان[١٧]،
سَڄڻ[١٨] جي سانگ[١٩] وِئا، سيئي تي ساريان[٢٠]،
سي کِيئن[٢١] وِسارِيان[٢٢]، جي وَٺان[٢٣] مُون وات ٿِئا[٢٤].

١٣

گهورِئو[٢٥] هيءُ پَنيور، مُون سَگ[٢٦] باروچن[٢٧] سين[٢٨]،
آهي آريچن[٢٩] جو، ديوانيءَ[٣٠] کي دور[٣١]،
سَندو[٣٢] هوتن[٣٣] هور، مَرکِ[٣٤] ٿِئو مَعذُورِ[٣٥] کي.

---

١. كُلهن تي، بدن تي،، ٢. قاتل، ليڙون ٿيل، ڇنل، ٣. (سينو ۽ اڌ پيٽ ڍڪيندڙ) زناني چولي جو هڪ قسم، ڳچ، انگيو، ۴. سِرُ، ۵. ننگو، پوتيءَ کان سواءِ، ٦. ڇا، ڪهڙو ڪم يا غرض، ٧. اي پينرو، اي اديون، ٨. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ڀه ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هُئي (هتي معنيٰ دُنيا)، ٩. جهنمَ، نَرِڳَ، ١٠. باهه، گرمي (دوزخ جو دونهون= ڏکن جي مصيبت)، ١١. ساجهر، ترت، سوير ڀرو، ١٢. واقفڪار، رهنما، رهبر، اڳواڻ، ١٣. معلوم ڪري، ١۴. هلج، ١۵. ڏکويل، ڦٽيل، عشق يا جدائيءَ جي ستايل، ١٦. ٿيو، پئي، ١٧. گذاريان، هلان، ١٨. محبوبَ، ١٩. سانگ تي، سفر تي، پرڏيهه ڏي، ٢٠. ياد ڪريان، ٢١. ڇو، ڪهڙيءَ طرح، ٢٢. دل تان لاهيان، ڀُلايان، ٢٣. کان، ٢۴. وات ٿئا= اُسَهيا، هلئا وئا، ٢۵. ڪوءِ، ڀَنَ ۾ پئو، ڪڏ يا کوهه ۾ پئو، بيڪار، اجايو، ٢٦. منهنجو، ٢٧. واسطو، ناتو، ٢٨. پروچن يا بلوچن، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن، ٢٩. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٠. مستانيءَ، چريءَ (سسئي)، ٣١. ياد، وردَ، هر هر سوچڻ، دردَ، سورَ، غمَ، هورَ، فڪر، ٣٢. جو، ٣٣. محبوبن، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن، ٣۴. سُونهائيندڙ، جڳائيندڙ، وڻندڙ، فخر، ٣۵. جڏي، بيمار، لاچار، عذر واريءَ.

١٤

وَرُ[1] لَکَنِ[2] جي لوڏَ[3]، گهوريا[4] سُکَ[5] پَنيورَ[6] جا،
جي[7] تون اَمَرِ[8] آچيين[9]، سي مُون[10] کَمِ نَ اَچَنِ[11] کوڏَ[12]،
هِنيين[13] مُنهنجي هوڏَ[14]، بَڌي[15] بَاروچَنِ[16] سين.

١٥

بُرو[17] هو پَنيورُ، آرياڻيءَ[18] اُجارِئو[19]،
لاٿو[20] سَبِ[21] کَنهن لوکَ[22] تان، هَاڙهي[23] ڏٿيءَ[24] هورُ[25]،
چوريون[26] چِرڻُ سِکيون[27]، پُنهون مُنهنجو پورُ،
آيو سو اَتورُ[28]، جَنهن ڏُکيون[29] ڏِکَ[30] وِهاريون.

١٦

پُلِئو سَپِ پَنيورُ، جو پُنيءَ[31] هوتَ[32] نَ هَلِئو[33]،
شَهرَ سُجاتو کينکي، آرياڻي اَتورُ،
مارِئو تَني مورُ[34]، جَني، ديکِئو[35] دِلِ سين.

١٧

جَني ديکِئو دِلِ سين، پُنيءَ سي پيئون،

١. بهتر، ٢. جبلن، ٣. تڪليف، مشڪلات، ڏکا ٿاڦا، ۴. کوءِ پيا، ٻَنِ پٽا، کوهہ يا کڏ ۾ پٽا، ۵. آرام، عيش، عشرتون، راحتون، ٦. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ۾ ميل پري قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي (هتي معنيٰ ٽيندي هيءَ دنيا)، ٧. جيڪي، ٨. ماڻ، امان، ٩. سَچيين، عطا ڪرين، بخشش ڪرين، ١٠. مونکي، ١١. ڪم نہ اچن= فائدو نہ ڏيندا، ڪارآمد نہ ٿيندا، ١٢. خوشيون، پيار پريون ڳالهيون، ١٣. دل، ١۴. ضدُ يا شدت (محبت جو)، شرط، ١۵. ڪٽي، لڳائي، ١٦. ٻروچن يا بلوچن، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي پائرن، ١٧. خرابُ، ١٨. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب آريهو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٩. اڄو اُجرو ڪئو اوجل ڪئو، برائيءَ کان پاڪ صاف ڪئو، ٢٠. ختم ڪئو، ٢١. سپ ڪنهن= سموري، ٢٢. انسان ذآت، خلق، ملڪَ، ڏيهہ، ٢٣. هاڙهي جي (لس ٻيلي جي اولهہ طرف واريءَ جبلن جي قطار کي هاڙهو چوندا آهن)، ٢۴. مالڪَ (هاڙهي ڏٿيءَ= پنهونءَ)، ٢۵. غمُ، ارمان، ڏکَ، خوفُ، خطرو، فڪر، ٢٦. ڇوڪريون، نينگريون، نوجوان عورتون، ٢٧. ڪپڙي تي ڀرت ڀرڻ لاءِ ڪاٺ جي هڪ ٺڪر سان جنهن تي خاڪا يا نقش اُڪريل هوندا آهن)، ڇٽ گل انگڻ، اهڙي ڪاٺ جي ٺڪر کي ڀور چوندا آهن (چرڻ سکيون= سنورڻ لڳيون، تهذيب يافتہ ٿيون)، ٢٨. لاثاني جنهن جي عزت يا شان جي تور تڪ يا اندازو نہ ڪري سگهجي، ٢٩. ڏکن جون ستايل، ٣٠. ڏِکَ تي، شاديءَ ۾ گهوٽ ڪنوار کي ساٿ سنوڻ ڪرڻ لاءِ وهڻ واسطي سينگاريل بستري واري کٽَ تي، (ڏک وهاريون = سهاڳڻيون ڪيون) ٣١. گمراهہ ٿئو، ٣٢. پنيان، ٣٣. هوت جي، پنهونءَ جي، ٣۴. مانگر مڇ يعني نفس، ٣۵. ڏٺو.

تَہ پُرِڻ ٿي وِيُون، جي پُنُهُونءَ پَاڻُ لِکَايو.

وائي

لَڳو[1] مَنجهہ لَڪَنِ[2] آيَلِ[3] آيلِ تَازو[4] پيرُ[5] پُنُهُونءَ جو،
نَکي وَاءُ[6] وِجَايو[7]، جهُورِئو[8] تَان نَہ جَهڪُن[9]،
بُورَائُو[10] بَرَنِ[11] جو، رِبڙهي[12] مَنجهہ رِجُن[13]،
ڪِهَہ[14] ڪَٿُورِئَان[15] اڳرِي[16]، هَاٺِي[17] جَا هوتَن[18].

١. ڏسڻ ۾ آيو، ظاهر ٿيو. ٢. جبلن. ٣. اي آيل، اي جيجل امان. ۴. ھاڻوڪو، ٿوري عرصي يا دير کان وجود ۾ آيل. ۵. پير جو نشان. ٦. هوا. ٧. مِٽايو، ميساريو. ٨. ڦِٽايو، ڏِکئو، ڏِانو. ٩. تيز هوائن. ١٠. سونهون، رهنما. ١١. رڻ پٽن، بيابانن. ١٢. ڪِهَلي، هلائي. ١٣. رڻ پٽن. ١۴. مٿي، دز. ١۵. ڪَتوريءَ کان، مشڪ کان. ١٦. وڌيڪ (مُلهہ واري)، بهتر. ١٧. لڳل (بَت کي)، مِسَ ٿيل. ١٨. هوتن کي، محبوبن کي، پنهونءَ کي (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو).

بسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ حُسيني

داستان چوٿون

١

لَيٽَن[1] لَنگهي[2] لَس[3]، مانباڻان[4] مَٿي[5] ٿِيا،
وَني وَرُ[6] وات[7] ٿيا، پُنهُون[8] جامُ[9] پَهَس[10]،
هُئا وَڏي وَس[11]، باروچا[12] پَنيُور[13] ۾.

٢

وَڏي وَس هُئا، باروچا پَنيُور ۾،
وَجي ڏُور[14] پِئا، سانگَن[15] لَگي سُپِرين[16].

٣

ساندِ[17] پَنهنجي ساهه[18]، نه ته بانهين[19] ٿي بُرا[20] ڪَريان،
واڳيُون[21] جي وَرَن سين، تَن سَرتين[22] سيج[23] سُهاءِ[24]،
تيلاهين طعنا ڏيين[25]، جي[26] مُون[27] جيئَن[28] مُنيئَن[29] نه ماءِ[30]،
آريءَ[31] جي آڪاهه[32]، رُلايس[33] روهن[34] ۾.

---

١. اٿن. ٢. پار ڪئي، مٿي. ٣. لس بيلي جو شهر (لس عربي اکر "لص" جو بگاڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي چور ۽ بيلي جي معنيٰ آهي شهر. لس بيلو= چورن جو شهر چاڪاڻ ته بيلي جا ماڻهو ڪنهن وقت چوريءَ جو ڌنڌو ڪندا هئا). ۴. مانباڻ ڪان (مانباڻ هڪ ٽَڪَن جو نالو آهي جيڪا لس بيلي جي ڏاکڻي طرف آهي). ۵. پري، ٦. مڙس، پتار، ٧. وات ٿئا= آسهيا، هلئا وئا. ٨. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٩. سردارُ (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقبَ جامُ هو)، ١٠. زور سان، زبردستيءَ سان، ١١. وَسَنئَن، وَسندي، جيوت، ماڻهن جي موجودگي، ١٢. ٻروچ يا بلوچ، سسئيءَ جو پنهون ۽ ان جا پائر، ١٣. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻه ميل پري قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي، ١۴. پري، ١۵. سانگن ڪي، ڪنهن يا ڌنڌن يا ڪاروبارن ڪي، ١٦. پرين، محبوبَ، ١٧. قابو ڪر، پاڻ وٽ رکُ، ١٨. ساري بدن جا ڳهه يا زيورَ، ملڪيت، ١٩. چُوڙ، عَاج، چانديءَ يا سونَ جون ترتيبوار چوڙيون جيڪي زالون ٻانهن ۾ پائينديون آهن، ٢٠. ذرا ذرا، پرزا پرزا، ٢١. ٻڌل (ميلاپ ۾)، گڏ رهندڙ، ٢٢. سرتين ڪي، جيڏين ڪي، ٢٣. شاديءَ ۾ گهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريل بستري سان ڪٽ، ٢۴. سونهي، جُڳائي، ٢۵. تنهن صورت ۾، ٢٦. ميهڻا، ٢٧. مون کي ڏين ٿي، ٢٨. چاڪاڻ ته، جو ته، ٢٩. تو منيئن، تون مصيبت ۾ ڦاٿيئن، ٢٠. اي ماءَ، اي امڙ، اي جيجل، ٣١. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو ۽ پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٢. خاندان، ڪڙم، قوم، ٣٣. مون کي رلايو يا دربدر ڪئو، ۴٣. لڪن، جبلن.

٤

ماءُ[1] وهاٹُو[2] وارِ[3]، ڪَنُ[4] پَتِراٹي[5] پانهنجي،
جيڪي ڏُنئي ڏيج[6] ۾، سو سيوئي سارِ[7]،
وَجان تِي وٽڪارِ[8]، ڏُنمِ[9] پير[10] پُنهونءَ[11] جو.

٥

چِپُون[12] چَپَر[13] ڪَٿَ، پَهڻَ[14] پَتِراٹيُون[15] پايَان،
جِتي رَهان راتِڙي، مُرُون[16] مُون[17] مائِتَ[18]،
سيٹن[19] جِيءَ سَهتَ[20]، ڏُونگَرُ[21] مُون[22] ڏُئلِي[23] تِئو.

٦

بيلِياٹي[24] بَروچ، ڏِني سِڪَ[25] سَسُئيءَ[26] کي،
لُوڪَ[27] وِچان ئِي لوچ[28]، پَهچائي[29] پُنهونءَ[30] کي.

٧

مُنهنجو پازيچَنِ[31]، ڪَچِو[32] ڪونه ڏِڪئو[33]،
پاسي چَڙهِي[34] پُنهونءَ[35] جي، ذاتِ[36] سَلِتي[37] جَنِ،
تيلاهَه[38] بَاروچَنِ[39]، نِڌَرَ[40] چَڏي نِندَ ۾.

---

١. اي ماءُ، اي امڙ. ٢. سمهڻ مهل ڪنڌ هيٺان رکڻ لاءِ تڪيو يا سِراٹو. ٣. موٹائي يا ورائي وٺ، واپس ڪٽي وڃ. ۴. پري يا پاسي ڪري. ٥. پٿرٹي، بستري ۾ هيٺان وڇائڻ وارو گاديلو يا رضائي. (وهاٹو ۽ پٿراٹي ڪنوار کي مائٽن کان ڏيج ۾ ملندو آهي) ٦. ڏاج، جهيز. ٧. سنڀالي ڪڻ، ساري وٺ. ٨. وٽڪار ڏي (وٽڪار، ڪيرٿر جبلن جي قطار سان لڳو لڳ اتر ايرندي طرف هڪ ننڍو ڳوٺ آهي ۽ ان نالي سان لس ٻيلي ۾ نَئِن ۽ هڪ جبل پڻ آهي). ٩. مون ڏنو. ١٠. پير جو نشان. ١١. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ١٢. جبل جا وڏا وڏا پٿر. ١٣. وڏيون کٽون يا پلنگ (جن جو مٿيون پاڳو ڇت وانگر ڍڪيل هجي). ڳهوٽ ڪنوار لاءِ سٺي سينگاريل بستري واريون کٽون. ١۴. پٿر. ١٥. سمجهان، ڄاڻان. ١٦. جهنگل جا جانور. ١٧. منهنجا. ١٨. رشتيدار، مِٽ، عزيز. ١٩. سڄڻن، محبوبن. ٢٠. سهت سبب، سِڪ يا اُڪير سبب. ٢١. جبل. ٢٢. مونکي. ٢٣. پالڪي، هندورو، محلات. ٢۴. همراهه، مددگار. ٢٥. بلوچ (پنهونءَ). ٢٦. محبت، پيار. ٢٧. لوڪ جي، ماڻهن جي. ٢٨. وچ مان. ٢٩. ڳولا، تلاش. ٣٠. رسائي. ٣١. پاڙي ۾ يا پاسي ۾ رهندڙ عورتن. ٣٢. عيبُ. ٣٣. لڪايو، مخفي رکئو. ٣۴. پَر ۾. ٣٥. وجي. ٣٦. بُڻ بنياد، حسب نسب، نُکَ، پيڙهي. ٣٧. ٻڌائي. ٣٨. تنهنڪري. ٣٩. ٻروچن، بلوچن، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ۴٠. بي واهي، بي سهاري، نڌڻڪي.

٨

پَاڙيچِيءَ[1] روئِي، چَاڪَ[2] مُنهِنجا چورِئا[3]،
پَڳهَرُ[4] وِجَهنديَس پِريَنءَ[5] جو، ڏَڪَنِ[6] مِ ڏوئي[7]،
سَاجَنِ[8] سَيوئِي، سَاهُه[9] اَوَهان[10] تَان صَدَقِي[11].

٩

پَاڙيَ[12] نَاهِه پَروڙَ[13]، تَه ڪَا رَاتِ رَنجَائِي[14] گُذرِي[15]،
بَانِيَڻِ[16] بَروچَنِ[17] جي، گهَائي[18] وِڍِي گهُورَ[19]،
هِڪَ سَسُئِي بِئَا سُورَ[20]، وِئَا پِتِيندَا[21] پَاڻَ مِ.

١٠

هُيَس جي[22] آئُون، بَانِهِي[23] بَاروچَنِ[24] جي،
هُوندَ[25] نَه چِڏيَائُون، ڏُکِيءَ[26] کي ڏُکَنِ مِ.

١١

آئُون جي هُيَس هَڏُ[27]، اَديُون[28] آرِيچَنِ[29] جو،
سَاتَ[30] لَڏِيندي[31] سَڏُ، مَان نَه ڪوهِيَارَا[32] ڪَرِينِ مُون[33].

---

١. پاڙي ۾ يعني پر واري گهر ۾ رهندڙ عورت، ٢. زخم، ڦٽ، ٣. اُتلايا، وري خراب ڪئا، ۴. پسينو، ڳرميءَ جي ڪري جسم مان نڪتل رطوبت يعني پاڻي، ۵. محبوب، ٦. زخمن، ڦٽن، ٧. صاف ڪري (ڏکن کي)، ٨. اي ساجن، اي سڄڻ، اي محبوب، ٩. سمورو، ١٠. دم، جيءُ، جانِ، ١١. قربان، ١٢. پاڙي ۾، آسپاس وارن گهرن ۾، محلي ۾، ١٣. خبر، سُڌِ، ١۴. رنجائي ۾، رنج ۾، ڏکَ ۾، ١۵. وهاڻي، ختم ٿي، ١٦. برهمڻِ زال، ٻانڀڻ جي گهر ۾ پيدا ٿيل زال، ١٧. بلوچن، پنهونءَ ۽ ان جي پائرن، ١٨. ڦٽي، زخمي ڪري، ١٩. نگاهہ، نظر، ٢٠. ڏکَ، تڪليفون، ٢١. روئندا، افسوس يا ارمان ڪندا، ماتم ڪندا، ٢٢. جيڪڏهين، ٢٣. نوڪرياڻي، گولي، ٢۴. ٻروچن، ٢۵. شايد، ٢٦. ڏک جي ستايل، ٢٧. مائٽياڻي، عزيز، ٢٨. اي اديون، اي ڀينر، ٢٩. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٠. سات جي، قافلي جي، ٣١. لڏڻ وقت، رواني ٿيڻ وقت، ٣٢. ڪوهہ يعني جبل جا رهاڪو (پنهون ۽ ان جا پائر)، ٣٣. مونکي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٢

هُيَسِ جي سِيَاءُ[1]، تَہ ڪِئَمِ[2] ڏُکَ[3] ڏيرَنِ[4] تي،
اَدَبَ[5] وِچَان[6] اُنِ سين، ڳَالهہ نَہ ڪِئَمِ ڪَا،
ذَاتِ[7] مُنهِنجي مَاءُ[8]، ڪِچُو[9] تِي ڪيچِيَنِ[10] ڪي.

١٣

جي ڏُونگر[11] مُون مَنجهہ[12] ڏُکَ[13]، سي پَڌَر[14] پُون[15] مَ پِرِينءَ[16] ري[17]،
وِهڻ[18] مُون[19] وِهہ[20] ٿئو، ڪِيرَ سَانِديندي[21] سُکَ[22]،
هُيمَ[23] هوتَنِ[24] سين چُکَ[25]، سَچو سُکُ نَہ سَارِئَان[26].

١۴

پِيُون سَپِ سَگِيٽِيُون[27] سَرَتِيُون[28]، مُون[29] چُکَ سين[30] چَاءُ[31]،
اَندَرِ[32] آهي ڳَالهِڙي[33]، ڪوهِيَاري[34] جي ڪَا[35]،
لَڳِمِ[36] ذَرو وَاءُ[37]، سَچو سُکُ[38] نَہ سَارِبَان.

١٥

نَہ ڪي ٿِئَان سَکُ مِ، نَہ ڪي سَگِيٽي[39]،
آهِيَان ڪَميٽي[40]، ذَاتِ[41] بَاروچِيءَ[42] نَہ جُڙَان[43].

١. مائٽيائي، عزيز. ٢. مون ڪئا. ٣. شڪايتون، ڏورايا. ۴. مڙس جي ڀائرن يعني پنهونءَ جي ڀائرن. ۵. لحاظ، حياءَ. ٦. سبب، جي ڪري. ٧. نَکَ، آکهہ، خاندان، ڪڙم، قومَ. ٨. اي ماءُ، اي امڙ. ٩. بدنامي، داغ، ٽِڪو. ١٠. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ١١. اي ڏونگر، اي جبل. ١٢. ڪي. ١٣. سورَ، تڪليفون. ١۴. ظاهر. ١۵. ٿين. ١٦. محبوبَ. ١٧. کان سواءِ. ١٨. آرام ڪرڻ. ١٩. مونکي. ٢٠. وِکَ، زهر، ناپسند، اڻ وڻندڙ، تڪليف ڏيندڙ. ٢١. سنڀاليندي، گڏ رکندي. ٢٢. واحد سُکُ= آرامُ، راحت، فرحت، آسائشَ. ٢٣. مونکي هئي. ٢۴. محبوبن يعني پنهونءَ (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبَ پنهون ان قبيلي مان هو). ٢۵. ٿوري مائٽي، ٿورو رشتو يا ناتو يا سڱُ. ٢٦. سنڀاليان، حق ڄاڻان يا سمجهان. ٢٧. سڱن يا لاڳاپن واريون، واسطي واريون. ٢٨. جيڏيون. ٢٩. منهنجو ٣٠. چک سين= ذري بابر، ٿوريءَ لڄ برابر. ٣١. محبت، چاهہ، پيار. ٣٢. اندر ۾، دل ۾. ٣٣. تات، پچارَ، ياد. ٣۴. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ. ٣۵. ٿوري، ذري برابر. ٣٦. مونکي لڳو. ٣٧. (محبت جي) واءَ جو يا هَوا جو. ٣٨. عزازت، مائٽيءَ. ٣٩. سَڱَ جي لائق. ۴٠. بدڪار، نيچ، ڪمذات. ۴١. ذات جي، قومَ يا آکهہ جي. ۴٢. ٻاروچي جي، بروچ يا بلوچ يعني پنهونءَ جي. ۴٣. جوڙ يا برابر ٿيان.

١٦

مُون سَگُ هُئَڙو جَنِ سين، سي وَڃي ٿِيَا ڪيچ قرار،
رُئَان زاروزار، هاڻي تَنِ پِريَنِ کي.

١٧

آنُ جي ڏِنَا هُونِ، اَللهَ ڪارڻِ ڳالهہ ڪَرِيو،
نيڻَ مُنهِنجا رُونِ، راتو ڏِينهَان اُنِ کي.

١٨

حُسَيني حُسَينَ عہ لَئي، بيبيءَ پَاڻَ ڇَئي،
تِهَانپوءِ پَئي، خَبَرِ پيءَ خَلقَ کي.

١٩

حُسَينيءَ جي هاڪَ، مَادرِ مَارِيُ آهيَان،
ڏِيهَان ڏورڻُ ڏُکَ سين، راتيَان چِٽَکَنِ چَاکَ،
ڊِجَان پِرِ فِراقَ، جِمَ پوئيمِ پِرينءَ سين.

٢٠

جيکي فِراقَان، سو وِصالاَن نہ ٿِئي،

---

١. منهنجو. ٢. واسطو، ناتو، رشتو. ٣. هو. ۴. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ٥. آرامي، آسودا. ٦. زارو زار= تمام گهڻو. ٧. محبوبن. ٨. اوهلن. ٩. جيڪڏهين. ١٠. هجن. ١١. الله ڪارڻ= خدا جي واسطي (قسم جو نمونو). ١٢. ڳالهہ ڪريو= ٻڌايو. ١٣. اکيون. ١۴. راتو ڏينهان= رات توڙي ڏينهن، انئي پهر، هر وقت. ١٥. حسيني سُرُ يعني خدا جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي ڏهٽي حضرت امام حسين ع جي غم ۾ چيل شعرُ. ١٦. واسطي. ١٧. خدا جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي ڌيءُ حضرت فاطمة الزهرا ع. ١٨. خود. ١٩. تنهن کان. ٢٠. سڌ، ڄاڻ. ٢١. مخلوقات، ماڻهن. ٢٢. واڪاڻ، مشهوري آوازَ، ورلاپ، آلاپَ. ٢٣. اي مادر، اي امڙ. ٢۴. برباد ڪئي، تباهہ ڪئي، فنا ڪئي. ٢٥. ڏينهن جو. ٢٦. (محبوب کي) ڳولڻ (۾ مشغول). ٢٧. (عشق جي) سور يا درد. ٢٨. رات جو. ٢٩. سورُ ڪَنِ، تڪليف ڏين. ٣٠. (محبوب جي جدائيءَ جا) ڦٽ يا زَخَم. ٣١. خوف يا ڊپ ڪريان. ٣٢. ڪان. ٣٣. (محبوب جي) وڇوڙي، جدائيءَ. ٣۴. متان. ٣٥. مونکي پوي. ٣٦. فراق مان. ٣٧. وصال مان، ميلاپ يا گڏجاڻيءَ مان.

اَچِي اوطَاقَان[1]، مُون کي پِرِينءَ[2] پَاسي[3] ڪِئو.

٢١

وِصَالَن[4] وِچُ[5] پِئو، قُري[6] آءُ فِرَاقَ[7]،
جي تي چِڪِئَمِ[8] چَاڪَ[9]، پِرِينءَ گڏِجي[10] پُورِئَا[11].

وائي

ڏِينديس مَاهُه[12] مِرُن[13] کي، اُئون ذَرَا[14] جِيءُ[15] ڪَري، اي هوتا[16]،
ڏيئي ٻَاهہ پَنپورَ کي، اُئون آيس تو ڳري[17]،
آرِيَاڻيءَ پُنُهونءَ ري، هَڏ[18] نَہ سَاهَہ[19] سَري[20]،
جَندِي[21] پَايو جَان[22] ۾، ڏُکَري[23] ڏُکَ[24] ڏَري[25]،
آءُ اوراهُون سُپرين وَجُ ۾ پيءَ[26] پَري،
مُون ڏِني[27] مُون[28] وِسَهو[29]، ورچي[30] تَان نَہ وَري[31]،
ڏُکيءَ[32] جي ڏيکَارين[33]، ڏَارَان[34] مُنهَن[35] مَري[36][37]،
پِيَالي[38] پِرِيَن جي، مُوهِيَس[39] ميٺَ[40] ڪَري[41]،
آرِيءَ جي عَشقَ جي، مُون کي اَندَرِ آڳِ ٻَري،
توکي توءِ نَہ ڇَڏيَان، جي وَڃَان پُون[42] تَري[43].

١. اوطاق مان يا گهر مان (وصال جي)، ٢. محبوبَ. ٣. پري، ۴. وصال مان، ميلاپ مان، ۵. وچوٽي، وٺي، ڏوري، جدائي، وڇوڙو. ٦. موٽي، واپس. ٧. اي فراق، اي جدائي، ٨. منهنجا چڪئا، منهنجا اٽلئا يا وري خراب ٿئا، ٩. زخم يا ڦٽ (فراق جا)، ١٠. ملي، ١١. نيڪ يا درست ڪئا، ١٢. (جسم جو) گوشت، ١٣. جهنگ جي جانورن، ١۴. ڳتڙا، ٻيرا، ڳيا، ٽڪر، ٽڪر، ١۵. جسم، بدن، جان، سرير، ١٦. اي هوت، اي پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٧. وٽ، ١٨. اصل، بنهہ هرگز، ١٩. ساهہ جو، دل جو، ٢٠. گذارو ٿئي، ٢١. ڪاٺ کي گول ۽ لسي ڪرڻ جو هڪ واڍڪو اوزار، سارين کي ڏرڻ يا ڇڙڻ لاءِ ٺڪر جي ٺهيل اکري، ٢٢. جسم، بدن، ٢٣. ڏکايل، ڏکن جي ستايل، ٢۴. سور، تڪليفون، ٢۵. سهي، برداشت ڪري، ٢٦. محبوبَ. ٢٧. (سسئيءَ کي) ڏنو، ٢٨. مون تي، ٢٩. اعتبار ڪريو، ٣٠. ڪڪ ٿي، بيزار ٿي، ٣١. موٽي، واپس ٿئي، ٣٢. ڏکيءَ کي، ڏکن جي ستايل کي، ٣٣. جيڪڏهين، ٣۴. ديدار ڪرائين (پنهنجي صورت جو)، ٣۵. ٻنان، ڪان سواءِ، ٣٦. صورت، ٣٧. دم يا ساهہ ڏي، ٣٨. (عشق جي شراب سان ڀريل) ڪٽوري، جام، وٽي، ٣٩. مونکي موهيو، مونکي مست يا چريو ڪيو، ۴٠. ميٺاج، مٺاڻ، ۴١. نج، خالص، ۴٢. ٻوءِ جي، زمين جي، ۴٣. تر ۾، اندر (قبر ۾).

ڌَڙُ وِجَهندِيَس ڌُوڙِ ۾، مَتو ڌارَ ڌَري،
هَلَڻُ سُٺي هوتَ جو، ڏُکي پَسُ ڏَري،
پِرِين کَٽِج پانهِنجُون، اکِيُون باجَهہ پَري.

وائي ٢

ڪوهِيارِيَ جي ڪا مارِيندِيمِ ماءِ، جا مَنَ اندرِ ڳالهَڙِي،
چِڙهان* ڏاڍيِن ڏُونگَرِين، سُپِيرِيان جي ساءِ،
هوتَ هَلَڻِ آئُون وِهان، تان ڪا ايءَ جُڳاءِ،
نِهارِينديس نڪَٽي، هاڙهو هوتَن لاءِ،
پانڌِيئَڙا پير پَري، پِرِيان ڪي پَهچاءِ،
مَولِيٰ مُون کي مِيڙِبِين، سَنديءَ جانِبَ جاءِ،
سَسُئِيءَ جي سِڙِيءَ کي، اوڏاهِين اُناءِ،
پِيرانديءَ پُنهُونءَ جي، مُنهِنجو لوڙُهہ لَناءِ.

---

١. سِر يا مٿي کان سواءِ بدن، ڍڍر، ٢. ڦٽو ڪنديس، ٣. مٿيءَ، خاڪ ۾، ۴. سِرُ، ڪنڌُ، ۵. جُدا، ٦. لاهي، ڪاٽي، وڍي، ٧. وَڃڻ، ٨. ٻڌي، ٩. محبوبَ، پنهونءَ (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٠. ڏکن جي ستايل، ١١. ڏِسُ، ١٢. رڙي، دانهون ڪري، ١٣. اي پرين، اي محبوب، ١۴. (منهنجي طرف) مٿي ڪج، ١۵. نيڻَ، ١٦. ٻاجهہ سان، مهر سان، ١٧. پَر ڪري، تمنار ڪري، ١٨. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪو، پنهونءَ، ١٩. ٿوري، ذري برابر، ٢٠. مونکي مارينڊي، برباد ڪندي يا تباهہ ڪندي، ٢١. اي ماء، اي امڙ، ٢٢. جيڪا، ٢٣. دل، ٢۴. ۾، ٢۵. تات، ياد، پچار، *گنج ۾ "چڙهي" لکيل آهي، ٢٦. ڏاڍن، اڙانگن، اوکن، ڏکين، سَناٽن، ٢٧. ڏونگرن تي، جبلن تي، ٢٨. پرين، محبوبن، ٢٩. لاءِ، ڪاڻ، ڪارڻ، ٣٠. وڃن، ٣١. جُڳائي، ٺهي، مناسب ٿئي، ٣٢. جاچينديس، ووڙيندس، ٣٣. ضرور، ٣۴. جبل جو نالو، هاڙهو جبل لس ٻيلي جي اولهہ ۾ واقع آهي، ٣۵. اي پانڌيئڙا، اي پانڌي، اي واٽهڙو، اي مسافر، ٣٦. پير پري= مهرباني يا ٿورو ڪري، ٣٧. پرينءَ، محبوبَ، ٣٨. وٽ، ٣٩. رساءِ، ۴٠. اي مولي، اي مالڪَ، اي ڌڻي، ۴١. ملائيين، ۴٢. جِيءَ، واريءَ، ۴٣. جانيءَ، محبوبَ، ۴۴. جاءِ تي، ماڳ تي، آستان تي، ۴۵. جنازي، ميت، لاشَ، ۴٦. ان طرف يعني جانب جي جاءِ ڏانهن، ۴٧. ڪٽي هل، ۴٨. پيرن جي طرف، ۴٩. جنازو، ميتُ، لاشُ، ۵٠. دفن ڪراءِ، پُوراءِ.

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسيني

داستان پنجون

①

وِئو جَاڳائي[1] جَتُ[2]، ويري[3] کَنهِن[4] وِلاَتَ[5] جو،
سَندو[6] سُورنِ[7] خَطُ[8]، ڏُنمِ[9] هوت[10] هَتَنِ[11] سين.

②

سِرِ جي[12] تان[13] سورَ، سامائي[14] تان سُکَ[15] وِئا[16]،
اهي بِئي پُورَ[17]، مُون نِماڻيءَ[18] نِصيبُ[19] ٿِئا.

٣

هُو جي سُورَ سُڄنِ[20]، مُون پينگهي[21] ۾ پرايا[22]،
سانديَاسِ[23] سُکنِ، سُورنِ کارڻ سَرتيُون.

۴

سُورنِ سانديَاسِ، ڏُکنِ نِپاياسِ،
سُکنِ جي سَيدُ چئي، ٻُکي[24] نَ پِيَاسِ[25].

---

١. ننڊ مان آٿاري، ٢. اوٺي، يعني پنهون، ٣. دشمن، ويروئندڙ، مخالف، ۴. کهڙيءَ، ۵. پراهين ملک، ڏيساور، ٻاهرين يا ڌارئين مُلک، ٦. جو، ٧. ڏکن، ٨. چِٺي، رُقعو، نامون، ٩. مونکي ڏنو، ١٠. محبوب پنهونءَ (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ("ڏنم هوت" جي ٻي معنيٰ ٿيندي "مون ڏنو هوت کي")، ١١. هٿن سين= روبرو، ١٢. پيدا ٿي، جائي، ١٣. تم، ١۴. بالغ ٿي، ١۵. راحتون، آسائشون، ١٦. ختم ٿيا، ١٧. وارداتون، فکر، واقعا، ڳالهيون، ١٨. نماڻي کي، عاجز يا مسڪين کي، ١٩. حاصل، ٢٠. ٻڌجن، سجهن، ٢١. جُهولي، هندوري، لڏڻي، ٢٢. حاصل ڪئا، (هو جي سور سڄن مون پينگهي ۾ پرايا= ماٺهن کي وڏيءَ عمر ۾ پيش ايندڙ سور مون ننڍيءَ عمر يا اوستا ۾ يعني ڄمڻ وقت پرايا)، ٢٣. مونکي سانڍيو، منهنجي حفاظت ڪئي، پرورش يا پالنا ڪئي، ٢۴. ٻکي ۾، ٻاڪي ۾، حصي ۾، ٢٨. آئون پييس (سکن جي ٻکي نَ پياس= سک نصيب ۾ نہ هئا).

جيڪس[1] آئون هياس[2]، ڳري[3] ڳوندر[4] ول[5] جي.

⑤

ڏک[6] رئان[7] سور، آيل[8] باروچن[9] جا،
اُذمئو[10] آذيءَ رات جو، پون پلٽئو[11] پور[12]،
هِڪَ آئون معذور[13]، ٻئو هتان[14] مون[15] هوت[16] وئو.

⑥

سور[17] م وڃيجا[18]، سڄڻ[19] جيئن[20] سانگ[21] وئو،
پرينءَ[22] پڄاڻا[23]، آئون اوهان سين اوريان[24].

٧

سور[25] م متج[26] ساءُ[27]، آئون نوڪٽي[28] آهيان،
وڄ م ويل[29] ڪنهن، ورهه[30] مون وتان،
تون پڻ تذهين جا[31]، جذهين ٿئان هيڪاندي[32] هوت سين.

٨

سپيريان[33] جي سور جي، ڪنهنکي ڏکي[34] ڏک[35]،
ڏکيءَ[36] وتان ڏک، وڃن نه وير ڪهين.

---

١. شايد. ٢. آئون هئي، هيس. ٣. بل، ٽڪر، حصو، ياڳو. ۴. ڳوندر جي، ڏک جي. ۵. ول ان ٻوٽي کي چئبو آهي جيڪو برعڪس وڻ جي ڪرڙو تي بيهي نہ سگهي مگر زمين تي پکڙندو ۽ وڌندو رهي يا ڪنهن ٻئي ياوڻ يا ڪاٺيءَ جي آڌار تي ڪرڙو ٿي وڌندو رهي. (درياءَ جي ڪناري تي ايرنڌ هڪ قسم جي ول جيڪا هميشہ خطري ۾ هوندي آهي ۽ پاڻيءَ جي وهڪري سبب ٽٽي ٽڪر ٿيندي آهي ان کي ڳوندر جي ول چوندا آهن). سُور، تڪليفون. ٧. (شڪايت جي نموني) بيان ڪريان. ٨. اي ايل، اي جيجل امان. ٩. ٻروچن، بلوچن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن). ١٠. اوچتو اُٿين يا پيدا ٿئو يا ڀڙڪا ڏيو يا جوش ڪايو. ١١. پلٽئو پون= زوردار يا سخت حملو ڪن. مٿان وريو وڃن يا اُٿلئو پون. ١٢. فڪر، ڳڻتيون. ١٣. عذر واري، جذي، بيمار (عشق جي). ١۴. هت مان، قبضي مان، وٽان. ١۵. منهنجي. ١٦. محبوب، پنهون (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو اهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٧. اي سُورئو. ١٨. اوهين ويجهو. ١٩. محبوب، يارُ. ٢٠. جهڙي طرح. ٢١. سانگ تي، سفر تي. ٢٢. محبوبَ، دلبرَ. ٢٣. ڪانِ پوءِ يا بعد. ٢۴. حال احوال ڪريان. ٢۵. اي سُورَ. ٢٦. بدلائج، ڦيرائج. ٢٧. سواد، مزو، لحاظ. ٢٨. نويڪلي، اڪيلي، تنها. ٢٩. ويرَ، مهل، وقت. ٣٠. اي ورهہ، اي برهہ، اي فراق. ٣١. وڃ. ٣٢. ڳڏ. ٣٣. پرينءَ، محبوبَ. ٣۴. ٿورو، ذرو. ٣۵. ڏک جو. ڏکَ جو. ٣٦. ڏک جي ستايل (سسئيءَ).

٩

سُورائِتِي[١] سَڏَ[٢]، ڪَري سَڏَ[٣] سُورَنِ ڪي،
سُورَنِ پَڳَسِ[٤] هَڏَ[٥]، سي پَڻِ[٦] سِيڪي سُورَ سين.

١٠

سُورَ[٧] مَ ڏي ڏُوڻَ[٨]، آئُون اڳِيئي ڪانهري[٩]،
ڦَٽَ[١٠] اڳِيئِي ڦَٽِيا، تُون لَپُون[١١] آڇِ[١٢] مَ لُوڻَ[١٣]،
جا پَرِ[١٤] پَروڻَ[١٥]، سا پَرِ مُنهِنجي جِندڙي[١٦].

١١

چاڪَ[١٧] اُپِرَئا[١٨]، ڪُومَاڻا[١٩] ڪَڙِيُون[٢٠] ڪَري،
لَڳِي ڏَڪَ لَڪَنِ[٢١] سين، چُري[٢٢] چاڪَ[٢٣] پِئا،
ڏيرَنِ[٢٤] پِئا[٢٥] ڏَنا، ڏَنڀَ[٢٦] ڏُکَندي[٢٧] سامُهان[٢٨].

١٢

تَنِ سُورَنِ کي شاباسِ[٢٩]، جَنِي مُونسين گهارِئو[٣٠]،
هُئا هَمَاري[٣١] پاسِ[٣٢]، بِيلِي[٣٣] ٿِئَڙَم[٣٤] چِپَرِين[٣٥].

---

١. سورائتيءَ کي، سُورن واريءَ کي، سورن يا ڏکن جي ستايل کي، ٢. آواز يا اطلاع (موت جا)، ٣. واڪا، رڙيون، دانهون، ٤. ان جا پڳا، ٽڪر ٽڪر ڪيا، ٥. (بدن جا) هڏا، عضوا، سنڌ، ٦. ٽاڪوڙي، ٽاٽوري، ٧. اي سور، ٨. ڏوڏو، لوڏو، ڏڪو، ٩. ڏڪيل، گهايل، ڦٽيل يا ڏڪايل، ١٠. زخم، گهاءَ، ١١. واحد لَپَ، هٿ جي ترِيءَ جيترو ڪنهن شيءِ جو مقدار، هٿ جي وچ واري کُبَ ۾ سَمَائجي سگهن جيترو ڪنهن شيءِ جو مقدار، مُٺِ، ١٢. ڏَنءُ، ١٣. لوڻ جون، نمڪ جون، ١٤. هلت يا حالت، ١٥. اٽي وغيره ڇاڻڻ لاءِ ڇاڻي، گيجڻُ، ١٦. جند، جان، جسم، دل، ١٧. ڦٽ، زخم، ١٨. پرجڻ لڳا، ايرجڻ لڳا، ١٩. سُڪَا، خشڪ ٿيا، رت ۽ پُونءِ وهڻ بند ٿي ويئي، ٢٠. واحد ڪڙي، ڦٽ جي ڇٽڻ وقت ان جي مٿان رت پُونءِ جو سڪل پردو، ٢١. چاڪَ، زخم، ڦٽ، گهاءَ، ٢٢. جبلن سين، ٢٣. وري اٿلي پيا، رسجي پيا، ٢٤. مڙس (پنهونءَ) جي پائرن، ٢٥. ويتر، وڌيڪ، ٢٦. گرم تيل يا تتل لوهه سان جسم تي لڳايل داغ يا نشان يا چاپ، ٢٧. ڏکندي جي، سور جي، ٢٨. مٿان، ٢٩. آفرين، ٣٠. گڏ گذاريو، ٣١. منهنجي، ٣٢. پاسي ۾، پر ۾، ٣٣. همراهه، ساٿي، ٣٤. مون سين ٿيا، ٣٥. ڇپر ۾، جبل ۾.

١٣

سُورن لَڌو سَجُهہ، پاٽِهِين پيهي آيا،
ڪَنهن ڪي ڏِيان مَنجُهہ، مَر تا چِٽڪن چِتَ ۾.

١٤

سُورن سانگهارو، ڏُکيءَ ڏنو ڪونہ ڪو،
آيل اوِيارو، پاڙ وڌو پوڙ وَهِي.

١٥

سانگهارو سُورن، ڪَڏهين تان ڪونہ ڏنو،
پائِڙ پوڙ وَهن، ڪالُهوٽيئا اَجُ گهٽُون.

١٦

لُڇڻُ نہ لاهِين، گُوندر هِن غريب تان،
پَرِ ۾ پَچائِين، جيجان جوش جَتن جا.

(١٧)

سُور نہ ساگاهين، ڏِين اُڌَما اوچتا،
مُون ڪي مُون پِرين جا، اَمَيا آهِين،

١. ڏکن، تڪليفن. ٢. حاصل ڪئو، هٿ ڪئو. ٣. وجهہ، موقعو. ۴. خودبخود. ٥. پيهي آيا= اوچتو مٿان اچي ڪڙڪيا، اچانڪ پر کهت يا ظاهر ٿيا. ٦. انتَ، دلي راز. ٧. پل. ٨. پٿا. ٩. ڏکن، جاڳن، اُبرن. ١٠. دل. ١١. گهٽتائي، لاٽ، فرصت، ويساهين. ١٢. ڏکيءَ کي، ڏکن جي ستايل يا ماريل کي. ١٣. اي آيل، اي امڙ. ١۴. ماضيءَ ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ کوٽيل کوهہ تي يا پوک کي پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ اهڙي کوهہ کان علاوه پاڻيءَ جي سطح کان مٿاهين زمين لاءِ کوهہ کان ڪي قدر نديءَ ڪَڏ تي (جنهن کي پڙوهو يا وانءِ چئبو هو) ڪاٺ جي پرزن مان نهيل چرخ چاڙهبو هو، وڏي چرخ کي نارَ ۽ ننڍي کي هرلو چئبو هو. انهن پرزن مان هڪ پرزي يعني لٺ جي کوهہ يا پڙوهي واري ٿلهي چيڙي ۾ کتل اپين ڪانين مان هر هڪ ڪاني کي "اپارو" چئبو آهي. ١٥. هيڪاندو، گهڻو. ١٦. (پاڻيءَ جي چاڙهہ سبب) پڌل. ١٧. هلي، (پاڻيءَ ۾) ڦري. ١٨. واحد پائڙ. نار يا هرلي جي لٺ ۾ لڳل اوپارن ۾ ڦرهيون ۽ ڦرهين ۾ ونگون وڌل هونديون آهن، انهن سيني پرزن کي "پائڙ" چئبو آهي. ١٩. ڪالهہ کان، گذريل ڏينهن کان. ٢٠. زيادهہ. ٢١. ڦٿڪو، بي آرامي. ٢٢. ختم ڪن. ٢٣. غمَ، سور، ڏکَ. ٢۴. مسڪين، نماڻيءَ. ٢٥. ڳجهہ ڳوهہ ۾، مخفي نموني. ٢٦. جلائين، ساڙين. ٢٧. اي جيجل، اي امڙ. ٢٨. واحد جوش= گرمي، تاءُ، تَوءُ، جذبو. ٢٩. اونين يعني پنهونءَ ۽ ان جي پائرن. ٣٠. ساڃاءِ يا ادب ڪن، لحاظ ڪن. ٣١. پڙڪا. ٣٢. منهنجي. ٣٣. محبوبن. ٣۴. اڻ ميا، تمام گهڻا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لَجُون[١] جي لاهِين[٢]، سيئي تِيَمِ[٣] سامُهان[٤].

١٨

مِڙِي[٥] سُورَن[٦] وارِيُون، ڪَرِئو[٧] سُور پَچار[٨]،
مُٺ[٩] مُٺ[١٠] سُورَن[١١] سَپِڪَنهِن، ڪانهي سُوران[١٢] ذار[١٣]،
ڪَرَمِ[١٤] لِکِئا[١٥] ڪاپارِ[١٦]، سي مُوران[١٧] مُوٽِن[١٨] ڪِينَڪي.

١٩

مُٺ مُٺ سُورَن سَپِڪَنهِن، مُون وَٽ وَٿان[١٩]،
پَرِيُون[٢٠] ڪِئو پُٺان[٢١]، وِٺا وِهائُو[٢٢] نِڪري.

٢٠

وِٺا وَرائي[٢٣] جيڏيُون[٢٤]، مُون ڏُکِيءَ[٢٥] ڪي ڏُکَ،
وِيني سارِئان[٢٦] سُکَ[٢٧]، هيڪانديءَ[٢٨] هُئامِ[٢٩] جي.

٢١

سُور پَيَتو[٣٠] يَتِ، هي چِٽِڪِئو[٣١] ڪَي[٣٢] بِئو[٣٣]،
پَرِيتَنٽي[٣٤] پِرِينِ جي، ماءُ[٣٥] مُنجهايَمِ[٣٦][٣٧] مَت[٣٨]،
پِينَرُ[٣٩] پَلِيءَ[٤٠] يَتِ[٤١] لَگُمِ[٤٢] باڻُ[٤٣] بَروچ[٤٤] جو.

---

١. واحد لڄ= حياءُ، شرم، ٢. ختم ڪن، وڃائين، ٣. مونکي تنا، ٤. اڏو، اڳيان، ناموافق، ٥. ڪَذجي، ڪَذئي، ٦. ڏکن، ٧. سور جي، ٨. ڳالهہ، ذڪر، ٩. مٺ مٺ= ٿورا ٿورا، ڪجهہ ڪجهہ يعني هٿ جي مٺ ۾ سمائجڻ جيترا (آڱرين پوريل يا ٻڪوڙيل هٿ کي مٺ چئبو آهي)، ١٠. سورن جي، ١١. سڀ ڪنهن وٽ، هر ماڻهوءَ وٽ، ١٢. سورن ڪان، ١٣. سواءِ، ١٤. ڪَرَمَ ۾، نصيب ۾، ١٥. لکيل آهن، لکجي ويا، ١٦. ڪاپارَ ۾ يا نراڙ ۾ يعني طالع يا نصيب ۾، ١٧. مور، اصل، بنهہ، ١٨. مُڙن، واپس ٿين؛ ١٩. انهن جا وٿاڻ يا آستان يعني وٿاڻ پريا پيا آهن، ٢٠. واحد پري= مٿي تي کڻي سگهڻ جيترو ڪپڙي وغيره ۾ ويڙهيل يا ٻڌل بارَ يا سامان، ٢١. انهن يعني سورن کي کڻُو پيئي رُلان ۽ ڦران، ٢٢. خريدار، ٢٣. وڪوڙي، ٢٤. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢٥. ڏکن يعني سورن جي ستايل، ٢٦. سنڀاليان، ياد ڪريان، ٢٧. خوشيون، فرحتون، راحتون، ٢٨. (محبوب سان) هيڪاند جي وقت يعني ميلاپ يا وصالجي وقت، ٢٩ مون کي هئا، ٣٠. يتو يت= قسمن قسمن جا، گهڻن نمونن جا، ٣١. اُڀريو، پيدا ٿئو، ٣٢. ڪجهہ، ٣٣. عجيب قسم يا نموني جو، نرالو، ٣٤. پريم، محبت، ٣٥. محبوبن، ٦. اي ماءُ، اي امڙ، ٣٧. منهنجي منجهائي يا گم ڪئي يا وڃائي، ٣٨. عقل، هوش، ٣٩. اي پينرَ، اي اديون، ٤٠. چڱيءَ طرح، ٤١. طرح، ٤٢. مون کي لڳو، ٤٣. تيرُ، ڪانُ، ٤٤. بلوچ يعني پنهونءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٢

لَگُمِ[١] بَاڻُ[٢] بَروچَ[٣] جو، ڪَرَهَا[٤] تَئا[٥] قَزاقَ،
اَهُڪِلي[٦] جا اُنَ ڪي، سامَيِنِ[٧] پَوي مَ ماڪَ[٨]،
اڪِيُنِ[٩] خوراڪَ[١٠] پَسَڻُ[١١] پَرڏيهِنِ[١٢] جو.

٢٣

لَگُمِ باڻُ بَروچَ جو، وَسان تَي[١٣] وياسِ،
پُرزا[١٤] پَبَ[١٥] وَرَنِ مِ[١٦]، پِتُون[١٧] تَي پيياسِ[١٨]،
توڻي[١٩] ماءَ[٢٠] مُيياسِ[٢١]، تَه پُڻِ[٢٢] ڪادو ڪيچَ[٢٣] ڏي.

٢٤

لَگُمِ باڻُ بَروچَ جو، اَمڙِ[٢٤] جَهلِ[٢٥] مَ مُون[٢٦]،
روئي رڱينديسِ[٢٧] رَتَ[٢٨] سين، ڪيچان[٢٩] اوري[٣٠] پُون[٣١]،
مادرِ[٣٢] متان[٣٣] مُون، ڪانگَ[٣٤] لوندا[٣٥] ڪيچَ جا.

٢٥

ڏُکُ[٣٦] لَگو[٣٧] ڏُونگرُ[٣٨] ٻَرِئو[٣٩]، پيئَرُ[٤٠] ڪاٽي[٤١] پُون؛
مَنان[٤٢] لاٿو[٤٣] مُون، سَندو[٤٤] جيئَڻ[٤٥] آسَرو[٤٦].

---

١. مونکي لڳو، ٢. تير، ڪان، ٣. بلوچ يعني پنهونءَ، ٤. اٺَ، ٥. چورَ، ڦورو، ڌاڙيل، رهزن، ٦. ڏکي، تڪليف ڏيندڙ، ٧. مين ڪي، انن کي، ٨. ماڪَ، اوسَ، شبنم، ٩. اکين جي، نيڻن جي، ١٠. طعام، کاڄ، کاڌو، غذا، ١١. ڏسڻ، ديدارُ، ١٢. پرڏيهہ جي رهاڪن، پرديسين پنهون ۽ ان جي ڀائرن، ١٣. وَسان تي وياس= بي اختيار ٿيس، بي وس ٿيس، بي پهچ ٿيس، ١٤. ذرا ذرا ١٥. پٻ جي، (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پٻ جبل چوندا آهن)، ١٦. رستن، پيچرن، ١٧. ذرا ذرا، ١٨. آئون پيس، آئون ٿيس، ١٩. جيتوڻيڪ، ٢٠. اي ماءِ، اي امڙ، ٢١. آئون مري يعني فنا يا برباد ٿي وڃن، ٢٢. چڪ، ڪشش، سِڪَ، ٢٣. ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهتي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو، ٢٤. اي امڙ، اي جيجل، ١٥. پَل، روڪِ، ٢٦. مونکي، ٢٧. رنگ چاڙهينديس، رنگين ڪنديس، ٢٨. رت جي مثل اکين جي لڙڪن، ٢٩. ڪيچ کان، ٣٠. هِن طرف پاسي، ٣١. زمين، ڌرتي، ٣٢. اي مادر، اي امڙ، ٣٣. منهنجي، ٣٤. ڪانءَ، زاغ، ڪاري، رنگ سان هڪ قسم جا پکي، ٣٥. ٻوليون اُڏامندا، ٣٦. سورُ، دردُ، ٣٧. پيدا ٿئو يا اُپريو، ٣٨. جبل، ٣٩. سڙي ويو، ٤٠. اي پينرُ، اي اديون، ٤١. سڙي وئي، جلي وئي، ٤٢. مَن مان، دل مان، ٤٣. ختم ڪئو، ٤٤. جو، ٤٥. زندهہ يا جيئري رهڻ، ٤٦. اميد، آسَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٦

ڏُکوبُون[1] ڏيهَان[2]، جيڪَس[3] لَڏيَ[4] وِبيُون،
هَاٽي ڪَنِ[5] مُلاَ[6]، پُڇَان[7] پِرِيَنِ[8] خَبَرُون[9].

٢٧

ڏُکوبِنِ[10] اُهڃَاڻُ[11]، ڪُلِهين[12] ڦَاٽو[13] ڪَنجَرو[14]،
وَڃَنِ گُونڊَرَ[15] گَڏيُون[16]، لوڪَ[17] نَہ آڇين[18] پَاڻُ[19]،
سُورَنِ تَنِي سَاڻُ، نَنڊيَا[20] ڪُون نِينهُن[21] ڪِئو.

٢٨

ڏُکوبُون ڏُسڪَنِ[22]، ڪَانَہ ڏُسڪي ڏُکَ رِيَ[23]،
جَنِ وَتَان[24] هُوتَ[25] وَڃَنِ، سُڌِ سَپِيَڪَا اُنِ ڪي.

٢٩

نَڪَا ڏُکوئي، نَڪَا پَسَان[26] ڏُکَ سِين،
جَنهِن سين رُوئِي، لاَهِيَان[27] سُورَ سَرتِيُون[28].

٣٠

نَڪَا ڏُکَ[29] پَچَارَ[30]، آهَ[31] نَہ سُڃي[32] سُورَ جي،

---

١. ڏکن يا سورن جون ستايل، ٢. ڏيهہ مان، ديس مان، ملڪ مان، ٣. شايد، ۴. لڏي وبيون= هجرت ڪري ويون، نڪري ويون، مري ويون، ۵. ڪنهن، ڪهڙين، ٦. ڪان، ٧. معلوم ڪريان، وٺان، ٨. پرين جون، محبوبن جون، ٩. سڌيون، حال احوال، ١٠. ڏکوين جو، ١١. سڃاڻپ، ١٢. ڪلهن تي، مُونڍَن تي، بدن تي، ١٣. ڦاٽل، ليڙون ٿيل، ڇنل، ١۴. (سينو ۽ اڌ پيٽ ڍڪيندڙ) زناني چولي جو قسم، گَجَ، انگيو، ١۵. گوندرَ سان، غم سان، ڏک سان، ١٦. شامل، جوڙ ٿئو، ١٧. لوڪَ کي، عام ماڻهن کي، ١٨. پيش ڪن، ڏين، ١٩. مَنجهہ، انت، ٢٠. ننڍپڻ کان، ٻالپڻي کان، ٻالجتيءَ کان، ٢١. محبت، پيارَ، ٢٢. سڏڪا ڀرين، جهلي جهلي روئن، رُئڻ کان اڳي ٻوءِ تڪا تڪا ۽ ايا ساهہَ کڻن، ٢٣. کان سواءِ، ٢۴. کان، ٢۵. محبوبَ (سسئيءَ جو محبوبَ پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٦. ڏسان، ٢٧. ختم ڪريان، ٢٨. اي سرتيون، اي جيڏيون، ٢٩. ڏک جي، ٣٠. تنوار، ذڪر، ڳالهہ، ٣١. دانهن، ٣٢. ٻڌجي.

كَانِهي تَنِ[1] تَنوارَ[2]، نِينهَن[3] نِمَاٽِيُون[4] جي كِيُون.

٣١

سَرَتِيُون[5] سُورِيتِيَنِ[6] جي، كوهُه[7] تِيُون پَتَرِ[8] پُونِ[9]،
گَهَاءُ[10] نَه لَگِنِ[11] گَهَتَ[12] جو، رِبَاءَ[13] مَان تِيُون رُونِ،
چِيتَارِئو[14] نَه چُونِ، پَارَ[15] مُنهِنجي پِرِينءَ[16] جَا.

(٣٢)

اَڻَ ڏُكويُون[17] ڏُكِيُنِ جي، كوهُه تِيُون پَتَرِ پُونِ،
نَاهه اَرتُو[18] اَكِيين[19]، لُوكَ[20] ڙَيَارُون رُونِ،
جي پَنَڻَ[21] پِيڙِيُون[22] هُونِ، پَارَ[23] تَنِي جَا پَڌرا[24].

٣٢

ڏُكِيُون جَان[25] نَه مَتِّنِ[26]، تَان[27] تَان پَنَڻُ نَه تِئِي،
بِيُون هُونهِين[28] هَتَ[29] هَتَنِ، رِبَاءَ مَان رَءِ[30] پَئِي.

٣٣

نَكِي رُئَڻَ وَارِيُون، نَكِي اوسَارِيِنِ[31]،
مُونهِين[32] كي مَارِينِ، مُونهِين سَندا[33] ڏُكَڙا[34].

---

١. تن (ڏکوين) جي، ٢. آواز، پڇار، ياد، ذڪر، ٣. عشق، محبت، ۴. عاجز، لاچار، بي وس، ۵. جيڏيون، ٦. سورن يا ڏکن جي ستايلن، ڏکيڻ، ڏکويلن، ٧. ڇا لاءِ، ڇو، ڪهڙي سبب، ٨. پٽر تي، اڱڻ جي، گهر ۾، (مري ويل ماڻهوءَ جي عذر خواهيءَ يا فاتح خوانيءَ لاءِ وڇايل) فرش يا تڏي تي، ١. اڇن، ١٠. زخم، ڏڪَ، چوٽ، ١١. انهن کي لڳو، ١٢. دل، اندرَ ١٣. ظاهر داريءَ، ظاهري نماءَ يا ڏيکاءَ، ڪوڙ پچائيءَ، ١۴. چت سان، دل سان، ١۵. اوسارا، ١٦. محبوب جا، ١٧. بنان ڏکن واريون، سُکيون، ١٨. رت جا لڙڪ، ڳوڙها، ١٩. اکين ۾، ٢٠. لوڪ يعني عام ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ، ٢١. پنڻ ۾، پنڪي ۾، پٽڻ ۾، روج راڙي ۾، ٢٢. شامل، گڏ، ٢٣. نشان، اهڃاڻ، اوسارا، ٢۴. ظاهر، ٢۵. جيستائين، ٢٦. گڏجن، گڏ ٿين، ٢٧. تيستائين، ٢٨. بي سود، اجايو، ٢٩. هٿ هٽن= پٽين، پنڪو ڪن، ٣٠. رَءِ پئي= رونشي سان، رونشي مان، تماشي ڪاڻ، ٣١. اوسارا ا پار ڪيدي روئن، ٣٢. مون، ٣٣. مونهين سندا= منهنجا، ٣۴. ڏکَ، سورَ.

٣٤

مُنهان[١] مَهند[٢] تئا، سُورنِ[٣] بَڌو سَندرو[٤]،
ڏورِ[٥] تَه ڏوريُون اُنِ کي، وِندُرِ[٦] جي وِئا،
سَيڻَ[٧] مُنهنجا سَرتيُون[٨]، قَضا[٩] هي[١٠] ڪِئا،
اَڙِبَس[١١] آرياڻيءَ[١٢] سين، ڪوهُه جاڻان[١٣] ڪِئان[١٤]،
ڪَنديَس ڪِينَ پِئا، هوتَ[١٥] مَتائي[١٦] اڳِيان[١٧].

٣٥

هوتُ نَه مَتيان ماءَ[١٨]، پِئو مالُ[١٩] مڙوئي[٢٠] مَتيان،
جَنهين[٢١] جيءَ ساجاءِ[٢٢]، رِڙهان[٢٣] تي رَندَنِ[٢٤] ۾.

٣٦

هوتُ نَه چُنيءَ[٢٥] پوتُ[٢٦]، ڦاڙي[٢٧] جو ڦِتو[٢٨] ڪَريان،
هاڙهيءَ[٢٩] جو بَلوچُ[٣٠]، ڏاڍي[٣١] ڪَنهن ڏُک[٣٢] مَڙي[٣٣].

وائي

پُنهون[٣٤] پريشانُ[٣٥]، هَي هَي[٣٦] حالُ[٣٧] مُنهنجو،
مُون کي بُکَ[٣٨] بوتَنِ[٣٩] جي، نَڪي پَايان[٤٠] نانُ[٤١]،

---

١. منهنجي. ٢. اڳ ۾، اڳئان (اڳواٽي يا رهبري ڪرڻ لاءِ). ٣. ڏکن. ٤. چيلهه يا ڪمر سان ٻڌڻ لاءِ ڪپڙو (ٻڌو سندرو= پنهونءَ کي ڳولڻ ۾ همٿائڻ لاءِ تيار ٿئا). ٥. ڳول. ٦. وندر ڏانهن (وندر لس ٻيلي ۾هڪ جبل، هڪ ڳوٺ ۽ هڪ نئن آهي). ٧. سڄڻ، محبوب. ٨. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٩. قسمت، خدا جي حڪم. ١٠. اهڙا. ١١. آئون اڙي، آئون ڦاٿي. ١٢. آريءَ، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٣. ڪوهه جاڻان= مونکي ڄاڻ يا خبر نه آهي. ١٤. ڪئان، ڪيئن. ١٥. محبوب. ١٦. بدلائي. ١٧. ٻهريان. ١٨. اي ماءَ، اي امڙ. ١٩. اسباب، ملڪيت. ٢٠. سمورو. ٢١. هوت ڏانهن اشارو. ٢٢. ساڃاءِ جي ڪري، واقفيت جي ڪري، دوستيءَ ڪري. ٢٣. هلان، پنڌ ڪريان. ٢٤. (جبلن جي) گسن، رستن. ٢٥. چُنيءَ جو، پوتيءَجو، گنديءَ جو. ٢٦. پلوءَ، پلاند. ٢٧. چني، وڍي. ٢٨. ڦتو ڪريان= اُڇلي ڇڏيان. ٢٩. هاڙهي جبل. (هاڙهو لس ٻيلي جي اولهه ۾ هڪ جبل آهي). ٣٠. ٻروچ يعني پنهون. ٣١. اٽائي، سَتائي، گهٽي. ٣٢. ڏک سان، تڪليف سان. ٣٣. ملي، گڏجي. ٣٤. اي پنهون. ٣٥. ابتر، خراب. ٣٦. هي هي= افسوس، هاءِ گهوڙا. ٣٧. حالت، گتِ، نمونو. ٣٨. سِڪَ، اُڪندَ، اشتها، گهرج. ٣٩. اُنن. ٤٠. پسند ڪريان، مونکي وڻي يا گهرجي. ٤١. ماني، ڪاڌو، طعام.

شَهرُ[1] صَحرا[2] پانِيانِ[3]، مُون[4] لِيکي[5] مَيدانُ[6]،
وِجهِجِ[7] پَکَ[8] پَينارَ[9] تي، پِريَمِ[10] ڪائي پانُ[11]،
پِتِيانِ[12] مُنهُن[13] پَسڻَ[14] لِئي، هِنتي تِي حَيرانُ[15]،
ديوانِيءَ[16] کي دِلِ[17] ۾، سُورنِ[18] جو سامانُ[19]،
رُئانِ تِي رِجڻِ[20] ۾، آريءَ[21] لِئي[22] عُربانُ[23]،
آهي آريءَ جامَ[24] جو، مُون کي ڪاري[25] ڪانُ[26]،
ڪَٿِهين تِيندو ڪيچَ[27] ۾، مُنيءَ[28] جو مَڪانُ[29]،
آهِين عبداللطيف رح کي، اڳئان تُون اڳواڻُ[30].

١. شهر کي، ماڻهن جي آباديءَ کي، وسنئن کي، ٢. رڻ، بيابان، ويراني، سُڃ، ٣. سمجهان، ٣. منهنجي، ۵. ليکي ۾، سمجهه ۾، ٦. رڻ پٽ، ٧. هَنج، ٨. واتَ جو لعابَ، (وجهج پک= محبت جو ميناج ڏج)، ٩. پنٽيءَ، گداگرِ (سسئيءَ)، ١٠. اي منهنجا پرين يا محبوبَ، ١١. هک وَلِ جو پن جنهنکي چُنوءِ کاٺو هٽي ڪائبو آهي، ١٢. سَتيان، ڪُتيان، ١٣. نراڙ، پيشاني، مٿو (منهن پٽيان= روج راڙو ڪريان)، ١۴. ڏسڻ، ديدار، ١۵. پريشان، بي حال، ١٦. چريءَ، مستانيءَ، ١٧. مَنَ، ١٨. ڏکن، تکليفن، ١٩. توشو، سَمَرُ، ٢٠. رڻ پٽن، بيابانن، ٢١. پنهونءَ (بلوچ قومجي هوت قبيلي جي سردارجو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٢. واسطي، ڪاڻ، ٢٣. اگهاڙي، ننگي، ظاهر ظهور، نروارُ، برملا، وڏي آواز سان، ٢۴. سردار (سنڌ سمن بادشاهن جو لقب)، ٢۵. سخت گهائيندڙ، موتمار، قهري، ٢٦. ٻاڻ، تيرُ، ٢٧. ڪيچ رياست مڪران ۾ هک شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ٢٨. مُنلَ، مصيبت جي ماريل (سسئيءَ)، ٢٩. آستان، رهائش، ٣٠. رهبر، مهندار، سونهون.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ حُسيني

داستان پهريون

①

ڏورِيان[1] ڏورِيان مَ لَهان[2]، شالَ[3] مَ مِلان[4] هوتَ[5]،
مَنَ[6] اندَرِ[7] جا لوچَ[8]، مَڇُڻُ[9] سا ماٺِي[10] ٿِئي.

②

ڏورِيان ڏورِيان مَ لَهان، ساٿِي[11] ڪالهُوڪا[12]،
لاهي[13] لاڏُوڻا[14]، سَفَرِ[15] ڪَنهِن[16] سانگِ[17] وِيا.

٣

آئُون ڏورِيين[18] شالَ مَ لَهين[19]، هَڏَ[20] مَ مِلين[21] هوتَ،
لُنءِ[22] لُنءِ مَنجهان لوچَ[23]، تَنَ[24] تُنهِنجي نَہ لَهي[25].

④

آئُون ڏورِيين شالَ مَ لَهين، تَنَ[26] مَ مِلين تُون،
لُنءِ لُنءِ مَنجهان مُون[27]، لوچَ تُنهِنجي نَہ لَهي.

---

١. ڏوريان ڏوريان= ڏوريو پئي ڏوريان، ڳوليو پئي ڳوليان، هميشہ ڳوليندي رهان، ٢. حاصل ڪريان، هٿ ڪريان، ڏسان، لِيان، ٣. خدا ڪري، ۴. گڏجان، ۵. هوت کي، محبوب کي يعني پنهونءَ کي (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قومَ جي هوت قبيلي مان هو)، ٦. دل، ٧. ۾، ٨. تڙپ، بي قراري، ٩. متان، ١٠. گهٽ، ڪَم، ١١. همراهہ، مددگار، دوست، ١٢. ڪالهوڪا، ڪالهہ وارا، گذريل ڏينهن وارا، پراڻا، ١٣. ڇڏي، ترڪ ڪري، ١۴. ڏڌا، تيزَ تازي، سامان، ١۵. سفر تي، مسافريءَ تي، پرديس ڏي، ١٦. ڪهڙي، ١٧. سبب، ١٨. آئون توکي ڏوريان يعني ڳوليندي وتان، ١٩. توکي لهان يعني هٿ ڪريان يا لِيان يا ڏسان، ٢٠. اصل، بنهہ، مور، ٢١. مونکي ملين، مون کي گڏجين، ٢٢. لنءِ لنءِ= وار وارَ، رڳ رڳ، ٢٣. تلاش، ڳولا، چِڪَ، تڙپَ، ٢۴. تَن مان، دل مان، ٢۵. ختم ٿئي، ٢٦. تن کي، دل کي، ٢٧. مونکي.

٥

آئُون ذوربين[١] شالَ[٢] مَ لهين[٣] ساجَنَ[٤] مَڃِ[٥] سُوالُ[٦]،
سِڪَ[٧] تُنهنجِيءَ[٨] سُپِرين تِيِي جِانِ[٩] زوالُ[١٠]،
وِهاڻِيءَ[١١] وِصالُ[١٢]، اُتِيَانَ آرامِي[١٣] ڪَري.

٦

آئُون ذوربين شالَ مَ لهين، پِرين[١٤] هُئين[١٥] پَري[١٦]،
هَڏِ[١٧] نَه ساهَه[١٨] سَري[١٩]، تَنُ[٢٠] تَسَلِّي[٢١] نَه ٿِيِي.

⑦

اوري[٢٢] هَڏِ[٢٣] مَ آءُ، پَري وَڃِ پُنهُون[٢٤]،
نَه ساجَنَ تُنهنجو ساءُ[٢٥]، وَڃي مُون نَه وِسَري[٢٦].

٨

ڪِئا وِچارِيءَ[٢٧] وَسَ[٢٨]، ڪارَڻ[٢٩] ڪوهِيارِي[٣٠] گهڻا،
گهڻو پُڇيائين[٣١] ڏوٿيين[٣٢]، سَندا[٣٣] ڏيَرَنِ[٣٤] ڏَسَ[٣٥]،
لَمُون[٣٦] ذوري[٣٧] لَسَ[٣٨]، سُتي[٣٩] سَنگهَرَ[٤٠] پَٽِيين[٤١].

---

١. آئون توکي ذوريان يعني توکي ڳوليندي رهان. ٢. خدا ڪري. ٣. آئون توکي لهان يعني توکي هٿ ڪريان (ڪنج ۾ "آئون ذوريان شال مَ لهان" لکيل آهي). ٤. اي ساڄن، اي سڄڻ، اي دوست. ٥. قبول ڪر. ٦. منٿ، عرض. ٧. محبت، پيار. ٨. تنهنجيءَ جي ڪري يا سبب. ٩. جسم، بدن، دل. ١٠. فنا نابود. ١١. پوئينءَ رات جو، فجر مهل، صبوح جي وقت، قيامت جي ڏينهن. ١٢. ميلاپُ يا گڏجاڻي (ڪري). ١٣. آرامي ٿي يا راحت حاصل ڪري (اتيان). ١٤. اي پرين، اي محبوب. ١٥. هجين. ١٦. ڏور، دور. ١٧. اصل، بنهه، هرگز. ١٨. ساهَ ڪي، دل کي، جان کي. ١٩. گذارو ٿئي. ٢٠. تن کي، دل کي. ٢١. قرارُ، آٿت، خاطري. ٢٢. ويجهو، قريب. ٢٣. اَچ. ٢٤. سسئيءَجي محبوب جو نالو. ٢٥. سواد، خيالُ. ٢٦. دل تان لهي. ٢٧. بي وسي، لاچار، هيڻيءَ،نماڻيءَ. ٢٨. حيلا، ڪوششون. ٢٩. واسطي، لاءِ. ٣٠. ڪوهه يعني جبلجي رهاڪوءَ(پنهونءَ). ٣١. معلوم ڪيائين. ٣٢. ڏوٿين کان، جهنگلي وٿن ۽ ٻوٽن مان حاصل ٿيل اناج يعني ڏٿ تي گذارو ڪندڙن ياپيٽ پاليندڙن کان. ٣٣. جا. ٣٤. مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن. ٣٥. پتا، خبرون، سُڌيون، پارَ. ٣٦. لس بيلي ۾ هڪ جبل جو نالو. ٣٨. ڳولي، ووڙي. ٣٨. لس جو، لس بيلي جو. ٣٩. مري، قبر ۾ داخل ٿي. ٤٠. سنگهرجي (سنگهر جو مڪان پنيورڪان اٽڪل ٦٤ ميلن جي مفاصلي تي جبل جي گول قطار ۽ دائري اندر هڪ وڏو ميدان آهي جنهن ۾ جبلن جون قطارون زنجير وانگر ڪڙو ڪڙي سان آهن). سسئيءَ ۽ پنهونءَ جون قبرون هن ميدان ۾ آهن. ٤١. پٽن ۾، ميدانن ۾.

٩

ڏوٿيا[1] ڪو اونين[2] جو، مون کي اُهڃ[3] ڏئو،
سڄ[4] ڪي[5] سات[6] نئو[7] پنهون[8] منهنجو پاڻ سين.

١٠

ڏوٿين چيس[9] ڏور[10]، ڪيچ[11] اڳاهون پند[12] تئو،
پاڻان[13] چڙهي پور[14]، وک[15] وڌائين وتري[16].

١١

تان[17] ڪا ور[18] ڪجا[19]، ڪميٽيءَ[20] تي ڪيچيا[21]،
آئون اوهان جي آهيان، ٻانهي[22] ٻاروچا[23]،
دلاسي[24] دوستا[25]، متان مونکي ڇڏين[26].

١٢

تان ڪا ڪجا ور، ڪميٽيءَ تي ڪيچيا،
آئون اوهان جي آهيان، ٻندي[27] ٻي سمر[28]،
ڪو ڪوهيارا[29] ڪر[30]، دلاسو دلگير[31] ڪي.

---

١. اي ڏوٿيو (جهنگلي وڻن ۽ ٻوٽن مان پيدا ٿيندڙ ان تي گذر ڪندڙن کي ڏوٿي چوندا آهن)، ٢. اٺن وارن، جتن يعني پنهونءَ ۽ ان جي پائرن، ٣. ڏس، پتو، نشان، ۴. واقعي، ۵. ڇا، ٦. قافلي، ٧. وٺي ويو، ٨. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٩. جواب ڏنس، ١٠. پري، آڳاهون، اڳيرو، ڏکهو، ١١. رياست مڪران جو هڪ شهر جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو، ١٢. مفاصلو، ١٣. پاڻمرادو، ١۴. پورَ ۾، خيال ۾ (چڙهي پور= خيال ۾ اچي يا محو ٿي)، ١۵. قدمُ، هلڻ يا پنڌ ڪرڻ وقت ٻنهي پيرن جي وچ وارو مفاصلو، ١٦. تڪڙي، تکي، تيز، ١٧. تہ، ١٨. مهرباني، حمايت، مدد، ١٩. ڪجو، ٢٠. بدڪار، نيچ، ڪم ذات، ٢١. اي ڪيچي، اي ڪيچ جي رهڻ وارئو، ٢٢. گولي، نوڪرياڻي، ٢٣. اي ٻروچئو، اي پنهون، ٢۴. دلاسي ڪان، ڏڍَ يا آسري يا آٿت ڪان، ٢۵. اي دوس، اي دوست يعني پنهون، ٢٦. ڇني ٻري ڪرين، ٢٧. غلام، ٻانهي، ٢٨. ٻي سمر= ٻنان توشي، سُڃي، ٢٩. اي ڪوهيارا، اي ڪوهہ جي رهڻ وارا، اي جبل جي رهڻ وارا يعني پنهون، ٣٠. ڏي، ٣١. غمگين.

١٣

آيَلِ[١] ٻاروچَنِ[٢] تي، جيڪَرَ[٣] ڪَريانِ ڳالهه[٤]،
چُوندا[٥] لاتِيئِي[٦] لاڳِ[٧]، مُنڌَ[٨] ڪِي[٩] ڪيچَ[١٠] ڌَڻِيَنِ[١١] سين.

١٤

جيڪا[١٢] ڪَندِي سَڱُ[١٣]، آيَلِ ٻاروچَنِ سين،
اَنگهُنِ[١٤] چاڙهِي اَنڱُ[١٥]، رُوندِي[١٦] سا رَتَ[١٧] ڦُڙا[١٨].

١٥

جيڪا ڪَندِي نِينهُن[١٩]، ٻاروچاڻِيءَ[٢٠] ذاتِ[٢١] سين،
سِڪَڻُ[٢٢] سارو ڏِينهُن، چَڙهَڻُ چاڙهِيڪَنِ[٢٣] تي.

١٦

جيڪا ڪَندِي[٢٤] مَنجهُه[٢٥]، مُون جيئَن ٻاروچَنِ سين،
مَٿان[٢٦] ڳَلَنِ[٢٧] هَنجُ[٢٨]، ڪِينَ لاهِيندِي[٢٩] ڪَڏهِين.

١٧

مُون جيئَن مُلاقاتَ[٣٠]، جي هُيانؤَ[٣١] هوتَ[٣٢] پُنهُونءَ[٣٣] سين،
ٻانهُنِ[٣٤] وِجهِي[٣٥] واتَ[٣٦]، رِيهُون[٣٧] ڪِيانؤَ[٣٨] رِجَنِ[٣٩] ۾.

١. اي آيل، اي امڙ. ٢. بروچن، بلوچن يعني پنهونءَ جي پائرن. ٣. جيڪڏهين. ۴. شڪايت. ۵. چوندا. ٦. تولاتي، تو ختم ڪئي. ۴. واسطو، ناتو، لاڳاپو. ٨. اي منڌ، اي زال (سسئي). ٩. ڇا. ١٠. ڪيچ جي (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ١١. مالڪن. ١٢. جيڪڏهين ڪا. ١٣. دوستي، ناتو. ١۴. انگهن تي، وڻ يا سڪل ڪاٺ جي ٻاهر نڪتل ڪتين يا وريل نوڪن تي (جن ۾ ڪٺل يا ذبح ٿيل جانورن کي ٽنگي انهن جون کلون لاهيون آهن يا عضوا ڪپيا آهن). ١۵. جسم، بدن. ١٦. اکين مان وهائيندي. ١٧. رت جا، خون جا. ١٨. لڙڪ، ڳوڙها. ١٩. عشق، محبت، پيار. ٢٠. بروچن يا بلوچن جي (پنهونءَ ۽ ان جي پائرن جي). ٢١. آکهه، خاندان. ٢٢. واجهائڻ، انتظارڪرڻ، تڪڻ. ٢٣. جبلن جي چوٽين، يعني چاڙهين. ٢۴. اوريندي، ٻڌائيندي. ٢۵. راز، ڀيد، انت، ڳجهه، اندر جو حال. ٢٦. تان. ٢٧. رخسارن، ڳٽن. ٢٨. اکين جو پاڻي، لڙڪ، ڳوڙها. ٢٩. ختم ڪندي، بند ڪندي. ٣٠. واقفيت، ميلاپ، ڏيٺ، ديدار، رهاڻ. ٣١. جيڪڏهين. ٣٢. اوهان جي هئي. ٣٣. محبوب (پنهونءَ) (سسئيءَجو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ٣۴. ٻانهن ۾، ٻاڙن ۾. ٣۵. هئي. ٣٦. چڪَ. ٣٧. دانهون، رڙيون. ٣٨. اوهان ڪيون. ٣٩. رڻ پٽن.

١٨

ذَنَان[1] جيٰ[2] بَروچُ[3]، مُون جيئَن[4] هوٰتُ[5] اَکيُن سين،
مُون کي چَئِي لُوچُ[6]، پَاڻِ[7] چُليٰ[8] پيتيُون[9] چَپَرين[10].

١٩

ذَنو جَن هيڪارَ[11]، آريَاڻي[12] اَکيُن سَان،
وِئو تَنِ[13] نَہ وِسَري[14]، بَاروچو[15] بِيهارَ[16]،
تَني سَندا[17] پَارَ[18]، پِتَنَ[19] ۾ پَدرا[20].

٢٠

جيڏيُون[21] ڏسو[22] ڪيچُ[23]، جو[24] ڏيهُ[25] بَاروچَن جو،
پُنهُونءَ وِڏمِ[26] پيچ[27]، نِسوروئي[28] نينهَن[29] جو.

٢١

پُنهُونءَ جي پَابوهَ[30]، آنَ[31] جيٰ[32] ڏِني جيڏيُون،
سَنجهي ۾ صُبُوح[33]، هُوندَ[34] نَہ وِيَانئو[35] وِسري[36].

٢٢

بَاروچو بِيءَ رُوءِ[37]، جيڪُس[38] ذِنو جيڏِين[39]،

---

١. اوهان ڏنو. ٢. جيڪڏهين. ٣. بلوچ يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون. ۴. وانگر. ۵. محبوب. پنهون (پنهون بلوچ قوم جي قبيلي مان هو). ٦. ڳولا يا تلاش ڪر. ٧. خود. ٨. ڊوڙي. ٩. گهڙي وڃو ها. ١٠. ڇپرن ۾. جبلن ۾. ١١. هڪ دفعو يا ڀيرو. ١٢. آري. پنهون (هوت قبيلي جي جنهن قبيلي مان هو. سردارجو لقب آري هو). ١٣. تن کي. ١۴. ڀلجي. دل تان لهي. ١۵. ٻروچ يا بلوچ يعني پنهون. ١٦. ٻي دفعي يا ڀيري. ١٧. جا. ١٨. نشان يا اُهڃاڻ (سڃاڻپ لاءِ). ١٩. ماتم ڪرڻ. روئڻ. ٢٠. عيان. ظاهرَ. ٢١. اي جيڏيون. اي سرتيون. ٢٢. پسو. ٢٣. رياست مڪران جو هڪ شهر. جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندوهو. ٢۴. جيڪو. ٢۵. وطن. ديس. ملڪ. ٢٦. مونکي وڌو. ٢٧. وَڪڙُ. وَرَ. ٢٨. خالص. نج. ٢٩. عشق. محبتَ. پيارَ. ٣٠. مُرڪ. مشڪڻُ. کِلَ (چپن ۾). ٣١. اوهان. ٣٢. جيڪڏهين. ٣٣. سنجهي جو توڙي صبوح جو. ڪنهن بہ وقت. ٣۴. شايد. ٣۵. اوهان کي وئو. ٣٦. دل تان لهي. ٣٧. طرح. نموني. ٣٨. جيڪڏهين. جيڪر. ٣٩. جيڏين. سرتين.

سَنجهي ۾ صُبُوح[1]، هُوندَ[2] نَہ وِئَڙو وِسَري[3].

۲۳

پَاروچو[4] پِيءَ پَٽِ[5]، جيڪُس[6] ڏِنو جيڏِين[7]،
مُون جيئَن[8] مُوڙهِين[9] مَتِ[10]، پَسَنديئِي[11] پُنُهونءَ کي.

۲۴

جي تو[12] ڳالهائي[13]، مَاءُ[14] پَاروچا[15] پُڇَئا[16]،
أُنهِين جي[17] وائي[18]، هُوندَ نَہ وِيئِي[19] وِسَري.

۲۵

پَاروچا پِئَا ڳَهَٽَا، مُنهنجو اَتَلُ[20] آريَاڻِي[21]،
چُوندي[22] رِکيِمُ[23] چِتَ[24] ۾، سَاجَنُ[25] سُجَاڻِي[26]،
ٿَکيءَ[27] کي ٿَرَن[28] ۾، پَهچَائي[29] پَاڻِي[30]،
جَا وِندُرِ[31] وِکَاڻِي[32]، تَنهِن جو مُوٽَڻُ[33] کو مَسَ[34] ٿِئي.

۲۶

پَاروچا پِئَا ڳَهَٽَا، پُنُهون سَرُ[35] سَيَّنِ[36]،
چَانگي[37] تي چَڙهِي[38] ڪَري، ڪَندو وَڙُ[39] وِلهِيُنِ[40]،

---

۱. سنجهي ۾ صبوح=ڪنهن بہ وقت، ۲. جيڪر، شايد، ۳. ڀلجي، دل تان لهي، ۴. پروچ يا بلوچ يعني پنهون سسئيءَجو محبوب، ۵. طرح، نموني، ٦. جيڪر، ۷. جيڏين، سرتين، ۸. وانگر، ۹. بطال ٿين، خطا ٿين، گم ٿين، ۱۰. هوش، عقل، ۱۱. ڏسنديئي، ڏسڻ شرط، ۱۲. جيڪڏهين، ۱۳. گفتگو ڪري، ڪچهري يا رهاڻ ڪري، ۱۴. اي ماءُ، اي امڙ، ۱۵. پروچ يعني پنهون ۾ ان جا پائر، ۱٦. پرکئا، آزمايا، سچاتا، ۱۷. انهن (پروچن)، ۱۸. ڳالهہ، بات، يادگيري، ۱۹. توکي ويئي، ۲۰. سوڌو، سچار، اڻ ڳسَ، ضرور، اينڌڙ، ۲۱. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي، جنهن مان پنهون هو ان جي سردار جو لقب آري هو)، ۲۲. پسند ڪري، ڏٺي، چُٽي، انتخاب ڪري، ۲۳. مون رکئو، ۲۴. دل، ۲۵. سجڻ، محبوبُ، ۲٦. پرکي، آزمائي، قدر شناسي ڪري، ۲۷. عاجزَ، مانديءَ، ضعيف، ۲۸. برن، رڻ پٽن، ۲۹. رَسائي، ۳۰. جَرُ، آبُ، (پهچائي پاڻي= مدد ڪري)، ۳۱. وندرَ ۾ (لس ٻيلي ۾ وندر نالي هڪ جبل، ڳو ۾ نئن آهي)، ۳۲. وڪرو ٿي وئي، قربان ٿي، مري ختم ٿي وئي، ۳۳. واپس ٿيڻ، ۳۴. مشڪل، ۳۵. سردار، ۳٦. سيني (پروچن) جو، ۳۷. اٺ، ۳۸. چڙهي ڪري= سوار ٿي، ۳۹. مهرباني، احسان، ۴۰. ولهين تي، سُڃين تي، ڪنگالن تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَتي[1] مَعذُورِن[2]، هوتُ[3] ذَرِبندو[4] هَتَڙا[5].

٢٧

مَانَ نَہ[6] بَاروچَا هُونِ[7]، ڏِٺَمِ[8] اُنَ اکيُن سين،
جَني ڌَارَان[9] پُونِ[10]، مُوربِسَر[11] اکيُنِ ۾.

٢٨

ڪَنهِن جِنهِن[12] نينهَن[13] لَڏَاهُ[14]، جِيئَن[15] مُون[16] وَاجَهائينديءَ[17] نَہ[18] وَرِئَاهُ[19]،
جيڪي مُئيءَ[20] ڪَنداهُ[21]، سو جَانِبَ[22] ڪَرِئو جِيئَري[23].

٢٩

مَچُڻُ[24] ٿِيين مَلُورَ[25]، ڪِينَ اَڳَاهِين[26]، آهِيين،
ڏِسڻَ[27] ڪَري ڏُورِ[28]، حَدَ[29] ٻِنهِي جي هيڪِڙي.

وائي

مُنهنجي حُجَتَ[30] نَاهي وَاتَ[31]، جِيجَان[32] تَنِ جَتَنِ سين،
تَازو[33] پيرُ[34] پُنهُونءَ جو، لُڙئو[35] مَنجهہ لُڙاتَ[36]،
مَارِئو ڪِيمَ مُنِيءَ ڪي، ڪيچِي ڪَاهي ڪَنوَاتَ[37]،
نِهَاربنديس[38] نِڪَٽي[39]، ڳُوڙهَن[40] پَرِئو ڳَاتَ[41]،
ڏِنَمَ ڏُکوبُنِ جَا، چَپَرَ ۾ چُونَچَاتَ[42].

---

١. تي. ٢. عذروارين، جڏين، بيمار زالن، ٣. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ۴. رکندو. ۵. هَٿَ (هتڙا ڌريندو= مهرباني ڪندو، سهارو ڏيندو). ٦. مان نہ= شال، خدا ڪري، ٧. ٻروچ يا بلوچ يعني پنهون ۽ ان جا پائر. ٨. مون ڏٺا، ٩. ڪان سواءِ، ١٠. پوَن، ١١. چاليون، ڦلا، موتيو پاڻي، ١٢. اهڙي، ١٣. نينهن کي، عشق کي، ١۴. هٿ ۾ اچي ويا آهيو، قبضي ۾ اچي ويا آهيو. ١۵. جو. ١٦. منهنجي، ١٧. انتظار ڪندي، سڪندي، ١٨. نٿا، ١٩. ورو، موٽو. ٢٠. مئي کان پوءِ، مرڻ کانپوءِ، ٢١. اوهين ڪندا، ٢٢. جاني، دلبر، دوست. ٢٣. حياتيءَ ۾، زندگيءَ ۾، ٢۴. متان. ٢۵. ملول، غمگين، ٢٦. پري، ڏور. ٢٧. پسڻ، ٢٨. لاءِ، واسطي، ڪاڻ، ٢٩. آخري جاءِ يعني مرڻ کانپوءِ واري جاءِ، ٣٠. حجت جي، حَج جي، گستاخي يا حقداريءَ جي، ٣١. رستو، ٣٢. اي جيجان، اي جيجل، اي امڙ، ٣٣. هاڻوڪو، ٣۴. پير جو نشان، ٣۵. گم ٿي ويو، ٣٦. غُبارَ، لَٽَ، ٣٧. اٽَ، ٣٨. ڳوليندي‌س، ٣٩. ضرور، ڪهڻو. ۴٠. ڳوڙهن سان، لڙڪن سان، ۴١. ڳَلَ، رخسارَ، ۴٢. سوسرات، دانهون.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسيني

داستان انون

①

ووءِ[1] ووءِ ڪَنِدي وَتُ[2]، مَچُڻ[3] ووءِ وِسارِين[4]،
رَنُدَنِ[5] مَتي[6] رَتُ[7]، هَارِ[8] تَه مِلين[9] هوتَ[10] ڪي.

٢

ووءِ ووءِ ڪَنِدي وَتُ، مَچُڻ ووءِ وِسارِين،
پَاٽِي[11] هَارِ مَ پَدِرو[12]، روُ[13] مَنجَهائِين[14] رَتُ،
صَبُرُ[15] وِڌو سَتُ[16]، سِگهَا[17] مِيڙي[18] سُپِرِين[19].

٣

ووءِ ووءِ پِڻ وِيئِي[20]، رَنُنِ[21] ڪَارَڻِ[22] جَا[23] هُئِي[24]،
پُنُهونءَ ڪي پَيئِي، رُوندِي ڪير رَتَ ڦُڙَا. *

۴

ووءِ[25] ووءِ وِڌُوٽَا[26]، ووءِ ووءِ وَجَنِ نِگَئَا[27]،

---

١. ووءِ ووءِ= واويلا، عشق جي درد جو ذڪر. ٢. هَلَ، ڦِرَ. ٣. متان. ۴. ٻلجي وڃين. دل تان، لاهي ڇڏين. ۵. (جبل جي) رستن، گسنِ. ٦. تي. ٧. رَتَ يا خون جا لڙڪ. ٨. وَهاءِ. ٩. گڏجين. ١٠. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ١١. اکين جا لڙڪ يا ڳوڙها. ١٢. ظاهري طرح، کليو کلايو. ١٣. روءِ. ١۴. اندر ۾، دل ۾. ١۵. ماٺ. ١٦. طاقت، سگهه. ١٧. ترت، سنت، جلد. ١٨. ملائي. ١٩. پرين، محبوبَ. ٢٠. بند ٿي (مون لاءِ). ٢١. مڙس مري ويل زالن، ڏهاڳڻين. ٢٢. لاءِ، واسطي. ٢٣. جيڪا. ٢۴. رواج ۾ هئي * رنن زالن لاءِ جيڪو روئڻ جو رواج آهي سو پڻ منهنجي لاءِ بند ٿي ويو آهي (گهڻي غم سبب روئڻ بند ٿيو آهي)، هاڻي باقي ٻي ڪير پنهونءَ لاءِ رت ٻئي رئندي. ٢۵. هاءِ هاءِ، افسوس. ٢٦. ڏمرڻا، ڪاوڙيا، ناراض ٿيا. ٢٧. (پنهونءَ کي ڪٺيو) نکتا وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَذِئو[1] جي کُهِي[2]، تَہ هيڪاري[3] هورُ[4] لَهي[5].

۵

مارِئو جي مَعذُور[6]، تَہ هَٿائِين[7] هورُ لَهي،
ساجَنَ[8] آهِنجي[9] سُوزِ[10]، ڪِيئَن[11] جِيان ٿي ڪيچِيا[12].

۶

مَري ٿِيندِيس مُڃ[13]، جَتَنِ[14] ڪارڻِ[15] جيڏيُون[16]،
ڪَري ڪوهِيارو[17] سُڃ[18]، وِئو چُلائي[19] چِپرِين[20].

۷

مَرُ مَتا ڏيئي[21]، پُنُهون ڪارڻِ پَبَ[22] ۾،
تَہ سَرتِيُون سَيِيئي، واڪاڻِينئي[23] وِينِيُون.

۸

مَرَان تان[24] قُربانُ[25]، ساهَ[26] پِريان[27] تان صَدقو،
سَندو[28] مَحَبَتَ[29] مانُ[30]، وِبهي ڪِيئَن وِڃايان[31].

۹

مَري جي وِيڙِي، تَہ ڪِهَڙو ٿورو[32] سَڄَڻين[33]،

---

۱. جيڪڏهين، ۲. قتل ڪري، ماري، ۳. صفا، بنهہ، ۴. فڪر، ڳڻتي، خوف، ڊپ، ۵. ختم ٿئي، ۶. معذور ڪي، جذيءَ ڪي، (عشق جي) بيمار ڪي، ۷. مرڳوئي، پاڙ وڍيڪ، ماڳهين، صفا، بنهہ، ۸. اي ساڄَنَ، اي سڄڻ، اي محبوب، ۹. اوهانجي، ۱۰. سور جي ڪري، سورَ جي سبب، درد جي ڪري، ۱۱. زندهہ يا حيات رهان، ۱۲. اي ڪيچي يا ڪيچ جي رهڻ وارئو (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ۱۳. پائمال، ناس (سَرَ جي ڪانن جي ڪٽيل ڪلن کي مُڃ چوندا آهن)، ۱۴. اوٺين (پنهون ۽ ان جي ڀائرن)، ۱۵. واسطي، ۱۶. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۱۷. ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ وارو (پنهون)، ۱۸. ويراني، ڀينگ، ۱۹. ڀٽڪائي، ۲۰. ڇپرن ۾، جبلن ۾، ۲۱. مٿا ڏيئي = ڪشالا ڪري، سورَ سهي، سِرُ ڏيئي، قربان ٿي، ۲۲. هالار جبلن جي ڏاڪٽي قطار جو نالو پب آهي، ۲۳. تنهنجي واکاڻ يعني تعريف يا ساراهہ ڪن، ۲۴. تہ، ۲۵. قربان ٿيس، صدقي ٿيس، گهورجي ويس، ۲۶. پساهہ، جان، ۲۷. پرينءَ يا محبوب، ۲۸. جو، ۲۹. پيارَ، ۳۰. شانَ، عزت، ۳۱. ضايع ڪريان، ۳۲. احسان، ۳۳. سڄڻ کي.

تو جيھي تيڙِي، دَرِ پَاروچي ڪيتَرِيُون.

١٠

مَرُ مَرَان مُون ڪَمُ، اَڪَمِي ڪَامَ مَرِي،
دوسِتَ پُڄَاڻَان دَمُ، رَهِي سَا رَنَ تِئِي.

١١

مُيَسِ مَرُ مَرَان، سُيَسِ وِچِ سَرتِيِن،
اَدِيُون آرِيچَنِ جِي، سُورَنِ مَنجھ سَڙَان،
پُورِهِيَتِ تِي پَرَان پَاسِي پُنهُونءَ جَامَ جِي.

١٢

اَڳِي پوءِ مَرَان، مَرُ مَرَان مَارَڳِ ۾،
مَتِي پوءِ پِريَان، خُونُ مُنهِنجو جيڏِيُون.

١٣

جُهونگارِبندي جَهنگِ ۾، جي تِي مَرَان آنءُ،
تَہ پوءِ سِرِ پِريَان، خُونُ مُنهِنجو جيڏِيُون.

---

١. جهڙي، ٢. خراب، بدڪار، ٣. در تي، دروازي تي، چانئٺ تي، ۴. ٻاروچي جي، ٻروچ يا بلوچ (پنهونءَ جي)، ۵. تمام گهٽيون، ٦. پل تہ، بيشڪ، ٧. مون کي، ٨. غرض، ڪاڻ، مطلب، ٩. بي ڪمي، بنان ڪم واري، ١٠. يار، سڄڻ، ١١. ڪان پوءِ، ڪان بعد، ١٢. گهڙي، پلڪ، پل، ساعت، ١٣. جيئري يا زندھ رهي، ١۴. زال جنهنجو مڙس مري ويو هجي، ڏهاڳڻ، ١۵. آئون مري ويس، فوت ٿيس، ١٦. ٻڌڻ ۾ آيس، مشهور ٿيس، ١٧. ۾، ١٨. سرتين، جيڏين، ١٩. اي اديون، اي ڀينر، ٢٠. آريءَ جي اولاد (هوت قبيلي جنهن مان سسئيءَ جو محبوب پنهون هو ان جي سردار جو قلب آري هو)، ٢١. دردن، غمن، ٢٢. جلان، پچان، ٢٣. نوڪرياڻي، ٻانهي، گولي، ٢۴. پلجان، نپجان، ٢۵. پاسي ۾، پر ۾، پاڙي ۾، ٢٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢٧. رستي يا پيچري (محبت جي)، ٢٨. مٿي تي، سر تي، ٢٩. پوندو، ٣٠. پريان جي، پرين جي، محبوب جي، ٣١. قتل، موت (قتل جي ذريعي)، ٣٢. اي جيڏيون، ٣٣. آهستي يا جهيڻي آواز ۾ روئندي يا پارَ ڪيندي، ٣۴. رڻ پٽن، ٣۵. جيڪڏهين، ٣٦. آئون، ٣٧. سر تي.

١٤

جُهونگارِيندي[1] جَهنگَنِ[2] ۾، جيَ[3] ڪُتَنمِ[4] ڏِينهَن،
تَه ڪَرَ[5] مُنهِجي نِينهَن[6]، اَپَرِ[7] لاَئُون[8] لَذِيُون.

١٥

لَڳَندي[9] لَڪَنِ[10] سين، آئُون جي مَران ايئَن،
مَاءُ[11] مُنهِنجي نِينهَن، تَه ڪَرَ لاَئُون لَذِيُون.

١٦

مَري وِينديَس ماءُ، لَڪَ لَنگهَندي لَڪِيُون،[12]
وَجي ڪيچ[13] قَرارَئا[14]، جَتَ[15] پَنهِنجيءَ جَاءِ،[16]
روئَڻ[17] رَتَ جُڳاءِ[18]، تَنِ هوتَنِ[19] جي هيڪاند[20] لَيءِ.[21]

١٧

رُئان رَتَ نَه نِڪِري، پَاٽي[22] نَه پَازِين،[23]
سَا پَرِ[24] هوتَ نَه سِڪَئا، جَنهِن پَرِ[25] جِيارِين،[26]
مُون ڪي ٿا مَارِين، جِيجَان[27] جوش[28] جَتَنِ جَا.

---

١. آهستي يا جهيٽي آواز ۾ رئندي يا پلاڙ ڪيندي، ٢. رڻ پٽن، ٣. جيڪڏهين، ٤. منهنجا ڪُتن يا ڪهٽ ٿين يا پورا ٿين (ڪتنم ڏينهن= آئون مري ويس)، ٥. شايد، جيڪر، ٦. محبت، پيار، ٧. بي حد، تمام گهڻيون، بيشمار، ٨. واحد لاَئَن= شاديءَ جي وقت گهوٽ ڪنوار جا مٿا نمائي آهستي آهستي پاڻ ۾ ٽڪرائڻ واري رسم (لائون لذيون= شادي ڪئي يعني ڪاميابي يا مقصد حاصل ڪيو)، ٩. ٽڪرجندي، ١٠. جبلن، ١١. اي ماءُ، اي امڙ، ١٢. ننڍا ننڍا جبل، جبلن جا سوڙها ۽ مشڪل لنگهہ يا پيچرا، ١٣. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ١٤. آرامي يا آسائشي ٿئا، ١٥. اوڏي (پنهون ۽ ان جا پائر)، ١٦. جاءِ ۾، ماڳ ۾، گهر ۾، ١٧. رت گڏيل لڙڪ يا ڳوڙها، ١٨. جڳائي، مناسب آهي، واجب يا لازم آهي، ١٩. محبوبن (پنهونءَ) (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٠. وصل، ميلاپ، ٢١. واسطي، ڪاڻ، ٢٢. آبُ، جَرُ، ٢٣. (رت جي) برابر سمجهن، قبول ڪن، ٢٤. ريت، طريقو، ٢٥. پر سان، طريقي سان، ٢٦. جيئرو يا زنده رهڻ ڏين، ٢٧. اي جيجان، اي جيجل امان، ٢٨. پُورَ، جذبا، اُڌما.

١٨

نِمَاڻيءَ جي نِجُهري رُوئَڻُ ۽ رَاڙو،
ڪُنَلِ سَنڌي قَلبَ ۾، قُربَ جو ڪَاڙهو،
هوتَنِ لَيءِ هَاڙهو، رِجَائِيندِيَس رَتَ سين.

١٩

روئِي ڪَنديِنءَ ڪوهَه، هَاڻي ڪو هوتُ وَرِي،
جِيڏو جُتَ ڪَري وِئَا، سَاٿَسِ سِيڻَ سِتوهُ،
ڏوهِي اَتَئَانِ ڏوهُ، مَتَان ڪَا مُون سين ڪَري.

٢٠

جُويَنُ جَانَبَ لاَءِ، نِيئي وِجُهه نِڪُوجَ ۾،
روئِي رُوپُ وِجَاءِ، پَسَڻَ ڪَارَڻِ پِرِينءَ جي.

٢١

رو وِسَائي رَاندِ، پَهه پَرُوڙِجِ سَاٿَ جَا،
هوتَنِ سين هيڪَاندِ، هُيَئِي بَتي ڏِينهَڙَا.

---

١. مسڪين، عاجز، لاچار، ٢. نجهري ۾، جهوپڙي ۾، گهر ۾. ٣. روڄ، ماتم. ۴. (عشق جي) قتل ڪيل يا وڍيل يا ماريل، قتيل. ۵. جي. ٦. دل. ٧. پيارَ، محبت. ٨. تابش، تپش، گرمي، باهہ. ٩. محبوبن (پنهونءَ) (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قومَ جي هوت قبيلي مان هو). ١٠. ڪاڻ، واسطي. ١١. لس ٻيلي جي اولهہ طرف هڪ جبل جو نالو. ١٢. ڀُسائيندي‌س، آلو ڪنديس. ١٣. ڇا. ١۴. موٽي. ١۵. تمام وڏو. ١٦. اوٺي (پنهونءَ جا پائر). ١٧. ان (سسئيءَ) سان. ١٨. سڄڻ (پنهون ۽ ان جا پائر). ١٩. ظلم. ٢٠. قسم، سُنهُ. ٢١. اوهان کي آهي. ٢٢. دغا، فريب، ٺڳي. ٢٣. جواني. ٢۴. جانيءَ، محبوب. ٢۵. نڪونجهہ، اوڙاهہ. ٢٦. صورت، سونهن، سوڀيا. ٢٧. ناس يا چٽ ڪر. ٢٨. ڏسڻ، ديدار. ٢٩. محبوب. ٣٠. لڙڪ يا ڳوڙها ڳاڙ. ٣١. اُجهائي، ختم ڪري. ٣٢. رونشو، تماشو، ڪل خوشي. ٣٣. خيال، ارادا. ٣۴. معلوم ڪج. ٣۵. قافلي (پنهون جي پائرن جي اٺن جي). ٣٦. وصل، ميلاپُ. ٣٧. تنهنجي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٢

رُئَان تَان رَانْد، کِلاَن تَان کَامِي هِنيُون،
جَهْلِئَان جِهِيٽُو نہ ٿئي، جو جَرُ نيٽين پَانڊ،
اَکَڙِيُون وِبِسَانڊِ، پِرِينءَ گَڏِجِي کَنڊِيُون.

٢٣

وَسِي وِسَاٽِيُون، رَتُو روئي پِرِينءَ کي،
پِييُون کَٽَنِ پَبَ ڏي، نَظَرَ نِمَاٽِيُون،
سِي کِيئَن بِيلِيَاٽِيُون، جَنِ وِينڊو هوتَ نَہ وَارِئو.

٢٤

وَسِي وَسِي مِينهُن، جِيئَن لَٿي وِيَس کِيهَہ،
تَوءِ پِرِيَان جي ڏِيهَہ، پِيئي پُڇي خَبَرُون.

٢٥

کَاٽي کَيرِن هِيٺ، وِينِي روءِ رَتَ ڦُڙَا،
کَا مُون ٿِينڊِي ڏِيٺِ، بِيهَر بَاروچَنِ سين.

---

١. تہ. ٢. رؤنشو، تماشو. ٣. جلي، سڙي. ۴. دل. ٥. روڪنان. ٦. مائو، جهڪو، گهٽ. ٧. پاٽي (لڙڪ، ڳوڙها). ٨. نيٽن، اکين. ٩. ۾. ١٠. آرام، ويساهي، ساهِي. ١١. پرينءَ کي، محبوب کي. ١٢. ملي. ١٣. (مينهن وانگر) پاٽي وهائي، روئي. ١۴. ساٽيون ٿيون. بي حال ٿيون، مانديون يا ٿڪجي پيون، بس ٿي ويون ١٥. ڳاڙهو (پاٽي)، رت ڳاڙهان لڙڪ يا ڳوڙها. ١٦. هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پب جبل چوندا آهن. ١٧. نگاهہ. ١٨. ويچاريون، مسڪين، عاجزياٽيون. ١٩. اکين ڏانهن اشارو جن نند ڪري سسئيءَ جو محبوب پنهون وڃايو. ٢٠. ڪهڙي طرح يا نموني. ٢١. ساٿياٽيون، مددگار، سڄڻ. ٢٢. محبوب (پنهون) سسئي. ٢٣. موٽايو، واپس ڪئو. روڪئو. ٢۴. ڍڪي، پوري. ٢٥. مٽي، دز، خاڪ. ٢٦. تنهن هوندي بہ. ٢٧. پرينءَ. ٢٨. ڏيهہ جون، وطن يا ملڪ جون. ٢٩. معلوم ڪري. ٣٠. حال احوال. ٣١. جليل يا سڙيل (عشق جي باهہ جي). ٣٢. ڪونيٽ جي وٽن (کير يعني ڪونيٽ جو وڻ ٿرءِ جبل جي علائقي ۾ ٿيندو آهي). ٣٣. تحت. ٣۴. روئي. ٣٥. رت يعني خون جا. رت ڳاڙهين يعني رت مليل پاٽيءَ جا. ٣٦. قطرا، ڳوڙها، لڙڪ. ٣٧. منهنجي. ٣٨. ملاقات، مُکا ميلو. ٣٩. ٻي دفعي يا ٻيري. ۴٠. ٻروچن يا بلوچن يعني پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن.

٢٦

ڪَـــاٽـِـيءَ مَرَ ڪَـــانـــيـــو، مُـــنـــيءَ مَـــڱـــرُ مَرَ ڏِيـــو،
هـيـــڪَـــرَ جَـــهـــايـــو، ڏيـئـي ٻُـرَ لُـهَـــارَ جِـــيـــئَـــن.

٢٧

ڪَـاٽـِيـُـون لُـونِـيُـون اکـيُـون، ڪُـنـيُـون ڪِـينَ ڪُـڇَـنِ،
مُـــنِـــيُـــون مَـــاٺَ نَـــہ ڪَـــنِ، هَـيُـون رَهَـنِ نَـہ هُـوتَ رِيءَ.

٢٨

اکـــيُـــنِ ڪِـــينَ ڪـــئـــو، رَتُ نَـــہ رُنَـــائُـــون،
اُيـــي ڏِنَـــائُـــون، ڦـــوڙَائِـــبَـــا سُـــپِـــرِيـــن.

وائي

لَائَـيُ جَـڙَ جَـنَـنِ سـين، آئُـون جَـا چَـڙهِـي نِـيـنـهَـن نـظَـاري،
آئُـون جَـا ڪُـنـيَـسِ ڪَـاڻِ ڪوهِـيَـاري،
مَـــچُ مُـــنـــهِـــنـــجـــي مَـــنَ تـــي، وِئـــو ٻَـــاروچـــو ٻَـــاري،
ايـــنـــدَا اَتَـــمِ آسَـــرو، واڳَ وِلِـــهَـــيءَ تـــي واري،
اُنـي عـــبـــداللطـيـف رح چَـئـي، مُـون چَـاتـو عَـشـقُ اِزَاري.

١. ڪاٽيءَ ڪي، جليل يا سڙيل ڪي، ٢. جلايو، ساڙيو، ٣. منيءَ ڪي، ڏکن ۾ دردن جي ماريل ڪي، ڪم بخت ڪي، ۴. باهہ، آڳ، ۵. هڪ دفعو يا ڀيرو، ٦. (منهنجي اندر جي باهہ ڪي)، وسايو، گلَ ڪريو، ٺنڊو ڪريو، ٧. ڀاٺيءَ جا ڇنڊا جيڪي لهار گرم ٽيل لوهہ جي اوزار يا هٿيار کي تڪي ۾ مضبوط ڪرڻ جي ارادي سان هڻندا آهن، ٨. نرڄيون، رليل ڏڪا ڪاڏل، ٩. وچوڙي جون ڪُٺل يا ماريل، ١٠. ڳالهائين، سڌ خبر ڏين، ١١. صبر، چُپ، ١٢. نياڳيون، بدبخت، ١٣. صبر يا ماٺ ڪن، ١۴. محبوب (پنهونءَ) (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١۵. ڪان سواءِ، ١٦. ڪجهہ نہ، ١٧. رت جا ڳوڙها، رت ڳاڙهان لڙڪَ، ١٨. ٻيئي، ١٩. جدا ٿيندا، ٢٠. پرين، محبوبَ، ٢١. لڳائي، هٿي، ٢٢. (محبت جي) ميخ، ڪلي، ٢٣. اوڻين (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن)، ٢۴. نينهن جي، محبت جي، ٢۵. نظاري تي، نظر تي (چڙهي نينهن نظاري= محبت جي ور چڙهي يا محبت ۾ ڦاٿي)، ٢٦. قتل ڪيس، فنا يا ناس ڪيس، ٢٧. محتاجيءَ، احتياج، ٢٨. ڪوهياري جي يعني ڪوهہ يا جبل جي رهاڪوءَ جي (پنهونءَ جي)، ٢٩. باهہ جو آڙاهہ، ٣٠. دل، ٣١. ٻروچ يا بلوچ (پنهون)، ٣٢. دکائي، ٻرڪائي، ٣٣. مونکي آهي، ٣۴. آسَ، اميد، ٣۵. اٺ کي هلائڻ لاءِ نڪ ۾ وڌل نوڙي، مَهارَ، ٣٦. سَجيءَ، مسڪين، ڪنگال، لاوارث، ٣٧. ورائي، ڦيرائي، موٽائي، ٣٨. ڪنيو، ٣٩. اجاري تي، ٺيڪي تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ حُسيني

داستان ستون

١

اَجا[١] تي جِيئين[٢]، سَجَڻُ[٣] سارِئو[٤] نَہ مَرين،
وَٽيون[٥] وِهَہ[٦] گاڏئون[٧]، چوري[٨] چو نَہ پيين،
لَڳُئِي ۽ ڪونَہ هِنيين[٩]، ڪو ڳُڻُ[١٠] ٻاروچن[١١] جو.

٢

نَڪي تي جِيان، نَڪي مُئِي آهيَان،
ساجَنَ[١٢] ساهُہ[١٣] ڏِيان، توکي سارِئو سُپِرين.

٣

جي تُون ڪالَهہ مُئِي، تہ ڪالَهہ ئي گڏِي[١٤] پِرينءَ[١٥] کي،
ڪَڏهِين ڪانہ سُئِي[١٦]، تہ ڪا سَگهِي[١٧] گڏِي سَجَڻين[١٨].

۴

ماڳَهِين[١٩] جي مُئِي[٢٠]، هُوندَ[٢١] نہ پيئي مامِري[٢٢]،

---

١. من وقت تائين. ٢. زنده يا جيئري آهين. ٣. محبوب. ۴. ياد ڪريو. ۵. پيالِيون، ڪٽوريون، جامَ، ساغَرَ. ٦. زهرَ يا وِڪَ سان. ٧. گڏيل، مليل. ٨. اي چوري، اي يتيم، اي ندوري، اي نياڳي. ٩. هنيين سان، دل سان. ١٠. ٿورو يا احسان، ڀلائي. ١١. ٻروچن يا بلوچن يعني پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ١٢. اي ساجن، اي سجڻ، اي سپرين، اي پرين. ١٣. پساهہ، دم. (ساهہ ڏيان= مران). ١۴. گڏريل ڏينهن، اڄ کان هڪ ڏينهن اڳي. ١۵. ملي. ١٦. ٻُڌڻ ۾ آئي. ١٧. چڱي ڀلي، تندرست. ١٨. سجڻن کي. ١٩. صفا، بلڪل. ٢٠. جيڪڏهين. ٢١. شايد. ٢٢. مامري ۾، آزارَ ۾، مصيبت ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُون سانگِياٽِيءَ[1] جا سُپِرِين[2]، سَچُ[3] ڪِ[4] سَنبِيُوڙا[5]،
لاٿُمِ[6] نَہ تُوڙان[7]، ماءِ[8] اوسِيڙو[9] اُنِ جو.

۵

گهوڙا[10] گهٽِيءَ پُون[11]، ووءِ ووءِ[12] وِڄَنِ نَڳَئا[13]،
مادرِ[14] مَٿان مُون[15]، ڪانگ[16] لَوندا[17] ڪَڍهِين.

٦

مانَ[18] مَارِ بِندي[19] پِرِينءَ جي، مَٿان رُوئِين[20] رَتُ،
چوري[21] ڇَڏِ[22] مَ سَتُ[23]، هِمَتَ[24] هوتُ[25] وِڃايو[26].

٧

واڪِئو[27] واڪِئو وَڪَ[28]، پابُوهِيو[29] پيرُ[30] ڪَٽِي[31]،
سي نَہ چَڙهَنديون[32] ڏِڪَ[33]، مُوڙي[34] پيرُ مَٿَنِ[35] جي.

٨

وِجُهہ وَڏَندي[36] وِڪَ، مَچِڻُ[37] لَڪَ[38] لَڪائِيين[39]،
ڏُکُ[40] تَنِي کي ڏِکَ، حُبَ[41] جَنِي کي هوت جي.

---

١. چوري ڄڻيءَ، پرديسياٽيءَ، مسافرياٽيءَ، ٢. پرين، محبوب، ٣. واقعي، ۴. ڇا، ۵. سنبريا، تيار ٿيا، ٦. مون لاٿو، ٧. توڙ کان، اصل کان، هرگز، ٨. اي ماءُ، اي امڙ، ٩. انتظار، ١٠. گهوڙا ڙي، هاءِ افسوس، واويلا، ظلم ٿي ويو، ١١. زمين، ڌرتي (گهٽيءَ پون= تمام ڏوراهين پنڌ تي يا مفاصلي تي)، ١٢. هاءِ هاءِ، افسوس، ١٣. نڪريو، هلئا، ١۴. اي مادر، اي امڙ، ١۵. منهنجي (لاش يا قبر)، ١٦. ڪانءَ، زاغ، ڪاري رنگ جا پکي، ١٧. اڏامندا، لاتيون ڪندا، ١٨. صبر، ١٩. فنا ڪندي، ٢٠. روئين رت= رت جا ڳوڙها، اکين مان وهائين، ٢١. اي چوري، اي ڇوڪري، اي الڙ زال، ٢٢. ترڪ ڪر، ٢٣. ستيا، سيلُ، پاڪدامني، لڄ، حياءُ، ٢۴. دليريءَ، سورهيائيءَ، بي باڪيءَ، بي پرواهيءَ، ڇڙواڳيءَ، ٢۵. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٦. گنوايو، رنجايو، ٢٧. تيز يا تکو ڪري، ٢٨. وک کي، قدم کي (هلڻ مهل ٻين پيرن جي وچ واري مفاصلي کي وک چئبو آهي)، ٢٩. مُرڪئو، خوش ٿئو، شوق ڪريو، ٣٠. (پنهونءَ جي) پير جو نشان، ٣١. آهُڙي، ڳولي، ٣٢. رسنديون، پهچنديون، ٣٣. ڏڪَ تي، ڪٽ يا سيج تي (جيڪا شاديءَ جي رسمن ادا ڪرڻ لاءِ گهوٽ کي موڙ ٻڌي وهارڻ لاءِ سينگاري ويندي آهي)، ٣۴. هٿائي، جهلي جهلي، ٣۵. هلن، ٣٦. تڪي، تڪڙي، تيز، ٣٧. متان، ٣٨. ٿوري يا ذري برابر، ٣٩. دل هاريئين، ڪيپائين، گهبرائين، ۴٠. سور، تڪليف، ۴١. محبت.

۹

اَجُ نَہ گــــورا[1] گـــڏ[2]، ولِــهِـيءَ[3] جــي وٿـــاڻَ[4] تـــي،
چـــا ڪــي[5] ڪَـرِيـين[6] سَـــڏ[7]، پِـرِيـن[8] پَـرَاهَـان[9] وِنـا.

۱۰

سَـــڏن پُـنــيءَ[10] سَـــڏڙا، وَاڪـــو وجُـــهـــه وَٽــين[11]،
تُـنهِـنجي پَـنڌِ[12] گَـهـٽين، مَـنَ[13] ڪوهِـيَـارو[14] ڪُـوڪَ[15] سُـٽي[16].

۱۱

سَـــڏن پُـنــيءَ سَـــڏڙا، وَاڪـــو هَـــڏ[17] مَ لاَهــہ[18]،
مَـــان نَـہ[19] تُـنـهِـنـجـي ڪَـا، سَـگـهَـر[20] مِ سَـار[21] تِـئـي.

۱۲

مُـــون سَـــڏِيـنـديءَ[22] سَـــڏڙا، سَـــاٿِـي[23] سَـــڏ نَـہ ڏيِـــن[24]،
وِلــهِـــيءَ جـــي وَٿـــاڻَ تـــي، تـــوڏ[25] نَـــہ تَـــنـــوارِيـــن[26]،
هـــيـــڏا هَـــاڄَـــا[27] تِـــين، بُـــري[28] هِـــن[29] پَـــنِـــيـــور[30] مِ.

۱۳

سَـــاٿِـي نَـہ پَـسَـــان[31] سـي، جـي هُـئَـمِ[32] هِـنِـيـين[33] ٿُـوٽِـيُـون[34]،

۱. اُئن جا ٻچا يا ڦر پر هتي معنيٰ ڏيندي اُٺَ. ۲. پيڙا، همراهہ، موجود، حاضر. ۳. سُڃيءَ، پينگيءَ، ڪنگال، مسڪين، لاوارث. ۴. چوپائي مال جي بيهارڻ جي جاءِ، ٿاڻَ، واڙي. ۵. ڇو، ڇا جي لاءِ، ڪهڙي لاءِ، اجايا. ٦. تون ڪرين. ۷. واڪا، پڪارون. ۸. محبوب، سڄڻ. ۹. پري، ڏور. ۱۰. پٺيان يا پويان (هڪ ٻئي جي). ۱۱. وٽن ۾ (واڪو وجهہ وٽين= ايتري وڏي آواز سان سڏ ڪر جو وٽن ۾ پڙاڏو يا هوبهو ٿي وڃي). ۱۲. پنڌ گهٽين= ڏورانهين پنڌ تي، پراهين مفاصلي تي. ۱۳. شال. ۱۴. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو (پنهون سسئيءَ جو محبوب). ۱۵. واڪو، سڏ، آواز، دانهن، رڙ. ١٦. ٻڌي. ۱۷. هرگز، بنهہ. ۱۸. بند ڪر. ۱۹. مان نہ= شال. ۲۰. راهَہ، رستي، ساٿ. ۲۱. يادگيري. ۲۲. سڏينديءَ سڏڙا= سڏن ڪندڙ کي. ۲۳. ساٿ يعني قافلي وارا ماڻهو. ۲۴. جواب، وراڻيون. ۲۵. توڏا، اُٺ. ۲٦. دانهون ڪن، گجن، ڪٽڪن. ۲۷. وڏا. ۲۸. قهر، ويل، ظلم. ۲۹. ٻجڙي. ۳۰. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٺڪل ٻہ ميل پري هڪ ڳوٺ آهي جتي سسئي رهندي هئي. ۳۱. ڏسان. ۳۲. مونکي هئا. ۳۳. هنين جون، دل جون. ۳۴. ٿنبا، ٽيڪون، آڌارَ، پرجهلا.

هَاٽِي ڪَنِي[1] جي، وَڄِئو اڱَڻِ[2] اُپِيَان[3].

١٤

سَاٿِيَنِ[4] سِيڻِءَ[5] نه جَاڳِيڻِءَ[6]، پوءِ ڪُجَاڙئا[7] روءِ[8]،
اِيءَ[9] پَرِ[10] ڪُپَرهوءِ[11]، جِيئَن[12] هُوءِ سَانگي[13] تُون سُمَهين.

١٥

سَاٿِي[37] تُوءِ[14] هَلَڻِ[15]، پَٿَرُ[16] جي[17] وَارَ[18] ڪَرِيَان،
جيڪُسِ[19] بَاروچَنِ[20]، ڏِٺو عَيبُ[21] اکِيُنِ سين.

١٦

آنِ ڪي سَاٿِي ڏِٺَ[23]، جي مُون وِيڙهِه[24] وڃَايَا[25]،
رُئَان رَتُ[26] مَچُڻَ[27]، هَاٽِي تَنِ هُوتَنِ[28] ڪي.

١٧

اونِيَنِ[29] اُمَارو[30]، مُون[31] جَهلِيندي[32] نه رَهِئَا[33]،
سَاٿِيَنِ سَوَارو[34]، ڪِئو ڪيچ[35] اکِيُنِ ۾.

١٨

وَارو[36] وَڃَن ٿَا، سِيڻَ[22] تُنهِنجَا سَسُئِي،

١. ڪني جي= ڪنهن جي، ٢. اڱڻ تي، صحن ۾، ايوان ۾، پڌر ۾، گهر ۾، ٣. بيهان، رَهان، ٤. ساٿ (پنهونءَ جي پائرن جي اٺن جي)، قافلي وارن، ٥. سان، ٦. بيدار يا سجاڳ ٿيڻ، ٧. ڇا جي لاءِ يا واسطي، ٨. تون روئين ٿي، ٩. اها، ١٠. ريت، روش، هلت، ١١. خراب يا اڻنگي ريت، ١٢. جو، ڇاڪاڻ ته، ١٣. سفر تي ويا يا ويندا، ١٤. ته بہ، تنهن هوندي بہ، ١٥. وڃن، ١٦. پٿراٽي، وڇاڻو، بسترو، ١٧. جيڪڏهين، ١٨. (مٿي جي)، وارن کي، ١٩. شايد، ٢٠. پروچن يا بلوچن (پنهونءَ ۽ انجي پائرن)، ٢١. بُرائي، بڇڙائي، خرابي، ڪَسائي، وڏ، ويڪ، اوڻائي، نقص، ٢٢. اوهان، ٢٣. ڏٺا، ٢٤. ويڙهه ۾، جهنگ ۾، ٢٥. گنوايا، ٢٦. رت جا ڳوڙها يا لڙڪ، ٢٧. ڳاڙهو، لالَ (مڄڻ پسارڪي وکر جو هڪ قسم آهي جنهن مان ڳاڙهو رنگ نڪرندو آهي)، ٢٨. محبوبن (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٩. اوٺين يعني جتن جي (پنهونءَ ۽ ان جي پائرن)، ٣٠. (وڃڻ جو) سانباهو، سنبت، تياري، ٣١. منهنجي، ٣٢. روڪيندي، ٣٣. ترسئا، ٽِڪئا، ٣٤. ساجهر، سوير، ٣٥. رياست مڪران جو شهر جتي پنهون رهندو هو (ڪئو ڪيچ اکين ۾= ڪيچ ڏانهن رخ رکئو يعني وڃڻ لاءِ تيار ٿئا، ٣٦. هاءِ افسوس، ٣٧. سڄڻ، دوست.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِهَڙا[۱] ٻَاروچَا[۲]، ڪٖين[۳] لَهَنديِنءَ[۴] ڪي ٻِئَا.

۱۹

وَاري[۵] وَرَائي، تو پَنهِنجَا[۶] نَه ڪِئَا،
پُوري[۷] رَنجَائي[۸]، هُوندَ[۹] نَه پِيئِين[۱۰] هيتِري[۱۱].

۲۰

اَللهَ[۱۲] واري آڻِ[۱۳]، ٻَاروچَا پَنيِپُورَ[۱۴] ۾،
جَنِي جي رِهَاڻِ[۱۵]، گَهَٽُو اُڪُندي[۱۶] آهِيَان.

۲۱

آيَا آسَ[۱۷] تِئَامِ[۱۸]، ٻَاروچَا پَنيِپُورَ ۾،
پَسِي[۱۹] پَهَرَ[۲۰] پُنهُونءَ جي، نُنهَن[۲۱] سَين[۲۲] نيِڻ[۲۳] نُريَامِ[۲۴]،
گُونَدَرَ[۲۵] وِسَرِئَامِ[۲۶] سُڪَن[۲۷] شَاخُون[۲۸] مُڪِيُون[۲۹].

۲۲

آيَل[۳۰] ٻَاروچَا، وَري وَطَنِ[۳۱] آيَا[۳۲]،
سَائِينءَ[۳۳] صَاب[۳۴] وِڌَا[۳۵]، اوجَاڳَا[۳۶] اکِيُن جَا.

---

۱. اهڙا، انهن جهڙا، ۲. ٻروچ يا بلوچ (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ۳. ٻنهہ، اصل نہ، هرگز نہ، ۴. ڏسندينءَ، حاصل ڪندينءَ، ۵. ورائي، ڦيرائي، موٽائي، واپس ڪري، ٦. عزيز، ڊوست، مٽ، مائٽ (پنهنجا ڪئا= دوست يا عزيز بنايا)، ۷. اي پوري، اي موڳي، اي موڙهل، ۸. رنجائي ۾، ڏک ۾، تڪليف ۾، ۹. شايد، جيڪر، ۱۰. تون پئين يا ٻوين ها، ۱۱. ايڏي وڏي، ۱۲. اي الله، ۱۳. موٽائي، واپس، ۱۴. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل ٻري شهر جتي سسئي رهندي هئي، ۱۵. رهاڻ ڪي، ڪچهريءَ ڪي، ميلاپ يا وصل ڪي، ۱٦. سڪايل، واجهہ وجهندڙ، ۱۷. ڏڍَ، آسرو، آڌارَ، ۱۸. مونکي ٿي، ۱۹. ڏسي، ۲۰. ماڻهو، مٽ، عزيز، ۲۱. هٿن ۽ پيرن جي آڱرين ۽ آڱوٺن جي چوٽين مٿان سخت ڪَلَ، ناخُنَ، ۲۲. تائين (نُنهَن سينءَ= مڪمل طور يا پوريءَ طرح، تمام گهڻو)، ۲۳. اکيون، ۲۴. منهنجو ٺريا يعني ٺڌا ٿئا (نيڻ ٺريامِ= آئون خوش ٿيس)، ۲۵. غمَ، فڪرَ، ۲٦. مونکي وسريا، منهنجي دل تان لهي وئا، ۲۷. واحد سُکَ= آرامُ راحت، آسائش، ۲۸. نشانيون، آثار، ۲۹. موڪليون (شاخون موڪليون= منهن ڪڍئو، شروعات ڪئي)، ۳۰. اي آيل، اي امان، ۳۱ موٽي، ۳۲. وطن ۾ يا ملڪ ۾ يعني ٻنڀور ۾، ۳۳. ڌڻيءَ، خدا، ۳۴. قبول، پسند، سجايا، ۳۵. ڪئا، ۳٦. ڄاڳ، سَجاڳي، شب بيداريون.

۲۳

اَچِئـو مَـرُ[1] اَچَنِ، بَاروچَـا[2] پَنيـورَ[3] ۾،
پُنيءَ[4] لَڳي جَنِ[5]، ڪَميـٽي[6] مَاٺُهو[7] ٿي.

۲۴

هَيْ[8] ٿو وَجي هوتُ[9]، آئُون ڪِيْ[10] اَڳيَري[11] ٿِئَان،
مَتَان چِوءِ[12] بَلوچُ، ڪَميٽيءَ مَان ڪِيَنَ[13] ٿِئو.

۲۵

ڪَميٽِيَنِ هَتَّان[14]، تِينِ مُوراهِيَن[15] مَدِيُون[16]،
تُون ڪَرِ پَاڻَ وَڙَاءِ[17]، مُوتُ[18] سَبَاجَهَا[19] سُپِرين[20].

۲۶

پَلِيْ[21] ڪَرِ ٿِئومِ[22]، هِيءُ سَڳُ[23] بَاروچَنِ سِين،
وَجي ڪِيچَ[24] ڏِئومِ[25]، پُنيءَ لَڳي جَنِ جي.

۲۷

ڪِيچِ[26] ۾ خَبَرَ[27] هوءِ[28]، هِنَ مُنهِنجيءَ ذَاتَ[29] جي،
مَتَان پُنهُونءَ[30] پوءِ[31]، لَڄَ[32] پَنهِنجيءَ لوءِ[33] ۾.

---

۱. پل، بيشڪ. ۲. پروچ، بلوچَ (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جا پائر). ۳. نئي ضلعي ۾ ڪهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٻہ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي. ۴. پُٺِ، پُٺا. پشت. ماڻهوءَ جي بدن جو پويون پاسو ۽ جانور جي بدن جو مٿيون پاسو (پٺيءَ لڳي= ڪَڍَ پئي، پيڇو ڪري، حڪم يا تابعداريءَ ۾ رهي). ۵. جن جي. ٦. نيچ، ڪم ذات، بدڪار. ۷. ماٺهو ٿي= سٺري وئي. عزت يا مان واري ٿي. ۸. افسوس. ۹. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ۱۰. ڪجهہ، ٿورو. ۱۱. اڳتي، ويجهو. ۱۲. چوي. ۱۳. ڪجهہ بہ نہ. ۱۴. ڪان. ۱۵. رڳو، صرف. ۱٦. بُرايون، ڏوهہ، قصور. ۱۷. مهربانيون، لائقيون. ۱۸. واپس ٿيءُ. ۱۹. ٻاجهارا، مهرابن. ۲۰. پرين، محبوب. ۲۱. پلي ڪر= پلي ڪري ٿئو، بهتر ٿئو يا سنو ٿئو جو. ۲۲. منهنجو ٿئو. ۲۳. ناتو، واسطو، رشتو. ۲۴. رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو. ۲۵. مون ڏنو. ۲٦. ڪيچ جي ماڻهن کي. ۲۷. سُڌ، چاڻ. ۲۸. (شل) ٿئي يا پوي. ۲۹. ٻُڻ، بنياد، پيڙهيءَ، آڪهہ. ۳۰. پنهونءَ کي. ۳۱. ٿئي. ۳۲. شرمساري. ۳۳. ڳوٺ.

٢٨

ڪَڏهِين[١] ڪَڏهِين جيڏِيُون[٢]، ڪو پَهُہ[٣] اَچِئو پوءِ[٤]،

سو پَنِ[٥] سَاڙو هوءِ، هِيءُ[٦] جو سَاهُہ[٧] سَرِيرَ[٨] ۾.

٢٩

سَسُئِيءَ کي سَاڙو، لِکِئو آهي لَوحَ[٩] ۾،

هوتَ[١٠] لَنگهِئو[١١] هَاڙهو[١٢]، هِنَ[١٣] هَنجُون[١٤] هَارِڻُ[١٥] آيُون[١٦].

٣٠

اَجَا[١٧] رَاتِ رَتومِ[١٨]، ڪُوڙ[١٩] ڪوهِيَاري[٢٠] ڪَنجَرو[٢١]،

پِينَرَ[٢٢] پِچَايومِ[٢٣]، سُبَاڻِي[٢٤] سُورَنِ[٢٥] سِين.

٣١

سَرَتِيَنِ سَهَجَ[٢٦] مَنجِهَان[٢٧]، تي ڪُوڙ وَرَاهِيَا[٢٨] ڪَپِڙَا[٢٩]،

تَڏهِين مُنهِنجِيءَ مَاءَ[٣٠]، تي پَهَڻَ[٣١] آڇِيَا[٣٢] پَبَ[٣٣] جَا.

٣٢

ڏَنَمِ[٣٤] ڏونگَرِيَا[٣٥]، هُيَس گهُورِي[٣٦] جَنِ جِي،

مُون لوڏان[٣٧] ئي لَکِئَا[٣٨]، اهَڙا بَاروچَا[٣٩]،

---

١. ڪنهن ڪنهن وقت، ٢. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣. خيال، ريجڪ، ٻور، ٤ پوي، ٥. جلَ، ٻجَ، ڪامَ، ٻاهہ. ٦. ٿئي، ٧. ٻساهہ، دمَ، ٨. جان، بدن، ٩. عرش تي رکيل ڦرهيءَ يا تختيءَ (جنهن ۾ هر هڪ ماڻهوءَ جو نصيب يا قسمت لکيل هوندي آهي)، ١٠. محبوب، پنهونءَ (سسئي جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١١. پار ڪئو، اُڪرئو، ١٢. لس ٻيلي جي اولهہ طرف هڪ جبل، ١٣. هن (سسئيءَ) کي، ١٤. لڙڪ يا ڳوڙها (اکين جا)، ١٥. وهائڻ، روئڻ، ١٦. پيبون، ١٧. تازو، اِجهو، ١٨. مون رتو يعني رنگ ڏيئي ڳاڙهو ڪئو، ١٩. ڪوڙ ۾، شوق ۾، سِڪَ ۾، ٢٠. ڪوهياري جي، ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ جي، ٢١. سينو ۽ اڌ پيٽ ڍڪيندڙ زنانو چولو، ڳج، ٢٢. اي پينر، اي اديون، ٢٣. مون، پچايو، مون پُسايو يا آلو ڪئو، ٢٤. صبوح سان سوير، ٢٥. ڏکن يا عذابن (جيِ سبب روئي)، ٢٦. خوشيءَ، ٢٧. وچان، سبب، ٢٨. تقسيم ڪئا، هڪ ٻئي کي پهرايا، ٢٩. جوڙا، وڳا، پوشاڪ، ٣٠. امڙ، ٣١. پٿرَ (پٿرن يعني جبل جو پنڌ يا مسافري)، ٣٢. ڏنا (ڏيج ۾)، ٣٣. هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار جو نالو، ٣٤. مون ڏنا، ٣٥. ڏونگر يعني جبل جا رهاڪو، ٣٦. ڳولائو، گهرجائو، ٣٧. لوڏ مان، هلڻ جي چال يا رفتار مان، هلٽيءَ مان، ٣٨. پروڙئا، سڃاتا، ٣٩. ٻروچ، بلوچ (پنهون ۽ ان جا ڀائر).

جيڪُسِ[1] ڪوهِيَارا،[2] مُون[3] ڪَرَ[4] لاهُو[5] آيا.

٣٣

مَرُ مَعذُورِ[6] هُئَان،[7] الاَ[8] ڇَڳِي[9] مَرَ تِئان،
رِڙهَان[10] ۽ رُئَان، پُنيءَ[11] سَڳَرَ[12] سَاٿَ[13] جي.

٣٤

پَتيءَ[14] نَہ پيرونِ،[15] اوڏيءَ[16] ڇِڪَ[17] نَہ ڇَمِئا[18]،
پوئُون[19] هِي پيرونِ،[20] نينهُن[21] نباهي[22] هَلِئا.

وائي

وَجي وَجي وِڻڙِي[23] تني، جت پِيرُ[24] ڏنائين[25] پرينءَ[26] جو،
پيرُ سُڃاتائين پرينءَجو، مَنجهان نينهَن[27] نِرتي[28]،
هُو وَهِيَا[29] وِٽڪَارَ[30] ذي، هِنَ پوريءَ[31] پانيا[32] هِتي،
جَنهِن چيڙي[33] وِڏِيس ڇِپَرِين[34]، سو ڪوهيارو ڪتي،
مَري رَهَندِيسِ ماڳهين،[35] نَہ تَہ هادي[36] اچِجِ هِتي،
آمَان[37] لِيمَان قُلَ قَارُوهَا، ڳاڳا[38] راڳا[39] جتي،
مُون کي ڇَڏي هَلِئا، ڪَا پيين[40] مَتي پِتي[41].

---

١. شايد، ٢. ڪوهہ يعني جبل جا رهاڪو (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ٣. منهنجا، ٤. خبر، سڌ، ٥. لهندڙ، ونندڙ، ٦. جڏي، بيمار، ٧. ٿيان، ٨. اي الله، ٩. تندرست، سگهي، ١٠. پنڌ ڪريان، هلان، ١١. پويان، ١٢. وڳر، ڏنڊ، ولر، ١٣. (انن جي) قافلي، ١٤. پٽيءَ تي، پٽ يا ميدان تي، زمين تي، ١٥. انهن جي پير جو نشان، ١٦. ويجهيءَ، ١٧. ڇڪ ۾، پسگردائيءَ ۾، وسنئن ۾، ١٨. ترسئا، ٽڪئا، ١٩. آخري، پڇاڙيءَ وارو، ٢٠. انهن جو پيرو يا دفعو، ٢١. پيار، محبت، ٢٢. جيهہ تائين پڄائي يا رسائي، پاري، ٢٣. وڻي، ٢٤. پيرجو نشان، ٢٥. لڌائين، ٢٦. محبوب، پنهونءَ، ٢٧. نينهن جي، ٢٨. نرت سان، جوت سان، روشنيءَ سان، ديد سان، ٢٩. وئا، ٣٠. لس پيلي ۾ هڪ جبل ۽ پڻ لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪيرٿر جبلن سان لڳ هڪ ڳوٺ، ٣١. موڪيءَ موڙهل، وسوڙل، بي عقل، ٣٢. سمجهيا، ٣٣. چوري، جوش ڏياري، ڇڪي، ٣٤. ڇپرن ۾، جبلن ۾، ٣٥. صفا، بنهہ، بنهہ، ٺپ، ٣٦. اي هادي، اي رهبر، ٣٧. انب، ٣٨. ليار جهڙو جابلو ميوو، ٣٩. جابلو ميوي جو هڪ قسم، ٤٠. تي، ٤١. بدن جي معدي ۾ جيري جي پرسان سائي رنگ جي پاٿيٽ واري هڪ ڳوٿريءَ (پيين متي پتي= دل تي اثر ٿين، غيرت يا ڪاوڙ اچي وين).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُرُ حُسيني

داستان نَائون

١

كَاتِيءَ[1] تَان نَہ كَهِين[2]، مَنُ[3] وِجُهَلَڻَ[4] وَڍِئُو[5]،
مَارِيَسِ[6] سُورَ[7] تَهِين، جو نَہ جِيَارِي[8] جيڏِيُون.

٢

كَاتِيءَ تَان نَہ كُٺُو[9]، مَنُ وِجهَلَڻَ وَڍِئُو،
جَنِي مَان[10] مُٺُو[11]، سي جَتَ[12] نَہ پَسَان جُوءِ[13] ۾.

٣

جِيءُ[14] مُنهِنجو جَنِ، اَنگُڙِيَارو[15] وَڍِئُو،
پُڄَاڻَان[16] پِرِيَنِ[17]، سِبَان[18] سَجُو[19] نَہ ٿِئي.

٤

ڏَاڍِي[20] لُڪَ[21] لَكَنِ[22] جي، پَٽَنِ[23] پوءِ[24] پَچَاءُ[25]،
چَپَرِ[26] كوسو[27] وَاءُ[28]، هَرِيَا[29] تو[30] نيڻَ[31] ٿِئَا.

---

١. حلال جانورن ڪُهڻ يا ذبح ڪرڻ لاءِ رُڪ يا لوھ مان ٺهيل هڪ تکي اوزارَ، وڏيءَ ڇُريءَ، ٢. ڪنهن، ٣. دل، ۴. جهوريءَ، ڳڻتيءَ، فڪر . ۵. ڪپيو، ٦. مونکي ماريو يا هلاڪ ڪئو، منهنجو ساھ ڪيئو، ٧. درد، ٨. جيئرو يا زندھ رهڻ ڏي، ٩. قتل ڪئو، ذبح ڪئو. ١٠. مان کي، مون کي، ١. مصيبت ۾ يا جهوريءَ ۾ وڌو، آزار ۾ وڌو، ١٢. اوٺي يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون ۽ ان جا ڀائر، ١٣. مُلڪ، ڏيھہ، آسپاس واري علائقي، ١۴. جان، جسم، منَ. ١۵. انگ انگ ڪري، عضوو عضوو ڪري، آڏو ابتو. ١٦. ڪان پوءِ، ڪان بعد، ١٧. محبوبن، ١٨. ڳنڍيان (سئيءَ سان)، ٽانڪيان، ٽوپو ڏيان، ١٩. صحيح ثابت، سالم، ٢٠. سخت، تڪليف ڏيندڙ، ٢١. گرم هوا، ٢٢. جبلن، ٢٣. پٽن ۾، ميدانن ۾، ٢۴. پوي، ٢۵. اوسَ، گرمي، تپت، اوسو، ٢٦. ڇپر ۾، جبل ۾، ٢٧. گرم، ٢٨. هوا، ٢٩. (لڙڪن يا ڳوڙهن وهڻ ڪري)، آلا، پنل، تر، پُسيل، ٣٠. تنهنجا، ٣١. اکيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

اَجُ نِمَاڻا[١] نيڻ[٢]، ٻاجهارا[٣] ٻَروچ[٤] ري[٥]،
وِرهُه[٦] وَتيِنديِس[٧] ڪَن[٨] سين، نَه مُون[٩] سَڄَڻ[١٠] نَه سيڻ،
وِرِتا[١١] تيئڙم[١٢] ويڻ[١٣]، پُنهونءَ جا پَرديس[١٤] ۾.

٦

پُنهونءَ پيرڙُيون[١٥]، گَهرِ[١٦] گُهمَندي[١٧] جي ڏُنيُون[١٨]،
سي مَان[١٩] سيرڙُيون[٢٠]، نِتُ[٢١] نِهارڻ[٢٢] آيُون.

٧

تو جو ڏِنو پيرُ[٢٣]، سُڄاتُئي[٢٤] نَه سيڻَن جو،
پِئو پُڇَنديِنءَ[٢٥] ڪيرُ[٢٦]، سوئي تو[٢٧] سُونهُون[٢٨] ٿِئو.

٨

اُٿي پَهُه[٢٩] پَروُڙِ[٣٠]، سا جُهرِ[٣١] سُپريِن[٣٢] جو،
ڏُونگَر[٣٣] ڏَٿي[٣٤] ڏُورِ[٣٥]، جِمَ[٣٦] وَڃَنئي[٣٧] نِڪِري.

٩

تَان[٣٨] وَانءُ[٣٩] لَڳي پيرِ[٤٠]، اوڏا[٤١] جَان[٤٢] لامُن[٤٣] ۾،

١. مايوس، ناميد، ويچاڻا، غمگين. ٢. اکيون. ٣. ٻاجهه يا رحم جي لائق. ٤. بلوچ يعني سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ٥. کان سواءِ. ٦. وڇوڙي يا فراق جو حال احوال. ٧. اوريِنديس. بيان ڪنديس. ٨. ڪنهن ٩. مون وٽ. ١٠. دوست، يار، سيڻ. ١١. ونڊرائيندڙ، رُبائيندڙ، مشغول رکندڙ. ١٢. مونکي ٿئا. ١٣. سخن، ٻولَ، قول، ڳالهيون. ١٤. پرڏيهه، ڌارئين ملڪ. ١٥. (آهستي آهستي کنيل) پيرَ، قدمَ. ١٦. گهر ۾. ١٧. ڦرندي يا ٿهلندي يا ويندي. ١٨. گهمايون. ١٩. مونکي. ٢٠. سيرَ، هنڌ، نشان، پيچرا، واٽون. ٢١. هر روز، وري وري. ٢٢. نهارڻ آيون= ڏسڻيون ٿيون پون. ٢٣. پير جو نشان. ٢٤. تو سڃاتو، تو سهي ڪيو. ٢٥. جاچيندينءَ، ڳوليندينءَ، معلوم ڪندينءَ. ٢٦. ڪهڙو (ماڻهو). ٢٧. تنهنجو. ٢٨. رهنما، رهبر، واٽ ڏيکاريندڙ. ٢٩. پهو، پيچرو، رستو. ٣٠. سڃاڻ، ڏس، جاچ، ڳول. ٣١. سوير. ٣٢. پريِن، محبوبن. ٣٣. ڏونگر جا، جبل جا. ٣٤. مالڪ. ٣٥. پري، ڏوراهان. ٣٦. متان. ٣٧. توکان وڃن. ٣٨. تيستائين. ٣٩. وڃُ. ٤٠. پير سان، پيرجي نشان سان. ٤١. ويجها، قريب. ٤٢. جيستائين. ٤٣. (جبلن جي) دامنن يا ڪَسَنِ يا ٻرپاسن.

جُ[۱] پيــتَــا[۲] ۾ وبــِڙهــِ[۳]، گـَـهــڻَــا هَــڻَــنديــنءَ هـَـڙَا#.

۱۰

لـَـڪَــرِيَــاڙِيُــون[۴] آڳـُـريُــون، بَــاروچَــاڻُــو[۵] پــيــرُ،
اَچِــي پَــســو جــيـــڏِيُــون، تَــازو پُــنُــهُــونءَ پــيــرُ،
وبــچَــارِيءَ سـيـن ويـرُ[۶]، جَــتَـنِ جــيــڏو[۷] ئِــي ڪـِئــو.

۱۱

لـَـڪِــيُـــون[۸] آن لَــڳَــا، ڪِ[۹] پَــلـَـوَّ[۱۰] پَــانــڌِيَــنِ[۱۱] جَــا[۱۲]،
تُــهَــان[۱۳] گـَـهــڻــيــرو[۱۴] مَــاءَ[۱۵]، رُونــدَا اُوءِ رَتُ وِئَــا.

۱۲

لـَـڪِــيُــون آن پَــرِ[۱۶] لـَـڪَ[۱۷]، ڪِ[۱۸] ڪــوهــيَــارَا ورمِــئَــا[۱۹]،
جَــنِــي سَــنــدِيءَ[۲۰] سِــڪَ[۲۱]، رُنَــمِ[۲۲] رَاتِ رَتَ[۲۳] ڦُــڙَا[۲۴]،

۱۳

لَـڪَ[۲۵] تُنهِـنجُـون ڳَـالِـهِـيُـون[۲۶]، مُـون سين اونِـيَـنِ اَگَ[۲۷] ڪـيُـون،
پَــسِــي پِــشِــيــمَــانِــيُــون[۲۸]، هَــاڙهــو[۲۹] هــيــڪَــلِــيُــون[۳۰]،
وَاٽُــونِ[۳۱] ويــهَــ تِــيُــون، ڪُــوهُ[۳۲] جَــاڻَــان ڪــيــهِيءَ[۳۳] وِئــا.

---

۱. جيڪڏهين، ۲. گهڙي وئا، داخل ٿئا، ۳. جهنگ ۾، #گهڻو ارمان يا افسوس ڪندينءَ، ۴. لڪِرياڙيون آڳريون= لڪن يا جبلن جي رهاڪو ماڻهن جي پيرن جي آڱرين جهڙيون آڱريون، ۵. ٻاروچاڻو پير=ٻاروچن يعني ٻروچن يا بلوچن (جي پير) جهڙو ڊول يا نمونو، ٦. دشمني، ظلم، ۷. تمام وڏو، ۸. اي لڪيون، اي ننڍڙيون ٽڪريون يا اي لڪن جا سوڙها لنگهہ يا ڀيچرا، ۹. آن ڪي، اوهان ڪي، ۱۰. ڇا، ۱۱. (جسم يا بدن جا) پاسا، بدن تي ٻيل ڪپڙن جا پاسا، ۱۲. واٺهڙن، پنڌ ڪندڙن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن)، ۱۳. تو ڪان، ۱۴. گهڻو، زيادهہ، ۱۵. اي ماءَ، اي جيجل، ۱٦. آن جي، اوهان جي، ۱۷. پرسان، ۱۸. ذري برابر، ٿورو وقت، گهڙي پلڪ، ذرو ساعت، ۱۹. ترسيا، ٽڪيا، ۲۰.. جيءَ، ۲۱. سڪ ۾، محبت ۾، ۲۲. مون رنو، ۲۳. رت جا، ۲۴. قطرا، ڳوڙها، لڙڪ، ۲۵. اي لڪ، اي جبل، ۲٦. حڪايتون، حال احوال، ۲۷. ٻهريائين، ۲۸. ڀچتاءُ ڪندڙ ٿيون، حيران يا وائڙيون ٿيون، ۲۹. هاڙهو جبل جيڪو لس ٻيلي جي اولهہ طرف آهي، ۳۰. اڪيليون، ٻنان ڪنهن سونهين يا هربر، ۳۱. رستا، گس، ۳۲. تمام گهڻيون، ۳۳. ڪوهہ ڄاڻان= خبر نہ آهي تہ، ۳۴. ڪهڙيءَ (واٽ) سان.

١۴

ڪوهـ جاڻان[1] ڪوهـ[2] ٿيو، ڪيڏانهن[3] ٿي وڃان،
هَتَ ڪَرايُون[4] اَگُرِيُون، مُوڙِئو[5] سَڀ ڀَڃان[6]،
ٻِيَنِ[7] گهَرِ[8] گَجانِ[9]، مُون هارِيءَ[10] هوتُ[11] وِڃايو[12].

١٥

ٻَڌو ڪِنهن ٻَنڌاڻِ[13]، هِينئَڙو[14] هوتاڻيَنِ[15] سين،
ڪا ڄا[16] پيَسِ[17] ڪاڻِ[18]، نِبيرِيانسِ[19] نَ نِبِري.

١٦

هُوءَ ڄا گهوري[20] گهوٽَ[21] جي، تَنهن کي ڇَري[22] ڇُونِ،
اُگهاڙِيُون[23] آتڻ ۾[24]، هوتَ پُڄاڻان[25] هُونِ[26]،
پِرا[27] تَني[28] پُونِ[29]، ڏنو جَنِ اکيُنِ سين.

١٧

چانڪ[30] آيُسِ اَگاهين[31]، اُتهين[32] اُپي[33] آهيان،
پِرت[34] پَراهين[35]، هاٽي مَران[36] م جيان.

---

١. ڪوهـ جاڻان= خبر نہ ٿي پوي تہ، ٢. ڇا، ٣. ڪهڙي پاسي يا طرف، ۴. واحد ڪرائي= ٺونٺ ۽ هٿ جي وچ وارو ٻانهن جو حصو، ٥. مروٽيو، ورايو، ٻيٽو ڪئو، ٦. ٽوڙيان، ٽڪر ڪريان، ٧. ٻين جي، ٨. گهر ۾، گهرن ۾، ٩. گهنڊ گهڙيال، ڍهل دماما، ناچ ٽپا، خوشي، ١٠. هار ڪاڏل، ٻوريءَ، موڳيءَ، ١١. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١٢. گنوايو، ١٣. ٻنڌاڻ سان، ٻنڌڻ سان، نوڙيءَ يا رسي ۾، انجام سان، ١۴. دل، ١٥. هوت قبيلي جي ماڻهن يعني پنهونءَ سين، ١٦. اهڙي، ١٧. هن (هينئڙي) کي پيئي، ١٨. محتاجي، گٽي، غرض، ضرورت، گهرج، ١٩. آئون هن کي نبيريان يعني جدا ڪريان يا ڇنان (هوتن کان)، ٢٠. ڳولائو، طالبو، ٢١. محبوب (پنهونءَ)، ٢٢. مستاني، ديواني، ٢٣. بي پردي يا عيب ظاهر ٿيل عورتون، ٢۴. سٽ ڪتڻ جي جاءِ، گهر يا گهر جي اڱڻ، ٢٥. ڪانپوءِ، ڪان بعد، ٢٦. ٿين، ٢٧. سڌيون، خبرون، ٢٨. تني ڪان، ٢٩. پَوَنِ، ٣٠. چوان تہ، سمجهان ٿي، ٣١. اڳيري، اڳتي، ٣٢. اتي ئي يعني ساڳيءَ پهرين جاءِ تي، ٣٣. بيٺي، ٣۴. محبت، پيار، ٣٥. دور، مشڪل حاصل ٿيندڙ، ٣٦. فنا ٿينديس.

١٨

ڪو جو لَڳُس[1] ڪانُ[2]، آريءَ[3] جي عَشقَ[4] جو،
نِڪري ٿي نِيشانُ[5]، ڇَڏي[6] سانگو[7] ساهَ[8] جو.

١٩

ڪو جو وُٺُس[9] مينهُن[10]، آريءَ جي اُڪيرَ[11] جو،
رَاتِيان[12] روئي رَتَ[13] ڦُڙا[14] سُکِ[15] نَہ سارو[16] ڏينهُن،
پاروچاڻو[17] نينهُن، مُنيءَ[18] مانُو[19] نَہ ٿئي.

٢٠

ڪو جو آهيس[20] ڪوڏُ[21]، پاروچاڻي سِڪَ[22] جو،
جي هُو چُونِس[23] پوڏُ[24]، تَہ جيءُ[25] سُٺائي[26] جَڳَ[27] ۾.

٢١

وَرُ[28] پاروچاڻي پوڏُ، گهوري[29] جيءُ پِيَنِ جي،
آهيمِ[30] جَنهِن جو ڪوڏُ، سو مانُ[31] نَہ آرباڻي[32] اَچي وَرِي[33].

٢٢

لَڪين[34] لوڙائُو[35]، سَهسين[36] آهِين سُڄَ[37] ۾،

---

١. اهڙو، ٢. تير، ٻاڻ، ٣. پنهونءَ (بلوچ قوم جيهوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٤. محبت، نينهن، ٥. نيشان ٿي = ظاهر يا پڌري ٿي، نروارُ ٿي، ٦. ترڪ ڪري، ٧. آسرو، پرواهہ، خيال، ٨. جان، حياتيءَ، ٩. هن (سسئيءَ) تي وٺو يا وسيو، ١٠. برسات، بارش، ١١. سڪَ، پيارَ، محبت، ١٢. راتين جو، ١٣. رت جا، ١٤. قطرا، ڳوڙها، لڙڪ (روئي رت ڦڙا= تمام ڪهٽو يا زاروزار روئي)، ١٥. سڪَ ۾، آرام ۾، راحت ۾، ١٦. سڄو، ١٧. پاروچن جو، پروچڪو، پروچن يا بلوچن جو (پنهونءَ جو)، ١٨. منيءَ ڪي، دردن جي ماريل ڪي، ١٩. جهڪو، جهيٽو، ڪهٽ، ٢٠. هن ڪي آهي، ٢١. شوق، سِڪَ، عشق، ٢٢. ناتي، رشتي، مائٽيءَ، ٢٣. هن ڪي چوَنِ، ٢٤. حقارت يا بيزاريءَ جي سبب جوابي لفظ، ڦوڏُ، روڏُ، ٢٥. سڏ جي جواب ۾ ڪم ايندڙ ادب وارو لفظ، ٢٦. ٻڌائي، ٢٧. جهان، جهان يا دنيا جي ماڻهن، ٢٨. بهتر، ڀلي، چڱي، ٢٩. ڪڏ يا ڪوهہ ۾پوي، ٻن پوي، ٣٠. مونکي اهي، ٣١. مان نہ= شل، ٣٢. آري، ٣٣. موٽي، ٣٤. لکن جي تعداد ۾، تمام گهڻا، ٣٦. ڌاڙيل، ڦورو، رهزن، ٣٦. سَوَن جي تعداد ۾، ٣٧. رڻ پٽ، بيابان.

بَرَ ۾ بُورائُو، ڪَنُ پِيَادِي پَانَ سين.

٢٣

وَالِي وَجِي پَسَان شَالَ، هيڪَرَ هوت پُنهُونءَ کي،
جَنهِن ڪَارِڻ جَالَ، هَارِيَان تِي هَنجُڻِ کي.

٢٤

وَجَڻُ تو وَارِي، پُرَڻُ پُنهُونءَ پُٺ ۾،
ڪَرَهَہ ڪوهِيَارِي، سُتي تو سَبِ وِئَا.

٢٥

هَارِي هِنيُون مَ لوڏِ، سُڪين پُونديِنءَ سَسُئِي،
ڪوهِيَارو تو ڪوڏِ، اَچِي ڪَرَهَہ قَطَارِئُو.

٢٦

ڪوهِيَارو تِي ڪَاتُ، مُيُون مَارَڻَ آيو،
هوءِ مَرُ هوتُ حَيَاتُ، اَئُون مُيَائِي تَہ خُوبُ تِي.

٢٧

ڪوهِيَارو ڪَارِي، پَنڌَ اَڙَانگَا پَبَ جَا،

---

١. رڻ پٽ، بيابان، سُڃَ. ٢. اڳواڻ، سونهون، رستو يا راهہ ڏيکاريندر. ٣. ڳڏ وٺي هَلُ. ٤. اي پيادي، اي پيرين پنڌ هلندڙ. (سسئي). ٥. اي والي، اي ڌڻي، اي مالڪ. ٦. هلي، پنڌ ڪري. ٧. ڏسان. ٨. خدا ڪري. ٩. هڪ ڀيرو يا دفعو. ١٠. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ١١. جنهن جي. ١٢. لاءِ، واسطي. ١٣. تمام گهڻو. ١٤. وهايان. ١٥. (اکين جي) ڳوڙهن يا لڙکن. ١٦. پنڌ ڪرڻ يا هلڻ. ١٧. تنهنجي. ١٨. واري ۾، نصيب يا قسمت ۾. ١٩. وڃڻ، هلڻ، پنڌ ڪرڻ. ٢٠. پنهونءَ جي. ٢١. پٺ ۾= پٺيان، پويان. ٢٢. اٺَ. ٢٣. ڪوهياري جا، ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ جا (پنهونءَ جا). ٢٤. سمهندي، سمهڻ واريءَ حالت، ننڊ ڪندي. ٢٥. تنهنجي. ٢٦. اي هاري، اي هارَ ڪاڏَلَ، اي موڳي يا بي عقل. ٢٧. دل. ٢٨. لاهہ. هار (هنيون مَ لوڏ= بي همت نہ ٿيءُ، همت نہ هار). ٢٩. سکن ۾، راحتن ۾. ٣٠. پَونديِنءَ. ٣١. ڪوڏ ۾، سِڪَ يا شوق ۾. ٣٢. ڪاهيو (قطار ۾). ٣٣. گوشت وڍڻ لاءِ رڪ يا لوهہ جي هڪ وڏي ڪاتي يا ڇُري. ٣٤. عشق جي درد جون ماريلَ يا فنا ڪيل. ٣٥. مجي. ٣٦. پل. ٣٧. زندهہ، جيئرو. ٣٨. مَيَس، مري وييس. ٣٩. چڱي، سُٺي، بهتر. ٤٠. ڪرائي. ٤١. سَفَرَ. ٤٢. ڏکيا، اوکا، اهنجا، تڪليف ڏيندڙ. ٤٣. پبِ جبل جيڪو هالار جبل جي ڏکڻ ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي ڏيهه[1] ڏيکاري[2]، جي اڳ[3] نه ڏٺا ڪڏهين.

٢٨

ڪُنيس[4] ڪوهيارا[5]، هاڻ[6] نه جيان[7] جيڏيون[8]،
جي وِرُونهڻ[9] وارا[10]، سي وڃن جت[11] جڏي[12] ڪئو.

٢٩

ڪُنيس ڪوهياري، ڪين جيان ٿي جيڏيون،
مادر[13] وڏيس[14] مچ[15] ۾، باروچي[16] باري[17]،
مُيون[18] جو ماري[19]، سو مان[20] گوندر[21] گڏئو[22].

٣٠

ڪوهيارو ڪيٿان[23]، ڪيڻ[24] وڃي ڪاڏي وڃان،
مون پانيو[25] سيٿان[26]، چپر[27] ڪنديس پنڌڙا[28].

٣١

صدا[29] وڏيم[30] سور[31] جي، اڳئان ڪوهياري[32]،
جو نجس[33] نڪاري[34]، سو پنهون وڏم[35] پاند[36] ۾.

---

١. مُلڪَ. ٢. پَسائي. ٣. پهرين (هن وقت کان). ۴. ڀونڪي ڪُٺو يا قتل ڪئو، مونکي ماريُو يا فنا يا برباد ڪئو. ۵. ڪوهيارن، ڪوهه يا جبل جي رهاڪن (پنهونءَ). ٦. هن ڪانپوءِ. ٧. جيئري يا زندهه رهنديس. ٨. اي جيڏيون، اي سرتيون. ٩. ريجهه رهاڻ. ١٠. ڪنڌڙ. ١١. اوٺي (پنهون ۽ ان جا ڀائر). ١٢. معذور، لاچار، بيمار. ١٣. اي مادر، اي امڙ. ١۴. مونکي وڌو، مونکي اڇليو. ١۵. باهه، آگ. ١٦. ٻروچ، بلوچ (پنهون). ١٧. ساڙي، جَلائي. ١٨. عشق جي درد جون ماريلون. ١٩. فنا يا برباد ڪري. ٢٠. مان کي، مون کي. ٢١. غمَ. ٢٢. مِلئو (نصيب ۾)، سامهون آيو. ٢٣. انهن سان (گڏ). ٢۴. ڪيڏانهن، ڪاڏي، ڪهڙي طرف. ٢۵. سمجهيو، خيال ڪئو. ٢٦. ساٿن، انهن سان. ٢٧. ڇپر ۾، جبل ۾. ٢٨. مسافريون. ٢٩. سوال، عرض. ٣٠. مون وڏي، مون ڪئي. ٣١. سور يا درد ڏيڻ. ٣٢. ڪوهياري جي. ٣٣. نجاست، ميرائي، گدلاڻي، ناپاڪائي، پليتي، سَٽَنَ. ٣۴. صاف يا اوجل ڪري. ٣۵. مون وڌو، مون ورتو. ٣٦. پلئه، دامن، جهوليءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣٢

چَـپَـرَ[1] چِـنَـا[2] پـيـرَ[3]، هَـلِـي[4] هَـلِـي مَـاءِ[5]،
كـوهِـيَـاري[6] جِي كـا[7]، ڳِـنـهـو[8] ڀُـٽـان[9] ڳـاَلـهَـڙي[10].

٣٣

چَـپَـرَ پـيـرَ چِـنَـامِ، اُئـون كـنـهـن[11] پَـرِ[12] هَـلان[13] كـيـچَ[14] ڏي،
ڏيـرنِ[15] ڏُكَ[16] ڏَنَـامِ[17]، كِـيـنَ ڏُكـوبَـس[18] ڏُونـگـرين[19].

٣٤

ڇُـلَـنـديَـس[20] سَـڀ چَـپَـرُ، پُـنـيءَ[21] پـيـرِ[22] پُـنـهُـونءَ جـي،
سَـيـٽَـن[23] لاءِ سَـفَـرُ[24]، وَٽَـيـمِ[25] ويـلَ[26] سَـڀَ[27] كَـنـهـن.

٣٥

چَـپَـرِ ڇُـلـي[28] جـي، مَـرِبـن[29] مُـنـڌَ[30] مَـارگَ[31] ۾[32]،
قَـدُرُ[33] كـيـچِـيَـن[34] كـي، پَـئـي تُـنـهـنـجـي پَـنـڌَ جـو.

٣٦

سُـتـيءَ[35] سـي نَـه سِـيَـاءَ[36]، جي كـوهـيَـارا كـيـچَ جَـا،
اَنـگـهُـنِ[37] چَـڙهِـئـو آءُ[38]، جَـان نَـالـو ڳِـيـڙءِ[39] نـيـنـهَـن[40] جـو.

---

١. چپر ۾. جبل ۾. ٢. (مون) ڦٽيا يا زخمي ڪيا. ٣. قدم. ۴. هلي هلي= پنڌ ڪري. ۵. اي ماءُ. اي امڙ. ٦. ڪوهه يعني جبل جي رهاڪوءَ (پنهونءَ)، ٧. هڪڙي، ٨. ڪٿئو. ٩. ڳهمان، ڦران، هلان، ١٠. ڀچار، تات، ياد، ١١. مون چنا، ١٢. ڪهڙيءَ، ١٣. ريت، طرح، ١۴. رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو، ١۵. مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن، ١٦. تڪليفون، ١٧. مونکي ڏنا، ١٨. مونکي ڏک ڏنو، ١٩. جبلن، ٢٠. جهاڳينديس يا لتاڙينديس (ڊوڙون يا ستون ڏيئي)، ٢١. پنيان، ٢٢. پير جي نشان جي، ٢٣. دوستن، سڄڻن، ٢۴. واسطي، ڪاڻ، ٢۵. مسافري، پنڌ، ٢٦. مون وٺئو، مون اختيار ڪئو، ٢٧. مهل، دير، وقت، ٢٨. ڊوڙون پائي، ستون ڏيئي، ٢٩. جيڪڏهين، ٣٠. دم يا ساهه ڏيئين، فوتُ ٿيئن، ٣١. اي منڌ، اي زال يا عورت (سسئي)، ٣٢. وات، رستي، ٣٣. پروڙ، ڄاڻ، احساسُ، اندازو، ٣۴. ڪيچ جي رهاڪن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن)، ٣۵. ستيءَ يا ستَلَ جا، ننڊ ڪندڙ جا، ٣٦. مائٺ، عزيز، سڳيٽا، ٣٧. انگهن تي، وڻ يا سڪل ڪاٺ جي نوڪدار يا وريل ڪنين تي (جن ۾ ڪٺل جانورن کي ٽنگي کل لاهبي آهي ۽ جسم جا ٽڪر ۽ گوشت وڍبو آهي)، ٣٨. جيڪڏهين، ٣٩. تو ڳيڙو، تو ڳڌو، تو ورتو (نالو ڳيڙءِ= چراند يا حرڪت ڪيئي)، ۴٠. عشق.

٣٧

مَتَانْ[1] جِيءُ[2] جَتَنِ[3]، گهورِئو[4] گهوري سَسُئِي،
پَازِي[5] جِي پُنهُونءَ جَا، کَارُون[6] کَري کِي تَنِ،
کيچِ[7] مَتَان کَا کَنِ، بي شُکِرِي[8] پَنيوَرَ[9] جِي.

وائي

وَسَان[10] تي[11] وِيَاسِ[12]، آيَلِ آيَلِ[13] لَگِمِ[14] بَاڻُ[15] بَروچ جو،
آهي آرِيءَ آسَري، نَکو پِيءُ نَه مَاسِ[16]،
پُرِزا[17] پَبَ وَرَنِ[18] ۾، پِٿون تي پِيَاسِ[19]،
تَه پَنِ کَادو[20] کيچَ ذي، توٽِي[21] مَاءَ مُيَاسِ[22]؛
آيَمِ[23] اَنذي[24] لوڪَ[25] سين، مُنِّي[26] آئون مُنِيَاسِ[27]؛
پِئُمِ[28] وِڇُ[29] وِصَالَ[30] ۾، سَنجهي[31] آئُون سُتِيَاسِ[32]،
پيئمِ[33] پُنهُونءَ جَامَ سين، کُنِيءَ آئُون کُنِيَاسِ،
اَلاَ اُنِ مَ وِسَرَان، ڏِني جَنِ جِيَاسِ،
پَاڻُ وِجَايُمِ پيرَ تي، چُتِي آئون چُتِيَاسِ[34]،
پيِيَسِ وَرِ وِصَال جي، جَانکِيتَان جِيَاسِ.

---

١. تان، ٢. جند، جان، جسم، ٣. اوٺين (سسئيءَ جي محبوب پنهون ۽ ان جي ڀائرن)، ۴. قربان يا صدقو ڪرئو، ۵. نوڪر، ٻانها، ٦. منٿون، ٧. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ٨. شڪايت، ناشڪري، ٩. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اتڪل ٻه ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي)، ١٠. وس کان، قبضي کان، اختيار کان، ١١. انهيءَ ڪري، ١٢. آئون وئي يا نڪتي، ١٣. اي آيل، اي امڙ، ١۴. مون کي لڳو، ١۵. تير، ڪان، ١٦. هن جي ماءُ، ١٧. ذرا، پٿون، ١٨. رستن، پيچرن، ١٩. آئون پييس، ٢٠. ڇڪ، ڪشش، ٢١. جيتوڻيڪ، اگرچ، ٢٢. آئون مري يا فوت ٿي وڃان، ٢٣. مونکي گذارڻو يا نباهڻو پئو، ٢۴. جاهل، گمراهه، ٻليل، ناشناس، ٢۵. ماڻهن، ٢٦. نياڳي، ندوري، بدقسمت، ٢٧. آئون مصيبت ۾ ڦاسي ويس، ٢٨. مونکي پئو، ٢٩. وڇوڙو، جدائي، ٣٠. ميلاپ، گڏجاڻيءَ، ٣١. سنجهي جي مهلِ، سج لهڻ مهل، ٣٢. آئون سمهي رهيس، ٣٣. مون کي واسطو پئو، ٣۴. آجي يعني آزاد ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ حُسيني

داستان ڏھون

①

رِڳُو[1] رَنجَائُو[2]، سُپِرِيَان[3] جي ڳَالَهَڙِي[4]،
ڏُونگَرِ[5] ڏولائُو[6]، ڏِينَدا مُون[7] ڏِيرَ[8] وِئا.

②

ڏُونگَرُ[9] تَان[10] پِيلِي[11]، ڏِجي بَنِ[12] بِيلِيَنِ رِي[13]،
سَاڪِيئَن[14] وِهي[15] وِيسَرِي[16]، سُورَن[17] سَهِيلِي[18]،
چوٽِي[19] چَنبِيلِي[20]، جِيئَن تِيئَن[21] جَهاڳي[22] اُڪَتي[23].

٣

بِيلِيَنِ ڏَارَان[24] بَنِ، ڏِجي ڏُونگَرُ جِيڏيُون[25]،
وِڏِيَسِ[26] وَرَاڪَنِ[27] ۾، ڪِيرَائِي ڪَهُن[28]،
تِيَسِ[29] مَنجهَان تَنِ، پِيئيُون پُڄَائِنِ[30] جي.

١. نسورو، نلو، فقط، صفا، ٢. رنجَ، ڏکَ، ٣. پرينءَ، محبوب، ۴. پچار، تات، ڳالھ ٻولھ، ۵. ڏونگر ۾، جبل ۾، ٦. تڪليف، اھنج، ڏکَ، ٧. مونکي، ٨. مڙس (پنھونءَ) جا پاٿرَ، ٩. ڏونگر ھجي، ١٠. تہ، ١١. ساٿي، ھمراھَ، رفيق، ١٢. ٻنَ ۾، کوھ يا کڏ ۾، ١٣. کان سواءِ، ١۴. ڇو، ڪھڙي طرح، ڪھڙي سبب، ١۵. رھي، ترسي، ١٦. غافل، سستُ، ١٧. سورن جي، ١٨. سنگتياڻي، رفيق، ١٩. جبل جي چوٽي، جبل جو مٿيون سطحَ، ٢٠. ٻانھي، گولي (سسئي)، ٢١. جيئن تيئن= ڪنھن بہ طرح يا نموني، ڇڪي تاڻي، مس مس، ٢٢. لتاڙي، پار ڪري، ٢٣. نڪتي، اُڪري وئي، ٢۴. ڪان سواءِ، ٢۵. اي جيڏيون،اي سرَتيون، ٢٦. مونکي وڏو يا ڦاسايو، ٢٧. جبل جي ور وڪڙ يا پيچدار رستن، ٢٨. ڪشالن، ڏولائن، ڏاکڙن، وڏن يعني طويل پنڌن، ٢٩. آئون ٿي، ٣٠. ڳولين (محبوب کي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤

ڏونگر[1] ڏنا نوڻ[2]، مون پارڪو[3] پڇئا[4]،
هيڪليون[5] هلڻ[6] جي، تاڪڻ[7] سنڌي[8] توڻ[9]،
ايءَ[10] اڙانگي[11] پوڻ[12]، سونهن رءَ[13] نه سنتري[14].

٥

ڇپر[15] جا سينگار[16]، وارڄ[17] واڳ[18] فقير[19] تي،
ڏونگر تهان ڏار[20]، مون سين[21] جبل ٿو جاڙون[22] ڪري.

٦

ڇپر جا سونهان، وارڄ واڳ فقير تي،
درد[23] جا ڏونهان[24]، مون[25] ماريندا[26] موٽ[27] تون.

٧

اديون[28] آريچن[29] ڏي، ڇپر[30] ويندين[31] چو نه[32]،
محرم[33] منهنجي حال[34] جو، ٻنان[35] ڪيچين[36] ڪو نه[37]،
جيڏيون[38] ڙي جيڏون[39]، سور پرايم[40] سڱ[41] مان.

---

١. جبل. ٢. ڏنا نوڻ= مٿي هيٺ، مٿاهون هيٺاهون. ٣. ڇاٿو، ڏاها، سونهان. ۴. ڳوليا. ٥. اڪيليون. ٦. پنڌ يا سفر ڪن. ٧. تڪيندڙن، حريصن، شڪار جي تاڙ ۾ ويٺل ماڻهن يا جانورن. ٨. جي. ٩. ڪاڏو، ڪاڄ، ڦوٽَ. ١٠. هيءَ. ١١. ڏکي، مشڪل، اٿائي. ١٢. زمين، مسافري. ١٣. کان سواءِ. ١۴. آسانُ، سولي. ١٥. جبل. ١٦. سُونهَن، زيبَ، زينتَ (پنهون). ١٧. ڦيرائج، ورائج، موٽائج. ١٨. (اٺ جي) مهار، اٺ کي هلائڻ لاءِ نڪ ۾ پيل نوڙي يا رسي. ١٩. فقيرياڻيءَ، غريب، مسڪين، محتاج. ٢٠. توکان. ٢١. سواءِ. ٢٢. ڏاڍايون. ظلم. تعدي. ٢٣. سورَ. ڏک. تڪليفون. ٢۴. واحد دونهون= باهه مان نڪتل ڪاري هوا. دُود. ٻُخارُ پر هتي باهه جي معنيٰ ڏيندي. ٢٥. مونکي. ٢٦. فنا يا تباهه ڪندا. ٢٧. واپس اچ. ٢٨. اي اديون. اي ڀينر. ٢٩. آريءَ جي اولاد يعني پنهون ۽ ان جي ڀائرن (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو). ٣٠. ڇپر ۾. ٣١. اٺون ويندي. ٣٢. چو نه= ضرور. ٣٣. رازدار، واقف. ٣۴. حالت. گت. ڪيفيت. ماجرا. ٣٥. سواءِ. ٣٦. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهون ۽ انجي ڀائرن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي=. پنهون ان شهر جو رهاڪو هو). ٣٧. ڪوبه هڪڙو. ٣٨. اي جيڏيون. اي سرتيون. ٣٩. تمام وڏو. ۴٠. مون پرايو يا حاصل ڪئو. ۴١. ناتي يا سنگت.

٨

ڪِينَ[١] سَهَان[٢] تِي سُپِرِين[٣]، چَپَرَ[٤] جُون چُولُون[٥]،
مَتَان مُون کي چَڏِين[٦]، آرِيَاڻي[٧] اولُون[٨]،
بَانِيڻِ[٩] سين بُولُون[١٠]، پِرِين[١١] پَارِجِ[١٢] پَانُهِنجُون.

٩

وِهين[١٣] ۽ ويلاَ[١٤] ڪَرِين، پُڇِين[١٥] تِي پَانڌِي[١٦]،
هَارِي[١٧] هيڪاندِي[١٨]، ڪَنهن پَرِ[١٩] تِينديِنءَ[٢٠] هُوتَ[٢١] سين.

١٠

وِهين ۽ ويلاَ ڪَرِين، سَڏِين[٢٢] سَانگَاتُو[٢٣]،
آرِي آپَاتُو[٢٤]، تو سين سُونهي[٢٥] نَه سَسُئِي.

١١

وِهين ۽ ويلاَ ڪَرِين، اِيءَ نَه اُڪَنڊَ[٢٦] آهِ،
سي لاَگَاپَا[٢٧] ئِي لاَهِه[٢٨]، اوربَان[٢٩] اُپِيَارِنِ[٣٠] جي.

١٢

لاَگَاپَا لاَهِه، لَحظِي[٣١] ۾ لطيف رح چَئِي،

---

١. ڻَہ، ٢. برداشت ڪريان، ٣. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ۴. جبلَ، ۵. ستون، لوڏا اٿلون پٿلون. ٦. پري ڪَرين، ٧. اي آري، اي پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٨. اولي ڪان، اَجهي يا پناهہ ڪان، ڍڪ يا پردي ڪان، ٩. ٻانڀڻ يعني برهمڻ زال (سسئيءَ)، ١٠. ٻولَ، انجامَ، قولَ، ١١. اي پرين، اي محبوب، ١٢. پورا ڪج، ١٣.هڪ جاءِ يا هنڌ تي ويٺي آهين،، ١۴. ويلا ڪرين= دير ڪرين، اجايو وقت وڃائين، ١۵. دريافت ڪرين، ١٦. پنڌ ڪندڙ، واٽهڙو، مسافر، ١٧. اي هارَ ڪاڏل، موڳي، بي عقل يا اياڻي، ١٨. گڏ، ١٩. ڪهڙيءَ، ٢٠. ريت، نموني، ٢١. محبوب، پنهونءَ، ٢٢. ڪوٺين، طلبين، پڪارين، ٢٣. واٽهڙو، سنگتي، رفيق، ٢۴. ڏاريون، ٻيءَ ڏاڏي جي مائٽيءَ ڪان ٻاهر، ٻيءَ نکَ مان، ٢۵. ٺهي، برابريءَ ۾ اچي، ٢٦. سڪَ، محبت، ٢٧. ناتا، واسطا، تعلق، ٢٨. ختم ڪر، ٢٩. منزل مقصود ڪان اوري، ٣٠. ٻيهارين، روڪين، ٣١. گهڙيءَ پلڪَ، ساعت ڪنَ.

تِهان[1] پوءِ پُڇاءِ[2]، پِريان[3] سَندو[4] پيچرو[5].

١٣

لَڳِيِنءَ لاڳاپي[6]، پوري[7] مُنڌَ[8] پَنهيورَ[9] جي،
پِرِين[10] وِڃايُئي[11] تِي[12]، ڏُکي[13] ڏوريِين[14] ڏُونگرين[15].

١٤

لُونِيَس[16] لاڳاپَنِ[17]، نِنڊَ[18] نِهوڙِيَس[19] جيڏِيُون[20]،
سَڄَڻُ[21] ڏُونگَرَ[22] چوٽِيِين[23]، آڏا[24] سيلهہ[25] سُڄَنِ[26]،
سي کِيئَن[27] پِرِين پَسَنِ[28]، جَنِي[29] نِيَرُ[30] نَنگَ[31] جو.

١٥

لُونِيَس لاڳاپَنِ، نَنگَ نِهوڙِيَس جيڏِيُون،
ڪُوڙِنِ[32] آسانگَنِ[33]، پَنڌان[34] ڪارِيَس[35] پِرِينءَ جي.

١٦

لُڪُنِ[36] ۽ لَڪَنِ[37]، جَرَ[38] جَراتي[39] سُسُئي،
ڪارَڻِ[40] ڪوهِيارَنِ[41]، مَرُ[42] تِي چَڙهي چوٽِيِين[43].

---

١. تنهن کان، ٢. معلوم ڪر، ڳول. ٤.پرينءَ، محبوب، ٤. جو. ٥. گس، واٽ، رستو. ٦. لاڳاپي تي، آسري تي، ڀروسي تي، ٧. اي پوري، اي بي عقل، ٨. عورت، زال (سسئيءَ)، ٩. پنهور جي ماڻهن (پنهور جو شهر جنهن ۾ سسئي رهندي هئي، ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ہہ ميل پري آهي)، ١٠. محبوبَ، ١١. تو گنوايو، تو وڃايو، ١٢. انهيءَ ڪري، انهيءَ سبب، ١٣. اي ڏکي، اي ڏک جي ماريل، اي سور جي ستايل، ١٤. ڳولين، ووڙيين، ١٥. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ١٦. مونکي لونو ڪيو، مونکي بدحال يا برباد ڪئو، ١٧. ناتن، واسطن، تعلقن، ١٨. سمهڻ واريءَ حالت، ١٩. مونکي نهوڙيو، چٽ يا برباد يا تباهہ ڪئو (مونکي)، ٢٠. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢١. يارَ، دوست، پرين، ٢٢. ڏونگر جي، ٢٣. چوٽين تي، مٿاهين سطح تي، ٢٤. اڳئان، سامهون، ٢٥. سوريون يعني ڀالن ۽ نيزن جي مثال ايبون ۽ اوچيون ٽڪريون، اٿاهان جبلَ، ڪرڙا ياازانگا پهاڙ، ٢٦. ڀڙجن، ٢٧. کهڙيءَ طرح، ٢٨. ڏسن، ٢٩. جني کي، ٣٠. زنجير، بَندَ، ٣١. ناموس، حياءُ، شرم، غيرت، عزازت، مٿي مائٽيءَ، ٣٢. ڪوٽن، بي بنياد، دولاب آميز، ٣٣. آسرن، اميدن، ٣٤. پنڌ کان، وڃڻ کان، ٣٥. مونکي ڪاريو، مونکي ڪوٽي ڪئو يا سيڙايو، ٣٦. ڪوسين يا گرم هوائن، ٣٧. جبلن، ٣٨. (عشق جي باهہ جي) جيءَ، توَ، سيڪَ، ٣٩. جَلائي، ساڙي، ٤٠. واسطي، لاءِ، ٤١. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن)، ٤٢. پَلِ، ٤٣. جبلن جي چوٽين تي، جبلن تي،

١٧

چَانڪِ[1] چَڙهَندِيَس چوٽِيِن[2]، پَاٽَان[3] لُونِيَسِ[4] لَڪَ[5]،
سُپِيرِيَان[6] جَا سُڪَ[7]، ڪوهُ[8] جَاٽَان ڪَنِ[9] تِئا.

١٨

آئُون تِي چَڙهَان چوٽِيِن، وَرَڻُ[10] هُوءِ[11] نَه هوءِ،
پَاڙِيچِي[12] پِرتُوءِ[13]، نِمَاٽِيءَ[14] جو نِجهرو[15].

١٩

قَدُ بَڏِي[16] تُون ڪِيِنَ[17]، پَهچَندِيَنءَ[18] پُنهُونءَ[19] سين،
جي سِينُو سَاهِين سَسُئِي، تِين تَهوَارُون[20] تِينَ[21]،
مُنِّيءَ[22] تِيءُ مِسڪِينَ[23]، حُجَتَ[24] هُوتَ[25] وِجَايو[26].

٢٠

چِڏِيمِ[27] حُجَ هَلَڻَ[28] جِي، چَاڙهِيڪَنِ[29] چَڙهِي،
آڙِيڪَنِ[30] اَڙِي[31]، پِيِيَمِ[32] هوتَ پُنهُونءَ سين.

٢١

چَڏِيمِ حُجَ هَلَڻَ جِي، چَڪِئَمِ[33] چَاڙهِيڪَا،

---

١. مون پانيو تہ، مون سمجهيو تہ، منهنجي ليکي تہ. ٢. (جبل جي) چوٽين تي يا مٿانهين سطحن تي، جبلن تي. ٣. ويتر، اٿلندو، ۴. مونکي لوڻو ڪئو، مونکي بدحال يا برباد ڪئو يا جلايو. ۵. جبل. ٦. پرينءَ، محبوبَ. ٧. سهنجَ، سولايون. ٨. ڪوهہ جاٽان= مونکي ڄاڻ يا خبر نہ آهي. ٩. ڪَنِ سان، ڪنهن سان. ١٠. موٽڻ، واپس ٿيڻ. ١١. ٿئي. ١٢. اي پاڙي واري، اي محلي ۾ رهندڙ. ١٣. توکي پرتو، توکي سپرد ڪريان ٿي يا تنهنجي حوالي ڪريان ٿي. ١۴. غريب، مسڪين، عاجز. ١۵. ڪُهرَ. ١٦. قد بڏي= سينو ساهي، سرڪشي ڪري، ضد ڪري، حجت هلائي. ١٧. اصل نہ، بنهہ نہ. ١٨. ملندينءَ، برابر يا هڪ جهڙي ٿيندينءَ. ١٩. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٢٠. تهارون، ڇيهون ڇيهون، پرزا پرزا. ٢١. چو نہ، ضرور. ٢٢. اي مٺي، اي مٺل، اي مصيبت جي ماريل. ٢٣. نماڻي، غريب، ضد ڪان خالي. ٢۴. دعويداريءَ، حُجَ، حقداريءَ، گستاخيءَ. ٢۵. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ٢٦. گنوايو. ٢٧. مون ڇڏي، مون ترڪ ڪئي. ٢٨. پنڌ. ٢٩. چاڙهيڪن تي، جبل جي چاڙهين تي يا چوٽين تي. ٣٠. آڙيڪن ۾ (محبت جي) پيچن ۾. ٣١. ڦاسي. ٣٢. مونکي پيو (واسطو). ٣٣. مون چکئا يا آزمايا.

اَديُون آڙِيڪا هِينئڙي پِئا هوتَ سين.

٢٢

چَڏيَمِ ڇُجَ هَلَڻَ جي، چَاڙهِيڪا چَڪِئامِ،
آرِياڻيءَ جي آسري، ڏُونگرِ ڏِينهن لَڳامِ،
پُڇجِ پِرِينَ سَنڌامِ، وِرتِيَسِ وِڪَ نَه اُپِڙي.

٢٣

وِرتِيَسِ وِڪَ نَه اُپِڙي، اَڄُ آرِياڻي آءُ،
ڇُڪيءَ تو سين چَاهُه، پَاسي پَرِ پيئي رِڙهي.

(٢٤)

جيڏيُون جي مَان وِسَهُوَ، تَه ڪِينَ سُپيلي سُکُ،
ٻَرُ ٻورائُو تَنِ جو، ڏُونگرِ جَنِي ڏُکُ،
آرِيءَ جو اَهُکُ، رَهنُمَا رَاهه تِنئو.

٢٥

ٻَرِي تَه ٻيلِي گهَٽا، سَاٿِي پُڇي سُکُ،
رَفَاقَتَ رِجُنِ ۾، ڏُونگرِ ڪَري ڏُکُ.

---

١. اي اديون، اي ڀينر، ٢. (محبت جا) ڀيچ، ٣. هينئڙي ڪي، دل ڪي، ۴. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ۵. مون ڇڏي يا ترڪ ڪئي، ٦. دعويداري، حقداري، ڀروسو، ٧. پنڌ، ٨. جبلن جون چاڙهيون، ٩. مون چکئا يا آزمايا، ١٠. آريءَ، پنهونءَ (هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي جو هو)، ١١. آسري تي، ڀروسي تي، ١٢. ڏونگر ۾، جبل ۾، ١٣. گهڻو وقت، ١۴. مونکي لڳا، ١۵. خبر يا سار لهج، ١٦. اي پرين يا محبوب، ١٧. منهنجا، ١٨. آئون ورچي پئي آهيان يا ٿڪجي پئي آهيان، ١٩. قدمُ (هلڻ يا پنڌ ڪرڻ وقت ٻنهي پيرن جي وچ وارو مفاصلو)، ٢٠. ڪجي، پڄي، اڳتي هلي يا وڌي، ٢١. ڇڪيءَ جو، ٿڪل جو، ٢٢. قربُ، پيارُ، ٢٣. بدن جي پاڳي يا پهلوءَ، ٢۴. سان، ذريعي، ٢۵. سري، هلي، ٢٦. اي جڏيون، اي سرتيون، ٢٧. جيڪڏهين، ٢٨. مون تي، ٢٩. اعتبار ڪريو، ٣٠. هرگز نه، بنهه نه، ٣١. سُنو ٻيلي يامددگارَ، ساٿي، همراهَ، ٣٢. آرامُ، راحت، ٣٣. رڻ پٽَ، سُڃَ، بيابانُ، ٣۴. سونهون، رهبر، اڳواڻ، مددگارُ، ٢۵. جني کي، ٣٦. تڪليف، دشواري، ٣٧. اهنج، ڏکُ، غم، ٣٨. سونهون، رهبر، ٣٩. راهه جو، رستي جو، ۴٠. (عشق جي) باهه، مصيبت، ۴١. همراهي، مدد، دوستي، ياري، ۴٢. رڻ پٽن، بيابانن.

آرِيءَ[1] جو اُهڃُ[2]، رَهنُما[3] راهَه[4] ٿِيئو.

٢٦

بَرِي[5] تَه بارِ[6]، ڦُوڪِ[7] تَه لَڳي[8] انبرين[9]،
هِتي[10] جي هُوئَڻ[11] جُون، وَٽُون[12] سَبِ وِسارِ[13]،
سَمُوري سَرڪارِ[14]، نِيئي[15] رکِج نانهه[16] ۾.

٢٧

ڪُٺيءَ[17] لَيءِ[18] ڪاٺي[19]، رکيئي[20] پِرتِ[21] پُنهونءَ سين،
سُهِئو سُکِئو[22] جِندڙو[23]، وَڏءِ[24] جيري[25] ۾ جاڻي[26]،
هاڃو[27] هوتاڻي[28]، تَو[29] صُباح[30] ڪَندا سَسُئي.

٢٨

هَي[31] هَي حادثو[32]، هوتَ[33] هَلَندي جو ڪِئو[34]،
ايڏو[35] ڪَرتُ[36] قُلُوبَ[37] ۾، ڪَڏهين ڪونَه پِئو،
مَرڻُ[38] ماڳِ[39] ٿِئو، نِڌڪَ[40] ساهُ[41] نَه نِڪري.

٢٩

هَي[42] هَي جي نَه هُئي، تَه جيڪَرَ[43] جِيءُ[44] جَلي وِئو،

---

١. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب اري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. اهنج، ڏک، غم، ٣. سونهون، رهبر، اڳواڻ. راهه ڏيکاريندڙ. ۴. راهه جو. رستي جو. ۵. (جيڪڏهين عشق جي باهه)، ٻري آهي يعني، ڏکي آهي. ٦. (وڏيڪ) روشن ڪر يا ٻرڪاءِ. ٧. (وات سان) ڦوڪَ ڏينس يا هوا لڳائينس. ٨. رسي، پهچي. ٩. انبرَ تائين. آسمان تائين. ١٠. دنيا ڏانهن اشارو. ١١. هستيءَ. ١٢. شيون. اسبابَ. ١٣. دل تان لاهي ڇڏ. ڀُلائي ڇڏ. ١۴. دنيائي ڪاروبار. ١۵. ڪي، وٺي. ١٦. نفيءَ. نيستيءَ. ١٧. ڪُٺيءَ جي، موت جي. ١٨. واسطي، ڪاڻ. ١٩. اي ڪاٺي، اي سڙيل يا جَليلَ. ٢٠. تو رکي، تو لڳائي. ٢١. محبت. پيار، ٢٢. سُکئو، آسودو، آرامي، خوش. ٢٣. سرير. جان. ٢۴. تو وڏو. ٢۵. باهه. ٢٦. هرويرو. ڏسي وائسي، جاڻي ٻجهي. ٢٧. زيان. ظلم. نقصان. ڏاڍ. ويلُ. ٢٨. هوت جو اولاد (پنهون ۽ ان جا ڀائر). ٢٩. توسان. ٣٠. سڀاڻي. ٻي ايندڙ ڏينهن تي. ٣١. هاءِ هاءِ. افسوس. ٣٢. واقعو. سانحو. رنج يا ڏک پهچائيندڙ واردات. ٣٣. محبوب (پنهونءَ). ٣۴. هلڻ يا وڃڻ وقت. ٣۵. ايترو وڏو. ٣٦. وڏي ڪارائي، ڪاٺ چيرڻ جو اوزارُ. ٣٧. قلب جو جمع پر معنيٰ واحد ۾ تيندي، يعني دل. هردي. ٣٨. موتُ. ٣٩. (پنهنجي) ماڳ تي يا جاءِ تي يعني معمولي ۴٠. نڌڪ جو. نڌٽڪيءَ. ٻي واهيءَ جو. ۴١. پساهَ. دمَ (ساهَ نه نڪري= موت ۽ حياتيءَ جي وچم). ۴٢.^^ ياروٰاجي ڳالهه. موجود. روح راڙو. ۴٣. هوند. ۴۴. جان. جسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَئي ڪَرتُ[١] ڪانَ[٢] ۾، ڪَڍي[٣] رُڪُ[٤] رَئي[٥]،
سَندِي[٦] دَردَ[٧] دَئي[٨]، هَي هَي[٩] هيِناهِين[١٠] ڪِي.

٣٠

هَي هَي جي[١١] نـ هُئي، تَ جَرَ[١٢] جَراتئو[١٣] جندڙو[١٤]،
دانهون[١٥] ڪَري دَردَ جُون، ماڳهين[١٦] هُوند[١٧] مُئي[١٨]،
سَندِي دَردَ دَئي، هَي هَي سان هيٺي[١٩] ٿي.

٣١

سَسُئيءَ جي سِڙِيءَ[٢٠] سين، ڪيچ[٢١] ڏٺي[٢٢] ڪانڌي[٢٣]،
لَکَن[٢٤] تان لطيف چئي، آرياڻيءَ[٢٥] آندي[٢٦]،
پَسَڻ[٢٧] ڪارَڻ[٢٨] پِريِنءَ[٢٩] جي، مُنڌَ[٣٠] هُئي ماندي[٣١]،
پُنهونءَ[٣٢] پيراندي[٣٣]، نماڻيءَ[٣٤] نصيبُ[٣٥] ٿي.

٣٢

هوتَ[٣٦] نـ پَهچان[٣٧] هوڏ[٣٨]، آئُون پيادي[٣٩] پَنڌُ[٤٠] گهڻو،
لَکَن تان لطيف چئي، تکا[٤١] وَجن توڏ[٤٢]،
اوڏي[٤٣] ڪَري اوڏ[٤٤]، پَهچائج[٤٥] پُنهونءَ ڪي.

---

١. وڏي ڪارائي، ڪاٺ چيرڻ جو اوزار، ٢. سائي توڙي سڪل نباتات يعني وڻن ٽڻن جي جسم يا مادي، ٣. ٻاهر ڪري، ٤. رُڪ يا فولادَ مان ٺهيل ڪرتُ. ٥. ٻورو، چُورو، ٦. جي، ٧. سُورَ، ٨. دٻَ، دٻاءُ، سختي، ٩. روچ راڙي، ١٠. جهڪي، جهيٽي، گهٽ، ١١. جيڪڏهين، ١٢. باهه (عشق جي)، ١٣. ساڙيو، جلايو، ١٤. جان، جسم، سرير، ١٥. رڙيون، آهون، ١٦. صفا، بنهه، ١٧. جيڪر، ١٨. فنا ٿي، فوت ٿي، ١٩. جهڪي، گهٽ، ٢٠. جنازي، لاش، ٢١. ڪيچ جو (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٢٢. مالڪ، ٢٣. جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ، جنازي سان گڏ هلندڙ (قبرستان ڏي)، ٢٤. جبلن، ٢٥. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٦. ويجهي يا نزديڪ ڪئي، ٢٧. ڏسڻ، ٢٨. واسطي، ٢٩. محبوب، ٣٠. عورت، زال (سسئي)، ٣١. آتي، بيتاب، بي قرارُ، ٣٢. پنهونءَ جي، ٣٣. قبر ۾ دفن ٿيل جنازي جي پيرن جي طرفوارو پاسو، ٣٤. نمائيءَ، مسڪين يا عاجز کي، ٣٥. حاصل، ٣٦. هوت کي (پنهونءَ کي)، ٣٧. رسان، ٣٨. هوڏ سان، ضد سان، سيني ساهڻ سان، ٣٩. پيرين پنڌ ڪندڙ، ٤٠. مفاصلو، سفر، ٤١. تکڙا، تيز، ٤٢. توڏا، اٺَ، ٤٣. ويجهي، نزديڪ، ٤٤. اوڏ ڪان، ويجهائيءَ يا نزديڪيءَ کان (اوڏي ڪري اوڏ= ويجهي کان ويجهي، تمام نزديڪ)، ٤٥. رَسائج.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣٣

لَتُو[1] ڪَمُ[2] ڪيچِيَنِ[3] جو، ڇَڏي هَلِئَا[4] مُون[5]،
وَنُدُرَ[6] جي وَاٽُنِ[7] تي، وِيَني ڪُوتِيَمِ[8] پُون[9]،
اَللهَ[10] آهِيَن تُون، هوتَنِ[11] تَان[12] هيڏي[13] ڪِي.

٣٤

سَڌَ[14] مَ ڪَرِ سَڏَنِ[15] ري، هَلَڻَ[16] رِءَ[17] مَ[18] هَلُ[19]،
جَلَڻَ[20] رِءَ مَ جَلُ[21]، رُوئَڻَ[22] رِءَ مَتَان رُوئِين.

وائي

جَان[23] تُون وَڃِين ڪيچِ[24] ڪَهِي[25] اِي اَدَا،
ڏِجِ پَارَانِ پِرِيُو[26] پِرِينءَ[27] ڪي،
مُون مُنِيءَ[28] مَتَان[29] ڪيتِرَا، وِتَرَا ڪَانگَ[30] لَنِئي[31]،
آئُون قُوڙَائِي[32] مَارِي[33]، مُنهِنجَا وَاقُفَ[34] وِتَرَا وَهِي[35]،
هيڏي[36] شَهرَ پَنِپُورَ[37] ۾، سَارِئَان[38] ڪُونَہ صَحِي[39]،
ڏُکُ[40] مُنهِنجي ڏِيلَ[41] ۾، سَگهَان تَان نَہ سَهِي[42].

---

١. پورو ٿئو، سِڌ ٿئو. ٢. غرضَ، مطلبَ. ٣. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهون ۽ ان جا پائر (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب رهندو هو). ٤. وئا. ٥. مون کي. ٦. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، هڪ نئن ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو. ٧. گسن، رستن. ٨. مون ڪوتي (ڪوتڻ= مٺي ڪيڻ). ٩. زمين. (پون ڪوتڻ= ناميد ٿيڻ) ١٠. اي الله. ١١. محبوبن. پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ١٢. تہ. ١٣. ايڏي وڏي جاڙ يا جُٺ. ١٤. واحد سڌ= جوابَ، ورندي. ١٥. (محبوب جي) ڪوٺ، دعوت، طلبَ. پُڪارَ. ١٦. ڪان سواءِ. ١٧. نيڪ نيت سان هلڻ يا پنڌ ڪرڻ. ١٨. ڪان سواءِ. ١٩. پنڌ ڪر. ٢٠. (عشق جي سڄيءَ). باھ. ٢١. سڙ، پچ، ڪامُ. ٢٢. حقيقي رئڻ. ٢٣. جيڪڏهين، جيئن ئي. ٢٤. ڪيچ ڏي. ٢٥. پنڌَ ڪري. ٢٦. نياپو، پيغام. ٢٧. محبوب. ٢٨. مُٺلَ يا دردن يا سورن جي ستايل (جي لاش). ٢٩. تان. ٣٠. ڪانءُ، زاغَ. ٣١. اڏامي، ٻولي ڪري. ٣٢. جدائيءَ، فراق. ٣٣. فنا يا برباد ڪئي. ٣٤. سُڃاڻو، محبوبَ. ٣٥. نڪري. ٣٦. ايڏي وڏي. ٣٧. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ہہ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي. ٣٨. سمجهان. ٣٩. سچو (دوست يا سڄڻ). ٤٠. درد (عشق جو). ٤١. بدن، سرير. ٤٢. برداشت ڪري.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ حُسيني

داستان يارهون

١

أُتيو ءِ أُتيَاڪُ، ڪَالهوڪو ڪَاڏي ڪَيو،
وِئو جَاڳَائي جيڏِيُون، بِرهُ هو بِي بَاڪُ،
چُرقُر ڪَاري چَاڪُ، سُورُ سُمَهَاري ڪِينَ ڪِي.

٢

سَنڌِيُون سُورَ ڪَرِينِ، هَڏُ پَڻِ ڏُکِي هوتَ ڪِي،
پِرِينَ جِي پَاڻَ ڏِنَا، سِي سُتِي سُکُ نَه ڏِينِ،
جي مَاٺُهنِ کي مَارِينِ، آئُون تَنِ سُورَنِ کي سَڏَ ڪَرِيَان.

٣

گهوڙَن هَنئِي سَيَڪَا، آئُون ڪَنوَاتَنِ ڪُنئِي،
مَتِي بَرِ بُنِي، پُنهُون جَامَ پَسِيجِ تُون.

---

١. (اڳيئي) أتيل يا جاڳيل (عشق يادرد)، ٢. نئون سرجندڙ يا ايرندڙ (عشق يا درد)، ٣. ڪالهه ڪان، ڪالهه ڪان وٺي، گذريل ڏينهن ڪان وٺي، ٤. ڪيڏانهن، ٥. وئو، ٦. أتاري، سک يا آرام ڦٽائي، ٧. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٨. عشق، نينهن، ٩. بي پرواهه، ١٠. چرقر= لوچ پوچ، ڦتڪو، بيقراري، ١١. ڪَرائي، مچائي يا لڳائي، ١٢. ڦٽ (عشق جو)، ١٣. درد (عشق جو)، ايذاءَ، ١٤. سمهڻ ڏي، آرام ڪرڻ ڏي، ١٥. سنڌ يا اهي جايون يا هنڌ جتي بدن جا عضوا پاڻ ۾ ملن پر هتي معنيٰ ٿيندي عضوا، لِڱَ، ١٦. ڪن، ١٧. بدن ۾ پٽر جهڙو سخت مادو جنهن تي ماس يا کل چڙهيل هوندي آهي، پر هتي معنيٰ ٿيندي بدن يا جسم، دِهي، ١٨. سورُ ڪري يا ايذائي، ١٩. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جيهوت قبيلي مان هو)، ٢٠. لاءِ، ٢١. محبوبن، پنهونءَ، ٢٢. جيڪي سور يا تڪليفون، ٢٣. خود، ٢٤. سمهڻ يا ننڊ واريءَ حالت ۾، ٢٥. آرام ڪرڻ، ٢٦. گهوڙن تي چڙهي آيل ڌاڙيلن يا ڦورن (پراڻي زماني ۾ ڦورو گهوڙن تي چڙهي ڦر ڪندا هئا يا ٻيءَ چوٽيءَ موجب علاؤالدين جي لشڪر گهوڙن تي چڙهي سنڌ ۾ ظلم ڪئو)، ٢٧. سَتائي، ڦاسائي (مصيبت ۾)، ٢٨. اُنن (جي جوان ٻچن يعني گورن)، جي، ٢٩. ڪنل، مصيبت ۾ ڦاسايل، ٣٠. ۾، ٣١. سج، رڻ پٽ، ٣٢. قبر (سسئيءَ جي)، ٣٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٣٤. ڏسج.

۴

گھوڙَنِ[1] ھَنئِي[2] سَيَڪا، اُنَنِ ھَنئِي آنءُ[3]،
جَا نينھَن[4] ڳَنھَنديءَ[5] نَانءُ[6]، سَا مُون جِيئَن[7] پُوندي مَامِري[8].

۵

اوجَھڙِ[9] وَتَان آنءُ[10]، پِيُون سَبِ سَگڙِ[11] سَاٿَ[12] جي،
جَا نينھَن ڳَنھَندي نَانءُ، سَا مُون جِيئَن پُوندي مَامِري.

٦

جيڪي[13] ڪَرِيَان ايئَن، جِيئَن ڪَميٽِي[14] ڪَانھ ڪَري،
سَندو[15] نَالو نينھَن، ڪِڏھِين وَنِي ڪَانھ ڪَا.

۷

نينھَن مَ نَالو ڳِنُ[16]، پِرِيَتَڻي[17] پيِسَر[18] پِئَا،
سُورَنِ[19] سَان مَ چِنُ[20]، وِرھُ[21] وِھَائِجِ[22] وَتَرو[23].

۸

وِرھُ جَنِ[24] وَتَاڻُ[25]، سُورُ[26] سَلاَمي[27] تَن جو،
جَنِ[28] لَڳو تَن لَڪِئو[29]، بَاروچَاٽو[30] بَاڻُ[31].

١. گھوڙن تي چڙھي آيل ڌاڙيلن يا فورن (پراڻي زماني ۾ فورو گھوڙن تي چڙھي ڦر ڪندا هئا يا ٻيءَ چوٽيءَ موجب علاؤالدين بادشاهہ جي لشڪر گھوڙن تي چڙھي سنڌ ۾ ظلم ڪئو)، ٢. (مصيبت ۾) ڦاسائي، سَتائي، ٣. آئون، ۴. نينهن جو، عشق جو، ۵. وڻندي، اُڃاريندي، ٦. نالو (نينهن ڳنهندي نانءُ= نينهن سان واسطو رکندي)، ٧. وانگر، ٨. مامري ۾، آزار ۾، تڪيلف ۾، ٩. خراب يا منجهائيندڙ رستي، جهنگ واري رستي، ١٠. تي، ١١. سڳرتي، رستي تي، ١٢. (پنهونءَ جي اٺن جي) قافلي، ١٣. جيڪس، جيڪڏهين، ١۴. بدڪار، ڪم ذات، ١۵. جو، ١٦. وٺ، ١٧. پريتي جا، نينهن جا، ١٨. رستا، واٽون، ١٩. ڏکن، ٢٠. قطع تعلقات ڪر، ناتو ختم ڪر، ٢١. برهہ، عشق، وڇوڙو، فراق، ٢٢. حاصل ڪج، خريد ڪج، ٢٣. وڌيڪ، زيادهہ، گهڻو، ٢۴. جن جو، ٢۵. آستان، مڪان، رهڻ جي جاءِ، ٢٦. درد، ڏکَ، ٢٧. سلام ڪندڙ، جُهارَ يا پرنام ڪندڙ، نمسڪار ڪندڙ، حاضري ڏيندڙ، فرمانبرداري ڪندڙ، ٢٨. جن کي، ٢٩. محسوس ڪئو، ٣٠. پاروچن جو، پروچن يا بلوچن جو (پنهونءَ جو)، ٣١. تير، ڪان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڏيون هيءُ زيان، مون سين نسورو نند ڪئو.

٩

ڪَني ڪَني ماٺهين، گُوندرُ وڏي وَٽُ،
ٻَڏي گوڏ گَرَٽُ، سَاٽو ڪجي سُورَ جو.

١٠

سَؤُ سُکَنِ سَاٽي ڏِيان، سُرُ پَٽِ ڏِيان سَٽ،
جٽي مَان مِڙي مَٽ، تَہ وِرهُہ وِهَايَان وِتَرو.

١١

سَؤُ سُکَنِ ڏيئي، وِرهُہ وِهَايُمِ هِڪِڙو،
پِهتِ مُون پيئي، سَرتِيُون اِنهيءَ سُورَ سين.

١٢

سَؤُ سُکَنِ ڏيئي، وِرهُہ وِهَايُمِ هِڪِڙو،
مُون ڪي جَنهِن نيئي، دَرُ سُونهَايو دوسَ جو.

١٣

ڏُکَ سُکَنِ جِي سُونهَن، گهُوريَا سُکَ ڏُکَنِ ري،

---

١. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢. هاجو، ظلم، تباهي، برٻادي، ٣. سمورو، سرٻستو، خالص، ۴.سمهڻ، نوم، ٥. ڪِن ڪِن، ٦. ماٺهن لاءِ، ٧. غم، درد، ٨. شيءِ، تول، ٩. گوڏ ۾، ڇيلهہ يعني ڪمر کان هيٺ بدن جي حصي کي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي ۾، ١٠. ناٽو، ١١. سودو، واپارَ، مٽاسٽا، ١٢. درد، ڏک، ١٣. سوَنِ جي انداز ۾، تمام گهڻو انداز، ١۴. سکن جو، راحت جو، ١٥. ساٽي ۾، مٽاسٽا ۾، سَٽَ ۾، عيوض ۾، ١٦. مٽو، جانِ، جند، ١٧. سٽ ۾، عيوض ۾، ١٨. جيڪڏهين، ١٩. منهنجو، ٢٠. حاصل ٿئي، نهي اچي، راس ٿئي، ٢١. مَٽَ سَٽَ، سودو، ٢٢. برهہ، عشق، وڇوڙو، فراق، ٢٣. خريد ڪريان، ٢۴. گهڻو، زيادهہ، ٢٥. مون وهايو، مون خريد ڪئو، ٢٦. مناسبت، موافقت، ٢٧. مونکي، ٢٨. ڪٿي، وٺي، ٢٩. دروازو، آسمان، مڪان، ٣٠. ڏيکاريو، ٣١. دوست، يار، سڄڻ، ٣٢. سهڻائي، نزاڪت، زيب و زينت، ٣٣. ٻَن ۾ پٺا، ڪڏ ۾ پٺا.

جَـنِـي جِـيءَ وِرُونـهَـنِ[1]، سَـجَـڻُ[2] آيـو مَـان[3] گَـرِي[4].

۱۴

ڏيـکَـارِيُـسِ[5] ڏُکَـنِ[6]، گـونـدَرَ[7] گـُسُ[8] پِـرِيَـنِ[9] جـو،
سُـونـهَـائـي[10] سُـورَنِ، کِـي[11] هـيـکَـانـدِي[12] هـوتَ[13] سِـين.

۱۵

سُـکَـنِ[14] مَـتَـي[15] سُـورَ، کَـا مَـتَـائِـيـنـدِي[16] جِـيـڏِيُـون[17]،
پِـيـيَـانءَ[18] جَـي[19] پَـروزَ[20]، کَـوڙِيـن[21] کَـتَـرُ[22] نَـه ڏِيـو.

۱٦

کَـا[23] مَـتُ[24] مَـتَـائِـي، سُـورَ مَـان سَـان سَـرَتِـيُـون،
ڏيـڏا[25] ڏِيَـان نَـه ڏِيـنِ، ڏوٽَـا[26] ڏِيَـان پَـائِـي،
لاَلَـڻَ[27] تَـو[28] لاَئِـي[29]، پُـٽِـي[30] ڏوونـگَـرَ[31] ڏوريـان[32].

۱۷

سُـورَ وِراهِـيَـان[33] سَـرَتِـيُـون، جـي وِراهِـيَـا وَجَـن[34]،
پِـيُـون کُـوهـه[35] بُـجَـهـنِ[36]، جَـنِـي سَـنـدا[37] تَـنِـي[38] سَـامُـهَـان[39].

---

۱. ورونهن لاءِ، اورڻ لاءِ، ڪِرمڻ لاءِ، ۲. محبوبَ، يارُ، دوست، ۳. مون، ۴. وٽِ، ۵. هن (سسئيءَ) کي ڏيکارئو، ٦. سورن، ۷. غمَ، ۸. رستو، ۹. محبوب، ۱۰. رهبري ڪري، ۱۱. ڪٺي، ۱۲. گڏ، واصل، ۱۳. محبوبَ، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ۱۴. راحتن، ۱۵. مٿان، تي، ۱٦. بدلائيندي، ۱۷. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۱۸. توهان کي پَئي، ۱۹. جيڪڏهن، ۲۰. چاڻ، سُڌ، ۲۱. ڪروڙن تي (سکن ڏانهن اشارو)، ۲۲. (سور جو) ذرو، ۲۳. ڪا هڪڙي بہ نہ، ۲۴. برابر، هڪ جيترا، هم انداز، اُتَرَ ڪان سواءِ، ۲۵. ڏيڍ وٺا، اڌ عدد وڌيڪ يا اُتر، ۲٦. ٻيڻا، عدد جيترو وڌيڪ، ۲۷. اي لالڻ، اي محبوب، ۲۸. تنهنجي، ۲۹. واسطي، ڪاڻ، ۳۰. پيئي، ۳۱. جبل، ۳۲. ووڙيان، جهاڳيان، ۳۳. تقسيم ڪريان، ورڇيان، (حصا ڪري) ٻين مائهن کي ڏيان، ۳۴. جي وراهيا وڃن= جيڪڏهين وراهڻ يا تقسيم ڪرڻ جو رواج هجي، ۳۵. ڇو، ۳٦. پروڙين، محسوس ڪن يا خيال ڪن (سورن جو)، ۳۷. جا، ۳۸. تني کي، ۳۹. پوڳنا يا برداشت ڪرڻا آهن.

١٨

سَجَڻُ[1] ڏِنو جَنِ، تَنِ ڳِچيءَ[2] سِرِ[3] ڳَهُہ[4] ٿِئو،
بِيُون ڪوهُہ[5] ٻُجَهنِ[6]، قَدُرُ[7] ڪيچ[8] ڏَٽيَنِ[9] جو.

١٩

سَجَڻُ ڏِنو جَنِ، مُوٽَڻُ[10] تَنِي[11] مِيهَڻُو[12]،
اِيءُ مَرڪُ[13] مَعذورَنِ[14]، جِيئَن مَرَنِ[15] پِريَانُ[16] جي پِيرَ[17] تي.

٢٠

جِيئَن جِيئَن[18] جَهلي[19] جَڳُ[20]، تِيئَن تِيئَن[21] مُون[22] تاڪِيدُ[23] ٿِئي،
ڳَهِلو[24] تو ڳَالهِيُون[25] ڪَري، ورسِئو[26] پُٽي[27] وَڳُ[28]،
لوڪُ لَتَازي[29] نَندَ[30] ۾ پُنِيءَ[31] لالَڻَ[32] لَڳُ[33]،
آريَاڻي[34] اورڳُ[35]، پَنيُورَان[36] بَاهَرِ ٿِي.

٢١

نَڪَا تَاتَ[37] نَہ تُوت ڪَا[38]، نَڪَا طَلَبَ[39] تَنوارَ[40]،
ڪَانِهي پِرت[41] پَچَارَ، لَنءُ[42] وِيچَاري لَڌِئو[43].

---

١. محبوب، دوست، ٢. ڳلي، ٣. جو، ٤. زيور، هارُ، ٥. ڇو کهڙيءَ طرح، ٦. ڇاڻن، پروڙين، پرکين، ٦. مانُ، رتبو، طاقت، ٨. ڪيچ جي (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٩. مالڪن، ١٠. واپس ٿيڻ، ١١. تني لاءِ، تني کي، ١٢. طعنو، ١٣. فخر، آڏو ڏاڍي، عزت، ١٤. معذورن جو، عشق جي ستايلن يا بيمارن جو، ١٥. دم ڏين، فوت ٿين، فنا ٿين، ١٦. محبوب، ١٧. پير جي نشان (پير تي= پير جو نشان ڳوليندي يا نهاريندي)، ١٨. جيئن جيئن= جيترو وڌيڪ، ١٩. روڪي، پلي، ٢٠. جڳ جا يعني لوڪ يا دنيا جا ماڻهو، ٢١. تيئن تيئن= اوترو وڌيڪ، ٢٢. مون کي، ٢٣. تانگھہ، ڇڪَ، هوڏَ، ضدُ، ٢٤. بي عقل (جڳُ)، ٢٩. بي سود يا اجائي گفتگو، ٢٦. گمراهہ ٿئو، ٢٧. هلي، ڦري، ٢٨. ٽولو، وَلَرُ، دنيا جا ماڻهو، لوڪ، ٢٩. اورانگهي يعني ڇڏي، ٣٠. سمهڻ جي حالت، ڪهر، غفلت، ٣١. پويان، پٺيان، ٣٢. لالڻ جي، محبوب جي، ٣٣. هل، ٣٤. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٣٥. ڳول، نهار، ٣٦. پنيورڪان (پنيور جو شهر جتي سسئي رهندي هئي نتي ضلعي ۾ گهاي جي ڳوٺ کان اتکل ہہ ميل کن پري آهي)، ٣٧. (محبوب جي) يادگيري، ذڪر، پڇار، طلب، ڳولا، ٣٨. تات جو ڌوڙي اڪرجهڙيءَ طرح ڏاهہ ڏوهہ، ٣٩. طلب جي، ٤٠. پڇار، يادگيري، ذڪر، ٤١. پرت جي، محبت يا پيار جي، ٤٢. محبت، پيارَ، ٤٣. هجرت ڪري وئي، ڪنهن ٻي طرف هلي وئي.

۲۲

ڪينهي طالبَ[1] تاتِ[2] جا، آهي تات تيارُ[3]،
ڏوريان[4] پئو[5] ڏُڪارُ[6]، گهوربندڙ[7] ڪٿي[8] ويا.

۲۳

جيڪي طالبَ تات جا، تاتِ بہ تني وٽ،
هَڏهين[9] ڪانهي هٽ[10]، گهورِ[11] تہ گهرائين[12] لهين[13].

۲۴

ڳڪ[14] تِئي تنتر[15] لنئي[16]، متان[17] وسي مينهن[18]،
صُباح[19] سارو ڏينهن، اُنَ مَ لهو[20] اونِيا[21].

۲۵

هلو[22] ۽ ملهو[23]، ڏُکُ[24] مَ پسو[25] ڏوٿئا[26]،
سُونهُون[27] جو ساٿَنِ[28] جو، سو مُون[29] هوتُ[30] سلو[31]،
آن[32] پڻِ تيي پلو[33]، آئون پڻِ گڏجان[34] پرينءَ[35] ڪي.

۲٦

آئون پڻ گڏجان هوتَ ڪي، آن پڻِ پلائي،

۱. گهورا، ڳولا ڪندڙ. ۲. (محبوب جي) يادگيريءَ، پچار، ذڪر. ۳. حاضر، موجود. ۴. ڳوليان. ۵. پئجي ويو، ٿي وئو. ٦. (طالبن جو) قحط، ڪوٽ، قلت، غير موجودگي. ۷. ڳولائو، ڳوليندڙ. ۸. (تات) وني. ۹. هرگز. ۱۰. هٽ تي، دڪان تي. ۱۱. ڳول. ۱۲. گهر مان، رهڻ واريءَ جاءِ مان، پنهنجي اندر مان. ۱۳. حاصل ڪرين. ۱۴. ڪشش، تانگهہ، اڪير، سڪ. ۱۵. پکيءَ جو هڪ قسم جيڪو قد بت ۾ ڳيري جيڏو يا ڪجهہ وڏو ٿيندو آهي ۽ ڏسڻ ۾ سهڻو لڳندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي ڪِهي پاسي ڪان ان جي ٻولڻ يا آواز ڪرڻ کي بدسوڻ سمجهيو ويندو آهي. ۱٦. ٻولي يا آواز ڪري. ۱۷. ويتر پئو. ۱۸. برسات، بارش. ۱۹. صبوح ڪان وني. ۲۰. ڏسو (اوهان کي ملن يا هٽ اچن). ۲۱. اي اونيا، اي ائن وارا، اي جَتو (پنهونءَ جا ڀائرو). ۲۲. پنڌ ڪرئو. ۲۳. هلو اکر جو ڏوڙي اکر. ۲۴. تڪليف. ۲۵. ڏسو. ۲٦. اي ڏوٿئو (ڏوٿي= ڏٿ يعني جهنگ جي وٽن ۽ ٻوٽن مان حاصل ٿيندڙ ان ۽ ڦلن تي گذران ڪندڙ). ۲۷. اڳواڻ، رهبر، واقف. ۲۸. قافلن. ۲۹. مون کي. ۳۰. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ۳۱. سَليو، ٻڌايو. ۳۲. آن جو، اوهان جو. ۳۳. پلائي، چڱائي. ۳۴. ملان. ۳۵. محبوب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَلَڻَ[1] جَلائِي[2]، آهِيَان آرِيچَنِ[3] جي.

٢٧

هُئَان[4] تي هَلَنديَاس، سَرتِيُون[5] سَاٿِيهَہ[6] سَامُهين[7]،
سُون[8] ڪَڙولاَ[9] سَنگهَرُون[10]، ڏُونگَرَ[11] ڪي ڏِينديَاس،
آيل[12] پَاروچَنِ[13] سين[14]، ڪيسَرِيَا[15] ڪَنديَاس،
مِليَس تَہ مِليَاس، نَہ تَہ گهوريَس[16] پَاروچَلَ[17] تَان.

وائي

ڪَارُون[18] وَسَ ڪِئَامِ[19]، ڙي هَي هَي[20] وو لَڏي[21] ڏُور[22] وِئَامِ[23]،
مُنهنجو هوتُ[24] نَہ موٽئو[25]،
پَنڌَڻَ[26] پَاروچَن جَا، پينگهي[27] مَنجهہ پِيَامِ[28]،
ڪَئِين[29] قَاصِدَ[30] ڪيچ[31] ڏي، مُحبَن[32] لاءِ مُڪَامِ[33]،
سَدا سُپيرِيَن[34] جَا، سَانڍِڻَ[35] سُور[36] پِيَامِ،
هوتَ هَلَندي جي ڪِئَا، نَہ سي سَڌَ[37] سُئَامِ[38]،
اُتي عَبداللطيف رح چئي، آرِيَاڻي[39] اِيندَامِ[40].

---

١. (عشق جي) باهہ، تپش، گرميءَ، ساڙ، ڪامر. ٢. ساڙي، ڪانئي. ٣. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ۴. هتان (ڀنڀور ڪان). ۵. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٦. (محبوب پنهونءَ جي) وطن، ديس. ٧. ڏي، ڏانهن. ٨. سون جا، سونا، طلائي (سون هڪ قسم جو زري رنگ جو قيمتي ڌاتو آهي جنهن مان زيور وغيره ٺهندا آهن.) ٩. ٻانهن جا زيور، ڪنگڻ. ١٠. زنجيرون. ١١. جبل (ڏونگر ڪي ڏينديَاس= ڏونگر جي مٿان گهوري ڦِٽو ڪنديس). ١٢. اي آيل، اي امڙ. ١٣. ٻروچن يا بلوچن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن). ١۴. لاءِ، واسطي. ١۵. ڪيسر يعني زعفران جو رنگ ڏنل ڪپڙا، گيڙو ڪپڙا، جوڳين جهڙو ويس يا پوشاڪ. ١٦. قربان يا صدقي ٿيس. ١٧. ٻروچ، بلوچ (پنهونءَ). ١٨. دانهون، عاجزيون، منٿون، حيلا، وَس، ڪوششون. ١٩. مون ڪيا. ٢٠. هي هي= هاءِ افسوس. ٢١. هجرت ڪري، نقل مڪاني ڪري. ٢٢. پري. ٢٣. مون کان ويا. ٢۴. محبوب، پنهون. ٢۵. واپس ٿئو. ٢٦. پيوندَ، پيچ، ڳانڍاپا، تنجڻ، پنڌڻ ان ڪپڙي کي چئبو آهي جنهن سان ننڍڙي ٻار کي ڄمڻ کان وٺي ڪجهہ مهينن لاءِ ويڙهي ٻڌبو آهي تہ ان جا عضوا وغيره سڌا رهن). ٢٧. هندوري (ٻالڪپڻي ۾). ٢٨. مونکي پيا. ٢٩. ڪيترا، گهڻا. ٣٠. پيغام يا نياپا پهچائيندڙ. ٣١. رياست مڪران ۾ هڪ شهر جتي پنهون رهندو هو. ٣٢. پرين، دوستن (پنهونءَ). ٣٣. مون مڪا يعني موڪليا. ٣۴. پرين، محبوبن. ٣۵. قابو يا محفوظ ڪرڻ (دل ۾). ٣٩. دردَ، تڪليفون. ٣٧. واڪا. ٣٨. مون سُٺا يا ٻُڌا. ٣٩. آري، پنهون. ۴٠. مون وٽ ايندو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسيني

داستان ٻارهون

(١)

سُسئِيءَ[1] ڪا تَنوار،[2] ڪِي[3] هُونهين[4] تي هَٿَ ڪَٿين،[5]
سَئين[6] رولِيُون[7] سَسُئي،[8] هوتاڻِن[9] هَزار،[10]
ٻَاروچاڻا[11] ٻَار،[12] توڙان[13] تَرسُ[14] نه سِڪئا.

(٢)

هَٿَ ڪَٽان تان ذُور،[15] سَڌَ[16] نه[17] اوڏا[18] سُپِرين،[19]
ڪيچِين[20] ڪَرهَه[21] پَلاڻئا،[22] اونين[23] اُنَ اَسُور،[24]
مُيسِ نه[25] آئون مَعذُور،[26] هَلَڻُ[27] سُٽي[28] هوتَ[29] جو.

(٣)

مُئين نه تُون مَعذُور، هَلَڻُ سُٽي هوتَ جو،
سَاجَنُ[30] ڪِهَڙي سُورِ،[31] توکي وِئڙو وِسري.

---

١. تو سئي يا ٻڌي، ٢. (محبوب پنهونءَ جو) سڏ، آواز، ٣. يا، ۴. اجايو، خواهه مخواهه، ۵. هٿ ڪٿين= تون (جواب ۾) سڏ ڏين، ٦. سون جي انداز ۾، تمام گهڻيون، ٧. دربدر ڪيون، حيران يا پريشان ڪيون، ٨. اي سسئي، ٩. هوت قبيلي وارن، هوت جي اولاد (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن)، ١٠. هزارن جي تعداد ۾، ١١. ٻاروچن جا، بروچن يا بلوچن جا (پنهونءَ جي خاندان جا)، ١٢. اولاد، ١٣. توڙ کان، اصل کان، مُنڍ کان، ١۴. ڪهل، قياس، ١۵. تہ، ١٦. پري (وڃن)، ١٧. سڏ يا واڪي جي باوجود، ١٨. اوڏا يعني ويجها يا اوري ٿين، ١٩. پرين، محبوبَ (پنهون)، ٢٠. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ٢١. ڪرها، اُٺ، ٢٢. پلاڻ وغيره وجهي وڃڻ لاءِ تيار ڪئا، ٢٣. انن وارن، جتن (پنهون جي ڀائرن)، ٢۴. اسر جي مهل، فجر جي وقت، ٢۵. آئون مئي، آئون فوت ٿي، فنا ٿي، ٢٦. جڏي، عذر واري، بيمارِ، ٢٧. وڃڻ (جي خبر)، ٢٨. ٻڌي، ٢٩. محبوب، پنهون، ٣٠. سڄڻ، دوست، محبوب، ٣١. سورَ يا تڪليف سبب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

وِئَا سَڀِ وِرِڳَهَ[1]، ڪو ڪو وَڻَاچُو[2] وِيڙهَ[3] ۾،
سَنڌِي[4] مَيَانِ[5] سِڪَ[6]، ڳَڏِيي[7] ڳورَانِ[8] نَہ لَهِي[9].

۵

سُتِيَسِ[10] تَانِ[11] سَاٿُ[12] وِئو، اُٿِيَسِ تَانِ اُنَ نَاهِ،
وِهَاڻِيءَ[13] ٿِي وِڙِيَانِ[14]، ڪيچِي[15] وِئَا ڪَاهَنِ[16]،
جي مُنِيءَ[17] جَا مَنَ[18] مَاهَ[19]، سي اَڄُ نَہ اوطَاقُنِ[20] ۾.

٦

سُتِيَسِ تَانِ سَاٿُ وِئو، اُٿِيَسِ تَانِ اُنَ نَاهِ،
تَنِ[21] ڪِبو ڪَاهَنِ، جَنِ[22] ڳَڏِيي ڳُونڌَرُ[23] نَہ لَهِي[24].

٧

جي ڳُهَرَانِ[25] سي نَانهِ[26]، اَڻَ ڳُهُرِيَا[27] لوءِ[28] ڳَهَٽَا،
مَنَهَنِ[29] پِرِيو[30] مَاٺِهَينِ[31]، مُونَ مَنَ[32] مُوَافِقُ[33] نَاهِ[34]،
تَنِ ڪِبو ڪَاهَنِ، جَنِ ڳَڏِيي ڳُونڌَرُ نَہ لَهِي.

---

١. وڏا، وڻ، درخت. ٢. ننڍو وڻ يا ٻوٽو. ٣. جهنگ. ۴. جي ۵. مين. ٦. اُن. ٦. (ڳڏجڻ يا ملڻ جي) سڌ، خواهش، شوق، ڪشش، ڇڪ. ٧. ڳڏجڻ سان، ملڻ سان. ٨. گورن کي، اُن جي ننڍن ڦرن يا ٻچن کي. ٩. پوري ٿئي، مڪمل ٿئي. ١٠. آئون ستي، مون ننڊ ڪئي. ١١. تہ. ١٢. قافلو (پنهون جي ڀائرن جي اٺن جو). ١٣. پرهہ ڦٽيءَ جي وقت، پرڀات يا فجر جو. ١۴. ڳوليان، نهاريان. ١۵. ڪيچ جا رهاڪو (پنهونءَ ۽ ان جا ڀائر). ١٦. ڪيڏانهن، ڪهڙي طرف ڏانهن. ١٧. مُنل، مصيبت جي ماريل. ١٨. من جا، دل جا. ١٩ چَندَ (من ماهہ = محبوبَ). ٢٠. مڪانن، آستانن، گهرن، اڱڻن. ٢١. تن کي. ٢٢. جن جي. ٢٣. غمَ، ڏکَ. ٢۴. ختم ٿئي. ٢۵. طلبيان، چاهينا، پسند ڪريان. ٢٦. نہ آهن. ٢٧. ناپسند، نہ وڻڻ جهڙا. ٢٨. لوءِ ۾، ملڪ ۾، وطن ۾. ٢٩. ڪکن ۽ ڪانن جي ٺهيل جاءِ، گهرَ. ٣٠. پريل. ٣١. ماڻهن سان. ٣٢. منهنجو. ٣٣. خوش، راضي. ٣۴. نہ آهي، ڪونهي.

٨

جي مَنَ[1] مَاهِہ[2] سي نَاهِہ[3]، جي نَاهِہ سي ڏِسَنِ[4] گهَٽَا،
تَنِي[5] ڪِبو ڪَانهَن[6]، جِنِ[7] گَڏي[8] گُوندَرُ[9] نَہ لهَي[10].

٩

جي مَنَ مَاهِہ سي نَاهِہ، جي نَاهِہ سي ڏِسَنِ گهَٽَا،
مُوڙهو[11] مَنجِهہ وِڳَا[12]، هِينئَڙو[13] نَولي[14] ڏِورَ[15] جِيئَن[16].

١٠

مُوڙهو ڳِنهي[17] نَہ مَتِ[18]، پَلِيَان[19] پَلِيو نَہ رَهي،
ڪَا جَا[20] تِيَسِ[21] پَتِ[22]، جِيئَن اَجُ اوتَائُو[23] سَڄَڻين[24].

١١

ڏُکَائِيندي[25] ڏُونهَڙا[26]، مُنڌَ[27] سِيڻَانِي[28] وَڄُ[29]،
پَرِبَاڻُونِ[30] مَ پَڄ، سَاٿُ[31] چَڙهَندو[32] لَکِبين[33].

١٢

ڇِڄ[34] مَ قَطَارَانِ[35]، سَاٿُ چَڙهَندو لَکِبين،
مَچُڻُ[36] تِبين پُٺَان[37]، وَڳَ[38] وَائُوني[39] نَہ لَهين[40].

---

١. دل. ٢. ۾. ٣. نہ آهن. ۴. ڏسجن. ۵. تني کي. ٦. ڪيڏانهن. ٧. جن جي. ٨. گڏجڻ يا ملڻ سان. ٩. غم، ڏک. ١٠. ختم ٿئي. ١١. وائڙو يا موڳو ٿيو. ششدر ٿئو. ١٢. وڳَ، ولرَ، ڌڻ. ١٣. دل، من. ١۴. (ڌڻ ۾) نئون يا تازو آيلَ، اوپري. ١۵. گهرو چوپايو مالَ (سڱن وارو). ١٦. وانگر. ١٧. وٺي. ١٨. صلاحَ. ١٩. جهليان، روڪيان. ٢٠. اهڙي. ٢١. هن (هينئڙي) جي ٽي. ٢٢. رَوَش، هلت، عادت. ٢٣. سڪايل، آسائو. ٢۴. سڄڻن کي، محبوبن کي. ٢۵. ٻاريندي، جلائيندي. ٢٦. دونهان، باهہ مان نڪرندڙ ڪاري رنگ جا بخار (هتي معنيٰ ٿيندي عشق جون باهيون). ٢٧. اي منڌ، اي زال (سسئي). ٢٨. ساٿڻ، انهن سان. ٢٩. هَلُ، پنڌ ڪر. ٣٠. انجام، واعدو، محبت (جو ناتو). ٣١. ڇڻ، ختم ڪر. ٣٢. قافلو (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جي ڀائرن جي انن جو). ٣٣. لڪن ٽي، جبلن ٽي. ٣۴. جدا ٿيءُ. ٣۵. (اٺن جي) قطار يا قافلي کان. ٣٦. متان. ٣٧. پوئتي، پٺيان. ٣٨. وڳَ کي، اٺن جي قطار يا قافلي کي. ٣٩. ڳولي، نهاري. ۴٠. ملين، گڏجين.

١٣

جِئَان[1] وارِي[2] وَڳَ[3]، اونِي تِئَا[4] چُلَنگِين[5]،
مَتِي[6] تنهن مَارَڳَ[7]، پَئِي[8] پُرزا[9] نَه تِيِين.

١٤

كَارُون[10] جِيئَن كِجَنِ، تِيئَن تو آيَلِ[11] نَه كِئَا،
مُوتِي[12] مَسَ[13] اچَنِ، ٻَارُوچَا[14] پَنِيُّورَ[15] ۾.

١٥

كَارُون جِيئَن كِجَنِ، تِيئَن تو آيَلِ نَه كِئَا،
مُوتِئُو كِيچِ[16] وَجَنِ، ڏيرَ[17] پَنهِنجِي ڏيهَ[18] تِي.

(١٦)

كَارُون سِي كُوڙا[19]، جي تو كِئَا اُنِ سين،
سَاتِي[20] سَنبِيُوڙا[21]، ڏيرَ پَنهِنجِي ڏيهَ[22] وِئا.

١٧

يَادِ كَرِيَان[23] جَنِ كِي، نَكِي وِسَارِيَان[24]،
سَرتِيُون[25] نَه سَارِئَان، ڳُجهو[26] كَري اُنِ كِي.

---

١. جتان، ٢. ورائي، موٽائي، ٣. وڳ کي، اٺن جي ولر يا قطار کي، ۴. جت (سسئيءَ جي محبوب پنهون جا ڀائر)، ۵. چلنگيون، ننڍيون ٽوليون، ٽڙيل پکڙيل، ٦. تي، ٧. رستي، وات، ٨. گهڙي، هلي، ٩. ذرا ذرا، فنا، برباد، ١٠. پڪارون، منٿون، سڏ، حيلا، وس، ڪوشسون، ١١. اي آيل، اي امڙ، ١٢. واپس، وري، ١٣. مشڪل، ١۴. ٻروچ، بلوچ (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ١۵. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ڀہ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي، ١٦. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ١٧. مڙس (پنهونءَ) جا ڀائر، ١٨. ديس، ملڪ، وطن، ١٩. ڪوڙا، بي بنياد، ٢٠. ساٿ وارا، قافلي وارا (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ٢١. تيار، سنبريل، ٢٢. ڏيهہ ڏي، ٢٣. ياد ڪريان= سنڀاليان، واجهايان، ٢۴. ڀلجان، دل تان لاهيان، ٢۵. اي سرتيون، اي جيڏيون، ٢٦. مخفي، لڪ ڇپ ۾.

١٨

يَادِ[١] ڪَري جَنِ ڪي، آئُون وِسَاري[٢] وِينِي،
مُون سِين ڪِئائُون ڏِينِي[٣]، اِڪِين[٤] ڏِيئِي هَٿَڙَا[٥].

١٩

اَچِئو[٦] اَچِئو چُون[٧]، وِهُه[٨] وِنَا[٩] تَه گهورِئَا[١٠]،
سَرَتِيَنِ[١١] سَانگ سُڪَنِ[١٢] سِين[١٣]، مُون جِيئَن[١٤] رَتُ[١٥] نَه رُون،
اُوءِ[١٦] مَرُ[١٧] وِينِيُون هُونِ[١٨]، مُون[١٩] سَاگَاتُو[٢٠] سُورَ[٢١] تِئَا.

٢٠

وِئَا تَه جَاڻَانِ[٢٢]، آئُون نَه چَوَندي گهورِئَا،
ڳَالِهيُون[٢٣] ڳُڻَ[٢٤] سَنڌَانِ[٢٥]، مُوڙي[٢٦] ٻَڌَا[٢٧] مَان[٢٨] ڳَري[٢٩].

٢١

وِئَا تَه جَاڻَانِ، آئُون نَه چَوَندي گهورِئَا،
پَاراتُو[٣٠] ڪِيَتَانِ[٣١]، مُون[٣٢] سُٽَندي مَرَ ڏِيو[٣٣].

٢٢

اُونءَ[٣٤] تَان[٣٥] اونِيَنِ[٣٦] نَه ڪِئو، آريءَ[٣٧] اُتِنِ[٣٨] جِيئَن،

---

١. ياد ڪري= دل ۾ ساري يا سنڀالي، ٢. دل تان لاهي، ڀلجي، ٣. ملاقات، ۴. (منهنجي مرڻ وقت) اکين تي، ۵. هٿ، ٦. (سرتيون مونکي) بار بار گڏجئو، ٧. چوَن، ٨. ويهي رهَہ، ترسي پوَ، ٩. (پنهون ۽ ان جا ڀائر جيڪڏهين) هلئا وئا، ١٠. نيڪ ٿئا، بجاءِ ٿئا، ١١. سرتين جو، جيڏين جو، ١٢. واسطو، ١٣. آرامَ، راحت، ١۴. وانگر، ١۵. رت جا لڙڪ يا ڳوڙها (رت نہ رون= سور يا ڏک برداشت نہ ڪن)، ١٦. سرتين ڏانهن اشارو، ١٧. ڀل، ١٨. هجن، ١٩. مون سين، منهنجا، ٢٠. رفيق، گڏ هلندڙ، ساٿي، ٢١. ڏک، تڪليفون، ٢٢. مون کي انهن (جي وڃڻ)جي ڄاڻ يا خبر آهي، ٢٣. گفتا، سخنَ، رهاڻيون، ٢۴. ڀلايون، مهربانيون، احسان، ٢۵. انهن جا، ٢٦. ورائي، ڦيرائي، ٢٧. سوگها يا قابو ڪئا، ٢٨. مون، ٢٨. ڳري سان، گلي يا ڳچيءَ سان، ٣٠. ڀٽ، بددعا، ٣١. انهن کي، ٣٢. منهنجي، ٣٣. ٻڌندي، ٣۴. انهيءَ نموني يا طرح، ٣۵. تہ، ٣٦. جتن (سسئيءَ جي محبوب پنهون جي ڀائرن)، ٣٧. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٣٨. انهن کي اُتو، انهن کي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيچِ پَهچَندي ڪِيئَن، اِهڙَنِ اَباجَهَنِ سين.

٢٣

اُونءَ تَان اونِيَنِ نَہ ڪِئو، جِيئَن اُتُنِ آريءَ جَامَ،
ٻَڙَڪِي ٻَاهَرِ نِڳِي، گَاذَرِ مَنجَهان گَامَ،
سِسِّي ڏِيئي سَامَ، سُتِي سَنگهَرِ پَٽِيين.

٢٤

هَلي هَاڙهي سَامُهين، پُڙِ وِهَاٽِيَسِ رَات،
پِرِيَانَ جَا پِرِيَات، اُپِي پُڇِي پِهَيَڙا.

٢٥

آيَس ڪِي اوڏِي، وَٽَا وَائِي نَہ ڪَرِيو،
سَا مُنَڌَ جِيئَندي ڪِيتِرو، لَڪَنِ جَا لوڏِي،
ڪوهِيَاري ڪوڏِي، چُلِي پِيِنِي چِپَرِين.

(٢٦)

وِڏِيءَ سَتَ سُورَنَ جي، ڏَاڍو ڏورِيَائين،
تَنِيءَ تَايَائِين، جهولو مُنَڌَ جُهڙَ تِئو.

---

١. ڪيچ ۾ يا ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٢. رسندي، پڄندي، ٣. ڪهڙيءَ طرح، ٤. بي قياس يا بي درد (انسانن)، ٥. انهيءَ نموني يا طرح، ٦. تہ، ٧. جتن (پنهونءَ جي ڀائرن)، ٨. جَيَن، ٩. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ١٠. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١١. ڀڙڪو ڏيئي، (جوش مان)، اچانک ڏيئي يا ڇال ماري، ١٢. نڪتي، ١٣. ڏوهياٽي، ڪتياٽي، ١٤. ڳوٺ (ڀنڀور)، ١٥. سرَ، جان، ١٦. قرباني، صدقو، ١٧. سمهي رهي (هميشہ لاءِ)، قبر ۾ داخل ٿي، مري ويئي، ١٨. سنگهر جي (سنگهر جو مڪان ڀنڀور کَان اٽڪلَ ٦٤ ميلن جي مفاصلي تي لس ٻيلي جي علائقي ۾ جبلن جي گول قطار ۾ دائري اندر هڪ وڏو ميدان آهي جنهن ۾ جبلن جون قطارون سنگهر يعني زنجير وانگر ڪڙو ڪڙي سان واقع آهن. سسئيءَ ۽ پنهونءَ جون قبرون هن ميدان ۾ آهن)، ١٩. پٽن ۾، ميدانن ۾، ٢٠. هاڙهي جبل (جيڪو لسر ٻيلي جي اولهہ ۾ آهي)، ٢١. ڏانهن، ٢٢. هن کي وهاٽي يعني گذري يا لنگهي وئي، ٢٣. پرينءَ، محبوبَ، ٢٤. پرِيات جي وقت، فجر يا اَسُر جي مهل، ٢٥. ٻيني، ٢٦. قاصدَ. ٢٧. آئون آئي، ٢٨. ڪجهہ، ٢٩. ويجهي، قريب، نزديڪ. ٣٠. اي وٽو يا درختو، ٣١. وائي ڪريو= ڳالهايو، ٣٢. زال، عورت، ٣٣. جيئري يا زندهہ رهندي، ٣٤. جبلن، ٣٥. تباهہ يا فنا ڪئي، ٣٦. ڪوهياري جي، ڪوهہ يا جبل جي رهاڪوءَ (پنهونءَ) جي، ٣٧. سڪايل، ٣٨. تپو ڏيئي، ٣٩. ڪهڙي، ٤٠. چپرن ۾، جبل ۾، ٤١. ڏونگر، جبل، ٤٢. ووڙيائين، ڳوليائين، ٤٣. تتيءَ جي مهل، گرميءَ جي مهل، ٻنپهرن جي وقت، ٤٤. (ٻنڌ) تيز ڪيائين، ٤٥. ڪوسو واءُ، گرمي، ٤٦. منڌ کي، ٤٧. جهڙ وانگر تڏو.

٢٧

جهلو مُنڌَ جُهڙَ تِئو، تَتيءَ تاياڻِ،
رائي رُنائين، اَپاري ڪي اونين.

٢٨

توڻي تَتو تِئو، مُنڌَ ورچي نَہ وهي،
رائي رَتو رُوءِ، اَپاري اونيَن لاءِ.

٢٩

اونيَن اُمَاڻي، وِندُرَ جي واٽَ ڪِي،
لاَهيو لاَهيو ڏي، ساجَ سَيئي اُن ڪي.

٣٠

اونيَنِ جَهلي اَڏَ، دانهُون واڪا مُون ڪيا،
سُٽي مُنهِنجا سَڌَ، پاڻان پَراهان ويا.

٣١

اَجُ نَہ مَنُ قَرارُ، ڏِنُمِ سَونچو سَاٿَ ۾،
نَهي وِيَنا بَارُ، مَتِي سَاٿيهَ سُپِرِين.

---

١. ڪوسو واءُ، گرمي، ٢. منڌ ڪي، عورت يا زال (سسئيءَ) ڪي، ٣. جُهڙَ يعني ڪڪر (جهڙو ٿڌو)، ۴. تتيءَ جي مهل، گرميءَ جي مهل، ٻنپهرن جي وقت، ۵. (پنڌ ڪي) تيز ڪيائين، ٦. رائي ۾ يعني جبل جي واريءَ يا ريتيءَ ۾، جبل ۾، ٧. تمامُ گهڻو، ٨. اوٺين يعني جتن پنهون ۽ ان جي ڀائرن، ٩. جيتوڻيڪ، اگرچ، ١٠. گرم ٿئو (ڏينهن)، ١١. تنهن هوندي، ١٢. ٿڪجي، ڪڪ ٿئي، ١٣. ترسي، رُڪجي، ١۴. ڳاڙهو (ڀاڻي) يعني رت جا لڙڪ يا ڳوڙها، ١۵. روئي، ١٦. تياري يا سنبت ڪري، ١٧. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، هڪ نئن ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو، ١٨. رستو، ١٩. ورتو، ٢٠. سامانَ، ٽپڙَ، مال اسبابُ، زيور، ڳهه، ٢١. اوٺين جي، ٢٢. وٺي، ٢٣. اَڏَ، جَهلَ، جهلو، آڏارُ، ٽيڪَ، ٢۴. رڙيون، واڪا، سڏ، ٢۵. ٻَڌي، ٢٦. ويتر، اٿلندو، ٢٧. پري، ڏور، ٢٨. دل، هنيون، قلب، ٢٩. آرامَ ۾، خوش، راضي، ٣٠. مون ڏنو، ٣١. سانباهيءَ جو هُلُ، سفر جي تياري، ٣٢. قافلي ۾ (پنهونءَ جي ڀائرن جي اٺن جي)، ٣٣. ٻَڌي، ٣۴. سامانُ، ٣۵. ڏي، ڏانهن، ٣٦. وطن، ڏيهه، ملڪ، ٣٧. پرين، محبوبَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣٢

هُوتَ[1] هَلَنْدي[2] جي ڪِيُون، مُون سين ڳَالَهڙِيُون[3]،
هَاڙِهي[4] وِنْدُرَ[5] وِچَ ۾، سَمَرُ[6] سي تَيَڙِيُون[7]،
ڪُوءِ[8] سي رَاتَڙِيُون، جي پِرِينءَ[9] پُڄَاڻَا[10] پِيُون.

٣٣

هُوتَنِ[11] ڪَانَ هُئِي، پَاڻَهِين[12] پِيَمِ[13] پُنُهُون سين،
بَانِهِي[14] بَارُوچَنِ[15] جي، سَڳَرَ[16] مَنجهه سُئِي[17]،
سَا مُوتِي[18] ڪِيئَن مُئِي[19]، جَنهِنجو هِنيُون[20] هوتَ هَٿِي[21] وِئَا.

٣٤

پِيئِي ڪَٽِي پَسَاهَه[22]، ڏُکِي[23] ڏِيئِي[24] وَٽ جِيئَن،
اَجُ ڪِي[25] سَنجهه صَبَاحَ[26]، ڪِي چُونڊَا تَه مُنڌَ[27] مُئِي.

٣٥

هَٿَ بَڌِي بِيئِي، پِيرَبَن[28] پَانڌِيَن[29] کي پَوِي[30]،
سَگهي نَه ڏِيئِي، سُڏِڪَن[31] ڪَان سَنيهُو[32].

---

١. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢. هلڻ يا وڃڻ وقت، ٣. ڳالهيون، سخن، ٻول، ٤. هاڙهي جبل (هاڙهو لس ٻيلي جي اولهه ۾ هڪ جبل آهي)، ٥. وندر جي (وندر لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، هڪ نئن ۽ هڪ ڳوٺ آهي)، ٦. توشو، زاد راهه، سفر جو سامان، ٧. ٽيون، ٨. ڪوهَه ۾، ڪڏ ۾، ڀَنَ ۾، ڀَنَ ۾، ٩. محبوب (پنهونءَ)، ١٠. ڪان بعد، ڪانپوءِ، ١١. هوتن ڪي يا محبوب پنهونءَ ڪي (محبت)، ١٢. ازخود، پاڻمرادو، ١٣. مونکي پيئي (محبت)، ١٤. گولي، نوڪرياڻي، ١٥. ٻروچن يا بلوچن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن)، ١٦. رستي، واٽ، ١٧. ٻَڌي، مشهور ٿي، ١٨. واپس ٿئي، پوئتي وري، ١٩. مٽل، فنا يا برباد ٿيل، ٢٠. دل، منُ، ٢١. ڪٽي يا وٺي، چورائي، ڦري، ٢٢. ساهَه، دم (ڪٽي پساهه= تڪي، چڙي، حياتيءَ جا ڏينهن ڪٽي)، ٢٣. ڏک جي ستايل، دردن جي ماريل، ٢٤. ڏيئي جي، چراغ جي (نڪر جي ٺهيل چمني جنهن ۾ تيل ۽ ڪپهه جي اٽ وٽيل وَٽ يعني ٻتي (نوڙي) وجهي روشنيءَ لاءِ ٻاربو آهي ان کي ڏيئو چئبو آهي)، ڏيئي جي وَٽ جي عمر ٿوري آهي ڇو جو اها جلد ٻري ختم ٿي ويندي آهي، ٢٥. يا، ٢٦. سنجهه صباح= سڀاڻي سويل، ٢٧. زال، عورت (سسئي)، ٢٨. پيرن تي، ٢٩. واٽهڙن، مسافرن، ٣٠. ڪِري، ٣١. ڏسڪن، روئڻ، ٣٢. پيغام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳٦)

ڪُهي[۱] نَه ڪوڙي[۲]، پاسو[۳] پَبَ[۴] وَرَنِ[۵] ۾،
ڇوري[٦] نَه ڇوڙي[۷]، سَندو[۸] سُورَنِ[۹] سَندِرو[۱۰].

(۳۷)

مُنڌَ[۱۱] مائِٽياڻي[۱۲] اُن[۱۳] جي، هِتي تان نَه هُئي،
اُنَ سڱَ[۱۴] مُقابِل سَسُئي[۱۵]، سَندُنِ[۱٦] تي سُئي[۱۷]،
ٻيگاڻا[۱۸] بَلوچَ هُئا[۱۹]، ڇَڏيائُون[۲۰] ڪيرن پاسِ[۲۱] ڪُهي،
جي[۲۲] وِبَسِ ماءُ[۲۳] مُهي[۲۴]، تَه پَٽِ ڪاڏُو[۲۵] ڪيچَ[۲٦] ڏي.

وائي ۱

مُونکي لَڪَ[۲۷] مَ لوڏو[۲۸] ڏي، اُٿون جا پَبَ پَهوڙي[۲۹] آهيان.
آرياڻيءَ[۳۰] پُنهونءَ جي، نِينهن[۳۱] نِهوڙي[۳۲] نئي[۳۳]،
مُون جيهيءَ مَعذورِ[۳۴] سين[۳۵]، شالَ[۳٦] نَه ڪَندا ڇيهُه[۳۷]،
پَڳو[۳۸] هِنيون[۳۹] سَڄو[۴۰] ڪَندا، رُپي[۴۱] ڏيئي ربهه[۴۲].

وائي (۲)

هوتَ[۴۳] هاڙهيءَ[۴۴] جا بَلوچَ، ڙي بَلوچَ[۴۵]، مَوٽي آءُ[۴٦] پَنيوَرَ[۴۷] ۾،

---

۱. ڏَکل، ماندي، عاجز. ۲. ڏري، رکي. ۳. بدن جو حصو، بدن، جسم (پاسو ڪوڙي= سمهي، آرام ڪري). ۴. پٻ جي (هالار جبل جي ڏاکڻيءَ قطار کي پٻ جبل چوندا آهن). ۵. رستن، پيچرن. ٦. ڇوڪري يا نينگري، جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويا هجن، يتيم. ۷. کولي، لاهي ڇڏي. ۸. جو. ۹. ڏکن، دردن. ۱۰. (بدن جي مضبوطيءَ لاءِ) چيلهه يعني ڪمر کي وٽي ٻڌل ڪپڙو. ۱۱. عورت، زال (سسئي). ۱۲. عزيزياڻي، رشتيدار. ۱۳. پنهون ۽ ان جي ڀائرن. ۱۴. عزازت، رشتي. ۱۵. جي ڪري، جي سبب. ۱٦. انهن جي. ۱۷. ٻڌي وئن، مشهور ٿي وئي. ۱۸. ڌاريان، غير. ۱۹. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جا ڀائر (جيڪي بلوچ قوم جا هئا). ۲۰. هڪ قسمجي جابلو وڻ. ۲۱. پاسي ۾، وٽ. ۲۲. جيڪڏهين، اگرچ. ۲۳. ان (سسئيءَ) کي وٺا. ۲۴. مصيبت ۾ وجهي. ۲۵. ڇڪ، تاڻ، سڪ، اُڪنڊ. ۲٦. بلوچستان جي پرڳڻي ۾ رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن ۾ پنهون رهندو هو. ۲۷. اي لڪ، اي جبل. ۲۸. ڌوڏو، ڌڪو. ۲۹. ٿڪائي، ماندي ڪئي. ۳۰. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب. ۳۱. محبت، عشق. ۳۲. تباهه يا برباد ڪئي. ۳۳. نيئي، ڪٺي. ۳۴. جهڙيءَ. ۳۵. عذر واريءَ، بيمار، جڏيءَ. ۳٦. خدا ڪهريو آهي. ۳۷. ڀڃاٽي، جدائي. ۳۸. ڀڳل، ٽٽل، ٽڪر يا پرزا ٿيل. ۳۹. دل، قلب. ۴۰. سالم. ۴۱. رپي جو، چانديءَ جو. ۴۲. ڳنڍ، ٽوپو، ٽانڪو. ۴۳. اي هوت، اي محبوب پنهون. ۴۴. هاڙهي جبل (جيڪو لس ٻيلي ۾ واقع آهي). ۴۵. اي بلوچ، اي پنهون. ۴٦. وري، واپس. ۴۷. ٺٽي ضلعي ۾ هڪ شهر جنهن ۾ سسئي رهندي هئي.

سِڪِي[1] جَنهن سَڳُ[2] ڪئو، لِڪِي[3] وڃان[4] لوڪَ[5]،
ماڻهو ڏِينمِ[6] ميهَڻا[7]، ڪَچو[8] چُونمِ[9] لوڪَ،
نِيو[10] نِماڻي[11] پاڻَ سين، هِتي ڇَڏيو مَ هوت[12].

وائي (٣)

اَجهو[13] ڪئو آري[14]، هيءَ وِيچاري[15]، وَئي ڪاهيندي[16] ڪيچَ[17] ڏي،
آئون پِيادي[18] پَنڌُ[19] ڳَهَٽو، واٽُن[20] تي واري[21]،
پُنهون پِيادين جا، بار[22] ڪَٽي باري[23]،
اُتي عبداللطيف رح چئي، تُنهنجي آهي تاري[24].

وائي (٤)

مِلَندي[25] سيئن[26] مَرندي[27] سيئن، مُونکي آهي،
آيَل[28] سُور[29] سَندُون[30]،
آئون پِيادي پَنڌُ ڳَهَٽو، ڪيچي[31] وِئا[32] ڪَرَهَل ڪاهي[33]،
عَشقُ[34] آريءَ جام[35] جو، ڪَمُ[36] وَنئو[37] تو ڪاهي،
اَدِيُون عَبداللطيف رح چئي، پير[38] پَٽَرِ[39] ڪا پائي[40].

١. شوق يا هيج ڪري، سڌ ڪري، ٢. ناتو، لاڳاپو، دوستي، ٣. چوريءَ، ڳجهيءَ يا مخفيءَ طرح، ٤. ڪان، ٥. ماڻهن، ٦. مونکي ڏين، ٧. طعنا، ٨. مَٺو يا خراب سخن، بدشد، ميهڻو، ٩. مونکي چون، ١٠. وٺي وڃو، ١١. مسڪين، غريب، عاجز، ١٢. اي هوت، اي محبوب پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١٣. آڌارَ، ڍڪَ، پردو، بچاءُ، ١٤. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو)، ١٥. غريب، مسڪين، لاچار، ١٦. پنڌ ڪندي، ١٧. رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن پنهون رهاڪو هو)، ١٨. پيرين پنڌ، بنان سواريءَ جي، ١٩. سفر، مفاصلو، ٢٠. رستن، ٢١. ريتي، رائو، ٢٢. بوجهہ، بوجو، وزن، ٢٣. بار ڪٽندڙ، ٢٤. آڌار، آسرو، پروسو، وسيلو، ٢٥. ملڻ، ڳڌجڻ، ٢٦. تائين، ٢٧. مرڻ، موت، ٢٨. اي آيل، اي امڙ، ٢٩. ڏک، غم، درد، ٣٠. انهن جو، ٣١. ڪيچ جا رهاڪو (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ٣٢. اٿ، ٣٣. هڪالي، ٣٤. محبت، نينهن، ٣٥. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٣٦. لڪڻ، لٺ، ڏنڊو، ٣٧. جهلئو، ٣٨. قدمَ، پڳَ، ٣٩. پٽر ۾، جبل ۾، ٤٠. وجهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي ⑤

مُون نَہ پَروڙِئو[1] مَاءُ[2] تَان[3] ڪَا هيڏي[4] هوتَ[5] ڪَندا،
ٻَاروچَا[6] ڪوهيَارا[7]،
اَنگهُن[8] چَاڙهي اَنگڙا[9]، ڪَهي[10] ڪيچ[11] وئا،
سُڌِ[12] نَہ اُن ڪي سُورَ[13] جي، سِڪَڻ[14] آيو سَاءُ[15]،
موريسَرَ[16] اَکين ۾، تيلاهين[17] پئا،
آئون تِي ڏُونگَرَ[18] ڏوربَان[19]، وِتڙُمِ[20] هوتُ[21] هَتَان[22].

وائي ⑥

مُنهنجا پير[23] پُنهون[24]، يَار[25] پُنهون، سِيرُون[26] تئڙا چيرين[27]،
آرِيَاڻيءَ[28] پُنهُونءَ جو، ڏُونگَرَ ڏَسُ[29] ڏنو،
ٻانيڻ[30] ڪي ٻَروچ ري، تِئَڙو[31] شَهَرُ[32] سُڄو[33]،
اُن لاءِ عبداللطيفؒ چئي، مُون راتو ڏينهن رُنو.

وائي ⑦

ڪيچِي ڪَندا ڪوهہ[34]، مُون[35] مُئي[36] ڪان پوءِ[37]، اَچي مَاءُ[38] ڀنڀورَ ۾،
هَاڻِ نَہ جِيَان[39] جيڏيُون[40]، جِيئَڻ[41] جَاڙَ[42] تِئو،

---

١. چاتو، سمجهئو، پاڻيو. ٢. اي ماءُ، اي امڙ. ٣. تہ. ۴. ايڏي وڏي جاڙ يا ايڏو وڏو ظلم. ۵. محبوبَ، هوت جو اولاد يعني پنهون ۽ ان جا پائر. ٦. ٻروچ يا بلوچ (پنهون ۽ ان جا پائر). ٧. ڪوهہ يعني جبل جا رهاڪو (سسئيءَ جو محبوب پنهون ۽ ان جا پائر). ٨. انگهن تي، ڪنهن وڻ يا سڪل ڪاٺ جي نوڪدار ۽ وريل ڳتين تي (جن ۾ ڪاسائي جانور کي کهي کل لاهڻ ۽ گوشت وڍڻ واسطي ٽنگيندا آهن). ٩. بدن جا عضوا، بدن يا جسم. ١٠. هلئا، نڪري. ١١. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي). ١٢. خبر. ١٣. درد (عشق جي). ١۴. سڪڻ جو، سِڪَ جو، پيارَ جو. ١۵. سواد، مزو. ١٦. چاليون، موتين جهڙا اڇا اُپا ڦلا (جنڪي موتئي پاڻيءَ جي بيماري چئبو آهي). ١٧. تنهن ڪري. ١٨. جبل. ١٩. ووڙيان. ٢٠. مون ڪان وئو. ٢١. محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون جيڪو هوت جي اولاد مان هو). ٢٢. هت مان. قبضي مان. ٢٣. قدمَ، پڳَ. ٢۴. اي پنهون. ٢۵. اي يارَ، اي دوست. ٢٦. زخمي. ٢٧. چيرن ۾، جبلن ۾. ٢٨. آريءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٩. پتو، خبر، سڌ. ٣٠. برهمڻ زال (سسئي). ٣١. ڪان سواءِ. ٣٢. ڀنڀور جو شهر جنهن ۾ سسئي رهندي هئي. ٣٣. ويران. ٣۴. چا. ٣۵. منهنجي. ٣٦. مرڻَ، موت. ٣٧. بعد. ٣٨. اي ماءُ، اي امڙ. ٣٩. جيئري يا زندهہ رهنديس. ۴٠. اي جيڏيون، اي سرتيون. ۴١. جيئرو رهڻ. ۴٢. اجايو، بي سود.

پَٻُ پَارسَ هوتَ پُنهُونءَ، سَيِيئِي سونُ ڪئو،
سُرَهو سَاٿُ سَيِّد جو، وَاسِيُ وِندُرُ وِئو،
پُٽِي ڏُونگرَ ڏوريَان، اِي قَضَا ڪَمُ ڪئو،
آهي عبداللطيفؒ جو، سَڌَرَ سَاٿُ سِهو.

وائي ⑧

مُون رَتُ رُنُو تي رائِيَ، مُون رَتُ وَهَايو تي رائِي،
ڪَٽِيو پِيرُ پُنهُونءَ جو،
جيڪُسِ مُئِيءَ جَا جيڏِيُون، وِتَا لاڳَاپا لاَهِيَ،
آئُون سُتِيَ هُو هَلِئَا، وِتَا ڪَرَهَلَ ڪَاهِيَ،
اُتي عبداللطيفؒ چئي، آريَ وَسِيلو آهي.

وائي ⑨

هَاڙِهيَ وِيندا هوتَ مُئِيءَ جَا، آيَلِ جيجَلِ آن ڪي ڏَنا،
ٻَرَ ۾ بِرَهَمڻ ڪي، چَپَرِ تَان نَہ چَڏِيندا،
مُوتِي هِن مَعذورِ تي، وَاڳُون وَارِيندا.

وائي ⑩

هَاڙِهيَ هوتَ مُيَاسِ، دوستَ مُيَاسِ، لَڳِي يَارَ لڪن ۾،

١. پٻ جو جبل جيڪو لس ٻيلي ۾ هالار جبل جي ڏکڻ ۾ آهي. ٢. پٽر جيڪو لوهہ کي لڳي سونو ڪري ڇڏيندو آهي. ٣. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ٤. خوشبودار، سُٺو، موچارو. ٥. قافلو، جماعت. ٦. سردار يعني پيغمبر حضرت محمد صلعم. ٧. سُرهو يا خوشبودار ڪري. ٨. وندر ڪي لس ٻيلي ۾ هڪ جبل. هڪ نئن ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو وندر آهي. ٩. پيئي. ١٠. جبلَ. ١١. ووڙيان، جهاڳيان. ١٢. خدا جي امر يا حڪم. ١٣. طاقت ورَ، سگهاري. ١٤. لاڳاپو، واسطو، دوستي. ١٥. رت جا لڙڪ يا ڳوڙها. ١٦. رائِي ۾، جبل جي ريتيءَ ۾، جبل ۾. ١٧. نهاريو، ڏسيو. ١٨. پير جو نشان. ١٩. شايد. ٢٠. مئلَ، فنا يا برباد ٿيل. ٢١. اي جيڏيون، سرتيون. ٢٢. واسطا، ناتا. ٢٣. ختم ڪري. ٢٤. ستل يا ننڊ ۾ هيس. ٢٥. اٺ. ٢٦. هڪالي. ٢٧. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو). ٢٨. آڌار، ٻرجهلو، شافع. ٢٩. هاڙهي ڏانهن (هاڙهو لس ٻيلي ۾ هڪ جبل آهي). ٣٠. اي آيل، اي امڙ، اي جيجل. ٣١. اوهان. ٣٢. رڻ پٽ، سڃ، بيابان. ٣٣. سسئيءَ جيڪا برهمڻ نائونءَ جي ڌيءَ هئي. ٣٤. چپر ۾، جبل ۾. ٣٥. وري. ٣٦. جڏيءَ، بيمار، عذر واريءَ. ٣٧. مهارون. اٺن کي هلائڻ لاءِ انهن جي نڪن ۾ وڌل نوڙيون. ٣٨. وَرائيندا يعني اٺن کي واپس آڻيندا. ٣٩. هاڙهي جبل ۾. ٤٠. اي هوت، اي محبوب پنهون. ٤١. مري ويس (آئون). ٤٢. اي دوست، اي يارَ. ٤٣. جبلن.

عَشقَ اُتَارِيَس جيَڏيُون، پَڌَرِ تي پيَاسِ،
سَتُرُ سِڪَ وِڃَايو، هِهَڙي تَان نَه هُيَاسِ.

وائي ١١

روئِي لاَتو مُون، جَانِ جَان ڏُکُ نَه هو ڏُونگَرِيَن،
وِئو ٻَاروچو نِڪَرِي، اللهَ آهِيين تُون،
ڪَهَان تَان ڪيچَان پَرِي، وِهَان تَان وَتَ مُون،
عَبَثُ آريءَ ڄَامَ ڪي، پُلِي ڏوريَمِ پُون،
سَيِ رڱيِنديَسِ رَتَ سين، ڪيچَان اوري پُون،
لَڱمِ ٻَاڻُ بروچَ جو، اَمَڙِ جَهِلِ مَ مُون،
ڪَانگَ لَمَندا ڪَڏهين، مَادَرِ مَتَان مُون،
هِتي هُتي لطيف چئي، سَدَا آهِيين تُون.

وائي ١٢

اَللهَ واَري آڻِ، ٻَاروچَا پَنيُورَ ۾،
نِهَارِيندِيَسَ نِڪَتِي، ڪوهِيَاري جي ڪَاڻِ،
ڪَنديَس ڪوهِيَارَل سين، رَائِي مَنجهه رهَاڻِ.

١. نينهن، محبت. ٢. مونکي اٿاريو، مونکي جاڳايو، منهنجو سک يا آرام ڦٽايو مونکي پڙڪايو. ٣. اي جيڏيون، اي سرتيون. ۴. پڌري، ظاهر، وائکي. ۵. ڍڪ، پردو، لڄ، حيا، شرم. ٦. محبت، پيار. ٧. ضايع ڪئو، برباد ڪئو. ٨. اصل. ٩. آئون هئي. ١٠. ختم ڪئو. ١١. جان جان= جيستائين. ١٢. تڪليف. ١٣. ڏونگرن ۾، جبلن ۾. ١۴. ٻروچ يا بلوچ يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون. ١۵. اي الله. ١٦. هلان، پنڌ ڪريان. ١٧. ڪيچ ڪان (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ١٨. ڏور. ١٩. اجايو، بي سود. ٢٠. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون هوت قبيلي مان هو). ٢١. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ٢٢. ڀلجي، غلطيءَ ڪان. ٢٣. مون ڏوري، مون ووڙي يا جهاڳي. ٢۴. زمين، ملڪ. ٢۵. رنگدار ڪنديس. ٢٦. خون، لهوءَ. ٢٧. اورتي. ٢٨. مون کي لڳو. ٢٩. تير. ڪان. ٣٠. اي امڙ، اي جيجل. ٣١. روڪ، پَلِ. ٣٢. مونکي. ٣٣. ڪانءَ يا زاغ (جي ڪاري رنگ جا پکي آهن). ٣۴. اڏامندا. ٣۵. اي مادر، اي امڙ. ٣٦. (قبر) تان. ٣٧. منهنجي. ٣٨. اي الله. ٣٩. ورائي، موٽائي. ۴٠. ٺٽي ضلعي ۾ ڳهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٻه ميل پري هڪ ڳوٺ جنهن ۾ سسئي رهندي هئي. ۴١. واجهائيندي‌س. ۴٢. ڪهڻو. ۴٣. ڪوهه يعني جبل جي رهاڪوءَ (پنهون). ۴۴. واسطي، لاءِ. ۴۵. ڪوهياري. ۴٦. (جبل جي) ريتيءَ، جبل. ۴٧. ڪچهري، ملاقات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رِڻُ[1] جَهاڳِيندَيس[2] رَاتِ جو، سَاٿِي[3] ڪَٽَندَيس سَاڻُ[4]،
اَدِيون عبداللطيفُ چئي، سَڄڻُ[5] ڳُهرِجي[6] سَاڻُ.

وائي ١٣

ڪَلَ[7] نَہ پيَيمِ[8] ڪَا تہ ڪو هوتُ[9] وَني ويندا، اَدَا[10] ڏيرَا[11]،
ڪُهي[12] ڪَميٽِي[13] هَلِئَا، پَانيَڻِ[14] ڪَري پيرَا[15]،
پَسَان[16] شَالَ[17] اکِيُن سين، دوستَ سَندَا[18] ديرَا[19]،
سَاجُهرِ[20] سيٽَن[21] لَڏِئو[22]، پوءِ[23] تي پُڄِي[24] پيرَا[25]،
ٻَرَڪَن[26] ٿَا ٻَانيَڻِ جَا، جِگَرَ[27] ۽ جيرَا،
ڏَانيُئي[28] نَہ ڏاگهَنِ کي، وَنگيُئي[29] نَہ تنهن ويرَا[30]،
ڪَانئيندَيس[31] ڪيرِنِ[32] ۾، جَانبَ[33] لاءِ جيرَا.

---

١. بَرَ، بيابان، ٢. لنگهينديس، اُڪرنديس، ٣. همراهہ، ٻيلي، رفيق، سنگتي، ۴. پاڻ سان، ۵. دوست، محبوب، ٦. کپي، ٧. خبر، سڌ، ٨. مونکي پئي، ٩. محبوب، پنهون (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٠. اي ادا، اي ڀائو، ١١. ڏير، مڙس (پنهونءَ) جا ڀائر، ١٢. قتل ڪري، ماري، فنا يا برباد ڪري، ١٣. بدڪار، ڪم ذات، ١۴. برهمڻ زال، ٻانيڻ ڪي ڏيءَ (سسئي)، ١۵. ڳيا، ڳتِرا، ١٦. ڏسان، ١٧. خدا گهريو آهي، ١٨. جا، ١٩. جايون، آستان، ٢٠. سوير، ٢١. سڄڻن، محبوبن، ٢٢. هجرت ڪئي، نقل مڪاني ڪئي، ٢٣. بعد ۾، دير سان، ٢۴. جاچي، نهاري، ٢۵. پيرن جا نشان، ٢٦. جوش ڪائين، جَلن، سڙن، ايامن، ٢٧. واحد جگرَ= ڪليجو، جيرو، دِلِ، ٢٨. تو ڏانيو، تو ڏاوڻن يعني رسن يا نوڙين سان ٻَڌو (سوگهو ڪري)، ٢٩. تو ونگيو، تو ٻڌو ٣٠. ويل، مهل، ٣١. آئون ڪائيندي،، آئون ساڙيندي يعني جلائيندي، ٣٢. واحد ڪير= وڻ جو هڪ قسم، ڪُونيٽ، ٣٣. جانيءَ، محبوبَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ سورٺِ

داستان پهريون

١

اَللهَ جِي آسَ[1] ڪَري، هَلِئو[2] هِتَائِين[3]،
چَارڻَ[4] ٻَڌا چَنگَ[5] ڪي، جُهوڙا[6] ۽ جَهائِين[7]،
ڏُئي[8] راءِ ڏِياچَ[10] جِي، ڏُورانِ[9] ڏَنائِين[11]،
وِنَتِيُون[12] واحِدَ[13] ڪي، تَنهن وِيرَ[14] ڪَئائِين،
سَبَاجَها[15] سَائِين[16]، راءُ رِيجَهائِين[17] راڳَ سين.

٢

پَرَ ڏيهَان[18] پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هُون[19]،
تُون اُوچو عَرشَنِ[20] تي[21]، آئُون پُورو[22] مَٿي[23] پُون[24]،
ڪِئَن[25] تُسَندين[26] تُون، سِرَ[27] سُوالِي[28] آهِيان.

٣

پَرَديسَان پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هِتَ[29]،

---

١. آسرو، ٢. روانو ٿئو. ٣. هِن هنڌ يا جاءِ کان يا هتائين (راجا انيراءَ جي ملڪ مان). ٤. ڳائڻي يا راڳ ڳائيندڙ (فقير)، مڱڻهار (چارڻ هڪ ذات آهي جنهن جي ماڻهن جو ڪم هوندو هو تہ راجائن ۽ بادشاهن جي درٻارين ۾ سندن ساراھ جا قصيدا ۽ راڳ ڳائين). ٥. سازَ (چنگُ هڪ قسم جو ساز آهي)، هن سُرَ ۾ چنگ ڪي سازن جي ٻين نالن سان جهڙوڪ سرندو، ٽنبو، تنبورو، ڪنجهو، وڏاڻ، ڪماچ، ڪينرو وغيره پڻ بيان ڪيو ويو آهي)، ٦. سَٽ يا پٽ مان ٺهيل جهاٻا، ٽوٽڙ، ڏورا يا ڦندڻ. ٧. گهنگريا، ڇيريون. ٨. محلات. ٩. راجا. ١٠. راجا جو نالو جنهن جو ٻيجل نالي چارڻ راجا انيراءَ جي چوڻ تي سِرَ وڍڻ آيو هو. ١١. ڏور ڪان، پري ڪان. ١٢. مناجاتون، عرض، التجائون، سوال. ١٣. هڪڙي يعني الله پاڪ. ١٤. ويلَ، وقت، مهل. ١٥. اي سڀاجها، اي ڀاڄهارا، اي ڀاڄهہ وارا (خدا)، ١٦. مالڪ، ڌڻي. ١٧. راضي ڪرين. ١٨. پرڏيهہ کان. ڏوراهين يا پراهين ملڪ يا ديس کان. ١٩. آئون، مان. ٢٠. مٿي، مٿاهون، بلند. ٢١. آسمانن يعني محلاتن. ٢٢. نادان، اڻ ڄاڻ. ٢٣. تي. ٢٤. زمين. ٢٥. ڪهڙيءَ طرح، ڪهڙي نموني. ٢٦. راضي ٿيندين. ٢٧. سر جو. مٿي جو، سسيءَ جو. ٢٨. سوال ڪندڙ، عرض ڪندڙ، گهرجائو، گدا. ٢٩. هِن جاءِ يا هنڌ تي (راجا راءِ ڏياچ جي محلات وٽ).

جَاجِڪُ[1] اُيو[2] جِت، سِرَ جُون صَدَائُون[3] هَٽي.

۴

پَرَديسَان[4] پَنڌُ ڪَري، هَلي آيو هِٿيءُ[5]،
مَالُ نَہ مَگي مَگِٽو، جَاجِڪُ مَگي جِيءُ[6]،
وِڍِ[7] وَهلو[8] تِيءُ، سَاعَتَ[9] صَبرُ نَہ سَهَان[10].

۵

پَرَديسَان پَنڌُ ڪَري، آيُس موچَارِيءَ[11] مَاهَہ[12]،
جِي[13] وِهَاٽيءَ[14] وِيرمَ[15] ڪَرين[16]، مُون هِينئَرئي[17] هَلاءِ[18]،
سُونهَارَا[19] سُورَٺ وَرَ[20]، ڳَالهِہ[21] هِنئين سين لاءِ[22]،
سو مَگِٽهَارُ مَلهَاءِ[23]، جو وِچَان وِيرين[24] آيو.

٦

پَرَديسَان پَنڌُ ڪَري، سُٽي[25] آيُس شَانُ[26]،
مَگَان ڪِهَڙيءَ مَتَ[27] سين، اَئُون نِسُورو[28] نَادَانُ[29]،
سو ڪو ڏِيَارِيهُون[30] ڏَانُ[31] جو[32] طَمَعَ[33] ڪي تَرڪُ[34] ڪَري.

---

١. مگٿهارُ، مگتو يا پينو يعني پيجل، ٢. بيٺو، ٣. سينُون، سوالَ، ۴. پرديس کان، پرڏيهہ کان، ڏوراهين يا پراهين ڏيهہ يا ملڪ کان، ۵. پيجل ڏانهن اشارو، ٦. جان، سِرُ، ٧. ڪاٽِ يا جدا ڪر (ڪاٽيءَ يا ڇُريءَ سان)، ٨. جلد، سگهو، تڪڙو، ٩. پَلُ، پَلَڪُ، گهَڙي، ١٠. برداشت ڪريان، ١١. سڳوريءَ، ڀلاريءَ، نيڪَ، ١٢. ماهَہ ۾، مهلَ يا ويل يا موسم ۾، ١٣. جيڪڏهين، ١۴. وهاٽيءَ تائين، پرهہ ڦٽيءَ يا ڀريات تائين، صبوح تيڻ تائين، ١۵. دير، ١٦. مونکي، ١٧. هاڻي، هن وقت، ١٨. موڪل ڏي، رخصت ڏي، جوابُ ڏي يا انڪار ڪر، ١٩. سونهن وارا، سهڻا، ڀلارا، موچارا، ٢٠. مڙس، ڀتارَ، ٢١. دل، ٢٢. هنداءِ، ڌيان يا ويچار ۾ آڻ، ٢٣. مرڪاءِ، نوازِ، خوش ڪر، سرخروڪر، ٢۴. دشمن (راجا انيراءِ ڏانهن اشارو)، ٢۵. ٻُڌي، ٢٦. (راجا ڏياچ جو) مرتبو، عظمت، ساراهہ، تعريف، ٢٧. هوشَ، سمجهہ، ٻُڌيءَ، ٢٨. صفا، بنهہ، ٢٩. بي وقوف، بي سمجهہ، بي عقل، اڻ ڄاڻ، ٣٠. اهڙو، ٣١. مونکي ڏج يا ڏيارج يا عطا ڪج، ٣٢. دان، خيرات، انعام، ٣٣. تمنا، لالچ، ٣۴. دفع، ختم.

٧

تو[1] دَرِ[2] آيو راڄِيا[3]، ڄاچڪُ وَني جيءُ،
ڪَنا[4] نارُ[5] حامِيه[6]، هاڻِ[7] بَچائج[8] هيءُ[9]،
والي[10] ڏيارِين[11] ويءُ[12]، جِت آهِ جَنّاتُ[13] عَدنِ[14].

٨

تو دَرِ آيو راڄِيا، هِهڙو وَني حالُ،
اونائِج[15] عَلِيلَ[16] جو، سَباجَها[17] سُؤالُ[18]،
اڱڻ[19] مَتي[20] آنهنجي[21]، ڪَهي[22] ڪي[23] قَوالُ[24]،
پِلاَ[25] ڪَري پالُ[26]، اَئين[27] اَمُنُ[28] ڏِيو[29] اُنَ ڪي.

٩

تو دَرِ آيو راڄِيا، پِنئا دَرَ ڪَري دُورِ[30]،
سائِلُ[31] تو سَيِنَ[32] هٽي، هَرَ دَمُ[33] آن[34] حُضُورِ[35]،
پِئو نه مَڱي مُورِ، اَمُنُ ڏِيو اُنَ ڪي.

١٠

تو دَرِ آيو راڄِيا، پِنئا دَرَ ڏيئي بَنِ[36]،

---

١. تنهنجي، ٢. دَرَ تي، (گهر جي) چائنٺ يا ڦاٽڪ تي، ٣. اي راڄيا، اي راڄا (ڏياچ)، ٤. ڪان، ٥. باهه، ٦. گرم، جلائيندڙ، ساڙيندڙ (نارُحاميه = دوزخ جي جلائيندڙ باهه، راڄا انيرا جي عذاب ڏانهن اشارو)، ٧. هن وقت، هينئر ڇڏائج، حفاظت ۾ رکج، ٩. پيڄل ڏانهن اشارو، ١٠. اي والي، اي مولا، اي مالڪ، ١١. مونکي ڏيارج، عطا ڪج، ١٢. زمين جو اهو ٽڪر يا ايراضي جيڪا چوپائي مال جي چاري لاءِ مخصوص ڪيل هجي يا اهو ميدان جنهن ۾ غير ماڻهوءَ جو اچڻ بند هجي، سبزو، ١٣. واحد جنت = باغ، ١٤. عدن جا، هميشه رهڻ واري بهشت جا، ١٥. (ڏيان سان) ٻڌج، اگهائج، قبول ڪج، ١٦. بيمار، ضعيف، نبل، ١٧. اي سباجها، اي ٻاجهارا، اي رحمدل، ١٨. عرض، منٿ، ١٩. (گهرجي) احاطي يا پڌر، حضور، ٢٠. تي، ۾، ٢١. اوهانجي، ٢٢. چئي، عرض ڪري، بيان ڪري، ٢٣. جيڪو ڪجهه، ٢٤. قوالي ڳائيندڙ، راڳائي (پيڄل ڏانهن اشارو)، ٢٥. اي ڀلا، اي چڱا، اي ڀلارا، اي سهڻا، اي سگهورا، ٢٦. مهرباني، احسان، ٢٧. اوهين (راڄا ڏياچ ڏانهن اشارو)، ٢٨. پناهه، بچاءُ، سلامتي، ٢٩. عطا ڪريو، بخشش ڪريو، ٣٠. ڪري دور = ڇڏي، نظرانداز ڪري، ٣١. سوالي، عرضدار (پيڄل)، ٣٢. صدا، سوال، عرض، ٣٣. لڳاتار، ٻنان ناغي، ٣٤. آن جي، اوهان جي، ٣٥. حضور ۾، درٻار ۾، ٣٦. ڏيئي ٻن = ترڪ ڪري، ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کَهان[1] جو کُمَاچ[2] سِين، سو سُڻُ[3] سَباجهيُ[4] کَنِ[5]،
جَا مَگَ[6] مُنهِنجي مَنِ[7]، سَا توکي مَعلُومُ[8] سَيِکا.

١١

پِئا دَرَ[9] ڏيئِي ٻَنِ[10] کي، آيُس تُنهِنجي دَرِ[11]،
سُونهَارا[12] سُورَٺ[13] وَرَ[14]، کَا مُنهِنجي[15] کَرِ،
پَلاَ[16] پيري[17] پَرِ[18]، پَالهو[19] پانڌُ[20] پَينَارَ[21] جو.

١٢

آءُ مَتَاهُون[22] مَگَڻَا[23]، چَڙهي[24] مِ چَوڏولَ[25]،
توکي گهوٽَ[26] گهرَايو، رَاجَا مَنجهه رَتولَ[27]،
پِيجَلَ[28] تو سين ٻولَ[29]، وِهَاڻيءَ[30] وَڏِڻَ[31] جي.

١٣

کِي[32] جو پِيجَلَ ٻولِئو[33]، پِنيءَ[34] وِيهي پَانَ[35]،
رَاجَا رَتولَنِ مِ، سِيبَاڻو[36] سُلطَانَ[37]،
آءُ مَتَاهُون مَگَڻَا، مُقَابِلِ[38] مَيدَانَ[39]،
گهورِيَا[40] لَکَ[41] لطيف چَئي، تُنهِنجي قَدَمَ[42] تان قُربَانُ.

---

١. چوان، عرض کريان. ٢. وڃائڻ جي هڪ ساز جو نالو. ٣. ٻڌ. ٤. ٻاجهه واري، ٻاجهه ڀريئي، ڏيرج وان. ٥. ڪَنَ سان. ٦. گهُر، سوال، عرض. ٧. من ۾، دل ۾. ٨. روشن، علم ۾ يا ڄاڻ ۾. ٩. دروازا يعني گهر يا مڪان. ١٠. ڏيئي ٻن کي = ڪَڏ ۾ وجهي، ترڪ ڪري، ڇڏي، ڦٽا ڪري. ١١. دَرَ تي. ١٢. سونهن وارا، سهڻا، پيارا، سڳورا. ١٣. سورٺ جا (راجا ڏياچ جي زال جو نالو سورٺ هو). ١٤. مڙس، ڀتار. ١٥. منهنجي مدد يا واهر يا ٻلو. ١٦. اي پيلا، اي پيارا، اي سڳورا. ١٧. ڦري، مهرباني ڪري، ڀيرو يا ڦيرو ڏيئي. ١٨. پِرِ ڪر. ١٩. خالي. ٢٠. جهولي. ٢١. پينوءَ، مڱڻهار (ٻيجل). ٢٢. اچ. ٢٣. مٿي (ماڙيءَ تي يا محلات ۾). ٢٤. مڱڻهار (ٻيجل). ٢٥. ڏولي، پالڪي، محفو (جنهن کي چار ماڻهو ڪلهن تي کڻن). ٢٦. نئون پرڻيل جوان هتي مراد راجا ڏياچ آهي. ٢٧. محلات. ٢٨. اي ٻيجل (چارڻ فقير يا مڱڻهار جو نالو جيڪو راجا ڏياچ کان سرُ گهرڻ آيو هو). ٢٩. انجامُ، واعدو. ٣٠. وهاڻيءَ جي وقت، پرڀات يا فجر جي مهل. ٣١. (سِرَ) ڪپڻ يا ڪاٽڻ. ٣٢. ٣٣. ڪُجهه. ٣٣. (راڳُ) آلاپيو يا ڳايو. ٣٤. پنيءَ جي وقت، اَسُرَ يا فجر جي ويل. ٣٥. مڱڻهار (ٻيجل). ٣٦. وڻيو، پسند پيو. ٣٧. سلطان کي، بادشاهه کي، راجا (ڏياچ) کي. ٣٨. سامهون، روبرو. ٣٩. ميدان ۾. (راجا ڏياچ جي محلات ڏانهن اشارو). ٤٠. قربان ٿيا، صدقو ٿيا. ٤١. سوين هزار يعني تمام گهڻو ناڻو. ٤٢. وِکَ، پنڌ ڪرڻ وقت ٻن قدمن يا پيرن جي وچ وارن مفاصلي.

مَتو[1] هيءُ مِهمانَ[2]، هَلي چَوُ تَہ هُت[3] ڏِيان.

١۴

رءَ[4] مَصلحتَ[5] مَگَنا[6]، هِت قَصر[7] ڪِينَ اَچِن،
نُورَ[8] تَجلي[9] نُورَ[10] سِين، نَمئو[11] نَينِ[12] پَسن[13]،
خيمي[14] ۾ ڪَنگهارَ[15] جي، چَاندُوٽا[16] چَمڪن[17]،
لَذائين[18] لطيف چئي، سَندا[19] ڏانَ[20] ڏسن[21]،
تيلاهَ[22] مُلڪَ[23] ڏٿين[24]، مَجئو[25] مَگٽهارَ ڪي.

١٥

نِرتي[26] تَندُ[27] نِيازَ[28] سِين، بيجل[29] بُرائي[30]،
رَاجا رَتولَن[31] ۾، وَرَنائي[32] وائي[33]،
ڪوتَايائين[34] ڪوتَ[35] ۾، بَارتُ[36] باجهائي[37]،
رَاجا راڳائي، هَردوئي[38] هيڪُ تِئا[39].

١٦

نِرتي تَندُ نِيازَ سِين، بُرائي بيجل،
رَاجا رَتولن ۾، اونائي اَمُل[40]،

١. سرَ، سسي، ٢."اي مهمان، اي مزمان (بيجل ڏانهن اشارو)، ٣. بيجل جي وطن ڏانهن اشارو، ۴. سواءِ، ٥. ڀلائيءَ يا چڱائيءَ يا فائديمند ڳالهہ، ٦. مگٽهارَ، پينو، مگٽا. ٧. قَصر ۾ محلات ۾، ٨. نورَ جي يعني خدا جي، ٩. نُورَ يعني روشنيءَ جو جلوو يا چمڪو، ١٠. (مرشد جي) نُورَ يعني روشنيءَ، ١١. (ادب کان يا وچان) جُهڪئو، ١٢. (طالبَ جُون) اکيون، ١٣. ڏسن، ١۴. تنبوءَ (محلات)، ١٥. ڪڇ ملڪ جي هڪ راجا جو نالو ڪنگهار هو، هن جي سخاوت ۽ بهادريءَ سبب هر بهادر ۽ سخي ماڻهوءَ کي ڪنگهار جي لقب سان سڏيو ويندو آهي. هتي هيءُ لقب راجا ڏياچ ڏانهن منسوب آهي، ١٦. چنڊ جا ڪرڻا يا شعاع، شمعدان، ١٧. چلڪن، تجلا ڪن، ٻرن، ١٨. هن لذا، هُن کي مليا، ١٩. جا، ٢٠. دان، انعامَ، ٢١. ملڪن، ڏينهن، سيني طرفن يا پاسن، ٢٢. تنهنڪري، ٢٣. ملڪ جي، ٢۴. مالڪن يعني وڏن وڏن بادشاهن، ٢٥. قبول ڪئو، منظور ڪئو، عزت ڪئي، لحاظ رکئو، پيش پيا، ٢٦. نرت سان، ڌيان سان،پختائيءَ سان، چٽي، ٢٧. (ساز جي) تارَ، ٢٨. نهٺائيءَ، عاجزيءَ، ٢٩. بيجل ان چارڻ فقير يا مگٽهار جو نالو آهي جيڪو راجا ڏياچ کان سر وٺڻ آيو هو، ٣٠. وڄائي، ٣١. محلاتن، ٣٢. ٻُڌي، سُڻي، اونائي، قبول ڪئي، پسند ڪئي، ٣٣. سخن، ڳالهہ، ڪلام، ٣٢. گهرايائين، ٣٥. قلعي، محلات، ٣٦. ڳائڻو، ڳويو، قوال، عطائيَ (بيجل)، ٣٧. باجهہ ڪري، ڪهل ڪري، ٣٨. ٻئي، ٣٩. هيڪ ٿيا= خلاصي نموني يا مخفي طرح ملي هڪ ٿي ويا يعني ٻنهي ۾ ڪو ويڇو يا فرق نہ رهيو. ۴٠. جنهن جو ملهہ يا بها ڪٿي نہ سگهجي. هتي"امل" مان مراد راجا راءِ ڏياچ آهي.

رَازُ[1] ڪَـئَـائِـين رَاءَ[2] سِين، ڪَنهن مُوچَارِيءَ[3] مَهَلَ[4]،
اَنَا اَحمَدُ بِلاَ مِيمِ• چَئِي، سَئِينَ[5] هَنئِي[6] سَائِلَ[7]،
ڪَنهنْ[8] ڪَنهن پِيئِي ڪَلَ[9]، نَہ هَرڏوئِي[10] هيڪُ ٿِئَا[11].

١٧

ڪَنِي[12] ڪَنِي مَاڻهِين[13]، پِيئِي ڪَلَ ڪَائِي[14]،
رَسئَا[15] جي رَمزَ[16] ڪِي، تَنِ پَارسِي[17] پَائِي[18]،
اَلانسَانُ سِرِي وَاَنَا سِرُہ، *وَرَتِي[19] اِيءَ وَائِي[20]،
رَاجَا رَاڳَائِي، هَردوئِي هيڪُ ٿِئا.

١٨

رَاجَا رَنگ[21] مَحَلَ[22] ۾، جَاجُڪ[23] سِرِ[24] زَمِينَ،
هَنيَائين[25] هَتِن سِين، سَا سُئِي[26] بَالاَ[27] بِينَ[28]،
جِت اَجَنِ نَہ اُزدَا[29] بيگيُون، اُت ڪُونَايُو[30] اَمِينَ[31]،
تَازِي[32] ڏِيوس تَڪڙَا[33]، جَوهَرَ[34] پَائِي[35] زِينَ[36]،
ٻِئو[37] مَڱي ڪِينَ[38]، ذَارَان[39] سِرَ[40] سَيَدُ رح چَئِي.

١. ڳجهي يا مخفي ڳالهہ، اسرار. ٢. راجا. ٣. شُبَ، نيڪ، سڀوريءَ، ڀلاريءَ. ۴. مهل ۾، گهڙيءَ ۾، ويل يا ساعت ۾. ● ائون احمد "م" کان سواءِ يعني آئون احد آهيان (حديث قدسي). ۵. صدا، (ڀينوءَ فقير جو) سوال يا پڪار. ٦. ڪئي. ٧. سواليءَ يا ڀينو فقير. مڱڻهار (ٻيجل). ٨. ڪنهن ڪنهن = ڪنهن ڪنهن کي. ٩. خبر، سُڌ. ١٠. ٻئي يعني راجا ڏياچ ۽ ٻيجل (طالب ۽ مطلوب). ١١. هيڪ ٿئا = ملي هڪ ٿي ويا يعني ٻنهي جي وجهہ کو فرق نہ رهيو. ١٢. ڪني ڪني = ڪِن ڪِن، تمام ٿورن. ١٣. ماڻهن کي. ١۴. ڪا، تمام ٿوري. ١۵. پهتا، آگاهہ ٿئا، واقف ٿئا. ١٦. لڪل ڳالهہ، ڳجهہ، راز. ١٧. پارسي يا فارسي ٻولي يعني ڏکئو يا مشڪل معاملو. ١٨. پروڙي، سمجهي، حلَ ڪئي. *انسان منهنجو (مون خدا جو) ڳجهہ يا راز آهي ۽ آئون (خدا) ان يعني انسان جو ڳجهہ آهيان (حديث قدسي). ١٩. هَلي پئي، گشت پئي ڪري، هر ڪنهن جي زبان تي آهي. ٢٠. ڳالهہ. ٢١. رنگين، سينگاريل، چٽساليءَ واري. ٢٢. محلات (رنگ محل = عشرت گاهہ، اها جاءِ جنهن ۾ بادشاهہ ۽ راجائون عيش عشرت ڪن). ٢٣. مڱڻهار، مڱتو يا ڀينو يعني ٻيجل. ٢۴. تي. ٢۵. چورياين، چيڙياين. ٢٦. ٻُڌڻ ۾ آئي. ٢٧. مٿي (محلات ۾). ٢٨. بينسري، ساز جو هڪ قسم. ٢٩. مرداني لباس واريون زالون. ٣٠. گهرايو. ٣١. ايماندار يا امانتدار يعني راءِ ڏياچ. ٣٢. عربي گهوڙا. ٣٣. هڪدم، جلدي. ٣۴. جواهر، هيرا، موتي. ٣۵. وجهي، رکي. ٣٦. زين تي (زين گهوڙي جي سنجن مان هڪ سنج جو نالو آهي جنهن کي هَنو بہ چئبو آهي). ٣٧. گهري. ٣٨. ڪجهہ بہ نہ. ٣٩. سواءِ. ۴٠. مٿي، سسئيءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي

اَلوِداعُ[1] هَيِ[2] اَلوِداعُ، جَانِئا[3] کِيئَڙُئِي[4] جُدا[5]،
هِي جو آيو مَگَڻو[6]، مَتارا[7] ماري[8]،
دوسَ[9] دوسَنِئُون[10] دُورِ[11] کَري، ٿو ڏِيَا[12] ڏيکاري،
هَڻُ[13] تُون تَندُ[14] طَرِيقَ[15] جِي، واجَتَ[16] سَبِ[17] واري،
سورَتِ[18] سَرَتِن[19] وِچَ ۾، اُيَڙِي[20] اوساري[21].

---

١. موڪلائي، خدا حافظ، آخري سلام، ٢. افسوس، ٣. جانيءَ کان، دوست کان، محبوب کان، ۴. تو ڪيو، ۵. ڌار، ٦. پينو فقير، مڱڻهار (ٻيجل)، عزرائيل، ٧. پهلوان، (عشق جي) شراب جا پياڪ، (خدا جا) طالب، ٨. ساهہ ڪڍي، ٩. دوستَ، سڄڻَ، محبوبَ، ١٠. دوستن کان، ١١. جُدا، پري، ١٢. طاقت، حشمت، رعب، دٻدٻو، ١٣. وَڄاءِ، ڇيڙ، ١۴. ڪنهن ساز جي تارَ، ١۵. طريقت (صوفين جي مسلڪ ۾ طريقت ٻي درجي جو سلوڪ آهي)، ١٦. سازَ، ١٧. ڦٽا ڪري، ترڪ ڪري، اڇلي، ١٨. راجا ڏياچ جي زال جو نالو، ١٩. هڪ جيڏين، سهيلين، ٢٠. ٻيٺي، ٢١. روئي، پار ڪڍي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ سورَٺِ

داستان ٻيو

١

پَانَ[1] پهرِينءَ رَاتِ ۾، ڳَڙهَه[2] پَاسِي[3] ڳَايو،
پِئو غُلَغُلو[4] ڳِرنَارَ ۾، اِي عَطَائِي[5] آيو،
سَالِڪَ[6] سَازَ[7] سُرودَ سِين، ڪِي[8] جو ڪَمَايو[9]،
ٻِيجَلَ ٻولايو[10]، آهي سِرَ[11] سُوَالِي[12] مَڱڻو.

٢

ٻِيجَلَ ڪي ٻِيءَ رَاتِ ۾، سَڏَايو[13] سُلطَانَ[14]،
تَہ اڳِي ڪونَہ آيو، ڪو پِيرِ[15] تنهجي پَانَ[16]،
جَانِئَانَ[17] جِيءُ[18] جُدَا[19] ڪِئو، طَرحَ[20] تُنبَي[21] جي تَانَ[22]،
مُون وَٽِ مَالَ[23] مَتَاعَ جي، ڪَمِي[24] آهي ڪَانَہ،
رُوحَ[25] رِجَندا[26] مَڱڻا[27]، تہ[28] دَسِ[29] ڏِيَانَ دَانَ[30]،
مِيَانَ[31] مِهرَبَانَ[32]، چَوري[33] تَندُ[34] چَئِيجِ[35] ڪِي[36].

---

١. مڱڻي، مڱڻهار، ميراثيءَ، فقير (جيڪو ڳائي ۽ پني) ٻيجل. ٢. ڳڙهہ جي، ڪوٽ جي، قلعي جي (هتي ان ڳڙهہ ڏانهن اشارو آهي جيڪو راجا ڏياچ جي گاديءَ واري شهر گرنار رياست جهوناڳڙهہ ۾ آهي). ٣. پاسي ۾، ٻر ۾. ۴. هُل، گوڙ. ۵. بخشش گهرندڙ، پينو فقير، راڳائي، سوالي. ٦. درويش، سيلاني فقير. ٧. سرودَ، راڳ يا ناچ ۾ وڄائڻ جي اوزار. ٨. جو ڪجهہ. ٩. محنت ڪئي، ڪرتب ڏيکاريو. ١٠. ٻڌايو. ١١. (ڏياچ جي) سر جو، مٿي جو، سسيءَ جو. ١٢. عرضدار، گهرندڙ. ١٣. گهرايو. ١۴. بادشاهہ، راجا (ڏياچ). ١۵. مثل، مثال. ١٦. اي ٻانَ، اي مڱڻا، اي مڱڻهارَ. ١٧. جاَن ڪان، بدن يا جسم ڪان. ١٨. ساهہ، روحُ. ١٩. ڌار. ٢٠. طرز، نموني، ڍول، بناوت. ٢١. (وڄائڻ جي) ساز. ٢٢. آوازَ، آلاپَ. ٢٣. ڌنَ، دولت، متاعَ، اسباب، ملڪيت. ٢۴. ڪوتَ. ٢۵. روحَ کي، دل کي. ٢٦. وڻندڙ، سُهَائيندڙ. ٢٧. اي مڱڻا، اي مڱڻهار. ٢٨. توکي. ٢٩. دست، ۾، هٿ ۾" ٣٠. انعامَ، خيراتون، نذرانا. ٣١. اي ميان يعني ٻيجل (ميان لفظ دراصل ڪنهن وڏي ۽ عزت اوري ماڻهوءَ لاءِ ڪتب آڻبو آهي). ٣٢. مهر ڪندڙ، احسان ڪندڙ، ٻاجهہ ڪندڙ، ٻاجهارا. ٣٣. ڇيڙي، وڄائي. ٣۴. (وڄائڻ جي ساز جي) تارَ. ٣۵. ٻڌائج، ڳائج. ٣٦. ٿورو ڪجهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣

رَاجَا[١] کي تِيِنءَ رَاتِ ۾، ٻُڌَايو ٻِيجَلَ[٢]،
سَهسين[٣] هُئَا سَنسَارَ[٤] ۾، ٻِئَا پُڻ[٥] دَاتَا دَلَ[٦]،
آيُس مَنِ[٧] اُجَلَ[٨]، تِ ٻِلاهِين[٩] تو[١٠] کَري[١١].

٤

چَارڻَ چوٿِينءَ رَاتِ ۾، آءُ[١٢] نَچ[١٣] آهين[١٤] جِيءُ،
تُنهنجو قَدَمُ[١٥] پَدَمُ[١٦] نَ پَاڙِيَان[١٧]، اچي ٿيءُ جَمِيعُ[١٨]،
دَانَ دُلوچَا[١٩][٢٠] دِلِ[٢١] وَٽِيَا[٢٢]، وَني رَاضي ٿيءُ،
هِينئر[٢٣] اَتِئي هِيءُ، صُبحِ[٢٤] سَوَايو[٢٥] ڏِيَان.

٥

پَلٽئو[٢٦] پَنجِينءَ رَاتِ ۾، رُپو[٢٧] سَون[٢٨] سَبِيلَ[٢٩]،
پَلَنگَ[٣٠] پَترَاٽِيُون[٣١] پَالکِيُون[٣٢]، نَو لَکَ نَاٽي نِيلَ،●
دَاتَا وَنَان[٣٣] نَ دَانَ ۾، وَنءُ قَيرَائي[٣٤] فِيلَ[٣٥]،
آکِئُمِ[٣٦] جو اَصِيلَ[٣٧]، سو سِرُ[٣٨] ڏي نَ سُرَهو[٣٩] ٿِيين.

---

١. (راءِ ڏياچ). ٢. ٻيجل ان چارڻ فقير جو نالو آهي جيڪو گرنار جي راجا ڏياچ کان راجا انيراءَ جي چوڻ تي سِرُ وٺڻ آيو هو. ٣. سوين هزارين، تمام گهڻا. ۴. دنيا، جهان. ۵. ڏاتار، سخي. ٦. بي شمار، تمام گهڻا. ٧. مَنَ جي، دل جي. ٨. اُجَل سان، سڪ سان، اڪنڊَ سان. ٩. تنهنڪري. ١٠. تنهنجي. ١١. لاءِ، واسطي. ١٢. آءُ. ١٣. سدا، ٻَلي، بيشڪ، جيءُ. ١۴. آئين (آءُ نچ، آهين جيءُ=ٻلي ڪري آئين، جيءُ ڪري آئين، خوش آمديد). ١۵. وِکَ (پنڌ ڪرڻ وقت ٻن پيرن جي مفاصلي کي قدمُ يا وک چئبو آهي). ١٦. پَدَمَ سان، (ناٽي جي) لک ڪرڻ سان. ١٧. برابر يا مَٽَ ڪريان. ١٨. خوش، راضي. ١٩. انعام، خيراتون، نذرانا. ٢٠. هرا، جهجها، گهڻا. ٢١. دل کي، من کي. ٢٢. وٺندڙ، سهائيندڙ. ٢٣. هاڻي، هن وقت. ٢۴. صبوح جو، سياڻي. ٢۵. زيادهہ، وڌيڪ. ٢٦. پلنجي پئو، تمام گهڻي انداز ۾ موجود يا حاضر ڪيو ويو. ٢٧. چاندي (سفيد رنگ جو قيمتي ڌاتو جنهن مان زيور ۽ ناڻي جا سڪا ٺهندا آهن). ٢٨. زردي رنگ جو قيمتي ڌاتو جنهن مان زيور ٺهندا آهن. ٣٠. تمام گهڻو، آل جَال. ٣٠. وڏيون چپر ڪتون. ٣١. رضايون، گاديلا. ٣٢. هاٿين جي پٺن تي ماڻهن جي وهارڻ لاءِ ٻڌڻ واريون ڏوليون (هتي معنيٰ ٿيندي هاٿي) ● لکن ۽ نيلن جي انداز ۾ ناڻو يعني پئسا (نيل ۾ هڪ سؤ ڪرب آهن). ٣٣. اي داتا، اي سخي (راجا ڏياچ). ٣۴. موٽائي، واپس ڪري. ٣۵. هاٿي. ٣٦. چيم، گهريم. ٣٧. اي اصيل، اي ننگپال سخي، اي مانوارا (ڏياچ راجا). ٣٨. سسي. ٣٩. چڱو، موچارو.

٦

چَـھـينءَ رَاتِ چِـڪَـايـو،[1] سَـالِـڪَ[2] سُـوري[3] سَـازُ،[4]
ڳَـاَيَـائِـين ڳُـڙَهـ[5] ڳِـرنـارَ[6] ۾، ڪَـري آڳَـهَـ[7] سين آوازُ،[8]
صَـلاَحَ[9] جـو سَـيَـدُ[رح] چَـئـي، اَٿُـون[10] رَاجَـا تـوسِـين رَازُ،[11]
سُـپِـيَـاٽـي[12] سَـرفِـرازُ،[13] مِـيَـان[14] ڪَـنـدو مَـڱـٽِـين.[15]

٧

سِـرُ[16] مَـڱي[17] سِـرُ ڳُـهُـري، سِـرَ رِي[18] تِـيـي نَـ صَـلاَحَ،
غَـريـبَـنُـون[19] نَـ ڳُـذَري،[20] مَـاري مِـيـرَ[21] مَـلاَحَ،[22]
نَـايـو[23] نَـوَابَـنِ[24] جـو، سُـوڙهـو[25] ڪَـدِي سَـاهُـ،[26]
خَـالِـقُ[27] سَـنجَـهـ[28] صَـبَـاحَ، ڪـونَـهـ ڇَـڏِيـنـدو ڪِـٿَـهِـين.

٨

مـوٽِـي[29] مَـڱَـٽَـهَـارَ،[30] شَـالَ[31] مَ اَچِـين ڪَـذهِـين،
اَنَـئـي[32] پَـهَـرَ عَـلِـيـلَ[33] ڪـي، ڪُـنـدو[34] مَـنـجـهـ ڪَـپَـارَ،[35]
جِـنـهِـن[36] تـو سَـبِ جَـمَـارَ،[37] هَـنـيَـا[38] ڇِـٽَ[39] پَـٽَـنِ[40] سـين.

---

١. وڄايو. ٢. درويش، سيلاني فقير (ٻيجل). ٣. چيڙي، هلائي. ۴. راڳ ۽ ناچ ۾ وڄائڻ لاءِ ڪمايندڙ اوزار. ۵. ڪوٽ، قلعي. ٦. رياست جهوناڳڙهه ۾ هڪ شهر جو نالو جنهن ۾ راجا ڏياچ راڄ ڪندو هو. ٧. سرندي، سرندي وڄائڻ جي گزيءَ يا ڪماچي. ٨. آلاپَ.
٩. صلح، پرچاءَ. ١٠. مون کي آهي. ١١. ڳجهي ڳالهه. ١٢. ٻئي ڏينهن تي صبوح جو. ١٣. خوش، سرخرو. ١۴. سردار (راجا ڏياچ).
١۵. مڱڻي کي، مڱڻهارَ کي (ٻيجل کي). ١٦. مٿو، سسي. ١٧. ڳهري. ١٨. کان سواءِ. ١٩. غريبن کان، نادارن يا ڪنگالن کان. ٢٠. پاسو ڪري، ٽري يا گسي ٿو. ٢١. امير، سردار. ٢٢. سهڻا. ٢٣. نمايو، ليٽايو. ٢۴. حاڪمن، سردار، اميرن. ٢۵. حملو يا هلان ڪري، وٺ پڪڙ ڪري. ٢٦. دَمُ، پساهه، جان. ٢٧. خلقيندڙ، پيدا ڪندڙ يعني خدا. ٢٨. سَنجهه صباح = ڪڏهين به. ڪنهن به وقت.
٢٩. وري، واپس. ٣٠. اي مڱڻهار. اي مڱتا (ٻيجل). ٣١. خدا ڪري ته. ٣٢. اٺئي پهر = رات توڙي ڏينهن جو. هر وقت. سدائين. ٣٣. بيمار، هيڻي، ضعيف، نٻلهه. ٣۴. لوهه جي وريل ۽ ڇهنبدار سيخ. ٣۵. مٿي، سِرَ (ڪنڍو منجهه ڪپار = اونو، خوف). ٣٦. جيئن ته، جو ته. ٣٧. سڀ جمار = سڄي عمر، سدائين. ٣٨. سَٿيا، ڪيرايا. ٣٩. تاجَ يا ڪلنگيون (پهريل ماٿهو يعني بادشاهه ۽ راجائون).
۴٠. زمين.

٩

پَاسِنگُ[1] جَنهِن پيشِ[2] ڪِئو، تَنهِن ڏنو ڪِينَ ڏِيَاچَ،●
مَتو[3] نيئي[4] مَاچَ[5]، وَجِي ڏُورِ[6] ڏُکُ[7] تئو.

١٠

ڏِنو ڪِينَ ڏِيَاچَ، تو سَائِلُ سِڪَائي،
مُنهَن تي موٽَائي، مَتو هَنيُسِ مَڱٽي.

١١

ڏِنوجو ڏِيَاچَ، سو سُورَٺِ[8] سُرَهُو[9] نَہ ڪِئو،
ڪَنبِي[10] وِئَا ڪيرَتِيَا[11]، ڪُومَاٽَا[12] ڪُمَاچَ[13]،
جَا وِنڊُرَ[14] وَائِي[15] وَاڄَ[16]، موهِيو[17] تَنهِن مَڱڻهَارَ ڪي.

١٢

مَحلين[18] آيو مَڱڻو، سَازُ[19] کَٽي سُرندو[20]،
سِرَ[21] جي صَدَا[22] سِرَ ۾، گهُورَ[23] هَٽي[24] گهُرَندو،
مَتي رِءَ مَلُوڪَ[25] جي، چَارَڻُ[26] نَہ چُرَندو[27]،
جُهونَاڳَڙهُ[28] جُهرَندو[29]، پُوندي جَهانءِ[30] جَهرُوڪَ[31] ۾.

---

١. نذرانو يا پيٽا (راجا ڏياچ جو سرُ). ٢. پيش ڪئو = حاضر ڪئو. ڏنو ● تنهن ڏياچ ڇڻ ڪجهہ نہ ڏنو. ٣. سِرُ، سِسِي. ۴. ڪٽي، وڍي. ۵. ماچ کي، فقير کي، مڱڻهارَ کي، ڳائڻي کي. ٦. پري. ٧. ارمان. ٨. راجا ڏياچ جي زال جو نالو. ٩. سُٺو، موچارو، مانائتو. ١٠. ڏڪي، لرزجي. ١١. ڪيرت ڪندڙ، راڳائي. ١٢. ملول، غمگين. ١٣. ڪماچ وڄائيندڙ (ڪماچ هڪ ساز جو قسم آهي). ١۴. ونڊر ۾ (ونڊر هڪ جبل جو نالو آهي)، تڪليف ۾. ١۵. ٻولي، پچار. ١٦. واڄ جي، سڪ جي. ١٧. مست ڪئو، گرويدهہ ڪئو، مائل ڪئو. ١٨. محلن ۾، محلاتن ۾. ١٩. راڳ يا ناچ ۾ وڄائڻ لاءِ اوزارُ. ٢٠. ساز جو هڪ قسم . ٢١. مٿي، سِسِيءَ . ٢٢. سوال، گهُرَ.٢٣. تيزُ نظر. ٢۴. وجهي (گهور هٽي = تمام گهري نظر وجهي يا انتظارَ واريءَ حالت سان نهاري). ٢۵. بادشاهہ، راجا (ڏياچ). ٢٦. ڳائڻو يا راڳيندڙ فقيرُ. مڱڻهارُ (چارڻ هڪ ذات آهي جنهن جي ماڻهن جو ڪم آهي تہ راجائن ۽ بادشاهن جي درٻارين ۾ انهن جي ساراهَہ ۾ قصيدا ڳائين). ٢٧. ٻَري ٽيندو، ويندو. ٢٨. هندستان ۾ هڪ مشهور شهر ۽ رياست جو نالو هتي اشارو، جهوناڳڙهہ جي ماڻهن ڏانهن آهي. ٢٩. ڏک يا ارمان ڪندو، رُئندو. ٣٠. روڄ راڙو. ٣١. محلات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٣

مَحلين[1] آيو مَگَڻُو[2]، سازُ[3] وَني سِري[4]،
سِسِي[5] تَنهِن سُلطَان[6] کان، اَچي گهوٽَ[7] گهُرِي،
تَنهِن هَنئي[8] تَندُ طَبيلَ[9] ۾، پِئَا ڪوٽَ[10] ڪَرِي[11]،
هَنذين[12] مَاڱين هُوءِ[13] تِي، تُنهِنجي ٻِيجَلِئَا[14] ڏَانهَن[15] ٻُرِي[16]،
جُهونَاڳَڙهه جُهرِي پيئي جَهانءِ جَهروڪَ ۾.

١٤

جِيءُ[17] مَگَڻهَارَ[18]، مَ[19] هوءِ[20]، جِيئَن[21] تو مَتِي[22] سِرَ[23] سَتو[24] ڪِئو،
جو مُون[25] مُور[26] نَه سَپجي[27]، تَان[28] جي سو گهُرِيوءِ[29]،
تَه جُڳَان[30] جُڳَ ڏِنوءِ[31]، هُوندَ[32] ڏُونگهو[33] ڏاتَارَن[34] کي.

١٥

مَتو مَتَانئِي[35] گهُورِيَان[36]، مَتو تو مَتَان[37]،
سو مُون[38] تِيي نَه هَتَان[39]، جِنهِن[40] تُون لائِقُ[41] مَگَڻَا.

١٦

مَتو مَتَانئِي گهُورِيَان، مَتو تو مَتَان،

---

١. محلن ۾، محلاتن ۾، ٢. پنڻو يا پينو فقير، مگڻهار (ٻيجل)، ٣. راڳ ۽ ناچ ۾ وڄائڻ لاءِ اوزار، ٤. عجيب، ٥. مٿو، سِرُ، ٦. بادشاهه، راجا (ڏياچ) ٧. نئين پرڻيل جوان هتي اشارو ٻيجل ڏانهن آهي، ٨. ڇيڙي، چوري، ٩. تنبوري (جي ساز)، ١٠.ڪوڏن ۾ رهندڙ ماڻهو، ١١. بي هوش ٿي، ١٢. هنڌين ماڳين = هر هنڌ، ١٣. هل هنگامون، چوٻول، ١٤.اي ٻيجل، ١٥. (راڳ جي) آلاپ، واڪاڻ، ١٦. ٻڌڻ ۾ آئي، ١٧. جيءُ يعني شاباس هجيئي، شل سدائين جيئرو يا حيات هجين، ١٨. اي مگڻهارَ (ٻيجل)، ١٩. نَہ، ٢٠. ايئن يا اهڙيءَ طرح هجي ها، ٢١. جهڙيءَ طرح، ٢٢. مٿان، بدلي ۾، عيوض ۾، ٢٣.(منهنجي) سر جي، ٢٤. سودو، ٢٥. مون وٽ، ٢٦. اصل، بنهه، ٢٧. پيدا ٿئي ها يا موجود هجي ها، ٢٨. تان جي = جيڪڏهين، ٢٩. گهرين ها، ٣٠. جُڳان جُڳ = جڳن جا جڳ، هميشہ، ٣١. تون ڏين ها، ٣٢. شايد، ٣٣. طعنو، ميهڻو، ٣٤. سخين، ٣٥. تنهنجي مٿان، ٣٦. قربان يا صدقو ڪريان، ٣٧. تنهنجي، ٣٨. منهنجي، ٣٩. هٿ ڪان، پاڻ ڪان يا خود ڪان، ٤٠. جنهن جي، ٤١. قابل.

هَذُو[1] هِيءُ هَٽِ[2] ڪَري[3]، جَاجِڪَ[4] وَهِلُوْ[5] جَا[6]،
تُون سِين اَنِيرَاءَ[7]، وَاچَا[8] ۾ وِلِهُو[9] ٿِيين.

⑰

مَتُو[10] مُور[11] نَه پَاڙِيَان[12]، تُنهِنجِيءَ تَندُ[13] تَنوَارَ[14]،
سِرَ ۾ سَچَڻُ[15] نَاهِه ڪِي[16]، مُوٽُ[17] مَ مَگَٽهَارَ،
ڪِينهِي[18] مَنجِهه ڪَپَارَ[19]، لَجِيندو[20] تُو لَاهِيَان[21].

١٨

سَوُ سِرَنِ[22] پَائِي[23]، جَان[24] تَندُ[25] بَرابَرِ[26] تُورِيَان،
اُٿَلَ[27] اوڏاهِين[28] ٿئي، جيڏاهَن بِيجَلُ بُرائِي[29]،
سُڪُنُ[30] هَڏِ[31] آهي، هِنَ سِرَ ۾ سَچَڻُ نَاهِه ڪِي.

١٩

بِيجَلِيا[32] بُڌاءِ مُون[33]، ڪَهُه[34] جَا[35] ڳَالِهه ڳَري[36]،
پِيِنين[37] جِيئَن[38] ڳَرنَارَ[39] ۾، تَندُن[40] تَانُ[41] ڪَري،
ڪِه[42] تُو[43] پَندُ[44] پَري[45]، ڪِ[46] مَڱَ[47] جَهلِيندين[48] مَڱَٽا.

---

١. سڪٿو يعني صرف مٿو يا کوپري، ٢. هَٽَ ۾، ٣. وٺي، ڪٽي، جهلي، ۴. جاجڪ، اي مڱڻهار، اي مڱتا فقيرَ (بيجل)، ۵. جلد، سگهو، تڪڙو، ٦. وَج، ٧. راجا انيراءَ (جنهن بيجل کي راجا ڏياچ جي سِرَ وٺي اچڻ لاءِ چيو هو)، ٨. انجام، واعدي، ٩. قاصر، ڪوڙو، ١٠. سِرَ، سِسِي، ١١. اصل، بنهه، ١٢. برابر يا مٿ پانيان يا ڪريان، ١٣. تند جي، (ساز جي)، تارَ جي، ١۴. تنوارَ سان، آوازَ يا آلاپ سان، ١۵. آڇڻ يا پيش ڪرڻ يا ڏيڻ (جي لائق)، ١٦. ڪا شيءِ، ١٧. وابس وَج، ١٨. ڪا شيءِ ناهي، ١٩. مٿي، سر، ٢٠. شرمسار ٿيندو، ٢١. وڍيان، ڪاٽيان، ٢٢. سِرن جو، ٢٣. (ساهميءَ ۾) وجهي، ٢۴. جيڪڏهين، ٢۵. تند جي، ٢٦. مقابلي ۾، ٢٧. اٿلَ يا لاڙو (ساهميءَ جي پڙ جو)، ٢٨. ان پاسي يا طرف، ٢٩. وڃائي، ٣٠. سخن، انجام، واعدو، ٣٠. (منهجي) ذمي، ٣٢. اي بيجل، ٣۴. مون کي، ٣٣. چَوَ، ٻڌاءِ، سُڻاءِ، ٣۵. جيڪا، ٣٦. (تو) وتِ، ٣٧. گهڙيين، داخل ٿيين، آئين، ٣٨. جنهن حالت يا صورت ۾، ٣٩. هندستان ۾ رياست جهوناڳڙهه ۾ هڪ شهر جنهن ۾ راجا ڏياچ جي گادي هئي، ۴٠. تندن سان، ۴١. آوازَ، آلاپَ، ۴٢. چا، ۴٣. تنهنجو، ۴۴. منزلَ، واٽَ، گس، رستو، مفاصلو، ۴۵. پرانهون، ڏور، دور، ۴٦. يا (ترسي)، ۴٧. خيرات، ڏان، ڀيک، ۴٨. ونندين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۰

مَگَ نَہ جَهلِيا مُورَهين، نَہ مُون پَندُ پَري،
ڳِنهِي[۱] آيُس ڳالَهڙي، ڳُجهي تو ڳَري[۲]،
سا سَمُجهج سورَٺ[۳] وَرَ[۴]، ويندُس کين وَري[۵]،
پَرِيَان[۶] پير پَري[۷]، تو[۸] لَئِي[۹] آيو آهيَان.

۲۱

مَگَ[۱۰] نَہ تُسي[۱۱] مَگڻُو[۱۲]، نَکي مِلڪَ[۱۳] نَہ مالِ،
ڏانَئُون[۱۴] ڏُور[۱۵] تِيي[۱۶]، ڪا[۱۷] جا ڳِنِس[۱۸] ڳالهہ،
آهي اِن خَيالِ[۱۹]، تَہ ڏِيني[۲۰] تِيم[۲۱] ڏاتارَ[۲۲] سين.

۲۲

ڳُجهہ[۲۳] پانهنجي ڳُجهہ[۲۴] کي، رِندَ[۲۵] رَساٽي[۲۶] لاءِ[۲۷]،
اَجَلُ[۲۸] اُيو[۲۹] آهہ، پُڻيءَ[۳۰] تو[۳۱] پَلاڻو[۳۲].

۲۳

چارَڻَ[۳۳] ٻولِج کِي ٻئو[۳۴]، گهُرِئي سو گهوريَان[۳۵]،
گهُرُ[۳۶] سورَٺ[۳۷] نَہ پَڙي[۳۸]، جان تَندُ[۳۹] بَرابَرِ[۴۰] توريَان[۴۱]،

---

۱. کٿي، ونئي. ۲. وٺ. ۳. سورٺ جا (راجا ڏياچ جي زال جو نالو سورٺ هو). ۴. مڙس، ڀتار. ۵. ورائي، موٽي. ۶. پري کان، ڏوراهينءَ جاءِ يا هنڌ کان. ۷. پير پري = پنڌ ڪري. ۸. تنهنجي. ۹. واسطي. ۱۰. مگ سان، خيرات يا بکيا سان. ۱۱. راضي ٿئي. ۱۲. مگڻو يا پينو فقير، مگڻهار (ٻيجل). ۱۳. ملڪيت سان، مال سان، ڌن دولت سان، خزاني سان. ۱۴. ڏانن يا دانن کان، انعامن کان. ۱۵. پري، وڌيڪ (اهم). ۱۶. آهي. ۱۷. ڪاجا = جيڪا. ۱۸. هن وٽ. ۱۹. خيال ۾، سوچ يا ويچارَ ۾. ۲۰. ملاقات. ۲۱. منهنجي ٿئي. ۲۲. سخيءَ مرد (راجا ڏياچ). ۲۳. خُدائي ڳجهہ يا رازُ (جو تو ۾ سمايل آهي). ۲۴. ڳجهي هستيءَ يعني خدا تعاليٰ. ۲۵. اي رند، اي مست فقير. ۲۶. پهچائي. ۲۷. ملاءِ، گڏ. ۲۸. موت. ۲۹. ٻينو. ۳۰. پويان. ۳۱. تنهنجي. ۳۲. تيار ٿيو، سنبرئو. ۳۳. اي چارڻ (چارڻ هڪ قوم يا ذات آهي جنهن جا ماڻهو اَميرن ۽ حاڪمن جي درٻارين ۾ سندن ساراهہ ۾ قصيدا ڳائيندا آهن. ٻيجل جنهن کي راجا انيراءَ راجا ڏياچ جي سِرَ وٺي اچڻ لاءِ ڇيو هو ان قوم مان هو). ۳۴. ڇٽِج، گهرج. ۳۵. قربان يا صدقو ڪريان. ۳۶. گهَرَ وارو مڙسُ، ڀتار. ۳۷. سورٺ جو (سورٺ راجا ڏياچ جي زال هئي). ۳۸. برابر يا مٿُ ٿئي. ۳۹. جيڪڏهين. ۴۰. (تنهنجي ساز جي) تند يعني تارَ جي. ۴۱. مقابلي ۾.

ڳُجهي[1] آهِمِ[2] ڳالهَڙي، آءُ اوري تہ اوريانُ[3]،
ڪِ[4] ڪُلَهَنئُون[5] ڪوريان[6]، ڪِي[7] جاجِڪَ[8] جُسي[9] سين[10] ڏيان.

۲۴

چارَڻَ[11] چَنگُ[12] بَنگُ[13] لَهي[14]، وَجايو وَڏاڻُ[15]،
سِرَ[16] جو هَڏِ[17] آسانُ[18]، پَرَ مَڱڻهارُ مَتي[19] وَهي[20].

۲۵

سِرَ جي هُئَنائين[21] هَلئو، چارڻُ چتائي[22]،
سو مُوڙا[23] جَهلي نہ مالَ جا، تو ماٽِڪَ موٽائي،
تو[24] دَرِ آيس تي[25]، جيئَن تُون ناهہ[26] نہ سِڪئو.

وائي

ڏينئي[27] سين ڏاتار[28]، يارَ، ڪِي[29] موچاري[30] مَڱٽي،
اَچي چارڻَ نہ چوريين، ڪا جا تَندُ تنوارَ،
سا سِيَباٽي[31] راڄيي[32]، سَباجهي[33] سَتارَ،
نِياڳنِ[34] نَوازَ[35] تي، ٿِلَنِ[36] ٿا ٿاٿارَ[37]،
آيو حاتِمُ هَٿَ[38] ۾، لَنگهي[39] جيئَن[40] پَتارُ[41].

---

۱. مخفي، ۲. مونکي آهي، ۳. ٻڌايان، سَليان، سُڻايان، ۴. ڇا، ۵. ڪلهن کان، ٦. (سِرُ) وڍيان، ڪپيان، جُدا ڪريان، ۷. يا، ۸. اي جاجڪ، اي مڱڻهار، اي پينو فقير، اي مڱڻا، ۹. بدن، ڌڙ، ۱۰. سميت، ۱۱. ڀيجلَ (جيڪو ذات جو چارڻ هو جنهن ذات يا قوم جا ماڻهو اميرن ۽ راجائن جي اڳيان سندن ساراهہ جا قصيدا ۽ گيت ڳائيندا آهن)، ۱۲. ساز جو قسم، ۱۳. وَجهہ، موقعو، ۱۴. وٺي، ۱۵. ساز جو قسم هتي معنيٰ ٽيندي چنگ، ۱٦. مٿي يا سسيءَ (جو سودو)، ۱۷. بنهہ، صفا، اصل، ۱۸. سولو، ۱۹. زيادهہ، وڌيڪ، ۲۰. وَجي يعني گهرَ ڪري، ۲۱. هَتائين يا هَنَ هنڌان يعني رَاجا انيراءَ جي ملڪ کان، ۲۲. چت يعني ڌيان ۾ رکي (ڳالهہ) ، ۲۳. موڙيون، هڙون، ۲۴. تنهنجي، ۲۵. تنهن صورت ۾، ۲٦. انڪار، ناڪارَ، ۲۷. ملاقات، ۲۸. سخيءَ (راجا ڏياچ)، ۲۹. ڪئي؛ ۳۰. سُٺي، دل جان سان، ۳۱. پسند آئي، وڻي، ۳۲. راڄيي کي، راجا کي، ۳۳. ٻاجهاري، مهربان، ۳۴. نياڳن تي، بدنصيبن تي، ۳۵. مهرباني، نوازش، ۳٦. (خوشيءَ ۾) گهمن ڦرن، هلن، ۳۷. لچا، لفنگا، بدچالَ، ۳۸. قبضي، ڇَئي آڪيي، ۳۹. لنگهي کي، پينوَ فقير کي، ۴۰. جهڙيءَ طرح، ۴۱. پَالڻهارَ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ سورٺِ

داستان ٽِئو

١

سَرديءَ[١] سالِمُ[٢] نَہ رَهان[٣]، گرمِيءَ[٤] تَئان گُدازُ[٥]،
اَمُنُ[٦] ڏيجِ اَمانُ تُون، سائِلُ[٧] هَٽي[٨] سازُ[٩]،
رَبابِيءَ[١٠] کي رازُ[١١]، کو خالِقَ[١٢] ڏيجِ خَليلَ[١٣] جو[١٤].

٢

سَرديءَ سالِمُ نَہ رَهان، ڪوسِي[١٥] سَهان[١٦] ڪانَہ،
اَمُنُ ڏيجِ اَمانُ تُون، ڏُورِ[١٧] ڪَري پِئا ڏانَ[١٨]،
پانڌَپَ[١٩] ڪائي پانُ[٢٠]، وِجهجِ پِڪَ[٢١] پينارَ[٢٢] تي.

٣

مَرُ[٢٣] تَہ آئين مَگَٽا[٢٤]، مامَ[٢٥] پَرُوڙي[٢٦] مُون،
جيڪا ڳاهہ ڳالهائيين[٢٧]، سا سَمجهيُسُون[٢٨]،
تَنهِن تي تُسجِ[٢٩] تُون، جيڪي پَئي[٣٠] پَٽَ[٣١] ۾.

---

١. سرديءَ ۾. سرديءَ جي موسم ۾. سک آرام ۾. سياري ۾. ٢. سلامت، توانو، تندرست. ٣. ٽئان. ۴. گرميءَ ۾. گرميءَ جي موسم ۾. اونهاري ۾. تڪليف ۾. ۵. ڳريل يا پگهريل يعني بي حال. ٦. (راجا انيراءَ جي عذاب کان) پناهہ، اجهو، سلامتي، امان. ٧. سوالي يا مڱڻو يعني بيجل. ٨. وڄائي. ٩. راڳ ۽ ناچ ۾ وڄائڻ لاءِ اوزار. ١٠. رباب وڄائيندڙ (ربابُ هڪ چئن تندن وارو ساز آهي). ١١. پيارَ. ١٢. اي خالق، اي خلقيندڙ يا پيدا ڪندڙ يعني خدا. ١٣. گهري يا گهاٽي دوست. ١۴. جهڙو. ١۵. گرمي، تڪليف. ١٦. برداشت ڪريان. ١٧. پري. ١٨. انعامَ. ڏان (ٻڌادان = امن امان جي دان کان سواءِ ٻئا دان). ١٩. اي پانڌپ، اي سردار (راءِ ڏياچ). ٢٠. پان جي ول جو پن جنهن ۾ ڪٿو ۽ چُنو وجهي ماڻهو کائيندا آهن. ٢١. ڳاڙهي ڦيٽي يا وات جو لعاب جيڪو پانَ کائڻ وارا ماڻهو ٻاهر ٿڪي ڪيڏندا آهن. (وجهج پڪ = نوازش ڪج). ٢٢. پينو فقير، مڱڻهار (بيجل). ٢٣. ڀلي. ٢۴. مڱڻهار، مڱتا. ٢۵. ڳجهي ڳالهہ، رازَ. ٢٦. سمجهي، معلوم ڪئي. ٢٧. ڳالهہ. ٢٨. اسان سمجهي. ٢٩. راضي يا خوش ٿج. ٣٠. پوي. ٣١. ڪشتي، ڪشڪول، پنڻ واري پيالي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٤)

پَائِي[1] پَٽِ[2] ڪَٽَّان[3]، تَان مُون مُورُ[4] نَہ مَڱِئو[5]،
تَازِي[6] تَنبيلَنِ[7] ۾، گهوڙا گهَرِ[8] گهَڻا،
هَا تِيءَ ڪَارَڻِ هيڪڙي[9]، آئُون ڪَا تَندُ[10] هَڻان[11]،
جَا مَتِّي[12] تو مَٽا[13][14]، تَنهِن آئُون سِرَ جو آيُسِ سيڪڙو[15].

٥

چَارَڻ[16] چَنگُ[17] ڪُلهي[18] ڪَري[19]، رَمِي[20] آيو رَاتِ[21]،
صَدَا[22] جِي سَيَّدُ چئي، وَائي[23] ڪَئائين[24] وَاتِ[25]،
وَجِي يَانَ[26] پُٽڪئو[27]، جِتي جَاجِڪُ[28] نَہ جَاتِ[29]،
ڏيهه[30] ڏِنو ذَاتِ[31][32]، مِيين مَڱڻهارَ کي[33].

٦

چَارَڻَ چَنگُ ڪُلهي ڪَري، پيرَ پُري[34] پَاتَا[35]،
صَدَا جِي سَيَّدُ چئي، وَائي ڪَئائين وَاتَا[36]،
تَنهِن تي رَاءُ[37] رَاضي[38] ٿِئو، دِل وِڏيءَ دَاتَا[39]،
مَرَڪِي[40] مَرُ[41] مَاتَا[42]، رُوڙي رَاءَ ڏيَاچَ جي[43].

---

١. وجهي، ٢. پٽ ۾، ڪشتي يا ڪشڪول ۾، ٣. اَنَ جا داڻا، ۴. اصل، بنهہ، ۵. پنيو، ٦. تازي (تمام پلا) گهوڙا، ٧. طنبيلن، ڪَڙهين، ٿاڻن، ٨. (منهنجي) گهر ۾، ٩. واسطي، لاءِ، ١٠. راڳ يا ناچ ۾ وڄائڻ جي اوزار جي تارَ، ١١. وڄايان، ١٢. مٿان، ١٣. تنهنجي، ١۴. مَڻ يا موتي يعني سِرَ، ١۵. سوالي سِڪايَلَ، گهرجائو، ١٦. ٻيڄلَ (جيڪو قومَ جو چارڻ هو جنهن قوم جا ماڻهو راجائن ۽ اميرن جي اڳيان سندن ساراهہ ۾ قصيدا ڳائيندا آهن)، ١٧. وڄائڻ جو ساز، ١٨. ڪلهي تي، منڍي تي، ١٩. رکي، ٢٠. هلي ڪري، پنڌ ڪري، ٢١. گذريل يا ڪالهہ رات، ٢٢. سوال، ٢٣. ٻولي، رَٽَ، ڌُن، ٢۴. جاري رکيائين، ٢۵. وات ۾، ٢٦. پينوءَ فقير، مگتي، مگڻهارَ، ٢٧. پڻ پڻ ڪئي، آهستي يا جهيڻو ڳالهايو، ٢٨. پينو فقير، گداگر، ڳائڻا، ميراثي، ٢٩. اصل، بنهہ، مور، ٣٠. جهان، مُلڪ، ٣١. عطا ڪئو (گنج ۾ ڏنائين لکيل آهي)، ٣٢. ذات ۾، بخشش ۾، ٣٣. سردار، مالڪ، ڌڻيءَ، ٣۴. پنڌ ڪري، ٣۵. پيرياتا = (جهوناڳڙهہ شهر جي گرنار ڪوٽ ۾) قدم رکيائين، داخل ٿئو، ٣٦. وات ڪان، ٣٧. راجا (ڏياچ)، ٣٨. خوش، ٣٩. دل وڏيءَ وارو، سخي، داتا، ۴٠. فخر يا ناز ڪري، ۴١. پلي، ۴٢. ماءُ، ۴٣. نيڪ زال، اشراف عورت.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

٧

چَارڻَ تُنهِنجي چَنگَ جو، عَجَبُ[1] آهِہ[2] ايءُ،
جِيئَن هَٽين[3] اُيو[4] هَٿَنِ[5] سين، جِيئَرو[6] رکِئو جيءُ[7]،
رَاتِ[8] مُنهِنجو رِيحُ[9]، کَاتِئو تو کُمَاچَ[10] سين.

٨

چَارڻَ تُنهِنجي چَنگَ ۾، توحِيدَ[11] جي تَنوَارَ[12]،
وَحدہ[13] لاَ[14] شَرِيکَ[15] لَہُ[16]، اهِيئي آچَارَ[17]،
مُون کي تَهِين[18] يَارَ[19]، فِکرَ[20] قَرِيشَانِئو[21].

٩

جَاجِکُ جُهونَا گَرِّهَہ ۾، کو عَطَائي[22] آيو،
کَڏي تَنهِن کِينرو[23]، وِيهي وَجَايو،
شَهرُ سَجو ئي سُرودَ[24] سين، تَندن[25] تَپَايو[26]،
دَايُون[27] دَرمَانديُون[28] ٿِيُون، بَائِنِ[29] بَاڏايو[30]،
چَارڻُ تَنهِن چَايو[31]، جو مَارِي[32] آيو مَگُٽو.

---

١. حيرت. ٢. مونکي آهي. ٣. وڃائين. ۴. بينو. ۵. هٿن سين = خود پنهنجي هٿن سين. ٦. زندهہ، سلامت. ٧. (پنهنجي) جان، جند. ٨. گذريل يا ڪالهہ رات. ٩. روح، هنيون، دل جان. ١٠. وڃائڻ جو هڪ ساز. ١١. خدا تعاليٰ جي وحدانيت يا هيڪڙائيءَ. ١٢. آواز، آلاپَ. ١٣. هو هڪڙو ئي (خدا) آهي. ١۴. نہ. ١۵. مَٽَ، ٻاني، برابر. ١٦. هن جو. ١٧. فيصلا، قاعدا. ١٨. اُن ١٩. يارَ يا دوست جي يعني خدا جي. ٢٠. ويچارَ، خيال. ٢١. ڦريشان يعني پريشان ڪئو آهي. ٢٢. بخشش ونندڙ، ڳائڻو، ٻينو. ٢٣. وڃائڻ جي هڪ ساز جو نالو. ٢۴. سرود، جي آواز. (سرود هڪ ساز جو هڪ قسم آهي). ٢۵. (ساز جي) تارن. ٢٦. ڪجايو، ڪڪ ڪئو، پريشان ڪئو. ٢٧. ٻانهيون، نوڪريائيون. ٢٨. عاجز، حيران، پريشان. ٢٩. گهر ڌڄائين، سانڻن، رائين. ٣٠. ڏانهون پارڙيون ڪيون، ٻاڪارئو، روڄ راڙو ڪئو. ٣١. چوايو، سڏايو، ذات ٻڌائي. ٣٢. مارينڊڙ، شڪاري، صياد، قاتل، موت جو فرشتو، عزرائيل.

١٠

جَـاجِڪُ[1] جُـهُـونَـا[2] ڳَـڙهَـ ۾، پَـسُ[3] پَـاڻُ[4] آيـو پَـاڻُ[5]،
ڪَـدِي ڪَـامِـلَ[6] ڪِـيـنِـرو[7]، وَجَـايـو وَڏَاڻُ[8]،
رَاڻِـيُـون[9] رُون رَتَ[10] ڦُـڙَا[11]، هِـيءُ[12] چِـوري سَـازُ[13] سُـجَـاڻُ[14]،
ڪِـهَـڙو پَـهُـ[15] پِرِيَـاڻُ، ڪَـنـدو جَـاجِـڪُ جُـهـونَـاڳَـڙهـ سين.

١١

جَـاجِـڪُ جُـهُـونَـا ڳَـڙهَـ ۾، پَـسُ پَـاڻُ آيـو پِـيـهِـي[16]،
ڪَـدِي ڪَـامِـلَ ڪِـيـنِـرو، وَجَـايـو وِيـهِـي،
رَاڻِـيُـون رُون رَتَ ڦُـڙَا، هِـيءُ تَـنـدُ[17] هَـٽـي تـيـهِـي[18]،
نَـ جَـاڻَـان ڪِـيـهِـي[19]، ڪَـنـدو جَـاجِـڪُ جُـهـونَـا ڳَـڙهـ سين.

١٢

جَـاجِـڪَ[21] تـو[22] جُـهَـارُ[23]، ڏَهَـ[24] پِـيـرَا ڏِيَـاچَ[25] ڏِي،
جَـنـهِـن ۾ مَـالُ[26] نَـ مَـرِيءَ[27] جِـيـتِـرو، تِـنـهِـن[28] تُـون طَـمَـعـدَارُ[29]،
جَـي[30] اَچِـي ڪَـمِ[31] ڪَـپَـارُ[32]، تَـ وِيـهَـ[33] پِـيـرَا وَڍِي ڏِيَـان[34].

١. ڳائڻو، پينو، مڱتو، مڱڻهارُ (ٻيجلُ)، ٢. هندستان ۾، هڪ مشهور شهر ۽ رياست جو نالو، ٣. ڏس، ٤. فقير (جو ڳائي ۽ پني)، ٥. خود، ٦. پلاري، نيڪَ، ڪاريگر، هوشيار، قابل، ٧. وڄائڻ جي هڪ ساز جو نالو، ٨. وڄائڻ جي ساز جو قسم، ٩. بادشاهه يا راجا جون عورتون، ١٠. رت جا، ١١. ڳوڙها، (رون رت ڦڙا = زاروزار يا تمام گهڻو رون)، ١٢. وڄائي، ١٣. راڳ ۽ ناچ ۾ وڄائڻ جو هڪ اوزارُ، ١٤. هوشيار، قابل، ١٥. حالُ، حالت، پرياڻ، ١٦. گهڙي، ١٧. (ساز جي)، تارَ، ١٨. تيزُ، تِکي، ١٩. مون کي ڄاڻُ يا خبرَ آهي، ٢٠. ڪهڙي (پَر، حالت)، ٢١. اي جاجڪَ، ٢٢. توکي، ٢٣. جَسُ، سلامُ (جيڪو جوڳي فقير پنهنجي مرشد کي جُهڪي ڪندا آهن)، نمسڪارُ، ٢٤. ڏهه دفعا يعني بار بار يا وري وري، ٢٥. جهوناڳڙهه جي رياست جي راجا جو نالو، ٢٦. ماليات، مِلڪَ، مُلهه، ٢٧. ڪاري مرچ جي داڻي، ٢٨. تنهن ۾، ٢٩. طمع يا خواهش رکندڙ، ٣٠. جيڪڏهين، ٣١. ڪَمَ ۾، ڪتبَ ۾، ٣٢. مٿو، سِرُ، مٿي جو هڏو، کيراٽي، ٣٣. ويهه پيرا = وري وري، ٣٤. کپي، ڪاٽي.

١٣

مَتي[١] اُتي[٢] مُنهِنجي، جي[٣] ڪوڙين[٤] هُون[٥] ڪپار[٦]،
تـ واريو[٧] واريو وِڍيان[٨] سِسيءَ ڪي سَئُو[٩] وار،
تـ پُڻ[١٠] تَند[١١] تَنوار[١٢]، تُنهِنجي مَتاهين[١٣] مَگَٽا[١٤].

١٤

مَتي اُتي مُنهِنجي، جي هُئا سِرَن سَئُو هَزار،
تـ تُنهِنجيءَ ساڻ تَنوار، هَر هَر وِڍيم هيڪڙو.

١٥

پَسي پاڻ پُر[١٥] تَنئو، سَندو[١٦] جادَمَ[١٧] جُود[١٨]،
مَگَ[١٩] وهاٽيءَ[٢٠] مَگَٽا، مَتو هِينئَر مَوجُود[٢١]،
بَلڪ[٢٢] آهي بُود[٢٣]، ناقِصي[٢٤] نابُود[٢٥] ۾.

١٦

بِيلي[٢٦] بَئي پار[٢٧]، جان[٢٨] مُون نيٽين[٢٩] گهَٽو نِهارِئا[٣٠]،
چوري[٣١] رڪَمِ[٣٢] چِتَ[٣٣] ۾، ڏِسَن[٣٤] جا ڏاتار[٣٥]،
تان[٣٦] هيءُ سِر توهان ڏار[٣٧]، بِيجي[٣٨] ڪنهن نـ بولئو[٣٩].

---

١. ڪنڌ، سِسيءَ. ٢. تي. ٣. جيڪڏهين. ۴. ڪروڙين، تمام گهڻا. ۵. هجن. ٦. ڪيپراٽيون. ٧. وري وري، هر هر. ٨. ڪپيان، ڪاٽيان. ٩. سَؤ ڀيرا يا دفعا. ١٠. ٻہ. ١١. (ساز جي) تند جي يا تار جي. ١٢. آلاپَ، آواز. ١٣. اعليٰ، افضل. ١۴. اي مڱڻا، اي ڀينو فقير (ٻيجل). ١۵. ڀرپور (خوش يا راضي). ١٦. جو. ١٧. جادم (ڄڪرو) سمن بادشاهن جي نسل مان هڪ سخي حاڪم جو نالو هو ان ڪري هر سخيءَ کي جادم جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. هتي اشارو راجا ڏياچ ڏانهن آهي. ١٨. سخا، فياضيءَ، بخشش. ١٩. (سر ڪان سواءِ ٻيو) دانُ يا خيرات. ٢٠. وهاڻيءَ جو، فجر يا اَسرَ جي مهل. ٢١. (حاضر آهي). ٢٢. پر، مگر. ٢٣. هستي. ٢۴. خسيس. ٢۵. نيستيءَ، فَنا. ٢٦. ٻيلي جا (ٻيلو ڪچ جي رڻ ۾ ڪچ واريءَ ڪنار جي قريب هڪ مشهور ٻيٽ ۽ شهر آهي جتي ڄام سپڙ نالي هڪ سخي حاڪم راڄ ڪندو هو). ٢٧. طرف. ٢٨. جيئن ئي. ٢٩. نيڻن سان، اکين سان. ٣٠. ڏٺا. ٣١. ڄاڃيا.٣١. ساري، اندازو لڳائي. ٣٢. مون رکئا. مون، هنڌايا. ٣٣. دل. ٣۴. طرفن، ملڪن. ٣۵. سخي. ٣٦. تہ (خبر پئي يا ڏٺم). ٣٧. توهان ڏار = توکان سواءِ. ٣٨. ٻي. ٣٩. آڇيو.

١٧

ڪَا جَا تَنْدُ ڪُمَاچَ جِي، سُتِيُ سُئَائِين،
مُوتِي مَڱڻَهَارَ ڪِي، پَرِ ۾، پُڇِيَائِين،
ڪِي تُون مَڱڻُو مَالَ جو، ڪِي سِرِي گُهُرين سَائِين،
ڪَنڌَ ڏِي ڪِئَائِين، اشارو اَگِرِسِين.

وائي

تُو تَان سَانگُ نَہ ڪو، مَاري مِيرُ وڏوءِ،
هيڏو قَهرُ ڪِئوءِ، مَولي جَا مڱڻَا،
هَادِيءَ جَا مَڱڻَا، تُوڪِي تَرسُ نَہ ڪو،
آيُون جو آسَ ڪَري، مَرُ پَانڌ تَنهِنجي پوءِ،
ڏُنِي نَامَ اللهَ جِي، سو سِرُ سُگنڌو هوءِ،
جِمَ موٽَائِيين مَڱڻُو، اُپِيي رَاڻِيءَ خَاتُون چوءِ.

---

١. اهڙي (عجيب)، ٢. وڄائڻ جي ساز جي تارَ ير هتي معنيٰ ٿيندي آلاپ، تانَ، آواز. ٣. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم. ۴. ننڊ ۾. ٥. گهمرو ڏيئي، ڦيرو ڪائي، مُڙي، ٦. مڱڻي،پينوءَ فقير (بيجل). ٧. پر ۾ = نموني سان، لڪ ۾. ڳجهيءَ طرح. ٨. حال احوال ورتائين، ڇيائين. ٩. ڇا. ١٠. پينو، سوالي. ١١. ڌنَ، دولت. ١٢. سِرَ، سِسِي، مٿو. ١٣. اي سائين، اي درويس، اي فقير. ١۴. مٿي، سِرَ. ١٥. ميچ، ڌهنائي. ١٦. توکي. ١٧. تہ. ١٨. لحاظ. صرفو. پرواهہ. ڪاڻ. ١٩. قتل ڪري، ڪهي، خون ڪري. ٢٠. امير (راجا ڏياچ). ٢١. تو وڏو. ٢٢. تمام وڏو. ٢٣. ظلم. ٢۴. تو ڪيو. ٢٥. مولا، خدا تعاليٰ. ٢٦. مڱڻهار، پينو فقير. ٢٧. رهبر، هدايت ڪندڙ، خدا. ٢٨. قياس، رحم. ٢٩. ٿون آئين. ٣٠. ڀلي، بيشڪ. ٣١. پاندَ ۾، جهوليءَ ۾. ٣٢. پوي. ٣٣. نامَ ۾، نالي ۾، صدقي ۾. ٣۴. مٿو. ٣٥. سُرهو. ٣٦. شل هجي يا ٿئي. ٣٧. متان. ٣٨. واپس ڪرين. ٣٩. بيني. ۴٠. بادشاهہ يا راجا جي گهر واري يعني زال. ۴١. شريف عورت، بيبي، راڻي. ۴٢. چوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ سورٺِ

داستان چوٿون

١

تُنبيرو[١] نہ تُون، ذاتِ[٢] جو[٣] راتُو آهين،
ڪالَهُون[٤] ڪَرَ ڪَهِيو[٥] وَجين، گُڙهہ[٦] پاسي[٧] گاهُون[٨]،
اِيءَ مامَ[٩] پُروڙي[١٠] مُون، تہ مارِي[١١] آهين مَگَّٽا[١٢].

٢

ڏَسَنديئي ڏيَاچَ کي، مَرَڪِئو[١٣] مَگَّٽَهارُ،
اَڄُ مُنهِنجو اَگَهِئو[١٤]، وِڄا[١٥] جو واپارُ[١٦]،
ڪاتِبو[١٧] ڪَپارُ[١٨]، مَتو مُندائِتو[١٩] ٿِئو.

٣

مازِيءَ[٢٠] هيٺان مُلُوڪَ[٢١] جي، کِي[٢٢] چَنگيلِيءَ[٢٣] چِيهَہ[٢٤]،
اونائِي[٢٥] عَلِيلَ[٢٦] جي، مَتِي[٢٧] راجا ريهَہ،
جي[٢٨] سِرَ هُونِمِ[٢٩] ويهَہ، تہ تَندُ[٣٠] مُقابِلِ[٣١] تو ڏِيان.

---

١. تنبير يعني تنبورو وڄائيندڙ (تنبير يا تنبورو هڪ قسم جو ساز آهي)، ٢. اصل، صفا، بنهہ، ٣. زوراورُ، جفاڪار، ستم گر (موت جو فرشتو عزرائيل)، ۴. ڪالهون ڪر = ڪالهہ ڪان يعني گذريل ڏينهنڪان وٺي، ۵. ٻڌايو، سڻايو، ٦. (راجا ڏياچ جي گاديءَ واري شهر گرنار جي)، ڪوٽ، قلعي، ٧. وٽ، جي پر ۾، ٨. ڳالهيون، ٩. رازُ، ڳجهي ڳالهہ، ١٠. سمجهي، ١١. مارينڌڙ، ساهہ ڪڍندڙ، عزرائيل، ١٢. اي مگّٽا، اي مگتا يا پينو فقير، اي مگّٽهار (ٻيجل)، ١٣. خوش ٿئو، ١۴. قبول پيو،ڪامياب ٿئو، ١۵. ڏاهپ، هنرَ، سياڻپ، ١٦. سودو، ١٧. وڏبو، ڪپيو ويندو، ١٨. مٿو يا سر (راجا ڏياچ جو)، ١٩. وقتائتو، مهلائتو، عين ضرورت واري وقت تي مليو، ٢٠. محلات جي مٿين طبقي، ٢١. راجا، بادشاهہ، ٢٢. ڪئي،٢٣. چنگ وڄائيندڙ (چنگَ وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم آهي)، مگّٽهارَ،٢۴. ڪوڪَ، ريهہ، دانهن، ٢۵. ٻڌي، ٢٦. هيٺي، نبل، بيمار، ٢٧. محلات جي مٿين طبقي ۾، ٢٨. جيڪڏهين، ٢٩. مون کي يا مون وٽ هجن، ٣٠. (ساز جي) تند يا تارَ جي هڪ آواز يا تانَ جي، ٣١. عيوض، بدلي، ٣٢. توکي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤

مَاڙيءَ[١] هيٺان مَلُوڪَ[٢] جي، چَارڻَ[٣] چوِرئو[٤] چَنگُ[٥]،
مِرُون[٦] پِئَا اُت مَامري[٧]، رِيڌا[٨] ڀَسي[٩] رنگُ[١٠]،
بِيجَلُ[١١] لَڌو[١٢] ٻَنگُ[١٣]، رَاجَا[١٤] تي[١٥] راضي[١٦] ٿِئو.

٥

ڪَنجهي[١٧] ڪِيرَتِ[١٨] ڪِينرو[١٩]، وَاڄو[٢٠] ولاَتي[٢١]،
هَنئي[٢٢] تَندُ[٢٣] حُضُورَ ۾[٢٤]، تَنهن پَانو[٢٥] پيرَاتي[٢٦]،
ڏَسَندي[٢٧] ڏِيَاچَ ڪي، ظَاهرُ[٢٨] ٿئو ذَاتي[٢٩]،
ڪَڍي تَنهن ڪَاتي[٣٠]، وڏو ڪَرتَ[٣١] ڪَپَار ۾[٣٢].

٦

ڪَنجهي ڪِيرَتِ ڪِينرو، وِلاَتي وَاڄو،
هَنيَائين[٣٣] هٿَن سين، لاَيَائين[٣٤] لاَڄو[٣٥]،
ڪَري سُرُ[٣٦] سَاڄو[٣٧]، وِڌَئين[٣٨] ڪَرتُ ڪَپَار ۾.

٧

ڪَنجهي ڪِيرَتِ ڪِينرو، جَاجِڪُ[٣٩] سَندو[٤٠] نَہ جُوءِ[٤١]،

١. محلات جي مٿين طبقي، ٢. راجا، بادشاهہ (راءِ ڏياچ)، ٣. ٻيجل (جيڪو ذات جو چارڻ هو)، ٤. وڄايو، ٥. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم، ٦. جانورَ ٧. مامري ۾، مونجهاري ۾، ٨. راضي ٿئا، خوش ٿئا، ٩. ڏسي، ١٠. رونشو، تماشو، ١١. ٻيجل کي، ١٢. مليو، ١٣. وجهہ، موقعو، ١٤. راءِ (ڏياچ)، ١٥. ڇاڪاڻ تہ، ١٦. مهربان، ١٧. ساز جو هڪ قسم، ١٨. سُرود، ساز جو هڪ قسم، ١٩. ساز جو هڪ قسم، ٢٠. ساز جو هڪ قسم، ٢١. ولات جو (ٺهيل)، ڏوراهين ڏيهہ يا ملڪ جو (ٺهيل)، عمدو، سٺي بناوت وارو، ٢٤. وڄائي، ٢٣. ساز جي تارَ ٢٤. (راجا ڏياچ جي) خدمت ۾، درٻار ۾، ٢٥. دانا، مڙس، ٢٦. سلسليوار، ٢٧. ڏسڻ شرط، تند ٻڌڻ شرط، ٢٨ پڌرو، ٢٩. ذاتي نور، خدائي نور، ٣٠. حلال جانورن جي کهڻ لاءِ لوهہ جو تکو اوزار، ڇُري، وڏو چاقو، ٣١. ڪاٺ جي ٻُندن کي چيرڻ لاءِ لوهہ جو اوزار يعني ڪارائي، ٣٢. مٿي، سِرَ، سسيءَ، ٣٣. (سازَ) وڄايائين، ٣٤. لاڳيائين، ٣٥. مجرو، تماشو، ٣٦. راڳڻي، ڳانو ٣٧. سچو، ختم، ٣٨. هڻَ وڌو، ٣٩. مڱتو، ڀينو فقير، مڱڻهار، ٤٠. جو، ٤١. ديس، ملڪ.

صَدائُون سُلطَانَ کي، سُٺائي صُبُوحِ،
هِنيُون وِجهي مَنجهہ هُوءِ، وِڏائِين ڪَرتُ ڪَپارِ ۾.

٨

ڪَنجِهي ڪِيرَت ڪِينرو، سَازُ ڪِئَائِين سَرِ،
وِبِهي ڪِئي وِڏاڻَ سين، پَانَ پَنهنجي پَرِ،
پِيجَلَ ڪَري بَرِ بَرِ، وِڏو ڪَرتُ ڪَپَارَ ۾.

٩

مِيڙِين ۾ مَڱٽِي، ڪَا جَا ڳَالهہ ڳُجهِيَ،
سَا بَائِنِ دائِنِ بَانهنِ، سوجهِيَ تَان نَہ سُجهِيَ،
پِئَا وِيڙَ وِمَاسَ ۾، عَاقِلَ وِئَا اُجهِي،
ڪوڙِين جِي ڪَريمَ ري، وِيئِي مَتِ مُنجهِي،
هِڪَ پِيجَلِئي بُجهِيَ، بِي خَبَرَ آهہ ڪَنگهَارَ کي.

١٠

ڏاتَرَ ۾ مَڱٽِي، ڪونَہ وَسِيلو وِچِ،
سَائِي تَالَ تَندُنِ جِي، سَائِي چَارَڻَ چِتِ،

١. عرض، وينتيون، ٢. بادشاهہ، راجا (ڏياچ)، ٣. ٻڌائي، ۴. صبوح جو، فجر جو، ۵. دل، ٦. افسوس، ارمان، جفا، ٧. ڪاٺ جي بندن کي چيرڻ لاءِ لوهہ جي ڪارائي، ٨. مٿي، سِرَ، ٩، ١٠، ۽ ١١. وجائڻ جو هڪ ساز، ١٢. تيار، ١٣. ڪئي، ١۴. ساز جو قسم، ١۵. پينو فقير (ٻيجل)، ١٦. رسم، ريت، ١٧. هاءِ هاءِ، افسوس، ظلم، ١٨. سردار، راجا ڏياچ، ١٩. پينوُ فقير (ٻيجل)، ٢٠. مخفي، ٢١. راڻين، راجا جي عورتن، ٢٢. ٻانهين، نوڪرياڻين، ٢٣. (گهٽو) سوچي يا غور ڪري، ٢۴. سمجهي، ٢۵. دانا، هوشيار، قابل، عاقل، ٢٦. فڪر، ويچار، ٢٧. منجهي، پلجي، ٢٨. عقل، هوش، ٢٩. ٻيجل، ٣٠. سمجهي، ٣١. ڪچ ملڪ جي هڪ راجا جو نالو ڪنگهار هو جيڪو وڏو سخي هو ان ڪري هر سخيءَ کي ڪنگهار جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. هتي مراد راجا ڏياچ آهي، ٣٢. ڏاتار، سخي (راجا ڏياچ)، ٣٣. ڪونهي، ٣۴. ذريعو، پردو، حجاب، ٻي هستي، ٣۵. وچ ۾، درميان ۾، ٣٦. ساڳي، اهائي، ٣٧. آلاپ، ٣٨. چارڻ جي، ٻيجل جي، ٣٩. چت ۾، دل ۾.

جي[1] هُتي[2] جي هِتِ[3]، تَہ ڳالهہ مَڙِيائي[4] هيڪڙي.

۱۱

سَهسين[5] هُئا سارنگيا[6]، مانجهي[7] مَڱڻهارَ[8]،
تَن ڳِڙهان[9] اوري[10] تي ڳايو، سَهسين[11] ڪري سينگارَ[12]،
تُنبيري[13] جي تَندُ[14] جِي، پهرين[15] هُئي پَچارَ[16]،
آءُ[17] مَتا[18] هُونَ مَڱڻا[19]، لَنگهي دَرُ[20] دُوارَ[21]،
توکي گهوٽَ[22] گهرايو[23]، خَلوتَ[24] لَئِي[25] ڪَنگهارَ[26]،
اَلسَّلامُ عَلَيكَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ وَرَحمَةُ الله، ●ڪَلِّي[27] ڪئائون ڪيڪارَ[28]،
تَهان پوءِ[29] ڏاتارَ[30]، ڏِنو مُلڪُ[31] مَڱڻهارَ کي.

۱۲

ڪوڙين[32] ڪيرتيا[33] هُئا، ڀَتو[34] ڀَتين ڀانَ[35]،
جَن تي ڳِڙهان باهرِ ڳايو[36]، ظاهِرُ ساڻُ زبانَ،
هيءُ مَنجهہ[37] پيٺو[38] مَڱڻو، اَپرِ[39] سين احسانَ[40]،
اَلتَّحِيَّاتُ لله وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِّبَاتُ *چَئي[41] ساراهيائين[42] سُبحانَ،
جهڙو پَلو[43] پانُ، تهڙا ڏانَ[44] ڏياچ جا.

---

۱. توڙي، ۲. راجا ڏياچ جي محلات ۾، ۳. زمين تي ٻيجل جي وات ۾، ۴. سموري، ۵. سوين هزارين، ٦. سارنگي وڄائيندڙ (سارنگي هڪ ساز جو نالو آهي)، ۷. وير، سورهيہ، همٿ وارا، ۸. مڱتا، پينو فقير، ۹. ڳڙهہ کان، (راجا ڏياچ جي) ڪوٽ يا قلعي کان، ۱۰. ٻاهر، ۱۱. طرحين طرحين، قسمين قسمين، ۱۲. ويس وڳا، ناهہ نوهہ، ۱۳. تنبيرو يا طنبورو وڄائيندڙ (ٻيجل) (تنبيرو هڪ ساز جو نالو آهي)، ۱۴. ساز جي تار، ۱۵. شروع کان، اصل کان، ۱٦. (راجا ڏياچ جي محل ۾) خبر، تعريف، ۱۷. اچ، ۱۸. متي (محلات ۾، ۱۹. اي مڱڻهار (ٻيجل)، ۲۰. دروازو، ۲۱. دُوارَ جو، ڏيڍيءَ جو، جاءِ يا مڪان جو، ۲۲. نئين پرڻيل جوان يعني راجا ڏياچ، ۲۳. سڏايو، ۲۴. اڪيلائيءَ يا نويڪلائيءَ (۾ رهاڻ ڪرڻ)، ۲۵. واسطي، ۲٦. ڪڇ جي هڪ راجا جو نالو ڪنگهارُ هو جو وڏو سخي هو هتي مراد راجا ڏياچ آهي ● سَلامُ هجي تو تي اي نبي (سڳورا صلعم) ۽ الله جي رحمت، ۲۷. مُرڪي، مُشڪي، خوش ٿي، ۲۸. مرحبا، آڌرباءَ، ۲۹. تهان پوءِ= تنهن کان بعد، ۳۰. سخيءَ (راجا ڏياچ)، ۳۱. ڏيهہ (جهانَ جي بادشاهي)، ۳۲. ڪروڙين، بي شمار، ۳۳. ڪيرت يعني راڳ ڳائيندڙ يا ساز وڄائيندڙ، ۳۴. قسمن قسمن جا، ۳۵. پينو فقير، مڱڻهار، ۳٦. ڳليو ڳلايو، ۳۷. اندر، ۳۸. گهڙيو، ويو، داخل ٿيو، ۳۹. بي حد، تمام گهڻي، ۴۰. مهربانيءَ، *سڀ زباني عبادتون خدا لاءِ آهين ۽ بدني ۽ مالي (عبادتون پڻ)، ۴۱. واکاڻيائين، ۴۲. الله پاڪ، ۴۳. سئو، موچارو، ۴۴. دان، انعام، بخششون.

(١٣)

دَربَانِـي[١] دَرُ[٢] کُـولِ[٣]، آئُـون پَـرَديـسِـي[٤] مَـگَّـڻُـو[٥]،
پِـئَـا گـھُـرَنـدَا دولِ[٦]، آئُـون سُـوَالِـي[٧] سِـرَ[٨] جـو.

(١٤)

مَـحَـلَ[٩] مَـنـدَرَ[١٠] مَـاڙِيُـون[١١]، اَمُـلَ[١٢] جِـت ٻَـرَنِ[١٣]،
رَڙِبُـو[١٤] رَاءَ[١٥] ڏِيَـاچَ کَـي، ڪـوڙِيـن[١٦] ڪُـرنِـشُـون[١٧] ڪَـنِ،
تُـون سَـرداَرُ[١٨] سَـڀِـنِ[١٩]، اَسِـين تَـابِـيـنـي[٢٠] تُـنـهِـنـجـي.

(١٥)

رَتُ سِـرڪِـي[٢١] نِـڪـئـو[٢٢]، ڏيـئِـي سُـورَٺِ[٢٣] مَـهـنـدَان[٢٤] سَـتَ[٢٥]،
ڏَڙُ[٢٦] ڏُٻِـي[٢٧] پِـئـو پَـٽَ[٢٨] تـي، مَـٿـو مَـٿَـان[٢٩] کَـٽَ[٣٠]،
آيـو سـو اُلَـٽَ[٣١]، رَاڻِـيُـون[٣٢] جَـنـهِـن رُئَـاڙِيُـون.

(١٦)

ڪَـٿـي[٣٣] سِـرُ ڪَـتَـارَ[٣٤] سِـين، نَـهـرَايَـائِـين[٣٥] ۾ نَـارَ[٣٦]،
سُـورٺِ چَـئـي سَـرَتـيـن[٣٧]، مُـنـيَـسِ[٣٨] مَـگَّـڻَـهَـارَ،
ڪِـئـو[٣٩] قَـهـرُ قَـهَـارَ[٤٠]، جَـنـهـن رَاڻِـيُـون سَـڀِ رُئَـاڙِيُـون.

---

١. اي دربان، اي چوڪيدار. ٢. دروازو. ٣. پٽ. ٤. پرديس کان آيل، مسافر. ٥. مگتو، مگڻهار، پينو فقير. ٦. دولت، مال متاع. ٧. عرضدارَ، طالِبُو، گهرجائو. ٨. مٿي. ٩. محلاتون. ١٠. (هندن جا) عبادت گاهہ، مڙهيون. ١١. گهرن جي مٿان واريون اڏاوتون. ١٢. ماڻڪ، موتي، جواهر. ١٣. چمڪن. ١٤. رويو، دانهون ڪيو. ١٥. راجا. ١٦. ڪروڙين، بي شمار. ١٧. سلامَ، تعظيمون. ١٨. مهندار، اڳواڻ. ١٩. سڀن جو. ٢٠. تابيني ۾، فرمانبرداريءَ يا تابعداريءَ ۾. ٢١. وَهي. ٢٢. نڪتو. ٢٣. سورٺ جي (راجا ڏياچ جي زال جو نالو سورٺ هو). ٢٤. اڳئان. ٢٥. زور، اُچلَ. ٢٦. بدن جو ڳچيءَ کان هيٺيون حصو، ڌڙ. ٢٧. ڌڪو يا ڦهڪو ڪري. ٢٨. زمين. ٢٩. تي. ٣٠. پلنگ، منجي، کٽولي. ٣١. ڦري گهري. ٣٢. راجا جون عورتون. ٣٣. ڪٿي، وڍي. ٣٤. (وڍيءَ) ڪاتيءَ. ٣٥. رکيائين. ٣٦. وِلهہ، پڌر، ميدان. ٣٧. سرتين کي، جيڏين کي. ٣٨. مون کي مُنو، مونکي مصيبت ۾ وڌو، مون سان ظلم ڪئو. ٣٩ ظلم. ٤٠. قهر ڪندڙ، قهريءَ، ظالِمَ.

(١٧)

كَتي سِرُ كَتارَ سين، نَهرَايَائين ۾ نارَ،
ڪروڙين[١] ڪيرَتيا[٢] آيا، حاڪمَ[٣] حُڪمدارَ،
سَوين[٤] سُوالي[٥] آيا، بابُو[٦]، بيڪٽدارَ[٧]،
سَبِ ڏگمگئا[٨] ڏاتارَ[٩]، سُٽي[١٠] ڏانُ[١١] ڏياچَ[١٢] جو.

وائي

مَتو ۾ ڪيڪارَ، يارَ[١٣] ڏانَ[١٤] ڏيندوسانءِ بِئا مگٽا[١٥]،
مَتو مُور[١٦] نَه پاڙيان[١٧]، تُنهنجيءَ[١٨] تَندُ تَنوارَ[١٩]،
سِرَ ۾ سَچڻ[٢٠] ناهه ڪَيِ[٢١]، مُوٽُ[٢٢] مَ مگٽهارَ،
لَڄيندو[٢٣] تو لاهيان[٢٤]، ڪينهي مَنجهه ڪَپارَ[٢٥]،
جاجِڪَ[٢٦] جُهوناڳڙهه[٢٧] ۾، هَلُ[٢٨] تَه تِيُون يارَ[٢٩]،
مَچڻ[٣٠] مُوتي ڪَريين، گلا[٣١] جي گفتارَ[٣٢].

---

١. ڪروڙين. بي شمار. ٢. ڪيرت يا راڳ ڳائيندڙ. ساز وڄائيندڙ. ٣. حڪمران. حڪم هلائيندڙ. راجا. بادشاھہ. حڪمدار. ٤. سوَنِ جي تعداد ۾. تمام گھڻو. ٥. سوال ڪندڙ. پينو فقير. ٦. رمتا فقير. جوڳي فقير. ٧. بيک يا خيرات پنڻ وارا. ٨. دهلجي يا ڏکي وئا. ٩. سخي. ١٠. ٻُڌي. ١١. دانُ. خيرات. بخشش. ١٢. رياست جهوناڳڙھہ جي هڪ راجا جو نالو. ١٣. خوش خيروعافيت. آڌرياءُ. ١٤. اي يارَ. اي دوست. ١٥. اي مڱڻا. اي مڱتا (ٻيجل). ١٦. اصل. بنهہ. ١٧. برابر يا مٽ سمجهان. ١٨. تندَ جي. (ساز جي) تارَ جي. ١٩. تنوارَ سين. آلاپ سين. ٢٠. آڇڻ يا ڏيڻ (جي لائق). ٢١. ڪا شيءِ. ٢٢. واپس وڃ. ٢٣. شرمسار ٿيندو. ٢٤. (سر) وڍيان. ٢٥. مٿي. سِرَ. ٢٦. اي جاجڪ. اي پينو فقير. اي مڱڻهار (ٻيجل). ٢٧. هندستان ۾ رياست جهوناڳڙھہ جو مشهور شهر. ٢٨. هلي اچ. ٢٩. دوست (ٿيون يار = پاڻ ۾ ٺاھہ يا راضي نامون ڪريون يعني توکي سر وڍي ڏيان). ٣٠. متان. ٣١. شڪايت. ننڊا. ٣٢. گفتگو. ڳالھہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر سورَٺِ

داستان پنجون

١

تَانُ[1] نَه آهي تَندُ[2] جو، رُون رُون[3] ڪَري رَازُ[4]،
هَٹنِدلَ[5] سَندا هَتَ[6]ڙَا[7]، سَيَڪو چَئي سَازُ،
سَٽَ[8] ڏيئِي شَهبَازُ[9]، تِيءَ تَه تُوڪُ[10] پِرائِيِن[11].

٢

تَندُ تُمَارِيءَ[12] تَانُ، جو ڪَهِيو[13] سو قَبُول[14] ٿئو،
سُرُ[15] تَه آهي سَٽَ[16] ۾، پِئو ڪو مَگِج[17] دانُ[18]،
اِيءُ[19] خَاڪِ[20] مِتِي[21] ڪَا[22] بَانُ[23]، ڪَاٿِئَان[24] پوءِ[25] ڪُجُهه نَهِين.

٣

تيئِي پَرچِئَا پَاڻَ ۾، تَندُ ڪَتَارو[26] ۽ ڪَنڌُ[27]،
تَنهِن جِهوئِي نَاهه ڪِي، جِيئَن تو چَارڻ[28] ڪِئو پَنڌُ[29]،
اِيءُ شُڪرُ[30] اَلحَمدُ[31]، جِيئَن مَتو گهُرِئِي مَگَٽَا.

---

١. آواز، آلاپ، ٢. (ساز جي) تار، ٣. رون رون = "رون رون" جو آواز، ۴. (الاهي) ڳجهه، ٥. هٹندڙ، وڄائيندڙ، ٦. جا، ٧. هٿ ● جيتوڻيڪ سيڪو پيو چوي ته اهو آواز ساز جي تند جو آهي. پر حقيقت ۾ اهو ساز وڄائيندڙ جي هٿن جو ڪمال آهي. ٨. سٽ ڏيئي = اڇل ڏيئي، سيگهه ڪري، ٩. پکيءَ جو هڪ قسم، وڏوباز، شاهين، جوان مرد، سخي، ڏاتار، ١٠. قيمتي يا املهه شيءِ، ١١. حاصل ڪرين، ١٢. تنهنجيءَ، ١٣. ٻڌايو، سٹايو، ١۴. منظور، پسند، ١٥. مٿو، سِسِي، ڪنڌ، ١٦. عيوض، بدلي، ١٧. گهرج، ١٨. ڏان، انعام، ١٩. مٿي ڏانهن اشارو، ٢٠. ڇائِيءَ، مٿيءَ، ٢١. جو، ٢٢. بوتو، بناوت، ٢٣. ڪاٽڻ ڪان، وڍڻ ڪان، ٢۴. بعد، ٢٥. ڪجهه نهين = ڪا شيءِ نه هوندي، ٢٦. متفق يا راضي ٿيا، ٢٧. (وڏي) ڪاتي، خنجر، ٢٨. اي چارڻ، اي ٻيجل (ٻيجل ذات جو چارڻ هو)، ٢٩. مسافري، ٣٠. خدا جو شڪر ٿو ڪريان يا احسان ٿو مڃيان، ٣١. سڀ ساراهه، الله جي آهي.

④

ڳُلُ[1] ڇِڻُو[2] ڳِرنارَ جو، ڏِٻِڪـئو[3] ڏُئارُ[4]،
ڪوڙِيِن[5] سَندو[6] ڪارَڻي[7]، اَرِيَن[8] جو آذارُ،
وَسِيلو وِلهَن[9] جو، سَپِني جو سَردارُ[10]،
اِهَڙو راءِ ڪَنگهارُ[11]، وِئو[12] ڄهوري[13] ڄُهوناڳڙهه[14] ڪي.

⑤

ڳُلُ ڇِڻُو ڳِرنارَ جو، ڏِٻِڪي وِئا ڏُئارَ،
ٻايُون[15] دايُون[16] ٻانهيُون، پِٽيئو[17] ڪَٽِن[18] پارَ[19]،
پَئي رَهَـئا پَٽَ[20] مِر[21]، سُورَنَ[22] جا سِينگارَ[23]،
راڻيُن[24] مِر راڙو[25] ٿِئو، پَٽَن[26] پِيئي پَچارَ[27]،
جِهَڙو راءِ ڪَنگهارَ، ڪِينَ ٿيندو ڪَڏهِين.

٦

ڳُلُ ڇِڻُو ڳِرنارَ جو، پَٽَن ٿِيُون پِٽِين،
سَهَسين[28] سُورَنِ جهَڙِيُون، اُپِيُون[29] اوساريِن[30]،

---

۲. گرنار (شهر) جي باغ جو گل يعني راجا ڏياچ، ۲. ڇڇي ويو يعني قوت ٿي ويو، ڪسچي يعني قتل ٿي وئو، ۳. لرزجي وئو، ڏهي پئو، ڪري پئو، ۴. مڪان، محلات، ۵. ڪوڙِين يعني ڪروڙن، ٦. جو، ۷. وسيلو، پرجهلو، آذار، شفاعت ڪندڙ، ۸. بي وسيلن، مسڪين، ضرورتمندن، ۹. سڄڻ، ڪنگالن، ۱۰. مهندارَ، اڳواڻ" ۱۱. راجا، ۱۲. ڪڇ جي هڪ راجا جو نالو جو وڏو سخي هو، هتي مراد راجا ڏياچ آهي، ۱۳. ڏڪَ ڏيئي، روئاڙي، ۱۴. جهوناڳڙهه = هندستان ۾ هڪ مشهور رياست جو نالو، ۱۵. راڻيون، گهر ڌڻياڻيون، سانڍيون، ۱٦. ٻانهيون، گوليون، ۱۷. رويو، ۱۸. ڇوَن، ۱۹. اوساراَ، ۲۰. زمين، ۲۱. تي، ۲۲. راجا ڏياچ جي زال جو نالو، ۲۳. ويس وڳا، هار جنسارَ، ۲۴. راجا جي عورتن، ۲۵. روڄ، ماتم، ۲٦. پٽن ۾، ميدانن ۾، ملڪن ۾، هنڌين ماڳ، ۲۷. وائي، چوٻول، ۲۸. سوين، هزارين، ۲۹. بيٺيون، پيئون، ۳۰. اوسارا ڇون، پار ڪيڻ، رون.

چوٽو چارڻَ هٿَ ۾، سِرُ سينگارئو ڏين،
نارِيُون نازُ ڪَرِينِ، تَہ راجا راتِ رَمِ ڳيو.

٧

راجا راتِ رَمِ ڳيو، جُهوناڳڙهہ جهوري،
ڏِنُو سِرُ ڏِياچَ، ڪُلهَنِ تان ڪوري،
وَڻُ مَٿو تُون مَڱَڻا تَندُن سان توري،
جو گهُرِبُئي سو جُڙِبُئي، هاڻِ مَ پَئُو هوري،
پُڄان نَہ آئون توري، جِيئَن پير پِرتان تو پايا.

٨

ساري راتِ صاحِبَ ڪي، ڳڙهہ پَرِ ڳايائين،
اُنَس ماڻڪَ مينهَن جِيئَن، هَٿَ نَہ چُتائين،
تي لائَقُ لَذائين، جي هو ميراثِي مَڱٽو.

٩

جي ميراثِي مَڱَڻا، آئُون پَڻ مَنجَهان تَن،
ڪِي ڪَهُہ مُنهِنجي ڪَنِ، اِرثَ مَنجَهان اُنِ جي.

١. مٿي جي وارن جو مُچو، چوٽي، مٿي جا وارَ، مٿو ، سِرُ. ٢. چارڻ جي، ٻيجل جي (ٻيجل ذات جو چارڻ هو). ٣. آراستو ڪريو، سَنورائو. ۴. (راجا ڏياچ جي محلات جون) عورتون، زالون. ۵. ناز ڪرين = مَرڪن = فخر ڪن. ٦. ڪالهہ رات، گذريل رات. ٧. هلي رَهيو، گذاري وئو، مري وئو. ٨. جهونا ڳڙهہ ڪي، هندستان ۾، جهوناڳڙهہ هڪ مشهور رياست ۽ شهر جو نالو). ٩. رُئاڙي، ڏک ۾ وجهي. ١٠. مُندِن، ١١. ڪپي، وڍي. ١٢. اي مڱڻا، اي ٻيجلَ. ١٣. ساز جي تارن. ١۴. مَاپي، وزن ڪري. ١۵. تو گهريو يا طلبيو. ١٦. توکي جڙيو يا مليو. ١٧. ٿيءُ. ١٨. آهستي (پنڌ ۾). ١٩. برابر يا مٽ ٿيان. ٢٠. ٿوري جي، احسان جي. ٢١. جنهن صورت ۾. ٢٢. قدمَ. ٢٣. پرت مان، پيارَ يا محبت مان. ٢۴. ٻريا. پاتا يا وڌا (منهنجي گهر ۾). ٢۵. سڄي. ٢٦. راجا. ٢٧. ڳڙهہ جي، ڪوٽ يا قلعي جي. ٢٨. پر ۾، پاسي ۾. ٢٩. ساراهيائين، راڳ ٻڌايائين. ٣٠. هن تي اُنا، هن تي وسيا يا گهوريا ويا. ٣١. برسات. ٣٢. وانگر. ٣٣. هٿ ۾. ٣۴. ڪنيائين. ٣۵. تنهن ڪري. ٣٦. عزت يا مان (پورهئي مطابق). ٣٧. حاصل ڪيائين. هن کي مليو. ٣٨. چاڪاڻ، جنهن صورت ۾. ٣٩. بنيادي ڳائڻو يا راڳائي. ۴٠. ٻـ. ۴١. ڪجهہ. ۴٢. چَوِ، راڳ ٻڌاءِ. ۴٣. ڪن ۾. ۴۴. ورثي، ترڪي، موروثي ذات. ۴۵. ميراثي مڱڻن.

١٠

جو تو ڏِينُ ڏِياچَ پانيو، اِيءُ سِرُ سَيَّڪو ڏي،
ڪِي ناهہ جِهَڙو نِيٺ، جو سَنَدَ تِنئي سُوالِيِن.

١١

ڏِنُوءِ تان ڏانُ، راڪيُئي تان رَڪَ تِئي،
تُوذَلَ تُنبو ڪِينرو، تَنَدُنِ اهُوئي تانُ،
سو ڪو ڏِيارِيھون ڏانُ، جو طَمَعَ ڪي تَرَڪُ ڪَري.

١٢

جو تَرَڪُ طَمَعَ ڪي ڪَري، سو ڪِي مُون سُٺاءِ،
جيڪِي چُئين جِيءَ مان، سو ڳُورَ مَنجَهان ڳالهاءِ،
مَڱڻهارُ مَلهاءِ، جو وِڇان وِيرِينِ آيو.

١٣

جو وِڇان وِيرِينِ آيو، سو مَڱَڻهارُ مَ موٽاءِ،
جا جِيءَ اَندرِ مُون ڳالهَڙي، سا پاندِ پَلئي مُون پاءِ،
جو گُهران سو گهوري ڏي، مَڱَڻهارُ مَلهاءِ.

١. دانُ، بخشش، ٢. اي ڏياچ (جهوناڳڙهہ جي راجا جو نالو ڏياچ هو)، ٢. سمجهيو، خيال ڪيو، ۴. ناهہ جهڙو = نہ جهڙو يعني لاثاني يا جنهن جهڙو ڪو ڏيئي نہ سگهي، ۵. ڪٿي ڏي، ٦. پروانو، حجت، ٽيڪ، آڌارَ، اختيارنامون، ٧. سوالين واسطي، پينو فقيرن واسطي، ٨. تو ڏنو، ٩. تہ، ١٠. دان، خيرات، بخشش، ١١. رکيئي، تو رکيو، تو پاڻ وٽ سانديو، ١٢. مٽي، خاڪ، ١٣، ١۴ ۽ ١۵. سازن جا نالا، ١٦. (توذل، تنبي ۽ ڪينري جي) تندن جو؟ ١٧. ساڳيو، هڪڙوئي، ١٨. آواز، ١٩. مونکي ڏيارج يا ڏج، ٢٠. دانُ، انعام، خيرات، ٢١. لالچ، ٣٢. پاسي، پري، قطع، ٢٣. مون کي، ٢۴. ٻُڌاءِ، ٢۵. چوين، ٢٦. اندرَ دل، ٢٧. ۾، ٢٨. مُنهن، واتُ، ٢٩. مڱتو فقير، مڱتو(ٻيجل)، ٣٠. سرخرو ڪر، مَرڪاءِ، ٣١. وٿان، منجهان، ٢. دشمن، ٣٣. واپس ڪر، ٣۴. ۾، ٣۵. منهنجي، ٣٦. پاند ۾، پَلئہِ ۾، جهوليءَ ۾، ٣٧. مونکي، ٣٨. وجهہ، ٣٩. مڱان، طلبيان، ۴٠. جانِ تان گهمائي، خوش ٿي.

اَتَمِ[١] آسَ[٢] اِهَا، تَہ وَجِي ڏيگارِيَان ڏيهَ[٣] ۾.

١۴

ڏيَڻُ[۴] گهَڻُو[۵] ڏُهِلو[٦]، سِسِي[٧] ڏيَڻُ سُکُ[٨]،
سو تَان[٩] ڏِيَاجَ[١٠] ڏُکُ[١١]، جو تَعَلَقُ[١٢] رکي تَندُ[١٣] سين.

١۵

جو تَعلَقُ رکي تَندُ سين، سو کِي پَلَئِي[١۴] پَاءِ[١۵]،
مُون کي مَ مُوتَاءِ، آئُون آگَا[١٦] هُون آيو.

(١٦)

جو تَعلَقُ رکي تَندُ سين، سو مُون پَلَئِي پَاءِ،
سُڻُ[١٧] تُون، کَرِيَان ڳَالهَڙِي، آيُس آگَاهِينءَ[١٨] جَاءِ[١٩]،
هِيءُ هِينئَڙِئي[٢٠] هَلاَءِ[٢١]، وَڍِ[٢٢] تَہ وِيرَمَ[٢٣] نَہ ٿِئِي.

١٧

وَڍِ سِرُ ٿِيءُ سَرَهو، مَ کي آءُ مَ ڳَاءُ،●
جَاجِڪَ[٢۴] تو مَتَان[٢۵]، مُلڪُ[٢٦] مِڙُوئِي[٢٧] گهورِيَان[٢٨].

---

١. مون کي آهي. ٢. تمنا. خواهش. ٣. ديس يا مُلڪ (راجا انيراءِ جي). ۴. خيرات ڏيڻ (جنهن ۾ ڪابہ نفعي يا ناموس جي لالچ نہ هجي). ۵. بي حد. ٦. ڏکيو. مشڪل. ٧. (لالچ ۾) سر ڏيڻ. ٨. سولو. آسان. ٩. تہ. ١٠. اي ڏياچ (جهوناڳڙهہ رياست جي راجا جو نالو ڏياچ هو). ١١. ڏکيو. مشڪل. ١٢. واسطو. لاڳاپو. ١٣. (منهنجي ساز جي) تند يعني تارَ (جيڪا ڏياچ جو سر صرف خيرات ۾ گهري ٿي). ١۴. پلئہ ۾. جهوليءَ ۾. ١۵. وِجهہ. ١٦. پري کان. ١٧. ٻُڌ. ١٨. پراهينءَ. ڏوراهينءَ. ١٩. جاءِ کان. هنڌ کان. ملڪ کان. ٢٠. هاڻي ئي. هن وقت ئي. ٢١. روانو ڪر (سِرُ ڏيئي). ٢٢. ڪاٽ. ٢٣. دير ● سِرُ وڍي خوش ٿيءُ ۽ هِتِ هر هر اچڻ ۽ ڳائڻ کان ڇُٽي پوءُ. ٢۴. اي جاجڪ. اي پينو فقير. مڱڻهار (ٻيجل). ٢۵. تان. ٢٦. جِهان. ٢٧. سمورو. ٢٨. قربان يا صدقو ڪريان.

١٨

سُورَنِ مُئِي سُکُ ٿِئو، خِيمَا ڪَنيَا ڪَنگهَارَ،
نَڪو راڳُ نَہ رُوپُ ڪو، نَڪَا تَندُ تَنوَارَ،●
مَتو مَگَڻهَارَ، ڏِنو سِرُ ڏَاتَارَ کي.#

١٩

سُورَنِ مُئِي سُکُ ٿِئو، خِيمَا هَنيَا ڪَنگهَارَ،
ٿِئو راڳُ رُوپُ سو، لَڳي تَندُ تَنوَارَ،*
ڏِٽِ پَٽِ پيئِي پَچَارَ، تَہ رَاجَا رَاتِ رَاضِي ٿِئو.

٢٠

رَاجَا رَاتِ رَاضِي ٿِئو، تَنهَن ڏِنَا وَڏَا ڏَانَ،
تَڏهين مُوتي ڪَارِئَا مَگَڻي، طَرحَ تُنبي کي تَانَ،
تَہ ڪَارڻِ رَبَ رَحمٰنَ، سِرو وَڏِي سُلطَانَ ڏِي.

وائي

ڪَينُون يَائِي آڪَان ٻولڪي، گهَايَل ڪَيتِي مَين سُول سَجَڻڏي.

---

١. راجا ڏياچ جي زال جو نالو. ٢. مري وئي (راجا ڏياچ جي سر وڍڻ کان پوءِ اُن جي ڏڙ سان گڏ پاڻ کي باهہ ۾ ساڙيائين يعني چکيا تي چڙهي). ٣. ماٺ، سانت. ٤. خيما ڪنيا = تنبو پٽيا يعني هن دنيا مان گذاري وئو. ٥. ڪڇ ملڪ جي هڪ راجا جو نالو ڪنگهار هو جو وڏو سخي هو هتي اشارو راجا ڏياچ ڏانهن آهي ● جهوناڳڙهہ ۾ هاڻ نڪو ڳائڻ وڄائڻ يعني خوشيءَ جي محفل آهي ۽ نکا ڪا (ٻيجل جي ساز جي) تند جي آلاپ يا آواز آهي. ٦. (خود پنهنجو). سِرُ. ٧. مگڻي، پينوءَ فقير (ٻيجل). ٨. سخيءَ (راجا ڏياچ) # ٻيجل بہ پاڻ کي سورٺ سان گڏ باهہ ۾ ساڙي ماري ڇڏيو. ٩. خيما هنيا = تنبو کوڙيا (عالم ارواح ۾ يا روحاني دنيا ۾ مڪان حاصل ڪئو). *هاڻي ڏياچ جو روح عالم ارواح ۾ ملائڪن ۽ مقبول ٻانهن جي تسبيح جو آواز پئو ٻڌي. ١٠. ڏٽ ۾ (ڏٽ ٿر علائقي جي هڪ حصي جو نالو آهي)، ريگستان ۾، برپٽ ۾. ١١. پَٽَ ۾، ميداني علائقي ۾ (ڏٽ پٽ = هر هنڌ تي، هر جاءِ تي). ١٢. وائي، چوٻول. ١٣. ڪالهہ رات، گذريل رات. ١٤. خوش. ١٥. دان. خيراتون. ١٦. وري. ١٧. ڪرايا. ١٨. طرحين طرحين. قسمين قسمين. ١٩. ساز جو هڪ قسم. ٢٠. آوازَ، آلاپون. ٢١. واسطي، صدقي. ٢٢. پالڻهار. ٢٣. رحمٰن جي مهربان جي رحم ڪندڙ يا ٻاجهاري جي. ٢٤. ڪنڌ. ٢٥. ڪپي، ڪاٽي. ٢٦. اي سلطان، اي راجا. ٢٧. ڪنهنکي. ٢٨. اي ياڻي، اي ياءُ، اي ادا. ٢٩. ٻُڌايان. ٣٠. ڳالهہ ڪري. ٣١. زخمي. ٣٢. ڪئي. ٣٣. آئون. ٣٤. سور، درد. ٣٥. سجڻ جي، محبوب جي.

چَنڊُ چَڙهِئا ڪُلُ عالَمَ ويکئا، رانجھو لَڌَمِ ڳوليءِ،
مَيْن رانجهنديءِ رانجهنُ ميڏا، ڪيڙا گھتڙمِ گھوليءِ،

وائي

ڪَينون آکان ڪَونُ بَتَاوي هي وَاٿهڙو لوڪُ ڙي ماءُ،
اَپني صَاحِب ديءِ بَاتَ ڙي،
چارڻُ آيا ڪاتِ لِي جَايا ڪوءِ جَاجِڪَاٽي ذاتِ ڙي ماءُ.

١. قمر، ماهتاب، ٢. اُڀرئو، ٣. سڀني، ۴. جهان (جي ماڻهن)، ۵. ڏٺو، ٦. پنجاب جي هڪ مشهور عشقيہ قصي جو مُک اداڪار جو نالو جنهن هير نالي هڪ عورت سان عشق ٿي ڪيو. محبوب. پيارو، ٧. مون لڌو يا ڏٺو، ٨. ڳولي، تلاش ڪري، ٩. آئون، ١٠. رانجهن يعني محبوب جي، ١١. منهنجو، ١٢. ڪيڙي قومَ جا ماڻهو، هير جا مائٽ، ١٣. مون گهتيا، مون ڇڏيا، ١۴. گهوري، قربان يا صدقو ڪري، ١۵. ڪنهن کي، ١٦. چوان، ١٧. ڪير، ١٨. ٻڌائي، ١٩. مسافرَ، ٢٠. ماڻهو، ٢١. اڙي، ٢٢. آمان، امڙ، ٢٣. پنهنجي، ٢۴. دوست، سائيءَ، سڄڻ، ٢۵. جي، ٢٦. ڳالهہ، ٢٧. ٻيجل (جيڪو ذات جو چارڻ هو)، ٢٨. آيو، ٢٩. ڪاتي، ٣٠. ڪٽي، ٣١. ويو، ٣٢. ڪڏ ۾ پوي، ٻَنِ پئي، ٣٣. جاجڪن جي، پينو فقيرن يا چارڻن جي، ٣۴. قومَ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر بَرَئو* سِنڌِي

داستان پهريون

١

ڇا[1] کي وَڃِئو ڇو، ٻيلِيءَ[2] رَهين ٻِئَنِ جو،
وَٿُ[3] کَنجَکَ[4] ڪُرِيمَ[5] جي، جَڳَ[6] ۾ آهي جو،
سَهڪو[7] هُوندو سو، جَنهِن جو عَشقُ اللهَ سِين.

٢

اَڄُ پَڻ اَکَڙيَنِ، پَنهِنجا سَڄَڻَ سَارِئا[8]،
ڳَلِّنِ[9] تان ڳوڙهَنِ[10] جُون، ٻُونڊُون[11] بَس نَہ[12] ڪَنِ،
سَندي[13] سِڪَ[14] پِريَنِ[15]، لوڪَ[16] ڏِٺي[17] نَہ لَهي[18].

٣

پَلِي[19] ڪَيئِي[20] پَلاَ[21] پِرينِ، هيئَن نَہ مُناسِبُ[22] هوءِ[23]،
لائي[24] چِتُ[25] چَرِئُو[26] ڪَري، پاڻُ[27] ڪَدِي وِئين[28] پوءِ[29]،
توٽي[30] حُبَ[31] نَہ هوءِ، هوتَ[32] نَہ ڪَجَن هيڏِيُون[33].

---

* "برئو يا بروو" لفظ اصل عربي "بِرُ" لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي نيڪ ماڻهو جو الله، ان جي پيغمبر صلعم، ماءُ پيءُ، رشتيدارن ۽ ٻارن لاءِ حياتي ارپن ڪري. ٻيءَ روايت موجب برئو هڪ شخص جو نالو آهي جيڪو "رپ" نالي هڪ حسين عورت تي عاشق هو جيڪا "ڪلياڻ" سردار جي ڌيءُ هئي، برئو ۽ رپ ميرپورخاص ضلعي جي ڏِگڙي تعلقي ۾ جدا جدا علائقن جا رهاڪو هئا. بروئي جي معنيٰ برهہ ۽ وڇوڙو بہ آهي. ١. ڇو، ٢. نوڪر، خدمتگار، همراهہ. ٣. جهل، پَڪڙِ. ٤. گهوڙي جي رڪيبن جو پٽو يعني دوالَ يا گهوڙو گڏ وٺي ڊوڙڻ لاءِ لغام جو پٽو. ٥. ڪريم (جي گهوڙي)، ڪريم جي معنيٰ ڪرم يا احسان ڪندڙ يعني الله تعاليٰ. ٦. جهان، دنيا، ملڪ. ٧. سکيو، آسودو. ٨. ياد ڪيا، سنڀاليا. ٩. ڳِلَن، مِٽن، رخسارن. ١٠. لڙڪن (روئڻ وقت اکين مان وهندڙ پاڻيءَ جي). ١١. ڦڙا، قطرا. ١٢. بس نہ ڪن= بند نہ ٿين، ختم نہ ٿين. ١٣. جي. ١٤. پيارَ، اُڪندَ، ڪاڏو، ڇڪ. ١٥. محبوبن. ١٦. لوڪ جي، ماڻهن جي. ١٧. ڏسڻ سان. ١٨. ختم ٿئي. ١٩. چڱي، چڱائي ڀلائي، مهرباني. ٢٠. توڪئي (ڀلي ڪيئي جي اصطلاحي معني تو ڀلي نہ ڪئي). ٢١. ڀاڄهارا، نيڪ، چڱا. ٢٢. واجب. ٢٣. توڪي هو. ٢٤. (نينهن يعني محبت) لڳائي. ٢٥. دل، من. ٢٦. مست، ديوانو. ٢٧. پاڻ کي، خود کي. ٢٨. ڪڏي وئين= پري ڪري. ٢٩. بعد ۾. ٣٠. جيتوڻيڪ. ٣١. سڪ، محبت. ٣٢. محبوبَ، دلبر. ٣٣. وڏيون ڏاڍايون.

۴

يَـلـي كَـيَـئـي يَـلاَ پِـريـن، مُـون نَـه جَـاتـو ايـئَـن،
هِـيُـون هـيـرَائـي هَـٿِ كَـري، هَـلـيـو وبـنـديـن هِـيـئَـن،
سَـا سِـكَ سَـلاَن كَـيـئَـن، جَـنهِـن اَنـدَرِ آهِـيـرَا كـئـا.

۵

هـيـرَائِـي هَـٿَ كَـئـو، هِـيـنـئَـڙو حَـبِـيـبَـن،
بِـڌي كَـڄِـيءَ تَـنـدُ ۾، سَـلاَڙَئـو سـيـٺَـن،
جِ وِڏَا پـيـچ پِـريَـن، تَـه هِـيـنـئَـڙو هَـٿِـيَـكـو ٿِـئـو.

۶

كـي اوڏَائـي ڏُورِ، كـي ڏُورِ پِـه اوڏَا سُـپِـريـن،
كـي سَـنـبِـرجَـن نَـه كَـڏهِـين، كـي وِسَـرَن نَـه مُـور،
جِـيـئَـن مـيـنهِـن كُـنـڍِيءَ پُـور، تِـيـئَـن دوسـتَ وَرَاكـو دل سـين.

۷

جِـيـئَـن كَـڙو مَـنـجـهِـه كَـڙي، سـو لُـهَـارَ لَـپِـيـٽِـئـو،
مُـنـهِـنـجـو جِـيءُ جَـڙي، سُـپِـيـرِيَـان سـوگـهـو كـئـو.

---

۱. يلائي، مهرباني، چڱي، ۲. تو ڪئي، (يلي ڪيئي جي اصطلاحي معنيٰ تو يلي نہ ڪئي)، ۳. اي يلا، اي نيڪ، اي مهربان، ۴. محبوب، پيارا، ۵. پروڙيو، سمجهيو، ۶. دل، مَنُ، ۷. عادتي ڪري، هيراڪ يا ٻانڌائي ڪري، ۸. هٿ ۾، قبضي ۾، قابوءَ ۾ ● گنج ۾ "توکي ڏيان ڪيئن" لکيل آهي، ۹. محبت، پيار، ۱۰. سليان، سٺايان، ٻڌايان، ۱۱. ڪهڙيءَ طرح، ۱۲. اندرَ ۾، دِل ۾، ۱۳. آڪيرا، گهرَ، آستانا، ۱۴. دل، مَنُ، ۱۵. محبوبن، سيڻن، ۱۶. جڪڙي، ويڙهي، سلاڙي، ۱۷. اڻ پوري وَٽيل، ۱۸. سٽ جي ڌاڳي، ۱۹. جڏهين، ۲۰. ڀاتا، ۲۱. وراڪا، وڪڙ، ۲۲. سوگهو، قابو، ۲۳. ويجها بہ، ۲۴. پري، ۲۵. پرين، محبوبَ، ۲۶. ياد اچن، دل تي چڙهن، ۲۷. دل تان لهن، ياد نہ اَچن، ۲۸. هرگز، بنهہ، اصل، ۲۹. جهڙيءَ طرح، ۳۰. چوپائي مال جو هڪ قسم، ۳۱. ڪُنديءَ جا، گول وريل ۽ چوڙيدار سگن واريءَ مينهن جا، ۳۲. گول سِنگَ، ۳۳. تهڙيءَ طرح، ۳۴. دوست جو، يارَ جو، ۳۵. لوهہ جي زنجير جو هڪ گول ڇَلو، ۳۶. لوهہ جو ڪم ڪندڙ، آهنگر، ۳۷. ويڙهيو، قابو ڪئو، ۳۸. دِلِ، ۳۹. مڙهي، جڪڙي، ڳنڍي، ملائي، ريهي، ٽانڪي، ۴۰. سپرِيَنِ، پرينِ.

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

٨

مَـاڻُهُـو گُـهُـرَنِ[1] مَـالُ[2]، آئـون سَـڀ ڏِينهَـن[3] گـهُـرَان سُـپِـرِيـن[4]،
ڏُنـيَـا[5] تَـنـهَـن دوسْـتَ[6] تَـان، فِـدَا[7] كَـرِيَـان فِـي الحَـالُ[8]،
كِـئـو نَـامَ[9] نِـهَـالُ[10]، مُـونـكـي مَـحـبُـوبَـنِ جـي.

٩

صُـورَتَ[11] گـهَـڻـو سُـهـڻَـا[12]، ٿَـاٺَـا[13] سَـنـدَن[14] ٿُـوهَـرَ[15]،
رِيـلـو[16] ڏِيـئِـي[17] رُوحُ[18]، جـو كَـائـي سـو كَـامِـي[19] مَـرِي[20].

١٠

صُـورَتَ سَـنـدِيـنِ[21] سَـالَ[22]، پَـاڻَ[23] مُـصَـاحِـبَ[24] سُـپِـرِيـن،
مَـولِـي[25] ڏِنَـنِ[26] مُـنـهَـن ۾، نُـورِي[27] نِـيـڻَ[28] نِـهَـالَ[29]،
سَـنـدي[30] خَـوابَ[31] خِـيَـالَ[32]، مُـون[33] مَـن[34] مَـتِـوالـو[35] كِـئـو.

١١

پَـرَ وَسِ[36] تِـئـمِ[37] پَـرِيَـاڻَ[38]، پِـرِيـن وَسِ نَـہ پَـانـهِـنـجـي،
لَـڳـو كِـيـنَ لَـطِـيـفُ چِـئـي چِـپُـرَ[39] چِـاتِـيءَ[40] سَـاڻُ،
پِـرِيـن ڏِيـكَـاري پَـاڻُ، خُـوش[41] كَـري وِئَـا خَـوابَ ۾.

---

١. طلبين، چاهين. ٢. دنيائي خزانو، ڌن دولت. ٣. سڀ ڏينهن = سڄي ڄمار، سدائين. ٤. پرين، محبوبَ. ٥. دنيا جو خزانو. ٦. يارَ، سڄڻ. ٧. قربان، صدقو. ٨. هڪدم. ٩. نالي. ١٠. خوش. ١١. صورت ۾، شڪل ۾. ١٢. حسين، ناهوڪا، موچارا. ١٣. ماٺا، ناز نخرا، طور طريقا. ١٤. انهن جا. ١٥. ٿوهر جهڙا (ڪڙا يا ڪوڙا). ٿوهر هڪ جهنگلي ول جو ڦر آهي جو ذائقي ۾ سخت ڪڙو آهي. ١٦. لاڙو، ڪشش. ١٧. ڪرائي، ڏياري. ١٨. روحَ کي، دل کي. ١٩. جلي، سڙي. ٢٠. ساهہ ڏي. ٢١. انهن جي. ٢٢. چڱي، موچاري، سهڻي. ٢٣. خود. ٢٤. (مخلصَ يا همدرد) ساٿي. ٢٥. مولا، مالڪ، خدا. ٢٦. انهن کي ڏنا. ٢٧. نوراني. ٢٨. اکيون. ٢٩. دل خوش ڪندڙ. ٣٠. جي. ٣١. سپني يا ننڊ ۾ ڏٺل صورت. ٣٢. وهم، ويچار. ٣٣. منهنجو. ٣٤. دل. ٣٥. مستانو، ديوانو، چريو. ٣٦. پرائي يا ٻي جي وس ۾ يا اختيار ۾، ٻي جي هٿ ۾ يا قبضي ۾. ٣٧. منهنجا ٿئا. ٣٨. پيارا محبوب. ٣٩. جبل، ڏونگر. ٤٠. سيني، اَرهہ. ٤١. راضي.

١٢

ڌَڙَتي ڏُونَهہ جِيئَن، سِرَ پَرَ سُپِيرِيَن ڏي،
لَڱو واڻُ لَطِيفُ چَئي، تَن پِرِيَان جي تِيئَن،
تَہ حَاصِلُ ٿِئي ايئَن، قَرِبنُو قَرِيبَ جو.

١٣

لَڱِيءَ جو لَطِيفُ چَئي، قَالُ نَہ ڪو قِبِلُ،
لِڪِئي نَايُون ڪُوڙيُون، نِيٽِين وَهي نِيرُ،
هِيئَنِئَڙَا ٿِيءُ سُڌِيرُ، ڪَالَهہ قَرِيبَن لَڏِئو.

١٤

ڪَالَهہ قَرِيبَن لَڏِئو، تَان تُون ٿِيءُ تَيَارُ،
كُلُ نَفسِ ذَائِقَةُ المَوت، * سَچُو اي قَرَارُ،
پِرِين تُنهِنجو پَارُ، مُون نِمَاڻيءَ نَصِيبُ ٿِئي.

١٥

مُون نِمَاڻيءَ نَصِيبُ ٿِئي، پِرِينءَ پِيشَانِي،
سي ڪِيئَن وَجَنم وِسَرِي، جي جِيءَ اَندَر جَانِي.

١. جسم، بدن، ٢. لباس، ٣. جهڙي طرح، ۴. سِرجي، مٿي جي، ٥. اوڏائي، نزديڪي، ويجهائي، ٦. پرين، محبوبن، ٧. وڄ، ٨. تن سان، بدن سان، بَتَ سان، ٩. تهڙيءَ طرح، ١٠. حاصل ٿئي= هٿ اچي، پرائجي، ١١. ان طرح، ١٢. پيوستگي، الحاق، ميلاپ، وحدت، ١٣. محبوبَ، ١۴. نينهَن، محبت، ١٥. بحث، ڇُون چِرا، ١٦. ردڪد، تيڪاتيٽي، ١٧. تقدير، ١٨. پالن يا تيرن جُون چُنهنبون، پاڙون يا جڙون، ١٩. ڪِپائيون، پُختيون ڪيون، ٢٠. نيٽن مان، اکين مان، ٢١. جاري آهي، ڳري، وسي، ٢٢. پاڻي، ٢٣. اي هينئڙا، اي دل، ٢۴. هوشيار، ٢٥. گذريل يا اڱئين ڏينهن، ٢٦. رحلت ڪئي، انتقال ڪئو، دم يا ساهہ ڏنو، وفات ڪئي، ٢٧. آخر، ٢٨. تياري ڪر يا سنبت ڪر (هلڻ يا لڏڻ جي) * هر جان يا ساهوارو (هڪ نہ هڪ ڏينهن) موت جو مزو چکندو (قرآن جي سورت آل عمران جي ١٨۴ آيت، الانبياءَ جي ٣٥ آيت ۽ عنڪبوت جي ٥٧ آيت)، ٢٩. صحيح يا پڪو، ٣٠. واعدو، ٣١. اي پرين، ٣٢. طرف، پاسو، پاڙو، حمايت، ٣٣. نمائيءَ کي، مسڪين کي، اڏين يا بي واهيءَ کي، ٣۴. حاصل ٿئي، ڀاڳ ۾ اچي، ٣٥. پرينءَ جي، ٣٦. شڪل يا صورت يعني ديدار، ٣٧. مونکي وڃن، ٣٨. دل تان لهي، ٣٩. دل، ۴٠. ۾، ۴١. جانب، محبوب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تني جي بانهي، ڪهڙي حُج هلايان.

١٦

فاني ميان فاني، دُنيا دمُ نہ هڪڙو،
لتي لوڙهُہ ڪَڙَنِ سين، جوڙيندا جاني،
ڪوڏر ۽ ڪاني، آهي سِر سَيَ ڪَنهن.

١٧

بروئي جي باني، ڪنهن ڪان سڪيين سُپرين،
آٿي ڏيندءِ هٿ ۾، مَس قَلَمُ ڪاني،
حَرفُ پُڄندءِ هيڪڙو، ظاهرُ زبانِي،
تني اڳئان جاني، ڪهڙي ڪريندين ڳالهڙي.

١٨

پر پنجهوءَ ويهي، ڪهڙي ڪندين ڳالهڙي،
ڏکي هلندءِ ڏُوڙ ۾، ڪَنڌ ڪَلَرُ ڏيئي،
جاجي ماجي موتئا، وَرُ ونيءَ ڏيئي،
خبر نہ پيئي، تہ ڏيجُ ڏنائُون ڪيترو.

---

١. نوڪرياڻي، گولي، ٢. حج هلايان = حجت ڪريان، عذر يا اعتراض يا بحث مباحثو ڪريان، ٣. فنا ٿيندڙ، بي بقا، ناپائيدار، ناسونٽ، ٤. اي ميان، اي صاحب، اي سائي، ٥. جهان، ٦. ساعت، گهڙي، پَل، پلڪ، ٧. ڏکي، پوري، دفن ڪري، ٨. لاش، جنازو، قبر، ٩. مٽيءَ جي ڍيرن، ١٠. (قبر) تيار ڪندا يا ٺاهيندا، ١١. اي جاني، اي جانب، اي محبوب پيارا، ١٢. زمين کوٽڻ جو اوزار، ١٣. ڀاڄهريءَ، جوئر يا سر جو ڪانو جنهن سان مڙدي جي ماپ وٺي ان جي ڊيگهہ جيتري قبر کوٽيندا آهن، ١٤. سر تي، مٿي تي، ١٥. سيڪنهن جي، هر ماڻهوءَ جي، ١٦. بروئي راڳ، ١٧. ٻولي يا آلاپ يا ٻاٽي، ١٨. تو سڪي، تو حاصل ڪئي، تو پرائي، ١٩. اڪرن لکڻ لاءِ تيار ڪيل رنگدار پاڻيٺ، سياهي، روشنائي، ٢٠. ليکڻ، ڪلڪ، ڪاني، ٢١. لفظ، جملو، ٻٺڪو، ڪلمون، ٢٢. ڳليو ڳلايو، ٢٣. برزبان، واتي ويٺي، ٢٤. تني جي، ٢٥. روبرو، سامهون، ٢٦. اي جاني، ٢٧. ڪندين، ٢٨. ٻر ۾، پاسي ۾، ٢٩. پنجهوءَ جي، زمين مان کوٽيل مٽيءَ جي ڍڙهتي معنيٰ ٿيندي قبر جي، ٣٠. پوري، دفن ڪري، ٣١. مٽيءَ، ٣٢. ڪنڌ جي هيٺان، مٿي جي هيٺان، ٣٣. قبر جي مٽي، ٣٤. ڳهوٽ جي طرفان شاديءَ ۾ آيل دعوتي، ٣٥. ڪنواريتن جي طرفان شاديءَ آيل دعوتي (ڄاجي ماڃي= جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ ماڻهو، ڪانڌي)، ٣٦. ڳهوٽ يا مڙس يعني ميت، ٣٧. ونيءَ کي يا ڪنوار کي يعني قبر کي، ٣٨. سَڌ، ڪَل، ٣٩. ڏاج، جهيز، ڳهوٽ ۽ ڪنوار کي والدين طرفان شاديءَ ۾ مليل سامان.

١٩

سَاجَڻُ[1] سِينگَارِي[2]، ڪِئَائُون مُهَاڙَ[3] مُقَامَ[4] ڏي،
ڪَٽِي ڪَتُولو[5] هَلِئَا، لوڪَان[6] نِظَارِي[7]،
لاَتَائُون لطِيف چئي، قَبَرَ[8] ڪِنَارِي[9]،
سَنئُون[10] سُمَهَارِي[11]، نِيئِي ذَرِبَنْدَا[12] ڏُوڙِ[13] ۾.

٢٠

ڪَڏهِين مَڙُهَ[14] مُقَامَ ۾، ڪَڏهِين ڳَاڙهو[15] گهوٽُ[16]،
سَنْدو[17] وَارِيءَ[18] ڪوٽُ[19]، اَڏئُو اَڏِينْدِين[20] ڪِيتِرو.

٢١

مُئَا[21] مَنجهه مُقَامَ، سَڪَن[22] تَا سَلاَمَ[23] ڪي،
اَنگَ[24] نَه اوڍِين[25] ڪَپِڙو، طَلَبَ[26] نَه رکَن طَعَامَ[27]،
اَللهَ[28] آڻِ قِيَامَ[29]، تَه ڏِسُون[30] مُنهُن مَحبُوبَ جو.

وائي[41]

هوتُ[31] نِيڻَان[32] جو دِلبَندُ[33]، پِيلو[34] جَانِي[35]،
هيڏَنهَن[36] هوڏَانهَن سُپِرِين[37]، ڪَاڏي[38] وَرَايَان[39] ڪَنڌ[40].

١. ساجَنُ، دلبر، محبوب، ٢. (غسل ۽ ڪفن سان) آراستو ڪري يا سنواري، ٣. منهن (مهاڙ ڪئائون=روانا ٿئا، هلئا)، ٤. قبرستان، ٥. ميت يا جنازي واري کٽ، ٦. لوڪ يا ماڻهن جي، ٧. نظرن يا اکين اڳيان يعني ڏسندي، ٨. قبر جي، ٩. ڪناري تي، ڪَپ تي، پاسي ۾، ١٠. سڌو، ١١. ليٽائي، ١٢. ڪٽي، ١٣. رکندا، ١٤. مٽيءَ يعني قبر، ١٥. مڙدو، لاش، ميت، ١٦. سهڻو، ١٧. نئون پرڻيل يا شادي ڪيل جوان، غازي، ڪافرن جو قاتل، ١٨. جو، ١٩. ريتيءَ، مٽيءَ، ٢٠. قلعو، جاءِ، ٢١. اڏئو اڏيندين= ٺاهيو ٺاهيندين، ٢٢. مئل ماڻهو، مُڙدا، ٢٣. واجهائين، ٢٤. (محبوب جي) ديدار، ٢٥. انگ تي، بدن تي، ٢٦. پائين، ڍَڪين، ٢٧. چاهت، اشتها، ٢٨. طعام جي، کاڌي جي، ٢٨. اي الله، ٣٠. قيامت، محشر جو ڏينهن، ٣١. پسون، ٣٢. محبوب، ٣٣. نيڻن جو، اکين جو، ٣٤. پيارو، ٣٥. سٺو، سهڻو، ٣٦. جانب، دوست، ٣٧. هيڏانهن هوڏانهن = هِتي هُتي، چوطرف، ٣٨. پرين، محبوبُ، ٣٩. ڪيڏاهن، ڪهڙي طرف، ٤٠. ڦيرايان، ٤١. مٿو، مُنهن (ورايان ڪنڌ = نظر ڪريان).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَڙهي ڏادِين[1] ڏونگرين[2]، راهَ[3] پُڇايان رَندُ،
سَيدُ[4] سَپِنئان[5] سُهڻو، سائِينءَ[6] جو سوڳندُ[7].

وائي

ڪِهَڙي آندين[8] سانگَ[9]، باروچا[10] پَنيورَ[11] ۾،
اونيَن اُتَ پَلاڻئا، تاڻي[12] پَڌائُون تانگَ[13]،
جِيءَ[14] جَڙ[15] هُيمِ[16] جَنِ سين، سي پِرين تِئا پاسانگَ[17]،
مَتان ڪا مون سان هَلي، نينهن مَڙوئي نانگُ،
عاشق سُٽي اُتِئا، بِرهَ[18] واري بانگَ[19]،
اَڏَ مُئي[20] ڪَئي آهِيان، ڪِي[21] جو ڪَهيو[22] ڪانگَ[23]،
اَديُون عبداللطيفَ چئي، تُڪا[24] هنيَڙَمِ[25] تانگهَ[26].

---

١. ڏاڍن، ڏکين. ٢. ڏونگرن تي، جبلن تي. ٣. رستو، واٽ، رند. ۴. سردار يعني حضرت محمد مصطفيٰ صلعم. ۵. سپين ڪان. ٦. مالڪ، ڌڻيءَ، خدا. ٧. قسم. ٨. توکي آندو. ٩. ڪم، ضرورت، سبب. ١٠. اي ٻاروچا، اي پنهون (سسئيءَ جو محبوب ٻروچ قوم مان هو). ١١. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ اٽڪل ٻه ميل پري هڪ پراڻو شهر آهي جتي سسئي رهندي هئي. ١٢. ڇڪي، ڪشي. ١٣. تنگ، اٺن تي پاکڙن کي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سَٽَ يا ڏاس جا پٽا. ١۴. جيءَ جي، دل جي. ١۵. محبت جي)، ميخ يا ڪلي. ١٦. مونکي هئي (لڳل). ١٧. پاسيرا، پري. ١٨. وڇوڙي، فراق، نينهن. ١٩. اذان، سڏ (نماز جي لاءِ). ٢٠. اڌ مئي = ٽڪل، ماندي، نيم جان، نيم مردو، هلاڪ. ٢١. جيڪو ڪجهه. ٢٢. ٻڌايو (دوست جو پيغام). ٢٣. ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم جنهن کي عاشق ۽ معشوق دوست جو پيغام آڻيندڙ ۽ نيندڙ تصور ڪندا آهن. ڪانءُ، زاغ. ٢۴. (ٻنان چنهنب ۽ گول چوٽيءَ وارا) تير، ڪانَ. ٢۵. مونکي هنيا. ٢٦. سِڪَ، اڪنڊ، محبت.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ بَرئو سِنڌِي

داستان پهريون

۱

جَانبَ[1] تُون جيڏو[2]، آهين شَان[3] شَعُور[4] سين،
مُون تي ڪَرِ مُنهنجَا پِرين، تُوهُه[5] تُسي[6] تيڏو[7]،
اِيءُ ڪَامِل[8] ڪَمُ ڪيڏو[9] جيئَن نَوازِينم[10] نِگاهَ[11] سين.

۲

جَانبَ اِيئَن نَہ جُڳَاءِ[12]، جيئَن مَارئو مُوتِئو نَہ پُڇين[13]،
رَتِي[14] رَتَ نَہ سِنجري[15]، سَڪَ تُنهنجي سَاءِ[16]،
اَسَان تُوهِين لاَءِ[17]، تي پُرِ[18] مِ پُوڄَائُون[19] ڪيُون.

۳

جَانِي مُنهنجي جِيءَ[20] مِ، جي[21] تُو[22] طَمعُ[23] پُوءِ[24]،
وَنُ ڪَاتي وَڍِ اَنگزَا[25]، اَدَبُ[26] ڪَرِ مَ ڪو،
يَايَان[27] پَالُ[28] سَندوءِ[29]، جي تُون سَاڄَنَ[30] سِنئُون[31] نِهَارِبين[32].

---

۱. اي جانب، اي جاني، اي دلبر، ۲. جيترو، ۳. عزت، مان، ۴. فهم، فضيلت، عقل، ۵. مهرباني، احسان، ۶. راضي يا خوش ٿي، ۷. تيترو، ۸. اي ڪامل اي بزرگ، اي برگزيدا، اي نيڪ، اي ڀلارا، ۹. ڪيڏو نہ وڏو، تمام وڏو، ۱۰. مونکي نوازين، مونکي سرفراز يا نهال ڪرين، مون تي احسان يا نوازش ڪرين، ۱۱. نظر، ديدار، درشن، ۱۲. مناسب، روا، ۱۳. خبر يا سڌ لهين، ۱۴. ذرو، ڦڙو، ۱۵. پيدا ٿئي، نڪري، ۱۶. سبب، ۱۷. تنهنجي، ۱۸. ڳجهه ڳوهه، مخفي طرح، ۱۹. دعائون، ۲۰. جان، بدن، جسم، ۲۱. جيڪڏهين، ۲۲. توکي، ۲۳. طلب، ضرورت، ۲۴. هجي، ۲۵. عضوا، ۲۶. لحاظ، صرفو، ۲۷. سمجهان، مڃيان، ۲۸. مهرباني، نوازش، احسان، ۲۹. تنهنجو، ۳۰. سڄڻ، محبوب، ۳۱. (مون ڏانهن) سڌو منهن ڪري، ۳۲. نظر ڪرين يا ديدار ڪرائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤

ڪُونُّي[1] ڪُٺَائُون[2]، اَنَ پَرِ[3] اَڪَٽِرَيَنِ[4] سِيِن،
مَاسُ[5] وِرَاهِي[6] هَلِئَا، ڪَرِنگهَرُ[7] چِڏِيَائُون،
وَتَوَاصَوابِالحَقِ وَتَوَاصَوابِالصَبرِ *اِيئَن اُتَائُون[8]،
ڪِلِٽِي[9] گَهَايَائُون[10]، مُرڪِي مَارِئُو سَڄَڻِين.

٥

ڪِئَان[11] سِڪَيِين[12] سُپِرِين، ڪَاسَائِيءَ[13] ڪِي[14] ڪَارِ[15]،
تِڪِي ڪَاتِي هَٿَ ڪَرِ، مُنِيءَ[16] سِين مَ مَارِ[17]،
چُورِي[18] چَاڪَ[19] نِهَارِ[20]، سُورَنِ[21] سَانگهِيڙَا[22] ڪِئَا.

٦

سُورَنِ سَانگهِيڙَا ڪِئَا، مَٽِي[23] مُون مَعذُورِ[24]،
آئُون هِتَ وِبِنِي وِنجُهَلاَن[25]، مَرَان[26] نِتَ[27] مَهجُورِ[28]،
جِي دوسِتَ مُنهِنجَا دُورِ، سِي وَالِي[29] وَهَلاَ[30] آڻِين.

٧

جِيهَا تَان نَہ تِيهَا[31]، نِيڻَ پِريَان جَا نَائُڪُون[32]،

---

١. سڌي، گهرائي، ٢. ذبح ڪِئائون، قتل ڪئائون، ٣. طرح، نموني، ۴. نيٺن، چشمن، ۵. گوشت، ٦. تقسيم ڪري، ٧. هڏن جو پڃرو، هڏا * هڪ ٻئي کي سچ جي وصيت ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪئائون (قرآن شريف جي سورت والعصر جي آيت ٣)، ٨. چيائون، ٩. مرڪي، مشڪي، ١٠. زخمي ڪِئائون، ڦٽيائون، ١١. ڪٿان، ١٢. ٻرايئي يعني تو ٻرائي، ١٣. ڪوس ڪندڙ، ڪهندڙ، قصاب، ١۴. واري، جي، ١۵. عادت، روش، ١٦. مڏيءَ يا لسيءَ (ڪاتيءَ) ١٧. ڪُهہ، وِڍ، ١٨. اٿلائي، ١٩. (منهنجا) ڦٽ يا زخم، ٢٠. ڏسُ، ٢١. ڏکن، دردن، ٢٢. تنگ، سوراخ، سَلَ، ٢٣. مٿي ۾، سِرَ ۾، بدن ۾، ٢۴. معذور جي، عذر واريءَ جي، بيمار جي، هيڻيءَ جي ضعيف جي، ٢۵. ڪِٺتين ۾ گران، ٢٦. تڪليفون سهان، ٢٧. هر وقت، ٢٨. ڏکايل، دردوند، ٢٩. اي والي، اي مالڪ، اي خدا، ٣٠. تڪڙا، جلد، ٣١. جيها تان نہ تيها= لاثاني، بي مثال، ٣٢. تيرن جو چنهبون، تير، ڪان.

ڪروڙين[١] ڪُنا[٢] ڪيترا، الماس[٣] جهڙا[۴]،
پسي پرِ[۵] اهڙا، عجب[٦] ٿئو اجل[٧] کي.

٨

پونر[٨] اکيون پالا، نيزا[٩] نيڻ پرين جا،
يار ميڙين[١٠] يا الله[١١]، جنهن سان ساهه[١٢] سڌير[١٣] ٿئي.

٩

نيڻ سقيلا[١۴] سپرين[١۵]، پونر پرون[١٦] پالا،
چڪئم[١٧] چاڪ[١٨] پرين[١٩] جا، اندر[٢٠] ۾ آلا[٢١]،
يار ميڙين يا الله، جنهن جيءَ صحبت[٢٢] ڪاڻ[٢٣] سڪي[٢۴] هنيون[٢۵].

١٠

جذهين پئي ياد[٢٦]، صحبت سپرين جي،
فريادون فرياد[٢٧]، ناگهه[٢٨] وڃن نڪئو[٢٩].

١١

ناز[٣٠] منجهان نڪري[٣١]، پرين ڪري ٿو پند[٣٢]،
پون[٣٣] پٽ[٣۴] "بسم الله"[٣۵] چيو[٣٦]، راهه چمي ٿي رند[٣٧].

---

١. ڪروڙين، بي شمار. ٢. قتل ٿئا، خون ٿئا، مارئا وئا. ٣. هيري (هيرو هڪ قيمتي پٿر آهي جيڪو شيشي جهڙيءَ سخت شيءِ کي وڍيو ڇڏي). ۴. جهڙا (سهڻا جوان). ۵. ريت. ٦. حيرت، تيرس. ٧. موت. ٨. پؤنرن جهڙيون ڪاريون (پؤنر ڪاري رنگ جو هڪ اڏامندڙ جيت آهي). ٩. تير، ڪانَ، نيزا. ١٠. ملائين. ١١. اي الله. ١٢. دل، من. ١٣. سامت ۾، فرحت يا آرام ۾. ١۴. چمڪندڙ ننڍيون تلوارون. ١۵. سپرينءَ جا، پرينءَ جا. ١٦. اکين جي مٿان ڪمان وانگر وارَن جو ليڪو. ١٧. منهنجا چڪئا يا اٽليا يا وري خراب ٿئا. ١٨. ڦٽ، زخم، ڏڪ. ١٩. پرين جا پيدا ڪيل. ٢٠. دل. ٢١. تازا. ٢٢. رهاڻ، ڪچهريءَ، مجلس. ٢٣. واسطي. ٢۴. واجهائي. ٢۵. دل. ٢٦. ياد پئي= دل تي هَري، ذهن ۾ اچي، ڌيان يا خيال ۾ اچي. ٢٧. فريادون فرياد= فرياد مٿان فرياد. دانهن مٿان دانهون. رڙين مٿان رڙيون. ٢٨. اوچتو، اچانڪ. ٢٩. نڪريو. ٣٠. ناز منجهان = ناز نخري سان. لاڏ ڪوڏ سان. چاڳلائيءَ سان. ٣١. ٻاهر اچي. ٣٢. هلڻ جو عمل يا ڪم. ٣٣. زمين. ٣۴. ٻ. ٣۵. آڏر ڀاءُ جو جملو يعني ڀلي ڪري آئين. مرحبا (بسم الله= الله جي نالي سان). ٣٦. راهه کي، رند کي، رستي کي، واٽ کي (جتان پرين هلي ٿو). ٢٧. مِٺي ڏي، بوسو ڏي.

أُيـيَنِ[1] گـهَـٽُـو[2] اَدَبَ[3] ۾، وَنـئـو حُـورُون[4] هَـنـڌُ[5]،
سَـائـِيـنءَ[6] جـو سـوگَنـدُ[7]، سَـاجَـنُ[8] سَـيـنِـئَـان[9] سُـهـِـٽـو[10].

۱۲

سَـاجَـنَ[11] سِـپَـاهـِيَ[12]، آئُـون اَوَهَـانـجـو آهـيَـان،
اَچَـان ويـلَ[13] سَـيَـڪَـنـهـِن، وَجَـان وَاجَـهـائـي[14]،
لاَلَـڻَ[15] تـو[16] لاَئِـي[17] ڪـيـڪـارُئـمِ[18] ڪَـرَن[19] ڪـي.

۱۳

ڪَـڏهـِين تَـان ڪـونَـه تِـئـومِ[20]، آثَـارو[21] عَـشـقَ[22] جـو،
مَـحـبُـوبَـن مـنـٿُـون ڪَـري، سِـڪَـڻُ سـيـکَـارئـومِ،
تِـهَـان[23] پـوءِ[24] تِـئـومِ[25]، پَـاڻـهـين[26] پَـسَـڻُ[27] پِـريـنءَ جـو.

۱۴

ڪُـڇَـڻُ[28] ڪـيـنَ مُـهَـان[29]، اوتُـون[30] ڏِيـنِ اڪـيُـنِ[31] سـين،
اُنـهـِـيءَ[32] وَاتَ[33] وِئـا[34]، پَـاٽُـونـدَرَ[35] مَـاڻِـڪَ[36] پِـريـن.

۱۵

پَـاٽُـونـدَرَ مَـاڻِـڪَ پِـريـن، عَـطُـرَ[37] سـين اَمُـلَ[38]،

---

۱. ٻِيهَن، ۲. زيادهہ، ۳. نئڙت، نياز، عاجزي، ۴. بهشت جون سهڻيون عورتون، ۵. (پرينءَ جي پنڌ ڪرڻ جي) جاءِ، جڳهہ، ٦. مالڪ، ڌڻيءَ، خدا، ۷. قسم، ۸. سڄڻ، محبوب، ۹. سين ڪان، ۱۰. حسين، موچارو، ملوڪ، ۱۱. اي ساجن، ۱۲. خادم، نوڪر، ۱۳. مهل، وقت، ۱۴. واجهائيندو، پويان نهاريندو (دلگيريءَ يا غمگينيءَ جي حالت ۾)، ۱۵. اي لالڻ، اي پرين، اي محبوب، ۱٦. تنهنجي، ۱۷. لاءِ، واسطي، ڪري، ۱۸. خوش مرحبا چيم، پليڪار چيم، ۱۹. دشمن، رقيبن، دل جي ڪوڙن يا ڪوڙن ماڻهن، ۲۰. مونکي ٿئو، ۲۱. اثر، ۲۲. محبت، ۲۳. تنهن ڪان، ۲۴. بعد، ۲۵. مونکي ٿئو، ۲٦. ازخود، خود بہ خود، ۲۷. ديدارُ، ۲۸. ڳالهائين، ۲۹. منهن سان، وات، سان، ۳۰. اشارا، ميڇون، ۳۱. نيڻن، چَشمن، ۳۲. اهڙيءَ، ۳۳. واٽ سان، گس سان، رستي سان، طريقي يا طور سان، ۳۴ه چڏي وئا وفات يا وصال ڪري وئا، ۳۵. وراهيندڙ، ونڊيندڙ، سخي، ۳٦. ماڻڪن جا، موتين جا، هيرن جواهرن جا، ۳۷. خوشبودار، گلن جي عرق يا تيل، خوشبوءِ، ۳۸. بي بها، بي حد قيمتي.

مُنهِن[۱] گهُنڊِي[۲] تَنِ[۳] ڳَلَ[۴]، ڀُوري[۵] لوڪَ[۶] نه لَکِئَا[۷].

۱۶

ڀَاتُوندَرَ[۸] مَاڻِڪَ[۹] پِرِينَ[۱۰]، عَطُرَ[۱۱] سِين آهِين،
گهُنڊِڙِي[۱۲] نَه لاَهِين[۱۳]، سَجَڻ ڀَنِيي[۱۴] وَارَ[۱۵] جِيئَن[۱۶].

(۱۷)

گهُنڊِڙِي نَه لاَهِيو، ڀَاتِيَوَ[۱۷] جَا پِرِيتِ[۱۸] سِين،
ڪو ڏِينهُن تَڳَايو[۱۹]، رُسَڻَ[۲۰] سَنڌِيءَ[۲۱] رِيتِ[۲۲] سِين.

۱۸

آيَا[۲۳] پِرِين گهُرَنِ[۲۴]، اوتَارَا[۲۵] اکِيُنِ[۲۶] ۾،
وِيڙهو[۲۷] ڏِيَانِ[۲۸] وِيڪِرو[۲۹]، وَنِيُنِ[۳۰] مَنجِهه وهَنِ[۳۱]،
آئُون ڏِينڊِي ڪي تَنِ، مَتي[۳۲] تَارَنِ تَکِئَا[۳۳].

۱۹

تَارَنِ ۾ ڪَرِ تَکِيو، وَنِنِ ۾ ٿِي وِيهُه،
پِرِين اکِيُنِ ۾ پيهُه[۳۴]، ته آئُون آڇَاڙو[۳۵] ٿِيَان.

---

۱. مُنهن ۾. ۲. گهُنج، شوخي. ۳. تَنَ ۾، دل ۾. ۴. نرمائي، حليمائي. ۵. موڳي، بي عقل. ٦. عوام، عامَ ماڻهن. ۷. پروڙئا، سهي ڪئا. ۸. وندينڙ، ورهائيندڙ، سخي. ۹. ماڻڪ موتين يا هيرن جواهرن جا. ۱۰. محبوبَ، سڄڻَ. ۱۱. خوشبودار گلن جي عرق يا تيل، خوشبوءِ. ۱۲. گهُنڊي. ۱۳. ختم ڪن. ۱۴. پيچدارَ، گهُنڊيدارَ. ۱۵. زلف، ڪاڪُلَ. ۱٦. وانگرُ. ۱۷. اوهان ڀاتي، اوهان وڏي. ۱۸. محبت، پيارَ. ۱۹. جيئرو رکو، زنده رکو. ۲۰. ڪاوڙ، رنجَ، غصي. ۲۱. جيءَ. ۲۲. ٻَر، نموني. ۲۳. اچي وئا. ۲۴. طلبين، چاهين. ۲۵. اوطاقون، آستان، جايون. ۲٦. نيڻن، چشمن. ۲۷. گهَرُ، جاءِ. ۲۸. آئون انهن کي ڏيان. ۲۹. موڪرو، وسيع. ۳۰. (اکين جي) ماڻڪين، پُتلِيَن، تارَن. ۳۱. رَهن. ۳۲. ۾. ۳۳. جايون. ۳۴. گِهڙ، داخل ٿيءُ. ۳۵. اوڇڻ، ڍَڪَ، پوش.

۲۰

اکيُن[1] ۾ تِي ويهُہ، تہ آئون وَرائي[2] ڍِڪيان[3]،
توکي نہ ڏِسي ڏيهُہ[4]، آئُون نہ پَسان[5] ڪِي[6] ٻِئو.

۲۱

ذَرَ[7] جيڏو[8] ڏَڙون[9]، پاسنگ[10] مُور[11] نہ پُڄِتان[12]،
عادَتَ[13] عَنبَرَ[14] جيسي[15]، ساڏَنُ[16] لوڪُ[17] سَندون[18]،
جيڏو ٻَرُ[19] ڏُبون[20]، تيڏو[21] سَهَدَلَ[22] سُپرين[23].

۲۲

اَگَڻِ[24] آيا نہ سَهان، ويني گهر گُهران،*
مُنهن[25] مُقابل[26] سُپرين، پَسئو تِي پَچان[27]،
وارُ[28] نہ سَهان وِچ ۾، اَجا ذَرِ[29] مَيان[30]،
گُرا[31] مَنجهہ گُٽان[32]، پرين وِجهان پيٽ ۾.

۲۳

راتيان[33] ڏينهان رُوحَ ۾، تي[34] لوچان[35] لالَڻَ[36] لاءِ،
سَڪَ[37] پِريان[38] جي سَيدُ رح چئي، اَندرِ[39] مُون[40] نہ ماءِ[41]،

---

۱. نيڻن، چشمن، ۲. واري، ۳. بند ڪريان، پوريان، ۴. ڏيهہ يعني ملڪ يا جهان جا ماڻهو، ۵. ڏسان، ٦. ڪجهہ، ۷. ذرتيءَ، زمين، پرٿويءَ، ۸. جيترو، ۹. انهن جو ڏڙو يعني بارُ يا وزن، ۱۰. پاسنگ ۾، ساهميءَ يا تارازيءَ جي پڙن ۾، ۱۱. اصل، بنهہ، ۱۲. پڄندا، مَائيندا، ماپي سگهندا، سمائجي سگهندا، ۱۳. خصلت، خاصيت، سڀاءُ، مزاج، ۱۴. خوشبودار هڪ پسار جي شيءِ، زعفران، ۱۵. جهڙي، ۱٦. سامان، مال اسباب، ۱۷. جهان، دنيا، ۱۸. انهن جو، ۱۹. تڪليف، ڏک، تَوَ، گرمائش، ۲۰. انهن کي ڏبو، ۲۱. تيترو، اوترو، ۲۲. برداشت ڪندڙ، ۲۳. پرين، محبوب، ۲۴. (منهنجي) اگڻ يعني گهر ۾ (محبوب تڪليف وٺي منهنجي اگڻ تي اچن اهو آئون سهي يعني برداشت نٿي ڪري سگهان) *سندن گهر ۾ ويٺي آئون انهن کي ٻيئي گهران يعني چاهيان يا سڪان، ۲۵. منهن جي، ۲٦. آڏو، آمهون سامهون، ۲۷. انهن لاءِ پچان يعني ڪامان، جلان يا پچران، ۲۸. وار جيتري وٿي يا مفاصلو، ۲۹. اندر ۾، ۳۰. انهن کي مايان يعني سمايان يا لڪايان، ۳۱. گورا، وزندار، وزنائتا، بهتر، اتم، ۳۲. انهن جي ڳُٽن ۾، ٻلاين ۾، ارڪانن ۾، عادتن ۾، لڇڻن ۾، ۳۳. راتيان ڏينهان = رات توڙي ڏينهن جو، هر وقت، هميشہ، ۳۴. دل، من، ۳۵. پريشان ٿيان، بي قرار ٿئان، ماندي رهان، ۳٦. محبوب، ۳۷. پيار، محبت، ۳۸. پرين، ۳۹. اندر ۾، دل ۾، ۴۰. منهنجي يا مونکي، ۴۱. مايي، سمائجي.

ڪَڏهِين قَاتِلاَن ڪَوڙَا پِرِينِ، ڪَڏهِين مِٺَا مَاڪيءَ سَاءِ،
ڪَڏهِين مُڙَن مِينڻَ جِيئَن، ڪَڏهِين لوهَہ پِہ نَاهي جَاءِ،
ڪَڏهِين ڪَٽَڻَ عَيْنَ احْسَانَ جَا، ڪَڏهِين ڪَهلَ نَہ پَوِينِ ڪَا،
ڪَڏهِين پِرِينِ پَٽَائِين ڪُنئَرا، ڪَڏهِين ڏَاڍَا ڏُونگَرَ ڪَان،
عَجَبَ جِهَڙِي آهِ، صُحبَتَ سُپِرِيَنِ جِي.

۲۴

ڪَڏهِين تَاڪِيُون ڏِيِنِ، ڪَڏهِين ڪُلِنِ دَرَ دوسْتَنِ جَا،
ڪَڏهِين اَجَان اَچَڻُ نَہ لَهَان، ڪَڏهِين ڪُونَئُو نِينِ،
ڪَڏهِين سَڪَهُون سَڏَ ڪِي، ڪَڏهِين ڳُجَهَاندَرَ ڳَرِهِينِ،
اِهَڙَائِي آهِينِ، صَاحِبَ مُنهِنجَا سُپِرِيَنِ.

۲۵

تُون صَاحِبْزَادو سُپِرِيَنِ، آئُون نِسُورو نَوڪَرُ،
بيحَدَ ڪَرِيَان بَندگِيُون، هَٿَ ٻَڌِي حَاضُرُ،
چَڻِ ڇَڏِيندُسِ ڪِينَڪِي، دوسْتَ تُنهِنجو دَرُ،
مُون تَان مِهرَ نَظَرُ، پِرِينِ لَاهِہ مَ پَانهِنجو.

۱. قاتل (زهر يا وهہ کان)، ۲. ڪڙا، تلخ، ۳. محبوب، سپرين، سڄڻ، ۴. مٺاس وارا، شيرين، لبيب، ۵. شهد، ۶. جهڙا، ۷. ورن، ڏنگا يا چِبا ٿين، ۸. ماکيءَ جي مکين جي گڏ ڪيل سٽيي مادي، موم، ۹. هڪ قسم جي ڌاتوءَ (جو تمام سخت هوندو آهي)، زُڪَ، ۱۰. مجال، پچت، مقابلي جي طاقت، ۱۱. مٿي ڪري نهارين، ۱۲. اکيون، نيڻ، ۱۳. مهربانيءَ، ڪهل، قياس، رحم، ۱۴. انهن کي پئي، ۱۵. پٽ (جي ڪپڙي)کان، ريشم کان، ۱۶. نرم، ۱۷. سخت، ۱۸. جبل، پٿر، پهڻ، ۱۹. حيرت، ۲۰. رهاڻ، ڪچهري، ۲۱. درن يا دروازن کي بند ڪرڻ واريون ڪاٺ جون پٽيون (جيڪي درن کي بند ڪرڻ لاءِ لوهہ جي ڪڙن بدران استعمال ٿينديون آهن)، تاڙيون، ۲۲. (درن کي) لڳائين، ۲۳. پنجن، ۲۴. محبوبن، ۲۵. حاصل ٿئي، نصيب ٿئي، ۲۶. سڏ ڪريو، ۲۷. ونيو وڃن، ۲۸. آئون سڪان، آئون واجهايان يا اُسڙڪان، ۲۹. ڳجهيءَ يا مخفي طرح، اڪيلائيءَ ۾، ۳۰. گفتگو ڪن، ۳۱. يار، دوست، مالڪ، سردار، ۳۲. سردار يا امير جو اولاد ۳۳. اي سپرين، ۳۴. فقط، خاص، ۳۵. گولو، ٻانهون، ۳۶. حد کان وڌيڪ، تمام گهڻيون، ۳۷. خدمتون، آزيون نيازيون، ڪرنشون، ۳۸. هٿ ٻڌي= عاجزي يا نهٺائي ڪري، ۳۹. اڳيان يا روبرو، ۴۰. خوشيءَ سان، وسئون، وس کان، ۴۱. (گهر جو) دروازو، چائنٺ (دروازي جي چونک واري هيٺين ڪاٺي)، ۴۲. مهر جو، مهربانيءَ جو، رحم جو، ۴۳. نگاهہ، ۴۴. اي پرين، ۴۵. هٽاءِ، پري ڪر.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

۲٦

اَکِيُنِ جَا آگَمَ[۱]، مُون تَان لاَهِہ[۲] مَ سُپِرِين[۳]،
کَري مَلاَرَ مِينهَن[۴] جِيئَن، وَسِي[۵] لاَهِہ وَهَمَ[٦]،
تو[۷] ڏِني[۸] مُون[۹] غَمَ، ڏِينهَن[۱۰] جَا ڏُور[۱۱] ٿِئا.

۲۷

شُکُرُ[۱۲] گُذِيَا سُون سُپِرِين[۱۳]، جَانِي جِيئَري[۱۴] يَارَ،
وِٺِي جَنِي[۱۵] وَٽِ[۱۶] ۾، کوڙِين[۱۷] ٿِئا قَرَارَ[۱۸]،
ڏَٽِي[۱۹] کَرِ مَ ڏَارَ[۲۰]، پَاڙو تَنِ پِرِيَنِ سِين.

۲۸

اُٿِي[۲۱] وَجُ اَندوهَ[۲۲]، دوسِتَنِ[۲۳] دِلاَسو[۲۴] کِئو،
مَولِي[۲۵] سَڀِ مَعَافِي[۲٦] کِئَا، ڏُکَ[۲۷]، ڏَمَرَ[۲۸] ۽ ڏوهَ[۲۹]،
جا پَرِ[۳۰] لُهَارِئِين[۳۱] لوهَ[۳۲]، سَا پَرِ سُورَنِ[۳۳] سَان ٿِي.

۲۹

اَجُ پَٽِ[۳۴] اَنگِئَمِ[۳۵] اَنگَ[۳٦]، هَٿَان[۳۷] حَبِيبَنِ[۳۸] جي،
سَاجَنِ[۳۹] رِءَ سَرَتِيُون[۴۰]، رُوحَ[۴۱] نَہ رَچَنِ[۴۲] رَنگَ[۴۳]،

---

۱. جُهڙ، ککر، ملارون (مهربانيون)، ۲. هٿاءِ، پري ڪر، ۳. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ۴. برسات، ۵. برسي، ٦. گمان، شڪ، فڪر، غم، ڳڻتيون، ۷. تنهنجي، ۸. ڏسڻ سان، ۹. منهنجا، ۱۰. تمام گهڻي وقت يا عرصي، ۱۱. دور، ختم، ۱۲. (خدا جي) مهرباني، احسان، ٿورو، ۱۳. اي سپرين، اي جاني، اي محبوب، اي يار، اي دوست، ۱۴. حياتيءَ ۾، زندگيءَ ۾، ۱۵. جني جي، ۱٦. پڙ، پاسي، پاڙي، ۱۷. ڪروڙن جي انداز ۾، بي شمار، تمام گهڻا، ۱۸. آرامي، سکي، آسودا، ۱۹. اي ڏٽي، اي مالڪ، اي خدا، ۲۰. جدا، ۲۱. هلئو، پڄي، ۲۲. اي اندوهہ، اي ڏک، اي غم، اي فڪر، ۲۳. يارن، محبوبن، ۲۴. دلاسو ڪئو = دلاسو ڏنو، تسلي يا آٿت ڏنو، ۲۵. مولا، مالڪ، خدا، ۲٦. معاف، بخش، عفو، درگذر، ۲۷. تڪليفون، ۲۸. ڪاوڙيون، غصا، رنج، ۲۹. خطائون، غلطيون، گناهہ، ۳۰. ريت، هلت (باهہ ۾ جلائڻ جي)، ۳۱. لهارن جي، لوهہ جي ڪاريگرن جي، آهنگرن جي، ۳۲. لوهہ سان (لوهہ هڪ قسم جو ڌاتو آهي جنهن کي لهار باهہ ۾ جلائي هٿيار يا اوزار ٺاهيندا آهن)، ۳۳. ڏکن، تڪليفن، ۳۴. پڙ، ۳۵. منهنجا انگيا يعني ليکيا ويا (مالڪيءَ جي نپي سان)، ۳٦. (بدن جا)عضوا، ۳۷. هٿن سان، ۳۸. محبوبن، ۳۹. سڄڻ، دوست، ۴۰. کان سواءِ، ۴۱. روح کي، دل کي، ۴۲. وڻن، پسند اچن، ۴۳. نظارا، منظر.

جَانِبِ[1] آيو جُوءِ[2] ۾، مَنجَھان[3] نيُنهَن[4] نِسَنگَ[5]،
جَا پَرِ[6] سَاتِي[7] سَنگَ[8]، سَا پَرِ سُورَنِ[9] سَان ٿِي.

٣٠

اَجُ پَنِ جُزَئَمِ[10] جوڙَ[11]، جيئَن[12] دوسَتُ[13] پيھي[14] دَرِ[15] آيو،
سُکَنِ[16] وَنِي ڏُکَنِ کي، مَحکَمُ[17] ڏِنِي مَوڙَ[18]،
جَا پَرِ کوتَنَ[19] کوڙَ[20]، سَا پَرِ سُورَنِ سَان ٿِي.

٣١

طَالِعُ[21] اَجُ وَرِئو[22]، جيئَن دوسَتُ پيھي دَرِ آيو،
چِکِئَا[23] چَاکَ[24] چِگَّا[25] ٿِئَا، جَنِ تي کَالَهَ[26] کُرِئو[27]،
آٿِي اَڻَ تُرِئو[28]، دوسَتَنِ[29] دَارُون[30] لاَيو[31].

٣٢

اکيُون پِرِيَمِ تُنهِنجُون، کَاتِيءَ جِهَڙِيءَ کَارِ[32]،
کُوڙِي[33] کَڻُ[34] ۾ سُپِرِينَ، چَاکَ وِجَهَنِ ٿِيُون چَارِ[35]،
سَاجَنَ سَنئُون نِهَارِ، تَہ وَجَنِ سُورَ[36] سَنڌو کِئو[37].

---

١. جانب، دلبر، محبوب، ٢. ملڪ، ڏيھہ، ٣. مان، ۴. عشق، ۵. بي ڊپي، بي خوف، بي پرواھ، ٦. ريت، هلت، ٧. ساٿي جي، سونٽي جي، ڏنڊي جي، سارين جي سنگن جون موڙيون ٻڌي زمين تي سٽي اَنَ ڪڍڻ جي عمل جي، ٨. سنگ سان (سنگ = ان ٻوڪ جي ڪاني جو مٿيون چوٽيءَ وارو حصو جنهن ۾ ان هوندو آهي)، ٦. ڏکن، تڪليفن، غمن، فڪرن، ١٠. مونکي جڙي، مونکي حاصل ٿي، ١١. مراد، مطلب، ١٢. جيئن تہ، جاڪاڻ تہ، جنهن صورت ۾، ١٣. يار، دلبر، سجڻ، ١۴. گهڙي، داخل ٿي، ١۵. اندر، گهر ۾، ١٦. راحتن، خوشين، ١٧. سخت، پختي، ڏاڍي، ١٨. مهت، مروڙ، چٻ، ١٩. ڪوٽن جي (ڪوٽن ان ڪاٺ جي ٽڪر (ڏونگريءَ مثل) کي چوندا آهن جنهن سان ڪٽي يعني نيروٽي ڪپري کي رڱڻ کان پوءِ گهنجن ءِ سَرَن ڪڍڻ جي ارادي سان ڌڪ هڻي جمائيندا آهن (استريءَ جو عمل) يا موچي چمڙي کي ڪٽي نرم ءِ سنهو ڪندا آهن)، ٢٠. ڪوڙ سان (ڪٽين جو ڪوٽنَ سان ڌڪ هڻي استري ڪيل ڪپڙو)، ٢١. نصيب، ڀاڳ، ٢٢. کُلئو، ٢٣. چڪيل، اٿليل، وري خراب ٿيل، رسيل، رت ءِ پُونءِ وهائيندڙ، ٢۴. زخم، ڦٽ، ٢۵. چڱي وڻا، ٢٦. گذريل يا اڳوڻي ڏينهن، ٢٧. سور ڪئو، ڀوسرايو، ٢٨. اڻ ترئو= جيڪو توري نہ سگهجي يا جنهن جو وزن نہ ڪري سگهجي، تمام گهڻو، ٢٩. محبوبن، ٣٠. دوا، ملم، مرهم، ٣١. مکئو، لڳايو، ٣٢. نموني، مثال، ٣٣. ڪپائي، چپائي، هٽي، ٣۴. هٽاءِ، پري ڪر، ٣۵. گهٽا، ٣٦. ڏک، غم، تڪليفون، ٣٧. موڪلائي، الوداع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳۳

اَکِيُون پِريَمِ[1] تُنهِنجُون، کَجَلَ[2] رِءَ[3] کَارِيُون[4]،
مَولي[5] ڏِنَئِي[6] مُنهَن ۾، سُونهَن[7] سُونهَارِيُون[8]،
کَٹِين[9] جي[10] کَارِيُون[11]، تَہ پِہ سَجِيندي[12] سُورُ[13] لَهي[14].

۳۴

اَکِيُون پِريَمِ تُنهِنجُون، رُپَي[15] جي رَئي[16]،
اَسِين جَاڳِيَاسُون[17] جَنِ لَئِي[18]، سُتَا[19] سي پَئِي،
اَکِيُنِ[20] آبُ وَهي[21]، پَتَرُ[22] سَڀِ پُسَايو[23].

۳۵

اَکِيُون پِريَمِ تُنهِنجُون، گَهلِيُون[24] ۽ گهُوڙَا[25]،
لَاهِين نَہ لُوڙَا[26]، جي تو حَاجَ[27] هِيرِيُون[28].

۳۶

اَکِيُون پِريَمِ تُنهِنجُون، اَلبِيلِيُون[29] ۽ آلِي[30]،
مُوهِيُو[31] مَنُ[32] مَجَازَ[33] سِين، نيٹَنِ[34] جي نَالِي[35]،
سَگهَان نَہ جَالِي[36]، تُو رِءَ سَاعَت[37] سُپِرِين[38].

---

۱. اي منهنجا پرين، اي منهنجا محبوب، اي منهنجا سپرين، ۲. ڏِيئي جي ڏونهن جي ڪارٺ يعني ڪاري دز کي تيل يا ٻي ڪنهن سٺي ۾ ملائي ناهيل سرمي، ۳. کان سواءِ، ۴. سياهہ، ۵. مولا، مالڪ، خدا، ٦. توکي ڏنيون، ۷. سهڻيون لڳن، ۸. سهڻيون، خوبصورت، ۹. (نهارڻ لاءِ) مٿي ڪرين، ۱۰. جيڪڏهين، ۱۱. شوخ، شورُ يا گهنڊ پيل، ۱۲. ميچ يا اشاري ڏيندي، ۱۳. تڪليف، غم، درد، دک، ۱۴. ختم ٿئي، ۱۵. چاندي (هڪ قسم جو اڇي رنگ جو ڌاتو جنهن مان زيور ٺهندا آهن)، ۱٦. چمڪ، چمڪاٽ، تجلو، ۱۷. بيدار ٿيا سون يا رهياسون، اَسُکا ٿيا سون، ۱۸. واسطي، ۱۹. سمهي يعني ننڊ ۾ پئي رهيا، ۲۰. پاڻي، لڙڪ، ڳوڙها، آنسو، ۲۱. وهائي، ڳاڙي، هاري، ۲۲. وڇاڻو، هنڌ، بسترو، ۲۳. آلو ڪئو، پڄايو، ۲۴. ڌاڙيلن يا ڦورن جا ٽولا ۽ هتي معنيٰ ٽيندي ڌاڙيل يا ڦورو، ۲۵. ڦورن يا ڌاڙيلن جا گهوڙا، ۲٦. حملا، گهيرا، ڪاهون، جهيڙا، ۲۷. حملي يا ڪاهہ جي حاج يعني ڪم جون، ۲۸. هيراڪ يا عادي ڪيون، ۲۹. بي پرواهہ، لاغرض، هٺيليون، ۳۰. هٿيار، ۳۱. مست ڪئو، چريو يا متوالو ڪئو، ۳۲. دل، هنيون، ۳۳. محبت، پيار، ۳۴. اکين، ۳۵. سڏ، اشاري، ۳٦. گهاري، گذاري، جٺاءَ ڪري، جيئرو يا زندهہ رهي، ۳۷. گهڙي، پلڪ، پل، ۳۸. اي سپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي

مَولُو[١] ڪَندو مَاڙِ[٢]، مُنهِنجي الله ڪَندو،
هَادِي[٣] ڏِيئي هَٿَڙا، مَنجَهان ڇِڪَڻ[۴] ڇَاڙهه[۵]،
هُو جو وَيري[٦] وَاٽَ[٧] جو، سو سَائِين[٨] نِيئي[٩] سَاڙ[١٠]،
ڪِشتي[١١] ڪَميٽَن[١٢] جي، الله لَنگهه[١٣] اُڪار،
ڪَلِمُون[١۴] ڇَئي ڪَريمَ[١۵] جو، سَڀِ لَنگهِندا[١٦] پَار[١٧].

وائي ٢

هَاڻِ ايندو هَاڻِ ايندو، مُنهِنجو سَڄَڻُ[١٨] سَائِين،
نِمَاڻيءَ[١٩] جو نِجهِرو[٢٠]، پَاسي[٢١] پَاڻ[٢٢] اَڏِيندو[٢٣]،
مَتَان[٢۴] لَڪَنِ[٢۵] سَاٿَڙو[٢٦]، صَحي سَلامَت[٢٧] نِيندو[٢٨]،
آگَرُ[٢٩] لائِي[٣٠] اَنڌِيُون[٣١]، نِيئي وَسِينءَ[٣٢] ۾ وِجهندو[٣٣]،
مَهندِ[٣۴] تِيندو مُصطَفيٰ[٣۵]، پُنيءَ[٣٦] لوڪُ[٣٧] لَنگهِيندو.

---

١. مولا. مالڪ. خدا. ٢. مدد. ٣. اي هادي، اي هدايت ڪندڙ، اي رهبر، اي خدا. ۴. درياءَ جي پيٽ ۾ زمين جو اهو سخت هنڌ جنهن سان پاڻيءَ جو وهڪرو ٽڪرائجي پاڻيءَ کي چڪر ڏياريندو آهي، مصيبت. ۵. اُڪار، پار ڪر، آزاد ڪر، جند ڇڏاءِ. ٦. دشمن (شيطان). ٧. (خدائي) رستي، راهه. ٨. اي سائين، اي مالڪ، اي خدا. ٩. پري ڪٽي، پري وني ڪري. ١٠. جلاءِ، باهه ۾ ٻار. ١١. ٻيڙي. ١٢. بدڪارن، گنهگارن. ١٣. واسطي، ڪارڻ. ١۴. ڪلمون طيب "لا اِلہ الااللهُ مُحَمَدً رَسُولَ الله". ١۵. ڪرم ڪندڙ، سخيءَ، واجب الاحترام (حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن). ١٦. لنگهي يعني اُڪري ويندا. ١٧. پار ڏانهن، ٻيءَ ڪنڌيءَ يا ڪناري ڏانهن. ١٨. دوست، يار، محبوب. ١٩. مسڪين، غريب، لاچار، بي واهيءَ. ٢٠. جهوپڙو، آستان، مڪان، گهر. ٢١. پاسي ۾، ڀر ۾. ٢٢. پنهنجي. ٢٣. جوڙيندو، ٺاهيندو. ٢۴. تان. ٢۵. جبلن، ٽڪرن. ٢٦. ساٿ، قافلو. ٢٧. سالم، سلامت، بنان ڪنهن جوکم جي. ٢٨. اُڪاري پار ڪندو. ٢٩. آگر ڪان. ٣٠. وني. ٣١. نابين عورتون. ٣٢. وني وڃي. ٣٣. وسنديءَ، ماڻهن جي موجودگيءَ واري جاءِ. ٣۴. اڳئان. ٣۵. ڏٺل يا پسند ڪيل يعني حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن. ٣٦. پنيان. ٣٧. عوام، عام ماڻهو، خلق.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُرُ بَرئو سِنڌِي

داستان ٽِئو

١

عَشُقَ[1] اِهڙي ذَاتِ[2]، جو مَانجهي[3] مُنجهائي[4] مَيَنِ[5] کي،
ڏينهان[6] ڏورڻ[7] ڏونگرين[8]، رُئڻ[9] سَڄيائي[10] رَاتِ،
اُتي[11] ويني تَاتِ[12]، مِيَان[13] مَحبُوبَنِ[14] جي.

٢

جَنهن جو ڏٽيان[15] ڏَارَ[16]، ٻيلي[17] نَاهه يَنيُورَ[18] ۾،
کَميٽيءَ[19] جي کَانَ کِي، سَاٿَ[20] لَڏيندي[21] سَارَ[22]،
عَالَمَ[23] جَا سَردَارَ[24]، وَارِڄ[25] وَاڳَ[26] فَقِيرِ[27] تي.

٣

ڏَارَ[28] نَه يَکدِلِ[29] يَارُ[30] تِيي، مَتِ[31] ڏِني مِه[32] مَنَ[33]،
ڪِ[34] تَئُوءِ[35] تَسَلُو[36] تَنَ[37]، پَروڙوءِ[38] پَرَاوَنَ[39] مَان.

---

١. محبت، نينهن، ٢. هستي، وجود، خلقت، جنس، ٣. پهلوان يا بهادر (عشق)، ۴. حيران يا پريشان ڪري، ۵. سکھ وارن، طاقت وارن، ٦. ڏينهن جو، ٧. نهارڻ، ڳولڻ، پٽڪڻ، ٨. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ٩. گريو ڪرڻ، روج ڪرڻ، لڙک وهائڻ، هنجو هارڻ، ١٠. ساري يا سموري، ١١. اتي ويني= آتندي وهندي، هر وقت، ١٢. يادگيري، ذڪر، پچار، ١٣. اي ميان، اي صاحب، اي سائي، ١۴. سڄڻن. پيارن، معشوقن، ١۵. ڏٺيءَ ڪان، مالک يعني خدا ڪان، ١٦. سواءِ، ١٧. همراهہ، مددگار، ١٨. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٻہ ميل پري هڪ قديم شهر جنهن ۾ سسئي رهندڙ هئي هتي هن دنيا ڏانهن اشارو آهي، ١٩. بدڪار، ڪمذات، ٢٠. قافلي (سسئيءَ جي محبوب پنهون جي پائرن ۽ ائن)، ٢١. لڏڻ وقت يعني وڃڻ جي تياريءَ ڪرڻ مهل، ٢٢. يادگيري، ٢٣. جهان، دنيا، ٢۴. والي، مالک مهندار، ٢۵. موتائج، موڙج، ٢٦. (اٺ جي) مهار يعني اها رسي يا نوڙ: جيڪا اٺ کي هڪلڻ يا هلائڻ لاءِ نڪ ۾ ٻڌبي آهي، ٢٧. مسڪين يا محتاج (عورت)، ٢٨. جدا، ٢٩. هڪ صلاحو، هڪ زبانو، سچيءَ دل وارو، ٣٠. دوست، سڄڻ، ٣١. ڏسَ، صلاح، نصيحت ٣٢. وڏي، بزرگ، ٣٣. پياري، دلبر، پريتم، ٣۴. ڇا، ٣۵. توکي ٿئو، ٣٦. خاطري، پڪ، تسلي، ٣٧. تن ڪان، پنهنجي پاڻ ڪان، ٣٨. تو پروڙيو، تو سمجهيو يا ڄاتو، توکي خبر پئي، ٣٩. ذارين، غيرن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤

يارُ[1] سَنڌائي[2] سَيَڪو، جَانِبي[3] زَبانِي[4]،
آهي آسَانِي[5] ڪَمَ[6] پَئي ڪَلَ[7] پَوي.

٥

لاَفُون[8] لَڪَ[9] هَٿَنِ، سَهِڄِ[10] پَئي سِيٽَنِ[11] جي،
ڏِسَان ڪير ڏِيَنِ، جُوڙي[12] جيءُ[13] پِربَنِ[14] تَان.

٦

آدِمِيَنِ[15] اِخلاَصُ[16]، مَٺَائي[17] مَاٺو[18] ڪِئو،
ڪَڏِهِين ڪائي ڪونَہ ڪو، سَندو[19] مَاٺُهُوءَ[20] مَاسُ،
دِلبَرَ[21] هِنَ دُنيَا ۾، وَجِي رَهندو وَاسُ[22]،
بِئو سَڀِ لوڪُ[23] لِبَاسُ[24]، ڪو هِڪدلِ[25] هُوندو هِڪڙو.

٧

دِلِ جو دِلبَرُ هِيڪڙو، گَهڻَان تَان نَہ ڪِجَنِ،
دِلِ ڏِجي ڪي هيڪِڙي، پِئَا سَهَسِين[26] مَرُ[27] سِڪَنِ[28]،
اُوءِ چَلولاَ[29] چَئِجَنِ، جي دَرَ دَرَ[30] لاَئِين[31] دوستِي.

---

١. دوست، ٢. چوائي، ڪوٺائي، ٣. جانب، جگري، دل وارو، ٤. زبان سان، ٥. (ائين چوائڻ) آسان، سولو، ٦. ضرورت، حاجت، غرض، ٧. خبر، سُڌِ، ٨. ٻٽاڪون، ڊاڙون، لباڙون، ٩. لکين، تمام گهڻا، ١٠. سهنج ۾، شوق ۾، خوشيءَ ۾، ١١. دوستن، سڄڻن، ١٢. ٺاهي، سينگاري، ١٣. جند، جان، ساهہ، ١٤. محبوبن، سڄڻن، ١٥. ماڻهن، ١٦. سچي محبت، دوستي، سچائي، ١٧. ڦيرائي، بدلائي، ١٨. جهڪو، گهٽ، ١٩. جو، ٢٠. گوشت، سَاهَہ، رَتُ، ٢١. اي دلبر، اي يار، اي دوست، ٢٢. (نيڪيءَ جي) خوشبوءِ يا سرهاڻ، ٢٣. جهان يا دنيا يعني جهان جا ماڻهو، ٢٤. لباسي، ڏيکاءُ وارو، اندر جو کوٽو، ڪوڙو، ٢٥. دل جو سچو، يڪ سخنو يا پڪ زبانو، ٢٦. سوين، هزارين، ٢٧. ڀلي، ٢٨. آسَرُڪن، انتظار ڪن، ٢٩. هلڪيءَ دل وارا، هلڪڙا، بي وفا، ترڙا، ٣٠. درد در = هر هنڌ، هر ڪنهن سان، ٣١. رکن.

٨

جُنگَ[١] نِهَاري[٢] جَوهَري[٣]، دَانَا[٤] دوسِتَ[٥] ڪِجَنِ،
هِهَڙيءَ[٦] هُهَڙيءَ لَهرِ[٧] نَہ لُڌَّا[٨]، ڌَرتيءَ[٩] جيئَن نَہ ڌُبَنِ[١٠]،
اُونهي[١١] ڪُنَ عَميقَ[١٢] جيئَن، تَانگهَہ[١٣] نَہ اَچي تَنِ[١٤]،
سَجَڻَ[١٥] سوني[١٦] هَارَ[١٧] جيئَن[١٨]، وَرهين[١٩] نَہ وِلِٽَنِ[٢٠]،
پَڪَا[٢١] پِرين ڪِجَنِ، ڪَچَنِ مَان ڪِي نَہ ٿيي.

٩

دِلبَرُ[٢٢] دُنيَا دَارُ[٢٣]، پِنهي[٢٤] اَڪَثرُ[٢٥] هيڪِڙو،
هُنَ ڪي حَاڪِمَاڻي[٢٦] هَٿَ ۾، هِنَ صُورَتَ[٢٧] جو سِينگَارُ[٢٨]،
اِيءُ عَشقَ[٢٩] جو آچَارُ[٣٠]، جيئَن دَانَا[٣١] ديوَانا ڪَري.

١٠

آءُ[٣٢] عَجِيبَ[٣٣] اَگِي[٣٤]، سُڻُ[٣٥] حَقِيقَت[٣٦] حَالَ[٣٧] جي،
چَوءُ[٣٨] ڪَا بَاتَ[٣٩] بَيَانُ ڪَري، تَان[٤٠] مُون[٤١] تَنَ[٤٢] تَگِي[٤٣]،
تُنهنجي لَالَڻَ[٤٤] لَطِيفُ[٤٥] چَئي[٤٦]، جَنهِن سَان لَڙهَ لَگِي،
سو تَان مَنجِهہ سَگِي[٤٧]، پُوتو[٤٨] آهہ پِرِيت[٤٩] جي.

---

١. تمام وڏا، ٢. ڏسي، ڪولي، ٣. هيرن جواهرن جا واپاري، ٤. هوشيار، چاٽو، عاقل، ٥. يار، ٦. هِهڙيءَ هُهڙيءَ = جهڙيءَ تهڙيءَ، هلڪيءَ سلڪيءَ، ٧. لهر سبب، چوليءَ سان، ٨. لڏڻ جهڙا، وعدي تان ڦرڻ جهڙا، ٩. زمين، پون، پرٿيءَ، ١٠. نہ ڌبن = نٿا ٿڙن يا هيڏي هوڏي ٿين، نٿا ڦرن، ١١. عميق، گهري، ١٢. درياهہ يا سمنڊ ۾ پاڻيءَ جو اونهو هنڌ يا ڪوهہ جتي پاڻي چڪر کائي، ١٣. تراڪڙائي، گهٽتائي، ڪمي، ١٤. تن کي، ١٥. دوست، محبوب پرين، ١٦. سون جي (سون هڪ زردي رنگ جو قيمتي ڌاتو آهي)، ١٧. ڳچيءَ جي زيورَ جو قسم، مالها، ١٨. وانگر، ١٩. ورهن يا سالن ۾، گهڻي وقت کان پوءِ، ٢٠. ڦِٽن، رنگ ڦيرائين، (قيمت ۾) گهٽ ٿين، ٢١. پختا، طبيعت يا مزاج جا مضبوط، ٢٢. دلدار، دوست، محبوب، ٢٣. دنيا وارو، امير، پئسي وارو، ڏن پتي، ٢٤. پنهي جو، ٢٥. حسابً. ڪردار، عادت، ٢٦. حڪومت، ٢٧. حسن، سونهن، ٢٨. مالڪ، ٢٩. نينهن، محبت، ٣٠. فيصلو، نبيرو، ٣١. چريا، متوالا، بي عقل، ٣٢. اچ، ٣٣. اي عجيب، اي محبوب، ٣٤. اوري، ويجهو، ٣٥. ٻڌ، ٣٦. ڪهاڻي، ماجرا، ٣٧. (منهنجي) حالت، ٣٨. ٻڌاءِ، ٣٩. ڳالهہ (محبت جي)، ٤٠. تہ، ٤١. منهنجو، ٤٢. من، دل، ٤٣. زندهہ يا جيئرو رهي، ٤٤. اي لالڻ، اي محبوب، ٤٥. لاڙو، محبت، ٤٦. ٿئي، ٤٧. ڏاڳي (سٽ جي)، ٤٨. مڙهيل، ٻڌل، ٤٩. پيار، محبت.

۱۱

ڪوڙي[1] ڪَنُ[2] مَ سُپِرِين[3]، ڪَنيَئي[4] تان[5] ڪوڙ،
اَهلُ[6] اڪَڙِبَنِ[7] جي، نيئي نَباهِج[8] توڙ[9]،
مُون ۾ عَيبَنِ[10] ڪوڙِ[11]، تُون پاڻُ[12] سُجاڻِج[13] سُپِرِين.

۱۲

مُنهنجِنِ مَدائِنِ[14] جي، ڪَلَ[15] پِريَان پيئي[16]،
ڪَڙهين ڪوسا[17] نَ ٿِئا، ڏوراپو[18] ڏيئي،
سَاجَنَ[19] سَپِيئي[20]، ڍَڪِيمِ[21] ڍولَ[22] ڍِلائِيون[23].

۱۳

مُنهنجي مَحبُوبَنِ، ڪَچي[24] ڪِئَڙي ڪا نَ ڪا،
تُوڻي[25] اڳِلي[26] آهِيان، تان[27] پِي سَندَي[28] تَنِ،
جامُون[29] ڏيئي جَنِ، مُنهنجُون ڍِليُون سَڀِ ڍَڪايون.

۱۴

ڦَٽو[30] ڦُوڙائو[31]، وِرِئو وَرقُ[32][33] وِصالَ[34] جو،
مُون کي ڏِنو سَڄَڻين[35]، ڏُوران[36] ڏيکائو[37]،

---

۱. ڪپائي، ۲. هٿاءِ، پري ڪر، ۳. اي سپرين، اي پرين، اي محبوبَ، ۴. (جيڪڏهين) تو ڪنيون يا هٿايون آهن، ۵. تہ وري، ٦. عادت، ۷. نيٺن، چشمن، ۸. پوري ڪج، ۹. توڙ تائين، پڄاڙيءَ يا آخر تائين، ۱۰. عيبن جي، اوڻاين جي، اوگڻن جي، ڏوهن يا خطائن جي، ۱۱. ڪروڙيون، ۱۲. خود، ۱۳. لائق يا مهرباني ڪج (پنهنجي شان کي ڏسي)، ۱۴. گناهن، ڏوهن، اوڻاين، ۱۵. خبر، سُڌِ، ۱٦. پرين کي، ۱۷. گرم، رنج، غصي يا ڪاوڙ ۾، ۱۷. اوپالو، ميارَ، ۱۹. سڄڻ، محبوب، ۲۰. مَڙيئي، ۲۱. منهنجون ڍڪيون يا لڪايون يا مخفي رکيون، ۲۲. ڍولئي، سڄڻ، محبوب، ۲۳. ڍليون، اوڻايون، اوڳڻ، ۲۴. گلا، شڪايت، ۲۵. جيتوڻيڪ، ۲٦. ميري، گنهگار، ۲۷. تان بي = تہ بہ، ۲۸. جي، ۲۹. ڪپڙو، لباس، پردو، ۳۰. ڇُٽو، ختم ٿئو، ۳۱. جدائي، ۳۲. موٽي آيو، اٿلئو، کُلئو، ۳۳. پنو، (ورئو ورق= فال نڪتي، واڌائي ملي)، ۳۴. ميلاپَ، ۳۵. سڄڻن، محبوبن، ۳٦. ڏور کان، پري کان، ۳۷. ڏيکاءُ، ديدارَ.

هِينئَڙو[۱] اَکَ[۲] ڏِاَئو[۳]، وِيتَرِ[۴] پِرِينِ[۵] پَرَاهِئو[۶].

۱۵

ڏاتَرَ[۷] مُون[۸] ڏِيکَارِئو[۹] هُوتَنِ[۱۰] جو حُضُورُ[۱۱]،
پِرِينِ پَرچَڻَ[۱۲] جو ڪِئو، مُوتَائي[۱۳] مَذڪُورُ[۱۴]،
اِيءُ دوستَنِ[۱۵] جو دَستُورُ[۱۶]، جِيئَن چِنَان[۱۷] چِنَنِ[۱۸] ڪِينَڪي.

۱۶

آءُ[۱۹] تَه پَرچُون پَاڻَ مِ، رُسي[۲۰] رَاتِ مَ رَنڊِ[۲۱]،
سَجَڻَ اُلَٽِيُون[۲۲] چِنڊِ[۲۳]، اورِ[۲۴] تَه نَرَنِ[۲۵] اڪيُون[۲۶].

۱۷

آءُ تَه پَرچُون پَاڻَ مِ، رُسي رَنڊِ مَ رَاتِ،
اَسِين تَائَبَ[۲۷] تُنهِنجَا، تُون زورَاوَرِ[۲۸] ذَاتِ[۲۹]،
سَجَڻَ[۳۰] گهَڙِي[۳۱] سَاعَتَ، اورِ تَه نَرَنِ اڪيُون.

۱۸

رُنَّا[۳۲] ڪِهَڙِيءَ رِيتِ[۳۳]، پَرچَندا پَرِ ڪَنهِين،
مَنَ مِ ڪَري پِرِيتِ[۳۴]، هَلُ تَه سَجَڻَ[۳۵] ڪُونيُون[۳۶].

---

۱. هنيون، دل، من، ۲. اکيئي، پهريائين، ۳. ڏاول، سيراب ٿيل، رڄ ٿيل، راضي، ۴. وري وڌيڪ، ۵. محبوبن، ۶.(خلعت يا وڳو) پارايو يا ڍڪايو، ۷. ڏاتار يعني خُدا، ۸. مونکي، ۹. ڏسئو، ٻڌايو، ۱۰. محبوبن، ۱۱. دربار، ڪچهري، مجلس، ۱۲. ريجهڻ، رَاضي ٿيڻ، ناهَہ، صلح، ۱۳. وراَئي، ۱۴. ذڪر، ٻچار، ڳالهہ، ۱۵. يارن، سڄڻن، ۱۶. اصول، طريقو، عادت، ۱۷. وسَ آهر، وسَ پڄندي، ۱۸. جدائي ڪن، لاڳاپو ختم ڪن، ۱۹. اچ، ۲۰. ڪاوڙجي، رنج يا ناراض ٿي، ۲۱. وِڇِڙ وجهہ، گساءِ، ۲۲. سُستيون، ۲۳. ڇڏ، ۲۴. دل جو حال ڏي، ڳالهہ ٻولهہ ڪر، ۲۵. ٺڏيون ٿين، ۲۶. نيڻ (نرن اکيون = فرحت ٿئي)، ۲۷. (تابع جي بگڙيل صورت) تابعدار، مطيع، نوڪر، خدمتگار، ۲۸. ڪَراڙو، زور ڀريو، جبرو، ۲۹. هستي، جنس، ۳۰. اي سڄڻ، ۳۱. ساعت، پل، پلڪ، ڪِنَ، ۳۲. ڪاوڙئا، وِڏوٽا، ۳۳. نموني، طرح، پَرِ، ۳۴. محبت، پيار، ۳۵. سڄڻن کي، ۳۶. سڏ ڪريون.

۱۹

جَانْ[1] کِي رُنَاسُون[2]، تَہ رُنِّي[3] سَرِي[4] نَہ سُپِرِين[5]،
اِجھي[6] آيَاسُون[7]، ڏِسُ نِرجَائِي[8] نِينهَن[9] جِي.

۲۰

رُنِي نَہ سَرَندوءِ[10]، هَلِي[11] پِرِچ[12] پِرِين سين،
اوراتو[13] ٿِيندوءِ[14]، جَڏهِين سِينگَاريَا[15] سُپِرِين.

۲۱

جَنِ رِءَ[16] سَرِي نَہ سَاهَہ[17]، رَتِي[18] رُسُ[19] مَ تَنِ سين،
هُوءِ کَرهِين[20] کُڇِجِ[21] کِي مَ کِي، کِجِ سَيِّد (رح) جَئي صَلاحَ[22]،
پِي وِروهَڻَ[23] وَاهَہ[24]، کَا تُوکِي آهي تَنِ ري.

۲۲

ڳُورَا[25] ۽ ڳُوڙهَا، سَجَڻَ[26] ڏَاکَ[27] ڇُڳَنِ[28] جِيئَن[29]،
مُکَائُون[30] مَحَبَتَ[31] جَا، جَهَايَا[32] ۽ جُهوڙَا،
سَچَ[33] کَ[34] نِپُوڙَا[35]، سَجَڻَ[36] اَچِي سَجِين[37].

---

۱. جان کي = جيسين، ۲. ناراض يا ڪاوڙيل هئاسون، ۳. رُسڻ جي حالت ۾، ۴. گذارو ٿئي، ۵. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ٦. هاڻي، سگهوئي، ۷. موٽيا سون، ۸. بي شرمائي، بي حيائي، ۹. عشق، ۱۰. تنهنجي سرندي، تنهنجو گذارو ٿيندو، ۱۱. وڃي، ۱۲. ناهہ ڪر، صلح ڪر، ۱۳. ڏک، غم، ۱۴. توکي ٿيندو، ۱۵. آراستا ٿيندا، سنواريا ويندا، (ڪفن ڍڪي) ناهہ نوهہ ڪندا، ۱٦. ڪان سواءِ، ۱۷. سَاهہ کي، جيءَ کي، دل کي، ۱۸. ذري برابر، ۱۹. ڪاوڙج، ۲۰. وڙهن، جهيڙو ڪن، ڪاوڙ ڪن، ۲۱. سوال جواب ڪج، ۲۲. صلح، ناهہ، ۲۳. وروهڻ جي، حال اورڻ يا ونڊڻ جي، ۲۴. واٽ، رستو، گس، ۲۵. ڏيرج وان، گنڀير، سنجيدا، ۲٦. ڳتيل، هڪ ٻئي سان لاڳو يا ويجهو، ۲۷. ڏاک جي، انگورن جي، ۲۸. مُچن، ۲۹. وانگر، ۳۰. موڪليائون، ۳۱. پيار، ۳۲. سَٽ يا پَٽ مان نهيل ٽونٽر، ڦندڻ، جهوڙا، ۳۳. سچي پچي، واقعي، تحقيق، ۳۴. چا، ۳۵. ثابت قدم، وفادار، ۳٦. اي سجڻ، اي محبوب، ۳۷. آچ ڪرين، پيش ڪرين، ڏين.

۲۳

اَچَنِ جي[1] اوطاقَ[2]، مُون سَارِينديءَ[3] سُپِرين[4]،
مُون جيهي[5] مُشتَاقَ[6]، ڏِسي لاهي ڏُکڙا.

۲۴

اَچَنِ جي هيڪارَ[7]، مُون سَارِينديءَ سُپِرين،
سِرُ[8] کَريان سِرون[9]، هَنڌُ[10] وِڇايان[11] وارَ[12]،
سائُنِ[13] سَڀِ[14] جَمارَ[15]، گولي[16] ٿِي گُذاريان[17].

۲۵

هوڏ[18] ڇَڏي هوڏي[19]، جي مان[20] گهر[21] اَچين[22] سُپِرين،
ڳالهِيُون ڳَرهَڻَ[23] جهَڙيُون[24]، تَنَ[25] گهُرِيُون[26] توڏي،
جي وِهين[27] گڏُ[28] گوڏي، تَ دورَ[29] سُڌايان[30] دِلِ جا.

۲٦

جِيئَنَ[31] سا ڪَاني[32] ڪانهن[33]، لَهسَندي[34] لاتِيُون[35] ڪَري،
اَچي اُيَري[36] اوچِتي[37]، دَردَ[38] پِريان[39] جي دانهن[40]،
وِيجَ[41] ڏنيين[42] تو بانهن[43]، سُورُ هِنيين[44] کي سامُهون.

---

۱. جيڪڏهين، ۲. اوطاق ۾، گهر ۾، ۳. سارينديءَ جي، ياد ڪندڙ جي، ۴. سپرين، پرين، ۵. جهڙي، ٦. شائق، چاهيندر، طالب، سڪايل، عاشق، ۷. هيڪر، هڪ دفعي، ۸. مٿو، ۹. (انهن جو) سرو، وهاڻو، تڪيو، سراڻو، ۱۰. بسترو، ۱۱. پکيڙيان، ۱۲. مٿي جا وارَ يا زلف، ۱۳. انهن سان، ۱۴. ساري، ۱۵. عمر، حياتي، ۱٦. ٻانهي، نوڪرياڻي، ۱۷. رَهان، ۱۸. ضد، ۱۹. هُن طرف، پري، ۲۰. جيڪڏهين، ۲۱. منهنجي، ۲۲. گهر ۾، ۲۳. (اڪيلائيءَ ۾) اورڻ يا بيان ڪرڻ، ۲۴. دل، ۲۵. (ڪرڻ) چاهيون، ۲٦. تو سان، ۲۷. ساڻ، ٻيڙو، ۲۸. (منهنجي) موني، زانوءَ، سٿر، ۲۹. ڏڪَ، غمَ، سُورَ، ۳۰. ٻڌايان، سليان، ۳۱. جهڙيءَ طرح، ۳۲. ڪانُو، تيلو، ۳۳. ڪانهن جي (ڪانهن هڪ قسم جو ڊگهن ڪانن ۽ سنهن ۽ ڊگهن پنن وارو ٻوڙو آهي ان جي ڪانن مان لکڻ جا قلم ٺاهبا آهن)، ۳۴. سڙندي، ٻرندي، جلندي، سيڪ ايندي، ۳۵. آواز، ۳٦. پيدا ٿي، اُسري، نڪتي، چٽڪي، ۳۷. اچانڪ، ۳۸. درد جي، سُورَ جي، ۳۹. پرينءَ، محبوب، ۴۰. ڪُوڪَ، رڙ، ۴۱ اي ويڄ، اي طبيبَ، ۴۲. (تتل يا گرم لوهہ سان) ڪلنڪ يا داغ ڏين، ۴۳. ٻانهن کي، ٻاڙَ کي، ۴۴. دل.

٢٧

دَردَ[1] نَہ توکي دَنگِيئو[2]، دَردَ[3] نَہ ڏَنئي[4] دَنگَ[5]،
کَارِيُ[6] قَرِيبَنِ[7] جَا، کُتَئي[8] نيڻَ[9] خَتَنگَ[10]،
اَکَ[11] نَہ پَڙهِيئي[12] اَنگَ، سَبَقَ اَنهيءَ سُورَ جَا.

وائي ١

بَاروچَي[13] جي ذَاتِ[14]، سَجَڻَ[15] بَاروچي جي ذَاتِ،
اُنَ گُنگَائي[16] هَلِئَا، وائي[17] کِئَائون نَہ وَاتِ[18]،
جَاني[19] جَتَ[20] وِني وِئَا، تَنَ[21] تَني جي تَاتِ[22]،
کُهِي[23] کَمِيٽي[24] هَلِئَا، اَديُون[25] آڏيءَ رَاتِ،
آئُون سُتي[26] هُو هَلِئَا، رَهُ[27] م پيِيَنِ رَاتِ،
مِلاَنَ[28] مَحبُوبَنِ کي، وِهَاڻي[29] پِريَاتِ.

وائي ٢

مُون کي ڏِنَڙو[30] دوستَ دِلاَسو[31] پَلُو[32] جيڏيُون[33]،
ڏِنَڙو يَارَ دِلاَسو، جُڙِي[34] آهيَانِ،
هيڏانهَن[35] هوڏانهَن سُپِرِين[36]، کيڏانهَن[37] وَارَايَانِ[38] پاسو[39].

---

١. سُور، غم، ٢. حيران يا پريشان ڪئو، ٣. درد کي، ۴. تو ڏني، ۵. پريشاني، ٦. موتمار، خوفناڪ، کهائيندڙ، قهري، ٧. ويجهن يعني دوستن يا محبوبن، ٨. توکي کتا، توکي لڳا، توکي چُبي وئا، ٩. اکيون، ١٠. ختنگن يعني تيرن يا ڀالن جي مثال، ١١. پهريائين، ١٢. اکر، سبق، درس، ١٣. بروچ، بلوچ، محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جو هو)، ١۴. قوم، آکهہ، خاندان، ١۵. اي سڄڻ، اي محبوب، ١٦. ماٺ ڪرائي، ١٧. آواز، بولي، ڳالهائي، ١٨. وات سان، ١٩. جانبُ، دوستُ، ٢٠. اوٺي يا اٺن وارا يعني پنهونءَ جا ڀائر، ٢١. تن کي، دل کي، ٢٢. ياد، ساروڻي، ٢٣. قتل ڪري، ٢۴. بدڪار، ڪم ذات، ٢۵. اي اديون، اي ڀينر، ٢٦. ستل يا ننڊ ۾ هُيس، ٢٧. راهہ، رستي، وات، ٢٨. گڏجان، ٢٩. وهاڻيءَ جي مهل، پريات يا فجر يا اَسُرَ ويل، ٣٠. ڏنو، ٣١. آسرو، تسلي، ڏڍ، ٣٢. واهہ واهہ، ٣٣. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣۴. چڱي ڀلي، تواني، تندرست، ٣۵. هيڏانهن هوڏانهن = چوڌاري، هرطرف، ٣٦. پرين، محبوب، ٣٧. ڪهڙي؛ طرف، ٣٨. ڦيرايان، واريان، ٣٩. بدن جو پاسو يا پهلو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَنڌَ[1] حَوبلِيُون[2] حُجرا، پِڙُ[3] پِيراٽُون[4] خاصو[5]،
سَيَدُ[6] سَيِنئان[7] سُهِٽو[8]، نُورُ[9] نَبِيءَ[10] جو خاصو،
جَنِ ڪَڏِئو[11] تَنِ ڪونِئو[12]، تِئَڙو[13] لوڪ[14] تَماشو[15].

---

۱. بسترا، مڪان. ۲. جايون، گهَر، حجرا، ڪوٺيون. ۳. ميدانَ، اڱڻ، مڪان، گهَرَ. ۴. پير جو، مرشد جو. ۵. بهتر، موچارو، سٺو. ٦. سردار يعني حضرت محمد مصطفيٰ صلعم. ۷. سين ڪان. ۸. حسين، ملوڪ، سوڀياوان. ۹. سوجهرو، روشني، تجلي. ۱۰. پيغمبر صلعم. ۱۱. ڏڪاريو، لوڏيو. ۱۲. سڏيو، گهرايو. ۱۳. ٿئو. ۱۴. لوڪ کي، ماڻهن کي. ۱۵. رونشو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر راڻُو

داستان پهريون

۱

شَمعُ[1] ٻارِيندي شَبَ[2]، پِرهَ[3] ٻاکُون[4] کوڙِيُون[5]،
موتُ مَران تِي مَيندَرا[6]، راڻا کارڻ[7] رَبَ،
تُنهِنجيءَ[8] تاتِ طَلَبَ[9]، کانگَ[10] اُڏايَمِ[11] کاکِ[12] جا.

۲

وِني ٻارِئَمَ[13] ٻانگَ[14] سِيَنءَ[15]، کوڙِين[16] اَڄُ قَنديلَ[17]،
هَيُ هَي[18] هَنجُون[19] هارِيان[20]، مَنجهان سِکَ سَبيلَ[21]،
مَتان مُونکي ڇَڏِين، جاني[22] لَکِ جَليلَ[23]،
آهَرَ[24] تُون[25] اَصيلَ[26]، کانگَ اُڏايَمِ کاکِ جا.

۳

ڏِيا تيلَ[27] قُليلَ[28] جا، ٻارِئَمِ تائين ٻانگَ،
ڍولِئَڙو[29] ڍَتِ[30] رَهائِيو[31]، کِنهِن سَنٽاڻي[32] سانگَ[33]،

---

۱. ميڻ بتي، موم بتي، هتي معنيٰ ٿيندي ڏيئو جيڪو ٺڪر جو ٺهيل هوندو آهي ۽ جنهن ۾ تيل ۽ ڪپهہ جي وٽ يعني نوڙي وجهي ٻاربو آهي. ۲. شب جو، رات جو. ۳. پرڀات، فجر، اَسُر. ۴. ڪرڻا، شاخون. ۵. ڪڍيون، ظاهر ڪيون. ٦. اي مينڌرا، اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو جو جيڪو راجپوت قوم جي سوڍا ذات جي مينڌرا پاڙي مان هو). ۷. واسطي، لڳ. ۸. تات جي ڪري يا سبب، يادگيريءَ يا ساروڻيءَ سبب. ۹. طلب جي ڪري يا سبب، خواهش يا ضرورت جي سبب. ۱۰. ڪاري رنگ جي پکين جو هڪ قسم، ڪانءُ، زاغَ. (عاشق ۽ معشوق جي وچم پيغام پهچائيندڙ). ۱۱. (پيغام ڏيئي) مون (توڏي) اُڏايا يا روانا ڪيا. ۱۲. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ ۽ شهر جو نالو جتي راڻي جي محبوب مومل رهندي هئي. ۱۳. مون ٻارئا يا روشن ڪئا. ۱۴. (صبح جي نماز جي) اَذان. ۱۵. تائين. ۱٦. ڪروڙين، بي شمار. ۱۷. شمعن يعني ڏيئن ٻارڻ لاءِ شيشي جي رنگين پيالن وارا شمعدان يا جهاڙ. ۱۸. هَي هَي = هاءِ هاءِ يا هاءِ افسوس (چيو). ۱۹. ڳوڙها، لڙڪ، آنسو. ۲۰. (اکين مان) وهايان يا ڳاڙيان. ۲۱. گهڻيءَ. ۲۲. اي جاني، اي جانب، اي محبوبَ (راڻا). ۲۳. جلال واري يا وڏائيءَ واري يعني خدا. ۲۴. واهرَ، آسري، واسطي. ۲۵. تنهنجي. ۲٦. اي اصيل، اي شريف، اي نيڪ ذات، اي چڱي نسل ۽ خاندان وارا. ۲۷. سٽيي پاٽيث. ۲۸. ڦلن يا گلن جي، سَرهي يا خوشبودار. ۲۹. ڍولڻ، دلبر، محبوب (راڻو). ۳۰. ڍتَ ۾، ڍت ٺر علائقي جو هڪ ڀاڱو آهي جتي مومل جو محبوب راڻو رهندو هو. ۳۱. ترسايو، روڪيو. ۳۲. ضروري. ۳۳. ڪم.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

چانگي[1] چڙهي آءُ[2] تون، لالَ[3] وَرائي[4] لانگَ[5]،
ڪوڙين[6] پتين[7] ڪانگ[8]، اُڌايامِ[9] اچيج تون.

۴

راڻا[10] راتِ[11] گهڙي[12]، مون[13] گهرِ[14] اچي جي[15] تِيين[16]،
عيبن ڪان[17] آجي[18] ٿئان، اچين جي چڙهيءَ[19]،
راڻا تو[20] لئي[21] رڙي[22]، ويئي وهامي[23] راتڙي.

۵

وَٽ[24] سوريندي[25] وَلها[26]، وِٽو[27] تيل[28] ٻَري[29]،
مون مُسافر سپرين، چانگي تي چڙهي،
راڻي لئي رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

٦

ڪتيون[30] ڪپار[31] آيون، لُڏا[32] وِيا لڙي[33]،
مون مُئيءَ[34] جا ولها، چانگي تي چڙهي،
راڻي لئي رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

---

۱. چانگي تي، اٺ تي، ۲. اچ، ۳. اي لال، اي سهڻا. ۴. (اٺ تي) ڦيرائي رکي. ۵. ٻن ٽنگن جي سٿرن جي وچ وارو حصو، ٦. ڪروڙين، بي انداز. ۷. نمونن سان. ۸. ڪاري رنگ جي پکين جو هڪ قسم، ڪانءُ، زاغ (عاشق ۽ معشوق جي پيغام آڻيندڙ ۽ نيندڙ). ۹. مون (پيغام ڏيئي) توڏي اُڏايا يا روانا ڪيا. ۱۰. اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو). ۱۱. رات جو. ۱۲. ٿورو وقت، گهڙي ساعت، ڪِن، پلڪ. ۱۳. منهنجي. ۱۴. گهر ۾. ۱۵. جيڪڏهين. ۱٦. رَهين. ۱۷. گناهن، پاپن. ۱۸. ڇُٽان، نجات حاصل ڪريان. ۱۹. سوار ٿي (اٺ تي). ۲۰. تنهنجي. ۲۱. واسطي، ڪاڻ. ۲۲. دانهون ڪري، روئي. ۲۳. (مونکي) گذري، لنگهي. ۲۴. (ڏيئي يا بتيءَ کي ٻارڻ لاءِ ان ۾ پيل) ڪپهہ جي رسي يا نوڙي. ۲۵. ريڙهيندي، مٿي ڪندي. ۲٦. اي ولها، اي مڙس يا پتار. ۲۷. وبو. ۲۸. ڏيئي ۾ پيل سڀي پاٽيث. ۲۹. جلي، ڪپي، ختم ٿي. ۳۰. ڪَتِي، ثريا، پروين، تارن جي هڪ ميڙ جو نالو. ۳۱. ڪپار تي، مٿي جي مٿان، وچ آسمان تي. ۳۲. تارن جي ميڙ جو نالو جيڪو ڪتيءَ يا ڪتين کان ڪجهہ وقت اڳ ايرندو آهي. ۳۳. وچ آسمان کان اولهہ طرف مڙي يا ٿورو هيٺ ٿي. ۳۴. مُئلَ، فنا ٿيل (مومل).

٧

کَتِيُون کَپَارِ آيُون، تِيڙُو[١] اُيَا[٢] تِيئِي،
رَاڻُو[٥] رَاتِ نَہ آيو، وِيلَ[٣] تَرِي[٤] وِيئِي،
کُوءِ سَا کَاڻِي[٦] رَاتڙِي، پِرِيَان رِءَ پِيئِي[٧]،
مُون کِي ڏَنءُ[٨] ڏِيئِي، ڊولئِو[٩] ڍَتِ[١٠] قَرَارِئُو[١١].

٨

وِيئِي تَارَا[١٢] تُورِيَان[١٣]، نِهَارِيَان[١٤] نَکَتَ[١٥]،
وَڏِيءَ کِنهِن اُگَهتَ[١٦]، پِرِين وَرَائِي جَهَلِئَا.

٩

اُيِي[١٧] اُيَارِئَامِ[١٨]، نَکَتَ سَبِ نِئِي[١٩] وِئَا،
هِکُ مَيو[٢٠] پِئو مَينڍرو[٢١]، سَجِي رَاتِ سَارِئَامِ[٢٢]،
ڳُوڙهَا[٢٣] ڳَلِ[٢٤] ڳَاڙِئَامِ[٢٥]، جَڏهِين سُورَجَ[٢٦] شَاخُون[٢٧] کَڍِيُون.

١٠

سُورَجَ شَاخُون کَڍِيُون، اونِي[٢٨] نَہ آيو،
رَاڻِي رَنجَائو[٢٩]، ڏُنو مُنهنجِي ڏِيلَ[٣٠] کِي،

١. ٽن تارن جي هڪ نکٽ جو نالو جيڪو ڪتيءَ جي پٺيان ايرندو آهي. ٢. ايري مٿي آيا. ٣. (سندس اچڻ جي) مهل، وقت. ٤. گذري، لنگهي، ختم ٿي. ٥. ٻَن پوي، ڪڏ ۾ پوي. ٦. باهہ جي سڙيل (بددعا جا لفظ)، نياڳي. ٧. ڪان سواءِ. ٨. (باهہ جو) سيڪ، تؤ. (جدائيءَ جو) عذابُ، ڏنجهہ، ڏکُ. ٩. ڊولڻ، پيارو، محبوبُ. ١٠. ڍٽ ۾ (ڍٽ ٿر علائقي جو هڪ حصو آهي، مومل جو محبوب راڻو ان حصي جو رهاڪو هو). ١١. آرامي ٿيو، سڪئو ٺئو. ١٢. چمڪندڙ اسماني جسم، ستارا. ١٣. ٽَڪيان. ١٤. ڏسان، جاچيان. ١٥. تارا، تارن جا ميڙ جن جا جدا جدا نالا آهن جهڙوڪ ڪتي، تيڙو، لڏا، وڃون وغيره وغيره. ١٦. بدناميءَ، روڪ، رنڊڪ. ١٧. بيٺي بيٺي، بهي بهي. ١٨. مون اياريا، مون ايرندي يعني طلوع ٿيندي ڏٺا. ١٩. لڙي، لهي. ٢٠. اٺ، جنهن تي راڻو چڙهي مومل وٽ ايندو هو. ٢١. راڻو (جيڪو سوڍا ذات جي مينڌري پاڙي يا شاخ مان هو). ٢٢. مون سارڻا يا ياد ڪئا. ٢٣. لڙڪ. آنسو. ٢٤. ڳلَ تان يا ڳلن تان. ٢٥. مون ڳاڙيا، مون وهايا يا هاريا. ٢٦. سج. ٢٧. ڪرڻا. ٢٨. اٺ وارو يعني راڻو جيڪو مومل وٽ هميشہ اٺ تي چڙهي ايندو هو. ٢٩. رنج، ڏکَ. ٣٠. جسم، بدن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۱

رَاڻُو[1] ڪَا رَاتِ وِئو، ڳُجهـي[2] ڳالهِ ڪَري،
سُودِي[3] رِءَ[4] سَرَتِيُون[5]، هَـڏِ[6] نَـ سَاهَـ[7] سَري[8]،
وَجِي مَان نَـ[9] وَرِي[10]، آسَائِتِيءَ[11] آهِيَان.

۱۲

سُودِي سُتي[12] لُوءِ[13]، جَا مُون سين ڳالهِ ڪِي،
سَا جي پَڌَر[14] پُوءِ[15]، تَـ سَرَتِي[16] ڪَا نَـ سُمَهي.

۱۳

سُودِي رِءَ سَرَتِيُون، پِئو پِتِيُن[17] ۾ پَنگُ[18]،
اُبَاتِجي[19] اَجُ وِئو، رَاڻَا[20] تو رِءَ رَنگُ[21]،
هنين[22] سين هَاجُو[23] ٿِئو، پِئو اوسِيڙِي[24] اَنگُ[25]،
مُون تُوهين[26] سين سَنگُ[27]، پُڇَايو پُڇَان پَهي[28].

۱۴

رَاڻَا تُنهِنجي رَاهَـ[29] تِي، ڏَهَاڙِي[30] ڏِيکَان[31]،
جَانِبَ[32] مُنهِجي جِيءَ[33] ۾، مَحَبَتَ[34] جُون مِيخَان[35]،

---

۱. مومل جي محبوب جو نالو. ۲. مخفي، لڪ چپ ۾، اشاري ۾. ۳. راڻي (راڻو ذات جو سوڍو راجپوت هو). ۴. کان سواءِ. ۵. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٦. اصل، بنهہ، هرگز. ۷. ساهہ کي، دل کي. ۸. گذارو ٿئي، آرام يا فرحت اچي. ۹. مان نہ = ٿال، خدا ڪري، ۱۰. موٽي. ۱۱. آسروند، آسري ۾. ۱۲. سمهڻ يا ننڊ ڪرڻ جي حالت ۾. ۱۳. لوءِ جي يعني ڳوٺ جي (ماڻهن جي). ۱۴. ظاهر. ۱۵. ٿئي. ۱٦. ساهيڙي، جيڏي. ۱۷. (گهر جي) ديوارين يعني گهرَ ۾. ۱۸. رَخنو، ڦيٽارو، هيبت، خوف. ۱۹. جهڪو ٿي، بدلجي، ڪاراٽجي. ۲۰. اي راڻا. ۲۱. ورنَ يا رونق (مُنهَن جي). ۲۲. دل. ۲۳. ظلم، جَٽ. ۲۴. اوسيڙي ۾، فڪر يا ڳڻتيءَ ۾. ۲۵. بدن، سرير، جان. ۲٦. توئي. ۲۷. واسطو، تعلق، ناتو. ۲۸. واڇڙو يا پانڌي (پڇايو پڇان پهي= واڇڙن يا پانڌين کان هر هر يا وري وري پيئي راڻي جا حال احوال وٺان). ۲۹. واٽَ، گس. ۳۰. هر روز، روزانو. ۳۱. ڏسان. ۳۲. اي جاني، اي جانب يا محبوب. ۳۳. جان، دل. ۳۴. پيار. ۳۵. ميخون، (لوهہ جون) ڪليون.

رَيَ پَرِيُون رِبَڪَان، تو سين لاَلَ لَپيِٽِيُون.

١٥

راڻا تُنهنجيءَ راهَه تي، وينِي رُئَان رَوَ،
دوسَ دلاَسو جي ڏِيين، مُون ڪي جِيڏو جَوَ،
جي سوڍِن مِڙَنِ سَوَ، تَه تُنهنجو مَٽُ نَه مينڌَرا.

١٦

وينِي نِتُ نِهَارِيَان، راڻا تُنهنجو راهُه،
موٽَائي مَاڳَن ۾، آئِيندوءِ اَللهُ،
سوڍَا تو ڳَرِ سَاهُه، نَه تَه راڻا گهَٽَا راجَ ۾.

١٧

راڻي سين رِهَاڻِ، ڪَندِي هُيَسِ ڪَاڪِ ۾،
موٽَائي مينڌَرو، اَللهَ اڱڻِ آڻِ،
سي هَنڌَ پَسِئو هَاڻِ، وَجي هِنيُون وِرجِئو.

١٨

ڪَندِي هُيَسِ ڪَاڪِ ۾، هَيِّ راڻي سين رِهَاڻِ،

١. سون، ٢. لڳل، ٣. تندون، تارون، ۴. اي لال، اي سهڻا، ۵. لپيٽيل يا ويڙهيل آهن، ٦. اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو)، ٧. واٽ، گس، ٨. بي حد، گهڻو، ٩. اي دوس، اي دوست، اي يار، ١٠. آسرو، ١١. جيترو، ١٢. (جَوَ جي ان جي) داڻي، ڪڻي، ١٣. سوڍن جا (راڻو سوڍن راجپوتن جي قوم مان هو)، ١۴. گڏجن، ڪٺا ٿين ١۵. سون جي انداز ۾، تمام گهڻا. ١٦. ثاني، جوڙ، همسر، ١٧. اي مينڌرا، اي ٺا (مينڌرا سوڍن راجپوتن جي قوم جو هڪ پاڙو يا شاخ آهي، راڻو مينڌرا پاڙي جو هو)، ١٨. سدائين، هر وقت، ١٩. ڏسان، تڪيان، ٢٠. گسُ، رستو، ٢١. ورائي، واپس ڪري، ٢٢. (هِنَن) جاين يا مڪانن (يعني مومل جي گهر)، ٢٣. توکي آڻيندو، ٢۴. اي سوڍا، ٢۵. وٽ (توڳر = تنهنجي هٿ يا قبضي ۾)، ٢٦. دم، دل، جان، زندگي، حياتي، ٢٧. ملڪَ، علائقي، ٢٨. ڪچهري، مجلس، ٢٩. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ ۽ شهر جو نالو، مومل راڻي جي محبوب ان شهر جي رهاڪو هئي)، ٣٠. اڱڻ تي، گهر ۾، ٣١. جايون، ماڳ، ٣٢. ڏسئو، ٣٣. هينئر، هن وقت، ٣۴. دل، ٣۵. ڦتڪئو، اٿلئو پٿلئو، بي آرام ٿئو، ٣٦. هاءِ افسوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَچِي پَسُو[۱] جيڏِيُون[۲]، پِرِيَن[۳] وڏُوڻُو[۴] پاڻَ[۵]،
سِي هَنڌَ[۶] پَسِي هاڻِ[۷]، وارِيءَ[۸] جيئَن[۹] وِرچِي[۱۰] هِنيُون[۱۱].

۱۹

راڻا[۱۲] رهاڻِيُون[۱۳]، سُودا وِينِي[۱۴] سارِئان[۱۵]،
سَهسين[۱۶] سِڄَ اُلَٽا[۱۷]، راڻِيُون وهاڻِيُون[۱۸]،
ڪوڙِين[۱۹] مُون[۲۰] ڪاڻِيُون[۲۱]، ڏولِئا[۲۲] ڏِکِي[۲۳] آءُ[۲۴] تُون.

۲۰

راڻي ريبارو[۲۵]، توڏانهن مُڪو[۲۶] تَڪڙو[۲۷]،
لُڏوڻان[۲۸] لطيف چئي، مانجهي[۲۹] موچارو[۳۰]،
صُبوح سَوارو[۳۱]، ڪاڪ ڳهڙندو ڪَرهو.

۲۱

توکي ڏٺين ڏارئو[۳۲][۳۳]، ڪَرها ڪَرِ ڪَمائِي[۳۴]،
تُنهنجي سُڌِ[۳۵] سَرواڻ[۳۶] کي، آهي مَعلُوم مِڙيائي،
ڪَرِ چانگا[۳۷] چَڱائِي[۳۸]، تَہ اَچيئي ڪَمِ[۳۹] ڪَشالَ[۴۰] ۾.

---

۱. ڏسو. ۲. اي جيڏيون، اي سرتيون. ۳. محبوب. ۴. رنج يا ناراض ٿئو، ڪاوڙيو. ۵. خود. ۶. جايون، ماڳ. ۷. هن وقت، هينئر. ۸. رتيءَ. ۹. وانگر. ۱۰. هارجي، وهيو وڃي. ۱۱. دل. ۱۲. اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو). ۱۳. ڪچهريون، مجلسون. ۱۴. اي سوڍا يا راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ۱۵. ياد ڪريان. ۱۶. سوين، هزارين، تمام گهڻا. ۱۷. لَنا (سج التا = ڏينهن گذري وڃا). ۱۸. گذري ويون. ۱۹. ڪروڙين، بي شمار. ۲۰. منهنجون. ۲۱. اوڻايون، عيب. ۲۲. اي ڍولڻا، اي ڍولڻ، اي پيارا. ۲۳. لڪائي، ڇپائي، نظرانداز ڪري. ۲۴. اچ. ۲۵. قاصد. ۲۶. موڪلئو، روانو ڪئو. ۲۷. تيز، تکو، جلد. ۲۸. لڏوڻي مان. (لڏوڻو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي هڪ ڳوٺ آهي جنهن جي پرسان ڪاڪ جو شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ۲۹. بهادر، طاقت وارو. ۳۰. سهڻو، محبوب. ۳۱. سويل، سويرو. ۳۲. مالڪن. ۳۳. پاليو. ۳۴. رياضت، جفاڪشي (آخرت جو توشو حاصل ڪرڻ لاءِ). ۳۵. خبر. ۳۶. قافلي ڏٺيءَ، سات ڏٺيءَ، جَتَ، مهندار، اڳواڻ. ۳۷. اي چانگا، اي اٺَ، اي ڪرها. ۳۸. نيڪي، ڀلائي. ۳۹. ڪم ۾ (ڪم اچيئي = فائدي واري ٿيئي). ۴۰. تڪليف جي وقت.

٢٢

كَرَهَا[١]، كَارَڻِ[٢] كَاهَه[٣]، توكي ڏِٺَيَن[٤] ڏَارئو[٥]،
سَاري[٦] ڏيجِ سَيَدُ چَئي، لُڊُوٽي[٧] تَان لاهَه[٨]،
مُقَابِلو[٩] مُومَلَ سين، ٿِيندءُ[١٠] سَنجَهه[١١] صَبَاحَ،
سودِي[١٢] جِيءَ صَلاحَ[١٣]، كَونئُرَ[١٤] چَرَنديَن[١٥] كَاكِ جا.

٢٣

كَرَهَا كَاكَ[١٦] چَري، وَنءُ[١٧] وَٺَانئُون[١٨] نِكري،
لُڊُوٽَان[١٩] لَطِيفُ چَئي، آيو كونَه وَري[٢٠]،
گهَٽَا اتِ گهڙي[٢١]، وَڳُ[٢٢] وِساري[٢٣] هَلِئا[٢٤].

٢٤

نَندو تَان[٢٥] كوهُه[٢٦]، پَرَ وِكُن[٢٧] آهي وِتَرو[٢٨]،
وَجي كَاكَ[٢٩] كَنڌِنِ[٣٠] ۾، پَهَس[٣١] پَكيءَ[٣٢] جيئَن پوءِ[٣٣]،
انَ كُرَ[٣٤] سَندو[٣٥] كوءِ[٣٦]، مَيو[٣٧] مَانو[٣٨] نَه ٿِيي.

٢٥

مَيو مَري ۾ مَاءِ[٣٩]، وَڳُ وِيڳاڻون[٤٠] مَ ٿِيي،

---

١. اي كرها، اي اُٺَ. ٢. واسطي، لاءِ. ٣. كَهَہ، سفر، مسافريءَ. ٤. مالكن. ٥. پاليو. ٦. سنڀالي، خيال يا ڌيان كري. ٧. لڊوٽي جبل (رياست جيسلمير ۾ كاك نديءَ جي كپ تي جبل تي هك ڳوٺ آهي جنهن جي ڀرسان كاك جو شهر آهي جنهن ۾ راڻي جي محبوب مومل رهندي هئي). ٨. هيٺ لهڻ جو عمل، ڦيرو. ٩. ملاقات، مُكا ميلو. ١٠. تنهنجو ٿيندو. ١١. سنجهه صباح = سنجهي يعني سانجهيءَ مهل يا صبوح جي مهل. تمام جلد. ١٢. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ١٣. صلاح سان. راضپي سان، مهربانيءَ سان. ١٤. كنول ول جا گلَ جيكي خوشبودار ٿيندا آهن. ١٥. كائيندين. ١٦. كاك (جا وڻ). ١٧. وڃ. ١٨. وٺن مان. ١٩. لڊوٽي (جي ڳوٺ) مان. ٢٠. موٽي. ٢١. داخل ٿي. ٢٢. وَلر (اُن جا)، يار دوست، كڙم قبيلا. ٢٣. دل تان لاهي. ٢٤. (لڊوٽي ۾) ويهي رهيا. ٢٥. تہ. ٢٦. ڇا ٿيو. ٢٧. وكن ۾ يا قدمن ۾ يعني ڀنڌ ۾ (ڀنڌ كرڻ وقت ٻن قدمن يعني پيرن جي وچ واري وڇوٽيءَ كي وک چئبو آهي). ٢٨. زيادهہ، تيز، تكو. ٢٩. كاك (نديءَ جي). ٣٠. كنارن، كپن. ٣١. زور سان، تكڙو، جلد، يكدم. ٣٢. وانگر. ٣٣. ڀوي. ٣٤. نسل، خاندان، آكهہ. ٣٥. جو. ٣٦. هكڙو بہ. ٣٧. اٺ. ٣٨. ڍرو، آهستي هلندڙ. ٣٩. اي ماءُ، اي امڙ. ٤٠. نڌڻكو، بيگانو، غيباٺو، پريشان.

جَهِين جي اُهاءِ[1]، چَڙهَان[2] چِتَاٽي[3] ڪَنڌِين[4].

٢٦

ڪيڏانهَن ڪَاهِيَان[5] ڪَرهو[6]، چَوڏِس[7] چِتَاٽُون[8]،
مَنجِهين ڪَاڪ ڪَڪوري، مَنجِهين لُڏاٽُون[9]،
راڻُو ئِي راڻُو● نَاهِ[10] راڻي[11] رِءَ[12] ڪِي[13] بِئو[14][15].

٢٧

ڪيڏانهَن ڪَاهِيَان ڪَرهو، چِتَاٽُون چوڏَارَ،
مَنجِهين ڪَاڪ ڪَڪوري، مَنجِهين بَاغ[16] بَهَار[17]،
ڪَانهي بِي تَنوارَ[18]، تِئو مُڙوئي[19] مَينڌَرو[20].

٢٨

مَينڌَرو مِهمَانُ، مُون[21] گَهرِ[22] اَچِي[23] جي تِيي[24]،
تَاڻي[25] تَنُورنَ[26] ۾، پِيري[27] هَٿَان پَاڻُ[28]،
آڻي جهوڪَئان آگِ ۾، جِيري[29] وِجَهَان[30] جَانُ[31][32]،
پِئُڪَنِ[33] سُوڌو پَاڻُ[34]، گَهَرُ[35] تَڙُ[36] گهورِيَان[37] پِرينءَ تَان.

---

١. اُهاءَ سان، وسيلي يا ذريعي سان. ٢. پهچان. ٣. چِتاٽي جي (چِتاٽو هڪ نئِن ۾ هڪ مڪانِ يا ماڳ جو نالو آهي). ۴. ڪنڌين تي، ڪپن يا ڪنارن تي. ۵. ڪهڙي طرف. ٦. وني وڃان. ٧. اٺ. ٨. چوڌاري، چوطرف. ٩. سهائو يا سوجهرو (الله جو نور). ١٠. اندر ئي اندر ۾. ١١. رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نالي سان هڪ ندي ۽ ان جي ڪپ تي لُڊاڻي جبل جي پرسان ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ راڻي جي محبوب مومل رهندي هئي. ١٢. لاڙُ، ڳاڙهي (چون ٿا تہ ڪاڪ نديءَ جو پاڻي ڳاڙهو هوندو هو). (ڪاڪ شهر جا وڻ ڪڪورجڻ يعني انگورجڻ يا ڳوٺڇن جهلڻ جي حالت ۾ آهن). ● هر جاءِ صرف راڻو (مومل جو محبوب) موجود آهي يا صرف راڻي جي تعريف پئي هلي. ١٣. ڪونهي. ١۴. ڪان سواءِ. ١۵. ڪجهہ. ١٦. گلن ۽ ميويدار وڻن جا جُهڳٽا يا مجموعا، چمنَ، بُستانَ. ١٧. سرسبز، دل کي وڻندڙ. ١٨. وائي، پچار. ١٩. سڀ. ٢٠. راڻو (راڻو سوڍا راجپوتن جي قوم جي مينڌرا ٻاڙي مان هو). ٢١. گهر ۾ رهيل يا ترسيل (ٿوري عرصي لاءِ) ڌاريون ماڻهو، مزمان. ٢٢. منهنجي. ٢٣. گهر ۾. ٢۴. جيڪڏهين. ٢۵. ڪِهلي. ٢٦. ڪورن يا ٻاهہ جي ڀٽين. ٢٧. ڦيري، ڦيرائي. ٢٨. ٻانئڻ، تڪبر، خودي، آپو، هَٺَ. ٢٩. وجهان، داخل ڪريان. ٣٠. ٻاهہ، مچ، ڇيري. ٣١. ڇيري ۾. ٣٢. علم، عقل، آپو. ٣٣. پيءُ يعني ابي جي خاندان جي ماڻهن. ٣۴. سميت. ٣۵. پاڻ کي. ٣٦. خود کي. ٣٦. گهر تڙ = ٻار ٻچا، آل اولاد. ٣٧. قربان ڪري.

۲۹

حَالُ[1] قُرْبَانُ[2] مَالُ[3] قُرْبَان، جَانِ قُرْبَانُ، گهورِيَّان[4] لُڏاڻُو[5]،
فِدا[6] ٿِيءَ فَقِيرِ[7] سِين، رُسِي[8] مَ رَاڻُو[9]،
مُيِنِ[10] سِين مَاڻُو[11]، مُنَاسِبُ[12] نَہ مَينڌَرا[13].

۳۰

لُونِيَسِ[14] لُڏَاڻي، پَسَان جو پِرِيَنِ ري،
جيڏِيُون[15] جيهَائِي[16] کِي، سيجَ[17] سُجِي[18] رَاڻي،
هَلِبو هَاڻي وِبَرا[19] کَاکِ وِهُہ[20] ٿِي.

وائي

نِئي[21] نِئي ڏيجِ اي اَدا، پَانڌِي[22] پِرِينءَ[23] سَنِيهو[24]،
کَالَهہ کُومَاڻا[25] گُلَڙا سُکا مَٿي سيجَ،
تو لَئي هَنجُون[26] هَارِيَان[27]، هَيِّ[28] جي مَنجهان هيجَ[29]،
جِيئَن[30] آن[31] پيرو[32] نَہ کِئو، تيئَن[33] مَان[34] مُئِي[35] سُٽيجِ[36].

---

۱. هستي، وجود، جان، تن، بدن، ۲. صدقو، ۳. ڌن، دولت، ملڪيت، متاع، ۴. صدقو يا قربان ڪريان، ۵. رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي پرسان هڪ جبل جي لڳ هڪ ڳوٺ جو نالو جنهن پرسان ڪاڪ جو شهر آهي جنهن ۾ راڻي جي محبوب مومل رهندي هئي، ٦. فدا ٿيءَ = فدا ٿيل، صدقي يا قربان ٿيل، ۷. فقيرياڻيءَ، مسڪين، غريب (مومل)، ۸. ناراض يا رنج ٿئي، ۹. مومل جي محبوب جو نالو، ۱۰. فنا ٿيلن، (عشق ۾) برباد ٿيلن، ۱۱. روسا مون يا ناراضگي، ۱۲. واجب، ۱۳. اي مينڌرا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ۱۴. مونکي لوڻو ڪيو، مونکي ساڙيو يا جلايو يا لوسيو، مونکي سجو يا پينگيو ڪئو، ۱۵. جيڏيائي، هيڏي جٺ يا ويڏن، ۱٦. ڪئي، ۱۷. شاديءَ جي وقت ڳهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريل ڪٽ يا بسترو، ڇپرڪٽ، ۱۸. خالي، ۱۹. ان وير يا ويل، بروقت، ۲۰. ڪَڙي، اڻ وڻندڙ، حقارت يا نفرت جي لائق، ۲۱. ڪٺي، ۲۲. پاءَ، پائو، ۲۳. قاصد، پانڌيئڙا، واٽهڙو، ۲۴. پيغام، نياپو، ۲۵. مرجهائجي يا سُڪي وئا، ۲٦. ڳوڙها، لڙڪ، آنسون، ۲۷. ڳاڙيان، وهايان، ۲۸. هاءِ افسوس، ۲۹. پيارَ، سڪ، ۳۰. جيڪڏهين، ۳۱. اوهان، ۳۲. ڦيرو، موٽي اچڻ، ۳۳. تہ، ۳۴. مونکي، ۳۵. مُئل، ۳٦. ٻڌج.

بِسمِ اللّٰهِ الرّحمٰنِ الرّحِيم

سُرِ رَاڻُو

داستان پهريون

١

جهَڙا گُلَ گُلابَ جا، تهَڙا مَٽَنِ[١] ويسَ[٢]،
چوٽا[٣] تيلَ[٤] چَنبيلئا، هَاهُوءَ[٥] جي هُمَيشَ[٦]،
پَسئو[٧] سُونهَن[٨] سَيِّدُ چئي، نينهَن[٩] اَڇَنِ نيشَ[١٠]،
لاَلَڻَ[١١] جي لِبيسَ[١٢]، آتَڻِ[١٣] اکَرُ[١٤] نَه اُجَهي[١٥].

٢

جهَڙا پَانَنِ[١٦] پَنَ، تهَڙيُون شَالُون[١٧] مَٿَنِ سَايُون،
اگَرَ[١٨] ۽ عَنبيرَ[١٩] سين، تَازا[٢٠] کئائُون تَنَ[٢١]،
مَڙهئا[٢٢] گهٽُو مُشڪَ[٢٣] سين، چوٽا سَاڻُ چَندَنَ[٢٤]،
سُونهَن[٢٥] رُپي[٢٦] سُونَ سين، سَندا[٢٧] کَامَڻِ[٢٨] کَنَ،
کئائُون لاَلَ[٢٩] لَطيفُ چئي، وَڏا[٣٠] ويسَ وَرَنَ[٣١]،
مَنجهِه[٣٢] مَرکِيسِ[٣٣] مَنَ[٣٤]، نَه سُودي[٣٥] سين سَڱُ[٣٦] ٿئو.

---

١. انهن يعني (راڻي جي محبوب) مومل ۽ اُن جي ڀينرن مٿان. ٢. پوشاڪون. ٣. (مٿي جا) وارَ. ۴. تيل چنبيلئا = چنبيليءَ (جي گلن) جي تيل سان سٿيا ڪيل. ۵. آهوءَ يعني هرڻ جي دن مان ڪڍيل مشڪ. ٦. هُميش سان، سُرهاڻ سان. ٧. ڏسئو. ٨. حسن يا سوڀيا (مومل ۽ ان جي ڀينرن جي). ٩. نينهن ڪي، عشق ڪي. ١٠. ڏندَ (جوانيءَ يا پڪائيءَ جي نشاني) (جنهن به اُٺ کي سڀ ڏند يا نيش اچي ويندا آهن تڏهين چئبو آهي ته اُٺ جو ان ٿئو آهي). ١١. سهڻي يا دلبر (مومل). ١٢. لبيس (کي ڏسي)، ويس وڳن يا هار سينگار (کي ڏسي). ١٣. آتڻ ۾ يعني سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾ يا زنانخاني يا حرم سراءِ ۾ (موجود زالن کي). ١۴. حرف يا لفظ (ڳالهائڻ). گفتو (ڪڍڻ). ١۵. اُکلي يا نڪري (حيرت جي ڪري). ١٦. پانن جا (پانُ هڪ قسم جي ول، آهي جنهن جا پن چهچ ساوا ٿيندا آهن). ١٧. اوني يا ريشمي لوڻيون يا چادرون. ١٨. عود. خوشبودار دوا. ١٩. ڪاري ميڻ جهڙي خوشبودار شيءِ. ٢٠. تر، سٿيا، مرطوب. ٢١. بدن. ٢٢. ويڙهيل. ٿقيل. ڳتل. ڳنڌيل. ٢٣. ڪٿوريءَ. بنان سڱن واري هرڻ جي دن مان نڪتل خوشبودار مادي. ٢۴. سندل (جي تيل). ٢۵. سهڻا يا خوبصورت لڳن. ٢٦. رُپي سون = چانديءَ ۽ سونِ جي زيورن. ٢٧. جا. ٢٨. سهڻيءَ يا حَسِين زال. ٢٩. ڳاڙهي، سهڻي. ٣٠. اُتم. اعليٰ. ٣١. ورن سين، رنگ سين. ٣٢. ۾، اندر. ٣٣. سَرَهي يا خوش ٿيس. ٣۴. دل. ٣۵. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٣٦. ناتو، تعلق، دوستي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳

سُون[1] وَرَنِيُون[2] سُودِيُون[3]، رُپي[4] رَانِديُون[5] ڪَن،
اَگَر[6] اوطاقُن[7] ۾، ڪَٿُوريُون[8] ڪَٿُن[9]،
اوتِيَائُون[10] عَنبير[11] جا، مَتي[12] تَاڪَ[13] تَڙَنِ[14]،
بَاتَنِ بَيلهُون[15] بَڌِيُون[16]، پَسِئو سُونهَن سَڙَن[17]،
تِئا لاَهُوتي لطيف چَئي، پَسَڻَ لاءِ پِرِيَن،
اجهي تَا[18] اَچَنِ، ڪَاڪِ[19] ڪَڪورئَا[20] ڪَاپَڙي.

۴

هُو جي ڪَاڪِ ڪَڪورئا ڪَاپَڙي، تَن لَهي نَه لاَلي[21]،
ڪَري[22] ڪيپَ[23] خُمارئا[24]، مَي پِي[25] مَوَالي[26]،
ڪَري حَاصُلُ[27] هَلئا، ڪَيفِيَت[28] ڪَمالي[29]،
وَتَن[30] وِصَالي[31]، لُدُوٽِئَان[32] لُوڏي[33] تِئا.

۵

لُدُوٽِئَان لوڏي تِئا، وَتَن مَنجهه وِصَالَ،
اَجُ اَرَتو[34] اکِين[35]، ڪَاڪِ[36] پِيتَائُون ڪَالهَه،

---

۱. سون جي، ۲. رنگ جهڙيون (سون ورنيون = تمام سهڻيون). ۳. سوڍا راجپوت قوم جون زالون. ۴. رُپي سان، چانديءَ سان. ۵. دل وندرائين، رونشو ڪن (رُپي رانديون ڪن = انهن جي نطر ۾ چانديءَ کي ڪا قيمت يا اهميت ڪانهي). ٦. عود، خوشبودار دوا يا پسارَ جي شيءِ. ۷. گهرن، محلاتن. ۸. مشڪ جون سُرهاڻيون يا خوشبويون. ۹. (ڪتن تي وڇايل) بسترن ۾. ۱۰. هاريائون، ليٽايئون، پلٽيائون. ۱۱. ڪاري ميڻ جهڙي، خوشبودار شيءِ يا پسار جو وکر، عنبر. ۱۲. (پنهنجي) مٿان يعني بدن تي. ۱۳. (گيهه يا تيل وجهڻ لاءِ)، چمڙي جون دٻيون، پتاڙيون. ۱۴. تڙن تي، درياهه وغيره جي ڪناري تي اُهي هنڌ جتان پاڻي ڀرجي يا وهنججي، وهنجڻ جي جاين تي. ۱۵. نوجوانن (عاشقن)، حقيقت ٻاتَ يا ٻاتي وٽن جي ڳلن جي مکڙين يا ٻور کي چئبو آهي جنهن سان نوخيز جوانن ۽ ڳڀرن کي اصطلاح طور تشبيهه ڏني ويندي آهي. ۱٦. ٻيلهه ٻڌڻ = ٻٽ ٻڌڻ يعني ٻه ٻه ٿي اچڻ يا گهٽي رَش ۽ پيڙ ڪرڻ. ۱۷. جلن، ڪامن. ۱۸. ڄاڻ تہ. ۱۹. ڪاڪ جا (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ان جي ڪپ تي گوٺي جي ڳوٺ لڳ هڪ شهر جو نالو آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ۲۰. رگيل يا رتل (عشق ۾) يعني مومل جا عاشق. ۲۱. (عشق جي) ڳاڙاهڻ، ڳاڙهو رنگ. ۲۲. پڪي، سخت، چوکي، ڏاڍي. ۲۳. نشي، ۲۴. بي هوش يا مدهوش ڪئا. ۲۵. مَي پِي = مي پيئندڙ، شراب پيئندڙ. ۲٦. نشو واپرائيندڙ، نشئي. ۲۷. حاصل ڪري = پرائي. ۲۸. ڪيف، نشو. ۲۹. پورو، مڪمل. ۳۰. رلن، ڀٽڪن. ۳۱. وصال جا يا مومل جي ميلاپ جا طالب. ۳۲. لدوٽي ڳوٺ کان. ۳۳. ڏڪاريل، هڪاليل، ناڪام. ۳۴. ڳاڙهو رت، رت جا ڳوڙها. ۳۵. اکين ۾. ۳٦. ڪاڪ (نديءَ) جو پاڻي.

وِيٺي وِيچارَن وِسري، صَباحَ[1] جي سَنيالَ[2]،
پَريءَ[3] کان پاسي[4] ٿِئا، اي مامُوين[5] مِثالَ[6]،
جانِبَ[7] جي جَمالَ[8]، رڱي[9] سَڀِ ريٽو[10] ڪِئا.

٦

رَڱي[11] جي ريٽو ٿِئا، ڪينَ اُباتِجَنِ[12] اوءِ[13]،
ڪُنبُ[14] نہ ڪاري[15] تنهن کي، جو هالاري[16] هوءِ[17]،
تُوڙي[18] ڏوبي ڏوءِ[19]، تُوءِ[20] لالي تَنهين نہ لَهي.

٧

چَندَنَ[21] سين چڪَ[22] ڪئو، جت ڏورُون[23] ڏُون[24]،
اُچنِ پوُنَرَ[25] پِنيُولئا[26]، پاٽيءَ تَهين پُون،
راوَلَ[27] رَتو رُون[28]، ڪو وَهُہ[29] لڳو واسُوئين[30].

٨

چَندَنَ سين چِڪَ ڪَري، جِت رانيائِين[31] راٽي کي،
هاٽي اُنين پيٽيين[32]، ورهہ[33] وَراڪا[34] ڏي،
سوڍو[35] سَجُ[36] ڪَري، مُومَلَ ماٽي[37] هَلِئو.

---

١. صبوح. سياٽي. ٻي ڏينهن (قيامت). ٢. يادگيري. اونَ. ٣. خوبصورت يا حسين يعني مومل. ٤. پاسي يعني پري يا جدا رهڻ ڪري. ٥. ماموئي درويش جيڪي غيب جون خبرون ٻڌائيندا هئا. ٦. جهڙا، وانگر، برابر. ٧. جانيءَ، محبوب. ٨. سونهن، حسن. ٩. رنگ ڏيئي، پاهہ ڏيئي. ١٠. ڳاڙها، رتل، لالَ. ١١. رڱجي. ١٢. رنگ ڇڏين، ڦِٽن. ١٣. اُهي. (١٧. ميرن ڪپڙن کي ٺهڪائڻ لاءِ ڪُنيءَ يا ڏوٻيءَ جي ٻني، ڪورو يا ديگ. ١٥. ڦِٽائي، رنگ لاهي. ١٦. هالار شهر جي ڏوٻين يا ڪتين جو رڱيل (هالار شهر رياست ڪڇ ٻج ۾ آهي. ١٧. هجي. ١٨. جيتوڻيڪ. ١٩. ڌوئي. ٢٠. تہ بہ. ٢١. چندن يعني صندل (جي خوشبودار ٻوري). ٢٢. پاٽيءَ کي ڇڪار. ٢٣. (سوڍا راجپوتن جون) زالون يا عورتون. ٢٤. ڪيڙا ڏون ٿيون يا متو ڏون ٿيون يعني وهنجن ٿيون. ٢٥. واحد ٻونٽر = ڪاري رنگ جو اُڏامندڙ جيت. ٢٦. ٻلجئو. موهجئو. مست ٿئو. ٢٧. شهزادا. راجائون. عاشق. ٢٨. ڳاڙهو (ٻاٽي). رت جا لڙڪ. ٢٩. عشق جو جوش يا جذبو. ٣٠. واسوئن کي. (مومل جي عشق جو) واسَ وٺندڙن يا خوشبوءِ حاصل ڪندڙن کي. ٣١. موهيائين. ريجهايائين. راضي ڪيائين. ٣٢. ٻيٺين تي، جاين تي. ٣٣. فراق. وڇوڙو. غم. ٣٤. چڪرَ. گهمتاريون. ٣٥. راڻو (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٣٦. ٻيٺگ. ويراني. ٣٧. هٽ ڪري. قبضي ۾ ڪري. مومل سان ميلاپ ڪري.

٩

ڏاتيءِ[1] ڳهٿا اَڇن، مَنُ[2] سوڏلَ[3] وندَسئو[4]،
ڪا جا لائي[5] مَيندَري[6]، لالي[7] ڪي لڳن[8]،
راڻو اکَڙين[9]، ڪنهن قولِ[10] نه وِسري[11].

١٠

لوڏي[12] لَڪَ[13] اَڇن، رُوءِ[14] راڻي جي ناهہ ڪو،
هِڪُ اکيون پئا اگڙا[15]، پَرِ[16] م ٿا پڇن[17]،
سي ڪيئن ميندَرا[18] مَڇن[19]، جي تو سوڏا[20] سُوريءَ[21] چاڙهيون.

١١

رُوءِ راڻي جيءَ ناهہ ڪو، سوڏو سَوائي[22]،
لُڏوٽان[23] لطيف رح چئي، لالي تنهن لائي،•
ڪانهي ٻي وائي[24]، ٿئو مِڙوئي[25] مَيندَرو.

١٢

رُوءِ راڻي جيءَ ناهہ ڪو، سوڏو سَيني[26] سُونهن[27]،
لاٿائين لطيف رح چئي، مَٿان، دلين[28] ڏُونهن[29]،

١. ڏٽ جا رهاڪو (ڏٽ ٿر علائقي جو هڪ ڀاڱو آهي، مومل جو محبوب راڻو ڏٽ جو رهندڙ هو)، ٢. دل، ٣. سوڏي يعني راڻي (راڻو سوڏا راجپوت قوم مان هو)، ۴. سوگهو يا قابو ڪئو، (محبت جي ڏاڪي ۾ پوئي چڙهيو) ٥. لڳائي، مکي، ٦. راڻي -ميندرا سوڏا قوم جو هڪ پاڙو آهي)، ٧. لالاڻ يا ڳاڙهاڻ، ميندي، ٨. (منهنجي بدن جي) عضون، ٩. اکڙين کان، اکين يا نيڻن کان، ١٠. قول سان، شرط سان، دلاسي يا آسري (ڏيڻ سان)، ١١. ڀلجي، ١٢. لوڏي، لوڏ وارا، شڪاري، امير، حاڪم، ١٣. سوين، هزارين، لکين تمام گهڻا، ١۴. مهانڊي يا صورت جهڙو سونهن يا سوڀيا جهڙو، ١٥. عضوا، ١٦. اندر، ١٧. سڙن، جلن، ڪامن، ١٨. اي ميندرا، اي راڻا، ١٩. بدن تي ماس چاڙهين، سگهاريون ٿين، ٢٠. اي سوڏا، اي راڻا، ٢١. سوريءَ تي، (ڀالن ۽ نيزن سان جڙيل (ڪٺ مثل) ڪاٺ جو چونڪ جنهن تي پراڻي زماني ۾ ڏوهارين کي اڇلائي ماريندا هئا ان کي سوري چئبو هو) (سوريءَ تي چاڙهيون = عشق جي عذاب ۾ وڌيون)، ٢٢. سوايو، سرس، وڌيڪ، ٢٣. لڏوٽي مان (لڏوٽو يا لڏاٽو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي هڪ ڳوٺ آهي جنهن جي پرسان ڪاڪ جو شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، • ميندیءَ جي لالاڻ يا ڳاڙهاڻ فقط هن يعني ميندري لاتي يعني ان ئي مومل سان شادي ڪئي، ٢۴. ٻچار، ڳالهہ، ٢٥. سڀ ڪجهہ، ٢٦. سين جي، ٢٧. سينگار، مرڪ، فخر، ٢٨. قلبن، ٢٩. ڪاراڻ، ڪارٺ، زنگ، ڪَسُ.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

ڪانهي ٻي ورونهن[1]، تئو مڙوئي[2] ميندرو[3].

١٣

روءِ[4] راڻي جيءَ ناهه ڪو، سوڍا[5] ٻئا سُڄاڻ[6]،
نسورياڻي[7] نينهن[8] جي، ڪشئائين[9] ڪمان[10]،
ڇڏي[11] ويا ڇوهه[12] ۾، دعوائون[13] ديوان[14]،
ٻئي[15] رهيائي[16] ڪان، تئو مڙوئي ميندرو.

١٤

ڪاڪ[17] ڇڏئائون ڪنڌ[18] ۾، پاڻان[19] ويا پٺي[20]،
لوڏيئن[21] لطيف چئي، سوڍو[22] ڪئو سهي[23]،
مومل ماڳ[24] رهي[25]، تئو مڙوئي ميندرو.

١٥

ڪاڪ ڇڏئائون ڪنڌ ۾، پاڻان ويا پري،
اُن ڪي ناتر[26] ڪوهه[27] ڪري، جي لُڊوڻان[28] لنگهي[29] ويا.

١٦

ڪاڪ نه جهلئا[30] ڪاپڙي[31]، موهئا[32] ڪنهن نه مال[33]،

---

١. يادگيري، ويچار، ونڊر، ٢. سڀ ڪجهه، ٣. راڻو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو)، ٤. روءِ جهڙو، منهن مهانڊي جهڙو، سونهن يا سوڀيا جهڙو، ٥. سوڍا راجپوت قوم جا ماڻهو، ٦. ڄاڻو، عقلمند، ڏاها، سياڻا، ٧. نج، خالص، کري، پڪي، ٨. عشق، ٩. تاڻيائين، سڃيائين، ١٠. سينگ، ڌنش، چاپ، ١١. ترڪ ڪري، ١٢. تيزيءَ، جلديءَ، ١٣. حق واسطا، حجتون، ١٤. امير، سگهڙ يا شريف ماڻهو، ١٥. ٻي ڳالهه يا ٻيو ذڪر، ١٦. ٻچي، ١٧. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ان نديءَ جي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ١٨. ڪنڌ ۾ = پاسي تي، هڪ طرف، ١٩. پاڻ، خود، ٢٠. پوئتي، واپس، پري، ٢١. لوڏين، شڪارين، اميرن، حاڪمن (راڻي جي يارن)، ٢٢. راڻو، ٢٣. سوگهو، قابو، ٢٤. ماڳ تي، جاءِ تي، (ڪاڪ جي) محلات ۾، ٢٥. (هميشه لاءِ) رهجي وئي، اهميت وڃائي ويٺي، ٢٦. مومل جي ٻانهيءَ جو نالو، ٢٧. ڇا، ٢٨. لڊوڻي مان (لڊوڻو يا لڊاڻو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي ڪاڪ شهر جي پرسان جبل تي هڪ ڳوٺ آهي، ٢٩. هلئا، لڏي، ٣٠. روڪئا، ٣١. جوڳي يا سنياسي فقير، تارڪ الدنيا درويش، سچا عاشق، ٣٢. هرڪايا، لالچايا، فريفتا ڪئا، ٣٣. ڌن، دولت، ملڪيت، ٻڌارت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُودِيُون[1] سِجَهائِي[2] هَلِئا، هَيْ[3] تَنِيْ[4] جي حالَ[5]،
جي[6] چُورنِ[7] ڏنا چالَ[8]، تہ لاهوتِي[9] لَنگهي[10] وِئا.

١٧

ڪاڪِ نہ جهلِئا ڪاپَڙي، موهِئا نہ مَحلَنِ[11]،
ٻانهِيُن[12] ۽ ٻائِن[13] جي، ٻنڌڻ[14] ڪين ٻَجهَنِ[15]،
لَڪين لاهُوتِيَنِ، اهَڙيُون اوري چَڏيُون[16].

١٨

اهَڙيُون اوري چَڏي، وِئا لاهُوتي لَڪَ،
پايو[17] پَتِين[18] وِينِيُون، ڪاڪِ[19] ڏجاٽِيُون[20] ڪَڪَ[21]،
پيئِي اِيءَ پَرَڪَ[22]، تہ سُودِيُون سِجَهائِي هَلِئا.

١٩

جان جان[23] ناهہ نَصِيبَ[24] ۾، مُومَلَ[25] مينڌرو[26]،
پُوندوءِ[27] جمر[28] پانهين[29] وربَنِ[30]، مَنجهان پِرتِ[31] پَرو[32]،
راڻي لَئي مَرو[33]، ويهہ طَعني[34] سين واگجي[35].

---

١. سوڍا راجپوتن جو عورتون يعني مومل ۽ ان جون ساهيڙيون. ٢. (هلڪيءَ يا ڌيميءَ باهہ ۾)، ساڙي، جلائي، پچائي. ٣. هاءِ افسوس. ۴. سوڍين ڏانهن اشارو. ۵. حال تي، حالت تي. ٦. جيڪڏهين. ٧. ڇوڪرين يعني نوجوان عورتن (سوڍين). ٨. ٺپا، ٻل، اچانگ (چال ڏنا = ناز نخرا يا ماٺا ڪئا). ٩. جوڳي يا سنياسي فقير، تارڪ الدنيا درويش، ڪاپڙي. ١٠. هَلئا. ١١. محلاتن، شاهاڻين جاين. ١٢. نوڪرياڻين، گولين. ١٣. گهر ڌڄاڻين يا مالڪياڻن، سانڻن، راڻين. ١۴. ٻنڌڻ ۾، (محبت جي) نوڙيءَ يا رسيءَ ۾. ١۵. ٻڌجن، روڪجن. ١٦. مِنَ ياسي يا مِن هنڌ (هن دنيا ۾). ١٧. وجهيو (مٽي ۾). ١٨. ماتم ڪن، روح رازو ڪن. ١٩. ڪاڪجون. ٢٠. مالڪياڻيون (مومل ۽ ان جون ڀيڻرون). ٢١. ڳنڍ ڳهَڻ، ڪِن ڪچرو، ڌوڙ. ٢٢. خبر، سُڌِ. ٢٣. جان جان = جيستوڻيڪ، جيئن تہ، جاڪاڻ تہ. ٢۴. قسمت، ڀاڳ. ٢۵. اي مومل. ٢٦. راڻو (مومل محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو). ٢٧. توکي پوندو، توکي معلوم ٿيندو. ٢٨. متان. ٢٩. پوئتي. ٣٠. موٽين. ٣١. سڪ، پيار. ٣٢. پتو، سُڌِ، خبر. ٣٣. روح رازو ڪر. ٣۴. (راڻي جي) ميهڻي، لڪڻ ڇڏي وڃڻ جي عمل. ٣۵. سلاڙجي، ٻڌجي (ويهہ طعني سان واڳجي = طعني کي ياد ڪندي رهج)، راضي ٿي.

٢٠

مُومَلَ[1] نَاهِ مَينڌَرو[2]، جَانَ[3] جَان مَنجهه نَصِيبَ[4]،
مُون کي مُون[5] حَبِيبَ[6]، طَعنُو[7] ئي تُنهِنجو.

٢١

طَعنُو سُٽي[8] تُنهِنجو، حَالُ[9] وِجَايُمِ[10] حَقَ[11]،
لَکين[12] لُوڌِي[13] آيا، سُوڌِي[14] لاٿَمِ[15] شَڪَ[16]،
ڏَنَمِ[17] ڪَاڪِ[18] ڪَهڪَ[19]، سِگهو[20] مُوٽِجِ[21] سُپِرِين[22].

٢٢

آئون طَعني سُوڌِي[23] تُنهِنجي، مُون[24] طَعنُو ئي تُون،
سو ڪِي سَرِيوسُون[25]، جو سَرِتِيءَ[26] کِنهِن نَه سَرِئو.

وائي

سَائِينءَ[27] ڪَارَڻِ سُپِرِين[28]، مَيو تُون[29] مُونَاءِ، مُونَ[30] واجهِيندي[31] وِهَاءِ[32]،
سَنمِ[33] سَاهيڙين جَا، طَعنَا توهين لاءِ،
گهَرَ[34] مَهَارا[35] گهورِيَان[36]، سُرَهو[37] مُون[38] نَه سُهَاءِ[39].

---

١. مومل کي (راڻي جي محبوبہ جو نالو مومل هو). ٢. راڻو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو). ٣. جان جان = جيتوڻيڪ، جيئن تہ. ٤. قسمت يا ڀاڳ. ٥. منهنجا. ٦. محبوب. ٧. ميهڻو، لڪڻ ڇڏي وڃڻ وارو عمل. ٨. ٻڌي، معلوم ڪري. ٩. جوت، سگهہ، هستي، رنگ ڍنگ. ١٠. مون وڃايو، مون ضايع يا تباهہ ڪئو. ١١. اي (منهنجا) حق، اي ٻتارَ. ١٢. لکن جي تعداد ۾. ١٣. لوڌي، لوڌ وارا، شڪاري، امير، حاڪم. ١٤. راڻي. ١٥. منهنجا لاٿا يا ختم ڪئا. ١٦. وهمَ، گمانَ. ١٧. مونکي ڏنا. ١٨. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ءِ ان جي ڪپ تي هڪ شهر جنهن ۾ رهندي هئي. ١٩. وڏَ، ڇير، ڇهڪ، ڌَڪَ، عذابَ. ٢٠. جلد. ٢١. واپس ٿج. ٢٢. اي سپرين، اي پرين. ٢٣. سان. ٢٤. منهنجو. ٢٥. اسانکي (مونکي) سريو يا مليو يا حاصل ٿئو. ٢٦. سهيليءَ، جيڏيءَ، همسر. ٢٧. ڌڻيءَ، مالڪ، خدا. ٢٨. واسطي. ٢٩. اُٿ. ٣٠. مونکي. ٣١. انتظار ڪندي. ٣٢. (رات) وهامي يا گذري وئي. ٣٣. مون سٺا، مون برداشت ڪئا. ٣٤. جايون، محلاتَ. ٣٥. سيج پلنگَ، هندورا. ٣٦. ٻن ڏيان، ڪڍ ۾ وجهان، قربان ڪريان. ٣٧. خوشبوءِ، سرهاڻ. ٣٨. مونکي. ٣٩. سونهي، جڳائي.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

ڪَاڪِئَان[1] وَجَڻُ ڪَيِذْهِين[2]، رَاٺَا[3] تَو[4] نَہ رِهَاءِ[5]،
سُودَا[6] سُکِيَاٽِي[7] تِيَان، پِيَر[8] پَرَچِي[9] پَاءِ[10].

وائي

جِيءُ[11] جِيَارِئو[12] جَنِ، سَجَڻَ[13] مَان نَہ[14] اَچَنِ،
مُنهِنجو پَرَ ڏيهِي[15] رَاٺُو ڪَا وَارِي[16]،
هِينئَڙَا[17] تِيءُ مَرَ ڪَانهَلو[18]، سَدَا[19] سَانگَ پَوَنِ[20]،
ڪَاٽيُون[21] لونيُون اڪيُون[22]، مُنيُون[23] مَاٺَ[24] نَہ ڪَنِ،
اَدِيُون عَبدالطيف چئي، مَرُ[25] تَا چَاڪَ[26] چِڪَنِ[27].

١. ڪاڪ مان (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو آهي ۽ ان جي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ٢ ڪنهن طرف يا پاسي ڏانهن. ٣. اي راٺا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو)، ۴. توکي، ۵. مناسب يا واجب آهي، جڳائي، ٦. اي سوڍا (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٧. سکي، آسودي، آرامي، ٨. قدمَ، ٩. راضي ٿي، ١٠. وِجهہ (منهنجي گهر ۾)، ١١. جان، دل، ١٢. زندهہ يا جيئرو ڪئو، ١٢. محبوبَ، ١۴. مان نہ = شل، خدا ڪري، ١٢. پرديسي، ١٦. موٽائي، ١٧. اي هينئڙا، اي دل، ١٨. سُست، موڳو، هيٺو، ١٩. سدائين، هميشہ، ٻلي، ٢٠. وڇوڙا، جدايون، ٢١. سڙيلون، جليَلون، لوڻيون يا لهسيلون (باهہ جون)، ٢٢. نيڻ، ٢٣. مثل، مصيبت جا ماريل، ٢٧. چپ، صبر، ٢۵. ٻلي، ٢٦. زخم، ڦٽ، ٢٧. وري خرابُ ٿين، رسجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر راڻُو

داستان ٽِئو

١

راڻي[1] جِيءَ رهاڻ[2] ۾، ڪو آديسي[3] آيو،
چوڏهينءَ[4] ماهه[5] چنڊ جيئن[6]، ڪئو ساميءَ سهائو[7]،
لٿو[8] اونداهو[9]، جوڳيءَ سنديءَ[10] جوت[11] سين.

٢

راڻي جيءَ رهاڻ مان، ڪو آيو آديسي،
ڪٿوريءَ[12] خوشبوءِ[13] سين، ولات[14] سڀ[15] واسي[16]،
سُوڌو[17] سناسي[18]، اُتاهين[19] تي آيو.

٣

ڪالهه[20] گڏيو[21] سون ڪاپڙي، پهر[22] سج[23] ڪان پوءِ[24]،
پسو[25] سونهن[26] ساميءَ جي، رت[27] ورنو[28] روءِ[29]،
جو مُنهن[30] مومل جي پوءِ، موٽڻ[31] تنهن[32] مس[33] ٿئي[34].

---

١. مومل جي محبوب جو نالو، ٢. مجلس، ڪچهريءَ، ٣. جوڳي فقير، سامي فقير، ڪاپڙي، (ڪو آديسي = عجيب فقير، ٤. مهيني جي چوڏهينءَ تاريخ يعني پورنماسيءَ جي . ٥. چنڊ قمر. ٦. وانگر، ٧. روشني، سوجهرو، ٨. ختم ٿئو. ٩. اونداهي، انڌوڪار، ١٠. جي، ١١. روشنيءَ، ١٢. ڪٿوريءَ جي، مشڪ جي (بنان سڱن هرڻ جي ڏنَ مان نڪتل خوشبودار مادي کي ڪٿوري يا مشڪ چوندا آهن)، ١٣. سرهاڻ، ١۴. ملڪ، ڏيهه، ١٥. سموري، ١٦. واسجي وئي، سرهي يا خوشبودار ٿي، ١٧. سچار، داناءُ، عاقل، خوبصورت، سهڻو، سمجهو، پورو، مڪمل، ١٨. رمتو يعني سيلاني فقير، تارڪ الدنيا درويش، ١٩. ان هنڌ ڪان (محبوب وٽان)، ٢٠. گذريل ڏينهن، ٢١. اسان کي گڏيو يا مليو، ٢٢. (ڏينهن يا رات جي) چوٿين حصي، ٢٣. سجَ يعني ڏينهن جي، ٢۴. گذرڻ بعد، ٢٥. ڏسو، ٢٦. حسن، سوڀيا، ٢٧. رت جي، ٢٨. رنگ جهڙو (پاٽي)، ٢٩. روئي، ٣٠. منهن ۾، روبرو، ٣١. پوي، ٿئي، ٣٢. واپس ٿيڻ، ٣٣. تنهنجو، ٣۴. مشڪل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

كَالَهه[1] گَڏيوسُون[2] ڪَاپَڙي[3]، جِهَڙو مَاهه[4] مُنيرُ[5]،
فَيضُ[6] فِراقُ[7] فَقيرُ، جوڳِي جَاڳائي[8] وِئو.

۵

كَالَهه گَڏيوسُون ڪَاپَڙي، بَابُو[9] بيڪَاري[10]،
سَامِيءَ[11] سيلو[12] سِرَ[13] تي، مَالَها[14] موچَاري[15]،
ڏيئِي[16] ڏيکَاري، فَقيرُ[17] دلِ ڦَٽي[18] وِئو.

٦

كَالَهه گَڏيوسُون ڪَاپَڙي، بَابُو پَاڻَ بَري[19]،
سَائِي[20] شَالَ[21] ڪُلهَن[22] ۾، سَامِيءَ سُونَ[23] سَري[24]،
خَبَرَ[25] ڏيهُون[26] ڪَري[27]، ڪَا مُومَلَ جي مَجَازَ[28] جي.

٧

كَالَهه گَڏيوسُون ڪَاپَڙي، بيڪَاري ۾ بَرَ[29]،
ڪَري تِنهِن خَبَرَ، ڪَامِلَ[30] ڏِني ڪَاڪِ[31] جِي،

---

١. گڏريل ڏينهن، هڪ ڏينهن اڳي، ٢. اسان کي گڏيو يا مليو، ٣. جوڳي فقير، سامي فقير، سنياسي فقير، ۴. چنڊ، قمر، ۵. روشن، چمڪندڙ، ٦. (عشق جي) لهر يا موج يا پالوٽ، ٧. وڇوڙي يا برهه جو آزارُ، ٨. پيدا ڪري، ڪڙو ڪري، ٩. رمتو فقير، ١٠. بيک ڏاري، فقيراڻو لباسُ پهريل ماڻهو، ١١. ساميءَ کي، ١٢. مٿي جي وارن جي وٽيل چڳ کي ٻڌڻ جو رسو يا ڏوري، ١٣. مٿي، ١۴. ڪنٺو، ڪَنٺي، سمرڻي، ڪنيلو، تسبيح، ١۵. عمدي، سهڻي، ١٦. ڏيئي ڏيکاري = ديدار ڪرائي، گهڙيءَ کن لاءِ ملاقات ڪري، ١٧. مَنَ، ١٨. زخمي ڪري، ١٩. مٿيءَ يا دز لڳل، ٢٠. سبز رنگ جي، ٢١. اوني يا ريشمي لوئي يا چادر، ٢٢. موندين، ڪنڌ، ٢٣. سون جي، طلائي، ٢۴. لڙهي، مالها، ٢۵. سڌ، ڄاڻ، ٢٦. اسان کي ڏي يا ٻڌاءِ، ٢٧. پڪي، سچي، سند واري، ٢٨. مزاج، طبيعت، حُسن، ٢٩. برپٽ، بيابان، ٣٠. بزرگ، ڀلاري، سڀوري، درويش، ٣١. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ان جي ڪپ تي ساڳئي نالي جو هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي.

(۸)

ڪَالَهہ گَڏِيوسُون ڪَاپَڙِي، بَابُو رَنگ[۱] پِيُوت[۲]،
سَرِيو[۳] سُون سُڪُوت[۴]، جوڳِيءَ سَنديءَ ذاتِ[۵] ڪَان.

۹

ڪَالَهہ گَڏِيوسُون ڪَاپَڙِي، حَيرَت[۶] ۾ هُوءِ،
جَن ديکِئو[۷] رُوبَروءِ[۸]، سي وَاصُل[۹] ٿِئا وِصَال[۱۰] سين.

(۱۰)

بَابُو ڏِنوسُون بَرَ[۱۱] ۾، جهَڙو سِجُ[۱۲] صُبُوح[۱۳]،
رَاوَلُ[۱۴] رَڱي[۱۵] لَالُ[۱۶] ٿِئو، جوڳِي مَنجهان جُوءِ[۱۷]،
تَنهن سَاميءَ سَندي سوجهري[۱۸]، ٿي حَيرَت ۾ هُوءِ،
جَن ديکِئو رُوبَروءِ، سي وَاصُل ٿِئا وِصَال سين.

(۱۱)

ڪو جو ڪَالَهہ گَڏِيون، بِيڪَاري[۱۹] بَرَ پَٽَ ۾،
تَنهن سَامِيَڙِي سَيَدُ رح چَئي، اَپَرِ[۲۰] عَشق ڏِنُون[۲۱]،
اُهو ڪِئي[۲۲] مُنهِن[۲۳] آيوِن[۲۴]، وِئا ڪَاهِيندا[۲۵] ڪَاک ذِي.

---

۱. رنگ ۾، روپ ۾، نموني ۾، ۲. بدن تي ڦلهيار يعني رک يا مٽي مليل، ۳. اسان کي سريو، اسان کي مليو، اسان کي حاصل ٿئو، ۴. ماٺ يا خاموشي (حيرت وچان)، ۵. پنٿ، جنس، آکهہ، ۶. حيرت ۾، هُوءِ ۾، پريشانيءَ ۾، ۷. ڏٺو، ۸. آمهون سامهون، مکا مک، ۹. شامل، تحليل، ۱۰. وصل، ميلاپ، گڏجاڻي، ۱۱. رڻ پٽ، بيابان، ۱۲. سورج، ۱۳. صبوح جي وقت (اِيرڙ مهل)، ۱۴. شهزادو راجڪمار، ۱۵. رڱجي، ۱۶. ڳاڙهو، ۱۷. (مومل جي) علائقي، پرڳڻي، ماڳ، ۱۸. سوجهري سبب، روشنيءَ سبب، سونهن سبب، ۱۶. فقيراڻي لباس ۾ ماڻهو، ۲۰. تمام گهڻو، ۲۱. انهن کي ڏنو، انهن کي عطا ڪيو، ۲۲. ڪجهہ، ۲۳. منهن ۾، سامهون، مقابلي ۾، قسمت ۾، ۲۴. انهن کي آيو، انهن کي مليو، ۲۵. واڪيندا، تکڙا تکڙا هلندا.

۱۲

بيڪاريءَ[1] کي برپٽ[2] ۾، چُڙئو[3] ڪيفُ[4] چڙهيو[5]،
ڳالهيون[6] ڪنديءَ ڪاڪ[7] جون، ڳوڙها[8] پيس[9] ڳڙي[10]،
ڪا جا[11] انگهه[12] اڙي[13]، جيئن چٽا[14] ڦٽ[15] چڙي[16] پئا.

۱۳

سج[17] صباحين[18] جا ڪري، ساميءَ[19] سا وَٽڪ[20]،
سهي[21] نه سگهان ساعت[22] سين[23]، تن راسين[24] جي رونق[25]،
ڪ[26] رتيئي[27] لاک[28] سين، ڪ[29] ڏنيئي[30] پانن[31] پڪ[32]،
سنديءَ سوڊل سڪ، ڪپر[33] ڪورون[34] جهليون[35].

۱۴

سج صباحين جا ڪري، ساميءَ سائي روءِ،
اچي تي عطر جي، منجهان مُگهت[36] بوءِ[37]،
سا ڏيکاريهون[38] جوءِ[39]، جئان لاهوتي لال تيين.

۱۵

آءُ[40] لانگوتيا[41] لال[42]، ڪنهن پر ڏنئي گجريون[43]،

---

۱. فقيراڻي لباس ۾ ماڻهوءَ يعني ساميءَ يا جوڳيءَ، ۲. رڻ پٽ، بيابان، ۳. آهستي آهستي وڌو، ۴. (عشق جي شراب جو) نشو يا خمار، وجداني حالت، مستي، ۵. حاوي ٿي، قابض ٿي، ٦. حال احوال، خبرون چارون، ۷. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ انجي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ۸. لڙڪ، آنسو، ۹. هن جا پيا، ۱۰. ڪري، ۱۱. اهڙي، ۱۲. ڪنهن ڪانيءَ ۾ ٻاهر نڪتل نوڪدار ۽ وريل ڪٽ، ۱۳. لڳي، چُڀي، ۱۴. چٽل، ميٽيل، ابريل، ۱۵. زخم، ڪهاءَ، ۱٦. رسجي، تازا ٿي، ۱۷. سورج، شمس، ۱۸. صبوح جي وقت، اپرڻ وقت، ۱۹. ساميءَ جي، ۲۰. چمڪ، روءِ يا چهري جو رنگ، روءِ، چهرو، منهن، ۲۱ برداشت ڪري، ۲۲. ٿوري وقت، گهڙي، پلڪ، ۲۳. لاءِ، ۲۴. (ساميءَ جي حسن جي) ترورن يا ڪرڻن، ۲۵. تجلو، چمڪ، ۲٦. ڇا، ۲۷. تو (پاڻ کي) رتو ڪيو آهي يا رڱئو آهي، ۲۸. ٻير وغيره جي وڻ جي ٽارين مان نڪرندڙ ڳاڙهي رنگ جو رس جيڪو ڪپڙن جي رڱڻ ۾ ڪم ايندو آهي، ۲۹. يا، ۳۰. لڳائي يا هنئي اٿيئي، ۳۱. پان جي پنن جي (پان هڪ قسم جي ول آهي جنهن جا پن ڪٿي ۽ چُني سان ملائي ماڻهو کائيندا آهن)، ۳۲. ڦيٽي يا وات جو لعاب (جو پان کائڻ ڪري ڳاڙهو ٿيندو آهي)، ۳۳. (عشق جي درياهه جي) ڪپر جون يا ڪناري جون، ۳۴. چوٽيون، مٿيان پاسا، ۳۵. ورتيون، پڪڙيون، ۳٦. چٽ، موڙ، ۳۷. خوشبوءِ، سرهاڻ، ۳۸. اسانکي ڏيکار، ۳۹. جاءِ، ۴۰. ڀلي آئين، ۴۱. اي لانگوٽيا، اي گوڏ ٻڌل فقير، ۴۲. سهڻا، ۴۳. گجر قوم جون جوڪريون (مومل ۽ ان جون ڀينرون ۽ سهيليون)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبُ[1] اَرَتي[2] گاڙهُون[3]، لُڙڪَ[4] وَهائِين[5] لالَ[6]،
ڏِٺئِي[7] جي جَمالَ[8]، سي سامِي[9] ڪوهُ[10] نَہ سَلائِين[11].

۱۶

ڪَرَ[12] مُوڙِبندي[13] ڪاڪِ[14] تَڙِ[15]، مُومَلَ ڏِٺي مُون،
اُٿَلِيُسِ[16] آهُون[17] ڪَري، پِري[18] مَتي[19] پُون[20]،
سا جي ڏِسِين تُون، تَہ مُوتِين ڪِينَ مَينڌَرا.

۱۷

آتَڻَ[21] مَتي گوجَرِين[22]، اوچتو آيُوس[23]،
سِرِ[24] سِيلا[25] ڳُلِ[26] ڪَچُئا[27]، گهُورَنِ[28] تَنِ[29] گهايُوس[30]،
چِهَ مَهِينا چوهَ مانَ[31]، پاسي پَرِ[32] پِئُوسِ[33]،
مَنجِهہ حَيرَتَ هوسِ، ڪِهڙِي ڪَريان ڳالهڙِي.

۱۸

گُجَرِ[34] ڪِي گَجَمِيلَ[35] جُون، تارَنِ[36] ۾ تَبَرُون[37]،
هَٿِي حَڪِيمَنِ[38] ڪِي، زورِ پَرِئو[39] زَبَرُون[40]،
ڪاڪِ ڪَنڌِيءَ قَبَرُون، پَسو پَرَڏيهِن جُون.

۱. پاڻي، ۲. ارتي سان، ڳاڙهي رنگ يعني رت سان، ۳. ڳاڙهو، ڳاڙهو. ۴. ڳوڙها، هنجون، ۵. تون وهائين، تون هارين، ۶. ڳاڙها (رت گڏيل)، ۷. تو ڏٺا، ۸. خوبصورت يا سهڻا روپَ يا شڪليون، ۹. اي سامي، اي جوڳي فقير، ۱۰. ڇو، ۱۱. ٻڌائين، ۱۲. لڱ، عضوا، بدنُ، ۱۳. پچندي يا ورائيندي يا ڦيرائيندي (سُستيءَ ڪان)، ۱۴. ڪاڪ جي (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ ندي آهي)، ۱۵. تڙ تي، گهيڙ تي، نديءَ ۾ وهنجڻ واري يا پاڻيءَ ڀرڻ واري هنڌ تي، ۱۶. واپس ٿيس، ۱۷. دانهون، ۱۸. ڦري، ڦيرو ڏيئي، ۱۹. مٿان، تي، ۲۰. ڌرتي يا زمين (ٻيهڻ واري هنڌ تان)، ۲۱. زالن جي سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ، زنانخاني، حرام سراءِ، ۲۲. گوجرين جي يعني گوجر يا گجر قوم جي عورتن جي، ۲۳. آئون آيس، ۲۴. سر تي، مٿي تي، ۲۵. (مٿي جي) وارن جي ڇڳن ڪي ٻڌڻ جا رسا يا ڌوريون، ۲۶. ڳل تي، ڳلي تي، ڪنڌ تي، گردن تي، ڇاتيءَ تي، ۲۷. ڪَچ يا انگيا، ڪنجرا، هڪ قسم جا زنانا چولا جن سان صرف ڇاتي ۽ پيٽ ڍڪيل هوندو آهي ۽ پُٺا اگهاڙا هوندا آهن، ۲۸. شوخ نظرن، ۲۹. تن جي، ۳۰. مونکي گهايو يا ڦٽيو يا زخمي ڪئو، مست ڪئو، ۳۱. چوهہ مان = ٻر وقت (ڪان) يعني ڏسڻ سان ئي، ۳۲. پاسي پر = (بدن جي) هڪ پاسي تي، پاسيرو ليٽئو، ۳۳. آئون پيو هوس، ۳۴. مومل جيڪا ذات جي گجر هئي، ۳۵. مجاز، ظاهري سونهن يا حُسن، ۳۶. اکين جي تارن، ۳۷. ڪهاڙيون، ۳۸. عقلمندن، سياڻن، دانائن، ۳۹. زور پرئو = زوردار، زورائتيون، طاقت سان، ۴۰. ڌڪ، ضربون، چوٽون.

١٩

مُومَلَ کي مَجاز[1] جا، اکين ۾ انگور[2]،
هَٽي حَڪيمن کي، پَتي[3] مَنجهان پور[4]،
گهوٽَ[5] پهريين گهور[6]، گُجَر گهَٽا گهائيا[7].

٢٠

مُومَلَ کي مَجازَ جا، اکين ۾ الماس[8]،
نَڪا عامَ نه خاص●، جي وِئا سي وڍئا[9].

٢١

مُومَلَ ماري مير[10]، آهيڙي[11] ڪئي[12] آڪري[13]،
تنهن سوڍيءَ[14] گهَٽا سَڪائيا[15]، پڙهيا[16] پَنت پير[17]،
هَٽي تَن کي تير[18]، مَٽيون[19] جَن[20] مَتن ۾[21].

٢٢

مَٽيا جَن مَتن ۾، تَن تاڪي[22] هَنيس تير،
گهايائون گُجَر کي، مَرڪي[23] اُپيا[24] مير،
مومَلَ گهَٽيءَ اُڪير[25]، پاڻان[26] پُڇي[27] تَن کي.

١. شوخيءَ، ارڏائيءَ، لاپرواهي۴. ٢. انگوڙا، انبور، نوهارن جي ڪم جا هڪ قسم جا لوهي اوزار جن سان تتل لوهه کي پڪڙي يا جهلي ڪٽبو آهي يا ڪنهن ڳتل شيءِ کي ڇڪي ڪڍبو آهي. ٣. لوهه يا ڪاٺ کي وڍڻ لاءِ ڪارائيءَ ۾ ڪم آيل لوهه جو ڦر. ۴. موج، اڏمي، زور. ۵. نوان پرڻيل جوان، عاشق. ٦. گهورَ سان، نظر سان. ٧. ڦٽيا، زخمي ڪئا. ٨. هيرا (هيرو هڪ قسم جو قيمتي موتي آهي جيڪو شيشي کي ڪپيو ڇڏي). ●عام ماڻهو نه خاص ماڻهوءَ جي تميز ڪانهي. ٩. قتل ٿي يا ڪسجي وئا، تباهه يا برباد ٿي وئا. ١٠. امير وڏا ماڻهو. ١١. شڪاريءَ، جانورن يا پکين جي شڪار ڪندڙ. ١٢. ڪان. ١٣. وڏيڪ بي قياس يا بي لحاظ يا بي پرواهه. ١۴. مومل، جيڪا ذات جي سوڍي هئي. ١۵. ڪنبايا، ڏڪايا. ١٦. عالم، ودوان، پنت يا پنڊت، داناءَ، عقلمند. ١٧. بزرگ، درويش. ١٨. ڪان، ڀالا، نيزا. ١٩. مٽيا، موتي هتي معنيٰ ٽيندي مٽين سان جڙيل ڇٽ يا تاج يا ڪلنگي. ٢٠. جن جي. ٢١. متن ۾ = متن تي، سرن يا ڪنڌن تي. ٢٢. تڪي، چتائي، جاچي. ٢٣. خوش ٿي، دم هٽي، فخرڪري. ٢۴. بيٺا (ميدان، آڪاڙي يا مقابلي واريءَ جاءِ تي). ٢۵. اُڪير سان، سڪ يا پيار سان. ٢٦. خود. ٢٧. ڳولي، ڍوندي، حال احوال وٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۳

گُجَرِ[1] گهَٽا گهائِيا[2]، پاٽَن[3] لَڳِس گهاءُ[4]،
مَيڻڌَرِي[5] مُلاءُ[6]، لَڳِس ڪانُ[7] ڪپارَ[8] ۾.

۲۴

گُجَرِ ڳاروڙِين[9]، اَچي آڏي[10] اُپِيي[11]،
مَٿي[12] پِيئِي[13] تَنِ[14]، ٻَڌا[15] ٻاڻَ هَٽَنِ جي.*

۲۵

مُومَلَ ماڙِيءَ[16] جهَلَ[17]، اُپي[18] پُڇي[19] پهيَڙا[20]،
ڪَني[21] ريکون[22] رَتِيُون[23]، ڪَني ڳاڙها ڳَلَ،
مَيسَرِيارا[24] مَلَ، دانهه[25] گهَٽا[26] ڌُهوڙِيا[27].

۲۶

اَجا پيرو[28] هيڪِڙو، پَسِبي[29] مُومَلَ،
وَني ويندي پاڻَ سين، ڏيندي نَه مُوڪَلَ[30]،
هِت ويهَن[31] تي وَجايا، طَرحَن[32] سين طَبَلَ[33]،
جِن[34] هيُون ڪَلَنگيُون[35] ۾ ڪَلَ[36]، سي وِيا ڪَبندي[37] ڪاڪ[38] ڏي.

---

۱. مومل، جيڪا ذات جي گجر هئي. ۲. قتيا، زخمي ڪئا. ۳. پاڻ کي، خود کي. ۴. زخم، چوٽ. ۵. راڻي، جيڪو زات جو مينڌرو هو. ۶. ڪان، وٺان. ۷. تيز، ڀالو، نيزو، ٻاڻ. ۸. مٿي، ڪيپراٽيءَ. ۹. گاروڙين جي، نانگ ڦاسائيندڙ جوڳي فقيرن يا حرفت باز يا هر فن مولا ماڻهن جي. ۱۰. اڳئان، سامهون. ۱۱. (سينو تاڻيو) بيهي. ۱۲. مٿان. ۱۳. ڪڙڪي، غالب پئي. ۱۴. تن جي. ۱۵. ٻه ٻه گڏ، ٻٽا * ٻڌا ٻاڻ هٽن جي = جيڪي پاڻ کي ڪارستان يعني قابل سمجهن ٿا. ۱۶. گهر يا محلات جي مٿين طبقي پرهتي معنيٰ ٽيندي گهرَ يا محلاتَ. ۱۷. وٽ، جي پر ۾. ۱۸. بيٺي. ۱۹. حال احوال وٺي. ۲۰. پهيڙن کان يعني واٽهڙن يا پانڌين يا مسافرن کان. ۲۱. ڪن کي. ۳۲. نئين جوانيءَ ۾ نڪرندڙ ڏاڙهيءَ جي سنهڙن وارن جو ريهون. ۲۳. ظاهر ٿيون. (ڳاڙها ڳل = ڳيرو، بنان ڏاڙهيءَ). ۲۴. نئين ريهه يعني ڏاڙهيءَ وارا جوان. ۲۵. بهادر، پهلوان. ۲۶. داناءَ يعني موملَ. ۲۷. ڊيڄاريا، خوفزده ڪئا. ڦٽئا، گهايا. ۲۸. دفعو. ۲۹. ڏسبي. ۳۰. اجازت. ۳۱. تمامُ گهڻن (ماڻهن)، ويهن جي تعداد ۾. ۳۲. نمونن، طرزن. ۳۳. دهلَ، دماما، نقارا (طبل وڄايا = خوشيون ڪيون، ناز نخرا ڪئا). ۳۴. جن کي. ۳۵. ڇت، تاج. ۳۶. مٿي، ڪاپار، کوپريءَ. ۳۷. ڏڪندي، ڊڄندي. ۳۸. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ان جي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ ململ رهندي هئي.

۲۷

سُودا سَمَرُ چاءِ، کَهڙ سُجهيئي ڪاڪِ جي،
تُهان چڱيرا چَليِي ويا، راڻا انهين راهہ،
ڀَؤُ ڀَلَنِ آهہ، مُومَلَ جي مَنزلَ جو.

۲۸

چِڙهِئا چاريئي ڀار، سُوڏا شِڪارِي،
ڪاهِي ويا ڪاڪِ تي، جِت مُومَلَ مُوچارِي،
بابُو گُڏِئُن بيکَ ۾، جِنهِن ڏِس ڏيکارِي،
فِڪُر سانُ ڦِتِي ڪِي، سُودي سوپارِي،
مُوتِئا نَہ ماري، ڪَوُنرَ لَتارِي ڪاڪِ جا.

۲۹

ڪَوُنرَ پُهتا ڪامٽيِن، جِت گهڙجي نينهُن،
چانگ لائِيندا ڏينهُن، تان شِڪارِينِ سالَ ٿِئا.

وائي

مُومَلَ صَحيُ پَسَندا، پَڙهِئا پَنت پِيرَ، راڻا ءِ حَمِيرَ،

---

۱. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ۲. توشو، مسافريءَ يا سفر جو سامان، راهہ خرچ. ۳. ڪڻ، وٺ. ۴. پنڌ، سفر، مسافري. ۵. توکي سُجهي يا معلوم آهي. تنهنجي ڏيان ۾ آهي. ٦. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ان جي ڪنيءَ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل لرهندي هئي. ۷. توکان. ۸. وڏيڪ چڱا يا ڀلا (ماڻهو). ۹. هلي. ۱۰. اي راڻا. ۱۱. راهہ سان، گس يا واٽ سان. ۱۲. خوف، ڊپ. ۱۳. ڀلن کي، نيڪن يا ڀلارن کي. ۱۴. آستاني، محلات. (مومل جي محلات ڏانهن ويندڙ) رستي. ۱۵. (وهٽن تي) سوار ٿيا. ۱٦. هڪ همير سومرو جيڪو عمر ڪوٽ جو بادشاهہ هو ۽ انجا ٽي وزير ڏنئر ڀٽي، سنهڙو ڌماچاڻي ۽ راڻو سوڍو. ۱۷. دوست. ۱۸. پيارا، دل گهريا. ۱۹. لوڌي، (جانورن ۽ پکين جي) شڪار جا شوقين امير يا حاڪم. ۲۰. هلي. ۲۱. سهڻي. ۲۲. رمتو فقير، جوڳي. ۲۳. (فقيرائي) لباسَ يا پوشاڪَ. ۲۴. ڏس يا طرف (مومل جي محلات جو). ۲۵. سوچ، ويچار، سياڻپ. ۲٦. ڦتي کي = ڦتي ڪئي، اُجلي (جادوءَ جي طلسم وسيلي بنايل تلاءَ ۾). ۲۷. راڻي ڏانهن اشارو). ۲۸. هڪ وڻ جو ڦلَ، پسارڪو وکر. ۲۹. شڪاري، لوڌي. ۳۰. ڪنول گلَ (مومل ۽ ان جي ساهيڙين ڏانهن اشارو). ۳۱. اورانگهي. ۳۲. شهزادا. ۳۳. رسيا. ۳۴. ڪامٽين کي، سهڻين زالن (مومل ۽ ان جي سهيلين) کي. ۳۵. پيدا ٿئي. ۳٦. عشق. ۳۷. چاتر يا ڀانيم ته، مون سمجهيو ته. ۳۸. لڳائيندا. ۳۹. پر. ۴۰. شڪارين کي. ۴۱. سال ٿيا = سال يا ورهہ لڳي ويا. ۴۲. مومل کي. ۴۳. صحيحُ، پورو، چڱيءَ طرح. ۴۴. ڏسندا. ۴۵. عالم، ودوان، پنت، پنڊت. ۴٦. بزرگ، درويش. ۴۷. راجائون. ۴۸. امير، حاڪم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَاڻَا جي رَجپُوتَ، مُومَلَ صَحِيُ پَسَندَا،
مَ جي رَضَا رَبَ جي، هِئَان سَبِ هَلَندَا،
اَصلِ لِکِئُو اَنگَ ۾، ٿيندو تَان اَدَا،
کُلُ نَفسٍ ذَائِقَةُ المَوت*، سَچِي ايءَ صَدَا،
کَلِمي سَاڻُ لَذَائِيِنَ، هَادِيءَ هِنَ هَنذَانَ،
سَهُکِي سَکَرَاتَ کَرِيِنَ، وَالِي وِيرَ وِدَاعَ،
اَهُکِيءَ وِيرَ اَچِيجِ تُون، اُتِي اَحمَدَ ﷺ،
مَتَان ڇَڏِيِن مَگَڻُو، مَهِندَان مُرشِدَا.

۱. راڻائون، ۲. راجائن جا پٽ، شهزادا، ۳. مومل کي، ۴. صحيح، پورو، چڱيءَ طرح، ۵. ڏسندا، ٦. قبول ڪري، منظور ڪري، ۷. حوڪنودي، مرضي، حڪم، امر، ۸. پالڻهار، خدا، ۹. هتان (هن دنيا مان)، ۱۰. اصل کان، شروع کان، آد کان، ۱۱. لکيل، تحرير ٿيل، ۱۲. قسمت، ڀاڱ، ۱۳. ضرور، ۱۴. پورو *هر ساهہ وارو يا جان (هڪ نہ هڪ ڏينهن) موت جو مزو چکندو (قرآن پاڪ جي سورت آل عمران جي آيت ۱۸۴، سورت الانبياء جي آيت ۳۵ سورت عنڪبوت جي آيت ۵۷، ۱۵. صحيح، سچي، کري، برحق، ۱٦. سخن، ٻولي، وار، ۱۷. ڪلمي طيب يعني ڪلمي پاڪ (لآ اِلٰہَ اِلاّ اللهُ محمدٌ رَسُولُ الله = يعني ڪونهي ڪو عبادت جو لائق مگر الله تعالیٰ محمد صلعم خدا جو رسول آهي)، ۱۸. هلائبين، لاڏائو ڪرائبين، ماربين، ۱۹. اي هادي يا هدايت ڪندڙ اي خدا، ۲۰. هتان کان يا جاءِ کان (دنيا مان)، ۲۱. سولي، آسان، ۲۲. ساهہ نڪرڻ يا مرڻ وقت تڪليف، ۲۳. اي والي، اي ڌڻي، اي خدا، ۲۴. مهل، وقت، ۲۵. وداع جي، موڪلائيءَ جي، (دنيا مان) هلڻ جي، ۲٦. اهکي جي، تڪليف جي، ۲۷. اي احمد ﷺ (حضرت محمد مصطفيٰ پيغمبر صلعم جو پيو نالو احمد ﷺ آهي)، ۲۸. مگڻهار، مگتو يا پينو فقير، ۲۹. اڳيان يعني قيامت ۾، ۳۰. اي مرشد، اي رهبر (پيغمبر صاحب).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ راڻو

داستان چوٿون

١.

راڻو[1] پانيو[2] رانِد[3]، وَجيئو ڪيئن[4] وڙ[5] رانئين[6]،
وَرُ[7] وڏو هئو[8] اِينهئين[9]، جيئن[10] پَرُ[11] پُڄتوءِ[12] پاند[13]،
هَيْ[14] يِڳيئي[15] هيڪاند[16]، سُوڍو[17] سارينديئن[18] ڳهٽو.

٢

سَنگُ[19] ڪري سين شينهن[20]، ڪَنڌُ[21] مَ ڦيرِج[22] ڪيڏهين[23]،
رَمج[24] راڻي[25] پُٺ[26] ۾، نِرتو[27] مَنجهان نينهن[28]،
اُونءَ[29] مَ وَسِج[30] عامَ[31] تي، جيئن مُومَلَ[32] وَسَن مينهن[33]،
سَندي[34] حَشرَ[35] ڏينهن، سُوڍو سارينديئن ڳهٽو.

٣

وَنئو وَجِج واتَ[36]، ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏهين،
لوٽي ڦيرِ[37] لَپاتَ[38]، لَڳنديئي[39] لطيف (رح) چئي.

---

١. مومل جي محبوب جو نالو. ٢. سمجهيو. ٣. معمولي هستي. ٤. چو. ٥. غير يا ڌاريان (ماڻهو)، بي حيا يا ڪميڻا. ٦. ريجهائين. ٧. مڙس، پتار، نتي. ٨. ڏمريو، ڪاوڙيو. ٩. اِن ڪري، ان سبب. ١٠. چاڪاڻ جو. ١١. ڌاريون يا غير ماڻهو. ١٢. تو پڄتو، تو جهليو. تو سوگهو ڪئو. ١٣. پاند ۾، پلاند ۾، دامن يا جهوليءَ ۾. ١٤. هاءِ افسوس. ١٥. تو ڀڳي يا ٽوڙي. ١٦. دوستي، ياري، وصال يا ميلاپ. ١٧. تو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ١٨. ياد ڪندينءَ. ١٩. ناتو، دوستي. ٢٠. شينهن يا شير جهڙي بهادر يا طاقتور ماڻهوءَ. ٢١. منهن. ٢٢. ڦيرائج، موڙج، ورائج. ٢٣. ڪنهن ٻي طرف يا ماڻهوءَ ڏاهن. ٢٤. هلج، وڃج. ٢٥. راڻي جي. ٢٦. پٺ ۾ پٺيان، پويان. ٢٧. نرت سان، ڌيان يا خبرداريءَ سان. ٢٨. هيج، شوق، محبت، پيار، عشق. ٢٩. اُونهين، اجايو. ٣٠. (پيار يا محبت جي) سخاوت خرچ. ٣١. هر ڪنهن يا سيڪنهن ماڻهوءَ. ٣٢. اي مومل. ٣٣. برساتون. ٣٤. جي. ٣٥. قيامت. ٣٦. رستو يا گسُ (سڌو). ٣٧. لوٽي ڦير = لوٽو يا لونڊڙي ڦيرائيندڙ، زور مان يا زورائتي (اک جي پاسي واري خال يا ڪُڌ ڪي لوٽو يا لونڊڙي چئبو آهي). ٣٨. ٺقڙ، چماٽ. ٣٩. توکي لڳندي (ڪنڌ ڦيرائڻ جي سزا ۾).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

وَنـئـو وَڃـجِ راهَ[1]، ڪَـنـڌُ[2] مَ قـيـرجِ[3] ڪـيـڏَهـين[4]،
اَڄُ[5] ڪِ[6] سَـنـجَـهـ[7] صَـبَـاحَ، نـيـئـي[8] ذَربـنـدءِ[9] ڏُوڙِ[10] مِ.

۵

ڄَـا يُـون[11] پـيـربـن[12] مُـون[13]، سَـا يُـون مَـتـئـي[14] سَـڄَـڻـين[15]،
ڍِنـگَ[16] لَـتـبَـا[17] ڏُوڙِ مِ، اُيـئـي[18] ڏَنَـا سُـون[19]،
ڏِيـنـهَـن مِـڙيـئـي[20] ڏُون[21]، اُتـي لـوچِ[22] لـطـيـف رح چَـئـي.

٦

لَـڏِئـو[23] لَـطـيـفَـن[24]، پَـلاَٽـي[25] پَـنـڌ پَـئَـا[26]،
هَـتَـان[27] حَـبِـيـبَـن[28]، ڪَـڏهِـين ڪـونـہ ڏُڪـوئـيـو[29].

۷

سُـنَـا سـي سُـونـهَـن[30]، جـي هُـئَـا[31] ڪـوڏَيـا[32] ڪَـاڪ جـا[33]،
لُـڊوٺـئَـان[34] لـطـيـف رح چـئـي، لَـڏِئـو لـوڏِيـڙَن[35]،
سـي مَـوتـي[36] مَـس[37] اَچـن، جـي آسَـڻِ[38] آرامـي[39] ٿـئَـا.

---

١. وات يا ڪس يا رستو (سڌو). ٢. منهن. ٣. ڦيرائج، موڙج، ورائج. ۴. ڪنهن بي طرف يا ماڻهوءَ ڏانهن. ۵. هلندڙ ڏينهن ۾. ٦. يا. ٧. سنجهه صباح = ڪنهن بہ وقت. جلد. ترت. ٨. ڪڻي. ٩. توکي ڌربندا يا رکندا يا دفن ڪندا. ١٠. مٽيءَ. خاڪ (قبر). ١١. ڌرتي. رامين. ١٢. پيرن يا قدمن هيٺان. ١٣. منهنجي يا مونکي. ١۴. مٿان. ١۵. سڄڻن يعني محبوبن جي. ١٦. وڏا ماڻهو. امير. جنگ يا پهلوان مڙس. ١٧. دفن ٿيندا يا پوربا. ١٨. بيٺي. ١٩. اسان ڏنا. ٢٠. ڪُل. جملي. ٢١. ٻہ. ٢٢. ڳولا يا تلاش ڪر (محبوب جي). ٢٣. هجرت ڪئي. جدائي ڪئي. ٢۴. سهڻن. محبوبن. ٢۵. (وهٽن تي) سامان يا تيز تازي وجهي. ٢٦. پنڌ پئا = راهي ٿي يا روانا ٿي وئا. هلئا وئا (منهنجي عيبن کي ڏسي تہ نہ). فوت ٿي ويا. ٢٧. هت کان. ٢٨. حبيبن جي يا محبوبن جي. ٢٩. ايذائيو. تڪليف ۾ پئو. رَنج يا ناراض ٿئو. ٣٠. سنڌ. سمهڻ جي حالت ۾. قبرن ۾ دفن ٿيل. ٣١. وَٺن. پيارا لڳن. سيبائين. ٣٢. شوقين. ٣٣. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ء انجي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل (راڻي جي محبوب) رهندي هئي. ڪاڪ مان مراد قبر آهي. ٣۴. لڊوٺي ڪان يا مان (لڊوٺو يا لڊاٺو ڪاڪ جي پرسان هڪ ڳوٺ آهي). لڊوٺي مان مراد هيءَ دنيا آهي. ٢۵. لوڏين. شڪارين. اميرن. حاڪمن (جيڪي مومل کي حاصل ڪرڻ جا شوقين هئا). ٣٦. واپس. ٣٧. مشڪل. ٣٨. آسڻ ۾. آستاني ۾ = دائمي رهائش گاهہ ۾. ٣٩. آسودا. قرار (مرڻ بعد قبر ۾).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨

لُڏوڻيئان لَطيفُ چئي، ڪَٿُون[١] ڪَنيائُون،
چَڏي حيلا[٢] هَلِئا، مُومَل مَٽِيائُون[٣]،
وَجي ڪاڪِ[۴] ڪَنڌن[۵] ۾، لُڏون[٦] لاٿائُون[٧]،
پيرو[٨] پَڳائُون[٩]، آسَڻِ آرامي ٿِئا.

٩

پيرو يَجُ ۾ ڪاپڙي[١٠]، لاهي[١١] وِهُه ۾ لاڳَ[١٢]،
تان[١٣] مُون[١۴] هينئڙو[١۵] ماڳَ[١٦]، جان[١٧] تُون جوڳِي[١٨] جُوءِ[١٩] ۾.

١٠

جوڳِيءَ جاڳائي[٢٠]، ماري[٢١] وڏا مامري[٢٢]،
لَنءُ[٢٣] لُڏوٽي[٢۴] ڪَنڌِيِن[٢۵]، اَميو[٢٦] آهي،
وَجو جي ڪاهي[٢٧]، تَہ نِڪُون[٢٨] پَسو نينهَن جُون.

١١

جوڳِيءَ تي جَڙاءُ[٢٩]، نِسورو[٣٠] ئي نينهَن جو،
پَتَنگَ[٣١] جيئَن پيدا[٣٢] ٿِئو، سامي سِجَ[٣٣] وَڙاءُ[٣۴]،

١. پلنگ يا ڪتولا يعني تيڙي تاڙي يا سامان سڙو، (ڪٿون ڪنيائون = لڏيائون يا هجرت ڪئائون، فوت ٿي ويا)، ٢. ڏنڊا ڏاڙي، ڪم ڪاريون، عُذرِ، بهانا، ٣. هٿ ڪيائون، حاصل ڪئائون، ۴. ڪاڪ جي، ۵. ڪنڌن ۾ = ڪپن يا ڪنارن تي، آس پاس، ٦. سامان سڙو، گهرو سامان يا تيڙن جون هڙون يا پڙيون يا بدون، ٧. ڏارِيائون، رکيائون، اتاريائون، ٨. اچڻ وڃڻ جو دستور يا ريت، ٩. توڙيائون، ڇنائون، ختم يا بند ڪئائون، ١٠. اي ڪاپڙي، اي جوڳي، اي سامي، ١١. ختم ڪري، ١٢. لاڳاپو، تعلق، سُنبند، ناتو، آسرو، ١٣. تيستائين، ١۴. منهنجو، ١۵. هنيون، قلب، دل، ١٦. ماڳ تي، جاءِ تي، قرارَ ۾، ١٧. جيستائين، ١٨. اي جوڳي، ١٩. آس پاس، پرپاسي، دنيا ۾، جهان ۾، ٢٠. (مومل جي ماجرا کان) آگاهہ يا واقف ڪري، ٢١. شڪاري (راڻو ۽ ان جا يارَ)، ٢٢. مامري ۾، معاملي ۾، مصيبت ۾، ٣٣. نينهن، محبت، پيار، ٢۴. لڏوني جي، ٢۵. ڪنڌين ۾ يعني اردگرد، آس پاس (ڪاڪ نديءَ جي ويجهو)، ٢٦. اڻ ميو، بي انداز، ٢٧. هلي، پنڌ ڪري، ٢٨. نهرون، ڪسيون، ناليون، تلاءَ، ٢٩. رونق، جڙت (عشق جي موتين جي)، ٣٠. رڳو، سراسر، بلڪل، ٣١. جيت جوهڪ قسم جيڪو جتي بہ باهہ يا بتي برندي ڏسي اتي اچانڪ اڏاميو اچيو ان ۾ پئي سڙيو مريو وڃي، ٣٢. ظاهر، ٣٣. سج يا سورج جي، ٣٧. ورن يا رنگ جهڙو، وڙ جهڙو، نموني جهڙو.

آيو ڪاڪِ[1] تڙان[2]، ڪُنوارن[3] ڪَڪورئو[4].

١٢

جوڳي[5] ايئن جهرڪئو[6]، جيئن اُونداهيءَ[7] ۾ آڳ[8]،
آديسي[9] عشق[10] جي، لائي[11] آيو لاڳ[12]،
وينو تنهن سياڳ[13]، جيئن ڪُسُ[14] ڏهاڙي[15] ڪاڪ تي.

١٣

هلو[16] هلو ڪاڪ[17] تڙ[18]، جت ڳهڙجي[19] نينهن،
نڪا رات نه ڏينهن،* سڀڪو[20] پسي[21] پرينءَ[22] کي.

١٤

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نينهن[23] پچار[24]،
ڪانهي ٻي تنوار[25]، سڀڪو پسي پرينءَ کي.

١٥

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نينهن اُچل[26]،
نڪا جهل[27] نه پل، سڀڪو پسي پرينءَ کي.

١. ڪاڪ جي (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو آهي ۽ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ٢. تڙ ڪان، ڪنڌيءَ يا ڪناري ڪان، گهيڙ يا گهاٽ ڪان، هنڌ ڪان (ڪنهن واهه، درياهه وغيره جي ڪناري تي اهو هنڌ جتان پيئڻ لاءِ پاڻي ڀرجي، مال کي پاڻي پيارجي يا وهنججي، ان هنڌ کي تڙ چئبو اهي). ٣. ڪنوارين جو يعني اڻ پرڻل زالن يا سهڻين عورتن يعني مومل ۽ ان جي ساهيڙين جي هئان . ٤. ڪڪوريل يعني عشق جي رنگ ۾ رڱيل يا ڳاڙهو ڪيل. ٥. ڪاپڙي يا سامي، سيلاني فقير. ٦. چلڪئو، چمڪئو. ٧. تاريڪيءَ، ڪاريءَ يعني بنان چنڊ جي رات. ٨. باهه، آتش. ٩. جوڳي. ١٠. محبت، نينهن. ١١. لڳائي، هٿي، مکي. ١٢. لغار، چِتَ، مَڪُ. هلڪو ليبو. ١٣. سياڳ جي سبب، آسري يا اميد جي سبب. ١٤. ڪُسَ، کهڻ يا قتل ڪرڻ جو عمل. ١٥. روزانو، هر روز، هر وقت. ١٦. هلو هلو = جلدي ڪري هلو. ١٧. ڪاڪ جي. ١٨. تڙ تي. ١٩. اُبري، پيدا ٿئي، خلقجي * ڏينهن يا رات يعني وقت جي پابندي ڪانهي، هر وقت. ٢٠. هر ڪو. ٢١. ڏسي. ٢٢. محبوب. ٢٣. نينهن جي. ٢٤. ڳالهه، ذڪر. ٢٥. آواز، ٻولي. ٢٦. پالوٽ، ليٽ. ٢٧. روڪ، رنڊڪ، پَل، منع.

١٦

هَلُو هَلُو[1] ڪَاڪِ[2] تَڙِ[3]، چَڙُون[4] جت چَڙهَنِ[5]،
ڳُوڙهي[6] رَنگ[7] رَچَنِ[8]، پَانَ[9] وَارِي[10] پِڪَ[11] سين.

١٧

ڪَاڪِ ڪَڙهِي[12] وَڻَ وِئَا[13]، لُونو[14] لُداڻُون[15]،
تُو[16] پُجَاڻَان سُپِرِين[17]، آتَڻُ[18] اُجَهَاڻُون[19]،
ڪِجي نَہ مَاڻُون[20]، مِيَان[21] مُحتَاجَنِ[22] سين.

١٨

ڪَاڪِ ڪَڙهِي وَڻَ وِئَا، بَرِئَا[23] رَنگَ[24] رَتُولَ[25]،
تُو پُجَاڻَان سُپِرِين، هِينئَڙي[26] اَچَنِ هَولَ[27]،
جي مُون سين ڪِيئِي[28] قَولَ[29]، سي سِگهَا[30] پَارِجِ[31] سُپِرِين.

١٩

ڪَاڪِ ڪَڙهِي وَڻَ وِئَا، بَرِئَا مَحَلَ مَاڪَ[32]،
سُودِي[33] جي سَرتِيُون[34]، وِڏِيَس وَهَ[35] وِرَاڪَ[36]،
سُورَنِ[37] لَايَا[38] سَاڪَ[39] سِگهو موتِجِ سُپِرِين.

١. هلو هلو = جلدي ڪري هلو. ٢. ڪاڪ واري يا جي (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو آهي ۽ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ٣. تڙ تي، هنڌ تي (ڪنهن واهہ، درياهہ وغيره جي ڪناري تي اهو هنڌ جتان ماڻهو پيئڻ لاءِ پاڻي ڀرين، مال کي پاڻي پيارين، ڪپڙا ڌوئڻ يا وهنجن ان هنڌ کي تڙ چئبو آهي). ۴. ٽامي جا وڏا ٿانءَ (ديڳ وانگر ٿانو) جن ۾ ڪتي ڪپڙا رڱيندا آهن. ۵. ٻنين يا ڇلهن تي رکيل آهن. ٦. ڪهاڻي يا کهري. ٧. رنگ ۾. ٨. روغن ۾. ٨. رڱجي ڳاڙها يا لال ٿين. ٩. هڪ ول جي پن، جنهن ۾ چُنو ۽ ڪٿو وجهي ماڻهو کائيندا آهن. تنبول جي پن. ١٠. جيءَ. ١١. ڦيٽيءَ يا لعاب جيڪو پان کائيندي وات مان ڪڍبو آهي جيڪو ڳاڙهو هوندو آهي. ١٢. جلي، سڙي. ١٣. تباهہ يا ناس ٿيا. ١۴. جليو، سڙيو. ١۵. ڪاڪ جي ويجهو هڪ ڳوٺ. ١٦. تو پڄاڻان = توکانپوءِ. ١٧. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب. ١٨. زنانخانو يا حرم سراءِ يا اها جاءِ يا گهر جنهن ۾ زالون سٽ ڪتنديون آهن. ١٩. رونق ڇڏي ويو. ٢٠. ناراضپو، انگل، روسامون، ڇانگرو، نٽ نٽاءُ. ٢١. اي ميان، اي پيتار، اي سردار. ٢٢. بي وسيلن، بي پهچن، مسڪينن، هيڻن. ٢٣. سڙيا، جليا. ٢۴. رَنگين. ٢۵. محلاتَ، رنگ مَحل. ٢٦. هينئڙي کي، دل کي. ٢٧. فڪر، پريشانيون. ٢٨. تَو ڪئا. ٢٩. انجام، واعدا. ٣٠. جلد. ٣١. نباهج، پورا ڪج، وفا ڪج. ٣٢. جايون. ٣٣. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٣۴. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٣۵. سڪ، محبت. ٣٦. ويراڳ ۾، غم،يا بي آراميءَ ۾، دنيا کان ڪناري ڪشيءَ واري حالت ۾. ٣٧. ڏکن، دردن. ٣٨. لڳايا، جوڙيا. ٣٩. ساڳا، قطارون.

٢٠

ڪَاڪ ڪَڙهي وَڻَ وِئَا، جَلي مُنهنجي جَانِ[١]،
رِڪي ڪَامَ[٢] ڪِٺڪِئُو[٣]، مَارِيَسِ[٤] تِنهن گُمَانَ[٥]،
هَڏِ[٦] نَہ جِيَانِ[٧] هَاڻِ[٨]، سِگهو مُوتِجِ سُپِرِين.

٢١

ڪَانيَاسِ[٩] ڪَرَنِ[١٠]، سِگهو مُوتِجِ سُپِرِين،
ڪُنِيَسِ[١١] ڪَلاَمَنِ[١٢]، وِجهِئُو وِيڻُ وَجَنِ جي.

٢٢

تَنِ بَاغَنِئُون[١٣] بَسِ[١٤]، جي ڪَنڌيءَ[١٥] ڪَاڪَ[١٦] ڪَڪُورِئَا[١٧]،
سُودِي رِءَ[١٨] سَرَتِيُون، ڪَاڪِ نَہ اَچي ڪَسِ[١٩]،
رَاٽي پَائي[٢٠] رَسِ[٢١]، تَنُ[٢٢] بِيڙِي[٢٣]، جِيئَن تَاٽِئُو[٢٤].

٢٣

رَاٽي سَندو[٢٥] رُوحَ[٢٦] مِر، پَسُ[٢٧] جو پَگهُہ[٢٨] پِئُومِ[٢٩]،
ٻيڙيءَ جيئن ٻَڌي وِئو، سُوڍو ساهُہ سَندومِ[٣٠]،
وِهڻُ[٣١] وِهہ[٣٢] تَئُومِ[٣٣]، جَاڳِئُو[٣٤] تي[٣٥] جَرُ[٣٦] هَارِيَانِ[٣٧].

١. جسم، بدن، ساهہ، دل. ٢. لڪڻ، چهبڪ، لٺ. ٣. ڪسڪي وئو، هلئو وئو. ۴. مونکي ماريو يا برباد ڪئو. ۵. وهم، دليل، وسوسي. ٦. هرگز، بنهہ، اصل. ٧. جيئري يا زندهہ رهان. ٨. هينئر، هن وقت. ٩. مونکي ڪانيو، مونکي جلايو يا ساڙيو. ١٠. دشمن، رقيبن. ١١. مون کي ڪنو يا قتل ڪئو، مونکي ماريو. ١٢. ڳالهين، سخنن، گفتن، ويڻن، ميهڻن، طعنن. ١٣. باغن کان. ١۴. بُستانن کان، بان، توبهہ، بيزاري. ١۵. ڪنڌيءَ تي، ڪناري يا ڪپَ تي. ١٦. ڪاڪ نديءَ جي. ١٧. انگوريا، ٻوڪڻا، ميوي جو پچڻ طرف رجوع يا مائل ٿيڻ واريءَ حالت ڏانهن ورڻا. ١٨. ڪان سواءِ. ١٩. پسند. ٢٠. ٻڌي. ٢١. رسو، نوڙي. ٢٢. جسم، جيءُ، بدن، دل. ٢٣. ڪشتيءَ. ٢۴. ٻڪئو. ٢۵. جو. ٢٦. دل، من. ٢٧. ڏس. ٢٨. درياهہ يا سمنڊ جي ڪناري تي ٻيڙيءَ ٻڌي ٻيهارڻ لاءِ رسو. ٢٩. مونکي پئو. ٣٠. مون سندو يعني منهنجو. ٣١. آرام ڪرڻ. ٣٢. ڪڙو، ناپسند. ٣٣. مونکي ٿئو. ٣۴. اوجاڳو ڪريو، ننڊ ڦٽايو. ٣۵. تنهن ڪري. ٣٦. پاڻي. ٣٧. وهايان (اکين مان).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڏو[1] ڪاڪ[2] ۾ تيءُ، متان منجهين[3] رهين[4]،
ڏي وراڪا[5] وڃ ۾، وهه[6] گاڏئون[7] ويءُ[8]،
جي پاويئي[9] ته پيءُ، نا ته لاهُئارو[10] لُڙ[11] وهي.

۲۵

ڪکوري[12] ڪاڪ وهي، راڻا[13] پاڻءِ[14] ۾ رتُ[15]،
سودا[16] ايءُ شربتُ[17]، نسوروئي[18] نينهن[19] جو.

وائي

تان تون ويهه سنبهي[20]، ساٿي[21] ميان، پانڌي[22] ميان.
ڪاڪ[23] هلبو ڪڏهين،
ڪوناءُ[24] ڪريمَ[25] جو آيو پهي[26] پرئان[27] تي ميان،
حُڪمُ ڏيندءِ هتَ[28] ۾، هاٿي[29] هلُ هئان[30] تي ميان،
لکين[31] لدوٽون[32] متي[33]، متي واتَ[34] وِنا[35] تي[36] ميان،
جيڪو[37] پُڇان[38] سو چئي، آيو ڪونه اُئان[39] تي ميان.

---

۱. ويجهو، نزديڪ. ۲. ڪاڪ ڪي (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ۳. ان منجهه، ان ۾. ۴. رهجي وڃين، روڪجي پئين. ۵. ڦيرا، گهمرا، چڪر، ورَ. ۶. وهَه سان، زهر سان. ۷. گڏيل، مليل. ۸. درياهه (عشق جو). ۹. وڻيئي يعني توکي وڻي يا پاڻءِ پوي يا پسند اچي. ۱۰. لاهارو، لهوارو، لاهيءَ يا هيناهينءَ ڏانهن. ۱۱. درياهه. ۱۲. ڳاڙهاڻ تي مائل. ۱۳. اي راڻا. ۱۴. ڄاڻ، سمجهه. ۱۵. خون لَهو. ۱۶. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ۱۷. مٺاڻ گڏيل پاڻي. ۱۸. رڳو، بلڪل، صفا. ۱۹. عشق. ۲۰. سنبري، تيار ٿي. ۲۱. اي ساٿي، اي دوست، اي يار. ۲۲. اي پانڌي، اي مسافر. ۲۳. ڪاڪ ڏي (قبر ڏي). ۲۴. ڪوئيندڙ يا سڏيندڙ (عزرائيل فرشتو). ۲۵. ڪرم ڪندڙ، ٻاجهاري، خدا تعاليٰ. ۲۶. قاصد. ۲۷. پري (پنڌ) کان، خدا وٽان. ۲۸. فرمان (خدا جو). ۲۹. توکي ڏيندو. ۳۰. هتان (هن دنيا مان). ۳۱. لکن جي تعداد ۾، تمام گهڻا. ۳۲. ڪاڪ جي ڀرسان هڪ ڳوٺ. ۳۳. لنگهي، پار ڪري، اُڪري. ۳۴. متان، تان. ۳۵. رستي، گسَ. ۳۶. اتئي. ۳۷. جنهن کان. ۳۸. خبر وٺان، احوال وٺان. ۳۹. اُتان، ان هنڌان (هَن دنيا مان).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ رَاڻُو

داستان پنجون

١

نَہ وَارِثُ[1] نَہ وَلَھو، سَنگَتُ[2] نَہ سِيَاکو[3]،
تو[4] پُڄَاڻان سُپِرِين[5]، آيُمِ[6] اولاکو[7]،
پَانڌِيَا[8] پَارَانيو[9]، ڏِجَا[10] ڏَاتِيءَ[11] ڏولَ[12] کي.

٢

ڏِجَاھُہ ڏَاتِيءَ ڏولَ کي، سَنيھو سَارِي[13]،
مُون کي ڦَٽُ[14] فِرَاقَ[15] جو، مَيندَرَا[16] مَارِي[17]،
اَچِين نَہ[18] وَارِي[19]، ڪَرَھو[20] ڪَمِيٽِيءَ[21] تي.

٣

ڪَرَھو ڪَمِيٽِيءَ تي، سودَا[22] وَارِ سُجَاڻَ[23]،
ڪوھُہ[24] ڪَرِيَان ڪَاڪِ[25] کي، تَنِ[26] توھِين[27] ڏي تَاڻَ[28]،
لَاھِي[29] غَيرَ[30] گُمَانَ[31]، اَگُڻِ[32] آءُ اُکَنڊِيِنِ[33].

---

١. سرپرست، خاوند، ڪانڌ، ڀتارُ، ولهو، مائٽ، ابو ڏاڏو، اولاد، ٢. عزازت، مائٽي، دوستي، سنگت، ٣. سياڀو، سڱ، برادري = ڀائيچاري، ساهراڻي آکهہ، ۴. تو ڀڄاڻان = تو کان پوءِ يا بعد، ۵. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ٦. مونکي آيو، ٧. رولڙو، مصيبت، تڪليف، ڏک، پريشاني، فڪر، ڳڻتي، ٨. اي پانڌي، اي قاصد، ٩. سنيهو، پيغام، نياپو، ١٠. تون ڏج، ١١. ڏٺ جي رهاڪوءَ يعني راڻي کي (ڏٺ ٺر جي علائقي جو هڪ حصو آهي)، ١٢. ڍولڻي، سهڻي، محبوب، ١٣. ياد ڪري، سنڀالي، چيت ڪري، ١۴. زخم، گهاءُ، ١۵. وڇوڙي، جدائيءَ، ١٦. اي ميندرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا قوم جي ميندرا پاڙي مان هو)، ١٧. ايذائي، ڏکائي، تڪليف ڏي، ١٨. ڇو نٿو، ١٩. موٽائي، ڦيرائي، ٢٠. اٺ، چانگو، ٢١. بدڪار، نيچ، ڪم ذات، ٢٢. اي سوڍا، اي راڻا، ٢٣. سياڻا، داناءَ، عاقل، ٢۴. ڇا، ٢۵. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ٢٦. تن جي، دل جي، ٢٧. تو ئي، صرف تو، ٢٨. ڇڪ، ڪشش، ڪاڍو، ٢٩. ڇڏي، ختم ڪري، ٣٠. غلط، بي واجبي، غير جا، ڏارين جا، ٣١. شڪ، وهم، ٣٢. اڱڻ ۾، گهر ۾، ٣٣. اُڪنڍين جي، سڪندين جي، مشتاقن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

اگڻ آءُ اُڪنڊيين، پرچي پيارا،
پلڪ پراهُون نہ سهيين، جيءَ جا جيارا،
نينهان نظارا، سڄ تہ مان سُورُ لهي.

۵

سڄ تہ مان سُورُ لهي، اڪيُون پري باجهہ،
راڻي جيءَ رهاڻ ڪي، وِيني وجهان واجهہ،
سُوڍا لهي ساجهہ، پس توشڪُون تڪيا.

۶

سيئي توشڪُون تڪيا، سيئي وِچاٽا،
پسئو پر پچي هنيُون، حبيبن هاٽا،
هِڪ ڏونگها ڏاڏاٽا، ٻِئو مُوٽئو تان نہ ميندرو.

۷

ڪري موت ميندرو جي لُڊوٽئان لالُ،
گهر مڙوئي گهوربان، هُوند پنهنجو حالُ.

---

۱. اڳڻ ۾، گهر جي احاطي يا پڌر ۾، گهر ۾. ۲. اچ. ۳. اڪنڊين جي، سڪندين جي، مشتاقن جي. ۴. راضي ٿي، ڏک ڏمر ڇڏي. ۵. اي پيارا، اي محبوب. ۶. گهڙي، ساعت، پلُ. ۷. پري، ڏور. ۸. توکي سهان يا گوارا ڪريان. ۹. جان، دل. ۱۰. جياريندڙ. ۱۱. نينهن جا، محبت يا پيار ڀريا. ۱۲. نظرون، نگاهون. ۱۳. ملاءِ. ۱۴. منهنجو يا مونکي. ۱۵. دک، درد، غم. ۱۶. ختم ٿئي، ڇڏي وڃي. ۱۷. نيڻ. ۱۸. پُر يا ڇڪار ڪري. ۱۹. ٻاجهہ سان، مهربانيءَ سان. ۲۰. مومل جي محبوب جو نالو. ۲۱. ڪچهري، ملاقات، ميلاپ. ۲۲. وجهان واجهہ = واجهايان، اسڙڪان، سڪان. ۲۳. اي سوڍا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ۲۴. هٿ ڪري، حاصل ڪري. ۲۵. ساجهہ ڪي، سجهہ يا وجهہ يا موقعي ڪي. ۲۶. (اچي) ڏسُ. ۲۷. گاديلا، ٻتراٽيون، بسترا، هنڌ، مالَ اسباب، بادشاهن جي جواهرن يا قيمتي شين رکڻ جون جايون. ۲۸. طولَ يا وڏا وهاڻا جنهن کي ٻنا ڏيئي ويهبو آهي، آستان يا مڪان. ۲۹. سيئي وڇاڻا = ساڳيا بسترا. ۳۰. ٻڌ، ٻٽَ، ميدانَ، قتل يا ويران هنڌ يا جايون. ۳۱. جلي، ڪامي، سڙي. ۳۲. دل. ۳۳. حبيبن جا، محبوبن جا. ۳۴. استعمال ڪيل، ڪم ۾ آندل، ماڻيل، ورتايل. ۳۵. طعنا، ميهڻا. ۳۶. مائٽن جا. ۳۷. ورئو، واپس آيو. ۳۸. راڻو (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو). ۳۹. لڊوڻي ڏانهن (لڊوڻو يا لڊاڻو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي مول جي شهر ڪاڪ پرسان هڪ ڳوٺ آهي). ۴۰. ڳارهو، سهڻو، محبوب (راڻو). ۴۱. محلات (ءِ ان ۾ پيل سامان). ۴۲. سمورو، سڄو. ۴۳. صدقو يا قربان ڪريان. ۴۴. جيڪر. ۴۵. هستي، وجود، جان، تن، بدن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَاڻــي[1] ڏَارَانِ[2] رَاڄَ[3] ۾، مُـون[4] نَــہ گــهُــرجي مَــالُ[5]،
سُــودِي[6] کــي سُــوَالُ[7]، ڪَـرِيَـان تِـي قُـربَ[8] جــو.

٨

سُــودِا[9] سُــورَ[10] سَــڪَـايُـون[11]، اکِــيُــون[12] آبُ نَــہ ڪَــنِ[13]،
رَاڻــي جِــيءَ رِهَــاڻِ[14] ڪــي[15]، وِڏُوٽِــيُــون[16] وَتَــنِ[17]،
سي ڪِيئَن[18] مَينڌرَا[19] مَڃن[20]، جي تو سودِا سُورِيءَ[21] چَاڙهِيُون.

٩

سُــودِا تُــنــهِــنجــي سُــورَ، اَنــدَرِ[22] آڳِــيُــون[23] لائِــيُــون[24]،
رَاڻَــا رِهَــاڻَــنِ جَــا، مَــارِبِــنــهُــون[25] مَــذڪُــورَ[26]،
طَعـنَـا[27] ڏِيــنِــهُــون[28] تُــورَ[29]، آءُ تَــہ پِــرِيــن[30] پَــرَچُــون پَــاڻَ[31] ۾.

١٠

رُس[32] مَ رُسَــڻُ گــهــورئــو[33]، پَــرَچُ[34]، مَ وَاڻءُ[35] پَــرِي[36]،
وِڌُم[37] ڦَــٽُ[38] فِــرَاقَ[39] جـــو، جِــهَــتَ[40] جــي ذَرِي[41]،
لاَلَــڻَ[42] جــي لَــطِــيــفُ چَــئــي، سُــونَــهَــائِــي[43] سَــرِي[44]،
آيَــسِ تــو گَــرِي[45]، تَــہ ســودِا سُــکِــيَــاڻِــي[46] تِــيَــان.

---

١. مومل جي محبوب جو نالو. ٢. کان سواءِ. ٣. مُلڪ. ۴. مونکي. ۵. ڌن دولت، دنياوي اسباب. ٦. راڻي (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٧. عرض، وينتي، گذارش. ٨. محبت يا پيارَ (ڪرڻ). ٩. اي سوڍا، اي راڻا. ١٠. (تنهنجي جدائيءَ جي) درد، ڏک. ١١. ڏکايون، ڪنبايون. ١٢. نيڻ. ١٣. آبَ نہ ڪن = پاڻي سُڪائي خشڪ ٿي ويون آهن (کهڻي ڊپ ۽ خوف سببان روئڻ ڪري). ١۴. ڪچهريءَ، صحبت، ملاقات، ميلاپ. ١۵. لاءِ. ١٦. اُداس ٿيون، غمگين ٿيون. ١٧. ڦرن، وقت گذارين يا ڪاٽين. ١٨. ڪهڙيءَ طرح. ١٩. اي مينڌرا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا نک يا ذات مان هو). ٢٠. بدن تي ماس چاڙهين، سگهاريون ٿين، تازيون توانيون ٿين. ٢١. سوريءَ تي (نيزن ۽ ڀالن سان جڙيل (ڪٽ مٿل) هڪ ڪاٺ جو چوڪنڊ جنهن تي پراڻي زماني ۾ ڏھارين کي اڇلي ماريو ويندو هو ان کي سوري چئبو هو). ٢٢. اندر ۾، دل ۾. ٢٣. ٻاهيون. ٢۴. لڳايون، ٻاريون. ٢۵. مونکي مارين. ٢٦. يادگيريون، ڳالهيون، ذڪرَ، بيان. ٢٧. ميهڻا، ڏونگها، ڏوراپا. ٢٨. مونکي ڏين. ٢٩. هڪ جيڏيون، سرتيون، هم عمر ڄوڪريون. ٣٠. اي پرين، اي محبوبَ. ٣١. راضي ٿيون، ٺاهہ ڪريون، رضا نامون ڪريون. ٣٢. ناراض ٿيءُ، ڪاوڙ ڪر. ٣٣. ناراضپو، ڪاوڙ، ڏک ڏمر. ٣۴. ٻن پئو، ڪَڏ ۾ پئو. ٣۵. وڃُ. ٣٦. ڏور، دور. ٣٧. مون کي وڌو. ٣٨. چيرُ، وَڍُ، زخم. ٣٩. جدائيءَ، وڇوڙي. ۴٠. نينهن، محبت، عشق. ۴١. ٿوري مقدار. ۴٢. محبوبَ. ۴٣. واقف ڪئي، ڄاڻو ڪئي. ۴۴. شوق، محبت. ۴۵. وٺ. ۴٦. آسودي، خوشحال، نهال.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

۱۱

رُسُ[1] مَ[2] رُسَنُ گهورئو[3]، راڻا[4] چَڏِ ريَاءُ[5]،
ميت[6] مَدايُون[7] موٽُ[8] تُون، ڪَري نرت[9] نياءُ[10]،
لالَڻ[11] جو لطيف رح چئي، ڪونهي سُونهَن[12] سياءُ[13]،
اوگُڻ ڏِکي[14] آءُ، تَه سودا[15] سُکيَاڻي[16] ٿِيَان.

۱۲

رُسُ مَ رُسَنُ گهورئو، چَڏِ راڻا ريڏائي[17]،
لَپيتِج[18] لطيف رح چئي، ڪامِلَ[19] ڪچائي[20]،
مُنهنجي ميت مينڌرا[21]، عاقل[22] اگلائي،
ڪَرِ مَعافي[23] مَدائي، تَه سودا سُکيَاڻي ٿِيَان.

۱۳

رُسُ مَ رُسَنُ گهورئو، اُٿُ اوراهُون[24] آڻ،
ليڙي[25] کي لطيف رح چئي، تَنگُ[26] سَوارو[27] تاڻ[28]،
شَرميندِيُون[29] سَيِن[30] پَرِيِن[31]، پُنِيءَ[32] لائي[33] پاڻ[34]،
اَچِي مُشڪُ[35] مَاڻِ[36]، تَه سودا سُکيَاڻي ٿِيَان.

---

١. ناراض ٿيءُ، ڪاوڙ ڪر. ٢. ناراضپو، رنج، ڪاوڙ. ٣. ٻن پئو، ڪڏ ۾ پئو. ۴. اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو). ۵. بي انصافي. ٦. ميسار، وسار، درگذر ڪر. ٧. خطائون، اوٽايون، غلطيون. ڏوهه، قصور، عيبَ، اوگڻ. ٨. واپس اچ. ٩. نرت سان، هوش سان، پيار سان، شوق يا هيج سان. ١٠. عدل، انصاف، حق جو فيصلو. ١١. محبوب. ١٢. سونهن ۾. حسن ۾. ١٣. ثاني، مَٽ، جوڙ، برابر. ١۴. لڪائي، ڇپائي، پردو ڏيئي. ١۵. اي سوڍا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا نک يا پاڙ، مان هو). ١٦. آسودي، خوشحال، نهال. ١٧. ارڏائي، روسامون، انگل. ١٨. ڍڪج. ١٩. اي ڪامل، اي بزرگ، اي بي عيب يا پوتيءَ پاڪَ. ٢٠. قصور، مدائي، اَگلائي. ٢١. اي مينڌرا، اي سوڍا. ٢٢. سياڻا، داناء. ٢٣. بخشَ، درگذر. ٢۴. ويجهو، اوري، نزديڪ. ٢۵. اُٺَ. ٢٦. اٺ جي پلڻ يا پاکڙي کي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سٽ، ڏاس يا نَهورَ جو پٽو. ٢٧. سويل ٿي، ساجهر. ٢٨. ٻڌ. ٢٩. شرمسار، لڄاريون، ڪانياريون. ٣٠. سيِن، هر هڪ. سيڪنهن. ٣١. پَرين سان، ريتَ يا نمونن سان، پرڪارن سان. ٣٢. پنيان، پويان. ٣٣. لڳائي، هلائي، وني. ٣۴. پنهنجي. ٣۵. ڪٿوري، ٻنان سڳن هرڻ جي ڌن مان نڪتل خوشبودار مادو. ٣٦. واپراءِ، ورتاءِ (مشڪ ماڻ = ڪاڪ جا واس يا خوشبويون وٺ).

۱۴

رُس مَ رَسَڻُ گهورئو، اُنُ اوراهُون ڪَر،
پَرِي[١] ڪاڪِ[٢] قُربَ[٣] سين، تُنهنجي اَچَڻَ ساڻُ اَپَر[۴]،
لله[۵] لَڳِ لَطيِف[٦] چَئي، ڪِجِ وِلهيءَ[٧] تي وَرِ[٨]،
پَرَچُ[٩] پِرِين[١٠] ڪِنهن پَرِ[١١]، تہ سودا سُڪيَاٽي ٿِيان.

۱۵

رُس مَ رُسَڻُ گهورئو، اُنُ اوراهُون چور[١٢]،
تو رءَ ڪاڪِ[١٣] ڪَڙِي[١۴] ٿِي، ساڻُ سُرڪَندَ[١۵] سور[١٦]،
اَچِي چَندَنُ چوڙِ[١٧]، تہ سودا سُڪيَاٽي ٿِيان.

۱٦

اَجُ نَہ ڳالهائُون[١٨]، هُونِ[١٩] ڏهاڙِي[٢٠] نِجُهري[٢١]،
پَسو[٢٢] پَهُہ[٢٣] پِئُون[٢۴]، آتَڻُ[٢۵] سُجو[٢٦] اُنِ ري.

۱۷

اَجُ نَہ پَسان سي، آتَڻِ[٢٧] ڪَتُمِ[٢٨] جَن سين،
هَاٽي تَنِي ڪي، ڪَنڌِيءَ[٢٩] ڪاڪِ[٣٠] نِهارِئان[٣١].

---

١. پِرِ تي يا چڪار تي، ٢. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ٣. محبت، پيار، ۴. بي حد، بي انت، تمام گهڻي، ۵. الله جي، خدا جي، ٦. واسطي، ٧. مسڪين، غريب، ڪنگال، سُڃيءَ، لاوارث، ٨. مهرباني، احسان، ٩. راضي ٿيءُ، روسامون ڇڏ، ١٠. اي پرين، اي محبوب، ١١. نموني، ريت، ١٢. سير، ريڙهہ، ڪَرِ، ١٣. ڪان سواءِ، ١۴. ناپسند، اڻ وڻندڙ، اَڳري، بدبودار، ١۵. چندن يا صندل (هڪ خوشبودار وڪر)، ١٦. ناهہ يا ٻَٽاءِ (خوشبودار)، ١٧. ماڻ، واپراءِ (چندن چوڙ = ڪاڪ جا واس يا خوشبويون وٺ)، ١٨. انهن جو ڳالهاءُ ا آواز، ١٩. هوندا هئا، ٢٠. سدائين، هميشہ، هر روز، ٢١. نجهري ۾، گهر ۾، مڪان ۾، ٢٢. ڏسو، ٢٣. خيال، پورَ، ريجڪ (وجڻ جو)، ٢۴. انهن کي پئو يا ٿئو، ٢۵. سٽ ڪتڻ جي جاءِ (گهر، زنانخانو، حرم سراءِ)، ٢٦. خالي، ٢٧. آتڻ ۾، ٢٨. مون (سُٽ) ڪتيو (رهاڻ ڪئي)، ٢٩. ڪنڌيءَ تي، ڪناري تي، اوسي پاسي ۾، ٣٠. ڪاڪ جي، ٣١. ڳوليان.

١٨

مُومَلَ وِيٺي مَيندَرو[1]، سَدائين[2] ساري[3]،
وَلِيُون[4] واسَ[5] وَرَنِيُون[6]، چَانگي[7] كي چَاري[8]،
جَڏهِين تَڏهِين[9] سُپِرين[10]، اِيندوم[11] اوتَاري[12]،
سودِي[13] سين ساري، ڳَالهِيُون ڪَندِيَس ڳُجهِيُون[14].

وائي

كِيّ[15] جو كاكِ[16] تَڙَان[17]، چَانگي چَرَهو[18] چَكِئو[19]،
كَرَهي[20] كَاٽِيُون[21] رَتِيُون[22]، نَائي[23] نَاگِيلاَ[24]،
وَكُ[25] وَاسِئائين[26] پَانهنجو، سَپُوئي[27] سُراهِيَان[28]،
كَرَهو سَرَهو[29] ڏيهَ[30] ۾، نَ تنهن ڊَپُ نَ ڌاءُ[31]،
پَاهُ[32] پِرائي آيو، لالي[33] لُڏٽِئان[34]،
تُون ڏاتي[35] تُون ڏِتَ ڏَٽي[36]، تُون راڻو[37] تُون راءُ[38]،
مُومَلَ مُحتاجِيُون[39] كَري، عَاجِزِيُون اَگِيَاءُ[40].

---

١. راڻو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا قوم جي ميندري نک يا ذات مان هو)، ٢. هميشہ، روزانو، وري وري، هر وقت، ٣. ياد ڪري، سنڀالي، ٤. زمين تي پکڙندڙ ٻوٽا، ٥. خوشبوء، ٦. واريون، ٧. اٺَ، ٨. كارائي، ٩. جڏهين تڏهين = جنهن بہ وقت يا مهل، ١٠. پرين، محبوبُ (راڻو)، ١١. مون وٽ ايندو، ١٢. اوتاري ۾، گهر ۾، ١٣. راڻي، ١٤. مخفي، راز جون، ١٥. ڪجهہ، ١٦. كاك جي (رياست جيسلمير ۾ كاك هڪ نديءَ جونالو اهي ۽ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ١٧. تڙ كان، گهيڙ كان، هنڌ يا ماڳ كان (واهہ يا درياهہ وغيره جي كناري تي جنهن هنڌ يا جاءِ تان ماڻهو پيئڻ لاءِ پاڻي ڀريندا آهن، مال کي پاڻي پياريندا آهن، ڪيڙا ڌوئندا يا وهنجندا آهن ان جاءِ يا هنڌ کي تڙ چئبو آهي)، ١٨. چارو، كاڏو، گاهہ، ١٩. كاڏو، چنو، ٢٠. اُٺَ، ٢١. (ڳچيءَ ۾ ٻڌل) ڳانيون، ٢٢. ڳاڙهيون يا لالَ كيون، ٣٢. (كائڻ واسطي) نمائي، جُهكائي، ٢٤. (واحد ناگيلو) وڻ جو هڪ قسم، ٢٥ وَلر، ڌَڻ، ٢٦. سُرهو يا خوشبودار كيائين، ٢٧. سمورو، سڄو، ٢٨. سُراهين سان، خوشبوين سان، ٢٩. خوش، ٣٠. ملڪ، ديس، ٣١ ڊپ، خوف، خطرو، ٣٢. رنگ، رونق، ٣٣. لالاڻ، ڳاڙهاڻ، ٣٤. لڊوٽي كان ياسان (لڊوٽو يا لڊاڻو كاك شهر جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي)، ٣٥. ڍِت جو رهاكو (ڍِت، ٿر علائقي جو هڪ حصو آهي)، ٣٦. ڍت جو، ٣٧. مالڪ، ٣٨. راجا، راءُ، ٣٩. عاجزيون، آزيون نيزاريون، ٤٠. تنهنجي اڳيان، تنهنجي حضور ۾.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُر راڻُو

داستان ڇهون

①

ڪِينَ[1] سَاڳَاهِيُمِ[2] سُپِرِين[3]، جَاڙُون[4] ڪِيَمِ[5] جَالَ[6]،
سُودِاَ[7] مُون ڪي ڪَالَهَ[8]، مُوتِي مُنهَن مِ آيُون.*

②

ڪِينَ سَاڳَاهِيُمِ سُپِرِين، جَاڙُون ڪِيَمِ جي،
سُودِاَ مُون ڪي سي، مُوتِي مُنهَن مِ آيُون.

③

ڪِينَ سَاڳَاهِيُمِ سُپِرِين، جَاڙُون ڪِيَمِ جِتِ،
سِيئِي مُون ڪي تِتِ، مُوتِي مُنهَن مِ آيُون.

۴

خَامُوشِي[9] خَبَرَ[10] جِي، مُومَلَ[11] ثِي مَتَ[12]،
صَبرُ ثِئُو سُپِتِ[13]، مُنهِنجِي حَقِ[14] مَيِنڌَرَا[15].

۱. ڪجهہ نہ، ۲. مون ساڳاهيو، مون سمجهيو يا هوش ڪئو، ۳. اي سپرين، اي پرين، ۴. خطائون، غلطيون، ۵. مون ڪيون، ٦. گهٽيون، ۷. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قومَ مان هو)، ۸. گذريل ڏينهن جڏهين تو مونکي ٻئي مرد سان ستل ڏٺو *پوڳٽيون پيون، لوڙڻ پَيون، ۹. لڪائڻ جو عمل، صبر، ۱۰. ڄاڻ يا سَڌِ تہ مومل ٻئي مرد سان ستي پئي آهي، ۱۱. مومل کي، ۱۲. نصيحت (ڪنڌ)، ۱۳. سپتيو، شاناڻتو، موچارو، ڪارائتو، ۱۴. حق ۾، ٻاري ۾، واسطي، ۱۵. اي مينڌرا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌري نک يا پاڙي مان هو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵

سوڍا[1] صَبرُ[2] تنهنجو، مُومَل[3] مَتِ[4] ٿئو،
تو جو[5] ڪالهه[6] ڪئو، تنهن مَڏيُون[7] مَيتي[8] ڇڏيون.

٦

سوڍا صَبرُ تُنهنجو، سَپِنِي[9] سُونهائي[10]،
چُپ[11] سين چَلائي[12]، چِنيُون[13] جي چُئَڻ[14] جُون.

۷

سوڍا صَبرُ تُنهنجو، مَرڪُ[15] لَڄايُن[16]،
چُپ سين جي چَوَن[17]، اَدَبُ[18] ڪجي اُن جو.

۸

سوڍا صَبرُ تُنهنجو، لَڄايُن مَرَڪُ،
نَه ڪُڇَڻ[19] سين نَڪُ[20]، رَءِ رُڪَ[21] راٽي[22] وِڌئو[23].

۹

سوڍا صَبرُ تُنهنجو، مُون کي نَصيحَتَ،
رِبلاَ[24] ڪَنديس رَتَ[25]، مَينڌرا[26] تو[27] مَهندان[28].

۱. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ۲. خاموشي يا ماٺ (ڌارئين مرد سان سمهڻ واريءَ غلطيءَ تي). ۳. مومل کي. ۴. نصيحت. ۵. صبر ڏانهن اشارو. ٦. گذريل ڏينهن جڏهين تو مونکي ڌارئين ماڻهوءَ سان ستل ڏٺو. ۷. برايون، خطائون، قصور، ڏوهه. ۸. ميساري، ختم ڪري. ۹. سپني (ماڻهن) کي. ۱۰. آگاهه يا خبردار ڪري. ۱۱. ماٺ، خاموشيءَ. ۱۲. هلائي، جاري ڪري. ۱۳. خطَ، نِوشتا. ۱۴. نصيحت، هدايت. ۱۵. فخر، اعزاز. ۱٦. لڄاين لاءِ، لڄي يا شرميلين عورتن لاءِ، مياڙدار يا ڪانيارن عورتن لاءِ. ۱۷. ڳالهائين، نصيحت يا تنبيهه ڪن. ۱۸. لحاظ، عزت. ۱۹. طعني هڻڻ، ڳالهائڻ. ۲۰. ساهه کڻڻ يا سڪڻ لاءِ بدن جو هڪ عضوو. ۲۱. ڪان سواءِ. ۲۲. (رُڪ يا لوهه جي) ڪاتي يا ڇُريءَ. ۲۳. ڪپيو (نڪ وڍيو = شرمسار يا لڄي ڪئو). ۲۴. وهڪرا، ڌارون. ۲۵. رت جا، خون جا. ۲٦. اي مينڌرا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي يا نک مان هو). ۲۷. تنهنجي. ۲۸. اڳيان، سامهون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٠

سودا صَبرُ تُنهنجو، بي[١] عَقلن عَقُلُ[٢]،
آهي اُنگ[٣] اَمُلُ[٤]، مانِ تُنهنجي مَيندَرا.

١١

سودا صَبرُ تُنهنجو، بي عَقلَ آئي بازِ[٥]،
سَندي[٦] صَبرَ سازَ[٧]، توبَهہ[٨] کاربِس[٩] تَکڙي[١٠].

١٢

سودا صَبرُ تُنهنجو، سَهَس[١١] سيکاري[١٢]،
مُومَلَ جي واري[١٣]، نِجاڻان[١٤] کوهہ[١٥] ٿِئو.

١٣

سوِدا صَبرُ تُنهنجو، سيکاري سَهَسَ،
پُڄِي[١٦] تِئان پَهسَ[١٧]، مُون[١٨] کي نَصِيبَ[١٩] نِيئي[٢٠] جَهلِئو[٢١].

١٤

سودا صَبرَ تُنهنجي، ماڻُهو[٢٢] ڪي[٢٣] مُومَلَ،
کَپَرِ[٢٤] مَنجهان کَلَ[٢٥]، پِيَمِ[٢٦] پرِين[٢٧] تُنهنجي.

---

١. بي عقلن يعني نادانن کي. ٢. دانائي، سياڻپ، ڄاڻپ، نصيحت. ٣. چشم پوشي، غم کائڻ، سور سهڻ، چال. ٤. بي بها، بي حد قيمتي. ٥. پوئتي، پٺتي (باز آئي = موٽائي سنئين رستي تي آئي). ٦. جي. ٧. هٿيار، اوزار، وسيلي، ذريعي. ٨. پڇتاءُ. بان. ٩. مون کي ڪرائي. ١٠. جلدي، تيز. ١١. سهس کي، سون هزارن (ماڻهن) کي. ١٢. تربيت ڏي (ادب جي)، سبق يا نصيحت ڏي. ١٣. پيري، دفعي. ١٤. اڻون نٿي ڄاڻان، مونکي خبر نہ آهي. ١٥. (ايئن) ڇو. ١٦. پهچي. ١٧. تنهن هنڌ کان يا جاءِ کان. ١٨. جلدي، تکڙو. ١٩. تقدير، قسمت. ٢٠. کڻي. ٢١. روڪيو. ٢٢. سچو انسان، ڀل مانس. ٢٣. ڪئي. ٢٤. خراب روش. ٢٥. خبر، سُڌ. ٢٦. مونکي پيئي. ٢٧. اي پرين، اي محبوب.

١۵

تِئان[1] مُومَل[2] مُوٽَڻُ[3] لِکِئو[4]، سَهَسِين[5] جِئان[6] سِکَنِ[7]،
سي هُونهِين[8] جاڙَ جِين[9]، جي کوري[10] ڪاغذ آيُون[11].

١٦

اَدِيُون آنَڻَ وارِيُون* نِرجا[12] نَکَ[13] تِئا،
وِڏِيا تان[14] نَہ وِئا، پاٿان[15] مُورِئا[16] مُنهَن[17] ۾.

١٧

موري مُنهَن[18] وِڏا تِئا، وِڏِيا تان نَہ وِجَنِ،
اَدِيُون اَناسَنِ[19]، اِنِ کوجَهن[20] کي کُوهُہ[21] ڪَريان.

١٨

جَني سَنڌي[22] مُنهَن ۾، نَهايُون[23] نَکَنِ[24]،
تَن مان وِڏيو هِڪڙو[25]، ڪِهڙو[26] تورو تَن[27].

١٩

سوڏا[28] شَرمُ[29] جَنِ، موتي آيو مُنهَن ۾،
سي لَجايُون[30] لُڄَنِ[31]، پَسِئو[32] عيبَ[33] اڳِيان[34].

١. اُن جاءِ تان، ان هنڌ تان. ٢. مومل کي. ٣. واپس ٿيڻ (خالي هٿن سان، بنان فيض جي). ۴. نصيب يا قسمت ۾ لکيل. ۵. سوين هزارين يا بي شمار (ماڻهو). ٦. جتان، جنهن هنڌان. ٧. (نصيحت يا سبق) حاصل ڪن يا پرائين. ٨. اجايون، بي فائدي، جاڙ. ٩. جيئريون يا زنده رهن. ١٠. اڻ لکيل. ١١. ڪاغذ سان، پني سان (ڪوري ڪاغذ = نصيب يا ڀاڳ کان محروم يا وانجيل) *اي اديون، اي مون سان سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾ گڏ وهندڙ ڀينرون. ١٢. نرلجا، لڄ يا حياءَ کان سواءِ، بي شرم، ضدي، نِڙر. ١٣. نَڪَ جو جمع (نڪَ بدن جو هڪ حصو آهي جنهن سان ساهہ کڻبو آهي ۽ سنگهڻ جو ڪم ڪبو آهي). ١۴. تہ بہ. ١۵. ويتر. ١٦. (وڏيڪ شاخن يا ٽارين سان) ابريا، انگور جهليائون. ١٧. مکَ، پيشانيءَ. ١٨. منهن ۾. ١٩. اناسن کي، بنا ناس ۽ پتي وارن يعني بي حيا نڪن کي. ٢٠. بدصورتن يا خراب شڪل وارن. ٢١. ڇا. ٢٢. جي. ٢٣. ڪوريون يا آويون جن ۾ ڪنيار ٿانءَ يا برتن پچائيندا آهن. ٢۴. نڪن جون. ٢۵. هڪ نڪُ. ٢٦. گهاٽو، ڪمي، گهٽتائي. ٢٧. تن کي. ٢٨. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٢٩. حياءُ، لڄ. ٣٠. شرمنديون (ٿئو). ٣١. ڦٽڪن، بي قرار ٿين، پشيمان ٿين. ٣٢. ڏسئو. ٣٣. خطائون، ڏوهہ. ٣۴. گذريل، گذشتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٠

سودا[1] شرمايون[2]، پسي[3] عيب[4] اڳيان[5]،
نڪ نرجايون[6]، هيون منهنجي حق[7] ۾.

٢١

جي[8] منهن ۾ مديون نه ڏيين*، تو ۾[9] بڌيس تي[10]،
ڍولا[11] جي ڍڪيئي[12]، سي مڇڻ[13] عيب[14] اپٽيين[15].

٢٢

جي منهن ۾ مديون نه ڏيين، تو ۾ تي بڌياس،
سودا ان سهاڳ[16] کي، ويني واجهائياس[17]،
ڍولا تو ڍڪياس[18]، ڏيئي پاند[19] پناهه[20] جو.

٢٣

ڏيئي پاند پناهه جو، ڍڪ[21] ڪئي[22] ڍولي،
ڏسي عيب اکين سان، پاجهه[23] پرئو نه ٻولي[24]،
ڪچيون[25] ڪميڻين[26] جون، خاوند[27] نه کولي[28]،
راڻو نه رولي[29]، مديون پسي مينڌرو[30].

---

١. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٢. شرم ٿين، لڄ يا حياءُ ٿين. پشيمان ٿيون. ٣. ڏسي. ۴. خطائون. ڏوهه. قصور. غلطيون. ۵. گذريل. ٦. نڪ نرجايون = بي حيايون. بي شرمايون. ٧. حق ۾ = لاءِ. واسطي. ذمي. ٨. ڇاڪاڻ ته. جيئن ته *مدين يعني غلطين يا خطائن جي باري ۾ ميار يا ڏورابو نه ٿو ڏين. ٩. تو ۾ بڌيس = تنهنجي قرب يا محبت ۾ ٻڌجي يا قابو ٿي وئي آهيان. ١٠. تنهن ڪري. ١١. اي ڍولا، اي محبوب. ١٢. ڍڪيا اٿيئي، لڪايا يا مخفي رکيا اٿيئي. ١٣. متان. ١۴. اوٿايون. اوگڻ. قصور. خطائون. ١۵. ظاهر يا پڌريون ڪرين. ١٦. (مڙس جي) پيار يا محبت. ڀاڳ. خوش قسمتيءَ. ١٧. مون واجهايو. مون انتظار ڪيو. ١٨. مونکي ڍڪيو. منهنجو پردو رکيو يا عيب پوشي ڪئي. ١٩. پلاند (ڪپڙي جو) ڍڪ. پردو. ٢٠. امان. بچاءَ. حفاظت. ٢١. عيب پوشي. ٢٢. ڪئي. ٢٣. پاجهه پرئو = پاجهارو. مهربان. دياوان. ٢۴. ڳالهائي. چينب يا تنبيهه ڪري. گلا يا ميار ڏي. ٢۵. مديون. مدايون. عيب. ٢٦. بدڪارن. نيچ يا ڪم ذات وارين. ٢٧. مالڪ. ڀتار. پتي. ٢٨. ظاهر ڪري. ٢٩. جدا ٿئي. وڇوڙو ڏي. ٣٠. راڻو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢۴

بَـائـي[1] پَـانـدُ[2] ڳِـچـيءَ[3] ۾، اَگَـڻِ[4] جـي اَچَـنِ،
مُـنهَـن ۾ مَـديُـون* تَـنِ کـي، ڏِسَـڻَ سَـان نَـه ڏَجَـنِ،
اَوگُـڻَ[5] عَـيـبَ مَـتَـايُـون، ڍَڪَـڻُ[6] تـي ڍَڪِـجَـنِ،[7]
تـوڻـي[8] کَـچِـيُـون کَـنِ، مَـعُـافـي[9] کـجَـنِ مَـيـنـدَرَا[10].

٢۵

رَاڻَـا هُـيَـس رِيءُ[11]، تـو سَـائِـيَنءَ[12] مُـون[13] سَـونُ[14] کـئـو،
مُـنـهِـنـجـي مَـدَايُـنِ جـو، حَـالُ[15] اَتـيـئـي هـيءُ،
ڍولاَ[16] ڍَڪَـڻُ تـيءُ، کَـامِـلَ[17] کَـچَـايُـنِ جـو.

٢٦

ڍولـي ڍَڪـي آهِـيَـان، هُـيَـس اُگـهَـاڙي[18]،
ڏِيـئِـي لِـڪَ[19] لاَڙي[20]، کَـکَـرُ[21] کِـيَـائِـيـنمِ[22] کَـاڪِ[23] جـو.

٢٧

ڍولـي ڍَڪـي آهِـيَـان، هُـيَـس اُگـهَـاڙي اَت[24]،
ٻَـاري[25] پَـنـهِـنجـي پَـتِ[26]، کَـکَـرُ کِـيَـائِـيـنمِ کَـاڪِ جـو.

---

١. وجهي، ٢. ڪپڙو، (مٿي تي ڍڪڻ زناني) گندي يا پوتي، ٣. ڳلي (ٻائي پاند ڳچيءَ ۾ = منٿ يا آزيءَ ڪرڻ لاءِ)، ۴. اڱڻ تي يا تڏي تي (گهر جي) *مداين يا غلطين يا خطائن جو ڏوراپو يا ميار، ۵. اوڻايون، ڪچيون، عيب، مٺايون، خطائون، غلطيون، ٦. ڍڪ، پوش، پردو، ٧. لڪائجن، مخفي رکجن، ٨. جيتوڻيڪ، ٩. بخشش، درگذر، ١٠. اي ميندرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو)، ١١. ڪڄ، هلڪي قسم جو ڌاتو، خاڪ، مٽي، دز، ١٢. مالڪ، ١٣. مون کي، ١۴. زردي رنگ جو اوچي قسم جو ڌاتو، ١۵. حالت، ڪيفيت، ١٦. اي ڍولا، اي محبوب، ١٧. اي ڪامل اي بزرگ، اي بي عيب، ١٨. بنان ڪپڙي جي، ننگي، عريان، ١٩. ٽورڙو، ٢٠. اڱڙيءَ يعني پراڻي ڪپڙي جو ٽڪر پردو، ٢١. ڇانو، سايو، رحمت، برڪت، ٢٢. مونکي ڪيائين، ٢٣. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ٢۴. بي حد صفا، ٢۵. نباهي، پوري ڪري، توڙ پهچائي، ٢٦. ساک، انجام، ويساهه، اعتبار.

٢٨

ڍولي[١] ڍَڪي[٢] آهيَان، هُيَس اُگهَاڙِي[٣] اَڳَ[٤]،
جوڙِي[٥] وِچَان[٦] جڳَ[٧]، ڪَڪَرُ[٨] ڪِيَائِنمِ[٩] ڪَاڪِ[١٠] جو.

٢٩

ڍولي ڍَڪي آهيَان، هُيَس اُگهَاڙِي آنءُ[١١]،
پَنهِنجو رکي نَانءُ[١٢]، ڪَڪَرُ ڪِيَائِينمِ ڪَاڪِ جو.

٣٠

ڪَڪَرُ ڪِيَائِينمِ ڪَاڪِ جو، ڏِيئي لاَڙِيءَ[١٣] لِڪَ[١٤]،
هَاٿي مَٿي ڏِڪَ[١٥]، چَرهِئو تِي چَاڳَ[١٦] ڪَرِيَان.

٣١

ڪَنَاڦَتَ[١٧] جَا ڪَاڪِ جِي، مَينڌَري[١٨] مِتَئَامِ[١٩]،
اَوگُڻَ[٢٠] عَيبَ سَندَامِ[٢١]، سَبِ ڍولي ڍَڪِي چَڏِئا[٢٢].

وائي

مَينڌَرَا[٢٣] مُون کي، رَاڻَا[٢٤] جِمَ وِسَارِي[٢٥] ڇَڏِيِن،
مُون کي طَعنَا[٢٦] تُنهِنجَا، ڏِيهُ[٢٧] مِڙوئِي ڏي.

١. محبوب، سجڻ. ٢. ڍڪي آهيان = منهنجو پردو رکيو آهي، منهنجي عيب پوشي ڪئي آهي. ٣. بدن ڪپڙي، ننگي، عريان. ٤. اڳ کان، اصل کان، شروعات کان. ٥. ٺاهي، بنائي، تيار ڪري، جوڙيندي، ڏئي. ٦. وچ مان. ٧. جڳ جي، جهان (جي ماڻهن) جي. ٨. ڇانو، سايو، برڪت، رحمت. ٩. مونکي ڪيائين. ١٠. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ١١. آئون ١٢. نالو (نالو رکڻ = نسبت رکڻ، سڱ ڳنڍڻ، شادي ڪرڻ). ١٣. لاڙيءَ جو، اڳڙي يا پراڻي ڪپڙي جو. ١٤. ٽورو ٽڪر يا پٽي ١٥. سيج، گهوٽ ڪنوار لاءِ شاديءَ جي رات سينگاريل بسترو يا کٽ. ١٦. ناز نخرا، مٺا، انگل. ١٧. ميراڻ، غلاظت. ١٨. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو). ١٩. منهنجي ميٽي يا ختم ڪئي. لاٿي. دور ڪئي. ٢٠. اوڻايون، عيب، خطائون، غلطيون. ٢١. منهنجا. ٢٢. لڪائي، ڇپائي. ٢٣. اي مينڌرا، اي راڻا. ٢٤. متان. ٢٥. دل تان لاهي، ڀلائي. ٢٦. ميهڻا، اولانبا. ٢٧. ملڪ يا جڳ (جا ماڻهو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَاڻي[1] تي[2] رِبَس[3] ڪِي[4]، ڪَڙ[5] سين ڪِلئُمِ[6] جي[7].

وائي ٢

اَچِئو[8] آتَڻَ[9] وَارِيُون، مُون ڪي طَعنَا[10] ڏِين تي،
ڪِيئَن ڪَرِيَان ڪَاڏي وَڃَان، مُون ڪي سوڍو[11] سَجُهہ[12] نَہ ڏي،
پَٿَرِ[13] وَارَ[14] وِڇَايَان[15]، آئُون رِبجِهي[16] رَاڻي ڪي،
ڪَارَايَان[17] ڪِيرولِيُون[18]، آئُون چَارِيَان چَانگي[19] ڪي.

١. مومل جي محبوب جو نالو. ٢. تنهنڪري. ٣. ساڙ، ڪاوڙ. ۴. ڪئي. ۵. دشمن، رقيب، ڏارئين، (ماڻهوءَ). ٦. مون ڪِلئو (راضي يا خوش ٿي). ٧. ڇاڪاڻ تہ، جيئن تہ. ٨. (مون وٽ) پهچيو يا رسيو. ٩. زالن جي سٽ ڪتڻ واري جاءِ (آتڻ واريون = آتڻ ۾ مون سان گڏ ڪتڻ واريون زالون). ١٠. ميهڻا، اولانبا. ١١. راڻو (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ١٢. وَجهہ، موقعو. (ملڻ جو)، وارو. ١٣. پٿر تي، هند تي. وڇاڻي يا بستري تي. ١۴. مٿي جا وار. ١۵. پکيڙيان. ١٦. خوش ٿي. ١٧. چاريان. ١٨. گاهہ جو قسم جنهن مان ڪير جهڙو رس نڪري. ١٩. اُٺ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ راڻو

داستان سِتون

١

ڍَٽِ[1] مَ وَڃِ ڍولَ[2]، ڪَاٽِيَاري[3] ڪَاڪِ[4] ڪَري،
آئُون اڳُهين[5] آهِيان، ٻَڌي[6] تُنهنجي ٻولَ[7]،
توکي سارِئو[8] سُپِرين، رُئان مَنجهه رَتولَ[9]،
تِڪاٽا[10] ءِ تولَ[11]، وِسَهُه[12] مُون[13] وِهُه[14] تِئا.

٢

تُون ڍاتِي[15] ڍَٽَ ڌَڻي[16]، ڍولا[17] تُنهنجو ڍَٽُ،
پائِي[18] تُرازي[19] توريان[20]، تَہ مُلڪُ[21] نَہ تُنهنجو مَٽُ[22]،
لاهي[23] ڪَسَرَ[24] ڪَٽُ[25]، ڪُوڙِ[26] قَناتُون[27] ڪاڪِ مِ.

٣

ڪوڙِ قَناتُون ڪاڪِ مِ، راڻا[28] ويهُه رَهي[29]،
ماڻُهو جي مَحلاتَ جا، سوڍا[30] ڪِج سَهي[31]،

١. ڍٽ ڌاڻهن (ڍٽ ٿر علائقي جو هڪ حصو آهي)، ٢. اي ڍول، اي سڄڻ، اي محبوب، ٣. شرمندي، مياري، گلاري، داغدار، بدنام، ۴. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي (ڪاڪ ۾ رهندڙ ماڻهو)، ۵. اصل کان، شروعات کان، ٦. ٻڌل، پابند، ٧. ٻول سان، ڳالهه سان، ٻوليءَ يا انجام سان، ٨. ياد ڪريو، ٩. محلات، رنگ محل، ١٠. عمارتون، جايون، گهر، ١١. سامان سڙو، مال اسباب، ١٢. اعتبار يا ويساهه ڪر، ١٣. مونکي، ١۴. زهر، ڪڙا، اڻ وڻندڙ، ناپسند، ١۵. ڍٽ جو رهندڙ، ١٦. مالڪ، ١٧. اي ڍولا، اي پرين، اي محبوب، ١٨. وجهي، ١٩. ترازي ۾، ساهميءَ يا ترازوءَ ۾، ٢٠. وزن ڪريان، ٻيٽ ڪريان، ٢١. ڏيهه، جهان، دنيا، ٢٢. ثاني، برابر، ٢٣. ڇڏي، ٢۴. گسر، سُستي، ٢۵. ٻيائي، ضد، ڪلفت، ٢٦. لڳاءُ، هَٺَ، ٢٧. تنبو، خيما، ٢٨. اي راڻا، ٢٩. قيام ڪر، ترسي يا ٽڪي پوُ (هميشه لاءِ)، ٣٠. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٣١. ڪج سهي = سڃاڻج.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينديئي ڳالهه[1] وَهي[2]، وِڪَر[3] پُوندين[4] وَلَها[5].

۴

آءُ راڻا راحَتَ[6]، ڏُونُ[7] ڌَرتيءَ[8] جا ڌَڻي[9]،
سِڪَنِ[10] تيُون سُهاڳڻيُون[11]، سودا تُنهنجيءَ سَتَ[12]،
مُون تان لاهِه[13] مَ هَتَ، ڪامِلَ[14] ڌَڻي ڪاڪ جا.

۵

ڪا جَا[15] راڻي[16] مَنَ[17] ۾، جيئَن نَتو دِلِ گَڏي[18]،
مَحَلَ مازِيُون بَنگلا، اوڏا هِين[19] اَڏي،
مارِبس اِنهيءَ مامِري[20]، جيئَن وئو لُڏوٽي[21] لَڏي[22]،
پينَرُ[23] پاڳِ[24] وڏي، ڪَڏهِين ايندو ڪاڪ تي.

٦

راڻُو رَبُ راضي ڪري، مان[25] نَه وَرائي[26] واڳَ[27]،
چَندنَ[28] سين چِڪَ ڪئو[29]، مُومَلَ لِنبي[30] ماڳَ[31]،
سودي جي سُهاڳَ[32]، ڏِٺُ مِڙوئي[33] ڏِڪئو[34].

---

١. معاملو. ٢. نڪري (هتان يا وس ڪان)، ٣ وڪر ۾. فڪر يا ارمان ۾. ۴. پوندين. ۵. اي ولها، اي پيار، اي خاوند. ٦. دل جي راحت يا چَينَ. ٧. بهترين، اعليٰ. ٨. جڳت، جهان، دنيا، پرٿويءَ. ٩. مالڪ. ١٠. سڪن ٿيون= واجهائين ٿيون، اُڪنڊيون آهن. ١١. مڙسن واريون زالون، بختاور يا ڀاڳن واريون زالون. ١٢. سَتَ ڪي، ڪچهريءَ يا رهاڻ ڪي. ١٣. ڪڻ (هٿ لاهڻ= تعلقات يا لاڳاپو ختم ڪرڻ). ١۴. اي ڪامل، اي بزرگ، ي برگزيدا، ي ڀلارا، اي بي عيب. ١۵. اهڙي (ڳالهه). ١٦. راڻي جي. ١٧. دل. ١٨. لڳائي (دل گڏي = پيار يا محبت ڪري). ١٩. هُنَ هنڌِ يا اُتي يعني پنهنجي ديس يا ملڪ ۾ ئاهي، جوڙي، بنائي. ٢٠. معاملي، ڳالهه. ٢٢. لڊوٽي مان (لڊوٺو) يا لڊاٺو ڪاڪ شهر جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي). ٢٣. هجرت ڪري، سامان سڙو ڪٺي. ٢۴. اي ڀينر، اي اديون. ٢۵. ڀاڳ وڏي = وڏي يا اعليٰ ڀاڳ يا قسمت هجڻ سبب. ٢٦. مان نہ = شال، خدا ڪري. ٢٧. ڦيرائي. ٢٨. اٺ جي مهار (ورائي واڳ = موٽي اچي). ٢٩. صندلَ، خوشبودار وکرَ. ٣٠. تر، مرطوبُ، آلو. ٣١. راڳو ڏي، لپيو ڏي. ٣٢. ماڳ ڪي، جاءِ ڪي، محلات ڪي. ٣٣. سهاڳ سان، قرب يا محبت سان، مهربانيءَ سان. ٣۴. ٿر علائقي جتي هڪ حصي جو نالو. ٣۵. ڏڪي ڇڏئو. (ڀلاين يا مهربانين سان) نوازي ڇڏيو.

⑦

رَاڻَا تُنهِنجِي رِيهَ[1]، مونکي اَکَڙيُنِ ۾،
آئُون تِنهِن گهوري[2] ڏيهَ[3]، جِتي تُنهنجو تَکيو[4].

۸

نَئُون[5] نِيَاپو[6] آيو، رَاڻي وَٽان رات،
لَذيسُون[7] لطيف چئي، کَنَان[8] ڏاتَر[9] ڏات[10]،
کِهَڙي[11] پُڇي[12] ذات[13]، جي آيا[14] سي اگهيا[15].

۹

رَاڻي جيءَ رِهاڻِ[16] کي[17]، رُوحُ[18] کَري رِيهون[19]،
بَاغَ سَڙي بَنُ[20] ٿيا، وَٽِن جُون وِيهون[21]،
کَاکِ مَٿي کيهون[22]، پَسو پَرڏيهين جُون.

۱۰

رَاڻَا نَجَاڻان[23]، تَه کيئَن[24] وِڏوهيين[25] وَلَها[26]،
پيئي کِيئَه کَٽُن[27] تي، ٿيا پَلَنگ[28] پُراڻا[29]،
جَايُون[30] گُلَ زَبَاتَ[31] وَٽَ، تو رءَ[32] کُومَاڻا[33].

۱. جواني، سُونهن، حُسنُ. ۲. ڳولائو، طالبو، سڪندڙ. ۳. ڏيھ جي، ديس يا ملڪ جي. ۴. آستان، ماڳُ، جاءِ. ۵. عجيب. ٦. پيغام، سنيهو، اطلاع. ۷. اسان لڌي، اسان کي ملي يا حاصل ٿي. ۸. وٽان. ۹. ڏاتار، ڏيندڙ، داتا، سخي، خدا. ۱۰. خدائي عنايت يا عطيو، الاهي ڏاج، خدا جي طرفان مليل غير معمولي طاقت. ۱۱. ڪابہ نہ. ۱۲. معلوم ڪري. ۱۳. حسب نسب، ڪڙم قبيلو، آکھ، خاندان. ۱۴. در تي يا حضور ۾ ڪمائي يا رياضت ڪري آيا. ۱۵. قبول پيا، پسند آيا. ۱٦. مجلس، ڪچهريءَ، صحبت. ۱۷. لاءِ. ۱۸. دل. ۱۹. دانهون (ريهون ڪري = بي آرام يہ بيقرار ٿئي). ۲۰. ويران. ۲۱. گهڻو انداز يا تعداد. ۲۲. رڙيون، دانهون. ۲۳. مونکي ڄاڻ نہ آهي، مونکي خبر نہ اهي. ۲۴. ڇو. ڪهڙيءَ طرح. ۲۵. ناراض ٿيو آهين، ڏمريو يا ڪاوڙيو آهين. ۲٦. اي ولها، اي پيار، اي خاوند. ۲۷. مٽي، دز، ڌوڙ. ۲۸. پلنگن، چارپاين. ۲۹. زبون، ردي، بيڪار. ۳۰. جايون گل = جاءِ گلن جا ٻوٽا. ۳۱. زبات يعني زباد جا، مشڪ جا. ۳۲. ڪان سواءِ. ۳۳. مرجهايا، سڪي ويا.

ذَرِيائِي[١] ذورا[٢] تِئا، وَرَ[٣] ري[٤] وِهاڻا[٥]،
مِينڌَرا[٦] مَاڻا[٧]، تو رِءَ[٨] کَنڌِيس کَنِ سين.

(١١)

راڻا[٩] نَہ[١٠] جَاڻان، کِيئَن[١١] وِڏوهِيين[١٢] وَلَهَا[١٣]،
اَچِي کَاڪِ[١٤] کَنڌَنِ[١٥] ۾، پَرَچِي[١٦] ڏي پَاڻا[١٧]،
تَہ سُوڍَلَ[١٨] سِياڻا[١٩]، گُجُهہَ[٢٠] گَرَهِئان[٢١] ڳالهڙيُون[٢٢].

١٢

راڻي رِڻُ[٢٣] ڪِئو، جيڏِيُون[٢٤] مُنهِنجي جِيءَ[٢٥] سين،
مَنُ مِينڌَري وَڍِئو[٢٦]، ڌُبِي[٢٧] ڏَڙُ[٢٨] پِئو،
بُجَهان[٢٩] بَهرِ[٣٠] وِئو، هِنيُون[٣١] هَنڌَ[٣٢] نَہ اَگِيين[٣٣].

١٣

جيڏِيُون مُنهِنجي جِيءَ سين، راڻي رِڻُ ڪِئو،
قَلبُ ڪَاڪِ کَنڌَنِ ۾، پُرزا[٣٤] تِي پِئو،
بُجَهان بِيءَ[٣٥] وِئو، هِنيُون هَنڌَ نَہ هِڪِڙي.

---

١. ذريل ئي يا رڪيل ئي (بنان استعمال جي)، ٢. ميرا، گرا، ٣. خاوند، پتار، شوهر، ٤. ڪان سوا٣، ٥. تڪيا، سراٽا، ڪنڌا، ٦. اي مينڌرا، اي راڻا (مومل جو محبوبُ راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌري پاڙي مان هو)، ٧. نازَ نخر، آرا انگل، جاڳ، ٨. ڪان سواءِ، ٩. اي راڻا، ١٠. نہ ڄاڻان = مون کي ڄاڻ نہ آهي، مونکي خبر نہ آهي، ١١. ڇو، ١٢. ڪاوڙيو يا ناراض ٿيو آهين، ١٣. اي ولها، اي پتار، ١٤. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ءِ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ١٥. ڪپن، ڪنارن، پرپاسي ۾، آس پاس، ١٦. راضي ياخوش ٿي، رسڻ ڇڏي، ١٧. منزلون، ٿاٽا، وِهڪون، ١٨. اي سوڍل، اي سوڍا، اي راڻا، ١٦. داناءَ، سُڄاڻ، عاقل، ٢٠. ڳجهہ جون، راز جون، ٢١. اوريان، ڪريان، ٢٢. ڪهاڻيون، گفتگو، ٢٣. انڌير، ظلم، ٢٤. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢٥. جانِ، جند، جسمَ، دلِ، مَنَ، ٢٦. ڪپيو، ٢٧. آوازَ يا ڦهڪي سان پٽ تي ڪري، ڌڪي، ٢٨. بدن، سرير، ٢٩. سمجهان يا ڀانيان ٿي، ٣٠. پري، دور، پرديس ۾ (راڻي جي ڳولا ۾)، ٣١. دل، قلب، ٣٢. هنڌ تي، ماڳَ تي، جاءِ تي، ٣٣. اصلوڪي، ٣٤. ٽڪر، پور پور، ذرا ذرا، ٣٥. ٻي جاءِ ڏي، پرائي يا ڌارئين ملڪ ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۴

جيڏيون[1] جيئن[2] ڪئو، سودي[3] منهنجي ساهه[4] سين،
هنئين[5] سين هاجو ڪري، وڏوڻجي[6] وئو،
سو ڏسڻ ڏيهه[7] پئو، راڻو جنهن راڄ ۾.

۱۵

سودي منهنجي ساهه سين، جيڏيون جيئن ڪئو،
ڪڙي[8] مون[9] ڪاڪ[10] ٿي، آتڻ[11] وسرئو[12]،
پسان ڪين پئو، تنهن رءِ[13] اڪڙيون سين.

۱٦

سودي سر[14] نئو[15]، هت ڪرنگهر[16] سڪڻو[17]،
راڻي جي رهاڻ[18] ڪئي[19]، پچي تن[20] پئو[21]،
من[22] مينڌري وڏئو[23]، ڏيي ڏڙ[24] پئو،
پسان ڪين پئو، تنهن رءِ اڪڙيون سين.

۱۷

راڻا[25] پسان نه راڄ ۾، هئي جني[26] هاڪ[27]،

---

۱. اي جيڏيون، اي سرتيون. ۲. اهڙو ڪو انڌير يا هاجو يا ظلم. ۳. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ۴. جيءُ، جان، زندگيءَ. ۵. دل، قلب، مَنُ. ٦. ڪاوڙجي، ڏمرجي. ۷. ديس، ملڪ، راڄ. ۸. اڻ وڻندڙ، ناپسند. ۹. مونکي. ۱۰. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ء ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ۱۱. سُٽَ ڪتڻ جي جاءِ، گهر. ۱۲. دل تان لهي وئو. ۱۳. ڪان سواءِ. ۱۴. مٿو، سسي، ڪنڌ. ۱۵. ڪسي ورتو، پاڻ سان ڪنيو. ۱٦. سسئيءَ ڪان سواءِ باقي جسم، ڌڙ. ۱۷. صرف، اڪيلو. ۱۸. مجلس، ڪچهريءَ، صحبت. ۱۹. لاءِ. ۲۰. ڪامي، جلي، سڙي. ۲۱. دل، بدن، جسم. ۲۲. راڻي (راڻي سوڍا راجپوت جي مينڌرا پاڙي مان هو). ۲۳. ڪپيو. ۲۴. آواز يا ٺهڪي سان پٽ تي ڪري. ۲۵. راجائون، بادشاهه، حاڪم. ۲٦. جني جي. ۲۷. واڪاڻ، نالو ناموس، ڌاڪو، دبدبو.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

مَحلي[1] مِيرَ مُقِيمَ جي، مَتَنِ[2] اُنّي[3] ماکَ[4]،
هُو جي پِرهَه[5] پِياکَ[6]، سي لوڏِي[7] وَڃَنِ لَڏِئو[8].

١٨

راڻا پَسان نَہ راڄَ ۾، مَٿي[9] جَنِ[10] مَٽِي[11]،
ڪوهه[12] ڄاڻان ڪِيئنِ[13] وِئا، ڏوراڙِنِ[14] ڌَڻي[15]،
اُتَرَ[16] لَڳِئي[17] اُنِ جا، ڇاڄا[18] پِئا ڇِٽي[19]،
مُحسَنَ ۽ مُقِيمَ* ڏي، اُٿُونَ[20] گهُرَ[21] گهٽِي،
ڪَٿُون جَنِ ڪَٽِي، لُدوٽي لاٿِيُون.

١٩

لَکين[22] لوڏِي[23] لَتِئا[24]، ڪَنڌِيءَ[25] ڪاک ڪِنارَ،
پُون[26] ۾ پِئي پِڪو[27] تِئا گهوڙا ۽ سُوارَ،
جُهونا[28] پَسجَنِ ڪاپَڙِي[29]، ڪُنڌا[30] جَن ڪِپارَ[31]،
سامِي سَڀَ[32] جَمارَ[33]، وِيهي ماڳِ[34] مَرِي وِئا.

٢٠

هُئي جي نَہ هُئي، تَہ راڻو رَنجُ[35] رکي وِئو،

١. محلي ۾، ماڙي ۾. ٢. متن تي، (لِکر يعني باهہ ۾ پڪل مٽيءَ جي نهيل) وڏن دلن يا ماٽن تي (جي پيئڻ جي پاڻيءَ وجهڻ لاءِ يا شراب ٺاهڻ لاءِ ڪم آندا ويندا اهن). ٣. پئي، وسي. ٤. مات، گهم، شبنم (متن انّي ماک = شراب جا مٽ خراب ٿي وِئا يا ڀڄي ڀُري وِئا جيڪا ويراني جي نشاني هئي). ٥. پرهہ جو، اسر جو يا فجر جي مهل. ٦. (شراب) پيئندڙ (پرهہ پياک = صبوح جو سوير شراب پيئڻ يا ماني کائڻ جا هيراک، آسودا يا خوشحال يا عياش ماڻهو). ٧. لوڏي، لوڏ وارا، شڪار ڪندڙ (امير، حاڪم). ٨. هجرت ڪريو، وطن يا گهر گهاٽ ڇڏيو. ٩. مٿي تي، سر يا ڪنڌ تي. ١٠. جن جي. ١١. مٿيا، ڇٽ، تاجُ. ١٢. ڪوهہ ڄاڻان = آئون ڇا ڄاڻان، مونکي ڪا خبر يا ڄاڻ نہ آهي. ١٣. ڪيڏانهن، ڪهڙي طرف. ١٤. ڏوراڙن جا، محلاتن جا، عاليشان عمارتن يا بنگلن جا. ١٥. مالڪ. ١٦. اتر جي طرف جي واءَ. ١٧. لڳڻ سان. ١٨. جهوپڙا، مڪان. ١٩. ڪري، ڊهي *سردار ماڻهن جا نالا. ٢٠. اسان کي آهي. ٢١. چاهہ، طلب، حُبَ، سڪ. ٢٢. لکن جي تعداد ۾، بي شمار. ٢٣. لوڊي، لوڏي، شڪار ڪندڙ (امير، حاڪم). ٢٤. (زمين ۾) پوريا وئا يا دفن ٿئا. ٢٥. ڪنڌيءَ تي، آس پاس، پرپاسي ۾، ڪپ تي، ڪنار يا ڪناري تي. ٢٦. زمين، ڌرتي. ٢٧. چورو، سفوف، مٽي. ٢٨. بوسيدا، سڙيل، ڳريل (مٽيءَ ۾). ٢٩. جوڳي يا سامي فقير. ٣٠. ڪلنگيون، ڇٽ، تاج. ٣١. ڪپار تي، مٿي تي. ٣٢. سڀي. ٣٣. عمر، زندگي. ٣٤. ماڳ تي، هڪ جاءِ تي. ٣٥. ڏمر، ناراضپو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَارِيَس[1] اِنهِيءَ مَامِري[2]، جِيئَن[3] سَيَکَنهِن[4] ڳالهہ[5] سُئي[6]،
ڪُرَڙ[7] سَاڻ ڪُهِي[8]، وِئو نِهوڙي[9] نَنڊَ[10] مِ.

(۲۱)

رَاڻي[11] رَنج[12] لَکَايو[13]، هِتَان وَجِي هُت،
مِيڙ[14] مُنجَان[15] تي مَينڌرا[16]، پُوڻ[17] اوَاهنجي[18] پُت[19]،
اِيءَ نہ رُسَڻ[20] رُت[21]، اَجَا مَحَبَت[22] مُور[23] مَس[24] ڪِئا[25].

۲۲

رَاڻي جي رُسَڻ جو، دِلِ[26] مِ اَٿُون[27] داغ[28]،
مُون کي ڏِيئي ڏُهاڳُ[29]، ڍولو[30] ڏِٽ[31] قَرارِئو[32]،

۲۳

رَاڻي جي رُسَڻ جو، دِلِ مِ اَٿُون داغ،
وِنِي وِئو پَاڻ سين، سَيُوئي[33] سُهَاڳُ[34]،
مُون کي ڏِيئي ڏهاڳُ، ڪَاهِي[35] وِئو ڪَرهو[36].

۲۴

رَاڻُو رُٺو[37] ڪَاڪِ[38] سين، وِڄهلندو[39] وِئو،

---

۱. مونکي ماريو، مونکي تڪليف يا مصيبت ۾ وڌو. ۲. معاملي، ماجرا، واردات. ۳. ڇاڪاڻ تہ. ۴. هر ڪنهن. ۵ ڪهاڻي. قصو. ٦. ٻڌي. ۷. رڻ ڪانسواءِ، جنگ جهيڙي ڪانسواءِ، بيجا نموني. ۸. قتل ڪري، ماري. ۹. برباد يا تباهہ ڪري، نابود ڪئو. ۱۰. سمهڻ جي حالت. ۱۱. مومل جي محبوب جو نالو. ۱۲. ڪاوڙ، ڏمر، ناراضگي. ۱۳. ظاهر ڪئو. ۱۴. ڏوهہ يا خطا معاف ڪرائڻ لاءِ چڱن مڙسن جو وفد. ۱۵. موڪليان. ۱٦. ي ميندرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو). ۱۷. پوڻ مان يا جاڻ سڃاڻ مان، واقفيت واري ساٿين مان. ۱۸. اوهان جي. ۱۹. جهوني، پراڻي. ۲۰. رسڻ جي روسامي يا ڪاوڙ جي، ڏمر جي. ۲۱. مند، وقت، مهل. ۲۲. پيار، نينهن. ۲۳. انگور، گونج. ۲۴. مشڪل سان. ۲۵. جهلئا. ۲٦. مَنَ. ۲۷. اسان کي، (مون کي) آهي. ۲۸. ذنبُ، قٽ، زخم. ۲۹. وڇوڙو، فوڙائو، رنوڙ پڻ. ۳۰. محبوب (راڻو). ۳۱. ڏٽ ۾ (ڏٽ تر علائقي جو هڪ حصو آهي جنهن ۾ راڻو رهندو هو). ۳۲. آرامي يا آسودو ٿئو. ۳۳. سمورو. ۳۴. (مڙس يا پتار جو) پيار يا محبت. ۳۵. وني، هڪلي. ۳٦. اُٺُ. ۳۷. ناراض ٿئو، ڪاوڙيو. ۳۸. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ۳۹. رئندو، ارمان ڪندو.

مُنهنجو مَنُ[1] مَيندَري[2]، پائي[3] نيَرُ[4] نئو،
بُجهان[5] ڪو پِئو[6]، سودي[7] سانگُ[8] چِتايو[9].

٢٥

راڻو رُنو[10] ڪاڪِ[11] سين، تِي ڪاري[12] قِيامَتَ[13]،
اَندرِ[14] آڳون[15] لائِيون[16]، سودي[17] جي صُحبَتَ[18]،
مارِيَس[19] تِنهِن مَحبَتَ[20]، جا ڪامِلُ[21] ڪالهه ڪري وئو.

٢٦

راڻو رُنو ڪاڪِ سين، ڪاري تِي قِيامَ،
ڏاتِيءَ ڏَتُ[22] چِتايو، ڪَرهي[23] هَٽِي ڪامَ[24]،
مارِيَس تِنهِن مامَ[25]، جا ڪامِلُ ڪالهه ڪري وئو.

٢٧

راڻو رُنو ڪاڪِ سين، تِي قِيامَتَ ڪارِي،
جِنهِن ۾ مِيرُ[26] مَيندَرو، سا پَرَ[27] نَه مون پاري[28]،
ڏولي[29] سا[30] ڏارِي[31]، جيئَن مُنهن[32] مَٿاهون[33] نَه ڪَٿان[34].

١. دل، ٢. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو). ٣. وجهي، ٻڌي، ٤ لوهه جو زنجير، ٥. سمجهان، پايان، ٦. نئون، نرالو، ٧. راڻي، ٨. جاءِ، مڪان، ماڳ، ٩. چت ۾ يا ڌيان ۾ سوچيو، ١٠. ڏمريو، ڪاوڙيو، ناراض ٿئو، ١١. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ١٢. سخت خطرناڪ، ١٣. قيام، حشر يا محشر جو ڏينهن جڏهين مُردن يعني مئل ماڻهن کي قبر مان جيئرو ڪري اٿاري گناهن ۽ ثوابن جي حساب ڪتاب لاءِ گڏ ڪيو ويندو، ١٤. اندر ۾، دل ۾، ١٥. باهيون، ١٦. لڳايون يا ٻاريون، ١٧. راڻي، ١٨. رهاڻ، مجلس، ڪچهريءَ، ١٩. مونکي ماريو يا تباهه ڪئو، ٢٠. پيارَ، ٢١. بزرگ، بي عيب، برگزيدو (راڻو)، ٢٢. ڏٿ جي رهاڪوءَ يعني راڻي (ڏٿ ٿر علائقي جو هڪ حصو آهي)، ٢٣. ڪرهي کي، اٺ کي، ٢٤. لڪڻ، چهبڪ، ٢٥. ڳجهي ڳالهه، اشاري، ٢٦. امير يا سردار، ٢٧. رسم، ريت، ٢٨. بجا آندي، پوري ڪئي، ٢٩. محبوب، ٣٠. اهڙي ڪا ڳالهه، ٣١. سوچي، رٿي، ٣٢. مک، ڪنڌ، ڳاٽ چهرو، ٣٣. مٿي، اوچو، ٣٤. ڪريان (منهن مٿاهون نه ڪٿان = شرمسار آهيان، عزت جي لائق نه رهي آهيان).

۲۸

ڪو جو ڪَنَرُ ڪاڪِ مَان، راڻي ڪي رَهِئو،
مَا ڳِ نہ اَچي مَينڌرو، ايڏو سُور سَهيو،
موتي تنهن مَحلاتَ ۾، وري تان نہ وئو،
ڪوجو قَلَمُ وَهِيو*، سو مَتِئان ڪيئن مَينڌراَ.

وائي

ڏُورِ وَجِئو ڏِينهن لائي، ڪا مُنهنجي سودي سَمُجهائي،
جيڏِيُون راڻي ڪي رَحمُ پئي،
چِنَا مَنهن مَارُيُون اوڏاهين اَڏائي،
ميڙِ منجان تي مينڌري، پاندُ ڳِچيءَ ۾ پائي،
ميڙِ منهنجي مينڌرو، مَانَ نہ موٽائي،
سَاهُ مُنهنجو سُپِرين، ڪَامَ وَنئو تو ڪاهي،
سَاٽيهہ مَتي سُپِرين، واڳُون ورائي،
فَقِير مِينهن فِراقَ جَا، وِيني وَسَائي.

---

۱. بدگماني، لط فهمي، غيرت. ۲. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالوءِ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ۳. مومل جي محبوب جو نالو. ۴. رسيو، پهتو. ۵. (اصل يا اڳين) مقامَ يا جاءِ يا منزل تي. ٦. راڻو (راڻو سوڍا قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو). ۷. اينرو وڏو. ۸. ڏک. ۹. برداشت ڪئو. ۱۰. محل، عمارت. ۱۱. لکڻ لاءِ سرَ يا ڪانهن جو گهڙيل ڪانو. ڪلڪ. ليکڻ. لکٽي * جيڪو ڪجهہ نصيب ۾ يا قسمت ۾ لکجڻو هو اهو لکجي ويو يعني قسمت جو فيصلو تي ويو. ۱۲. ميساريان. ڊاهيان. ۱۳. ڪهڙيءَ طرح. ۱۴. اي مينڌرا، اي راڻا. ۱۵. پري. ۱٦. ڏينهن. لائي = گهڻو وقت ٻاهر يا پري رهي گهڻي دير ڪانپوءِ اچي يا موٽي. ۱۷. ڪابہ مڪڙي. ۱۸. سوڍي کي، راڻي کي. ۱۹. نصيحت يا هدايت ڪري. ۲۰. اي جيڏيون، اي سرتيون. ۲۱. ڪهل، قياسَ. ۲۲. چِير، منهن، ڪڪائان گهر. جايون ۲۳ جاين جي متان جايون. محلاتَ. ۲۴. هن طرف يعني پنهنجي وطن ڏٿ ۾. ۲۵. نهرائي، جوڙائي. ۲٦. ڏوهہ يا خطا معاف ڪرائڻ لاءِ اشراف ۽ چڱن ماڻهن جو وفد. ۲۷. موڪليان. ۲۸. مينڌري ڏانهن. راڻي ڏانهن. ۲۹. ڪپڙو. مٿي تي ڍڪڻ ۽ زناني گندي يا پوتي. ۳۰. گلي ڪنڌ (پاند ڳچيءَ ۾ پائي = منٿ ڪرڻ لاءِ). ۳۱. مان نہ = شل نہ. خدا ڪري تہ نہ. ۳۲. جان، جند، دل. ۳۳. پرين، محبوب (راڻو). ۳۴. لکن. ۳۵. هٿئو. ۳٦. ڪِدي. ۳۷. وطن، ديس (ڪاڪ). ۳۸. ڏانهن. ۳۹. اٺ جون مهارون. ۴۰. ڦيرائي، موڙي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر راڻُو

داستان اَنوُن

١

ڳَلِ ڳَانَا مُنهن مَاڻڪِيُ، مَيِي ٻَجَهن مُوڙ،
جَهانَ جَهان جَهَمَ جَهَڪورَ، ڪَرَها ڪَاڪِ ڏَڻِينِ جي.

٢

ڪَاهِ مَيَا ڪَرَهَلَ، رِبلَ تَه پَسُون راڻِيُون،
تَاڻِي وَجِجِ تِتَهِين، جِت طَرَحَ مُوچَارا تَرهَلَ،
اَسِين مَاڻِيُون مُومَلَ، تُون نَايُو نَاگِيلاَ چَرِين.

٣

مَيِي ۽ مَينڌَري، ڏِني تِيِزَمِ ڏِينهَن،
هَاڻِي ڪَرِيَان ڪِيئَن، وِينِي ڳُوڙهَا ڳَاڙِيَان.

٤

رِءَ رَاڻِي رَتُ روءِ، ڳَلِيُون نِهَاري ڳَوتَ جُون،

---

١. ڳل ۾، ڳچيءَ ۾. ٢. ڪوڏين يا ڪَوڙن موتين سان جڙيل اَن، ڏاس يا چمڙي جا رنگين پٽا يا مهندَ، ٣. منهن تي، چهري تي، مٿي تي، ۴. موتي، ۵. ميي ڪي، اٺ ڪي، ٦. ٻڌن، وجهن، ٧. اَن يا سٽ جا تونئر، جهاٻا يا ڦندڻ، ٨. جهان جهان = جُهڻ جُهڻ يا رين رين جو آواز، رڙيون يا واڪا، ٩. لوڏا، ڌوڏا، ١٠. ڇا ڇول، ولوڙ، ڇڪتاڻ، گهل، ١١. اي ڪرها، اي اٺ، ١٢. ڪاڪ جي (ڪاڪ. رياست جيسلمير ۾ هڪ ندي آهي ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ١٣. مالڪن، ١۴. پنڌ ڪر، هَلَ، ١۵. اي ميا، اي ڪرهل، اي اٺ، ١٦. (پاڻيءَ جي ريلي يا وهڪري وانگر) تکو هَل، ڊوڙ، ١٧. ڏسون، ١٨. راجائن يا بادشاهن جو عورتون (مومل ۽ انجون پينرون ۽ ساهيڙيون، ١٩. ڇڪي، ڪشي يا تکو هلي، ٢٠. ان جاءِ يا هنڌ تي، ٢١. طرح ۾، نموني ۾، ٢٢. سهڻا، سٺا، ٢٣. تلاءَ، چشما، ٢۴. حاصل يا هٿ ڪريون، ٢۵. نمايو، هيٺ ڪريو، ٢٦. ناگيلا وڻ، ٢٧. ڪائين، ٢٨. مينڌري ڪي، راڻي ڪي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌري پاڙي جو هو)، ٢٩. مونکي ڏنو، ٣٠. (گهڻو) عرصو يا وقت، ٣١. (اکين مان) لڙڪ يا آنسو، ٣٢. وهايان، هاريان، ٣٣. ڪان سواءِ، ٣۴. خون، لهو، ٣۵. روئي، ٣٦. گهٽيون، ٣٧. ڏسئو، ڳوليو.

ماڙيون[١] محل[٢] مگر[٣] تئا، پر[٤] پُڄاڻا پوءِ،[٥]
سودا[٦] سور[٧] سندوءِ،[٨] چوڻ[٩] کان چئوڻو[١٠] تئو.

٥

اگڻ[١١] جهوکي[١٢] کرهو، وِڙين[١٣] جيئن[١٤] واري،[١٥]
مون کي تي ماري،[١٦] سودا اُهائي ڳالهڙي.

٦

اگڻ[١٧] آٿي کرهو، جهلي وهه جهوکي،
ساهه منهنجو سپرين،[١٨] راڻا[١٩] وهين[٢٠] روکي،[٢١]
سِڪان[٢٢] تي توکي، منهن[٢٣] ڏيکارِ ميندرا.[٢٤]

٧

جيئن ايندئي موتيين ميندرا، وڏي جاڙ[٢٥] کئاءِ،[٢٦]
وڙ[٢٧] نه هئين ولها،[٢٨] هوند جتي[٢٩] مون[٣٠] جاڳاءِ،[٣١]
سُتي[٣٢] جي ساجاءِ،[٣٣] سودا[٣٤] سگهيائي[٣٥] تيئي.[٣٦]

٨

ميان[٣٧] ميندرا موٽ،[٣٨] بخش[٣٩] کر بڇايون،[٤٠]

---

١. جاين مٿان جايون، محلات، ٢. محلات، وڏيون عمارتون. ٣. باهه، اڳ. ٤. پرينءَ، محبوب. ٥. کان پوءِ. ٦. اي سودا اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سودا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو). ٧. ڏک، غم. ٨. تنهنجو. ٩. پڌائڻ، بيان ڪرڻ. ١٠. ڪنهن عدد جا چار ڀيرا پر هتي معنيٰ ٿيندي گهڻو. ٻري يا دور. ١١. اگڻ ۾، پڌرَ ۾، محلات جي احاطي ۾. ١٢. جهڪائي، وهاري. ١٣. تو وئين. ١٤. جهڙيءَ طرح. ١٥. موٽائي. ١٦. ڏکوئي، ايذائي. ١٧. جان، جند، پساهه، دم. ١٨. اي سپرين، اي پرين. ١٩. اي راڻا. ٢٠. تون وئين، ٢١. قابو يا سوگهو ڪري. ٢٢. واجهايان، تانگهيان. ٢٣. چهرو، صورت. ٢٤. اي ميندرا، اي راڻا. ٢٥. جٺ، تعدي. ٢٦. تو ڪئي. ٢٧. ڏاريون، اوپرو، اجنبي. ٢٨. اي ولها، اي پيار يعني مڙس. ٢٩. ترسي. ٣٠. مونکي. ٣١. جاڳائين يا اٿارين ها. ٣٢. ستل (ماٺوءَ). ٣٣. پروڙ، سُڌ، خبر. ٣٤. اي سودا، اي راڻا. ٣٥. جلد، يڪدم. ٣٦. توکي ٿئي ها. ٣٧. اي ميان ميندرا، اي سردار راڻا. ٣٨. واپس اچ. ٣٩. معاف. ٤٠. بڇڙايون، مدايون، خطائون، بديون.

تُون گـهـِـٽـنِ گـهـوٽُ، مُـون وِرُ تُـونـهـِين هـيـڪـڙو.

⑨

مُـون وَٽ مِـيـرُ مَـيـنـذَرو، اَڏيُـون اَڄُ ايـنـدو،
سـودِو اَچـِي سُـهَـاڳَ جَـا، ڏَانَ وَڏَا ڏِيـنـدو،
بَـدِيُـون بَـخـشِـيـنـدو، ڪَـامِـلُ ڏِٽـي ڪَـاڪِ جـو.

١٠

اَللهَ سـودِلُ آڻِـيـين، جَـانِـي اَتَـمِ جـوئِـي،
مُـورِ نَـہ مَـتِـيَـان مَـيـنـذَرو، مَـنـجَـهـان سِـڪَ سـوئِـي،
رَاڻـي سـين روئِـي، قِـصَـا ڪَـنـدِيَـس ڪَـاڪِ جَـا.

١١

سِـڪـي هِـنـيُـون سَـڌَ مَـري، رَاڻـي جـيءَ رهَـاڻِ،
مـوٽَـائـي مَـيـنـذَرو، اَللهَ اَڱـڻِ آڻِ،
تَـان مُـون پَـئـي نَـہ ڪَـاڻِ، صَـبَـاحَ وِڄِ سَـرَتِـيـين.

١٢

رَاتِ وِهَـامِـي ڏِيـنـهـُن ٿِـئـو، پِـرِيـن آيـو پَـاڻَ،

۱. گهڻن جو، ڪيترين يا انيڪ عورتن جو، ۲. ٺئون پرڻيل جوان پر هتي معنيٰ ٿيندي سردار يا آڏار يا پرچهلو، ۳. منهنجو، ۴. پتار يعني آڏار، ۵. تون ئي، ٦. اڪيلو، ۷. (مڙسن جي) پيار يا محبت، ۸. دان، عطيا، بخششون، ۹. جهجها، گهڻا، ١٠. برگزيدو، بي عيب، نيڪ، ڀلارو، ١١. اي اللهَ، اي خدا، ١٢. سودو، راڻو، ١٣. واپس آڻ يا موٽاءِ، ١۴. جانب، دوست، يارُ، ١۵. مون کي آهي، ١٦. جيڪو، ١٧. اصل، بنهہ، هرگز، ١٨. بدلايان، وساريان، ١٩. محبت، پيار، ٢٠. ڳالهيون، حال احوال، ٢١. اَڪنڊ ڪري، واجهائي، ٢٢. دل، قلب، ٢٣. سڌ پر، تمنا يا خواهش پر، سڪ پر، ٢۴. تڙپي، بي قرار ٿئي، ٢۵. رهاڻ لاءِ، ڪچهريءَ يا صحبت لاءِ، ٢٦. اڱڻ پر، گهر پر، ٢٧. تہ، ٢٨. مونکي، ٢٩. شرمساري، ندامت، ٣٠. سپاڻي، ايندڙ ڏينهن تي، ٣١. وچپر، ٣٢. سرتين جي، جيڏين جي، ٣٣. پوري ٿي، گذري وئي، ٣۴. خود.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَچي مِيرَ[1] مَينذَري[2]، ڪامِلَ[3] لاتي[4] ڪاڻِ[5]،
وَڻَ ٽڻَ[6] وَلِيُن[7] چانِيَا[8]، وُنَّا[9] سَبِ وَٽاڻَ[10]،
پَرچِي[11] آيو پاڻَ[12]، ڪاڪِ[13] قَرارِئو[14] وَلَهو[15].

۱۳

تيئَن مان[16] وَڏو ڀاڳُ[17]، جيئَن راڻي[18] گهَرِ[19] راجِيُون[20]،
مُومَلَ ويني ماڻِئو[21]، سودي[22] جو سُهاڳُ[23]،
تِنهِن کي کَهڙو ڏاڳُ[24]، سَڌَرُ[25] جِنهِن جو سُپِرين[26].

۱۴

توکي مَعلُومُ[27] مُنهِنجُون، سودا[28] سَپِيئي[29]،
آگاندو[30] اَرواحَ[31] کي، آهين اُهيئي،
وَهڪَ[32] مُون[33] ويئي[34]، پُڇايو پُڇان پَهي[35].

۱۵

سودو[36] تيئَن[37] نَه سَڪيو[38]، جَڳُ[39] جيهَين[40] چوءِ[41]،
راڻو تِيئَن نَه روءِ[42]، گوڙهو[43] جيئَن ڳَلِ[44] ڳڙي[45].

---

۱. امير، سردار، ۲. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا ڀاڙي مان هو). ۳. بزرگ، برگزيدي، نيڪ، ڀلاري، بي عيب. ۴. ختم ڪئي. ۵. محتاجي، لوڙ، ندامت، پشيماني. ٦. وڻ ٽڻ = درخت ٻوٽا. ۷. ولين سان (ٻوٽا جيڪي اُڀا بيهي نہ سگهن مگر زمين تي پکڙندا وڃن يا ڪنهن ٻت يا ڪنهن وڻ يا ڪنهن ڪاٺيءَ جي آڌار تي چڙهندا وڃن انهن کي وليون چئبو آهي). ۸. ڍڪيا، لپيٽيا، ويڙهيا. ۹. وسيا، آباد ٿيا، رونقدار ٿيا. ۱۰. مڪان، ماڳ، جايون. ۱۱. راضي ٿي، خوش ٿي، رنج روسامو ڇڏي. ۱۲. خود. ۱۳. ڪاڪ ۾ (ڪاڪ. رياست جيسلمير ۾ هڪ ندي آهي ۽ ساڳئي نالي سان انج ي ڪپتي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ۱۴. آرامي يا آسودو يا سکي ٿئو. ۱۵. ڀتار، خاوند، مڙس، پتي (راڻو). ۱٦. منهنجو. ۱۷. نصيب. ۱۸. راڻي جي. ۱۹. گهر ۾. ۲۰. ڀاڳوند يا ڀاڳ واريون زالون، راڻيون. ۲۱. حاصل ڪئو، واپرايو. ۲۲. راڻي. ۲۳. (مڙس جو) پيار يا محبت. ۲۴. ڦوڙائو، وڇوڙو، رنوڙ پڻ. ۲۵. طاقتور، سرند. ۲٦. پرين، محبوب. ۲۷. علم ۾، ڄاڻ ۾. ۲۸. اي سوڍا، اي راڻا. ۲۹. سڀ يا سموريون ڳالهيون يا حال احوال. ۳۰. آڌار، نيڪ، ٻرجهلو. ۳۱. روح، دل. ۳۲. وهڻ يا آرام. ۳۳. منهنجي. ۳۴. ڦٽي يا خراب ٿي. ۳۵. واٽهڙو، مسافر، قاصد. ۳٦. راڻو. ۳۷. تهڙي نموني. ۳۸. ڏوراپي ڏيڻ يا چوڻ جو عادي، ٻنيو يا ٿيو. ۳۹. جڳ يا جهان يا عام ماڻهو. ۴۰. جنهن نموني. ۴۱. چوندو يا ڏوراپو ڏيندو آهي. ۴۲. افسوس يا ارمان ڪندو آهي. ۴۳. لڙڪ. ۴۴. ڳل تان، ڳٽي تان. ۴۵. ڪري (دل جو دل ۾ منهنجي برائيءَ جو سور ٻي وڃي ٿو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٦)

ويروتار[١] وصال[٢] ۾، گھورن[٣] گھايا[۴] جي،
تن ڪاڪ[۵] اوريائين[٦] ڇڏي، وڃي پئا پري[٧]،
تن کي ناتر[٨] ڪي[٩] نہ ڪري، مومل سڪي[١٠] جن کي.

١٧

ايندا ويندا[١١] اڙئا[١٢]، ڏيسارو[١٣] هئا،
گاروڙين[١۴] گس[١۵] ڪيا، ڪاهي[١٦] ڪاڪ وڃان،*
مومل کي توڙان[١٧]، وڃي هي وئا ويڙي[١٨].

١٨

آڪون[١٩] ڏاکون[٢٠] سرڪند[٢١] شاخون[٢٢]، جت چوڪا[٢٣] چندن ڪوڙ[٢۴]،
مٽي[٢۵] سيئي ماٽئا[٢٦]، جت نہ پرن[٢٧] پونر[٢٨]،
ڪنواريون[٢٩] ۾ ڪونئر[٣٠]، ڪاهہ[٣١] تہ پسون[٣٢] ڪاڪ جا.

(١٩)

آيا اُڪائي[٣٣]، آتڻ[٣۴] پسي گوجرو[٣۵]،
تنهن ناتر گھٽا نهوڙئا[٣٦]، جا در متي[٣٧] دائي[٣٨]،

---

١. ويروتار = هميشہ، سدائين. ٢. وصل، ميلاپ. ٣. (محبوب جي) نظرن. ۴. زخمي ڪيا، ڦٽيا، آزاريا، ڏکويا. ۵. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ٦. هن پاسي يا طرف، اوڏي، ويجهي. ٧. (ڪاڪ ڪان) ڏور، دور. ٨. مومل جي ٻانهيءَ جو نالو. ٩. ڪجهہ. ١٠. واجهائي، اُڪندي. ١١. ايندا ويندا = واٽهڙو، مسافر. ١٢. منجهي بيٺا، (مصيبت ۾) ڦاسي پيا. ١٣. پرديسي، اڻ واقف. ١۴. نانگ جهليندڙ جوڳي فقيرن، مستن، چالاڪن، حرفت بازن. ١۵. گس ڪيا = رستا يا واٽون ٺاهيون، اچ وڃ ڪئي (ٻنان روڪ رنڊڪ جي). ١٦. هلي، لنگهي. *گاروڙين ڪاڪ کي پنهنجي تابع ڪري ڇڏيو. ١٧. بلڪل، صفا. ١٨. ويڙي ۾، غم يا ڪِنتيءَ ۾. ١٩. اڪروٽ (جا وڻ). ٢٠. ڏاک يعني انگور (جا وڻ). ٢١. سرڪنڊ جا. چندن يا صندل جا. ٢٢. وڻ. ٢٣. عمدا، سٺا. ٢۴. گھٽا، جهجها. ٢۵. اُٺ. ٢٦. واپرايا، ڪاڏا، لتاڙئا. ٢٧. گهمن، اڏامن. ٢٨. ڪاري رنگ جا اڏامندڙ جيت. ٢٩. اڻ پرڻيل نوجوان ڇوڪريون. ٣٠. شهزادا، ڳڀرو جوان. ٣١. هل. ٣٢. ڏسون. ٣٣. ڪڏ ڪري، شوق ڪري. ٣۴. زالن جي سُٽ ڪتڻ جي جاءِ، زنانخانو، گهر. ٣۵. گجر قوم جي زالن يعني مومل ۽ انجي ساهيڙين جو. ٣٦. تباهہ يا چٽ ڪيا، ناس يا برباد ڪيا. ٣٧. تي (ٻيٺل). ٣٨. نوڪرياڻي.

أَجَا مُومَلَ مَنجهہ[1] تِي، هِيءَ جا بَاڻَ[2] هَٽي بَائِي[3]،
سَاٿِئا[4] سَانبَاهِيُ[5]، ڪَامِل[6] ڪِجَائو[7] ڪَاڪ[8] جِي.

٢٠

رِڻُ[9] پَسئو رَوچَا[10] ڪَرِين، چَانگا[11] چَگَي[12] نہ ايئَن،
تَاڻي[13] نِيندءِ[14] تَڪڙو[15]، مَيَا[16] مُومَل[17] سِيئَن[18]،
تَڏهِين ڪَندين ڪِيئَن، جَڏهِين تَاڙي[19] ڏِيندءِ[20] طَاقَ[21] ڪي.

وائي

وِهَان ڪِيئَن ڪَري مُون[22] سِر[23] بَاههُ[24] بَري،
رَاٺا[25] تو رِءَ رِڻُ[26] ٿي[27] پَايَان[28]؛
سوڍو[29] سي سَارِينديُون[30]، لَڳو جَنِ[31] ڳري[32]،
آءُ اوراهُون[33] سُپِرين[34]، وَڃُ مَ پِيءَ[35] پَري.

---

١. اندر، محلات ۾.ل ٢. تير، ڪان، گز، ٣. مائي، دائي، عورت، ۴. اي ساٿيو، اي دوستو، ۵. تياري، نسبت، ٦. اي ڪاملئو، اي بزرگو، اي برگزيدئو، اي بي عيبئو، ٧. اوهين ڪجو يا ڪريو، ٨. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ٩. برپٽ، بيابان، ويراني، ١٠. رونشا، خوشبون، ١١. اي چانگا، اي اٺ، ١٢. چگي ڳالهہ، سٺي ڳالهہ، ١٣. چڪي، گهلي، ١۴. توکي نيندا، توکي کڻي يا وٺي ويندا، ١۵. تکو، جلد، ١٦. اي ميا، اي اُٺ، ١٧. قبر ڏانهن اشارو، ١٨. تائين، ١٩. دروازي کي بند ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي پٽي جيڪا لوهہ جي ڪڙي بدران دروازي کي اندران هڻبي آهي، ٢٠. توکي ڏيندا تاڙي هڻي بند ڪندا، ٢١. ڪاٺ جو تختو جيڪو مردي کي قبر ۾ سمهاري مٿان رکبو آهي، ٢٢. منهنجي، ٢٣. سر تي، مٿي تي، سرير ۾، ٢۴. آڳ، ٢۵. اي راٺا (مومل جي محبوب جو نالو)، ٢٦. ڪان سواءِ، ٢٧. سڄ، پينگ، ويراني، ٢٨. سمجهان، ٢٩. راڻو (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٣٠. ياد ڪنديون، سنڀاليندءيون، ٣١. جن جي، ٣٢. ڳري سان، ڳلي سان، ڇاتيءَ سان، ٣٣. اوري، ٣۴. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ٣۵. محبوبَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر راڻُو

داستان نَائُون

۱

پِرهَه[1] جو پَيدا[2] ٿِئو، سَامِي[3] ڪِي[4] سِڄُ[5]،
مَتِسُ[6] رَتو[7] مولِهيو[8]، جِيئَن[9] سَا ڪَڪَر[10] وِڄُ[11]،
ڪَنهِين ڏاءِ[12] مرڄ[13]، ڪَرِيُون[14] وِيهِي ڏي خَبَرُون[15].

۲

پِرهَه جو پَيدا ٿِئو، ڳَاڙهائِيءَ[16] جو ڳَڄُ[17]،
سَامِي[18] چَئِج سَڄُ، ڪِٿَان اَچِين ڪَاپَڙِي.

۳

آئُون اُتَا هُون[19] آيو، جِت ڪِنهِن جِي نَاهِه مَجَالَ[20]،
مُومَلَ جِي مَاڙِيءَ[21] ڪِي، طَرَحِين[22] تَالَ[23]،
لَکِين[24] مَارَايو[25] لَالَ، مونِٽئو[26] اَچَان مِيندرا[27].

---

۱. فجر، صبوح، ۲. ظاهر، پرگهٽ، ۳. جوڳي فقير، سيلاني فقير، ۴. يا، ۵. سورَجُ، ٦. هن جي مٿان يا مٿي تي، ۷. رنگ ۾ رتل، رنگين، ڳاڙهو، ۸. ڪلنگيدار يعني ڇٽَ واري پڳ يا پٽڪو، ۹. جهڙي، ۱۰. ڪڪر ۾، بادل ۾، ۱۱. کنوڻ، بجلي، ۱۲ ڏاءَ کان، خوف کان، ۱۳. ڏپ ڪر، ۱۴. سچيون، ۱۵. سڌيون، احوالَ (گنج ۾ "وَنءُ ڪاهيندو ڪاڪ ڏي" نڪيل آهي)، ١٦. لالاڻ، لالائيءَ، سرخيءَ، سُونهن، ۱۷. ٽڪرو، ۱۸. اي سامي، اي ڪاپڙي، اي جوڳي، ۱۹. اُتان، اُن هنڌ کان يا جاءِ کان، ۲۰. پڄندي، هلندي، پهچ، دسترس، وَسُ، ۲۱. جاءِ (مٿان جاءِ)، محلات، ۲۲. طرحين طرحين جا، نموني نموني جا، گهڻن قسمن جا، ۲۳. حرفتون، زنانا فن ۽ هُنرَ، ۲۴. لکن جي تعداد ۾، ۲۵. کهايو، نيست يا نابود ڪئو،٢٦. سهڻا جوان، ۲۷. اي ميندرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو).

(۴)

تُون ڪُئَان اَچِين ڪَاپڙِي، مُوتِئُو ڪِيئَن مَارِي،
آئُون اُتَاهِين تُو اَچَان، جِت مُومَل مُوچَارِي،
ڪَنڌِيءَ ڪَاڪِ ڪَڪُورِئَا، چَنڊَنَ چُوڏَارِي،
سُوڏَا شِڪَارِي، نَاتَرِ گَهَٽَا نَمَائِيَا.

(۵)

مِيَان مَينڌَرَا تُو جِيهَا هُئَا، مُون سِين پُرِسَن پنج هَزَار،
هِڪِيُون ڪَاٽِيُون خَزَانَنِ جُون، بِئَا مُوتِي مَٽِيَار،
قِصُو ڪَهَنڌَا وَجِن ڪَاڪِ جُو، بِي پُرِسَنِ نَاهِ پَچَار،
سَبِ مَارَايُو يَار، مُوتِئُو وَجَان مَينڌَرَا.

٦

ڪَاڪِئَا قَاصِدُ آيُو، رَاڻِي پَاس رَمِي،
چَڙِهُ مِيرَ مُحَمَّدُ مُصطَفِيٰ، دوسِتَ دَمَ دَمِي،
نَڪُو خَوفُ خَطِرو، نَڪُو غَمُ غَمِي،
ڪُونهِي بِئُو ڪَرَمِي، جِهُو تُو جِهَان ۾.

---

۱. ڪٿان، ڪهڙي هنڌ يا جاءِ کان، ۲. اي ڪاپڙي، اي سامي يا جوڳي فقير، ۳. ڇو، ۴. اي ماري، اي شڪاري، ۵. ان جاءِ کان، ٦. سهڻي، ملوڪ، ۷. ڪنڌيءَ تي، ڪپ يا ڪناري تي، ۸. ڪاڪ جي (ڪاڪ، رياست جيسلمير ۾ هڪ ندي آهيءِ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر بہ آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ۹. انگور يا، پور جهليو، گونچ ڪيئا، ۱۰. چندن جي وڻن، صندل جي وڻن، ۱۱. چوطرف، هر هنڌ، ۱۲. داناءَ، ڏاها، سياڻا، سهڻا، خوبصورت، ۱۳. شڪار ڪندڙ امير يا حاڪم، ۱۴. مومل جي ٻانهيءَ جو نالو، ۱۵. جهڪائيا، زير ڪئا، تباهہ يا برباد ڪئا،۱٦. اي ميان، اي رئيس، ۱۷. اي مينڌرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ۱۸. جهڙا، ۱۹. پرسن جا، مردن جا، جوانن جا، ۲۰. انبار، ڍڳ، ۲۱. ناڻي، دولت، مايا، ۲۲. هيرا، جواهر، ۲۳. چمڪندڙ، سهڻا، خوبصورت، ۲۴. ڳالهہ، ڪهاڻي، ۲۵. چوندا، بيان ڪندا، ۲٦. پرسن کي، مردن کي، ۲۷. ٻولي، وائي، ذڪر، ۲۸. ڪهايو، ختم ڪرايو، ۲۹. دوست، ۳۰. ڪاڪ کان، ۳۱. نياپو يا پيغام آڻيندڙ، ۳۲. وٽ، ۳۳. هلي، ۳۴. سوار ٿي، مٿي هل، ۳۵. اي مير، اي سردار يا امير، ۳٦. ذٿل، برگزيدا، پسند ٿيل، ۳۷. اي دوست، اي محبوب، ۳۸. ساعت، گهڙي، پلڪ، ۳۹. ترسي، ۴۰. خوف خطرو = ڊپ ڊاءُ، ۴۱. غم، رنج، فڪر، ۴۲. ڪرم يا مهرباني ڪندڙ، ۴۳. جهڙو، ۴۴. دنيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۷

سِيني سَمَنَ ڪاڪِ جي، راڻِنِ حَميرَنِ،
هُئان موتيو ڪون ڪو، هئان لَڪَ وَجَنِ،
وِنڌي ويچارن، عُذرُ اوڏاهين نہ ڪيو.

۸

آئون ٻانهي ٻايون ٻيون، تَنِ مِڙيئي تارِ،
لَکين لُڊوٽي ڪَنڌيين، نينهن نهايون نارِ،
وَهتَ اتاهين وارِ، اگئان گُجرِ تي گَزَ هَٽي.

۹

جَڙ گهوڙا پَڙَ گهوٽيا، تَنِ جُون تَڪُون ڪَنِ،
نَوَ جَٽيون ناتريون، پانوڙيون پُڇَنِ،
هي گهر سَنڌائي ڪَنِ، ڇا نالو گام جو.

۱۰

گام مِڙوئي گوجريين، مَنجهہ رانوڙيون رَهَنِ،
ڏَهہ ڏَهہ پيرا ڏينهن ۾، خُون ڪَلندي ڪَنِ،

١. سيني جي، ٢. ڪڏجائي، ملاقات، واعدو، انجام، ٣. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو ناليءَ سا ڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ۴. راڻن جي، وڏن ماڻهن يا جاگيردارن جي، راجائن جي، ۵. حميرن جي، اميرن جي، سردارن جي، ٦. هُن دنيا مان، ٧. هتان يعني هن دنيا مان، ٨. لکن جي تعداد ۾، تمام گهڻا، ٩. وڃڻ وقت، ١٠. مسڪينن، ٻي واهن، ١١. بهانو، نٽ نٽاءُ، ١٢. اُن طرف ڏانهن، ١٣. نوڪرياڻي، گولي، ١۴. رئيسياڻيون، سانڻيون، مالڪياڻيون، ١۵. ڄايون، ماڳ، واهہ يا درياهہ وغيره جي ڪپن تي اهي هنڌ ۽ جايون جتان ماڻهو پيئڻ جو پاڻي ڀرين، مال کي پاڻي پيارين، وهنجن يا ٻئي ڪپ ڏانهن وڃن، ١٦. سڀيئي، ١٧. (پاڻي سان) ڀريل يا ڀرپور يا ڪچاڪچ، ١٨. لکن جي تعداد ۾، ١٩. لڊوٽي جي (لڊوٺو يا لڊائو، ڪاڪ شهر جي ڀرسان جبل تي هڪ ڳوٺ آهي،) ٢٠. ڪنڌين تي، آس پاس، ڀرپاسي ۾، ٢١. نينهن جون، عشق جون، ٢٢. (مٽيءَ جي ٿانون يا برتنن پچائڻ جون) آويون، ڀٺيون. ڪوريون، ٢٣. ڄاڄ، ڏس، ٢۴. سواريءَ جا جانور جهڙوڪ اٺ، گهوڙا، ٢۵. اتان، هن هنڌ کان يا جاءِ کان، ٢٦. موٽاءِ، واپس ڪر. ٢٧. مومل، جيڪا ذات يا قوم جي گجر هئي، ٢٨. تير، ڪان، ٢٩. الڙ، نويل، ناموز، اٺوهيل، ٣٠. پهلوان، طاقتور، ٣١. گهوٽ (نئين شادي ڪيل) جوانَ، ٣٢. ڳولائون، ٣٣. نَوَ جٽيون = گهٽيون، جهجهيون، ٣۴. نوڪرياڻيون، ٣۵. خدمتگار زالن يا نوڪرياڻين کان سوال ڪن يا معلوم ڪن، ٣٦. جا، ٣٧. ڪنهن، ٣٨. ڳوٺ، ٣٩. سڄو ئي، ۴٠. گوجرين جو، گجر قوم وارين عورتن جو، ۴١. ان ۾، ۴٢. رانوڙن جون عورتون (رانوڙ، راجپوت قوم جي هڪ نک آهي)، ۴٣. ڏهہ ڏهہ = گهڻا، ۴۴. دفعا، ۴۵. قتل، ڪوسُ، ۴٦. رونشي ڪندي، کيل تماشي ڪندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَامُهُون وَجُ مَ تَنِ، اَگَئَان راڻَا تُو رِڻُ وَهيِ.

⑪

مُومَلَ سُومَلَ سَهجَان، کَا مُرَادِي مَنجهن،
پيِنگهُون وَتَايو پَٽَ جُون، ليِمي لاَمَ لُڏَنِ،
چَرخَا چَندَنَ عَاجَ جَا، کيِوڙِي هيٺ کَتَنِ،
ڏَهَ ڏَهَ پِيرَا ڏِينهَن ۾، خُونُ کِلَندِي کَنِ،
سُوڍو مَتَان تَنِ، اوچِتوئِي آيو.

۱۲

مُومَلَ سُومَلَ سَهجَان، مُرادي مَنجهن،
بِيتِيُون راجَا نَندَ جُون، چَاکِي پَرِ چَلَنِ،
راڻُو مَتَان تَنِ، اوچِتوئِي آيو.

۱۳

مُومَلَ سُومَلَ سَهجَان، تِيئِي وِجُنِ جي وَڙَاءَ،
اُنِ کي جُورا زَربَفتَ جَا، پِئَا سَهجَنِ سُونَ کَڙَا،
کَاجُ کَٿُوري اُنِ جو، جَوهَرَ کَنِ جَڙَاءَ،

---

۱. روبرو، اڳئان ۲. تن جي، انهن جي، ۳. اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ۴. قهر، ظلم، انڌير، ۵. پئو ٿئي، ٦. سومل پسهجان ۽ مرادي ٽيئي مومل جون ڀينرون هيون. ۷. ڪنهن متاهين ڪائيءَ يا وڻ جي ڏار ۾ ٻڌل رسا يا نوڙ جن جي هيٺينءَ پچڙيءَ ۾ ٻڌل ڪائيءَ جي ڏنڍي يا ڏڪر تي ويهي لڏجي، لوڏون، جينگهون. ۸. ريشم جي ڌاڳن. ۹. ليمي جي (ليمون هڪ وڻ جو قسم آهي جنهن جو قل ڪئو ٿيندو آهي). ۱۰. لام ۾، شاخ يا ٽاريءَ ۾. ۱۱. ڪپاهہ مان سٽ ڪاڻڻ جا اوزار، ارٽ. ۱۲. خوشبودار هڪ وڻ جو قسم، صندل، ۱۳. هاٿيءَ جي وات وارن اڳين ٻن ڊگهن ڏندن واري هڏي، ۱۴. هڪ ميويدار وڏن پنن سان وڻ، ڪيلي، ۱۵. (سٽ ڪتڻ لاءِ) هلائين يا وهائين، ١٦. ڏه ڏهہ = گهڻا، ۱۷. دفعا، ۱۸. قتل، ڪوسُ، ۱۹. رونشي ڪندي، کيل تماشي ڪندي، مُرڪندي، ۲۰. راڻو (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ۲۱. اچانڪ، بنان اطلاع جي، ۲۲. ڌيئرون، ۲۳. مومل جي پيءَ جو نالو، ۲۴. چوڪيءَ عمديءَ، سهڻي، ۲۵. نموني، ۲٦. هلن، ۲۷. ڪنوٺين، بجلين، ۲۸. وڙ تي، نموني يا رنگ تي، ۲۹. پوشاڪون، وڳا، ۳۰. سونيءَ زريءَ لڳل ڪپڙي، سون جي رنگ جهڙي ڪپڙي، ڪيمخاب، ۳۱. سونهن، زيب ڏين، ۳۲. سون جا، ۳۳. ڪنن ۾ وجهڻ جا والا يا ٻانهن ۾ پائڻ جا ڪنگڻ، ۳۴. واهپي يا استعمال ۾ ايندڙ شيءِ، ضرورت ڪانپوءِ، ۳۵. مشڪ، خوشبودار وکر، بنان سگن واري هرڻ جي دن مان نڪتل خوشبودر مادو، ۳٦. جوهر سان، موتين سان، ۳۷. جڙاوت، سينگار.

لُڏن لُڏوٽي ڪنڌين، اُن جو پَٽن پوءِ پڙاءُ،
جَن پيتو ڪاڪ تڙان، سي لوڏي لاڪيٽا تئا.

١۴

تَن کي جورا زربفت جا، پاڪيزا پهراڻ،
اُتا هين عنبير جا، اُڏاٽا اوڏاڻ،
آئي چت چُگيرن کي، ڪُوماٽا ڪيڪان،
مُومل مهمانن کي، لڪين لوئي لوبان،
سي جهرڪيا پس جُوان، جن ڪاڪئان گهيڙيا ڪرها.

١۵

مُومل هٿ ڪمان، نسوريائي نينهن جي،
هٽي حڪيمن کي، بنگ نهارئو باڻ،
جهر ڪئا پس جُوان، جن ڪاڪئان گهيڙئا ڪرها.

١٦

گُلستان جهڙيون گجريون، ارم اوڍئائون،
چوتا تيل قُليل سين، واسينگ وپڙهئائون،

١. جهولن (ڪنهن متاهينءَ ڪاٺيءَ يا وڻ جي ڏار ۾ ٻڌل رسي يا نوڙ جي هيٺينءَ پڇڙيءَ ۾ ٻڌل ڪاٺ جي ڏنڊي يا ڏڪر تي ويهي)، ٢. لڊوٽي جي (لڊٽو يا لڊاٽو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي ڪاڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي)، ٣. ڪنڌين تي، آس پاس، ڀرپاسي ۾، ۴. پٽن ۾، ميدانن ۾، ملڪن ۾، ۵. پوي، ٦. پڙاڏو، آواز، گونج، مشهوري، ٧. ڪاڪ جي، ٨. تڙ ڪان، گهيڙ ڪان، (واهہ درياهہ وغيره جي ڪپ تي اهو هنڌ جتان پيئڻ لاءِ پاڻي ڀرجي ان کي تڙ يا گهيڙ چئبو آهي)، ٩. لوڏي، لوڏ وارا، شڪاري، شڪار ڪندڙ امير يا حاڪم، ١٠. لکن جو مٿ، سهڻا، خوبصورت، عزت وارا، ١١. وڳا، پوشاڪون، ١٢. سونيءَ زريءَ لڳل ڪپڙي، سون جي رنگ جهڙي ڪپڙي، ڪيمخاب، ١٣. پاڪ، صاف، ١۴. چولا يعني وڳا يا پوشاڪون، ١۵. اُتان يا ان جاءِ تان، ١٦. عنبر، عود، هڪ خوشبودار وکر، ١٧. ايريا، متي چڙهيا، اُڏاٽا، ١٨. (خوشبوءِ جا) غبار يعني سرهاٽيون، ١٩. خوشبوءِ، ٢٠. چڳي وارن، ڪلنگيدارن، پهلوانن، چگن مڙسن، ٢١. موڳا يا اُداس ٿئا، حيران يا پريشان ٿئا، ٢٢. گهوڙا، ٢٣. مزمانن، ٻاهران آيل ماڻهن، ٢۴. تمام گهڻا يا جهجها، ٢۵. لڳائي مکي، ٢٦. خوشبودار وکر، خوشبوءِ جو هڪ قسم، ٢٧. چمڪندا، خوش ٿيندا، ٢٨. ڏس، ٢٩. ڪاڪ مان، ٣٠. لنگهائيا، پار ڪئا، ٣١. اُٺ، ٣٢. مومل جي، ٣٣. هٿ ۾، ٣۴. سينگَ، ڏنشَ، ٣۵. خاص، ٣٦. عشق، ٣٧. ڏاهن، سياڻن، داناڻن، ٣٨. وَجهہ، موقعا، ٣٩. وڌئو، ۴٠. تير، ڪان، ۴١. گلستان جهڙيون= گلشن جهڙيون، سهڻيون، خوبصورت، ۴٢. گجر قوم جون عورتون يعني مومل ۽ ان جون ڀينرون، ۴٣. ريشمي يا اوني ڪپڙي جو قسم، ۴۴. ڍڪيائون يا پاتائون (بدن تي)، ۴۵. متي جا وار، ۴٦. سٽيي يا ٻاٽيٺ روغن، ۴٧. سُرهي، خوشبودار، ۴٨. (ڪارن نانگن جهڙا) ڪارا ۽ ڊگها متي جا وارَ، ۴٩. مڙهئائون، ڳوپيائون.

سُتي لوڪ لطيف چَئي، راڻو[١] رانيائُون[٢]،
سو موتي ڪِيئَن[٣] پاهُون[۴]، جو گُلُ[۵] گُجَرِ[٦] کي گڏئو.

١٧

آسَڻ[٧] باسَڻ[٨] اُنِ جا، سُونا[٩] سَپيئي،
رَتَا[١٠] رانوڙين[١١] جا، پيڙن[١٢] هَٿَ پيئي،
ناتر[١٣] اُت نيئي[١۴]، راڻو رات[١۵] رساٺئو[١٦].

١٨

آسَڻ باسَڻ اُنِ جا، سونا سَپ سُرنگ[١٧]،
ڪلاَباتُو[١٨] ڪَپڙا[١٩]، اوڍائُون[٢٠] سِر[٢١] انگ[٢٢]،
پَئي[٢٣] ۽ پَنگ[٢۴]، لَٿو[٢۵] لوڏيڙن[٢٦] کي.

١٩

اچي پَسو جيڏيون، جيڪي[٢٧] راڻي رات ڪِئو،
لَڳَمِ[٢٨] نائُڪ[٢٩] نينهن[٣٠] جي، ڏُبي[٣١] ڏَڙُ[٣٢] پِئو،
سوڍي[٣٣] سِرُ[٣۴] نِئو[٣۵]، نا تہ مُون پڻ گهٽا گهائيا[٣٦].

١. مومل جي محبوب جو نالو، ٢. ريجهايائون، راضي ڪئائون، ياد ڪئائون، ڳايائون، ٣. ڪهڙي طرح، ڇو، ۴. پوئتي،واپس، ۵. معشوق، محبوب، ٦. مومل، جيڪا گجر قوم جي هئي، ٧. بينڪون، وهڻ جون جايون، گديون، پٿاريون، ٨. ٿانو، برتن، ٩. سونهري رنگ جا، سون جي ڌاتوءَ مان ٺهيل، ١٠. ڳاڙها، ڳاڙهي رنگ جا، سرخ، ١١. رانوڙ قوم جي عورتن يعني مومل ۽ انجي ڀينرن، ١٢. ڀيڙن سان، رنگدار سٽ جي ڏورن يا سڳن سان يا ڳانن سان، ١٣. مومل جي ٻانهيءَ جو نالو، ١۴. ولي وڃي، ١۵. گذريل رات، ١٦. پهچايو، رسايو، ١٧. سٺي ۽ عمدي رنگ جا، ١٨. ڪلابات يعني سون، قلعي يا چاندي مان ٺهيل سنهي ڌاڳي جهڙين تندن يا زريءَ جي تندن سان جڙيل يا ڀريل، ١٩. پوشاڪون، وڳا، ٢٠. پاتائون، پهريائون، ٢١. تي، ٢٢. بدن، ٢٣. خوف، ٢۴. خطرو، ٢۵. ختم ٿئو، دور ٿئو، ٢٦. لوڏين، لوڏ وارن، شڪار ڪندڙ اميرن يا حاڪمن، ٢٧. جيڪو ڪجهہ، ٢٨. مونکي لڳي، ٢٩. ٻڙڇي، تير، ڀالو، ٣٠. عشق، ٣١. آواز يا ٺهڪو ڪَري ڪِري، ٣٢. مٿي ڪان سواءِ، باقي بدن، ڌڙ، ٣٣. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ٣۴. مٿو، سسي، ڪنڌ، ٣۵. کنيو، ورتو، ٣٦. زخمي ڪئا، ڦٽيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۰

ڪو اَچِي مُون[1] چوءِ[2]، اِجهو راڻُل[3] آيو،
تَہ پِهرِين پيرين تَنهِن[4] پَوان، پِرِينءَ[5] گَڏجَانُ[6] پوءِ[7]،
سوڍَل[8] سَانگُ[9] سَندوءِ[10]، الله اوراهُون[11] ڪَري.

۲۱

پَائِي[12] آيَس پَاندَ[13] ۾، سوڍا[14] سَيئِي[15]،
ڍولاَ[16] ڏِڪِج[17] اِي[18]، مَ[19] چُڻ عَيبَ[20] اُپَٽِين[21].

وائي

تُون تَان[22] سَنبَهہ[23] سَوَارو[24]، ڪَاڪ[25] ڪَهَندين[26] ڪَڏهين[27]،
وَجِي هَٽَندءِ[28] اُتَهين[29]، جِت اُوندَهہ[30] اَنڌارو،
نَڪو سَاٿِي[31] سَڄ[32] ۾، نَڪو رِجُن[33] ربَارو[34]،
حَامِي[35] تِيندءِ[36] حَد[37] ۾، سَيّدُ[38] سُونهَارو[39].

---

۱. مونکي، ۲. چوي، پڌائي، ۳. راڻو (مومل جي محبوب جو نالو)، ۴. تنهن کي، ۵. پرينءَ کي، محبوب کي، ٦. ملان، ۷. بعد ۾، ۸. اي سوڍل، اي سوڍا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ۹. آستان، مڪان، جاءِ، ۱۰. تنهنجو، ۱۱. اوري، ويجهو، ۱۲. وجهي، ۱۳ جهوليءَ، پلاند، ۱۴. اي سوڍا، اي راڻا، ۱۵. سموريون (مدايون يا خطائون)، ۱٦. اي ڍولا، اي محبوب، ۱۷. لڪائج، مخفي ياراز ۾ رکج، ۱۸. مداين ڏانهن اشارو، ۱۹. متان، ۲۰. مدايون، ۲۱. ظاهر يا پڌرا ڪرين، ۲۲. تہ، ۲۳. تيار ٿيءُ، سنبت ڪر، ۲۴. سويل، ساجهر، ۲۵. ڪاڪ ڏانهن (رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، هت ڪاڪ مان مراد قبر آهي)، ۲٦. هلندين، ۲۷. ڪنهن بہ وقت، ۲۸. توکي هٽندا، پوريندا، ۲۹. ان جاءِ ۾ يعني قبر ۾، ۳۰. تاريڪي، انڌارو يا انڌاري، ٻاڌ، ٻاٽ، ۳۱. همراهہ، رفيق، مددگار، ۳۲. ويرانيءَ، اجاڙ، ۳۳. رجن ۾، رڻ پٽن ۾، سُڃن ۾، ۳۴. قاصد يعني نياپو آڻيندڙ يا خبر چار ڏيندڙ، ۳۵. مددگار، ۳٦. تنهنجو ٿيندو، ۳۷. قبر، ۳۸. سردار يعني محمد مصطفيٰ صلعم خدا جو پيغمبر، ۳۹. ڀلارو، سڀورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Graphics: HABIB JAKHRO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۾ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَ‍ٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهه ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهه پهاڙ ڇُپن ٿا:
... ...
ڪالهہ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مُڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چـو، چاالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
۔ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book